ٽين دنيا ۽ فوجي آمريتون

رئوف نظاماڻي

Sindhica
سنڌيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪتاب نمبر

8

ٽين دنيا ۾ فوجي آمريتون

سنڌيڪار

رئوف نظاماڻي

Sindhica

سنڌيڪا

Scanned with CamScanner

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: ٽين دنيا ۽ فوجي آمريتون
ترجمو: رئوف نظاماڻي
ڇپجڻ جو مهينو: فيبروري 1992ع
ٽائيٽل: فتاح دائود پوٽو
ڇپيندڙ: ذڪي پرنٽرس - ڪراچي
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي

قيمت: 75 روپيا

All rights are reserved for the Publisher
"Teen Dunya aeen Foaji Amryatoon"
(Third World and Military Dictatorships)
Language: Sindhi
Compiled & Translated by: Rauoof Nizamani
Published by: Sindhica Academy

Price Rs. 75.00

لکپڙهه جي لاءِ ايڊريس

سنڌيڪا اڪيڊمي،
پوسٽ باڪس نمبر 7363، ڪراچي 74400

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن ڪتاب ۾

پاڪستان:

ٽين دنيا جي فوجي آمريتن جو سرواڻ،
ــ طارق علي- 7
پاڪستاني سياست ۾ فوجي مداخلت،
ــ اسلم خواجه- 245

چلي:

ملٽري نيشنل ڪمپنين ذريعي فوجي راتاهو.
ــ عبدالله ملڪ - 303

انڊونيشيا:

سوئيڪارنو خلاف فوجي راتاهي سازش،
ــ عبدالله ملڪ - 303

سوڊان:

فوج جي گرفت ۾،
ــ عبدالله ملڪ - 357

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پبلشر نوٽ

'ٽين دنيا ۾ فوجي آمريتون' ڪتاب پيش ڪندي اسان پنهنجي لاءِ فخر محسوس ڪري رهيا آهيون. جو اسانکي ڀليءَ ڀت معلوم آهي تہ هي ڪتاب سنڌ جي ماڻهن، خاص ڪري سياسي ورڪرن ۽ نوجوانن جي لاءِ معلومات ۽ شعور جا ڀرپور اثر ڇڏيندو. ڪتاب جو اهم حصو 'پاڪستان- فوجي آمريت جو سرواڻ' سري هيٺ تقريباً 250 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ پاڪستان جي ماهيت کان وٺي ان جي اشرافيہ ۽ 1980ع واري ڏهاڪي تائين پوري دور جي لڇاپن جو چرڪائيندڙ تفصيل ڏنل آهي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پير ۽ جاگيردار طبقي جي مسلم ليگي سياست، اقتدار تي ڪاموراشاهي جي قبضي ۽ ان ڪانپوءِ فوجي ڪامورڪي آمريت جي ساڻس تضادن کان وٺي، پاڪستان جي ٽٽڻ ۽ ذوالفقار علي ڀٽي جي نئين پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ، ۽ وري هڪ نئين مارشل لا جي نافذ ٿيڻ تائين، معاملن جي تہ ۾ وڃڻ هڪ شخص ذري ذري جو پوسٽ مارٽم ڪري ٻڌائيندو وڃي ٿو.

اسان وٽ پاڪستان ٺهڻ کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ان جي ٻڇڙائي جي سموري عرصي ۾ جمهوريت پسندي ۽ عوام دوستي جي حوالي سان 71ع کان 77ع جي دور کي پنهنجي جذباتي وابستگين جي بنياد تي نکيڙي بيان ڪيو پئي ويو آهي، ليڪن هن دستاويز ۾ ان جمهوريت ۽ عوام دوستيءَ جي جنهن نموني سان نقاب ڪشائي ڪئي وئي آهي ان سان حقيقتون نروار ٿي سامهون بيهن ٿيون.

ڪتاب جو اسلوب ٿورڙي جو سياسي آهي پر ان جي باوجود ان جي معلومات سماجياتي ٿورڙي تاريخي حوالي سان هڪ سگهاري دستاويز جي حيثيت رکي ٿي. اهڙو دستاويز جنهن جا تفصيل ۽ وکا پڌري ٿيڻ کان اسان جا حڪمران ٽولا اڄ ڏينهن تائين لڪائيندا رهيا آهن. ٽين دنيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي ملڪن چلي، سوڊان ۽ انڊونيشيا جي متعلق معلومات جو ماخذ عبدالله ملڪ جو ڪتاب "ڪميونسٽ پارٽيان- فوج اور فوجي شب خون" آهي، جنهن ۾ هن انهن ملڪن ۾ فوجي راڄاهن تي اتان جي ڪميونسٽ پارٽين جي روين کي ڳڌي پيش ڪيو آهي. متبادل ماخذ جي فوري عدم دستيابي جي ڪري اهو حصو به جيئن جو تيئن ترجمو ڪري هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

محترم رئوف نظاماڻي ان کي سنڌي قالب ۾ آڻڻ لاءِ جيڪا دلچسپي ورتي آهي ۽ محترم علي حسن چانڊيي ان جي سنوارڻ ۽ پروفن ۾ جيڪا محنت ڪئي آهي تنهن لاءِ هن ٻنهي جا ٿورائتا آهيون. پڙهندڙن پاران ڪتاب تي راءِ جو اسان کي اوسيئڙو رهندو.

نور احمد ميمڻ
چيئرمين
سنڌيڪا اڪيڊمي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڪستان

ٽين دنيا جي فوجي آمريتن جو سرواڻ

طارق علي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڪستان

ٽين دنيا جي فوجي آمريتن جو سرواڻ

1- بنياد

"اسان کي نہ چونڊيو ويو آهي ۽ نہ ئي ماڻهن پاران اقتدار سونپيو ويو آهي، پر اسان هتي پنهنجي اخلاقي مٿڀرائپ، حالتن جي دٻاءُ ۽ خدا جي مرضي وسيلي پهتا آهيون. اهوئي هندستان تي حڪومت ڪرڻ لاءِ مليل اختيار آهي. ماڻهن جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪندي، جيڪي اسان ڪري سگهون ٿا. اسان رڳو پنهنجي ضمير آڏو جوابدار آهيون ۽ نہ ماڻهن ڏانهن."

– جان لارنس

انڊيا جو وائسراءِ

1864 -9ع

"مون گولي هلائي ۽ لڳاتار ايستائين گوليون هلائيندو رهيس، جيستائين ماڻهن جو ميڙ منتشر نہ ٿي ويو. جيڪڏهن مون کي پنهنجي انهيءَ عمل کي صحيح ثابت ڪرڻو پوي تہ آئون سمجهان ٿو تہ ضروري، اخلاقي ۽ عوامي اثر پيدا ڪرڻ جي پنهنجي فرضن جي پُورائي لاءِ اها گهڻ ۾ گهڻ فائرنگ هُئي. جيڪڏهن مون وٽ وڏيڪ فوج هجي ها تہ نسبتاً وڌيڪ ماڻهن قتل ٿي ويا ها. سوال رڳو ميڙ کي منتشر ڪرڻ جو نہ هو پر فوجي نڪتہ نظر کان نہ رڳو اُتي موجود پر پوري پنجاب جي ماڻهن کي متاثر ڪرڻ هو."

– جنرل ڊائر

1919ع

جليانوالا باغ امرتسر ۾ بي هٿيار هندستانين، جيڪي اُتي هڪ سياسي جلسي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آيا هئا، تي فائرنگ جي حڪم ڏيڻ کان پوءِ سرڪاري انگن اکرن موجب 379 مُئا ۽ 1200 ماڻهو ڦٽيا. غيرسرڪاري اندازا ان کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ ٻڌائين ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيستائين برطانيا هندستان کي اٽڪل ڏيڍ سؤ سالن تائين نوآبادي بڻائي اُتي حڪومت نہ ڪري ها تہ 14 آگسٽ 1947ع تي پاڪستان جي مذهبي رياست وجود ۾ نہ اچي ها. انهيءَ جو اهو مطلب ناهي تہ 'ورهايو ۽ حڪومت ڪريو' شروعات کان ئي نوآبادياتي حڪمرانن جو اُصول هو. اهو مُمڪن آهي تہ اوڻويهين صديءَ جي آخر يا ويهين صديءَ جي شروعات ۾ هندستان کي ڪينيڊا ۽ آسٽريليا وانگر خودمختياري (Dominion Status) ڏني وڃي ها تہ سياسي ۽ معاشي ارتقاءَ جو طريقو بلڪل ئي مختلف هجي ها. اهڙي حل کان برطانيہ جي انڪار هندستاني قوم پرستيءَ جي پيدا ٿيڻ کي همٿايو. اهڙي تحريڪ جي گهڻ پاسائتي ۽ ڪڏيل واڌ کي روڪڻ لاءِ، راڄ جي حڪمت عملي جوڙڻ وارن، پنهنجي دشمن جي لڪل ڪمزوريءَ کي ڳولي هٿ ڪيو. اُنهن نظرياتي ۽ آئيني بنهي قدمن وسيلي پوري ننڍي کنڊ ۾ فرقيوارانہ سياست جي پيدا ٿيڻ کي همٿايو. مذهبي فرقا، جيڪي برطانيا جي اقتدار هٿ ڪرڻ کان پهرين خاص اهميت نہ رکندا هئا، تن کي ڀرپور طور تي مختلف وقتن تي اينڊز برطانوي اهلڪارن پاران قومي تحريڪ کي، پنهنجي اصل طاقت جي احساس ۽ ان مطابق عمل ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ، همٿايو ۽ استعمال ڪيو ويو. انهيءَ نڪتہءِ نظر کي پاڪستان ۽ ڀارت ٻنهي جي فرقي پرست تاريخدانن پاران مڃيو نہ ويندو. انهن مان گهڻن جي لاءِ قوم جو نظريو يا تہ اسرار ۾ ويڙهيل آهي جنهن جا چيڙا اڳاٽي زماني تائين هليا وڃن ٿا؛ يا وري برطانيا جي سرپرستي ۾ مسلمانن جي چالن جي پيداوار آهي. ڳالهہ ڪارائتي ٿي سگهي ٿي پر جتي ڪنهن کي زميني حقيقت جي بدران خدا جي مرضي سان اختلاف ڪرڻ تي مجبور ڪيو وڃي، اتي اهڙو امڪان ڪنهن حد تائين پريرو هوندو آهي.

هندستان ۾ اسلام جو ڦهلاءُ سورهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي ۾ ٿيل مغل اڳواڻي ۽ بابر ۽ سندس پونئين جي قابليت جي ڪري ٿيو، جن هت اٽڪل ٽي سؤ سالن تائين حڪومت ڪئي. هندستان جا گهڻا مسلمان هندن مان ڦري مسلمان ٿيا آهن. ويهين صديءَ جي شروعات ۾ اهڙن ماڻهن جو تعداد ويهين کان پنجويهہ سيڪڙي تائين هو. اها ڳالهہ ياد رکڻ جهڙي آهي تہ هڪ وڏي تعداد، رضاڪارانہ طور تي اسلام قبوليو هو. اهو گهڻي ڀاڱي سندن هڪ شديد قسم جي ذات پات واري نظام تي ٻڌل اڻ برابري خلاف سرگرم احتجاج هو. مغل اقتدار بنا ڪنهن عقيدي يا قوميت جي مت ڀيد جي حڪمران طبقي جي بنياد کي مضبوط ڪيو.

اڪبر (1556-1605) مغلن جي وڏ ۾ وڏ قابل حاڪم، محصولن جي اُڳاڙي لاءِ جيڪو انتظامي ڍانچي پيلو جوڙيو هو ۽ امن امان قائم رکڻ لاءِ جنهن فوجي اداري جا بنياد رکيا هئا. اُهي مذهبي وفاداريءَ جي بنياد تي نہ هئا ۽ نہ ئي انهن کي اهڙا بنياد ڏيڻ ممڪن هو. اڪبر جون سياسي ۽ فوجي ڪاميابيون سندس غيرمذهبي طريقہءِ ڪار جي اهميت کي ظاهر ڪن ٿيون. سندس پاران هندن ۽ مسلمانن کي گڏڻ لاءِ هڪ ڪڏيل رياستي مذهب قائم ڪرڻ واري ڪوشش ماڻهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاران موٽ نہ ملڻ ڪري ناڪام ٿي. اهو هڪ همت ڀريو قدم هو، جنهن جو مقصد مغل رياست جي موجود ادارن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ هو. اڪبر جي ذاتي زندگي سڀني مذهبي پابندين کان آجي هئي. هن هڪ راجپوت شهزاديءَ سان شادي ڪئي، هن جي پوئلڳن سندس قائم ڪيل ڀانچي کي قائم رکيو. آخري اهم مغل بادشاهہ اورنگزيب، (1658-1707) فرقيوارائين ٽند ڪنائن جي اُڀرڻ خاصيتي طور انهيءَ روايت کان پاڻ کي ڌار نہ ڪيو. هو هڪ پڪو مسلمان هو پر مذهبي زيادتين جي باوجود هن حڪمران طبقي جي بنيادي جوڙجڪ کي جيئن جو تيئن رکيو. سندس جرنيل مذهب جي بنياد تي چونڊيا نہ ويندا هئا ۽ ماضيءَ وانگر جڏهن بہ ڪين حُڪم ٿيندو هو، سلطنت جو بچاءُ ڪندا هئا. هو هارين جي بغاوتن کي چيڀاٽڻ لاءِ انهيءَ فرق کان سواءِ تہ سندن اڳواڻ هندو آهن يا مسلمان، ساڳي جوش ۽ جذبي سان وڙهندا هئا.

سلطنت جو زوال ۽ برطانوي راڄ جو ڦهلجڻ انهيءَ ڪري نہ ٿيو تہ اڪبر غيرمذهبي ماڻهو هو يا اورنگزيب پڪو مسلمان هو. اهو تہ ڳڻيل نتيجو هو مغلن جي معاشي پاليسين جو، جيڪي غيرپيداواري هيون ۽ جن جو بنياد هارين کان محصول اُگاڙڻ تي هو ۽ جنهن جي موٽ ۾ هارين کي ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو هو. (اهو صحيح آهي تہ ذات پات جي نظام ڳوٺاڻن ماڻهن جي مت مارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو پر، اهو چوڻ تہ عوام سڄي عرصي ۾ ماٺ هيو، گهڻي سادي ڳالهہ ٿيندي.) مغلن جي انتشار ۽ ويڙهڻ جا اصل ٻج مغل رياست جي ڪردار ۾ ئي موجود هئا. سندن چوڙ واري ڪردار جو اهو مطلب هو تہ اها دير سوير انهن قوتن کي ضرور ناراض ڪندي، جن تي سندس دارومدار هو. پرڳڻن جي اڳواڻن، جن وٽ پنهنجيون فوجون تہ هيون پر معاشي طور مرڪز جا محتاج هئا، نظام خلاف بغاوت ڪرڻ شروع ڪئي. پوءِ ايندڙ مغل انهيءَ جو جواب رڳو فوجي طور تي ڏيئي سگهيا، جڏهن تہ ضرورت انهيءَ ڳالهہ جي هئي تہ مٿي کان معاشي سڌارا آندا وڃن ها. رياست جي سرپرستيءَ وارو جاگيرداري سرشتو ڦيٽاڙي کي ڪجهہ دير تائين روڪي ۽ انگريزن کي پاسي تي رکي سگهي ها. پر سلطنت بلڪل ئي اندران کاجي چڪي هئي ۽ انهيءَ ڪري اچي پٽ پيئي.

مغل رياست جي تبديليءَ سان پراڻن حاڪم طبقن جي جوڙجڪ ۾ پڻ تبديلي آئي. انهيءَ سان نہ رڳو مسلمان پر هندو ۽ سک پڻ متاثر ٿيا. انهيءَ عمل جي ڪري ئي 1857ع واري بغاوت ٿي، جيڪا پُراڻن حاڪمن جي نون خلاف، مختلف مذهبن جي ماڻهن جي آخري ڳڻيل ڪوشش هئي. انهيءَ بغاوت جو بظاهر اهو مقصد هو تہ انگريزن کي هندستان مان ڪڍجي ۽ آخري نالي ماتر مغل بادشاهہ بهادر شاهہ ظفر کي تخت تي ويهارجي. اها هڪ ناڪام ڪوشش هئي پر هن انگريز کي مجبور ڪيو تہ هو نالي ۽ حقيقت، ٻنهي طرح هندستان تي راڄ ڪري. اهڙي ريت پراڻن حاڪم طبقن جي شڪست مڪمل ٿي ويئي. اُهي جن جو روزگار پراڻي دربار سان لاڳاپيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو جن ۾ ڪاريگر، شاعر ۽ هر قسم جا وظيفا حاصل ڪندڙ، جن ۾ مذهبي اڳواڻ پڻ شامل هئا. انهيءَ سان متاثر ٿيا. حڪمران طبقن جا اُهي ماڻهو جن انگريز خلاف جنگ ڪئي هئي، اُنهن کي سزائون ڏنيون ويون ۽ گهڻن کي سندن محصول گڏ ڪرڻ واري حق ۽ ايستائين جو ڪين سندن زمين جي مانائتي ورثي کان بہ محروم ڪيو ويو.

اڄ جي دانشورن مسلمانن کي بغاوت لاءِ ذميوار قرار ڏني اهو درحقيقت غلط هو ۽ اڪثر هلي اهو پروپئگنڊا جي بيانن مان غائب پڻ ٿي ويو. پر مسلمان اشرافيہ کي هاڻي متضاد دبائن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو. مسلمان عالمر گڏيل معاشي ۽ مذهبي سببن جي ڪري انگريزن جا مخالف هئا. سندن اهم ترين اڳواڻ پاران برطانوي هندستان کي دارلحرب (دشمن جي سرزمين) قرار ڏنو ويو، جنهن جو مطلب سڀني مسلمانن لاءِ لازمي طور تي مستقل جهاد ڪرڻ هو. سندن پاران مسلمانن کي انگريزن سان ڪنهن بہ قسم جي تعاون ڪرڻ کان روڪيو ويندو هو.

سر سيد احمد خان، جيڪو رياست جو هڪ ننڍو ملازم هو، تنهن پاران انهن عالمن جي سخت مخالفت ڪئي ويئي. سيد احمد پاران ملائيت جو نهايت ولولي ۽ همت سان مقابلو ڪيو ويو. هن 1884ع ۾ 'سائنٽيفڪ سوسائٽي' قائم ڪئي، جنهن جو جاٽايل مقصد ئي سياسي معاشيات، تاريخ ۽ فلاسافي متعلق انگريزي ڪتابن جو ترجمو ڪرڻ هو. اها ڳالھ مذهبي اڳواڻن کي مڃرائڻ لاءِ ڪافي هئي پر انهيءَ تنقيد کيس سندن احساسن کي اجاڻ وڌيڪ ڇهندڙن پاڻ تي اُڪسايو. هو لکي ٿو:

"مسلمانن جا پراڻا ڪتاب ۽ سندن لکڻ جو انداز مسلمانن کي خيال جي آزادي، سوچ جي وسعت ۽ سادگي جي تعليم نہ ٿا ڏين. اهي مسلمانن کي انهيءَ لائق بہ نہ ٿا بڻائين جو، هو عام معاملن ۾ سچائي کي ڏسي سگهن. انهيءَ جي ابتڙ اهي فريب ڏين، ماڻهن کي سندن مافي الضمير لڪائڻ، ڳالھ ٻولھ کي خوشنما لفظن سان سجائڻ، شين کي غلط طور تي ۽ غيرمتعلق انداز ۾ بيان ڪرڻ، ڪوڙي تعريف ۽ خوشامد ڪرڻ، پنهنجو پاڻ کي غرور، تڪبر، هلڪڙائپ ۽ خودفريبي ذريعي ڦوڪي هلڻ، پاڻ جهڙي مخلوق کان نفرت ڪرڻ، ساڻن ڪا همدردي نہ رکڻ، ڳالهائڻ ۾ وڌاءُ ڪرڻ، ماضيءَ جي تاريخ کي غيريقيني رکڻ ۽ حقيقتن کي قصن ۽ ڪهاڻين سان جوڙي پيش ڪرڻ سيکارين ٿا."(1)

سرسيد احمد جنهن روايت تي حملو ڪيو اُها نهايت مضبوط ثابت ٿي. پارت ۽ پاڪستان جي اڄوڪن فرقي پرست 'تاريخدانن' جي هڙبهائين کي بيان ڪرڻ لاءِ ساڳي زبان استعمال ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن سيد احمد پنهنجو پاڻ کي رڳو مذهب جي ابهام جي تنقيد تائين محدود رکي ها تہ کيس نهايت گهٽ توجھ ملي سگهي ها. جنهن ڳالھ کيس 1859ع کان پوءِ هندستان ۾ هڪ اهم شخصيت بڻائي ڇڏيو اُها هئي سندس پاران عالمن تي تنقيد سان گڏوگڏ. ماڻهن کي انهيءَ ڳالھ لاءِ قائل ڪرڻ تہ، هو برطانيا جي ملڪ تي قبضي جي حمايت ڪن. سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻن ڪتابن 'هندوستاني بغاوت جا ڪارڻ' ۽ 'هندستان جا وفادار مسلمان' جي نالن مان انهيءَ سياسي رُخ جي خوشبوءِ اچي ٿي، جيڪا هن پنهنجي آڏو رکي هئي ۽ جنهن کي ترت ئي برطانوي سرڪار جي مادي ۽ سياسي مدد حاصل ٿيڻ واري هئي.

سيد احمد جي انگريز پرست جديديت ۽ عالمن ۾ ڪيترن سالن تائين جهيڙو هلندو رهيو. احمد کي انهيءَ ڳالهه جي اجازت ڏني ويئي ته هو مسلمانن کي سائنس جي برڪتن ۽ سلطنت سان وفاداريءَ جي تعليم ڏيڻ لاءِ علي ڳڙهه ۾ ڪاليج قائم ڪري. عالم مختلف مخالف مدرسن ۾ ورهايل هئا، جن مان مشهور ترين 'ديوبند' جو مدرسو هو. انهن ۾ مختلف درجن جي عالمن جي تربيت ٿي، جن باقاعده انگريز راڄ خلاف بغاوت جي تبليغ ڪئي ۽ مختلف موقعن تي انهيءَ جي لاءِ عملي ڪوشش پڻ ڪئي. عالمن جي گهڻائي، مسلمانن کي هندستان جي ٻين ماڻهن کان ڌار ڪرڻ جي خلاف هئي ۽ انهيءَ ڳالهه جي حق ۾ هئي ته برطانيا خلاف گڏيل جدوجهد هلائي وڃي.

ويهين صدي جي شروعاتي سالن ۾ جمعيت العلماءِ هند پاران اها ڳالهه ڪئي ويئي ته:

"جيڪڏهن غير مسلم مسلمانن جي ڪنهن ملڪ تي، جيڪو هندستان مغلن جي دؤر ۾ هو قبضو ڪن، ته اُنهيءَ ملڪ جي مسلمانن ۽ اُتي رهندڙ ٻين مذهبن جي ماڻهن جو اهو لازمي فرض آهي، ته هو آزاديءَ لاءِ جاکوڙ ڪن ۽ اُن کي برقرار رکن. هندستان ۾ اهو جهاد عدم تشدد تي ٻڌل هئڻ گهرجي ۽ اهو رڳو هندن سان اتحاد ڪري ئي ورتو سگهجي ٿو. جيڪي هن ملڪ جي گهڻائي آهن. اهڙي ماڻيل آزاديءَ ۾ مسلمان ۽ غيرمسلمان ٻئي اَئينديءَ جي سماج جوڙڻ ۽ انتظام هلائڻ ۾ برابر جا شريڪ هوندا. اهو نظام جيتوڻيڪ مڪمل طور تي اسلامي رياست جو نمونو نه هوندو پر اُن جا اثرائتا ۽ اهم جزا اُن ۾ ضرور شامل هوندا."(2)

هندستان جي مسلمانن ۽ هندستان جو اهو الميو هو جو ڪابه اهڙي قوت موجود نه هئي، جيڪا سيد احمد جي عقليت پرستي ۽ ديوبند جي سامراج دشمن سياسي پيش رفت کي گڏي هلائي سگهي ها. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نه ٿو ٿي سگهي ته اهڙي قوت کي باقاعدي طور ظلم ۽ تشدد جو نشانو بڻايو وڃي ها پر انهيءَ جي باوجود به اها اڳتي فائدي پهچائڻ جو سبب بڻجي ها.

سيد احمد ۽ سندس پوئلڳن، مسلمانن کي اها صلاح ڏني ته هو سياست کان پري رهن ۽ انگريز جي خدمت ڪن. 1885ع ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس جي قيام، جيڪا لنڊن کي سڌارن آڻڻ ۽ ڪنهن حد تائين خود انتظامي ڏيڻ لاءِ دٻاءُ وجهي ها. وفادار مسلمانن لاءِ ڪجهه مسئلن کي جنم ڏنو. هتي اها ڳالهه نه ٿي چئي سگهجي ته ڪانگريس تي هندو حاوي هئا يا سندس لاڙو انتهاپسندي ڏانهن هو. اها حقيقت ۾ ظاهري طور انهيءَ لاءِ قائم ڪئي ويئي هئي ته جيئن انهيءَ ڳالهه کي پڪو ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهجي تہ هندستان جا قوم پرست خيالن وارا ماڻهو پنهنجي جدوجهد نوآبادياتي رياست جي مقرر ڪيل اصولن مطابق هلائين. پر سر سيد ۽ سندس حوارين پاران ايستائين تہ ڪانگريس جي شروعاتي پاس ڪيل نهايت هلڪي قسم جي ٺهرائن جي بہ زبردست نندا ڪئي ويئي. سندن پاران انهيءَ رٿا تي چوٽ چنبڙيا ويا ۽ اهو دليل ڏنو ويو تہ گڏيل هندستاني قوم پرستيءَ وارو تصور برداشت جوڳو ناهي. سندن اهو خيال ماٺي 'اشرافيت' جي گندي تصور سان پڻ ڳنڍجي ويو هو (جيڪو بنگالين جي سلسلي ۾ نسل پرستيءَ جي حدن کي وڃي رسيو هو. سر سيد جا ارشادات تہ بنگالي جهنمي مخلوق ۽ ڪوڪلا آهن، کي يقيني طور تي نسل پرستي جاتائي سگهجي ٿو. اهي مثال بنگالين جي سلسلي ۾ سندن سوچ جي ترجماني ڪن ٿا.) نظرياتي لحاظ کان اسلام مساوات ۽ برابري وارو مذهب آهي، جيڪو ذات پات جي فرق کي برداشت نہ ٿو ڪري. خدا آڏو سڀ مسلمان برابر آهن. پنهنجي هڪ تقرير ۾ چونڊ واري اصول جي مخالفت ڪندي سيد احمد پنهنجي خيالن جي بلڪل ئي چٽي ريت وضاحت ڪري ٿو:

"آئون توهان کان اهو پڇان ٿو تہ ڇا توهان جي اشرافيہ انهيءَ ڳالهہ کي پسند ڪندي تہ هڪ گهٽ ذات جو يا غيراهم خاندان جو ماڻهو، پوءِ ڀلي هو بي- اي ۽ ايم- اي ڇو نہ هجي ۽ وٽس گهربل قابليت بہ هجي، ڀين تي حڪم هلائڻ جي حيثيت ۾ هجي ۽ ڪيس اهو اختيار هجي تہ هو اهڙا قانون ٺاهي جيڪي سندن حياتي ۽ ملڪيت کي متاثر ڪن؟ ڪڏهن بہ نہ! ڪير بہ اها ڳالهہ پسند نہ ڪندو.. اشرافيہ خاندان جا ماڻهو ڪڏهن بہ پنهنجين حياتين ۽ ملڪيت کي گهٽ درجي وارن ماڻهن کي نہ سونپيندا."

اهو فقط ڪو بيان ناهي، اهي مسلمان زرعي اشرافيہ جي هڪ وڏي حصي جي خيالن کي ظاهر ڪن ٿا. سياست کان الڳ ٿلڳ رهڻ ۽ راڄ تي ڀروسي ڪرڻ، انهيءَ طبقي لاءِ ڪنهن جذبي جو سوال نہ هو پر، اهو سندن پنهنجي ملڪيت کي بچائڻ جو بهترين ممڪن طريقو هو. ملڪي قسم جي قوم پرست جذبن جي واڌ کي بہ سندن سخت ناراضپي کي مُنهن ڏيڻو پوندو هو.

جيئن انڊين نيشنل ڪانگريس پنهنجي جهنڊي هيٺان نين قوتن کي گڏ ڪيو، تيئن راڄ پاران انهيءَ ڳالهہ کي ضروري سمجهيو ويو تہ انهيءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ مسلم جماعت جي تشڪيل جي همت افزائي ڪئي وڃي. انهيءَ کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ سندن پاران ايستائين جو ڪابہ اهڙي ڪوشش نہ ڪئي ويئي، جو اها ڳالهہ لڪل رهي. سر سيد جي قائم ڪيل علي ڳڙهہ ڪاليج جي پرنسپل جناب آرچبولڊ مسلم اشرافيہ ۽ وائسراءِ جي وچ ۾ ٽياڪڙ جو ڪردار ادا ڪيو. 1- آڪٽوبر 1906ع تي لارڊ منٽو سان هڪ وفد مليو، جنهن پنهنجي پاڻ کي هن ريت بيان ڪيو: "اسان عزتدار، جاگيردار، تعلقيدار، زميندار، وڪيل ۽ واپاري هندستان جي مختلف علائقن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ رهندڙ بادشاه سلامت جي رعيت مان آهيون." انهيءَ وفد مسلمانن لاءِ ڌار چونڊن ۽ سرڪاري نوڪرين ۾ ترجيح ڏيڻ جي گهر ڪئي ۽ سلطنت سان پنهنجي وفاداري کي چڱي طرح ظاهر ڪيو. منٽو انهيءَ وفد جي نمائنده حيثيت تي زور ڏنو ۽ سندس اهم گهرن تي پنهنجو راضپو ڏيکاريو. هن اهو واعدو ڪيو ته بنگال جي ورهاست کي، جيڪا سندس پيشرو لارڊ ڪرزن پاران 1905ع ۾ عمل ۾ آندي ويئي هئي، سا برقرار رکي ويندي ۽ بنگالي مسلمانن کي سندن وفاداري جي صلي ۾ مناسب طور تي نوازيو ويندو.

مسلم ليگ جو بنياد وائسراءِ جي آشيرواد سان وڌو ويو. سندس بنيادي چارٽر ۾ اهو چيل هو ته 'سندس بنيادي مقصدن مان هڪ هندستان جي مسلمانن ۾ برطانوي سلطنت سان وفاداريءَ واري جذبي کي وڌائڻ ۽ تقويت ڏيڻ آهي.' نئين ليگ کي هڪ ڊگهي عرصي لاءِ مسلم زميندارن ۽ برطانوي سرڪاري نوڪرن جي اتحاد جي صورت ۾ رهڻو هو. ڪجهه اهڙن خدمتن جو اظهار به ڪيو ويو ته هڪ وفادار سياسي جماعت به انقلابي قوتن جو وسيلو بڻجي سگهي ٿي. انهيءَ ڪري وڪيلن کي هڪ پاسي ڪري رکيو ويو. 1910ع ۾ يو- پي جي گورنر وائسراءِ کي لکيو ته:

"مون کي وڪيلن جي گروپ کان جيڪي گهڻو ڪري نوجوان ۽ غيرذميوار آهن، اهو ٻڌ محسوس ٿئي ٿو ته ڪٿي اهي ليگ تي حاوي نه ٿي وڃن ۽ ڪنهن وقت هڪ يا ٻئي مسئلن تي اڳتي وڌيل هندو سياستدانن سان سرڪار جي خلاف ڪو اتحاد نه ڪن ۽ پوءِ انهيءَ ڳالهه تي خوشي محسوس ڪن ته اُنهن اينئن ڪيو آهي. آئون سمجهان ٿو ته آغا خان انهيءَ تي اثرائتي بندش وڌي آهي ۽ اهو به ته ليگ، جيتري توقع هئي، اُن کان وڌيڪ رجعت پسند ۽ مستحڪم ثابت ٿيندي." (3)

اها ڳالهه چوڻ حد کان وڌيڪ سادگي ٿيندي ته مسلم فرقي پرستي رڳو انگريز جي سازشن جو ئي نتيجو هئي؛ جيتوڻيڪ اها نوآبادياتي رياست ئي هئي، جيڪا فرقي پرستيءَ کي اداري واري شڪل ڏني پئي پر انهيءَ کي پيدا ڪرڻ ۾ ٻه ٻيا عنصر به برابر جي اهميت رکن ٿا. شهرن ۾ بدلجندڙ معاشي جوڙجڪ جي وڌندڙ اثر ۽ ڪانگريس جي مخصوص نظريي، ٻنهي ئي ڌرين جي مختلف حصن ۾ عليحدگي پسنديءَ کي مضبوط ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو.

انهيءَ ڳالهه جي باوجود ته ڪانگريس نظرياتي لحاظ کان هڪ غيرمذهبي جماعت هئي ۽ سندس دائرو بنا ڪنهن مذهب ۽ طبقي جي سڀني هندستانين تائين ڦهليل هو، سندس عمل انهيءَ ڳالهه جي نفي ٿي ڪئي. اها ڳالهه ان وقت وڌيڪ چٽي ٿي، جڏهن ڪانگريس عوامي مهم هلائڻ واري مرحلي ۾ داخل ٿي، جڏهن ڪانگريس جو انگريز مخالف احتجاج حقيقت ۾ هندن جي مذهبي نشانن ۽ ڏندڪٿائن سان ڀرپور هو. 11- 1905ع جي عرصي ۾ بنگال جي ورهاست جي خلاف هلايل مهم ۾ ڪانگريس بنگالي مسلمانن جي هڪ وڏي حصي جي حمايت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حاصل ڪري سگهي پئي. مسلمان زميندارن ۽ خطاب يافته فردن جي هڪ ننڍي ٽولي کي ڇڏي، ٻورن ماڻهن پاران لارڊ ڪرزن جي، ننڍي کنڊ جي انهيءَ ثقافتي ۽ سياسي طور سڀ کان اڳتي وڌيل پرڳڻي تي ناقابل ورهاست جي حمايت ڪئي ويئي پوءِ به ڪانگريس جي اڳواڻن پاران تحريڪ کي هلائڻ لاءِ هندو ترانن ۽ هندو ديوتائن جي پوڄا کي استعمال ڪرڻ جي چونڊ ڪئي ويئي. گهڻن مسلمان قوم پرستن انهيءَ جي خلاف احتجاج ڪيو ۽ تحريڪ کان الڳ ٿي ويا.

موهن داس گانڌي پاران، جنهن 1915ع ۽ 1919ع جي عرصي ۾ ڪانگريس ۾ هڪ حاوي حيثيت حاصل ڪئي، فرقيوارانه تشدد جي مخالفت ڪنهن به شڪ کان مٿانهين آهي پر سندس سچو سياسي طور طريقو هڪ هندو اڳواڻ وارو هو. سندس تقريرون پراسرار تشبيهن، جيڪي هندوازم جي ماضي مان ورتل هونديون هيون، سان ڀرپور هونديون هيون ۽ انهن جو مقصد پنهنجن پوئلڳن کي انهيءَ ڳالهه لاءِ قائل ڪرڻ هوندو هو ته هندستان ۾ رڳو هڪ پر امن حل ئي ممڪن آهي. ڪانگريس ۽ ظاهر ظهور فرقي پرست هندو تنظيمن ۾ تعلق ۽ مختلف اسٽيجز ۾ چڱي طرح ثابت ڪيو ويو آهي. گهٽ ۾ گهٽ ٻن اهم موقعن تي ڪانگريس پاران سڌي طرح هندو فرقي پرستيءَ جي دٻاءُ ۾ اچي مسلم جماعتن سان ناهن کي ٽوڙيو ويو. اهو 1933ع ۾ ئي ممڪن ٿي سگهيو ته هندو مهاسڀا پاران باقاعده طور ڪانگريس سان لاڳاپا ختم ڪيا ويا ۽ منس اهو الزام مڙهيو ويو ته اُها مسلمانن کي ڇيڀاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. انهيءَ کان ست سال پهرين هندو مهاسڀا پاران راشٽريه سوايمسيوڪ سنگهه (آر- ايس- ايس). قومي رضاڪارن جي جٿن ٺاهڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو هو. (آر- ايس- ايس) پاران باقاعده طور مسلمانن تي منظم حملا ڪيا ويا ۽ لٽ مار ۽ تباهي ڦهلائڻ جهڙا ڪم ڪري، ٽوراني واري فرقي سان تعلق رکندڙ ماڻهن کي هراسان ڪرڻ ۽ سندن مت مارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. جواهر لال نهرو پاران سندس مخالفت ڪئي ويئي:

"هندو فرقي پرستي فاشزم جي هندستاني شڪل آهي."

سندن وڌيڪ صحيح مشابهت اُتر آئرلينڊ جي 'اورنج لاجز' ۽ وفادار فرقي پرستن سان ٺهڪي ٿي. اها ٽڪونيندڙ حقيقت به ساڳي طرح اهم آهي ته ڪانگريس جي اڳواڻن پاران سندن ئي صفن ۾ موجود هندو فرقي پرستيءَ کي مات ڪرڻ لاءِ ڪابه حڪمت عملي نه جوڙي ويئي.

اها هڪ عام ڳالهه ٿي سگهي ٿي پر انهيءَ جي باوجود اهو صحيح آهي ته اهو ڪانگريس پاران انهيءَ ڳالهه کان انڪار جو نتيجو هو ته، جنهن ملڪ جي قومي آزاديءَ لاءِ هو جدوجهد ڪري رهيا آهن، اهو سماجي طبقن ۾ ٻن ورهايل آهي. ڪانگريس کي اها چونڊ ڪرڻي هئي ته آزاديءَ لاءِ پنهنجي جدوجهد جو بنياد شهر ۽ ٻهراڙي جي پڙهيل ماڻهن جي مدد ۽ کين متحرڪ ڪرڻ تي رکي يا عوامي دٻاءُ کي انتظاميا کان وڌندڙ مراعاتن حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري. نوآبادياتي رياست

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي ڪردار ۽ ٽيهي بورجوازي جي موجودگي ڪانگريس جي اڳواڻن کي هٿي پاسي ڌڪي ڇڏيو، جن ۾ کهٽاڻي وچولي طبقي ۽ اشرافيه جي هئي. انهيءَ فيصلي سان مختلف وقتن تي ڪانگريس اندر سخت ٽڪراءُ پڻ پيدا ٿيا پر گانڌي جي وڏي شخصيت اتحاد کي يقيني بڻائڻ ۾ فيصلي ڪن ڪردار ادا ڪيو.

هندستان تي برطانوي حاڪميت رجعت پسندي ۽ سياسي سازشن جو هڪ عجيب و غريب منصوبو هئي. ڪارل مارڪس ۽ افاديت پسندن کي وڏيون اميدون هيون ته برطانيا هندستان تي جديد تهذيب جا اثر وجهندو. مارڪس 1853ع ۾ 'نيويارڪ ڊيلي ٽربيون' لاءِ لکيل مختلف مضمونن ۾ لکيو ته:

"انگلينڊ کي هندستان ۾ ٻٽو مشن پورو ڪرڻو آهي:
هڪ ڊاهڻ جو ۽ ٻيو جوڙڻ ۽ ٺاهڻ جو. يعني پراڻي ايشيائي سماج جو خاتمو ۽ ايشيا ۾ اولهه جي سماج جو مادي بنياد فراهم ڪرڻ... جديد صنعت جيڪا ريلوي جي سرشتي مان پيدا ٿيندي، پورهئي جي موروثي ورهاست کي ختم ڪري ڇڏيندي، جنهن تي هندستان جي ذات پات وارو نظام بيٺل آهي ۽ جيڪو هندستان جي ترقي ۽ طاقت جي واٽ ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ آهي"

فريڊرڪ اينجلس جو وڌيڪ محتاط اندازو هو. مارڪس کي لکيل هڪ خط ۾ جڏهن مٿي ڄاڻايل ٽڪرو لکجي رهيو هو. اينجلس صلاح ڏني ته:

"ايشيائي حڪومت وٽ ڪڏهن به ٽن کان وڌيڪ شعبا ناهن رهيا: ماليات (ملڪ اندر ڦرمار) جنگ (ملڪ جي اندرين ۽ ٻاهرين ڦرمار ڪرڻ) ۽ روڊن رستن وغيره ٺاهڻ وارو ڪم (پيداوار ڏيڻ لاءِ وسيلا پيدا ڪرڻ). انگريز سرڪار هندستان ۾ پهرئين ۽ ٻئي نمبر وارن معاملن کي نهايت تنگ نڪتهءِ نظر کان ڪيو آهي. جڏهن ته ٽئين نمبر کي بلڪل ئي نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي. جنهن جي ڪري هن وقت هندستان جي زراعت بلڪل تباه ٿي ويئي آهي."

حقيقت ۾ جيئن انگوس مئڊيسن نهايت قائل ڪرڻ واري انداز ۾ ڏيکاري ٿو ته برطانوي انتظاميا روائتي هندستان سان وڏي پئماني تي ڪا هٿ چراند نه ڪئي.(4) لارڊ بينٽنڪ پاران دير سان ڪجهه سماجي سڌارا آندا ويا پر ٻهراڙي (جتي آباديءَ جو نوي سيڪڙو رهندو هو) کي کهڻي ڀاڱي جيئن جو تيئن ڇڏيو ويو.

انگريزن جو پنهنجو تصور بجاءِ اسپين جي، ڏکڻ آمريڪا وارين سوين يا ايسٽائين جو فرانس پاران انڊوچائنا کي نوآبادياتي بڻائڻ واري سوچ جي پراڻي روم جي سامراجيت واري نموني جو هو. اهو رڳو سنڌن پنهنجي باري ۾ تصور هو. جڏهن ته برطانيا سرڪار جا ڪم معروضي ضرورتن جي بنياد تي طئي ٿيندا هئا. هندستان جي معاشي ڦرمار جو اثرائتو طريقو ۽ اُن کي تجارتي رستن جي بچاءُ لاءِ هڪ اهم فوجي اڏي طور استعمال ڪرڻ، پنهنجي حريفن کي مات ڪرڻ ۽ سلطنت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کي مضبوط ڪرڻ لاءِ، هڪ بنيادي طريقه ڪار تي عمل ڪرڻ ضروري هو. اهو هو ڏيهي حاڪم طبقن جي رضامندي حاصل ڪرڻ. (5) جتي اهو ممڪن نه هو اتي انهن کي اقتدار کان محروم ڪري سندن جاءِ تي نوان فرمانبردار حاڪم طبقا پيدا ڪيا ويا. انهيءَ ڪري اها بلڪل هڪ فطري ڳالهه هئي ته ڳوٺن کي انهيءَ حالت ۾ رهڻ ڏنو ويو، جنهن ۾ اُهي مغل سلطنت واري دؤر ۾ هئا. ذات پات واري نظام جي مڙهيل خانداني فرق، طبقاتي ڍانچي جي بنيادن جي مضبوطي ۽ موجوده نظام کي جيئن جو تيئن برقرار رکڻ لاءِ انتهائي ضروري هو. انهي سان هٿ چراند نئين سماجي قوتن کي سامهون آڻي، سلطنت لاءِ هڪ خطرناڪ صورتحال پيدا ڪري ڇڏي ها. بهترين ڳالهه هئي ته شين کي ائين ئي ڇڏيو وڃي جيئن اُهي انگريزن جي اچڻ وقت هيون. (ڊاڪٽر عرفان حبيب. حقيقت ۾، ڪجهه تفصيل ۾ اهو ڏيکاريو آهي ته ڏکڻ ايشيا جي هارين جي ڪاڏي پيٽي ۽ ڪاٻي جي طور طريقي ۾ گذريل ڇڻ صدين کان ڪابہ بنيادي تبديلي نہ آئي آهي.) (6)

انگريز جي هندستان ۾ اها حڪمت عملي هئي ته ذات پات، طبقن ۽ ٻوليءَ جي بنياد تي وچوٽين کي برقرار رکيو وڃي ۽ ترت ئي مذهبي فرق جي بنياد تي هڪ نئين توڙ کي هٿي ڏني وڃي. ميڪاولي پنهنجي بدنام زمانہ 'تعليم تي 1834 منٽ' ۾ وضاحت ڪري ٿو ته آبادي جي گهڻائيءَ کي تعليم نہ ٿي ڏيئي سگهجي، ڇاڪاڻ ته اسان جي لاءِ اهم ڳالهه اها آهي ته هڪ اهڙو طبقو پيدا ڪيون، جيڪو اسان ۽ انهن ڪروڙن جي وچ ۾، جن تي اسان حڪومت ٿا ڪيون شارح جو ڪردار ادا ڪري. انگريزي پڙهڻ جي اجازت رکو ڪجهه وڏن ماڻهن کي ئي ڏني ويئي، جيڪي انگريز کي ملڪ جي انتظام هلائڻ ۾ مدد ڪري سگهن. اشرافيہ جي انهيءَ طبقي مان ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جا اڳواڻ سامهون آيا. اُنهن مان گهڻا ميڪاولي جي اُميدن مطابق هئا. يعني رنگ ۽ نسل جي لحاظ کان هندستاني پر پنهنجن راين، طور طريقن ۽ سوچ وغيره جي لحاظ کان انگريز هئا. منجهانئن جيڪڏهن ڪن ٻلي کي غلط ڪتاب بہ پڙهيا (جيئن گهڻن ڪيو) ته بہ اها حقيقت هئي ته اهي نوراني جي بہ نوراني هئا ۽ ڪين قابو بہ رکي سگهجي پيو. هي صورت ۾ جيڪڏهن تعليمي نظام کي پوري آباديءَ تائين وسيع ڪيو وڃي ها ته برطانيا کي تمام جلد هڪ قومي اُڀار کي منهن ڏيڻو پئجي وڃي ها.

ثقافتي اشرافيت کي انگريز جي درآمدي محصولن سان ڳنڍڻ جو مقصد برطانيا جي ڏيهي صنعت کي هندستان پاران ٿيندڙ ڪنهن بہ مقابلي کان محفوظ رکڻ هو. 1870ع جي ڏهاڪي ۾ صنعتي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ وجهندڙ ڪوبہ قانون موجود نہ هو. پهرين مهاڀاري جنگ جي ختم ٿيڻ وقت هندستاني صنعت ۾ هندستان جي سيڙپ انگريزن جي ڪيل سيڙپ کان وڌي ويئي هئي. ڪپهه ۽ پٽ، لوهه ۽ رڱ جي صنعت ۾ هندستاني سيڙپ ٿي ۽ اُنهن ۾ هندستاني سرمائيدارن حاوي حيثيت حاصل ڪري ورتي. جڏهن بہ هندستاني شيون مقابلي ۾ آيون ته رڪاوٽون ۽

پابنديون وڌيون ٿي ويون ۽ لنڊن پاران هندستاني صنعت خلاف فوري طور تي قانونن جي منظوري ڏني ٿي ويئي. شروعاتي صنعتن جو مقصد پرڏيهي منڊين ۾ ڪچي مال جي روانگي واپار ۾ مدد ڏيڻ هو. جڏهن منڊي لاءِ پيداوار ۾ واڌارو آيو تڏهن ئي بيسي ماڻهن پاران ٺيندڙ صنعت ڪاريءَ کي روڪڻ لاءِ نوان محصول مڙهيا ويا. جي- ڪي شروڪوف اسان کي سنڌي طرح رڪاوٽ وجهڻ متعلق هڪ مثال ڏني ٿو:

"پهريون گاڏين ٺاهڻ جو ڪارخانو آهي جيڪو 1924ع ۾ تعمير ڪيو ويو هو نوآبادياتي اختيارين انهيءَ جي پيداوار خريد ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ڪارخاني کي اُن جي مالڪن کان خريد ڪري، اُن کي ختم ڪري ڇڏيو. 1930ع جي ڏهاڪي جي آخر ۾ اختيارين بمبئي جي ڪارخانيدارن جي هڪ گروپ کي، جيڪو آمريڪن ڪرسلر ڪمپني جي مدد سان موٽر گاڏين جو ڪارخانو لڳائڻ جي رٿابندي ڪري رهيو هو، اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو." (7)

نوآبادياتي رڪاوٽن جي باوجود منڊي سرمائيدار ملڪي معيشت ۾ پنهنجي موجودگيءَ کي برقرار رکيو. اُهي ملڪ ۾ ڪا غيراهم قوت نه هئا ۽ سندن ڪانگريس سان واسطو گانڌيءَ جي معاشي قوم پرستي ۽ سندس ويڙهاڪ ٽريڊ يونين ازم ڏانهن سخت رويي مان پرکي سگهجي ٿو.

اصل مضمون کان انهيءَ ننڍي پر ضروري انحراف کان پوءِ اسان اُنهيءَ ڍانچي ۽ رڪاوٽن کي بهتر طور تي سمجهي سگهون ٿا، جن ۾ ڪانگريس کي ڪم ڪرڻ لاءِ پنهنجي چونڊ ڪرڻي هئي. ڪانگريس اهڙي حڪمت عملي ٺاهڻ جي باري ۾ فيصلو ڪيو، جيڪا نوآبادياتي رياست جي تختي اُونڌي ڪرڻ بجاءِ اُن کي هندستاني روپ ڏئي. اها سياسي سوچ ڪانگريس جي قومي ۽ صوبائي اڳواڻن جي سماجي جوڙجڪ جي مظهر هئي. اهي شهر ۽ ڳوٺ ۾ منڊين ۽ وچولي طبقي جي نمائندگي ڪن پيا. گانڌي پرپور نموني ۾ انتهائي سخت مقرر ڪيل حدن ۾ هارين جي حالت کي بهتر ڪرڻ جي حمايت ڪئي. جيڪڏهن سندس فارمولا، شهرن ۾ سرمائي ۽ پورهئي ۾ ٽڪراءُ کي برابريءَ جي خوبين تي واعظن وسيلي ختم ڪرڻ هو ته ڳوٺن ۾ به سندس مؤقف انتهائي سخت هو:

"ڪانگريس جي پوئلڳن کي زميندارن کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش نه ڪرڻ گهرجي. اسان جو مقصد ملڪيت کي تباهه ڪرڻ نه پر ان جو قانون موجب استعمال آهي."

اهڙي سياسي مؤقف ڪانگريس لاءِ هندو فرقي پرستي يا اُن جي مسلمان پاسي کي اثرائتي نموني منهن ڏيڻ ۽ سياسي شڪست ڏيڻ کي نهايت ڏکيو بڻائي ڇڏيو.

اهڙي ڪنهن خيال جي ترديد لاءِ ته اسان مبهم مثالن يا ڪن خاص ڳالهين کي غيرضروري طور عام ڪرڻ جي چڪر ۾ ڦاسي رهيا آهيون، مختصر طور تي هڪ خاص عوامي اُڀار کي بيان ڪنداسين: 1921ع جي موپلي بغاوت، انهيءَ مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته هڪ ته ڪانگريس، جڏهن ته عوام حرڪت ۾ اڀري ر
ان ڪيڏيءَ ته ڦرتي سان موٽ ڪاڏي ٿي ۽ ٻيو ته انهيءَ معاملي ۾ هڪ اهم سياسي
موڙ، هڪ اهم هاري جدوجهد کي بجاءِ طبقاتي رنگ ڏيڻ جي، فرقيوارانو رنگ ڏيڻ
جڏهن (8) موپلا هندستان جي اولهندي ڪناري تي واقع مالابار (جيڪو هن وقت
ڪيرالا رياست ۾ آهي) جا مسلمان هاري هئا. 1922ع ۾ سينسس آبادي جاڙڪ
هئي، جنهن مان هندو 163328 هئا ۽ 236.672 مسلمان موپلا سڀ ٽنڍي ڪن
جي وڌ ۾ وڌ پيڙهيل هارين مان هئا. منجهانئن گهڻا ٻين جي زمينن ۽ رهڻ جي ڀاڱ
۾ اجوري تي ڪم ڪندا هئا. علائقي جا زميندار حقيقت ۾ سڀئي اوچي ذات وارا
برهمڻ هندو هئا. 1921ع کان اڳ واري صدي ۾ ڪُل ٻنجاهه هارين جون بغاوتون
ٿيون هيون، انهن مان ٻاويهه، سترنهن سالن (1836 -53ع) جي عرصي ۾ ٿيون
هيون، اهي پنهنجي ڪردار جي لحاظ کان بلڪل ٿي ٻهراڙي سان واسطو رکندڙ
هيون: هارين زميندارن تي حملو ڪري کين ماري ڇڏيو هو يا سندن گهر ساڙي ڇڏيا
هئا يا ٻني ڪم ڪيا هئائون. انهن بغاوتن جا ڪارڻ بدنام زماني هاريءَ جا
غيرمنصفانه قانون هئا، جن زميندارن کي هارين جي حياتي ۽ موت جو مالڪ بنائي
ڇڏيو هو. سڀني بغاوتن کي رياستن جي مداخلت وسيلي وحشياتي نموني چيڀاٽيو
ويو. سوين هارين کي قتل ڪيو ويو.

1921ع جي بغاوت پنهنجي جوهر جي لحاظ کان پوين بغاوتن کان مختلف ن
هئي. هارين جي تحريڪ کي منظم ڪيو ويو هو ۽ هارين جي وڏن ميڙن ۾ لاڀ ن
ڏيڻ ۽ زميندارن جي بائيڪاٽ ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو. پوري مالابار ۾ هارين جون
يونينون ظاهر ٿيون هيون. نوآبادياتي نوڪر شاهي پاران ڳنجاڻين کي پوليس وسيلي
دٻائڻ ۽ هيسائڻ جا اُبتا اثر نڪري رهيا هئا. 8- آگسٽ 1921ع تي اختيارين
پاران هاري اڳواڻن جي گرفتاري جا وارنٽ جاري ڪيا ويا. ان کان پوءِ مسجد، جنهن
اڳواڻن کي لڪل سمجهيو ويو هو، اتي ڪيل هٿيارٻند ڪاهه بغاوت جي شعلي کي
ڀڙڪائي ڇڏيو. ٽيهه هزار هاري جيڪي پُراڻن هٿيارن (جهنجوڪ ڪهاڙين ۽
ڏاٽا) سان ليس هئا، علائقي ۾ پهچي ويا. پوليس مٿن فائرنگ ڪئي ۽ نو هاري
مارجي ويا. بدلي ۾ هارين هڪ انگريز آفيسر جيڪو انهيءَ آپريشن جي نگراني
ڪري رهيو هو، ۽ سائس گڏ فوج ۽ پوليس جي وڏن آفيسرن کي ماري ڇڏيو.
ٽيليگراف جي تارن کي ڪيرائي ڇڏيو ۽ ريلوي اسٽيشن تي قبضو ڪري ورتو. ڏهن
ڏينهن تائين هو حاوي رهيا. انگريز پريس انهيءَ اُڀار کي مسلمانن جي هندن خلاف
هڪ فرقيوارانه جنگ ڪري پيش ڪيو. جڏهن ته پهرئين مرحلي ۾ رڳو زميندارن يا
سندن ايجنٽن ۽ سرڪاري جاسوسن کي قتل ڪيو ويو. ڪنهن به هندوءَ کي سندس
مذهب جي ڪري تنگ يا قتل نه ڪيو ويو. هندن جي گهرن کي لٽڻ جا ڪي اڪڙ
ٻيڪڙ واقعا ٿيا هئا پر انهن جي ذميوارن کي سخت سزائون ڏنيون ويون. لُٽ مار جا
اهي واقعا به تڏهن شروع ٿيا هئا، جڏهن هندن پوليس جي مخبري ڪرڻ شروع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهيا هئا. گهڻن جاين تي غريب هندو هاري بغاوت ۾ شامل ٿي ويا هئا. هڪ هاري اڳواڻ ڪنا احمد حاجي مدراس جي روزاني 'هندو' کي لکيو ۽ فرقيواريت جي الزامن کي سختيءَ سان ننديو. هن سرڪاري ايجنٽن کي هندن جي مندرن تي حملن ڪرڻ جو ذميوار قرار ڏنو ته جيئن فرقن جي وچ ۾ جهيڙو وجهي سگهجي. زميندار پوريءَ ريت، جيئن ڪجهه شاهوڪار موپلا هئا، سرڪار سان گڏ هئا. مالابار جي برهمڻن جي اخبار 'يوگڪ شيهم' مسئلي جي نهايت صاف طور تي وضاحت ڪئي: 'باغين جي هٿان رڳو شاهوڪار ۽ زميندار ئي متاثر ٿي رهيا آهن ۽ نه غريب هاري.'

21- آگسٽ 1921ع تي انگريز انتظاميه مارشل لا لاڳو ڪري ڇڏيو پر گوريلا جنگ نومبر جي آخر تائين هلي. بغاوت کي فوج، گورکن ۽ برما جي چنڪن جن ريجمينٽ جي استعمال سان چيپائي ڇڏيو. ٻن هزارن کان وڌيڪ هاري بغاوت ۾ ماريا ويا ۽ سون کي ڦاهي تي چاڙهيو ويو. بنگالي شاعر ۽ فلاسافر رابندر ناٿ ٽئگور جي پانيلي مارشل لا جي اثرن کي هڪ پمفليٽ ۾، جنهن تي اُن وقت بندش وڌي وئي هئي، بيان ڪيو آهي:

'فوجين پاران موپلا ڳوٺن ۾ پهچڻ رهجي ويل، بي هٿيار ۽ بچاءَ کان محروم مردن ۽ عورتن تي ڪيل ظلم لڳ ڪانڊاريندڙ آهن. عورتن جي بيعزتي ڪئي وئي ۽ ڪن بي آبرو ڪيو ويو. گهرن کي ڦريو ۽ ساڙيو ويو. مردن کي بي رحمانه تشدد جو نشانو بڻايو ويو... هڪ خاص ڪيس ۾ هڪ پوڙهي عورت تي هلان ڪئي وئي ۽ ڪيس کولي هٿئي ويئي. جتي موپلا عورتن کي يرغمال رکيو ويو هو، اُتي ايذاءَ ڏيندڙ ڪئمپون قائم ڪيون ويون هيون. انهيءَ ڳالهه جي ضرور نشاندهي ٿيڻ گهرجي ته وحشي جانورن جهڙي ورتاءَ جا جيڪي الزام برما مان آندل چنڪن جن فوجن تي لڳايا وڃن ٿا، اُهي انگريز ريجمينٽ خلاف نه ٿا لڳايا وڃن. عام هارين جي دلين ۾ دهشت ويهارڻ لاءِ باقي هارين کي واٽ تي بيٺل وڻن تي ڦاهي ڏني ويندي هئي ۽ ڪين اُتي لٽڪيل ڇڏيو ويندو هو ته جيئن ماڻهن تي اثر ويهي سگهي. هارين تي پوليس ۽ فوج پاران وحشي تشدد جي انتها ڪئي وئي.' (9)

انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته موپلا بغاوت جو چيپائجڻ ايسٽائين جو جليانوالا باغ جي قتل عام کان به وڌيڪ ڳنڀير واقعو آهي. سرڪاري آفيسرن پاران انهيءَ کي فرقيوارانه چرپاٽ جو هڪ ڏکوئيندڙ ڪيس ڪري پيش ڪيو ويو. مسلمان فرقي پرست، جيڪي انهيءَ ڳالهه کان پوريءَ ريت واقف هئا ته اهو مذهبي معاملو نه هو، خاموش رهيا يا هارين جي ننڌا ڪيائون. گانڌي پنهنجو سيس مالابار جي زميندارن جي حضور ۾ جهڪائي ڇڏيو 'موپلا بغاوت جو مطلب' نالي هڪ مضمون ۾، جيڪو اُن وقت لکيو ويو، جڏهن هارين جو قتل عام ڪيو پئي ويو، هو چئي ٿو: "موپلا بغاوت هندن ۽ مسلمانن جو امتحان آهي. ڇا هندو دوستي مٿس وڌل دٻاءُ کي سهي سگهي ٿي؟ ڇا مسلمان پنهنجي دلين جي گهرائين ۾ موپلن جي عمل جي تائيد ڪن ٿا؟ هندن ۾ لازماً اهو محسوس ڪرڻ جي همت ۽ ايمان هئڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪهرجي ته هو انهن جنوني جذبن جي اُٿل جي باوجود پنهنجي مذهب جي حفاظت
ڪري سگهن ٿا." مالابار جي ڪانگريسي اڳواڻن بغاوت کي روڪڻ جي ڪوشش
ڪئي. هاري تحريڪ جي هڪ اڳوڻي اڳواڻ نريان ميڻن 'عدم تشدد' جي نالي ۾
هارين کي جهڙي ڏنو. انگريز انتظاميا هميشه خوش ٿيندي هئي، جڏهن به سندس
مخالف ماڻ ٿي ويندا هئا. انهن ميڻن کي 'پاسپورٽ' جاري ڪيو، جنهن جي ڪري
هو پوليس ۽ فوج جي صفن ۾ هارين کي ماڻ ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ گهمي ڦري سگهيو
پئي. پر هو ناڪام ٿي ويو. انگريزن سندس مدد ڪرڻ بند ڪئي ۽ سندس ناڪامي
جي ڪيس سيڪٽ ڏني ويئي. هن کي ٻارنهن سالن لاءِ جيل موڪليو ويو. ڪانگريس
جي هڪ ٻه اڳواڻ باغين جي حمايت نه ڪئي. موپلا هارين جي حمايت ۾ قومي
پيماني تي ڪابه مُهم نه هلائي ويئي. هارين جي ايڏي ڊگهي عرصي تائين وڙهڻ جو
سبب آزاد علائقن ۾ سندن اڳواڻ پاران هڪ سال لاءِ محصول ۽ لاپي جي ادائيگي
کي ختم ڪرڻ هو. زميندار ڀڄي ويا هئا پر هارين زمين کي کيڙڻ ۽ فصلن لڻڻ کي
جاري رکيو. واڌو پيداوار هاري فوج جي راشن لاءِ مهيا ڪئي ويندي هئي.

عجيب اتفاق آهي ته موپلا بغاوت، ڪانگريس مسلم جي خلافت واري مسئلي تي
هلايل ڪٺيل قومي پيماني جي احتجاج واري وقت تي ئي ٿي. پهرين مهاڀاري جنگ ۾
ترڪيءَ جي برطانيا هٿان شڪست جو مطلب، خليفي، جنهن کي هندستان جا گهڻا
مسلمان پنهنجو اڳواڻ مڃيندا هئا ۽ جنهن جنگ هلندي سڀني مسلمانن کي جهاد ۾
شامل ڪرڻ چاهيو ٿي، جي تخت کان محروم ٿيڻ جا امڪان سامهون هئا. اهو
هندستاني مسلمانن ۾ وڏي انگريز دشمن انقلابيت جي پيدا ٿيڻ جو موقعو هو. اَها
گهڻي ڀاڱي عالمن پاران شروع ڪيل تحريڪ هئي، (جديد خيالن وارن همراهن انهيءَ
جي سختيءَ سان مخالفت ڪئي.) جيئن ته مقصد 'محفوظ' هو، گانڌي پاران انهيءَ
جي حمايت ڪئي ويئي. 1920ع جي آخر ۾ خودمختياري لاءِ هڪ وسيع عدم
تعاون واري تحريڪ شروع ڪئي ويئي، جنهن کي ترت ئي عوامي حمايت حاصل ٿي
ويئي. بهرحال ٻن سالن کان گهٽ عرصي جي اندر انهي کي ٻن سببن جي ڪري
ختم ڪيو ويو. انهن گانڌيءَ کي بيچاري ڇڏيو هو. 1922ع ۾ پوليس ٿاڻي جي
پوليس وارن سان ڪڏ سڙي وڃڻ، جيڪي ٿاڻي اندر هئا، گانڌيءَ کي پنهنجي ليکي
تحريڪ کي بند ڪرڻ جي سڏ ڏيڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. انهيءَ موقعي تي عوامي
بي چينيءَ جي وسيلي ۽ انگريز اقتدار کي هڪ حقيقي چئلينج ڏيڻ ۾ ڪانگريس جي
ناڪامي جو هڪ اهم اڻ سڌو اثر پيو. 1920ع جي ڍاڪي ۾ بنگال ۽ پنجاب ۾
تشدد جو جنم اهڙن نوجوانن جي مايوسيءَ جو نتيجو هو، جيڪي اُنهن عملن مان
بيزار ٿي پيا هئا، جن کي هو دوکو قرار ڏيندا هئا. هنيءَ پاسي ڪمالي قومي انقلاب
مسلمانن لاءِ هڪ فيصلائتو ڌڪ ثابت ٿيو. اتاترڪ، ترڪيءَ کي هڪ جديد ۽
غيرمذهبي جمهوريت قرار ڏنو ۽ 1924ع جي شروعات ۾ خلافت کي ختم ڪري
جذبائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جڏهن عالم مونجهارن ۾ ڦاٿل هو، مسلمانن جي هڪ وڏي تعداد اهو فيصلو ڪيو ته انگريز کي شڪست ڏيڻ ۾ رڳو لينن ۽ ٽراٽسڪي جي تازو جاول سوويت جمهوريه ئي سندن مدد ڪري سگهي ٿي. ڪيترا هندستان ڇڏي افغانستان پهچي ويا، جتي سامراج مخالف بادشاه امان الله سندن واهر ڪئي. ڪجهه اڳتي تاشقند ۽ ماسڪو ويا. لينن سان جيڪي پهريان ٻه هندستاني مليا اُهي مسلم احتجاج ڪندڙ هئا. هڪ هيو محمد برڪت الله، امان الله جي 'خاص ايلچي' طور ماسڪو ويو. هو اُتي ٽي سال رهيو ۽ 'بالشويزم ۽ اسلامي قومن' جي عنوان سان هڪ ڪتابڙو مضمون لکيائين. انهيءَ ۾ هن مسلمانن کي چيو ته هو روسي سوشلزم جي اصولن کي سمجهن ۽ انهن کي پنهنجو ڪن. سوويت حڪومت جي لڪل سامراجي ناهڻ کي مڃڻ کان انڪار کان متاثر ٿي، برڪت الله وچ ايشيا جي مسلمانن کي صلاح ڏني ته هو پنهنجن ٻارن کي جديد علمن جي سکيا لاءِ اسڪول موڪلين. هڪ ٽڪرو انهيءَ درخواست سان ختم ٿئي ٿو: "اي مسلمانو انهيءَ خدائي سڏ کي ٻڌو. آزادي، برابري ۽ ڀائپي جي انهيءَ سڏ جو جواب ڏيو جيڪو ڪامريڊ لينن ۽ سوويت حڪومت توهان کي آڇي رهيا آهن." (10) هندستان جي پهرين ڪميونسٽن مان ڪجهه مسلمان هئا. جن فرقي پرستيءَ جي سڀني صورتن کي رد ڪيو ۽ پنهنجي لاءِ بلڪل ئي ٻي پاسي جي چونڊ ڪيائون.

ترڪيءَ ۾ سيڪيولرازم جي سوڀ ۽ هندستان جي پنهنجي قوم پرست جدوجهد جي اوچتي ۽ بي مهلي روڪ هندستاني سياست جي هڪ اهم مرحلي جي پڄاڻي جي نشاندهي ڪري ٿي. 20-1916ع جي عرصي ۾ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ۾ محدود پيماني تي تعاون رهيو پر ڪانگريس جي سول نافرماني جي تحريڪ هلائڻ جي فيصلي ڪري اهو ختم ٿي ويو. ليگ جي وفاداري دٻاءُ ۾ اچي ويئي هئي ۽ ايستائين ته سندس غيرزميندار پرتون ٻه هراسجي ويون هيون. سندن ترجمان محمد علي جناح جنهن جي هندو- مسلم اتحاد جي ايلچي طور آجيان ڪئي ويندي هئي؛ ڪجهه عرصي لاءِ سياست کان پاسيرو ٿي ويو. جناح پوري ريت هڪ قانون پرست ماڻهو هو. هڪ ذهين وڪيل جي حيثيت ۾ هو پنهنجو پاڻ کي عدالت يا قانون ساز ڪائونسل ۾ وڌيڪ سؤلو ۽ آرام سان محسوس ڪندو هو. هو انهيءَ حقيقت کي پنهنجي گرفت ۾ آڻي سگهيو هو ته گانڌي جو آخري مقصد سندس مقصد کان بنيادي لحاظ کان مختلف ناهي. فرق مقصدن جو نه پر انداز ۽ سياسي چالن جو هو. گانڌي هڪ نهايت ئي هوشيار سياستدان هو. ڪانگريس کي هن جيڪو نظريو ڏنو اُن کيس انهيءَ قابل ڪيو ته عوامي تحريڪ جي دائري کي محدود ڪري، اُن جي ويڙهاڪيت کي قابو ۾ رکي ۽ ساڳئي وقت ان کي نوآبادياتي رياست کان سڌارا حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري. جناح پنهنجي ليکي سول نافرمانيءَ کي ڏکار سان ڏسندو هو. سندس قومي سياست جي اشرافيت واري نظريي جي ڪري هو گهٽين جي مظاهرن واري خيال کي نهايت ئي نفرت سان ڏسڻ تي مجبور ٿي پيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهيءَ حقيقت تي گهريل زور نہ ٿو ڏيڻ سگهجي، جناح جي ڪانگريس کان ٽٽڻ جو
بنياد فرقيواريت تي ٻڌل نہ هو پر اختلاف سياسي چالن جي استعمال تي هئا
عليحدگي پسندي، انهيءَ جي باوجود نہ نوآبادياتي رياست ان جي لاءِ نهايت احتياط
سان واٽ تيار ڪئي هئي، اڃان بہ ڏهہ سال اڳتي هئي.

جيئن لنڊن احتجاج جي دٻاءَ کي محسوس ڪرڻ شروع ڪيو تيئن اهو واضح
ٿي ويو تہ سماجي اُٿل پٿل ۽ انقلابي اُڀارن کي روڪڻ لاءِ خودمختياري جي ڪنهن
صورت جو نفاذ ضروري آهي. 1932ع ۾ علي ڳڙهہ جي نهايت ئي وفادار ايم- اي-
او ڪاليج جي اڳوڻي پرنسپال سر ٿيوڊور موريسن عليحدگي پسنديءَ جي حمايت ۾
هڪ اثرائتو مضمون لکيو. هن اسرار سان ڀريل اهڙو مضمون سامهون آندو
جيڪو مسلم فرقيواريت جو بنياد بڻجي ويو:

"هندو ۽ مسلمان بہ ڌار قومون آهن. اهي بلڪل ائين ئي هڪ ٻئي کان
مختلف آهن جيئن ڪي بہ ٻہ يورپي قومون. مسلم تهذيب هڪ ڌارين
سرڪار خاص طور تي هڪ جمهوري سرڪار، جنهن جو لاڙو پنهنجن
شهرين کي هڪجهڙو ناهڻ ڏانهن هوندو آهي، ان جي تحت قائم نہ ٿي
رهي سگهي. مسلمانن کي اها خاطري ڪرڻ گهرجي تہ پنهنجي تهذيبي
خاصيت جي بچاءَ جي سلسلي ۾ هو اڪيلا نہ آهن." (11)

مسلمانن لاءِ ڌار چونڊن واري اُصول کي اڳيئي مڃيو ويو هو، جنهن کي
هندستان جي فرقيوارائي سياست کي اداري واري شڪل ڏيڻ ۾ هڪ اهم ڪردار
ادا ڪرڻو هو. پر مسلمانن جي هڪ ڌار رياست پاڪستان جي گهر، مسلم ليگ جي
اڳواڻن ۽ مسلم عوام جي ڪجهہ حصن لاءِ رڳو 1944-46ع ۾ ئي ڪا معنيٰ
اختيار ڪري سگهي. اهي جيڪي چون ٿا تہ پاڪستان جو تصور انهيءَ حقيقت ۾
لڪل آهي تہ مسلمان هڪ مختلف فرقو آهن، رڳو تاريخ کي ورق لکي رهيا آهن.
جيڪڏهن اهو سوال پڇيو وڃي ها تہ "مسلمان ڪڏهن کان ڌار قوم ٿيا آهن؟"
فرقي پرست تاريخدانن کان ڪو هڪ جهڙو جواب ملڻ بلڪل ناممڪن هو(12).
ڇا هندستان جي مسلمانن کي ڪنهن بہ ريت ڪو ڌار فرقو سمجهي سگهجي ٿو؟
هندستان جي مسلمانن جي هڪ وڏي گهڻائي غريب هارين تي ٻڌل هئي: سندن
ٻوليون بنگالي، سنڌي ۽ پشتو هيون. سندن يو- پي جي مسلم اشرافيہ سان، جيڪي
اردو ڳالهائيندا هئا ۽ فارسيءَ ۾ شاعري ڪندا هئا، ڪهڙو ڳانڍاپو هو؟ انهن علائقن
جون هاري تحريڪون مسلم ۽ هندو زميندارن ۾ فرق نہ رکنديون هيون.

ٻولي ۽ سماجي فرقن کان سواءِ اسلام جون هڪ ٻئي سان نہ ٺهڪندڙ
سمجهاڻيون پڻ موجود هيون. شيعا سُني جي فرق کان سواءِ لاتعداد فرق پڻ موجود
هئا. جيڪي پنهنجو پاڻ کي اصلاح پسند يا بنياد پرستيءَ جو بچاءَ ڪندڙ ڪري
پيش ڪندا هئا. مذهب جي مختلف معاملن تي سندن هڪ ٻئي سان اختلاف هو.
منجهن اهو بحث بہ هو تہ هندستان ۾ ڪهڙي سياسي گروهہ جي حمايت ڪئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڃي، ڪجھ مذهبي عالم انگريز جا پڳهاردار هئا ۽ حڪم موجب خطبا لکندا هئا. ٻين ڪانگريس جي پٺڀرائي ڪئي ۽ گڏيل قوم پرستي جي حمايت ڪئي. ڪن وري عالمي اسلامي رياست جي حق ۾ دليل ڏنا ۽ هڪ ملڪ ۾ اسلام جي تصور تي غور ڪرڻ کان انڪاري ٿي بيٺا. اهو مودودي جو نڪتهءِ نظر هو جنهن پنهنجن ديوبند جي مذهبي حريفن جي غيرمذهبي قوم پرستي ۽ مسلم ليگ جي مقصد جي مخالفت لاءِ 1941ع ۾ 'جماعت اسلامي' قائم ڪئي. مودودي جناح تي الزام مڙهيو ته هو بجاءِ مذهب جي مسلمانن جي دنياوي سماجي ۽ معاشي مفادن جي ڪري حرڪت ۾ آيو آهي، هن زور ڏنو ته:

"جناح کان وٺي مسلم ليگ جي عام ڪارڪن تائين ڪنهن جي به نه اسلامي ذهنيت آهي ۽ نه سوچ جي اسلامي عادت. منجهانئن ڪوبه سياسي ۽ سماجي مسئلن کي اسلامي نڪتهءِ نظر سان نٿو ڏسي. سندن نيچ ڪردار هندستاني مسلمانن جي مادي مفادن جي هر ممڪن طريقي جي چالبازي ۽ ٺڳي وسيلي حفاظت ڪرڻ آهي" (13).

اهو ضرور لکڻ گهرجي ته مودودي صحيح هو. ماڻهن جي جذبن کي ڀڙڪائڻ واري ليگ جي نعري 'اسلام خطري ۾ آهي' جي باوجود ليگ اڳواڻ مشڪل سان ئي اسلام مطابق عمل ڪندا نظر ايندا هئا.

ڇا سواءِ انهيءَ حقيقت جي ته دنيا جي ٻين ڪروڙن مسلمانن وانگر، هو ڪڏهن ڪڏهن مڪي ڏانهن منهن ڪري سجدو ڪندا هئا؛ هندستان جي مسلمانن ۾ ٻيون ڪي گڏيل ڳالهيون هيون؟ مسلم تاريخدان جيڪي ماضيءَ ۾ انهيءَ لاءِ عقلي بنياد ڳولهي رهيا هئا. تن جي اها دعويٰ هئي ته هندستان جا مسلمان نهايت ئي 'پوئتي پيل' هئا. انهيءَ خيال 1871ع ۾ هنٽر رپورٽ جي شايع ٿيڻ کان پوءِ مسلمانن جي ڪجھ حصن ۾ مقبوليت حاصل ڪئي. ڊبليو- ڊبليو هنٽر هڪ تعليمي ماهر هو، جو بنگال ۾ رهندو هو. اهو هڪ اهڙو علائقو هو، جتان جا مسلمان هاري ڏينهون ڏينهن وڌيڪ ويڙهاڪ ٿيندا پئي ويا. وائسراءِ لارڊميو کي اهو فڪر هو ته ڪٿي زوال پذير مسلم اشرافيه هارين سان گڏجي نه وڃي. هنٽر جي رپورٽ، جيڪا بنگال جي اشرافيه جي حالت تي مدار رکي پئي، انهيءَ ڳالھ تي زور ڏنو ته نوآبادياتي رياست کي گهرجي ته کين مراعاتون ڏئي. هنٽر اهو فرض ڪري ورتو ته پوري هندستان ۾ مسلمانن جي ساڳي حيثيت آهي (جڏهن ته ائين نه هو) انهن سفارشن جو نتيجو اهو نڪتو ته 1921ع ۾ مسلمانن ۾ تعليم جو تناسب هندن کان وڌيڪ هو(14). ساڳي طرح ملڪ جي وڌندڙ سماجي ۽ معاشي بحران هندن ۽ مسلمانن ٻنهي کي متاثر ڪيو. جيئن ته مسلمانن وٽ زمين جا ننڍا ٽڪر هئا، انهيءَ ڪري بنگال ۾ مسلمانن کان وڌيڪ هندو خاندان زمين کان محروم ٿي ويا.

هنٽر جي رپورٽ جو مقصد مسلمانن کي خوش ڪري کين بغاوت کان پري ڪرڻ هو. مسلمان زميندار راضي ۽ خوش ٿيڻ لاءِ جڻ اڳ ئي تيار هئا. انهيءَ ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

أنهن بنا ڪنهن ويرم جي رياست جي آڇيل خاص مراعاتن کي قبول ڪري ورتو.
اها حقيقت آهي ته مسلمانن لاءِ نوڪريون مخصوص ڪرڻ جو مقصد اهو هو ته هو
مختلف سرڪاري ملازمتن ۾ چٽاڀيٽي وسيلي داخل ٿيڻ واري اصول جي مخالفت
ڪندا. مراعاتن ۽ علي ڳڙھ جي انگريز پرنسپالن جي پيدا ڪيل اها مخالفت ٿي هئي
جنهن کي گهڻن موقعن تي ڪنهن به سطح تي برابريءَ لاءِ ڪيل ڪوشش ۾
رڪاوٽ وجهڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو. مسلم اشرافيه، جنهن جي ملڪيت جي حق ۽
سماجي مراعاتن جو دارومدار رياست تي هو، تن کي سالن تائين پنهنجي وفاداريءَ جو
واضح طور تي اظهار ڪرڻو هو. يو- پيءَ جي 'مسلم بچاءُ ايسوسيئيشن،' جيڪا
انهيءَ اشرافيه لاءِ وڏي ٽيڪ هئي، چيو ٿي:

"خودمختياري جو ڪوبه وڏو قدم، جيڪو انگريز سرڪار جي ٽياڪڙ ۽ ٺاهن واري اثر کي گهٽ ڪري، ڪنهن وڏي اٿل پٿل کان گهٽ نه هوندو."

مسلم ليگ جي شروعاتي اڳواڻن به ساڳين جذبن ۽ خيالن جو اظهار ڪيو. ڪين وڏي
پيماني تي خطابن (نواب، خان، صاحب وغيره) ۽ ملڪيتن سان نوازيو ويو. 1930ع
جي ڏهاڪي ۾ جڏهن ليگ تي وچولو طبقو حاوي ٿي ويو هو، جيڪو ڳالهه ٻولهه
وسيلي ٺاھ ڪرڻ جو مخالف نه هو، تڏهن اهي نواب ۽ سردار ليگ کان ڌار ٿي ويا ۽
پنهنجا جدا سياسي گروپ جوڙيائون. ڪجهه معاملن ۾ اُنهن پنهنجو پاڻ کي انگريز
جي وقت جي لحاظ کان پنهنجين پاليسين ۾ ڪيل تبديلين سان نهايت ٿي آرام سان
ٺهڪائي ڇڏيو. پنجاب ۾ مسلم زميندارن مختلف فرقن جي گڏيل يونينسٽ پارٽي
ٺاهي، جنهن ۾ بنا ڪنهن عقيدي ۽ ذات جي فرق جي سڀ زميندار گڏ هئا. (15)
يو- پيءَ ۾ اُنهن نهايت ٿي فرمانبردار 'قومي زرعي پارٽي' ۽ بنگال ۾ 'گڏيل مسلم
پارٽي' ٺاهي. رڳو اُن وقت جڏهن زميندار ڪابه سيٽ پنهنجي ليکي کٽي نه پئي
سگهيا، اُنهن مسلم ليگ ڏانهن موٽ کاڌي. پنجاب ۾ اهو 1949ع ۾ ٿي سگهيو.
فرقيوارانه سياست، گهڻن روپن ۾، طبقاتي حقيقت جو هڪ بگڙيل اظهار هئي. اها
حقيقت آهي ته آخرڪار ان جو نتيجو هڪ ڌار رياست جي ٺهڻ جي ضرورت ۾
نڪتو جيڪا ڪنهن به صورت ۾ اٽر نه هئي.
زميندار ۽ وچولي طبقي جا سياستدان گڏيل طور تي ٿي مسلم ليگ کي هلائيندا
پئي آيا پر اهو وچولو طبقو هو، جيڪو اُن جي سياست تي حاوي هو. فيصلي ڪُن
مرحلو 1935ع ۾ برطانيا جي پارليامينٽ پاران منظور ڪيل 'انڪٽ آف انڊيا' هو
انهيءَ جو مقصد هڪ خاص حد تائين خودمختياري ڏيڻ هو ته جيئن آزاديءَ جي
تيارين کي جاچي سگهجي. ووٽ ڏيڻ جي حق کي وسيع ڪيو ويو ۽ سواءِ رياستن
(انهن رياستن جي حاڪمن کي سڌي راڄ سان وفاداريءَ جي انعام طور جمهوريت
جي آزمائش کان بچايو ويو هو) سڄي ملڪ ۾ چونڊون ڪرايون ويون. چونڊن واري
سياست عالمن جي ڪن حصن کي مسلم ليگ ۽ ڪانگريس ڏانهن مائل ڪيو. انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وقت ۾ فرقيوارانہ فسادن ۾ پڻ واڌارو ٿيو. ليگ ۾ هاڻي گهڻي ڀاڱي وچولي طبقي جا پڑهيل لکيل ماڻهو، جن ۾ وڪيل، صحافي، ڊاڪٽر ۽ شاگرد شامل هئا، ججهي تعداد ۾ شامل ٿي رهيا هئا.

مسلمانن ۽ هندن لاءِ ڌار چونڊن جو مطلب (يا جيئن هو سمجهندا هئا) سندن لاءِ ڪنهن حد تائين پارلياماني نمائندگي جي ضمانت ملڻي هئي، آئيندي پسندي، ليگ ۾ شامل ٿيندڙ وچولي طبقي جي گهڻن مسلمانن لاءِ هڪ غيراهم محرڪ نہ هو. معاشي بحران هڪ عدم توازن کي پيدا ڪيو هو جيڪو اڃان تائين ننڍي کنڊ ۾ باقي هو: يونيورسٽيون جيترن ماڻهن کي ٻڪريون ڏيئي رهيون هيون، ايترن لاءِ روزگار موجود نہ هو. انهيءَ حقيقت جو بيروزگار گريجوئيٽن سان تمام گهڻ واسطو هو تہ سرڪاري نوڪرين ۾ مسلمانن لاءِ ڪجھ جايون مخصوص ڪيون ويون هيون. اهي جايون گهڻي ڀاڱي مسلم زميندارن جي ايسوسيئيشن يا سندن ڪيسي ۾ پيل سياستدانن جي سفارشن جي بنياد تي ورهايون وينديون هيون. معاشي بُحران مسلم شاگردن کي عليحدگي پسنديءَ جي سياست ڏانهن ڌڪي تہ ڇڏيو پر اها سياست سندن خواهشن ۽ اُميدن کي پورو نہ پئي ڪري سگهي. مسلم ليگ تي ڏينهون ڏينهن دٻاءُ وڌي رهيو هو تہ اُها يا تہ ڪاهي ٽر جي جماعت جو ڏيک ڏئي (جنهن صورت ۾ ڪيس ڪانگريس کان ڌار نہ ڪري سگهجي ها) ۽ يا وري سياسي پراسراريت ڏانهن موڙ کائي. پوئين ڳالھ جي چونڊ ڪري، اُن عالمن جي ڪجھ حصي سان ناھ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

مسلم دانشورن جي آڏو بہ متبادل هئا. گهڻن مسلم دانشورن لاءِ چونڊ غيرمذهبي مسلم ليگ ۽ عالمن جي وچ ۾ نہ هئي. اها فرقيوارانہ فرق کان مٿانهين قوم پرستي کان وٺي ڪنهن وڌيڪ انقلابي سوچ (مارڪسزم جي ڪا صورت) ۽ اسلامي روايت تائين ڦهليل هئي. جيڪا پنهنجا نظريا ۽ خيال وچولي دور جي قانونن ۽ فلاسافي ۾ ڳوليندي هئي. شاعر علامہ اقبال انهيءَ مونجهاري جو نمونو آهي. سندس شروعاتي دور جي شاعري ۾ قوم پرست نڪتہءِ نظر جو اظهار ٿيل آهي. 'ترانہءِ هند' اڃان تائين ڀارت ۾ مقبول آهي پر اهو 'نيا شيوالا' هو جيڪو نوجوان اقبال جو وڌيڪ ڀرپور اظهار هو. جڏهن شاعر پنهنجين وفادارين کي تبديل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو تہ ڪيس اهو سڀ ڪجھ ڇڏڻو پيو. يورپ ۾ رهڻ کان پوءِ جڏهن هو هندستان موٽيو تہ هُن اها وضاحت ڪرڻ شروع ڪئي تہ ڪيئن نہ سڀيئي سياسي، سماجي فلسفياڻا مسئلا اسلام وسيلي حل ٿي سگهن ٿا. يورپ کيس بيزار ڪري ڇڏيو هو. هن سرمائيداري کي انهيءَ ڪري رد ڪيو تہ اُن جو بنياد نفعي ۽ جنگ تي هو. سوشلزم جو مطلب خدا کان انڪار هو جنهن کي هو مڃڻ لاءِ تيار نہ هو پر هن اها ڳالھ مڃي ٿي تہ سوشلزم جا هدايل مقصد سندس قرآن شريف جي تشريح سان اڻ ٺهڪندڙ نہ هئا. سندس سياسي ۽ فلسفياڻا نظريا اولھ ۽ اوڀر جو منصوبو هئا. جن ۾ اخلاقي سوشلزم، نٽشي ۽ صوفي گڏيل هئا. نتيجو بنا ڪنهن حيرت جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منجهيل هو. پر اقبال جي نظريي کي مستقل طور هن جي سياسي عمل سان ڳنڍيل ڏسڻ غلط ٿيندو. سندس حقيقت جو ادراڪ بلڪل چٽو هو. (16) هين لحن ۾ اقبال موجوده نظام جي تباهيءَ جو سڏ بہ ڏيئي سگهيو ٿي ۽ خالق جي وجود تي آڪر بہ ڪٽي سگهيو ٿي، جنهن دنيا ۾ ايڏي ڏک ۽ مصيبت جي موڪل ڏيئي ڇڏي آهي. شاعر جا ڪهڙگهرا اُن وقت سائنس وڏي نا انصافي ٿا ڪن، جڏهن هو ڪيس 1947ع کان پوءِ شروع ٿيل فرقيوارانہ چرپاڻ جي نتيجي ۾ ٿيل سماجي، معاشي ۽ سياسي تباهہ ڪارين سان ڳنڍين ٿا.

اسلامي نظام پنهنجي اندر، انهيءَ جهيڙن سان ڀريل دنيا کي درپيش سڀني مسئلن جا حل رکي ٿو، اهو مفروضو رکو اقبال ۽ عالمن جو نہ هو. مولانا آزاد (جيڪو ڪانگريس جي هڪ وڏي شخصيت آهي) جهڙا فرقيواريت جا مخالف عالم بہ اهو چئي سگهيا ٿي تہ مسلمانن کي ڪنهن بہ سياسي ۽ معاشي پروگرام اختيار ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. ڇاڪاڻ تہ اسلام وٽ انهن مسئلن جا اهڙا حل موجود آهن. جيڪي هر دور ۾ ڪارگر آهن. ويهن واري ڏهاڪي ۾ چونڊن واري نظام ۾ ڪيل تبديلين ۽ انهيءَ نظريي گڏجي فرقيوارانہ سياست جي وڌڻ جي رفتار کي تيز ڪري ڇڏيو. قانون ساز اسيمبلي ۽ صوبائي قانون ساز ڪائونسلن مقامي آباديءَ کي ڪجهہ اختيار ضرور ڏنا پر ووٽ ڏيڻ جو حق محدود هو (ڳوٺاڻن ملڪيتي مفادن جي فائدي ۾) ۽ مسلمانن لاءِ چونڊن جو نظام ڌار هو. نتيجا پُوري ريت اڳڪٿي ڪرڻ کان ٻاهر نہ هئا. فرقيوارانہ جهيڙا وڌي ويا ۽ ويهن جي پوري ڏهاڪي ۾ هندو- مسلم فساد ٿيندا رهيا. هاربي هندستان جي آئيني ڪميشن جي رپورٽ جي حوالي سان ٻڌائي ٿو تہ 1923ع ۽ 1927ع جي عرصي ۾ يو – پيءَ ۾ اناويهہ فرقيوارانہ فساد ٿيا، جن ۾ ايڪياسي ماڻهو مئا ۽ ٻہ هزار ٽي سئو هڪ ڄڻا ڦٽيا.

ڪانگريس ۽ مسلم اڳواڻ جون هندستان جي آئين لاءِ ٺاهہ تي پهچڻ متعلق ڪيل ڪيئي ڪوششون هڪ ٻئي تي شڪ ڪرڻ جي ڪري ناڪام ٿي ويون، ڪانگريس نهرو رپورٽ پيش ڪئي، جنهن ۾ ڌار چونڊن جي رکو اُنهن صوبن ۾ حمايت ڪئي ويئي، جتي مسلمان ٿورائي ۾ هئا. جناح انهيءَ رپورٽ جو مخالف نہ هو پر هن پنهنجن 'چوڏهن نڪتن' کي ترجيح ڏني، انهن جو حاصل مطلب هندستان لاءِ هڪ وفاقي آئين تجويز ڪرڻ، صوبائي خودمختياري ۽ الڳ چونڊن جو نظام هو. ٻنهي مان ڪوبہ ضروري رعايتون ڏيڻ لاءِ تيار نہ هو. ٺاهہ تي نہ پهچي سگهڻ واري انهيءَ صورتحال جي ڪري برطانوي رياست جي نمائندن پاران 1935ع جو 'انڪٽ آف انڊيا' پيش ڪيو ويو. مسلم تنظيمن جو پاڻ ۾ هڪ ٺاهہ هو. اُنهن سڀني ڪمزور مرڪز ۽ طاقتور صوبن جي حمايت ٿي ڪئي. اهائي ڳالهہ هئي، جنهن کين ٻهريون ڀيرو پوري هندستان متعلق نڪتہءِ نظر ڏنو ۽ مسلم ليگ کي انهيءَ قابل بڻايو تہ اُها مسلمان وچولي طبقي جي هڪ حاوي سياسي تنظيم جي طور تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سامهون اچي.

1935ع جو ائڪٽ انگريز جي هڪ اهم سياسي چال هئي، جنهن جو مقصد ايندڙ ڪيترن ئي سالن لاءِ ڏکڻ ايشيا جي سياست کي هڪ روپ ڏيڻو هو. انهيءَ جو رقت غيراهم نہ هو. هڪ پاسي مسلم سياستدان ۽ ڪانگريس آزادي لاءِ ڪنهن ناهہ تي پهچڻ ۾ ناڪام ٿي رهيا هئا تہ ٻئي پاسي ڪمزور ٿي سهي، هڪ بلڪل ئي مختلف سطح تي هڪ ٻي جدوجهد هلي رهي هئي. مٿئين سطح جي سياست ۾ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ۾ تضاد پنهنجن سڀني لوازمات سان گڏ سياسي منظرنامي تي حاوي هئا: لنڊن ۾ گول ميز ڪانفرنسون، وائسراءِ سان چانهہ، اڻٽي ڳالهہ ٻولهہ، پريس ڪانفرنسون، شخصيتن تي زور وغيره. هيٺين سطح جي سياست عام نگاهہ کان لڪل هئي پر اُن جي ڪانگريس ۾ چُرپر شروع ٿي رهي هئي. هارين جي جدوجهدن ۽ هڙتالن جو لاڙو فرقيواريت کان مٿانهون هو.

تيهن واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري جواهر لال نهرو پاڻ کي انقلابي انسانيت پسنديءَ کان ڌار ڪري سوشلزم جي حق ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو جنهن ۾ لازماً هي ڳالهيون شامل هيون:

"اسان جي سياسي ۽ سماجي ڍانچي ۾ وڏيون ۽ انقلابي تبديليون، زمين ۽ صنعت ۾ مستقل مفادن جو خاتمو... ٻن متضاد ۽ پاڻ ۾ ٽڪرائجندڙ عملن جو گڏوگڏ هلڻ نهايت ڏکي ڳالهہ آهي. جوڻ لازماً ڪرڻي پوندي ۽ اُن جي لاءِ جنهن جو مقصد سوشلزم آهي، رڳو هڪ ئي چونڊ آهي."

ٽي سال پوءِ 20 اپريل 1939ع تي نهرو چيو:

"آئون انهيءَ ڳالهہ جو قائل آهيان تہ دنيا ۽ هندستان جي مسئلن جو حل رڳو سوشلزم ۾ ئي آهي. مون کي هندستاني ماڻهن جي غربت، وڏي پئماني تي بيروزگاري، بيعزتي ۽ غلامي جو حل سواءِ سوشلزم جي ٻي ڪنهن شيءِ ۾ نظر نہ ٿو اچي." (17)

هندستاني تاريخدان بيپن چندرا نهايت قائل ڪندڙ انداز ۾ ٻڌائي ٿو تہ اها يورپي سوشل ڊيموڪريسي وانگر رڳو کوکلي لفاظي نہ هئي پر انهيءَ سان نهرو جي ذهن جي انقلابي تبديليءَ جو اظهار ٿئي ٿو. چندرا چڱي طرح اهو ٻڌائي ٿو تہ "هو (نهرو) 36-1933 جي عرصي ۾ سامراج دشمن مارڪسي انقلابي ٿيڻ جي ويجهو وڃي پهتو هو." اهو ضروري ناهي تہ ڪانگريس اندر اُن وقت جي وڏن اختلافن کي سمجهڻ لاءِ انهيءَ تجزئي کي مڪمل طور تي قبول ڪجي. نهرو جي تقريرن هندي سرمائيدارن کي گهڻو پريشان ڪري ڇڏيو هو ۽ اُنهن کلئي عام مئنس جلهون ڪرڻ شروع ڪيون هيون. ڪين جي- ڊي- برلا جنهن کي چندرا 'هڪ ذهين سياسي اڳواڻ' ۽ 'هندي سرمائيدار طبقي جو صلاحڪار' بيان ڪري ٿو جنهن جي سياسي بصيرت اڪثر ذهانت جي اعليٰ حدن کي ڇهندي هئي، پاران اينن ڪرڻ کان روڪيو ويو. برلا کي يقين هو تہ گانڌي نهروءَ جي انقلابي جذبن کي مائٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪندو. (18) 1935ع جو انڪٽ انهيءَ سلسلي ۾ فيصلي ڪن ثابت ٿيڻ هو.
نهرو هند جي آئيندي جي تعين لاءِ مڪمل اختيار رکندڙ آئين ساز اسيمبلي جي گهر ڪئي. انڪٽ رڳو جزوي خودمختياري اُجي ٿي ۽ اُها به نوآبادياتي سرڪار جي مهربان پاڇي هيٺ. نهرو انهيءَ کي مڪمل رد ڏيڻ جي حق ۾ هو. ڪانڌي انهيءَ کي قبول ڪرڻ چاهيو ٿي. نهرو پاران ڪانگريس جي اتحاد کي قائم رکڻ لاءِ اُن مجي ويٺي، اهو اتحاد برطانوي راڄ کان قومي آزادي واري سفر کي بنا رُڪاوٽ جي پوري ڪرڻ کي يقيني بنائڻ لاءِ هڪ فيصلي ڪن عنصر هو. انهيءَ مسلم ليگ کي به پنهنجين گهُرن ۾ واڌارا ڪرڻ ڏانهن ڌڪي ڇڏيو.

هندستان جون پهريون عام چونڊون 1937ع ۾ ٿيون (رياستن کان سواءِ) ٽي ڪروڙ ووٽرن مان رڳو چوونجاه سيڪڙي پنهنجا ووٽ وڌا. يارنهن صوبن جي 1585 سيٽن مان ڪانگريس 711 سيٽون حاصل ڪيون. پنجن صوبن مدراس، يو- پي، سي- پي، بهار ۽ اُڙيسا ۾ ڪيس گهڻائي حاصل هئي. ڪيس صوبي سرحد ۾ پڻ گهڻائي حاصل ٿي، جتان جي آبادي مسلمانن تي ٿي مشتمل آهي. مسلم ليگ مسلمان لاءِ رکيل 482 سيٽن مان رڳو 109 سيٽون حاصل ڪري سگهي. ڪانگريس 26 مسلمان سيٽون حاصل ڪيون ۽ باقي مسلم سيٽون انهن مسلمانن ۾ ورهايل هيون جيڪي مسلم ليگ ۾ شامل نه هئا. ليگ اهو چئي ڪانگريس کي تعاون جي آڇ ڪئي ته اها هندستان جي ماڻهن لاءِ مڪمل قومي خودمختيار حڪومت جي حق ۾ آهي. هُن انهيءَ مرحلي تي، هندن، مسلمانن ۽ ٻين ٽورائن جي وچ ۾ اتحاد ۽ عزت برڻي ٿاهه کي خارج نه ڪيو. بهرحال ڪانگريس جي اڳواڻن پاران نهايت اثرائتي طور تي انهيءَ کي رد ڪيو ويو.

1939ع ۾ ٻي مهاڀاري جنگ جي شروع ٿيڻ تي وائسراءِ پاران فوري طور تي برطانيا جي وڏي ۾ وڏي نوآبادي کي اُن ۾ شامل ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. ساڻس انهيءَ سلسلي ۾ صلاح نه ڪرڻ تي ڪاوڙجي هند جي ڪانگريس ڪاميٽي، ڪانگريسي وزيرن کي استعفائون ڏيڻ جي هدايت ڪئي. جنگ هند جي سياست ۾ هڪ وڏي ورهاست پيدا ڪري ڇڏي هئي. ڪانگريس جنگ لاءِ ڪوشش جي مخالفت ڪئي ۽ مسلم ليگ تاج برطانيا لاءِ وڙهڻ تي پنهنجو راضپو ڏيکاريو. پنهنجي انهيءَ موقف جي نتيجي ۾ ليگ کي مختلف صوبائي وزارتون ڏنيون ويون. اُن پنهنجي پاڻ کي ڦهلايو. جنگ جي وقت جي نيڪيدارن ۽ واپارين سان اتحاد کي مضبوط ڪيو. ليگ جي هفتيوار اخبار 'ڊان' کي پنهنجي پهچ وڌائڻ لاءِ برطانوي انتظاميا پاران فنڊ ڏنا ويا. آگسٽ 1942ع ۾ ڪانگريس ' هندستان مان نڪري وڃو' واري تحريڪ شروع ڪئي. ليگ انهيءَ ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪيو ۽ اُنهن سماجي پرتن جي حمايت حاصل ڪري ورتي، جيڪي نوآبادياتي رياست جي ويجهو هيا.
پاڪستان جي قيام واري گهر جي اڻ چٽي ڪردار کي انهي حقيقت مان پرکي سگهجي ٿو ته انهيءَ جو مطلب نه رڳو اهو ته مختلف ڪروپن لاءِ مختلف هو، پر ساڳئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماڻهو (محمد علي جناح) لاءِ بہ اِنَ جو مطلب مختلف وقتن تي مختلف هو. 46-1940ع واري عرصي ۾ جناح ليگ جو اهڙو اڳواڻ بڻجي چڪو هو جنهن سان ڪنهن کي اختلاف نہ هو پر ڪيس اجان بہ انهيءَ باري ۾ يقين نہ هو تہ هو آخرڪار ڪهڙي سوديبازي کي قبول ڪري يا رد ڪري. جناح 1946ع تائين وفاقي حل کي پوري ريت رد نہ ڪيو هو جيڪا ڳالهہ اُنهن سياستدانن لاءِ جيڪي ٺيهن جي ٺاڪي ڪان اها دعويٰ ڪندا پئي آيا تہ هندو يا مسلمان الڳ قوم آهن، اڻ وڻندڙ هئي. وڌيڪ اِهو تہ انگريزن ۽ ڪانگريس پاران ڏار رياست جي تشڪيل کي مڃڻ کان پوءِ بہ جناح نئين مسلم جمهوريا جي ڪردار جي باري ۾ بڏتر ۾ هو. هُن 1945ع ۾ ايسوسيئيشن پريس جي نمائندي کي ٻڌايو تہ:

"سياسي طور پاڪستان هڪ جمهوري ملڪ هوندو."

جناح صاحب چيو تہ:

"هو شخصي طور سمجهي ٿو تہ وڏين صنعتن ۽ عام ڀلائي جي خدمتن کي قومي ملڪيت ۾ ورتو ويندو."

ڪجھ ڏينهن پوءِ سرحد صوبي جي هڪ مذهبي اڳواڻ کي هن يقين ڏياريو تہ:

"انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏيڻ جي ضرورت ڪانهي تہ آئين ساز اسيمبلي جيڪا پنهنجي بيهڪ ۾ گهڻي ڀاڱي مسلمانن تي ٻڌل هوندي، ڪو بہ اهڙو قانون پاس ڪرڻ جي قابل هوندي، جيڪو شريعت سان ٺهڪندڙ نہ هجي."

مسلم عليحدگي پرستي جي حمايت يو- پيءَ ۾ نهايت گهڻي هئي، جتي مسلمان ٿوراڻي ۾ هئا ۽ جتي مسلمان ۽ هندو وچولي طبقي ۾ نوڪرين لاءِ ڇتاڀيٽي گهڻي سخت هئي. اُنهن علائقن ۾ جتي مسلمان گهڻائي ۾ هئا، روائتي حاڪم اشرافيہ آخري لمحي تائين پاڪستان جي خيال جي يا تہ کُلي طرح مخالفت ڪئي ۽ يا سندن اُن ڏانهن رويو سردمهري وارو هو. (19) انهن ٻنهي ۾ اختلاف جي ڪري ئي جناح- نهرو جي عام بالغ راءِ دهي جي بنياد تي دستور ساز اسيمبلي، جنهن ۾ ايستائين تہ مسلمانن لاءِ ڌار چونڊن جي ضمانت بہ هجي، واري سڏ کي مڃڻ ۾ سستي پئي ڪئي. ليگ کي اهو يقين نہ هو تہ اُها مختلف فرقن جي بنا ڪنهن رنڊڪ جي ٿيندڙ چونڊن ۾ مسلمانن جي گهڻائيءَ جا ووٽ حاصل ڪري سگهندي. ليگ جي لاءِ هاڻي نوآبادياتي رياست ۽ ڪانگريس مان اهڙي سياسي ٺاهہ جي گهڻي اهميت هئي، جيڪو پاڪستان جي ضمانت ڏيئي سگهي. اِها عوامي خودمختياري جي فيصلي ڪندڙ عنصر جي حيثيت ۾ گهر نہ پئي ڪري سگهي. جاڪاڻ تہ پنجاب، بنگال ۽ سنڌ ۾ بنا ڪنهن شڪ جي اِهم ڳالهہ فرقيوارانہ حدبندين کان مٿي چڙهي وڃي ها. ليگ گهڻي ڀاڱي مسلمانن جي منڍين ۽ وچولي طبقي جي حمايتي هئي. بنگال ۾ ڪيس عوامي حمايت ضرور حاصل ٿي، پر اِها ڀهراڙيءَ ۾ مسلمان هارين ۽ هندو جوتيدارن (ننڍن زميندارن) جي وچ ۾ پيدا ٿيل تڪرار جو اولڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هئي:

ليگ پاران سول نافرماني جو پهريون سڏ اُن وقت ڏنو ويو، جڏهن اُن 1946ع ۾ 'سڌي ائڪشن' واري ڏينهن تي پنهنجن حمايتين کي متحرڪ ڪيو هو. نتيجو فرقيوارانا فساد هئا: ڪوس ڪلڪتي ۾ پنهنجي اوڄ تي وڃي پهتو، جتي هندن ۽ مسلمانن هڪ ٻئي کي ڪُٺو ۽ سوين مارجي ويا. انهيءَ فرقيواراڻي چرپاٽ جي ظاهر ٿيڻ کي گهڻي دير نه ٿي هئي ته ڪلڪتي جا پورهيت (هندو ۽ مسلمان ٻئي) هڙتال لاءِ نڪري آيا ۽ جنوري 1947ع ۾ اُنهن عام هڙتال ڪري ڇڏي. فيبروري 1946ع ۾ بحري فوج جي بغاوت انگريزن ۽ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي اڳواڻن کي ساڳي طرح صفا بيحال ڪري ڇڏيو. بغاوت بمبئي ۾ شروع ٿي ۽ تيزيءَ سان مدراس ۽ ڪراچي تائين ڦهلجي ويئي. فوج جي جوانن هڪ هڙتال ڪاميٽي چونڊي ۽ قبضي ڪيل جهازن تي انهيءَ نعري 'انقلاب زنده باد' وارا ڳاڙها جهنڊا چاڙهي ڇڏيا:

انگريز انتظاميه حيران ٿي ويئي پر هن عنصرن صورتحال کي قابو ڪرڻ ۾ سندن مدد ڪئي: اهي هئا ڏاڍ ۽ ڪانگريس، ۽ مسلم ليگ جي حمايت. هندستاني فوجين گولي هلائڻ کان انڪار ڪيو ۽ انگريزن کي انهيءَ لاءِ انگريز فوج کي ميدان ۾ لاهڻو پيو. 21- فيبروري 1946ع تي ايڊمرل گوڊ فري پاران هڙتال نه ڪرڻ جي صورت ۾ پوري بحري فوج کي تباهه ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني ويئي. انهيءَ جو جواب 'بحري فوج جي مرڪزي هڙتال ڪاميٽي' پاران شهرن ۾ پورهيتن کي هڙتال ڪرڻ جي سڏ سان ڏنو ويو. ڪانگريس اهڙي عمل جي مخالف هئي پر ڪميونسٽ پارٽي پاران انهيءَ سڏ جي حمايت ڪئي ويئي ۽ 22- فيبروري تي هندستان جو مالياتي گاديءَ جو هنڌ بمبئي، عام هڙتال جي ڪري صفا جهمي ويو. انگريز انتظاميه قوم پرستن جي حمايت جي يقين هئڻ جي ڪري پورهيتن تي گولي هلائڻ جو فيصلو ڪيو. پنج سئو کان وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا. ٻنهي ڌرين تي طبقاتي اتحاد جي ان اظهار کان پريشان ٿي ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي اڳواڻن بحري فوج جي هڙتالي اڳواڻن کي پيش پوڻ جي صلاح ڏني. پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪندي ڪاميٽي پنهنجي سڏ کي واپس ورتو ۽ هار مڃيائين. ٻن ڏينهن جي اندر اڳواڻ گرفتار ٿي ويا. ڪن ڪڏهن به، ايستائين جو آزاد هندستان جي بچاءَ وارن کاتن ۾ ملازم نه رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

هڙتالن جي اِها لهر رڳو بحري فوج يا بمبئي تائين محدود نه هئي. ساڳئي مهيني ۾ جبلپور ۾ ٽي سئو سپاهين بغاوت ڪئي ۽ ارڙهين مارچ تي هڪ بلڪل نئي ان ٿيڻي ڳالهه ٿي: ديرادون ۾، جتي هڪ اعليٰ فوجي اڪيڊمي آهي، گورکا فوجين بغاوت ڪئي. اپريل ۾ بهار جي اٽڪل ڏهه هزار پوليس وارن ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. (20) ساڳئي وقت پنجاب ۾ هاري جدوجهد جي هڪ لهر ڀڙڪيل هئي، جتي مسلم هاري زميندارن جي غيرقانوني حرڪتن خلاف، جن مان گهڻا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مسلم ليگ جي پاسي ٿي ويا هئا، وڌهي رهيا هئا. گانڌي بہ اوترو ئي پريشان هو، جيترو وائسراءِ هو. 7- اپريل 1946ع تي پنهنجي اخبار 'هريجن' ۾ هن لکيو تہ انهيءَ ناپاڪ ميلاپ (هندن ۽ مسلمانن جو هڙتالن ۾ شامل ٿيڻ) کي مڃڻ جو مطلب "هندستان کي بدنظميءَ جي حوالي ڪرڻ آهي. آئون انهيءَ جي پڄاڻي ڏسڻ لاءِ سوا سؤ سالن تائين جيئرو رهڻ نہ ٿو چاهيان. آئون شعلن ۾ خاڪ ٿي وڃڻ کي ترجيح ڏيندس."

1946ع جو پورو سال هندستان انقلاب کان اڳ واري بحران جي ڪناري تي هو. اها ئي معروضي صورتحال هئي، جنهن شدت سان ڪانگريس، مسلم ليگ ۽ انگريز کي هڪ ٻئي ڏانهن ڌڪيو. نهرو ڪانگريس جي هڪ ساٿي ڏانهن لکيل خط ۾ مسئلي جي وضاحت ڪئي تہ "صورتحال ٻرندڙ جبل وانگر آهي ۽ انهي ڳالهہ جي باوجود تہ چونڊ ڪرڻ گهڻو ڪري ڏکي ڳالهہ آهي، ڪا چٽي ۽ واضح چونڊ ڪرڻي پوندي." انهي خيال کان تہ جيئن پوئتي نہ رهجي وڃي، جناح بہ فرقيوارانہ اتحاد ۽ ٻڌيءَ تي پنهنجي ڏک جو اظهار ڪيو. بحري فوج جي هڙتال (جنهن جي مک اڳواڻن مان هڪ ايم- ايس- خان مسلمان هو) جي اوج واري وقت ليگ جي اڳواڻ پاران بمبئي جي 'فري پريس جرنل' کي هڪ بيان جاري ڪيو ويو. ماڻهن جي ڏکن ۽ شڪايتن متعلق عام ڳالهہ ٻولهہ کان پوءِ هن سڌي طرح فرقيوارانہ درخواست ڪئي تہ:

> "آئون رائل انڊين نيوي جي سيني جوانن کي درخواست ٿو ڪريان تہ اُهي اُنهن ماڻهن جي هٿن ۾ نہ کيڏن جيڪي گڙٻڙ ڦهلائڻ چاهين ٿا ۽ هڙتال ڪندڙن کي پنهنجن مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ چاهين ٿا. آئون مٿن زور ٿو ڏيان تہ اهي عام رواجي صورتحال ڏانهن موٽي اچن ۽ اسان کي صورتحال کي منهن ڏيڻ ڏين... آئون انهيءَ ڪري بحري فوج جي جوانن کي درخواست ٿو ڪيان تہ هو پنهنجي هڙتال ختم ڪن ۽ عام ماڻهن کي بہ اهو چوان ٿو تہ هو صورتحال کي وڌيڪ ڏکيو نہ بڻائين. خاص طور تي آئون مسلمانن کي درخواست ٿو ڪيان تہ هو ايستائين بس ڪن ۽ ڪوبہ مسئلو پيدا نہ ڪن، جيستائين اسان انهيءَ انتهائي گنڀير صورتحال کي منهن ڏيڻ جي حيثيت ۾ نہ ٿا اچون." (21)

طبقاتي چڪتاڻ ۾ انهيءَ وادَاري ننڍي کنڊ جي تقدير تي مُهر هڻي ڇڏي: ورهاڱو ۽ مذهب جي بنياد تي رياست جو قيام اُن جا ڏکوئيندڙ نتيجا هئا.

ڪانگريس ۽ مسلم ليگ مختلف سببن جي ڪري، مُلڪ جون بہ وڏيون سياسي جماعتون بڻجي ويون، پر اُهي سياست تي پوري ريت پنهنجي هڪ هٽي قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيون هيون. ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا (سي- پي- آئي) جيڪا تعداد جي لحاظ کان گهٽ هوندي بہ بلڪل غيراهم نہ هئي، پنهنجي ٺهڻ جي مرحلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ هئي. اهو به نه هو ته سنڌس قومي تحريڪ اندر ڪو اثر نه هو. سنڌس طاقت کي
نوآبادياتي رياست پاران به مڃيو ويو هو. جنهن پنهنجي ليکي سرگرم ڪميونسٽن
کي لاڳيتي ڏاڍ ۽ تشدد کي جن يقيني بڻائي ڇڏيو هو. ويهن واري ڏهاڪي جي آخر
ٽيهن واري ڏهاڪي ۾ سوين ڪميونسٽن کي قيد ڪيو ويو. منجهانئن ڪيترن کي
مقرر ڪيل مخبرن، هٿ ٺوڪين شاهدين ۽ ڪوڙن الزامن جي بنياد تي ڦاسايو ويو
پارٽي جي ڪارڪنن بمبئي ۽ بنگال جي ڪجهه حصن ۾ ٽريڊ يونين ناهڻ ۾ اهم
ڪردار ادا ڪيو. انهن ملڪ جي ڪيترن پٺتي پيل علائقن مان ڪن ۾ غريب هارين
کي منظم ڪرڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو.

پارٽي اڳواڻن ۽ ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي اهم نظرياتي ڪوتاهين جي ڪري
ڪميونسٽ ويڙهاڪن جي همت ۽ پاڻ ارپڻ واري جذبي جو لاڳيتو غلط استعمال
ٿيندو رهيو. ويهن واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ هند جي ڪميونسٽن پاران ٽين
ڪروڙن جي آزاديءَ لاءِ هٿياربند جدوجهد جي همت افزائي ڪئي ويئي. جڏهن ته
اهڙي جدوجهد لاءِ جن حالتن جو هئڻ ضروري هو، اُهي موجود نه هيون. لينن ۽
ٽراٽسڪي جي اڳوائيءَ ۾ ڪومنٽرن هند جي سماجي بيهڪ جي مخصوص حالت
کي سمجهي نه سگهي ۽ نه ئي اُن بورجوازيءَ جي قوم پرستيءَ واري ڪردار جو
صحيح اندازو ڪيو. (22) مثال طور اُها لاڳيتو اِها ڳالهه ڪندي رهي ته ڪانگريس
برطانوي راڄ خلاف ڪا جدوجهد نه هلائيندي. انهيءَ غلطي ۾ ڪومنٽرن جي
اسٽالن جي اڳوائيءَ ۾ بدنام ٿيڻ ۾ اجان واڌارو آيو. هاڻي ڪانگريس کي برطانوي
سامراج جي هڪ واهيات هٿيار طور تي ننديو ويو. ڪومنٽرن جي سستيءَ ۽
ڪانگريس ۾ عوامي محاذن جي شروعات ڏانهن جيڪو آخري موڙ آيو اُن سي-
پي- آئي کي قومي سطح تي هڪ منظم قوت طور اُڀرڻ ۾ مدد ڏني. سنڌس ميمبرن
جو تعداد ڪجهه سون مان وڌي پنج هزار تي ويو. اِهو گهڻو ڪري پارٽي جي
سامراج دشمن جدوجهد ۾ ڪانگريس سان گڏجي ڪم ڪرڻ جي ڪري ٿيو هو.
انهيءَ عرصي ۾ سي- پي- آئي اُتر ۾ بنگال ۽ ڏکڻ ۾ ڪيرالا اندر تمام گهڻو اثر
قائم ڪيو جيڪو اُها اڄ تائين برقرار رکندي پئي اچي.

سي- پي- آئي لاءِ ٻي مهاڀاري جنگ دوران آزمائش جي اهم گهڙي آئي. جنگ
جي شروع ٿيڻ وقت هندي ڪميونسٽن برطانيا ۽ فرانس لاءِ ڪنهن به قسم جي مدد
جي مخالفت ڪئي ۽ اِهو چيو ته هند جي آزادي تي قابض قوت سان ڪابه سودي
بازي نه ٿي ٿي سگهي. جنگ جي انهيءَ مخالفت جي ڪري وڏي پئماني تي قومي،
صوبائي ۽ مقامي سطح جي پارٽي اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويو پر ان ڳالهه کي
ڪانگريس جي کاٻي ڌر جي ويجهو پڻ آندو. سوويت يونين تي جرمن حملي پارٽي
جي صفن ۾ اختلاف پيدا ڪري ڇڏيا. پارٽي اڳواڻن جي هڪ ٽولي، جن ۾
ڪيرالا جو ڪي- داموڌرن به شامل هو، تنهن ماسڪو جي تيار ڪيل انهيءَ ٿيسز
جي مخالفت ڪئي ته جنگ هاڻي 'عوامي جنگ' ۾ تبديل ٿي چڪي آهي ۽ سڀني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪميونسٽن جو اهو فرض آهي تہ اُهي اتحادين کي جنگي ڪوششن ۾ مدد ڏين. سي- پي- آئي انهيءَ مرحلي جي مڪمل حمايت ڪئي ۽ اُن حقيقت ۾ انگريز اختيارن جي هڪ پرتي ڪندڙ ايجنٽ جو روپ اختيار ڪري ورتو. پر اُنهن ڪميونسٽن کي جن انهيءَ موقف جي مخالفت ٿي ڪئي، گهڻي عرصي کان پوءِ بہ آزاد نہ ڪيو ويو.

آگسٽ 1942ع ۾ جڏهن ڪانگريس 'هندستان مان نڪري وڃو' واري تحريڪ شروع ڪئي تہ وائسراءِ پاران ان جو جواب ڏاڍ ۽ تشدد جي هڪ نئين لهر جي شروعات سان ڏنو ويو. (23) ڪانگريس جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن هاڻي جيل جي اُنهن ڪوٺين ۾ داخل ٿيا جن کي تازو ئي سي- پي- آئي جي قيدين خالي ڪيو هو. گهڻا سال پوءِ دامودرن پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ اهو ٻڌايو تہ سي- پي- آئي پاران اسٽالن جي حڪمن جي انڌي پوئواري جا ڪيڏا نہ تباهہ ڪندڙ نتيجا نڪتا هئا:

'عوامي جنگ' واري مؤقف کي صحيح ثابت ڪري ڏيکارڻ وارن جو اهو خيال آهي تہ سي- پي- آئي ڌارا جي ابتڙ هلڻ جي نتيجي ۾ نهايت گهڻي حمايت حاصل ڪئي. آئون انهيءَ خيال جو حامي ناهيان.

يقيناً پارٽي برطانوي سامراج پاران قانوني حيثيت ملڻ جو فائدو پنهنجن ميمبرن جي تعداد ۾ واڌاري ۽ ٽريڊ يونين سگهہ حاصل ڪرڻ جي صورت ۾ ورتو پر اصل ڳالهہ اها هئي تہ اُها عوامي تحريڪ جي ڌارا جي بلڪل اُبتڙ هلي رهي هئي ۽ ڪيس هر طرح سان برطانوي سامراج جو هڪ ساٿي ڪري پيش ڪيو ويو. اها ڪميونسٽ هئڻ ڪري عزت لائق ٿي پيئي هئي. گهڻا نوجوان برطانوي فوج ۾ شامل ٿيا تہ جيئن اٽلي ۽ اُتر آفريڪا وچي 'سوويت يونين جو بچاءُ' ڪري سگهن. متجهانئن ڪن نهايت تيزيءَ سان ڪميونزم جو چوغو لاهي ڦٽو ڪيو ۽ ايستائين جو جنگ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ (لڪل ڪم ڪرڻ لاءِ نہ!) بہ فوج ۾ شامل رهيا. اهو صحيح آهي تہ پارٽي جي ميمبرن جو تعداد [illegible] 1942ع ۾ ساڍن چئن هزارن مان وڌي پارٽي جي پهرين ڪانگريس وقت [illegible] 194[illegible]ع ۾ ساڍن پندرهن هزارن کان وڌيڪ ٿي ويو هو. پر نون ميمبرن مان [illegible] کي وڏڦاڪ عوامي جدوجهد يا پوليس تشدد جو تجربو نہ هو. ڪين پارٽي پاران هلايل پرامن جدوجهدن جهڙوڪ 'اناج وڌيڪ اُپايو،' 'پيداوار وڌايو،' 'قومي [illegible] اڳن کي آزاد ڪريو،' 'قومي سرڪار ٺاهيو،' ۽ مادر وطن جي جپاني اڳرائي کان جيڪا ڪڏهن بہ نہ ٿي، حفاظت ڪريو جو تجربو هو. هڙتالن کي سبوتاژ ڇني اُنهن جي ننڊا ڪئي ويئي. ٻئي پاسي ڪانگريس جي واڌ ۽ آگسٽ 1942ع جي 'هندستان مان نڪري وڃو' تحريڪ کان پوءِ سندس اثر نهايت غيرمعمولي هو. لکين مرد، عورتون ۽ خاص ڪري نوجوان انهيءَ جدوجهد ڏانهن، جنهن کي سامراجيت خلاف انقلاب ڪري ورتو ويو هو مائل ٿيا ۽ اُن ۾ سرگرم ٿيا. اسان ڪانگريس جي سوشلسٽن، بوس جي پوئلڳن ۽ ٻين انقلابين کي، جن گرفتاريون ڏنيون ۽ پوليس تشدد سٺو انهن کي ففٿ ڪالمسٽ ۽ شرپسندن جا خطاب ڏنا ويا. درحقيقت سي- پي- آئي ڏهن سالن ۾ هيءُ پيرو قومي تحريڪ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مُک ڏارا مان الڳ ٿي ويئي هئي. منهنجي خيال ۾ پارٽي جي پاليسي پوري سامراج دشمن تحريڪ کي ڪانگريس ۽ هندي بورجوازي کي پليٽ ۾ رکي پيش ڪيو هو. اُن وقت جيڪڏهن سي- پي- آئي صحيح پاليسي اختيار ڪري ها ته اهو امڪان هو ته ڪانگريس جي هڪ وڏي ۽ بااثر حصي کي ڪميونزم ڏانهن آڻي سگهجي ها. پنهنجي جيل مان نڪرڻ کان پوءِ مون کي ڪاهي ڏر جي قوم پرستن جي ڪاوڙ جو تجربو ٿيو. جيڪي اسان جهڙن ڪڏجاڻين ۾ عام طور تي 'برطانوي سامراج جا حمائتي مرده باد' جا نعرا هڻندا هئا. اهڙي ريت ڏارا جي اَبتڙ وچڻ جي ڪري جڏهن ڏارا جو رخ صحيح هجي، حقيقي آزادي ۽ سوشلسٽ تبديليءَ جو امڪان ختم ٿي ويو. هندي بورجوازي اسان کي هر لحاظ سان شڪست ڏيئي ڇڏي.(24)

سياسي مؤقف جي جانچڻ جي ضروري ماپڻ مان هڪ اهو به ڏسڻو آهي ته آيا اهو حقيقت جي صحيح تجزئي تي ٻڌل آهي يا غلط تي. سي- پي- آئي پنهنجي مؤقف کي ڪنهن به ريت صحيح ثابت نه ٿي ڪري سگهي. انهيءَ سان پارٽي ڪارڪن ۽ هندستاني سياست جي حقيقت قومي تحريڪ جي بنياد ۾ هڪ رٿي پيدا ٿي پيئي، سنڌس سوويت يونين سان وفاداريءَ جو غلط بنياد تي ڪي غلط طور پيش ڪيو ويو. جنهن جو اهو مطلب هو ته اَها ايسٽائين جو عمل ۾ به انهيءَ لائق ٻيڻل تصور، ڪونهي ته اسٽالنزم جي نظريي کان پاڻ کي ڌار ڪري سگهي. سي- پي- آئي جي جنگ تي ٽيسز ڪيس مسلم ليگ جي ويجهو ڪري ڇڏيو هو، جيڪا ساڳي طرح جنگ دوران انگريز جي وفادار رهي ۽ جنهن جي سياسي اثر ۽ قوت ۾ انهيءَ دوران واڌارو ٿيو.

ليگ جي اها واڌ هئي، جنهن سي- پي- آئي کي هڪ وڏي اهم غلطي ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو. بجاءِ انهيءَ جي سي- پي- آئي پنهنجن حمايتين کي فرقيوارانا سياست جي سيني نموني جو هڪ پرمغز تنقيدي تجزيو ڏئي ها. سنڌس نظرئيدان اديڪاري جي لفظن ۾ ان "اهو ڏسڻ شروع ڪيو ته نالي ماتر فرقيوارانو مسئلو ۽ خاص طور تي هندو- مسلم مسئلو حقيقت ۾ اُڀرندڙ قوميتن جو مسئلو آهي." 'عوامي جنگ' وارن سالن (45-1942) جي دوران سي- پي- آئي، جيڪا اُنهي ساڳي سياسي ڪئمپ ۾ وڃڻ تي مجبور ٿي هئي، جنهن ۾ مسلم ليگ هئي، ڀريون ڀيرو قومي سوال جي پيچيدگين کي ڏٺو. سپٽمبر 1942ع ۾ مرڪزي ڪاميٽي جي توسيعي اجلاس ۾ 'پاڪستان ۽ قومي ٻڌي' جي نالي سان هڪ ٺهراءُ منظور ڪيو ويو. جنهن کي ستن مهينن کان پوءِ پارٽي ڪانگريس منظور ڪيو. اهو موقعي پرستانا سياست ۽ نظرياتي مونجهاري جو هڪ منصوبو هو. اُن اسٽالن جي 'قوم جي ناڪافي وصف کي پنهنجي شروعاتي نڪتي طور ڪتيو ۽ هندستان ۽ زار واري روس ۾ هڪ مڪمل غلط قسم جي ڀيٽ ڪري اهو نتيجو ڪڍيو ته مسلمان هڪ قومي توراني آهن، جن کي حق خودمختياري ملڻ کپرجي. (25)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سي- پي- آئي جا اڳواڻ وينديءَ مارڪسي روايت واري قومي وصف جو حوالو ڏيڻ ۾ بہ ناڪام ويا. انهيءَ سان اُن سياسي پنڌ جي خبر پئي ٿي، جيڪو اُنهن ايترن سالن ۾ طئي ڪيو هو. مارڪس ۽ لينن ٻنهي مطابق نہ ساڳي زبان ۽ نہ ئي ساڳي ثقافت بورجوازي قوم جي بنيادن کي ٺاهين ٿا جيڪو جديد رياست واري معنيٰ رکي ٿو. مذهب رڳو فرد جي پنهنجي سچي سماج کان ڌار هئڻ جو اظهار آهي ۽ اهو سماجي بنياد نہ ٿو فراهم ڪري. اها آسٽرو- مارڪسي روايت هئي، جنهن 'قومي ڪردار' جهڙن ماورائي تصورن کي متعارف ڪرائي قوم پرستي متعلق بحث کي غيرمادي بڻائي ڇڏيو هو. سرمائيداريءَ جي شروعاتي ترقيءَ کي مارڪس ۽ اينجلس پاران اُن جي قوميتن جي وچ ۾ فرق گهٽائڻ واري ڪردار جي ڪري ئي ترقي پسند سمجهيو ويو هو. جديد سرمائيداريءَ جي مرڪزيت پيدا ڪندڙ اهو محرڪ ئي آهي، جنهن پرولتاريا کي بجاءِ ذات يا مذهب جي بنياد تي پيداوار جي ذريعن جي بنياد تي گڏ ڪيو آهي. قوميتن جو قومن ۾ تبديل ٿيڻ جو بيو بنياد رڳو اها صورتحال آهي، جتي اُهي ڪنهن حاوي قوميت جي جبر ۽ ڏاڍ جو شڪار هجن. زار جي (اسٽالن جو بہ چئي سگهجي ٿو) روس ۾ عظيم روسي واضح طور هڪ حاوي قوميت هئا. انهيءَ ڪري لينن جو اهو اقرار هو تہ ننڍين سوويت جمهوريہ جي آئين ۾ ڌار ٿيڻ جو حق بہ لکيو وڃي.

پر روس ۽ هندستان ۾ مشابهت پيدا ڪرڻ بيڪار آهي. اهو دليل مشڪل سان ٿي ڏيئي سگهجي ٿو تہ انگريز جي نوآبادياتي سرڪار سنڌين ۽ بنگالين تي پنجابين ۽ پٺاڻن کان گهٽ يا وڌ ڏاڍ ڪيو هوندو. حقيقت ۾ انگريز راڄ جي گڏيل محڪومي هندستان کي سياسي ۽ معاشي طور تي ايترو متحد ڪري ڇڏيو هو جيترو اُهو اڳ ڪڏهن بہ نہ هو. ديسي بورجوازي بين الاقوميت جو هڪ روشن مثال هو. مٿس ڪو مخصوص مذهبي گروهہ يا ذات حاوي نہ هئي.(26) حقيقت ۾ جناح انهيءَ کي ڌار رياست واري رٿا ۾ رنڊڪ سمجهندي 1944ع ۾ ڌار مسلم چئمبر آف ڪامرس جي ٺاهڻ ڏانهن وک وڌائي (انهيءَ چئمبر ۾ شامل ٿيڻ واپارين کي پوءِ پاڪستان جي هٿ ڪيل منڊي ۾ فراخ دليءَ سان نوازيو ويو.)

اهو وقت هو جڏهن سي- پي- آئي کي مسلم فرقي پرستيءَ واري ڌارا جي اُڀرڻ ملڻ گهرجي ها. پر سنڌن بي رحم ۽ طاقتور دشمن (جپانين) کان پنهنجي مقدس مادر وطن کي بچائڻ لاءِ 'قومي ٻڌي' واري اختيار ڪيل نظريي ڪنهن بہ قسم جي مارڪسي سياست جي اطلاق کي ناممڪن بڻائي ڇڏيو هو. جيڪا سياست اثرائتي نموني ڪئي پئي وڃي رڳو اُهائي سنڌن لاءِ ممڪن سياست بڻجي وئي هئي. جنگ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ ئي سي- پي- آئي برطانوي ڪميونسٽ پارٽي جي اڳواڻ آر- پالمي دت جي زور ڀرڻ تي پنهنجي موقف ۾ تبديلي آندي. دت 1946ع ۾ چيو تہ پاڪستان جو بنياد قوميت تي نہ پر مذهب تي آهي. سي- پي- آئي فرمانبرداريءَ سان پنهنجي مؤقف ۾ تبديلي آندي ۽ پاڪستان جي، برطانوي سامراج ۽ 'مسلم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بورجوازي ۽ جاگيردار مستقل مفادن جي رٿيل سازش طور ننڊا ڪئي. بهرحال ڪيترا مسلمان ڪميونسٽ انهيءَ تبديل ٿيل موقف کي ترت قبول نہ ڪري سگهيا ۽ اهي 1947ع ۾ بہ مسلم ليگ ۾ نہ شامل رهيا، جنهن ۾ کين ترقي پسندن جي زميندارن خلاف مدد ڪرڻ خاطر شامل ٿيڻ لاءِ چيو ويو هو.

ڳالهہ ٻولهہ جي مختلف پيچيده مرحلن کان پوءِ جناح مسلم ليگ جي پاران ورهايل پنجاب، ورهايل بنگال ۽ سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جي پرڳڻن کي قبول ڪيو. (27) جناح فرقيوارانہ سياست جي منطق کي پوري ريت سمجهي نہ سگهيو هو. هن اهو سمجهيو هو تہ نئين پاڪستان ۾ هندن ۽ سکن جي هڪ وڏي تعداد هوندي. انهيءَ ڪري ئي هن انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏنو هو تہ اها هڪ جديد غيرمذهبي رياست هوندي، جتي عقيدي يا ذات جي بنياد تي ڪوبہ امتياز نہ هوندو. بنگال ۽ پنجاب جي ورهاست تي دل شڪستہ هوندي، انگريز جي واپس وڃڻ جي اعلان کان پوءِ شروع ٿيل وڏي پيماني جي لڏپلاڻ سان گڏ فرقيوارانہ تشدد کيس صفا ڀڄي ڇڏيو. آخري وائسراءِ لارڊ مائونٽ بيٽن 'رائل ايمپائر سوسائٽي' لنڊن ۾ ڪيل هڪ تقرير ۾ جناح جي انهيءَ مونجهاري کي چڱي ريت بيان ڪيو.

"هُن (جناح) انهن پرڳڻن جي ورهاست نہ ڪرڻ جي حمايت ۾ مضبوط ترين دليل پيش ڪيا. هن چيو تہ کين پنهنجون قومي خاصيتون آهن ۽ ورهاست سندن لاءِ تباهہ ڪُن ٿيندي. مون ساڻس اتفاق ڪيو پر مون چيو تہ انهي کان گهڻو وڌيڪ آئون انهن ڳالهين کي پوري هندستان جي ورهاست تي لاڳو ٿيندو محسوس ڪيان ٿو... آخرڪار هن اهو سمجهي ورتو تہ کيس يا تہ گڏيل هندستان سان گڏ، اڻ ورهايل پنجاب ۽ بنگال ملي سگهن ٿا ۽ يا ورهايل هندستان سان گڏ ورهايل پنجاب ۽ بنگال ـــــ ۽ هن نيٺ پوئين حل کي قبول ڪيو."

اهو يقيني طور تي ليگ جي (۽ ڪجهہ حد تائين ڪانگريس جي) سياسي ڪردار ۾ شامل هو تہ فيصلا 'اڳواڻ' پاران ڪيا ويندا هئا. عوام سان صلاح ڪرڻ کي ضروري نہ سمجهيو ويو هو. کين رڳو ڪيل فيصلن کان آگاهہ ڪيو ويندو هو.

اها نهايت عجب ۾ وجهندڙ ڳالهہ مني تہ انگريز جي واپس وڃڻ کان ڪجهہ مهينا پهرين جيڪي ماڻهو پاڻ کي انهيءَ خيال کان محفوظ سمجهي: تہ کين ڪوبہ نقصان نہ پهچايو ويندو، اهي انگريز آفيسر، سرڪاري نوڪر ۽ سندن خاندان هئا. هندن ۽ سکن مسلمانن کي ڪٺو ۽ مسلمانن انهن کي. انهيءَ ڪوس ۽ ڏک، جيڪو عام ماڻهو هڪ ٻئي کي ڏيئي رهيا هئا تنهن جو نهايت ئي مناسب اظهار نوجوان سک ڇوڪري امرتا پريتم پنهنجي هڪ متاثر ڪندڙ نظم ۾ پنجاب جي مشهور صوفي شاعر وارث شاهہ جي عقليت پسندي کي مخاطب ٿيندي ڪيو آهي:

'آئون اڄ وارث شاهہ کي ٿي چوان:
پنهنجي قبر مان اُٿي تون ڳالهاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ پيار جي ڪتاب جو هڪ ننڍو
۽ مختلف صفحو ڪوڙ،
جڏهن پنجاب جي هڪ ڌيءُ رُنو هو،
ته لاتعداد شعر چيا هئا،
اڄ لکين ڌيئرن جي اکين ۾ ڳوڙها آهن
جن ۾ تنهنجي لاءِ اهو نياپو آهي،
اٿي او اندر جي سورن کي ٻُڌڻ وارا!
۽ هاڻي پنهنجي پنجاب کي ڏس
جهنگل لاشن سان ڀريا پيا آهن
۽ چناب ۾ رت وهي پيو' (28)

وضاحتون

1- 26- مئي 1873ع تي پٽنا ۾ ڪيل تقرير. 'برطانوي هند جا مسلمان' ليکڪ پي- هارڊي ڪيمبرج 1972ع. هندستان ۾ مسلم فرقيواريت جي وڌڻ ويجهڻ متعلق هڪ ڪارائتو ڪتاب آهي.

2- عزيز احمد جي ڪتاب 'ڀارت ۽ پاڪستان ۾ اسلامي جديديت' صفحي 64 تان ورتل آڪسفورڊ 1967ع.

3- خالد بن سعيد جي ڪتاب 'پاڪستان جو سياسي نظام' صفحي 28 تان ورتل آڪسفورڊ 1967ع

4- ڊسو انگوس هيڊيسن جو ڪتاب: 'طبقاتي ڍانچو ۽ معاشي واڌ 'ڀارت ۽ پاڪستان مغل کان وٺي'. لنڊن 1971ع.

5- جينوٽيڪ اهڙا گهڻا ڪتاب ۽ مضمون آهن. جن برطانوي پاليسيءَ جي انهي پاسي تي بحث ڪيو آهي پر ڪوبه سامراجي حڪمت عمليءَ جي رنگن کي ائين ظاهر ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ويو آهي جيئن آنجهاني پال اسڪاٽ پنهنجي ناولن جي تاريخي سلسلي 'راڄ' چار حصن ۾ ڪيو آهي. اسڪاٽ نوآبادياتي انتظاميا ۽ ديسي زرعي اشرافيه جي وچ ۾ ميلاپ کي جنهن نازڪ حساسيت سان ڏيکاريو آهي، اُها ٻين انگريزي ناول نگارن جي لکڻين مان غائب آهي. اهو صحيح آهي ته ناول اتڪل مڪمل طور تي حڪمران طبقي جي زندگي ۽ سياست تي ٻڌل آهن پر اِها ئي اُها شيءِ آهي. جنهن ۾ تاريخي فڪشن جي طور تي اُنهن جي قوت لِڪل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

6- عرفان حبيب، 'مغل هند جو زرعي نظام' لندن 1963ع، هڪ مارڪسي تاريخدان جي اِنهي ڪم هاڻي ڪلاسيڪي درجو حاصل ڪري ورتو آهي. اِهو موضوع تي ڪيل هڪ بهترين سائنسي مطالعو آهي. حبيب علي ڳڙهه يونيورسٽي ۾ تاريخ جو ريڊر آهي، جنهن هُو تازو هندو ۽ مسلم ٻنهي پاسن جي فرقي پرستن جي حملن جو نشانو بڻيو آهي. سندس علميت لاءِ اِهو هڪ انوکو خراج تحسين آهي.

7- جي- ڪي- شروڪوف، ماسڪو، 1973ع، صفحو 25

8- هڪ انتهائي معلوماتي مضمون ۾ ڪيٿلين گاف لکيو آهي ته "هندو زميندارن جي پرتشدد دشمني، انڊين نيشنل ڪانگريس جي متزلزل (گهڻي ڀاڱي هندو) پاليسي ۽ انگريز جي ڏهڪاءَ کي ڏسندي، باني اڳوائن جي طريقي کي لازما معتدل سمجهڻ گهرجي ۽ باغين جي فرقيوارانه پلاند کي بغاوت جو هڪ ننڍڙو حصو جيڪا بنيادي طور تي هارين جي بغاوت هئي؛ هِن هندن وانگر هندستان ۾ به زرعي طبقن جو عام طور تي وڏن نسلي گروهن سان جزوي واسطو رهيو آهي، پوءِ اِهي هندو هجن توڙي مسلمان ثقافتي لحاظ کان هندن جي مختلف ذاتين سان واسطو رکندا هُجن يا ايسائين ته، جيئن ڪجهه علائقن ۾ آهي، ڪڏ رهندڙ لساني گروهه هُجن. جنهن کي اڪثر مذهبي يا فرقيوارانه جهيڙي جو نالو ڏنو وڃي ٿو. اُها شروعات ۾ طبقاتي جدوجهد هوندي آهي پر طبقاتي جدوجهد جي بدليءَ کي اڪثر ڪري، شايد هميشه، بالادست طبقن جي پاران ثقافتي اختلافن کي استعمال ڪري توڙيو ويندو آهي ۽ دٻاءُ جي تحت پيڙهيل ماڻهو وري ڪي پيڙهيندڙ هم مذهبن جي پاسي تي ويندا آهن." 'هندستان جون هاري بغاوتون' ڪيٿلين گاف، 'ايڪانامڪ ۽ پوليٽيڪل ويڪلي' بمبئي، خاص نمبر آگسٽ 1974ع.

9- سوئميندر ناٿ ٽئگور- 'مالابار ۾ هاري بغاوت' ڪلڪتو 1937ع.

10- ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جي دستاويزن مان ورتل جلد 1، جي اڌيڪاري، نئين دهلي 1971ع.

11- سرجان ڪمنگ 'سياسي هندستان' آڪسفورڊ 1932ع.

12- اشتياق حسين قريشي جي ڪتاب 'پاڪستان لاءِ جدوجهد' ڪراچي 1974ع. قريشي جي چوڻ مطابق ته 'مسلم قوم' اُن وقت وجود ۾ آئي هئي، جڏهن سرسيد مسلمانن کي اِهو چيو هو ته هُو ڪانگريس ۾ شامل نه ٿين ۽ جڏهن مسلم ليگ الڳ چوندن جي گهر پيش ڪئي هئي. اهڙي مفروضي جي پراسرار ۽ خيالي نوعيت کي هڪ پاسي ڪري رکڻ سان سڄي راند ئي ختم ٿي وڃي ٿي، نه سرسيد ۽ نه ئي شروعاتي مسلم ليگ پنهنجن 'انگريز دوستن' جي صلاح کانسواءِ ڪو سنجيده قدم کنيو هو. ڇا اسان اِهو سمجهون ته قريشي اِنهي خيال سان سهمت ٿيندو ته اِهو انگريز هو، جنهن 'مسلم قوم' کي پيدا ڪرڻ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بنيادي ڪردار ادا ڪيو هو.

13- هارڊي (حوالو نمبر1- ٽسو)

14- ساڳيو

15- يونينسٽ پارٽي جو بنياد نواب فضل حسين ۽ سڪندر حيات خان بنياد وڌو هو. انهي اساسيءَ سان فرقيواراڻي سرحدون اورانگهي هندو، مسلم ۽ سک زميندارن کي متحد ڪيو هو. جناح کي جيڪڏهن پنجاب جي مسلمانن کي پاڪستان جي خيال جو حامي بڻائڻو هو ته سڪندر حيات جي پنجاب جي وڏي وزير حيثيت ۾ انهي سلسلي ۾ گهڻي اهميت هئي. سڪندر شروع ۾ جدا ٿيڻ جي خيال جو مخالف هو ۽ هن سچي ننڍي کنڊ لاءِ وفاقي حل پيش ڪيو هو. فرقيواريت جي واڌ کيس ليگ ۾ وٺي آئي پر 1942ع ۾ سندس اوچتي موت کيس منظر تان هٽائي ڇڏيو. اهو هڪ کليل سوال آهي ته آيا هو پنجاب جو ورهاڱو قبولي ها يا نه. يونينسٽ پارٽي جي مسلم گهراڻن پاڪستاني سياست ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. شوڪت حيات خان ۽ ممتاز دولتانه (يونينسٽ اڳواڻ سر سڪندر ۽ احمد يار دولتانه جا پٽ) سياسي منظر جون تمام گهڻيون پائيدار ۽ متحرڪ شيون ثابت ٿيون آهن. انهن باقاعدي سياسي جماعتون بدلايون آهن ۽ سنڌن لاڙو گهڻين حڪومتن جي حمايت ڪرڻ ڏانهن رهيو آهي. جاگيرداري ورثي کي ڪڏهن به ڪنهن سرڪار پاران سنجيده طور تي چئلينج نه ڪيو ويو آهي.

16- ايم- مجيب جي ڪتاب 'هندستاني مسلمان' لنڊن 1967ع ۾ شاعر جي ارتقا جو سنڌس شروعاتي فلاسافي تي خاص زور ڏيندي هڪ متوازن جائزو ورتو ويو آهي. مجيب، جيڪو پاڻ هڪ پارٽي مسلمان آهي، اُن آزاديءَ سان لکي سگهي ٿو جيڪا پاڪستاني ليکڪن ۽ نقادن لاءِ منع ٿيل آهي. پاڪستان ۾ اقبال تي ڪنهن به تنقيد کي باقاعده هڪ وڏي غداري ڪري ليکيو وڃي ٿو. اهڙو رويو نه رڳو بدترين منافقت جي حوصلي افزائي ڪري ٿو پر، هڪ هٿي ڪان پوءِ اينڊڙ پاڪستاني حڪومتن جي نظرياتي عدم تحفظ کي پڻ ظاهر ڪري ٿو.

17- ڏيڻي ٽڪرا بيپن چندرا جي ڊسمبر 1974ع ۾ هندستاني تاريخ جي ڪانگريس ۾ پيش ڪيل پيپر 'جواهر لال نهرو ۽ سرمائيدار طبقو 1936ع' مان ورتا ويا آهن.

18- ساڳيو

19- انهي نڪتي کي افتخار احمد پنهنجي، ريس اينڊ ڪلاس لنڊن 1981ع ۾ ڇپيل مضمون 'پاڪستان طبقا ۽ رياست جي جوڙجڪ'، ۾ تفصيل سان بيان ڪيو آهي.

20- جي اڌيڪاري، 'نئون اُڀرندڙ هند' 1946ع، ريويو، بمبئي ۾ ڇپيل. انهي پمفليٽ ۾ اڌيڪاري هٿياربند فوجن ۾ هلندڙ جدوجهد (هوائي فوج، بحري فوج ۽ بري فوج جي ابتدائي بغاوتن سان يڪجهتي جي اظهار جي طور تي هڙتالون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن مُلڪ کي لوڏي ڇڏيو هو جر
ڪيون هئيون) سان ڳڀوڳڏ طبقاتي تفريق،
ڪارائتو جائزو ورتو آهي.
1971ع صفحو 191.
21- بي- سي- دت- 'معصومن جي بغاوت' بمبئي
جو هڪ تنقيدي جائزو جنرل
22- ڪومنٽرن جي هندي قوم پرستي جي تجزئي
انٽرنيشنل، جلد4,3. لنڊن 1977ع
'ڪومنٽرن ۽ هندي قوم پرستي'
بينجي جي
۾ ڏنل آهي.
23- 'هندستان مان نڪري وڃو' تحريڪ جي هلندي اهو ظاهر ٿيو ته سٺ هزار
جي نظربند ڪيا ويا
جڏهن ته ٻن مقدمن جي بنا جٽا هزار ارڙهن ويو، ڪيو گرفتار ڪي جڻن
ٿيا. زخمي جڻا ٽيهه سؤ سورنهن ۽ ويا ماريا چاليهه سؤ نو ۾ نڪراٽن
24- ڪي- داموڌرن، 'هندي ڪميونزم جون يادگيريون' نيوليفٽ ريويو، 93. لنڊن
1975ع. داموڌرن ڪجهه عرصي لاءِ سي- پي- آئي جي قومي ڪائونسل جو
رڪن به رهيو هو.
25- پاڪستان ۽ قومي ٻڌي- بمبئي 1940ع.
26- اي- ڪي باغچي، 'هندستان ۾ نجي سرمايو 39-1900ع' ڪئمبرج
1972ع.
27- هاربي (حوالو نمبر1 ڏسو)
28- امرتا پريتم اهو نظم پنجابي ۾ لکيو هو. مون کي اهو ويساهه آهي ته ماهر
منهنجي آزاد ترجمي کي درگذر ڪندا. پريتم هن وقت هند جي وڏين شاعرائن
مان هڪ آهي. وارث شاهه جو واسطو صوفين جي گهراڻي سان هو ۽ هو
پنجابيءَ جو هڪ عظيم شاعر آهي. سندس ڊگهو نظم هير رانجها 1766ع ۾
لکيو ويو جيڪو ٻن نوجوان پيار ڪندڙن، سندن زوري وڇوڙي ۽ نيٺ موت جي
ڪهاڻي آهي. ايم مجيب لکي ٿو ته "سندس (وارث شاه) تخليق هر رڪاوٽ
اورانگي وڃي ٿي. اها مسلم، هندو يا سک ناهي. اهو پنجاب جو هڪ مڪمل
تصوّر آهي. هڪ اهڙو تصوّر جيڪو هند جي ٻئي ڪنهن به علائقي ۾ ڪو
صوفي به تخليق نه ڪري سگهيو آهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

2- آزاديءَ کان پوءِ جون حقيقتون

پهريون ڏهاڪو 1947-58ع

نئين رياست جا تضاد

انگريز جي وڃڻ سان اُنهن علائقن ۾ جن تي پاڪستان مشتمل هو، هڪ سياسي خال پيدا ٿي پيو هو. هندستان ۾ اُڻويهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي کان هڪ سياسي جماعت (ڪانگريس) جي ٺاهڻ جي اجازت ڏني وئي هئي، جنهن 1947ع ۾، جڏهن آزادي ملي، ڀارت جي طاقتور سرمائيدار طبقي جي پٺڀرائي حاصل ڪري ورتي هئي. ڪانگريس پنهنجي نوعيت جو هڪ انوکو سياسي ذريعو هو جنهن کي سرمائيدار جي پٺڀرائي، شهري ۽ ڳوٺاڻي ننڍي بورجوازيءَ جي حمايت ۽ پورهيت طبقي ۾ محدود اثر حاصل هو. نوآبادياتي دنيا ۾ سندس برابر جي ڪا به جماعت نه هئي، اُن جي ابتڙ پاڪستان وٽ مسلم ليگ جي تنظيم هئي، جنهن جو عوامي بنياد محدود هو پر اها ڀرارين ۾، زميندارن ۽ پيرن، جي هارين تي ضابطي جي ڪري مضبوط حيثيت ۾ هئي. سياست مٿان شروع ٿيندي هئي ۽ مسئلن ڏانهن جاگيرداري پهچ جي ڇاپ نهايت ئي واضح هئي. زميندار اُنهن اختيارن کي استعمال ڪندي، جيڪي کين سندن زمين ۽ هارين تي حاصل هئا، جماعتون ٺاهي ۽ ڊاهي سگهندا هئا.

اولهه ۽ اوڀر پاڪستان ۾ شامل علائقا زرعي علائقا هئا. اولهه پنجاب، سنڌ ۽ بهاولپور مان هندن ۽ سکن جي وڃڻ ۽ سندن جاءِ تي هندستان مان مسلم پناهگيرن جي اچڻ؛ معاشي، سياسي ۽ سماجي سطحن تي ڳڙٻڙ پيدا ڪري ڇڏي هئي. نئين رياست کي اڻٽر طور تي اهڙن تضادن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو، جنهن جو اندازو جناح کي ۽ نه ئي سندس يوپيءَ مان آيل مک نائبن کي هو. منجهانئن ڪو به بنگالين، پنجابين، سنڌين، پٺاڻن ۽ بلوچن جي مسئلن کان واقف نه هو. نه جناح (گورنر جنرل جي طور تي) ۽ نه ئي لياقت علي (سندس وزيراعظم جي حيثيت ۾) ملڪ جي صوبن جي ڪا ٻولي ڳالهائيندا هئا. لياقت اردو ڳالهائيندو هو ۽ جناح جي ٻولي انگريزي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سياسي محاذ تي هن. هڪ ٻئي سان لاڳاپيل مسئلن کي حل ڪرڻو هو. پهريون ۽ وڌيڪ اهم ملڪ جي جاگرافيائي ورهاست هئي. اولهه ۽ اوڀر پاڪستان جي وچ ۾ هڪ هزار ميلن جو ڀارتي علائقو هو. آباديءَ جو سٺ سيڪڙو بنگالي هئا، جيڪي اڀرندي حصي ۾ رهندا هئا جڏهن ته سياسي اقتدار اولهه وٽ هو. 1947ع واري ورهاست جي غيرعقليت کي انهيءَ اڪيلي حقيقت، جيڪا پاڪستان جي سياست تي ٽن ڏهاڪن تائين حاوي رهي، کان وڌيڪ ڪا ٻي شيءِ ظاهر نٿي ڪري. ٻيو مسئلو سياسي هڏيءَ جو نه هئڻ هو. پنجابي زميندار ويجهي ماضي تائين ليگ جا چيتا مخالف هئا. اُهي نه رڳو ڪٽر ساڄي ڌر سان واسطو رکندڙ هئا پر بلڪل نئي ڀروسي جوڳا نه هئا. (1) بلوچن مشڪل سان نئي مسلم ليگ متعلق ٻڌو هو ۽ ڪانئن ڪنهن به ريت نئين رياست ۾ شامل ٿيڻ متعلق سندن رضامندي نه ورتي ويئي هئي. سندن حاڪمن آباديءَ جي ڪنهن به حصي کان صلاح وٺڻ کان سواءِ پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ وارن دستاويزن تي صحيح ڪري ڇڏي هئي. (2) سرحد صوبي ۾ ليگ هڪ نئين شيءِ هئي. سندس حمايت ڪندڙ پشاور شهر جي ننڍي بورجوازيءَ جا پرت هئا (نوان مالدار ٺيڪيدار جن جنگ مان پئسو ڪمايو هو، دُڪاندار، سرڪاري نوڪر ۽ واپاري،) پٺاڻ ڀهراڻيءَ ۾ خان عبدالغفار خان جي خدائي خدمتگار جنهن کي هڪ ويڙهاڪ، سامراج دشمن رڪارڊ هو، تنهن هارين ۾ پنهنجي حمايت برقرار رکي هئي. سنڌ ۾ ليگ ترقي ڪئي پر اها زميندارن ۽ سندن مخالف ۾ ورهائجي ويئي هئي.

جناح بورجوا جمهوري رياست جي نهڻ جي حمايت ڪئي پر ٻه قومي نظريي جي حمايتين جي نظرياتي تضادن هاڻي نئين رياست جي عملي تشڪيل ۾ پنهنجو پاڻ کي محسوس ڪرائڻ شروع ڪيو هو. پاڪستان جي ڍانچي ۾ جيڪي ٽڪراءُ لڪل هئا، اُنهن جي ڪري پارٽي نموني جي رياست امڪان کان ٻاهر ٿي ويئي هئي. اولهه پاڪستان ۾ ليگ جي ڪمزوريءَ جو مطلب اهو هو ته جناح جنهن 'سياسي جماعت' تي ڀروسو ڪري سگهيو پئي، اُها پاڪستان جي سول سروس هئي، جيڪا انڊين سول سروس مان ڦٽي نڪتي هئي. جنهن کي برطانوي سلطنت جي انتظاميه تخليق ڪيو هو. جناح واضح طور تي پاڪستان کي هڪ آئيني سوشل جمهوريه جي طور تي ڏٺو ٿي. سندس 11- آگسٽ 1947ع تي ڪراچي ۾ آئين ساز اسيمبلي کي ڪيل پهرين خطاب، ڪيس واضح طور تي اُنهن سمجهاڻين کان ڌار ڪري بيهاريو آهي، جيڪي نئين رياست جي مذهبي ڪردار تي زور ڏين پيون:

"توهان آزاد آهيو. توهان پنهنجن مندرن ۾ وڃڻ لاءِ آزاد آهيو: توهان پاڪستان جي انهيءَ رياست ۾ مسجدن يا ٻي ڪنهن به عبادت گاهه ۾ وڃڻ لاءِ آزاد آهيو. توهان جو واسطو ڪنهن به مذهب، ذات يا عقيدي سان ٿي سگهي ٿو، جنهن جو رياست جي معاملن سان ڪوبه واسطو ناهي. اسان انهيءَ بنيادي اُصول سان شروعات ڪري رهيا آهيون ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان سڀ شهري آهيون ۽ هڪ رياست جا برابر جا شهري آهيون. هاڻي منهنجو خيال آهي ته انهيءَ کي اسان سڀني کي هڪ آدرش جي طور تي پنهنجي اڳيان رکڻ گهرجي، توهان ڏسندؤ ته وقت گذرڻ سان هندو هندو نه رهندو ۽ مسلمان مسلمان نه رهندو، اهو مذهبي معنيٰ ۾ ڪونهي، ڇاڪاڻ ته اهو هر فرد جو ذاتي عقيدو آهي پر اهو سياسي معنيٰ ۾ رياست جي شهرين جي حيثيت ۾ آهي."

انهيءَ تقرير تي مذهبي عالمن، مختلف مذهبي فرقن ۽ ساڄي ڌر جي سياسي جماعتن پاران تنقيد (گهڻو ڪري انهن جي محفلن ۾، ڇاڪاڻ ته جناح پاڪستان ۾ کُليءَ عام تنقيد کان مٿانهون آهي) ڪئي وئي ته اها 'اسلامي رياست' جي نهڻ جي مقصدن جي خلاف آهي. اها تنقيد بنا منطق جي نه هئي. جيڪڏهن پاڪستان 'مسلم قوم' جي جدوجهد جو اوج هو ته پوءِ اُن جي لاءِ سيڪيولرزم واضح طور تي هڪ غير مناسب نظريو آهي. هڪ 'مسلم قوم' جو هڪ 'مسلم آئين' ٿي هئڻ گهرجي. تقرير متعلق هڪ واڌو ڳالهه به ڪري سگهجي ٿي. جيڪڏهين اُن ۾ ظاهر ڪيل خواهشن کي پاڪستان ۾ عمل ۾ آڻي سگهجي ٿو ته پوءِ يقيني طور تي ساڳي ريت اُهي گڏيل هندستان ۾ پڻ عمل ۾ اچي سگهيون ٿي. حقيقت ۾ جيڪڏهن ننڍي کنڊ کي مذهبي بنيادن تي ورهايو نه وڃي ها ته مسلمان عملي طور تي هڪ مضبوط قوت هجن ها.(3) جناح جي آئين پرستي ساراهه جوڳي آهي، پر انهيءَ سان اُها مبهم رکو هڪ منجهيل ڪردار جي صورت ۾ سامهون آئي، جيڪا نئين رياست جي قائم ٿيڻ کان پهرين هلائي ويئي هئي. ورهاڱي کان ترت پوءِ جناح سنجيدگيءَ سان انهيءَ امڪان تي غور ڪري رهيو هو ته مسلم ليگ کي هڪ غيرمذهبي جماعت قرار ڏنو وڃي ۽ سندس نالو بدلائي 'پاڪستان نيشنل ليگ' رکيو وڃي. بهرحال سندس ارادي کي وقت کان اڳ کابي ڌر جي اخبار 'پاڪستان ٽائمز' ظاهر ڪري ڇڏيو ۽ نتيجي ۾ رجعت پسند قوتن جي هاءِ گهوڙا جي ڪري کيس مجبور ٿي انهيءَ رٿا کي پوتيءَ ۾ رکڻو پيو. 1948ع ۾ جناح جي موت ۽ 1951ع ۾ لياقت علي خان جي قتل جي ڪري ڪامورا شاهي کي پورو ضابطو حاصل ٿي ويو. ڪامورا شاهي جي ملڪ جي سياسي زندگيءَ سان ڪيل هٿ چراند کي ٻين هنڌن تي قلمبند ڪيو ويو آهي.(4) اسان رکو اُنهن رڪاوٽن ڏانهن اشارو ڪري سگهون ٿا، جيڪي سنڌن (ڪاموراشاهي) واٽ ۾ هيون.

سياسي پيچيدگين جو پهرين ذڪر ٿي چڪو آهي، معاشي صورتحال ڪهڙي سٺي نه هئي، نئين رياست جي زرعي ڪردار جي جهلڪ انهيءَ حقيقت مان پسي سگهجي ٿي ته زراعت ڪُل پيداوار جو سٺ سيڪڙو ۽ ڪُل روزگار جو سٺر سيڪڙو مهيا ڪري پئي. جڏهن ته صنعت جو ڪل پيداوار ۾ حصو ڇهه سيڪڙو ۽ ڪل روزگار ۾ ڏهه سيڪڙو هو. باقي حصو خدمتن واري شعبي جو هو. وڏي پئماني جي پيداوار موجود نه هئي؛ صنعتي يونٽن جو ايڪيتاليهه سيڪڙو زرعي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪچي مال جي پروسيسنگ ڪندو هو ۽ موسمي طور ڪم ڪندو هو. پاڪستان ڪي حصي ۾ 1414 ڪارخانا مليل هئا. انهن مان رڳو ٽي سؤ چوڏهن اوڀر پاڪستان ۾ هئا. اهو ٿورو ڪجهه جيڪي موجود هو، هندستاني صنعت جي اڳواڻن (ٽاٽا، برلا ۽ ڏالميا) ۽ انگريز سرمائي جي ضابطي ۾ هو.(5) برطانيا جي واپار ۽ قرض تي ضابطي ڪيس اها حيثيت ڏني ته هو پاڪستان جي ترقي جي نموني جو تعين ڪري سگهي. ملڪ کي ڪچي مال جي پيداوار ڪندڙ ملڪ جي طور تي ڏٺو ٿي ويو. جيڪو معاشي ۽ سياسي لاڳاپن جي هڪ پوري تاڃي پيٽي وسيلي برطانيا سان ڳنڍيل هو. پوئين تعلق جو وسيلو ڳڏيل ناٿو (Common Welth) هو.

ٻهراڙين ۾ صورتحال نهايت ئي خراب هئي. پوري پاڪستان ۾ ڇهه هزار زميندارن وٽ پنجٽيهه لک هاري خاندانن کان به وڌيڪ زمين هئي. منجهانئن گهڻا پنهنجن علائقن ۾ سياسي ۽ مذهبي اڳواڻ به هئا. سنڌن پاڪستان جي ٺهڻ وقت ۽ ان کان پوءِ ليگ سان وفاداريءَ جي ڪري ملڪ جي وڏي سياسي جماعت جڻ جاني جم ڪان ئي معذور ٿي پيئي هئي. زميندار مسلم ليگ جي قومي ڪائونسل (پارٽي جي اعليٰ اختياري) جو وڏي ۾ وڏو گروه هئا. جناح جي وفات کان پوءِ زميندارن (ڪامورا شاهي سان گڏجي) ملڪ جي سماجي ڍانچي ۾ بنيادي سڌارن کي روڪيو. ايستائين جو ابتدائي تبديلين تي عملدرآمد ڪرڻ جي سڀني ڪوششن کي 'غيراسلامي' ڪوٺيو ويو. سنڌي اڳواڻ جي- ايم سيد اُن وقت گهڻن جي نمائندگي ڪئي، جڏهن هن ليگ جي اڳواڻن لاءِ پنهنجي بيزاريءَ جو اظهار ڪيو:

"اهو نه وساريو ته اسلامي سماج ۾ مذهبي اڳواڻ هڪ جڻ ملان هوندو آهي ۽ روحاني اڳواڻي به پيرن وٽ هوندي آهي. ساڳي طرح سياسي رهنما اقتدار جي نشي ۾ چور هڪ جاگيردار هوندو آهي... 'اسلام خطري ۾ آهي' جو نعرو رڳو سنڌن ڪڌن ڪرتوتن ۽ رجعت پسند ڪمن، بدڪرداري ۽ ظلم تي پردي وجهڻ لاءِ آهي. سرمائيداراڻي شرپسندي ۽ تجارتي سياست جي انهيءَ دور ۾ ايتري حد تائين به اسلام جي مذاق اُڏائي سگهجي ٿي." (6)

سماج جي ڪمزوريءَ جو مطلب اهو هو ته رياست نهايت طاقتور آهي. رياست وٽ نوڪر شاهي ۽ فوج جا ٻئي هٿيار سڌي طرح انگريزن جا تربيت ڪيل هئا هڪ متحد حڪمران طبقي، مستحڪم سياسي جماعت ۽ مستقل آئين جي لاءِ هڪ ڪوشش ڪئي ويئي، پر اهي سڀ ڪوششون ناڪام ويون ۽ ايندڙ ڏهاڪن ۾ 'سڃاڻپ جو بحران' وڌيڪ شديد ٿي ويو، جنهن نئين رياست جي نظرئيدانن کي منجهائي ڇڏيو.

پاڪستاني رياست جون مخصوص خاصيتون اُنهن خاص سياسي تضادن جي اُپتر هيون جيڪي شروع کان ئي مٿس حاوي هئا ۽ جن وقت سان گڏوگڏ ڌماڪو خيز روپ اختيار ڪري ورتو. انهن مان وڌيڪ اهم، پاڪستان جي حاڪمن لاءِ اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ناممڪن هو ته هو بورجوازي جمهوري رياست جي عالمي اُصولن، جهڙوڪ بالغ رائي دهي، باقاعدي عام چونڊون، سياسي آزاديون ۽ قومي منڊي جي قيام وغيره کي لاڳو ڪري سگهن. فوج ۽ نوڪر شاهي جو بنياد اولهه پاڪستان (گهڻي ڀاڱي پنجاب) ۾ هو. نئين ملڪ جي سياسي گادي جو هنڌ ڪراچي هو ۽ معاشي گاديءَ جو هنڌ اصل اقتدار جي مرڪز جي چوڌاري وجود ۾ اچي رهيو هو. اُنهن ٿورن سرمائيدارن جن بمبئي ڇڏي نئين رياست جي مدد سان پنهنجي قسمت آزمائڻ جو فيصلو ڪيو هو، اوڀر پاڪستان جي بدران اولهه پاڪستان ۾ رهڻ کي ترجيح ڏني. علائقائي اڻ برابريون بنا ڪنهن شڪ جي اڳتي وڌيل سرمائيدار ملڪن ۾ به موجود آهن. هر وڏي سرمائيداراڻي رياست ۾ پٺتي پيل علائقن جا مثال آهن. پر پاڪستان باقاعدي طور تي اهڙين اڻ برابرين کي سياسي ۽ نسلي بنيادن تي اڳتي وڌايو. جمهوريت جو سوال شروع کان ئي انهيءَ ڪري تماڪي خيز هو ته بنا روڪ ڙاءِ جي حق جو مطلب بنگالي، اوڀر جي آباديءَ جي گهڻائي ۽ اولهه پاڪستان ۾ موجود رياستي ڍانچي ۽ حڪمران طبقي جي گهڻائي جي وچ ۾ ڇڪتاڻ هو.

ٽڪراءُ پهريون ڀيرو ٻوليءَ جي سوال تي سامهون آيو. جناح اهو فيصلو ڪيو ۽ ليگ جي اعليٰ اڳواڻن انهيءَ جي منظوري ڏني ته اردو ملڪ جي قومي ٻولي هوندي. بنگالين جو اهو چوڻ هو ته رياست جون ٻه ٻوليون اردو ۽ بنگالي هئڻ گهرجن. اها تجويز تعميري هئي، ڇاڪاڻ ته ڇاونجاهه سيڪڙو آبادي بنگالي ڳالهائيندي هئي، ستٽيهه سيڪڙو پنجابي ۽ باقي پشتو سنڌي، بلوچي ۽ اردو ڳالهائيندي هئي. پنهنجي اوڀر پاڪستان جي يونين ۽ آخري دوري ۾ جناح کي گهڻي ڀاڱي شاگردن جي ايڪشن ڪميٽي کي منهن ڏيڻو پيو. فيبروري 1948ع کان ٻوليءَ جو مسئلو (جيڪو پنهنجي ليکي قومي ڏقيڙ جو اولڙو هو) بنگالي سياست تي حاوي هو. 11 مارچ تي پوري صوبي ۾ شاگردن جون هڙتالون ۽ مظاهرا ٿيا. آئين ساز اسيمبليءَ جي بنگالي ميمبرن کي پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ جي اجازت نه ڏني ويئي. وزيراعظم لياقت علي خان احتجاج جي جواب ۾ چيو:

"پاڪستان هڪ مسلم رياست آهي ۽ اُن کي لازماً پنهنجي ٻولي يعني مسلم قوم جي ٻولي هئڻ گهرجي... قوم جي لاءِ اهو ضروري آهي ته اُن کي هڪ ٻولي هئڻ گهرجي ۽ اها رڳو اردو ئي ٿي سگهي ٿي ۽ نه ڪا ٻي ٻولي."

بنگال، ثقافت دشمني جي انهيءَ اظهار خلاف اُٿي کڙو ٿيو، جنهن جو جواب رياستي تشدد سان ڏنو ويو. جڏهن جناح ڍاڪا پهتو ته سندس آجيان ڏکويل ماڻهن پاران ڪئي ويئي. جڏهن هن ٻوليءَ واري مسئلي تي ڳالهه ڪرڻ کان انڪار ڪيو (اهو ضرور لکڻ گهرجي ته هن اهو گهڻي ڀاڱي انڌي ۽ مغرور پنجابي نوڪر شاهيءَ جي صلاح تي ڪيو) ته شاگردن اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سندس تصويرون ڦاڙي ڇڏيون. ڍاڪا يونيورسٽي جي ڪنووڪيشن تقرير ۾ جناح (انگريزيءَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪالهانيندي) اڙدو لاءِ پنهنجي حمايت کي ورجايو. انهيءَ جي جواب ۾ ڪرنهن ني
شاگردن ڪوڙ ڪيو ۽ ڪنووڪيشن مان کهتا هليا ويا. هو پنهنجي تقرير ختم ڪ
ڪري سگهيو. شاگرد اڳواڻن جي انڪشن ڪميٽي سان پوءِ ڪيل ڳالهه ٻولهه ۾
ساڳي طرح بنا ڪنهن نتيجي جي ختم ٿي ويئي! (7) جناح جي هٺ ڌرميءَ جي
شاگردن تي، جيڪي ڪابه رعايت ڏيڻ لاءِ تيار نه هئا، ڪوبه اثر نه پيو. جدوجهد
مختلف روپن ۾ وڌ ور ڪري 1971ع تائين هلندي آئي.

مسلم ليگ جي هڪ سياسي جماعت جي طور تي ڪمزوري ترت ئي ڪيس
ورهاڱي ۾ نون سياسي گروهن جي ٺهڻ جو سبب بڻي. هڪ پيرو وڏي اولهه- اوڀر
جي اختلاف نون گروپن جي ڪردار جو تعين ڪيو. ليگ کي وڏ ۾ وڏ موت مار ڌڪ
اوڀر پاڪستان ۾ لڳو. بنگالي اڳواڻ ايچ- ايس سهروردي شروع ۾ هڪ وسيع
هندستاني وفاق ۾ گڏيل بنگال جي حق ۾ هو. 1947ع جي ورهاڱي جو مخالف هئڻ
ڪري هن 1949ع ۾ ڪلڪتو (اولهه بنگال جو گادي جو هنڌ) ڇڏي پاڪستان
اچڻ جو فيصلو ڪيو. هو پراڻي هاري اڳواڻ مولانا ڀاشاني سان گڏجي ويو ۽ پنهنجي
مسلم ليگ جي مخالفت ۾ 'عوامي ليگ' ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو. ٻنهي جماعت ٻولي
واري مسئلي تي مخالف وچولي طبقي جو هڪ ذريعو بڻجي ويئي ۽ ترت ئي سنڌس
سڄاڻپ اوڀر پاڪستان ۾ بالغ رائي دهي جي بنياد تي صوباڻي چونڊن جي کُهر جي
حوالي سان ٿيڻ لڳي.

وڌي پئماني تي مخالفن جون گرفتاريون، شهري آزادين جون ڀڃڪڙيون ۽
خراب ٿيندڙ معاشي صورتحال گڏوگڏ شروع ٿيون. ڪوريا جي جنگ جي دوران
پاڪستان جي رپئي جي قيمت گهٽائڻ کان انڪار، هڪ عارضي معاشي اُڀار کي
ضرور جنم ڏنو پر جنگ جي ختم ٿيندي ئي زرعي ڪچي مال جي قيمتن ۾ تيزيءَ
سان گهٽتائي ٿي. اُڀرندو صوبو دنيا جو گهٽي ۾ گهٽي سٽي پيدا ڪندڙ علائقو هو.
جنهن ملڪ کي وڏي مقدار ۾ پرڏيهي ناڻو ڪمائي ڏنو. مرڪزي حڪومت 'واڌو'
سٽي کي ٻاهر ڪري ڇڏيو ۽ ٻج پوکڻ جي عمل کي محدود ڪري ڇڏيو. انهيءَ سان
گڏ 1952-53ع ۾ وڏي پئماني تي خوراڪ جي کوٽ ۽ ڏڪار پيدا ٿيو. جنهن کي
نهايت سفاڪي سان اولهه پاڪستان جي واپارين ۽ سٽي بازن نوڪر شاهي سان
گڏجي پنهنجي فائدي لاءِ استعمال ڪيو. مسلم ليگ خوراڪ جي چوربازاري يا
معاشي بحران کي منهن ڏيڻ ۾ بلڪل ئي نااهل ثابت ٿي.

پاليسيون مرڪزي سرڪار طئي ڪندي هئي، جنهن جو اوڀر پاڪستان ۾ اُتان
جي شهرين ڏانهن رويو عام طور تي انگريز نوآبادياتي سرڪار جهڙو هو. اوڀر
پاڪستان جو معاشي استحصال لڳ ڀڳ ورهاڱي کان ترت ئي پوءِ شروع ٿي ويو
هو. (ڏسو ٽيبل 1 ۽ 2).

معاشي ماهرن جي لڳايل ڪاٿي موجب 1970ع تائين ساليانو ٽيهه ڪروڙ رپيا
اوڀر پاڪستان مان ٻاهر آندا ويا. اوڀر پاڪستان جي وسيلن کي اولهه پاڪستان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي علائقن جي ترقي لاءِ استعمال ڪيو ويو. 51 -1948ع جي عرصي ۾ ترقياتي ڪمن لاءِ ٽيرهن ڪروڙ رپيا منظور ڪيا ويا، انهيءَ مان رکو 22 سيڪڙو اوڀر پاڪستان کي مليا. ٽن سالن کان پوءِ اها وٺي اڃان وڌي ويئي. اوڀر پاڪستان ۾ جيڪي صنعتي ڪارخانا قائم ڪيا ويا، انهن مان گهڻي ڀاڱي غيربنگالي واپارين جي ضابطي ۾ هئا ۽ انهن ۾ اولهه پاڪستان جو سرمايو لڳل هو. اها هڪ ٺپ نوآبادياتي صورتحال هئي: ڪچي مال کي اوڀر مان پرڏيهي ناڻي جي شڪل ۾ آندو ويو، جنهن کي ڪراچي ۽ پنجاب جي ترقيءَ لاءِ استعمال ڪيو ويو. اولهه ۾ پيدا ٿيندڙ شيون اوڀر ۾ موڪليون وينديون هيون. 1948ع ۽ 1953ع جي عرصي ۾ اولهه پاڪستان مان اوڀر ۾ موڪليل شيون، اوڀر جي اولهه پاڪستان ڏانهن موڪليل شين کان نوي ڪروڙ نوي لک روپيا وڌيڪ هيون. بنگالين پنهنجو پاڻ کي نئين رياست جو قيدي ۽ ملڪ تي پنهنجي قبضي کي هڪ قبضي ڪيل منڊي جي روپ ۾ ڏٺو ٿي.

بنگالين کي پنهنجي قوت جي احساس ٿيڻ ۽ پاڪستان جي سياست ۾ هڪ اڳواٽي واري حيثيت حاصل ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ نئين حاڪم طبقي نسلي امتياز کي ادارتي شڪل ڏني (ڏسو ٽيبل 3)

بنگالين جي سرڪاري نوڪرين ۽ فوج ۾ اچيان نه ٿي ڪئي ويئي. اهي انگريز جي راڄ جا ڄاڻيل پنجابي سرڪاري نوڪر هئا، جن ملڪ جي سياسي جوڙجڪ جو تعين ٿي ڪيو. مسلم ليگ رياستي نوڪر شاهي جي پيدا ڪيل هئي. 1954ع جي صوبائي چونڊن کان پوءِ سندس ويڳاڙپ بلڪل ئي چٽي طرح ظاهر ٿي پيئي. چونڊن کان پهرين ٻولي جي نڪتي مسئلي تي شروع ٿيل عوامي جدوجهد اڃان تازي هئي. 21- فيبروري 1952ع تي شاگردن جي هڪ وڏي مظاهري کي پوليس پاران پنهنجن روايتن موجب منتشر ڪيو ويو. هجوم تي گولي هلائي ڇويهن ڄڻن کي ماريو ۽ چار سؤ ٻين کي زخمي ڪيو ويو. ماڻهن جي مارجڻ جو ردعمل ٻن سطحن تي ظاهر ٿيو: مخالف جماعتن 1952ع ۾ ايڪويهن نڪتن جي بنياد تي هڪ 'گڏيل محاذ' ناهيو ۽ پوتني هٿيل نوڪر شاهي 14- فيبروري 1954ع تي صوبي ۾ چونڊن ڪرائڻ تي راضپو ڏيکاريو.

ايڪويهه نڪتا راءِ ڏهي کان محروم وچولي طبقي جو پهريون چارٽر هو. مرڪزي گهرون، مرڪزي سطح تي صوبن لاءِ برابري ۽ اوڀر بنگال لاءِ صوبائي خودمختياري هيون. گهرن جو مجموعي مقصد اُنهيءَ عمل کي اڳتي وڌائڻو هو، جنهن سان اوڀر ۾ سرمائيداراڻي ترقي سان گڏوگڏ زرعي سڌارن، سڻيءَ جي واپار کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ ۽ فوج ۾ بنگالين خلاف امتياز کي ختم ڪرڻ جي واٽ صاف ٿئي. پوئين مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ اهو تجويز ڪيو ويو ته بحري فوج جو هيڊڪوارٽر اوڀر پاڪستان ۾ منتقل ڪيو وڃي. دليلن سان نه پڄي سگهڻ ڪري مسلم ليگ ملن کي همٿايو ته اهي ٻهراڙين ۾ وڃن ۽ گڏيل محاذ جي هندن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪميونسٽن جي ايجنٽ طور تي پروپيگنڊا ڪن.

جيئن چونڊن جي تاريخ ويجهي آئي، تيئن نوڪرشاهي ۾ ڦڙڦوٽ پوڻ لڳي. اُن ڪابي ڌر کي مات ڪرائڻ لاءِ پندرهن ڏينهن لاءِ چونڊون ملتوي ڪري ڇڏيون، اُنيتاليهن ڪلاڪن جي وقت ۾ ٻارهن سؤ ڪميونسٽن ۽ ٽريڊ يونين ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو. تيسين جڏهن ووٽ وجهڻ جي اجازت ڏني ويئي (8- مارچ ۽ 12- مارچ 1954ع) ته بنگالين اهو ٽيڪاري ڇڏيو ته مسلم ليگ صوبي جي سياسي شعور جي هڪ ڌارا کان ڪيتري نه ويڳاڻي آهي. ٽن سؤ سيٽن مان ليگ رڳو ڏهه ڪٽي سگهي. نه ليگ جو وزيراعليٰ ۽ نه ئي ڪابينا جو ڪو ميمبر پنهنجي سيٽ قائم رکڻ ۾ ڪامياب ٿيو.(8) ڪميونسٽ پارٽي ڏهن سيٽن تي مقابلو ڪيو ۽ ڇهن تي ڪاميابي حاصل ڪئي. اها دلچسپ ڳالهه هئي ته اهي چونڊيل ميمبر بجاءِ مسلمان ڪامريڊن جي، هندن مان هئا جنهن سان 1947ع جي ورهاست جي ٽڪونيندڙ ڪردار جو اظهار ٿئي ٿو.

ڪڏيل محاذ جي چونڊن واري سوڀ نوڪر شاهي ۽ سندس پسند جي سياستدانن جي ٽولي کي مليل ڀريل شڪست هئي. تنگ ڪرڻ جي هڪ غليظ سلسلي کان پوءِ مرڪزي سرڪار رڳو چونڊن کان ٻه مهينا پوءِ نئين چونڊيل اسيمبلي کي ٽوڙي، آئين جي فقري 92 الف هيٺ گورنر راڄ لاڳو ڪري ڇڏيو. گورنر سابق ميجر جنرل اسڪندر مرزا هڪ شاطر، رجعت پسند ۽ ابن الوقت ماڻهو هو. هن فوجي ريڪارڊ رکڻ وارو هڪ ڪامورو هو. فوج ۾ اهڙن ڪاتن جي ماڻهن سرحد صوبي جي باغي قبائلي ماڻهن کي ڇيپائڻ ۾ انگريزن جي مدد ڪئي هئي. مرزا جو فوجي آفيسر وارو رتبو اُنهيءَ ڪم لاءِ آدرشي هو. جيڪو ڪيس سونپيو ويو هو. ڪڏيل محاذ جي اڳواڻ ۽ سندن هزارين حمايتين کي گرفتار ڪيو ويو. ڪميونسٽ پارٽي تي بندش وڌي ويئي ۽ مالڪن کي هدايتون جاري ڪيون ويون ته ڪميونسٽ ڪارڪنن کي نوڪرين مان ڪڍي، حڪومت طرفان سزا لاءِ تيار رهو. کابي ڌر کي غير متحرڪ ڪرڻ لاءِ تشدد جو استعمال ڪيو ويو. جڏهن ته ڪڏيل محاذ جي ساڄي ڌر کي مختلف ترغيبون ڏنيون ويون. هڪ سال جي سوديبازي کان پوءِ صوبائي اسيمبلي کي بحال ڪيو ويو ۽ گورنر راڄ ختم ٿيو. سياسي قيدين کي آزاد ڪيو ويو. ساڄي ڌر جي هڪ بنگالي اڳواڻ آئين ساز اسيمبلي ۾ هن ريت ماتم ڪيو:

"سائين سون درحقيقت ڪالهه ڳالهه شروع ڪئي هئي ۽ چيو هو ته هتي مسلم ليگ جي، اوير بنگال، سندس ثقافت، زبان، ادب ۽ هر انهيءَ شيءِ ڏانهن رويو نفرت ڀريو آهي، جيڪا اوير بنگال سان لاڳاپيل آهي... حقيقت ۾ سائين اُنون اوهان کي اهو ٻڌايان ته مسلم ليگ جا اڳواڻ بجاءِ اوير بنگال کي هڪ برابر جي ساٿي سمجهڻ جي، اهو سمجهن ٿا ته اسان هڪ غلام نسل آهيون ۽ سندن واسطو فاتحن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي نسل سان آهي." (9)

'فاتحن جي نسل کي بهرحال، اولهہ پاڪستان لاءِ بہ ڪتني هئي. جيئن ڪين وقفي وقفي سان ٿيندڙ چونڊن چونڊن ۾ لاڳيتي شڪست ملي رهي هئي تيئن منن اهو واضح ٿي ويو هو تہ جيڪڏهن آزاد چونڊن جي اجازت ڏني ويئي تہ ٿي صوبا مسلم ليگ جي هٿن مان نڪري ويندا. ڪامورا شاهي ٻنہ پهن ٿي ويئي هئي. هنن لاءِ بنگال ۽ اولهہ پاڪستان جي غيرپنجابي صوبن جو ڳنڍجڻ، جيڪي ڪنهن بہ قومي يا وفاقي قانون سازاسيمبلي ۾ هڪ وڏي ڳهڻائي هجن ها، وڙ وڙ ڪري اينڊڙ ٻيڇاريندڙ خواب وانگر هو. 'ون يونٽ' واري رٿا کي اهڙي ڪنهن ڳالهہ کي ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ رٿيو ويو. انهيءَ سان ملڪ جي الهندي حصي ۾ صوبا ختم ڪرڻ ۽ اهڙي جماعت ٺاهڻ هو جيڪا سيني علائقن جي زرعي اشرافيہ کي متحد ڪري. اهو تصور ڪيو ويو تہ متحد اولهہ پاڪستان اوڀر بنگال جي ڪُهڻ جو بهتر طور تي مقابلو ڪري سگهندو. بهرحال اها رٿا مسئلن جي هڪ لاڳيتي سلسلي جو شڪار ٿي ويئي. شروع ۾ ئي انهيءَ مسلم ليگ کي ٽوڙي ڇڏيو. ليگ جي پارلياماني جماعت ون يونٽ جي مخالفت ڪئي ۽ جڏهن معاملو آئين ساز اسيمبلي ۾ بحث هيٺ آيو تہ نتيجو ڪاموراشاهي لاءِ شڪست هئي: اسيمبلي اهڙي رٿا منظور ڪئي جيڪا ون يونٽ جي بلڪل ئي ابتڙ هئي. اُن اولهہ پاڪستان جي چهن صوبن ۾ نئين سر تنظيم ڪرڻ جي حمايت ڪئي.

ڪاموراشاهي ۽ غيرپنجابي مسلم ليگي سياستدانن جا اختلاف عالي سطح تي اتحادن ڏانهن مختلف روپن جي شڪل ۾ پڻ ظاهر ٿيا. گورنر جنرل غلام محمد جيڪو هڪ غليظ زبان رکندڙ ڪامورو هو، رياست متحده آمريڪا ۾ ڊلس ڀائرن سان نهايت ئي ويجهو هو. مُلڪ جو وزيراعظم محمد علي بوگره پاڻ آمريڪي پرڏيهي وزير جان فاسٽر ڊلس جي ٻاچي هيٺان هو.

غلام محمد پاران بوگره کي فوج جي ڪمانڊر انچيف جنرل ايوب خان سان گڏ، ڊگهي مدي واري فوجي ۽ معاشي ٺاهہ لاءِ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ۽ ملڪ کي هلائڻ خاطر اختيار حاصل ڪرڻ لاءِ آمريڪا اُماڻيو ويو. (10) ڪراچي موٽڻ تي هو سڌو گورنر جنرل جي رهائشگاه تي ويا، جتي آئين ساز اسيمبلي کي ٽوڙڻ ۽ هنگامي حالتن (ملڪ تي لاڳو ٿيندڙ ڪهڻ مان ڀرپور) جي اعلان جو فيصلو ڪيو ويو. ايوب کي پنهنجين يادگيرين ۾ اڳتي هلي انهيءَ منظر کي بيان ڪرڻو هو: "گورنر جنرل مٺي پنهنجي بيڊروم ۾ ليٽيو پيو هو... هو ڪاوڙ ۾ رڙي رهيو هو، گارين جو هڪ سلسلو هو، جيڪو ڪُنهن ئي نہ ٿي... آئون ڪمري مان ٻاهر نڪرڻ وارو ئي هوس تہ اُتي گورنر جنرل جي سارسنڀال لاءِ موجود نرس منهنجي ڪوٽ کي پڪڙيو. هن (گورنر جنرل) پنهنجي اک جي عجيب چمڪ سان مون کي ڏاڍي آرام سان پاڻ ڏانهن سڏ ڪيو... هن پوءِ پنهنجي وهاڻي مان بہ دستاويز ڪڍيا..."(11). ايوب جي مطابق انهن دستاويزن ڪيس فوج جي مدد سان اقتدار تي قابض ٿيڻ ۽ نئون آئين ڏيڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو اختيار ڏنو ٿي، هن انڪار ڪيو شايد انهيءَ ڪري ته انهيءَ رٿا کي آمريڪا جي پٺڀرائي حاصل نه هئي.

آئين ساز اسيمبلي جي ٽٽڻ کان پوءِ ملڪ تي سول ڪامورا شاهي جي حڪمراني قائم ٿي ويئي. انهيءَ حقيقت جي نشاندهي هن ريت ٿيندي ته گورنر جنرل جيڪو درحقيقت چريو هو، نوڪر شاهي کي تنگ نه ڪندو هو. نئين ڪابينا جوڙي ويئي، جنهن ۾ فوج جي اڳواڻ کي بچاءَ واري وزير جي طور تي رکيو ويو ۽ اوڀر بنگال سان تعلق رکندڙ عوامي ليگ جي اڳواڻ ايڇ- ايس- سهروردي کي حڪومت ۾ شامل ڪيو ويو. اهو سهروردي هو، جيڪو اوڀر ۾ ته صوبائي خودمختياريءَ جو ڪٽر حامي هو پر اولهه ۾ هو صوبائي حقن کي ختم ڪرڻ واري جي روپ ۾ سامهون آيو. ون يونٽ جي رٿا کي مرڪزي سرڪار پاران رٿيو ويو ۽ صوبائي اسيمبلين کي حڪم ڏنو ويو ته اُهي اُن جي حمايت ۾ ووٽ ڪن. سنڌ ۾، ايستائين جو سهروردي به اهو مڃيو ته، ميمبرن کي ووٽ لاءِ مجبور ڪرڻ خاطر دٻاءُ ۽ تشدد جو استعمال ڪيو ويو. پوءِ صوبائي اسيمبلين نئين آئين ساز اسيمبلي جي چونڊ ڪئي، جنهن ۾ ون يونٽ جي قانون کي پاس ڪيو. 14 آڪٽوبر 1955ع تي اولهه پاڪستان جو 'نئون صوبو' وجود ۾ آيو. ڪوتاهه نظر نوڪرشاهي، جيڪا اوڀر ۽ اولهه ۾ توازن ڏسڻ لاءِ بيچين هئي، اولهه پاڪستاني سياست ۾ قومي سوال داخل ڪري ڇڏيو.

آگسٽ 1955ع ۾ غلام محمد جي استعفيٰ کان پوءِ مرزا سڪندر اقتدار سنڀاليو. هڪ ٻئي ڪاموري، چوڌري محمد علي کي وزيراعظم مقرر ڪيو ويو. اهي ٻئي نوان اڳواڻ اسيمبلي کان نئون آئين منظور ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. 23- مارچ 1956ع تي پاڪستان هڪ اسلامي جمهوريت بڻجي ويو. مرزا صدر بڻيو. نئين آئين جو مک ڪم بنگالين خلاف سياسي امتياز رکي، ڪين آباديءَ جي گهڻائي جي بنياد تي حاصل مٿڀرائپ کان محروم ڪري، اداري جي (Institutional) شڪل ڏيڻ هو. صدر کي وسيع اختيار ڏنا ويا هئا ۽ مرڪزي سرڪار ايتري طاقتور هئي، جو صوبائي خودمختياري هڪ مذاق بڻجي رهجي ويئي هئي.

قومي سطح تي اڪيلو اختلافي آواز ملڪ جي وڏي روزاني اخبار 'پاڪستان ٽائمز' هئي، (اها پاڪستان جي کاٻي ڌر جي مشهور سياسي اڳواڻ ميان افتخارالدين جي ملڪيت هئي):

> "اهو حقيقت ۾ عجيب نٿو لڳي ته آزاديءَ جي نون سالن کان پوءِ به اهو سمجهاڻ ضروري ٿي پيو آهي ته آزادي هڪ سُٺي شيءِ آهي ۽ جمهوريت نه خطرناڪ آهي ۽ نه ئي اڻ ڪُهريل. انهيءَ ڳالهه کي، بهرحال، آزاديءَ کان پوءِ اسان جي سياسي زندگيءَ جي رخ، يا وڌيڪ صحيح اهو ته غلط رخ جي حوالي سان سولائي سان سمجهي سگهجي ٿو. هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاسي اسان جو اصل حڪمران طبقو ٽيري ٽيري پنهنجو پاڻ کي عوامي تعلق سان لڳندڙ 'سياسي گندگي' جي خطري کان پري ڪري رهيو آهي... ۽ نتيجي ۾ انگل مڪمل نموني سان رياست جي ڏيهي ۽ پرڏيهي پاليسين کي قومي جذبن ۽ ماڻهن جي خواهشن کان ڇني ڌار ڪيو ويو آهي... اهي پاليسيون دفترن ۾ ڪامورڪي لکپڙهه ڪندڙن، پرڏيهي ماهرن ۽ سرڪار جي وڏن ۽ ننڍن نوڪرن جي ذهن جي پيداوار آهن ۽ عوامي خواهشن مطابق نُهيل نہ آهن. هنن پاسي گهڻي ۾ گهڻي اولهہ پاڪستان ۾ دانشورن ۽ سياسي طور باشعور ماڻهن جو هڪ وڏو حصو بهتر ڏينهن جي اچڻ کان پهرين انتظار جي هڪ ڊگهي عرصي کي اٿتر سمجهي ماٺ ٿي ويو آهي. ماڻهن کي هنن پاسن کان رڻ ۾ روليو ويو آهي." (12)

هڪ ڪاموري جي، ٻين شين سان گڏ، ماڻهن جي پنهنجي آئيندي يا ٻي ڪنهن شيء لاءِ پاڻ فيصلي ڪرڻ جي اهليت کان نفرت بہ هڪ خاصيت آهي. بهترين مثالن ۾ بہ نتيجو عام بلائي هوندو آهي پر سخت قسم جي سرپرستيءَ ۾. بدترين طور تي اها ڪنهن بہ قسم جي حقيقي مخالفت کي دبائڻ ۽ اُن جي موقف کي توڙي مروڙي پيش ڪندي آهي. مرزا جو تعلق پوئين قسم جي ڪامورن سان هو. هو انهيءَ ڳالهہ ۾ پختو يقين رکندو هو تہ وڏن بنگالي اڳواڻن سان مٿان ني مٿان معاملا طئي ڪرڻ سان پاڪستان جي رياست جا آئيني تضاد حل ٿي ويندا. انهيءَ ڪري سيپٽمبر 1956ع ۾ ايچ– ايس سهرورديءَ کي وزارت عظميٰ جي رشوت ڏني ويئي. هن انهيءَ کي قبول ڪيو ۽ مرزا نڪز ۾ ڪهڙي پارلياماني حمايت جو بندوبست ڪيو. سهروردي لائق سياستدان هو. هو هڪ ماهر وڪيل، هوشياريءَ سان معاملن کي طئي ڪندڙ، ڳالهہ ٻولهہ ۾ تيز ۽ نهايت ئي لائق ڏي وٺ ڪندڙ هو. هو بلاشڪ ملڪ ۾ پاڻ جهڙن ڪهڙن سياستدانن کان قد بُت ۾ وڏيڪ هو. سندس وڏي خواهش، بهرحال، بلڪل ئي غيرحقيقي هئي. هن ننڍن رياست جي حقيقت کي نظرانداز ڪندي عوامي ليگ کي چونڊن کٽڻ واري هڪ قومي جماعت ۾ تبديل ڪرڻ چاهيو ٿي. ڪاموراشاهي لاءِ متحرڪ قوت جاگرافي نہ پر طبقو هئي.

مرزا جنرني مسلم ليگين جي ون يونٽ جي مخالفت کان تنگ ٿي پيو هو. ڪيس هڪ مڪمل طور تي فرمانبردار مهري جي ضرورت هئي. انهيءَ ڪري هاڻي هن مسلم ليگ کي توڙي 'ريپبليڪن پارٽي' کي وجود ۾ آندو. زميندارن هڪ ڀيرو وري پنهنجيون وفاداريون تبديل ڪري ڇڏيون هيون. ننڍن جماعت کي اولهہ پاڪستان جي اسيمبليءَ ۾ هڪ ووٽ جي برتري حاصل هئي. سهروردي عوامي ليگ- ريپبليڪن اتحاد جو اڳواڻ هو. اهڙي ڳانڍاپي قومي سوال واري حقيقي حل جي ڪنهن بہ امڪان کي خارج ڪري ڇڏيو هو. ننڍن سرڪار جي نئين سان سياسي صورتحال ۾ ايستائين جو عارضي طور بہ استحڪام نہ آيو. مٿان واري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سياست ماڻهن کي ڪا بہ شيءِ ڏيڻ ۾ ناڪام ٿي رهي هئي. اسيمبلي ميمبرن ۾ مخالف جماعتن مٿان خريدڻ هڪ قومي اسڪينڊل بڻجي ويو هو. سهروردي کي رڳو هڪ سال لاءِ ئي عهدي تي رهڻو هو.

پرڏيهي پاليسي:

جناح، مختلف اخباري بيانن ۾ اهو اشارو ڏنو هو تہ پاڪستاني رياست جي پرڏيهي پاليسي جانبدار هوندي. اها بہ هڪ اهڙي اميد ثابت ٿي، جيڪا پوري نہ ٿي سگهي. جنگ کان پوءِ واري دنيا آمريڪا کي اولھ جي هڪ حاوي قوت جي روپ ۾ ظاهر ٿيندي ڏٺو. برطانوي سامراج جي زوال دنيا جي پهرئين وڏي صنعتي قوت جي خراب حالت کي ظاهر ڪيو ٿي، جنگ جي آندل تبديلين جي نتيجي ۾ يورپ بلاڪن ۾ ورهائجي ويو هو: الهندي حصي ۾ اها مارشل هئي، جنهن خراب نموني تباھ ٿيل سرمائيدارائي نظام ۾ جڻ ٻيهر ساھ وجهي ڇڏيو. اوڀر ۾ سوويت يونين هو، جيڪو سياسي تبديلين تي اثرانداز ٿيو ۽ مٿان کان سماجي اُٿارن کي آندو (سواءِ يوگوسلاويا ۽ البانيا جي) چين، هند- چيني ۽ ڪوريا ۾ اُٿل پٿل پالنا جي روح لاءِ خطرو هئا. انهن عملن جنهن ڳالھ کي ظاهر ڪيو ٿي اها هي هئي تہ عوامي تحريڪون سماجي انقلابن جي ڏس ۾ وڌي رهيون هيون.

(ڪميونسٽ پارٽين جي اڳواڻيءَ ۾) ۽ اُنهن کي نہ آمريڪا روڪي سگهيو پئي ۽ نہ ئي ڪريملن ۾ اسٽالني ڪاموراشاهي کين پنهنجن مقصدن لاءِ استعمال ڪري سگهي پئي. اها ايشيا جي انقلابي لهر هئي (يونان ۾ هلندڙ جدوجهد پڻ هئي) جنهن سوويت يونين ۽ اولھ جي رياستن جي جنگ جي وقت اتحاد کي سرد جنگ ۾ بدلائي ڇڏيو. 1949ع ۾ چيني انقلاب جي ڪاميابي، ڪوريا ۾ جنگ ۽ هند- چيني ۾ وڏي ڇڪتاڻ کي پيدا ڪيو. 1954ع ۾ ڊين بين فو ۾ فرانس جي شڪست الجزائر جي 'ماڪيز' کي فرانس خلاف پنهنجي مزاحمت تيز ڪرڻ لاءِ اُتساھ ڏنو.

انهن عالمي حالتن ۾ پاڪستان جو پهريون وزيراعظم لياقت علي خان ماسڪو جي دوري جي دعوت رد ڪري اُن جي بدران واشنگٽن وڃڻ لاءِ هوائي جهاز ۾ سوار ٿيو. سندس پوئينرن رڳو انهيءَ اتحاد کي وڌيڪ مضبوط ڪيو. ٻن ڪامورن غلام محمد ۽ اسڪندر مرزا، جن پنجاھ جي ڏهاڪي ۾ سربراھ مملڪت جي حيثيت ۾ مؤثر طور تي ملڪ تي حڪمراني ڪئي، تن کي ملڪ ۾ پنهنجي حيثيت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ آمريڪا سان اتحاد جي ضرورت هئي.

آمريڪي امداد اڳيئي 1951ع ۾ شروع ٿي چڪي هئي. 1953ع ۾ هڪ منرادو پيدا ڪيل ڪڻڪ جي بحران وڏي پيماني تي ذخيري اندوزي ۽ قيمتن ۾ واڌ کي جنم ڏنو. آمريڪا امداد جي نئين آڇ جو اعلان ڪيو (جيڪا سال کان پوءِ پهچڻي هئي) ۽ ڪاموراشاهي هڪ نئين وزيراعظم کي ٿاڦيو آمريڪا ۾ هڪ اڳوڻو سفير جان فاسٽر ڊلس پاڪستان جي ايشيا ۾ 'آزاديءَ جي بچاءَ ڪندڙ' جي طور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي سماراهه ڪئي. آمريڪي سرڪار جي دستاويز جنهن ۾ امداد جا رهنما اصول ڄاڻايا ويا هئا، بنان شرط شروط واري امداد جي خيال کي نهايت ئي سختيءَ سان رد ڪيو ٿي!

"ٽيڪنيڪي امداد سرڪار جي ڪنهن ٻئي ڪم ڪار وانگر ڪا اهڙي شيءِ ڪانهي جنهن جي ڏيڻ جو رڳو اهو ئي مقصد هجي يا ٻين جي ڀلي خاطر ڏني وڃي. آمريڪي سرڪار نه ڪو خيراتي ادارو آهي ۽ نه ئي اها آمريڪي عوام جي ڀلائي جي ڪمن ڪرڻ واري جذبي کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڪو مناسب ذريعو آهي. اهو جذبو پنهنجو مناسب اظهار گهڻن نجي انساني ڀلائي جي تنظيمن ۽ مذهبي ادارن، جن پرڏيهه ۾ نهايت سٺو ڪم ڪيو آهي، جي وسيلي ڪري ٿو. ٽيڪنيڪي امداد آمريڪي سرڪار وٽ پنهنجي پرڏيهي پاليسيءَ کي عمل ۾ آڻڻ ۽ پرڏيهه ۾ پنهنجن قومي مفادن جي وڌاءَ لاءِ موجود ذريعن مان رڳو هڪ ذريعو آهي. پرڏيهي پاليسي جي انهن وسيلن ۾ معاشي امداد، فوجي امداد، بچاءَ جا ٺاهه، ٻين ملڪن ۾ اطلاعاتي پروگرام، گڏيل قومن ۽ ٻين بين الاقوامي تنظيمن ۾ شرڪت، فردن جي ڏي وٺ، عالمي محصول ۽ تجارت متعلق پاليسيون، واڌو زرعي پيداوار جي نيڪال متعلق پاليسيون ۽ سفارتي نمائندگيءَ جا روايتي عمل وغيره شامل آهن. (13)

اهڙي عالمي صورتحال ۾ جيڪا يورپ ۾ سرد جنگ ۽ ايشيا ۽ اُتر آفريڪا ۾ اُڀرندڙ نوآبادياتي (مخالف) انقلاب سان عبارت هجي، آمريڪي پاليسي سازن اڻ وابستگيءَ جي سڄي ڳالهه ٻولهه کي اڻ لڪل دشمني جي نگاهه سان ڏٺو ٿي. ڀارت جي وزيراعظم نهرو، جيڪو غيرجانبدار تحريڪ جي مک باڻين مان هڪ هو، ٽئين دنيا ۾ سامراجي مهم جوئين جي مخالفت کي همٿايو. ڀارت يا افغانستان جي اولهندي اتحاد ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار پاڪستان کي ڪجهه سياسي جاگرافيائي اهميت ڏيئي ڇڏي. فوج ۽ ڪامورا شاهي ملڪ کي هڪ آمريڪي اڏي ٺاهڻ تي راضي ٿي ويون. 1953ع جي سرءُ ۾ پاڪستاني فوج جي اڳواڻ جنرل ايوب پاڪستان لاءِ فوجي امداد تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ آمريڪا جي پيش ڪيل شرطن کي مڃيو. اپريل 1954ع ۾ ڪراچيءَ ۾ پاڪستان ترڪي اتحاد تي صحيحون ٿيون: ان جو مقصد سوويت سرحدن تي آمريڪي اثر جي دائري کي وڌائڻ ۽ ڀارت کي اڪيلو ڪرڻ هو. هڪ مهينو پوءِ پاڪستان ۽ آمريڪا ڪراچيءَ ۾ گڏيل (ائين ئي چيل آهي) امداد ۽ تحفظ جي ٺاهه تي صحيحون ڪيون. انهيءَ سان پاڪستاني فوج سان لاڳاپن جي معاملي ۾ برطانيا جي موجودگي بلڪل ئي ختم ٿي ويئي ۽ سندن جاءِ آمريڪين ورتي.

سيپٽمبر 1954ع ۾ ڏکڻ اوڀر ايشيا جي بچاءَ جي تنظيم (سيٽو) قائم ڪئي ويئي. انهيءَ جا ايشيائي ميمبر نه رڳو تابعدار هئا پر درحقيقت تنظيم اندر، جنهن ۾ آمريڪا، برطانيا، فرانس، آسٽريليا، نيوزيلينڊ، پاڪستان، ٿائيلينڊ ۽ فلپائين شامل هئا، اُهي ٿوراني ٻرڻ هئا. سيٽو جو مک مقصد (جيڪو اڄ ڪجهه عجيب ٿو لڳي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'چيني اڳرائي کي روڪڻ' هو. ايشيا ۾ سماجي انقلاب جي هر ڪاميابيءَ کي چيني مداخلت جو نتيجو ڪري ڏنو ٿي ويو. ٺيڪ هڪ سال پوءِ آمريڪا هڪ نئين بندوبست سامهون آندو. برطانيا، ايران، عراق، ترڪي ۽ پاڪستان بغداد ٺاهه تي صحيحون ڪيون، جنهن جو مک مقصد وچ ۽ ويجهي اوڀر ۾ ڪنهن به نئين ناصري انقلابي قومي اڀار کي، جيڪو علائقي ۾ سامراجي سرمائيڪاري لاءِ هاڃيڪار هجي، روڪڻ هو. صحيحن ٿيڻ جي رڳو ڪجهه مهينن کان پوءِ هڪ انقلابي فوجي بغاوت عراق ۾ بادشاهت کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي ملڪ کي ٺاهه کان ڌار ڪري ڇڏيو. انهيءَ ڳالهه لنڊن ۾ پرڏيهي آفيس کي ڪجهه پريشان ڪري ڇڏيو جنهن ترت ئي انهيءَ ٺاهه جو نالو ڦيرائي 'سينٽو' ڪري ڇڏيو. انهن سيني ٺاهن ۾ پاڪستان کي علائقي ۾ ڪنهن به نئين سماجي اٿل پٿل خلاف ڪارروائين لاءِ هڪ اڏي طور استعمال ڪرڻ لاءِ شامل ڪيو ويو هو. سينيٽر آمريڪي پاليسي سازن انهيءَ ڳالهه کي واضح ڪري ڇڏيو هو ته اهي ٺاهه هند- پاڪ جنگ جي صورت ۾ قابل عمل نه هوندا.

آمريڪي معاشي ۽ فوجي امداد جو سڀ کان اهم اثر بيروني نه پر اندروني آهي. انهيءَ نموني جي امداد سماجي ۽ سياسي قوتن جي ٿيهي لاڳاپن کي رجعت پسند ۽ قدامت پسند جماعتن ۽ ادارن جي حق ۾ ڪري ڇڏيو. آمريڪا کي انهيءَ سلسلي ۾ ڪهڙو خيال هو. هو اهو مڃي ٿو ته 'سياسي نڪتي نظر کان آمريڪي فوجي امداد پاڪستان جي فوج کي مضبوط ڪيو آهي، جيڪا ملڪ ۾ وڏي ۾ وڏي اڪيلي استحڪام پيدا ڪندڙ قوت آهي، ۽ پاڪستان کي همنوا آهي ته هو گڏيل بچاءَ جي ٺاهن ۾ حصو وٺي.(14) ساڳئي وقت پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي، اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ جي ضرورتن جو هڪ تابعدار اولڙو بڻجي وئي. پاڪستان ڏکڻ ڪوريا ۽ ڏکڻ ويٽنام وارين آمريڪا جي پٺو حڪومتن کي تسليم ڪيو ۽ انگريز آمريڪي اتحاد جي پوري ريت حمايت ڪئي.

آمريڪا نواز پاليسيءَ جي مخالفت ملڪ اندر تيزيءَ سان اڀرڻ شروع ٿي. اهي پرڏيهي پاليسيءَ جا معاملا هئا جن ملڪ جي ٻنهي حصن ۾ نئين جماعتن جي ٺهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. معاملو چوٽ تي اُن وقت پهتو، جڏهن پاڪستان آڪٽوبر 1956ع ۾ مصر تي برطانوي، فرانسيسي ۽ اسرائيلي گڏيل حملي کي جائز قرار ڏنو. اولهه جون طاقتون پنهنجو پاڻ کي جنگ کان پوءِ واري دنيا جي بدلجندڙ حقيقتن سان هم آهنگ ڪرڻ جي لائق نه ٿي سگهيون هيون.

مصر ۾ برطانيا نواز بادشاهه فاروق جي تخت اونڌي ٿيڻ ۽ ناصر جو اقتدار سنڀالڻ، وچ اوڀر جي سياست ۾ هڪ فيصلي ڪن مرحلو هو. عرب قوم پرستي پنهنجي اوج تي هئي. 26- جولاءِ 1956ع تي ناصر، اولهه جي اسوان بند جي تعمير لاءِ فنڊ مهيا ڪرڻ کان انڪار جي رد عمل ۾ نهر سوئز کي قومي ملڪيت ۾ وٺي ڇڏيو. هن چيو ته "سامراجي پنهنجي ڪاوڙ ۾ پاڻ ئي گهٽجي ويندا." ناصر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي برطانيا اڃا مهانڌو انڪانڻ کي اڳوڻين نوآبادين پاران هڪ همت ڀري موٽ ملي. پارٽ قومي ملڪيت واري قدم جي آجيان ڪئي ۽ نهرو ملڪ ۾ ۽ ملڪ کان ٻاهر ناصر جي حمايت ڪئي. جڏهن اڳرائي ٿي ته اهو پارٽ هو، جيڪو عرب قوم پرستي جي هڪ مضبوط حمايتي طور تي سامهون آيو. پاڪستان اولهه جي حمايت ڪئي. اُن وقت ايچ- ايس سهروردي وزيراعظم هو. ڪيس پوري ملڪ ۾ احتجاجن کي منهن ڏيڻو پيو ۽ رنج ۽ ڪاوڙ جي لهر پوري پاڪستان ۾ پکڙجي وئي. سهروردي پوءِ پنهنجي موقف ۾ تبديل آندي پر اهو آمريڪا پاران انهيءَ اڳرائي جي مخالفت ۽ برطانيا ۽ فرانس کي پوئتي هٽڻ لاءِ دٻاءُ وجهڻ کان پوءِ ئي ٿي سگهيو.

سهروردي جي اولهه نواز پاليسي سنڌس جماعت ۾ ٽوڙ وجهي ڇڏيو. مولانا ڀاشاني نهايت تيز ۽ پڪي زبان ۾ پنهنجي اڳوڻي ساٿي تي ڇوهون ڪيون. 1957ع جي شروع ۾ ڀاشاني اولهه پاڪستان جو دورو ڪيو، جتي هن کاٻي ڌُر جي اڳواڻن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ اهو فيصلو ڪيو ته ترقي پسند تنظيمن جي هڪ ڪل پاڪستان ڪانفرنس سڏائي وڃي. اها ڪانفرنس 25 ۽ 26 جولاءِ 1957ع تي ڍاڪا ۾ ٿي، جنهن جو نتيجو 'نيشنل عوامي پارٽي' جي ٺهڻ جي صورت ۾ نڪتو. پارٽي جي سماجي بيهڪ هر صوبي ۾ مختلف هئي پر مجموعي طور تي اها پوري ملڪ جي ڪميونسٽ ۽ غيرڪميونسٽ کاٻي ڌُر جو هڪ گڏيل محاذ هئي. اُن جا بيان ڪيل مقصد گڏيل طور تي انقلابي قوم پرستيءَ ۽ سماجي جمهوريت هئا. اها بنيادي زرعي سڌارن وسيلي جاگيرداريءَ کي ختم ڪرڻ، اولهه نواز اتحادن کان ڌار ٿيڻ، صنعتڪاري جي رفتار کي تيز ڪرڻ، ٻيهر عام چونڊون ڪرائڻ، اولهه پاڪستان ۾ ون يونٽ جي خاتمي ۽ ڏکڻ اوڀر بنگال کي علائقائي خودمختياري جي ضمانت ڏيڻ لاءِ پابند هئي. اهو لازم هو ته اهڙي تنظيم ڪنهن به طرح وجود ۾ اچي ها پر ڪراچيءَ (ڏهوڪي ڪاڌي جو هنڌ) جي پرڏيهي پاليسي جي مخالفت بنا شڪ جي انهيءَ عمل کي تيز ڪري ڇڏيو.(15)

پاڪستان جي کاٻي ڌُر

ورهاڱي جي نتيجي ۾ کاٻي ڌر جو معمول جو ڪم سخت نموني متاثر ٿيو. ان جي اثرن کي خاص طور تي اولهه پاڪستان ۾ محسوس ڪيو ويو، جتي ڪميونسٽ تحريڪ ڪڏهن به ايتري عوامي حمايت حاصل نه ڪري سگهي هئي، جيڪا کيس بنگال، بمبئي ۽ ڏکڻ هند جي علائقن ۾ حاصل هئي. پاڪستاني رياست ۾ پنجاب کي وڏو ۽ طاقتور صوبو ٿيڻو هو. پنهنجي اوج جي وقت گڏيل پنجاب ۾ سي- پي- آئي جي ميمبرن جو تعداد ٽي هزار کن هو، جيئن ته انهن جي مان گهڻا هندن ۽ سکن مان هئا، انهيءَ ڪري سنڌن پنجاب جي اولهندي حصي مان پارت هلڻ وڃڻ جي ڪري پارٽي جي قوت اجهان به گهٽجي وئي. انهيءَ عرصي ۾ سرحد، سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ميمبرن جو تعداد نهايت گهٽ هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنجاب ۾ ڪميونسٽ تحريڪ جي ڪمزور هئڻ جي سببن کي مختصر طور ۾ طرح بيان ڪري سگهجي ٿو(16): وڏي پيماني تي صنعتي ڪارخانن جي نہ هئڻ جو مطلب اهو هو تہ اولهہ پاڪستان ۾ شامل علائقا حاوي طور تي زرعي هئا يا قبائلي. وڌيڪ اهو تہ پنجاب کي سڄي سنڌي کنڊ لاءِ اناج پيدا ڪندڙ علائقي طور ترقي ڏني ويئي هئي ۽ نوآبادياتي اختيارين ڪڻڪ ۽ ڪپهہ جي نقد فصلن لاءِ زمين جي مقدار کي وڌائڻ خاطر آبپاشيءَ جي نظام ۾ سيڙپ ڪئي هئي. انهيءَ جو تعين رڳو معاشي ضرورتن جي ڪري نہ پئي ٿيو، پر انهيءَ جا سياسي مقصد پڻ هئا. پنجاب کي هند جي 'تلوار وارو هٿ' ڪري ليکيو ويندو هو. نوآبادياتي فوج جو وڏو حصو پنجاب جي ڀهراڙين مان ڀرتي ڪيو ويو هو. زمين جي دستيابي اڳوڻن فوجين ۽ سندن خاندانن کي رشوت ڏيڻ لاءِ ضروري هئي تہ جيئن ڪئين قوم پرستي جي 'بيماريءَ' خلاف 'علاج' طور استعمال ڪري سگهجي. مادي لالچن کي ڪافي نہ سمجهي برطانوي انتظاميا ٿيهن جي ڏهاڪي ۾ پنهنجي گهٽي توانائي ۽ وقت لڳائي ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي مقابلي ۾ يونينسٽ پارٽي ٺاهي. جيئن اسان پهرين ٻڌايو آهي تہ اها زرعي اشرافيہ هئي، جنهن جو واسطو مختلف فرقن سان هو. ڪٽيل جماعت هئي، سندن ڀهراڙين تي مضبوط گرفت هئي. اها گرفت رڳو زميندارن جي روائتي طريقن جي استعمال سان قائم نہ هئي، پر شهر وارن خلاف احتجاج ۽ قومي تحريڪ کي نفرت هاڻ وياج خورن، جيڪي هندستان جي هارين لاءِ لعنت هئا، تن سان هڪ ڪري پڻ پيش ڪيو ويندو هو.

يونينسٽن جي اڳواڻي مڪمل نہ هئي. ڪانگريس جو هڪ مسلم انقلابي ميان افتخارالدين 1937ع جي چونڊن ۾، جڏهن ڪانگريس جا ڪل ويهہ اُميدوار ڪامياب ٿيا هئا، هڪ ممتاز يونينسٽ اڳواڻ کي هارائي ڪامياب ٿيو. اها ڳالهہ ڪنهن شڪ جي هڪ واڌ هئي، جڏهن تہ يونينسٽن کي اڃان بہ هڪ سئو پنجهتر مان هڪ سئو ٻہ سيٽون حاصل ٿيون هيون. ڪاهي ڏر پاران هڪ محدود هاري جدوجهد کي منظم ڪيو ويو ۽ لائلپور، منٽگمري (ساهيوال)، ملتان، خانيوال ۽ جالنڌر جهڙن علائقن ۾ هارين جون هڙتالون ۽ هارين زميندارن ۾ ٽڪر ٿيا. پنجاب جي وڏي وزير ۽ يونينسٽ اڳواڻ سر سڪندر حيات انهيءَ جدوجهد کي ختم ڪرڻ لاءِ رعايتن ۽ ڏاڍ کي کُليل طور تي استعمال ڪيو. هن چيو تہ يونينسٽ پارٽي زرعي ۽ مزدور طبقن جي قرضن جي بار کي هلڪي ڪرڻ لاءِ ڏيري ڏيري پنهنجي پاليسيءَ تي عمل ڪندي، وياج خورن کي تہ دٻايو ويو پر هارين جي ڍل ۽ آبياڻي گهٽ ڪرڻ وارين گهرن کي نظرانداز ڪيو ويو.

پنجاب جي شاگرد تحريڪ ۾ کُليل فرقن ۽ کاٻي ڌر جي قوم پرستن جو هڪ مضبوط حصو موجود هو پر مائي اُيرنڊز فرقيوارانہ اختلافن جي ڪري مسلم شاگرد مسلم ليگ ڏانهن وڃي رهيو هو. انهيءَ محاذ تي بہ ڪميونسٽ ڪارڪن جي کهٽائي هئڻ ۽ سگهہ مان هئي. طنز و مزاح جي شاعر اڪبر الہ آبادي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(1846-1921ع) اهڙن مسلمانن تي سخت جلهه ڪئي آهي جيڪي انگريز جي احسان جي خواهش رکن پيا ۽ جن قوم پرستن جي هر موٽ کي پنهنجي سوڀ سمجهي ان تي خوشيون ملهايون آهن. اڪبر انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو ته اصل فاتح ٻاندر نه پر مداري هوندو آهي. هن عليحدگي پسند خيالن جو هن ريت مذاق اُڏايو:

’مڇي ڏاڍو ٽڙڪائي ڇڏيو آهي
۽ ڏور کي خوشيءَ سان ڇڪي ٿي. شڪاري ان کي ٻچن ٿو ڏئي.
ڪيس خبر آهي ته شڪار سندو آهي.‘

انهيءَ مان اها مراد ناهي ته مسلم شاگرد جيڪي مسلم ليگ جا پوئلڳ ٿي ويا هئا سي سامراج جا شعوري طرح ايجنٽ هئا. سندن عمل هڪ ٽوڙيل مروڙيل ۽ بگڙيل قوم پرستيءَ کي ظاهر ڪيو ٿي ۽ اُهي انگريز نواز يونينسٽ سرڪار جا سخت مخالف هئا. پر اُهي آخري نتيجي ۾ پنهنجي ئي غيرعقليت جا شڪار ٿي ويا هئا.

جيئن اسان اڳئين باب ۾ نشاندهي ڪئي آهي ته جنگ وارن سالن ۾ سي- پي- آئي پنهنجو پاڻ کي مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جي وچ ۾ هڪ ايماندار ٺاهڪڙ جي صورت ڏيئي ڇڏي هئي. ليگ سڪندر حيات جي اڳواڻيءَ ۾ مسلم اشرافيه جي شامل ٿيڻ کان پهرين 1937ع ۾ پنجاب ۾ موجود نه هئي. حيات چيو ته ”صوبائي معاملن ۾ هو يونينسٽ، پر ڪل هند معاملن ۾ مسلم ليگي آهي.“ سي- پي- آئي جي نظريدان سجاد ظهير انهيءَ کي سامراج نواز زميندارن ۽ وطن پرست مسلمانن جي وچ ۾ ٽڪر جي طور تي بيان ڪيو. مسلم ليگ کي سامراج مخالف وطن پرست جماعت طور ڏيکاريو ويو. انهيءَ خيال جي منطق کي سجاد ظهير هن نموني بيان ڪري ٿو:

”هر محب وطن جو اهو فرض آهي ته هو آخرڪار پنجاب جي مسلمانن ۾ ٿيندڙ جمهوري واڌ جي مدد ۽ اُن جي آجيان ڪري. هندستان ۾ سامراجي نوڪرشاهي جي آخري مضبوط ڳڙهه تي ليگ هلان ڪئي آهي. اسان سڀني کي انهيءَ کي قبضي ڪرڻ لاءِ پنجاب جي ماڻهن جي مدد ڪرڻ گهرجي.“ (17)

ڪميونسٽن ۽ مسلمانن مان ساڻن همدردي رکندڙن جو هڪ پورو گروپ هاڻي پنهنجن پراڻن ويرين سان هٿ ۾ هٿ ڏيئي رهيو هو. اُهي مسلم ليگ ۾ ان جي ’ترقي پسند حصي‘ جي مدد لاءِ وڃي شامل ٿيا. اُنهن مان گهڻن، جن ورهاڱي کان پوءِ پارٽي ڇڏي، سياسي سازشن ۽ موقعي پرستي جي عادتن ۾، جيڪي انهن مسلم ليگ ۾ رهندي پرايون هيون، ڪڏهن به جان آجي ڪرائي نه سگهيا. ورهاڱي جي وقت گهڻا ڪميونسٽ اڃان تائين ليگ سان گڏ هئا. ميان افتخارالدين کي ورهاڱي کان پوءِ واري پنجاب سرڪار ۾ پناهگيرن ۽ نئين سر آبادڪاريءَ جو وزير مقرر ڪيو ويو. جڏهن ليگ پناهگيرن جي آبادڪاريءَ لاءِ سندس انقلابي گهرن کي مڃڻ کان انڪار ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ته هن پنهنجي وزارت تان استعفيٰ ڏني ۽ آزاد پاڪستان پارٽي قائم ڪئي، جنهن عملي طور تي ڪاهي ڌر کي هڪ محفوظ ۽ آئيني پناهه گاهه مهيا ڪئي. ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان (سي-پي-پي) 1948ع ۾ سي-پي- آءِ جي فيصلي تحت قائم ڪئي ويئي، جنهن نئين تنظيم کي هلائڻ لاءِ ڪجهه مسلم ڪميونسٽن کي هيڏانهن موڪليو. اهڙي ريت سي-پي-پي سياسي جماعتن کي مٿان کان قائم ڪرڻ واري، پاڪستان جي سياسي جماعتن جي عام لاڙي کان هٽيل يا مختلف ر هئي. سي-پي-پي جو پهريون سيڪريٽري جنرل سجاد ظهير هو جيڪو يو-پي جو رهاڪو هو ۽ زميندار گهراڻي سان سندس واسطو هو. انهيءَ سان گڏوگڏ ڪير اردو ادب ۾ هڪ وڏي نقاد جي حيثيت پڻ حاصل هئي. هو علم جماليات ۾ ماسٽر هو. پر سندس تنظيمي صلاحيتون سندس ادبي مهارت جي برابر نه هيون. سماجي تبديليءَ لاءِ پابند جماعت جي تنظيم بنا پارٽي جي تنظيم کان ڪجهه وڌيڪ ٿئي هوندي آهي. اوله پاڪستان جي حالتن ۾ هڪ عوامي ڪميونسٽ پارٽي جي تعمير وڏي جاکوڙ کان سواءِ ممڪن نه هئي. اوله پاڪستان ۾ سي-پي-پي جي ميمبرن جي تعداد هن سون کان گهٽ هو. مخلص ڪارڪن (اُهي موجود هئا) وسيلي هڪ جماعت کي وڌائي ۽ ٽريڊ يونين جو هڪ اثرائتو تاڃي پيٽو جوڙي سگهجي پيو. سي-پي-پي خوش قسمت هئي جو وٽس مرزا ابراهيم جهڙو متحرڪ مزدور طبقي جو اڳواڻ ۽ فيروزالدين دادا منصور جهڙو پراڻو تجربيڪار ماڻهو، جنهن کي ٻهراڙين جي وسيع معلومات هئي، موجود هئا. پر انهن جي مهارتن ۽ صلاحيتن کي مناسب نموني استعمال ۾ نه آندو ويو ۽ سي-پي-پي جا اڳواڻ مستقل طور مختصر واٽن جي ڳولا ۾ رهندا هئا.

ڪاهي ڌر (سي-پي-پي ۽ آزاد پاڪستان پارٽي) کي هڪ واڌو فائدو مليو هو. ميان افتخارالدين اهو فيصلو ڪيو ته پارليامينٽ ۾ پيڙهيل ماڻهن جي حق ۾ ڪيل سندس تقريرون عام راءِ جي ناهڻ لاءِ ڪافي ناهن. هن روزاني اخبارن جي هڪ پوري سلسلي جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ پروگريسو پيپرز لميٽيڊ 1947ع ۾ قائم ڪئي ويئي، جنهن ڪاهي ڌر کي انتهائي انقلابي اخبارن جو هڪ سلسلو مهيا ڪري ڏنو. پاڪستان ٽائمز ملڪ جي وڏ ۾ وڏ شايع ٿيندڙ انگريزي اخبار بڻجي ويئي ۽ امروز اردو صحافت کي نئين ٽيڪنيڪن کان روشناس ڪرايو ۽ تمام گهڻو مقبول ٿي. انهن اخبارن ترقي پسند صحافين کي ملازم رکيو هو ۽ ترت ئي اهي ڪاهي ڌر جي انتهائي اثرائتي عوامي آواز جي طور تي اُڀري آيون. سوئز بحران جي دوران اهي ترقي پسند اخبارون ئي هيون، جيڪي سهروردي خلاف تحريڪ جي مهڙ ۾ هيون ۽ پاڪستان جي ڪاهي ڌر جو هڪ اڳواڻ نظرياتي دستو بڻجي ويون هيون. انهيءَ اخباري حمايت جي باوجود ڪاهي ڌر ڪڏهن به هڪ عوامي بنياد تعمير نه ڪري سگهي.

1951ع ۾ راولپنڊي سازش ڪيس جو بم ڦاٽو. انهيءَ بغاوت جي پويان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڪستاني فوج جي چيف آف اسٽاف ميجر جنرل اڪبر خان جو دماغ هو، جنهن کي هڪ باهمت ۽ نسبتاً ترقي پسند آفيسر سمجهيو ويندو هو. جن آفيسرن سنڌس حمايت ڪئي انهن ۾ انقلابي قوم پرست، سڌا سنوان شاؤنسٽ ۽ مذهبي ذهن رکندڙ وغيره شامل هئا. ٽنهي ڄاول سي- پي- پي به ان وقت انهي رٿا جو حصو ٿي ويئي، جڏهن سجاد ظهير جنرل اڪبر سان هڪ ڪاڪ ٽيل پارٽي ۾ ملاقات ڪئي ته جنرل بغاوت جي موضوع کي سامهون آندو ۽ منشور لکندڙن ۽ نشانو بڻجي سگهندڙن جي فهرست جي تياريءَ لاءِ مدد جي درخواست ڪئي، سي- پي- پي جي اڳواڻن انهيءَ رٿا کي منظور ڪيو ۽ فوجي آفيسرن سان مختلف گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪئي. اهو فيصلو ڪيو ويو ته رٿا کي ڪجهه عرصي لاءِ ملتوي ڪيو وڃي پر سازش ۾ شامل فوجين مان هڪ، انهيءَ ٻپ کان ته متان سچ ظاهر نه ٿي پئي، مخبر ٿي پيو ۽ سڄي معاملي کي ظاهر ڪري ڇڏيائين. سازش ڪندڙ گرفتار ٿي ويا. فوج جي ڪمانڊر انچيف جنرل ايوب کي اهو ڄاڻي ڏاڍو صدمو پهتو ته ڪيس ڪولي هٿئي وڃي ها. سازش جي ناپختگي اُن ۾ شامل ماڻهن کي ملندڙ سزائن جي گهٽ هئڻ کي يقيني بڻائي ڇڏيو هو. سجاد ظهير آزاد ٿيڻ کان پوءِ ڀارت هليو ويو. بندش پوڻ کان پوءِ سي- پي- پي درحقيقت پاڻ کي ٽوڙي ڇڏيو ۽ سنڌس گهڻا ڪارڪن آزاد پاڪستان پارٽي ۾ شامل ٿي ويا. انهيءَ زوال جا پارٽي جي حوصلي هاريل باقيات تي ديرپا اثر رهيا هئا، جيڪا پوءِ ڪڏهن به هڪ قومي آزاد قوت طور اُڀري نه سگهي؛ بجاءِ انهيءَ جي سنڌس سياست پوءِ ايندڙ هڪ يا ٻي طرح جي گهڻ طبقاتي جماعت جو حصو بڻجندي رهي.

اوڀر پاڪستان ۾ صورتحال بلڪل ئي مختلف هئي 1947ع ۾ صوبي جي ورهاست کان پوءِ گهڻا غيرمسلم ڪميونسٽ لڏي ويا هئا پر گهڻا هيا رهي به پيا هئا. تويُ لک هندن اهو فيصلو ڪيو ته هو نه پنهنجا گهر ڇڏيندا ۽ نه ئي پناهگير بڻبا پر اوڀر پاڪستان ۾ ئي رهندا. انهيءَ ڪري ڪم ۾ رخنو گهڻو شديد نه هو ۽ ڪميونسٽ پارٽي پنهنجي قوميت کي قائم رکيو. اولهه جي ابتڙ سي- پي جو هارين ۽ شهري دانشورن ۾ اثر هو. پر سنڌس لاڳاپا پاڙيسري اولهه بنگال ۾ موجود سي- پي- آئي سان، اولهه پاڪستان جي سي- پي- آئي اڳواڻن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ويجها هئا. (18) پروگريسو پيپرز لميٽيڊ جيئن ته، شايد سهولت جي خيال کان، پنهنجي سلسلي جي هڪ حصي جي طور تي بنگالي روزاني اخبار جاري ڪرڻ تي سنجيدگيءَ سان ويچار نه ڪيو هو، انهي ڪري اولهه سان ايستائين جو سنڌن نظرياتي ڳانڍاپو به موجود نه هو.

سي- پي- آئي جي ژادانوف جي ماسڪو مان آيل ارشادات جي ڪري، جيڪي هن سيپٽمبر 1947ع جي ڪومنفارم جي بنيادي ڪانفرنس ۾ پيش ڪيل پنهنجي مشهور رپورٽ ۾ ڏنا هئا، کابي ڌر جي انتهاپسندانا واٽ اختيار ڪرڻ سبب انتهائي تباهه ڪن نتيجن جو باعث بڻي. سي- پي- آئي جي اڳواڻ بي- ٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

راناديو ٿيسز جي انهيءَ سلسلي جي وضاحت ڪئي. انهيءَ وضاحت ۾ آزاديءَ کي مذاق قرار ڏيئي ننديو ويو ۽ پارٽي کي هدايت ڪئي ويئي ته اها هٿياربند جدوجهد بغاوت واري واٽ اختيار ڪري، ان جو نتيجو پارٽي ڪارڪنن کي عوام کان ڌار ڪرڻ هو. اوڀر پاڪستان جي سي- پي نهايت فرمانبرداريءَ سان انهيءَ موقف کي اختيار ڪيو. رنگ پور، ديناجپور، ميمن سنگهه ۽ جيسور جي ضلعن کي جدوجهد شروع ڪرڻ لاءِ چونڊيو ويو. سي- پي جي ڪارڪنن پوليس ٿاڻن تي حملا ڪيا ۽ هٿيارن تي قبضو ڪيو پر کين تيزيءَ سان اڪيلو ڪيو ۽ چيڀاٽيو ويو. مقامي ويڙهاڪن جيڪي گهڻي ڀاڱي هندن مان هئا، تن کي ٻي گهر ۽ منتشر ڪيو ويو. 1948ع ۽ 1954ع جي عرصي ۾ اوڀر بنگال جي جيلن ۾ ٽن هزارن کان وڌيڪ سياسي قيدي هئا، جن مان گهڻا ڪميونسٽ هئا.

انهن ڪميونسٽ باندين ۾ ميمن سنگهه جي هارين جو اڳوڻو اڳواڻ موني سنگهه به شامل هو. سندس تعلق زميندار گهراڻي سان هو ۽ سندس انقلابيت جي ڪري سندس خاندان جي سڄي زمين ضبط ٿي ويئي هئي. ميمن سنگهه، ٽيڀاڳا جي نالي سان 1945 -46ع ۾ هليل هڪ اهم هاري تحريڪ جو مرڪز رهيو هو. هارين جي گهر هئي ته زميندارن جي حصي کي اڌ مان گهٽائي هڪ ٽيون ڀاڱي تي ڪيو وڃي. اها تحريڪ 1942ع ۾ بنگال جي ڏڪار جي نتيجي ۾ پيدا ٿي هئي، جنهن ۾ ٽيهه لک هاري بک وگهي مري ويا هئا. گهڻا بٽائي تي پوک ڪندڙ شهرن ڏانهن هليا ويا ۽ وري نه موٽيا. ٽيڀاڳا ويڙهه کي ڀهراڙين ۾ پورهيتن جي گهڻائي ڪري حوصلو مليو. 1946ع ۾ موني سنگهه جي ڪوشش سان ميمن سنگهه ۾ هڪ قومي هاري ڪانفرنس منعقد ٿي، جنهن ۾ ٻه لک هاري شريڪ ٿيا. اوڀر پاڪستاني ڪميونسٽن تي 1954ع ۾ سرڪاري طور تي بندش وڌي ويئي پر اُن وقت تائين اُهي پنهنجي قوت جي لحاظ کان گهٽجي چڪا هئا ۽ هندو ڪميونسٽن جو هڪ وڏو تعداد ڀارت لڏي ويو هو. پر موني سنگهه (پنهنجي آزاديءَ کان پوءِ) ۽ سيکهيندو دستيدار زيرزمين ڪميونسٽ تحريڪ جي اڳواڻن جي طور تي اوڀر پاڪستان ۾ ٿي رهي پيا.

اپريل 1950ع ۾ ڀارت جي هڪ ڪميونسٽ اڳواڻ اجي گهوش ڏکڻ هند جي جيل جي ڪوٺيءَ مان، جتي کيس پارٽي جي 'کاٻي پاسي واري موڙ' کان پوءِ گرفتار ڪري رکيو ويو هو، پارٽي جي ڪارڪنن ڏانهن هڪ کليل خط لکيو. گهوش پارٽي جي کاٻي پاسي ڏانهن جهڪاءَ تي تنقيد ڪئي ۽ 'اتحادن' جي روائتي پاليسيءَ ڏانهن موٽ لاءِ چيو. هن چيو ته ڀارت کي بورجوازي انقلاب جي ضرورت آهي ۽ اهو رکو قومي بورجوازي جي سياسي آلذ ڪارن سان گڏجي ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو. گهوش جي خط پارٽي جي مٿين صفن ۾ ويڪوڙ پيدا ڪري ڇڏيو. آخرڪار انهيءَ تي صلح نامو ٿيو ته 'بين الاقوامي صلاح' ورتي وڃي. انهيءَ لاءِ مختلف موقفن جا ٽي نمائندا سي- پي- آئي جا اڳواڻ، اسٽالن سان ملڻ لاءِ ماسڪو ويا. اسٽالن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گهوش جي موقف جي تائيد ڪئي. نتيجي ۾ ڀارت ۽ اوڀر بنگال جي پارٽين جي اڳواڻن کي تبديل ڪيو ويو. گهوش جي مؤقف اوڀر بنگالي ڪميونسٽن آڏو ڪجھ نڪن مسئلن کي آڻي جنم ڏنو. اُهي گهڻي ڀاڱي جيلن ۾ هئا. جتان طبقاتي اتحاد جي سرگرم پاليسي کي هلائڻ ڏکيو هو.

ڍاڪا ۽ راجشاهي جيلن ۾ ترتيبوار قيدين جا ٻه قسم هئا. راجشاهي جي ڪميونسٽن پنهنجون ٿيسز پيش ڪيون هيون، جن ۾ چيل هو ته اوڀر بنگال جي ڪميونسٽ پارٽي کي هڪ قانوني جماعت جي حيثيت ۾ ڪليل طور تي ڪم ڪرڻ کپرجي ۽ نه ڪنهن بورجوا يا پيٽي بورجوا تنظيم جي پليٽ فارم تان. اهو سندن يارن ڍاڪا جيل مان آيل انهيءَ تجويز جو جواب هو ته ڪين عوامي مسلم ليگ (سهروردي ۽ ڀاشاني جي اڳواڻيءَ ۾ مسلم ليگ مان ڌار ٿيل ڌُر، جنهن جو اڳ ذڪر ٿيو آهي) ۾ شامل ٿيڻ کپرجي. راجشاهي اعتراض ڪيو ته؛ جيئن ته سندس گهڻا ميمبر هندو هئا، انهيءَ ڪري هو اهڙي جماعت جي معرفت ڪم نه ٿا ڪري سگهن جنهن جي رڪنيت رڳو مسلمانن تائين محدود هجي. اهو مسئلو ڪومنفرم جرنل ۾ شايع ٿيل هڪ نوٽ 'پائدار امن لاءِ، عوامي جمهوريت لاءِ' جي ڪري حل ٿي ويو. جنهن ۾ اهو چيل هو ته اوڀر پاڪستان ۾ ترقي پسند قوتون عوامي ليگ جي پليٽ فارم تان ڪم ڪري رهيون آهن. انهيءَ معتبر ذريعي اها ڳالهه ٻه ڪئي ته "عوامي ليگ جاگيرداري ۽ نوآبادياتي تسلط خلاف جدوجهد شروع ڪرڻ لاءِ ٻه ذميوار هئي." راجشاهي ۽ ڍاڪا ۾ تڪرار هڪ ڀيرو وري راجشاهي جي انهيءَ موقف تي شروع ٿي ويو ته پارٽيءَ کي پنهنجي الڳ ۽ آزاد وجود کي برقرار رکڻ کپرجي ۽ ٽريڊ يونين ۽ هارين ۾ پنهنجي حيثيت ناهڻ کپرجي. بهرحال، اسٽالني روايت جو زور ڍاڪا جي پاسي هو ۽ انهيءَ موقف کي نيٺ تسليم ڪيو ويو. 'مسلم ڪامريڊ' عوامي ليگ ۾ هليا ويا جڏهن ته 'غير مسلم ڪامريڊن' کي چيو ويو ته هو ٽريڊ يونين ۽ هاري ڪاميٽين ۾ ڪم ڪن.

بنگالي ڪميونسٽن يوٿ ليگ ٻه قائم ڪئي هئي، جنهن جو مقصد 'سيڪيولرزم، سامراج مخالف، جاگيرداري مخالف، عالمي امن ۽ آزاد جمهوريت' جي گهٽ ۾ گهٽ پروگرام جي بنياد تي وسيع حمايت کي منظم ڪرڻ هو. اها يوٿ ليگ هئي، جنهن 1952ع ۾ بنگالي ٻولي وارو احتجاج شروع ڪيو هو. مارچ 1952ع ۾ يوٿ ليگ جي اڳواڻن جو سٺ سيڪڙو جيلن ۾ هو. باقي جتن ليگ ٽوڙي اپريل ۾ 'اوڀر پاڪستان شاگرد يونين' قائم ڪئي. ڪميونسٽ پارٽي جي عوامي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ کان پوءِ عوامي مسلم ليگ 1953ع ۾ پنهنجي نالي مان مسلم ختم ڪري سيڪيولرزم ڏانهن وڌي. 1954ع جي چونڊن ۾ مسلم ليگ مخالف قوتن جي سوڀ بنگالي ڪميونسٽن کي سنڌن وڏي ۾ وڏي ڪاميابيءَ سان همڪنار ڪيو. اُنهن چار سيٽون ڪميونسٽن جي طور تي حاصل ڪيون ۽ عوامي ليگ ۾ شامل ٿيل پارٽي جي ڪارڪنن مان ارڙهن ڄڻا پڻ ڪامياب ٿيا. اهڙي ريت اوڀر پاڪستان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي صوبائي اسيمبلي ۾ پارٽيءَ جا ڀاڱيدار ميمبر هئا.

1957ع ۾ نيشنل عوامي پارٽي (نعپ جي ٺهڻ سان اوڀر بنگالي ڪميونسٽن کي ٻين ڏهن سالن لاءِ هڪ نئون گهر ملي ويو. نعپ کي اوڀر بنگال اسيمبلي ۾ ڀاڱيدارن جتن جي هڪ ٺهيل ٺڪيل پارلياماني طاقت مليل هئي، جيڪا مختلف بنگالي گروهن، جن جي نمائندگي عوامي ليگ ۽ ڪرشڪ سرامڪ پارٽي ڪن پيون، تن جي توازن کي هيٺ مٿي ڪرڻ لاءِ گهڻي ڪافي هئي. نعپ جي ٺهڻ تي ساڄي ڌر جي جماعتن ۽ حڪومت نواز پريس وڏي هاءِ گهوڙا ڪئي. عوامي ليگ انهيءَ بدنام ڪندڙ مهم کي نظرانداز ڪندي، جنهن کي ڪجهه مهينا پهرين ڪيس منهن ڏيڻو پيو هو ڪميونسٽ مخالف مهم ۾ شامل ٿي وئي. درحقيقت هو اجان به اڳتي هلي وئي ۽ ڪڙجاتين کي خراب ڪرائڻ لاءِ سنڌس يارن غنڊن ۽ بدمعاشن جا جٿا منظم ڪيا ويا. انهيءَ تشدد جو منتظم سهروردي جو شاگرد شيخ مجيب الرحمان هو. اوڀر پاڪستان جي ڪابينا جي هڪ ممتاز اڳواڻ محمود علي انهيءَ غنڊه گردي خلاف احتجاج ڪندي استعفيٰ ڏيئي ڇڏي. عوامي ليگ جي اڳواڻيءَ ۾ ٿيندڙ غنڊه گرديءَ ۽ بدمعاشيءَ جا اهي عمل هئا، جن کي فوجي بغاوت لاءِ، جن جي اڳ ئي تياري هئي بهانو ۽ جواز مهيا ڪرڻ هو.

نعپ ملڪ جي حقيقي مخالف قوتن کي منظم ڪرڻ جي قومي سطح تي پهرين ڪوشش هئي. اها جيتوڻيڪ سوشلسٽ تنظيم نه هئي پر پاڪستان جي وقت ۾ وڏي انقلابي جماعت هئي. سنڌس سياسي واڌ صوبائي خودمختياري جي حامين، عواميت ۽ هڪ ٻئي جي پويان ايندڙ حڪومتن جي آمريڪا نواز پرڏيهي پاليسي ڏانهن عوامي ڌڪار جو نتيجو هئي. نعپ هڪ شاندار تنظيم هئي: اوله پاڪستان ۾ ڪڏهن ڪڏهن جي سازشي روين جي باوجود اها ملڪ جي واحد سياسي جماعت هئي، جيڪا ڪابينا جي عهدن جي لالچ ۾ پيش نه پئي. اوڀر بنگال ۾ نعپ جي ڪميونسٽن هاري ايسوسيئيشن ۽ ٽريڊ يونين فيڊريشن کي منظم ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو. ٽريڊ يونين جو اثر تيزي سان جهازن جي مرمت جي ڪم ڪندڙ ڪارخانن، سڻيءَ جي ڪارخانن ۽ چانهه جي باغن ۾ وڌيو. انهن ڪاميابين ڪان متاثر ٿي اوله ۽ اوڀر ٻنهي حصن ۾ ڪميونسٽ، نعپ جا ڪارڪن يا هاري ۽ ٽريڊ يونين تنظيمن جا عهديدار بڻجي ويا. انهن عملي طور تي شهر ۽ ٻهراڙي جي پيڙهيل ماڻهن جي آزاد نمائنده سياسي قوت جي تعمير واري ڪم کي ماڳهين ڇڏي ڏنو.

ساڳئي وقت 1958ع ۾ سياسي ۽ معاشي صورتحال خراب ٿي وئي. ورهاڱي کان وٺي، (ڏهه يارنهن سال اڳ) ڪامورا شاهي زرعي واڌو پيداوار جي نچوڙ کي آبل پناهگير) جي حوالي ڪيو پئي. جيئن ٿيهي صنعت رياست جي حفاظت ۾، جيڪا ڪڍ ڪري، اُن کي پاڪستان جي صنعتي ترقي لاءِ واپارين (گهڻي ڀاڱي ڀارت مان آمدني ۽ روانگي واپار جي لائسنس جاري ڪرڻ جي اڪيلي مجاز اختياري هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آمدني واپار جي بدل وارين صنعتي شين جي پيدا ڪندڙ ڪارخانن ڏانهن لاڙو رکيو. نيٺ اولهه پاڪستان ۾ محدود صنعتي ترقي ٿي، سرپرستيءَ ڪامورن جي صفن ۾ وڏي پيماني تي بدعنواني کي پيدا ڪيو. انهيءَ جي ڪري زرعي پيداوار ۾ کهٽتائي آئي ۽ 1958ع ۾ زرعي پيداوار ۾ 4.2 سيڪڙو کهٽتائي ٿي. جيئن ته کهڻ زمين کيڙي ويئي انهيءَ ڪري ٻهراڙيءَ جي پيداوار ۽ ڪاپي ۾ پڻ کهٽتائي ٿي. آمريڪا ۾ معاشي لاٽ خوراڪ جي ضروري شين جي قيمتن کي وڌائي ڇڏيو. انهيءَ سان گڏ اوبر پاڪستان ۾ پڻ فصل زيان ٿي ويو. بجاءِ انهيءَ جي ته بحران کي سنجيدگيءَ سان ورتو وڃي ها ۽ اُن جي اثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ اثرائتن قدمن کي عمل ۾ آندو وڃي ها. ڪاموري شاهي معاملن کي اڃان وڌيڪ خراب ڪري ڇڏيو. مَن بهار 1958ع واري بجيٽ ۾ سماجي خدمتن لاءِ مقرر رقم کي کهٽائي ڇڏيو. (اها کهٽي کهڻ هئي) فوجي خدمتن تي خرچ کي وڌائي ڇڏيو ۽ قيمتن تي ضابطي کي ختم ڪري ڇڏيو. شهرن ۾ قيمتن ۾ وڏو واڌارو ٿيو. سراسري طور اهو 82 سيڪڙو ساليانو هو.

نتيجو شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ وڌندڙ احتجاج هو. هڙتالون عام ٿي ويون ۽ انهن کي مالڪن جي پگهاردار هٿياربند جٿن يا رياست جي ڏاڍ وسيلي چيڀاٽيو ويو. نعپ جي اڳواڻي ۾ هلندڙ هاري ايسوسيئيشن زمينداريءَ جي خاتمي لاءِ جدوجهد شروع ڪري ڇڏي. اولهه پاڪستان جي گادي جي هنڌ لاهور ۾ لکن هارين کهٽين ۾ مارچ ڪري گهُرون ڪيون ته: هارين جي بي دخليءَ کي غيرقانوني قرار ڏنو وڃي؛ زمينداريءَ کي ختم ڪيو وڃي ۽ سڀ غيرآباد زمين بي زمين هارين کي ڏني وڃي. هاري اڳواڻن کي زميندارن جي پاڙيتو غنڊن ۽ بدمعاشن جي جٿن نشانو بڻايو. 8- مئي 1958ع تي کهڻن اهڙن واقعن مان هڪ ۾ پوليس سنڌ صوبي جي ڳوٺ 'لنبو' ۾ هارين تي حملو ڪيو. انهن هارين کي مارڪُٽ ڪئي، سندن فصل تي قبضو ڪري ورتو، گهرن ۾ ڀڃ ڀاهه ڪئي، عورتن سان زنا ڪئي ۽ ستر هارين کي گرفتار ڪري ورتو. مقامي زميندارن هارين جي گهرن کي باهه ڏني انهيءَ ڪم ۾ قابل قدر مدد ڏني. (19) ٻهراڙيءَ جي حياتي جي سڄي طور طريقي اهڙن عمل کي ممڪن بڻائي ڇڏيو هو. 20- جون 1958ع تي مزدورن هڪ يونين اڳواڻ جي گرفتاريءَ تي احتجاج ڪندي لائلپور جي هڪ اهڙي ڪارخاني تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ هڙتال هئي. پوليس گولي هلائي جنهن ۾ ڇهه مزدور مري ويا ۽ ايڪويهه ڄڻا سخت زخمي ٿيا. (20)

ملڪ ۾ پهريون ڀيرو عام چونڊيون مارچ 1959ع ۾ ٿينديون هيون. ڪاموري شاهي سخت پريشان هئي، جنهن جي لاءِ ڪي واقعي سبب به هئا. انهيءَ ڳالهه جو گهڻو امڪان هو ته ڪابي ڏر صوبائي ۽ قومي سطح تي پنهنجي حيثيت کي بهتر ڪري وڃي. انهيءَ جو به حقيقي امڪان هو ته عام چونڊون هڪ عوامي اُڀار پيدا ڪري سگهن ٿيون، جيڪو چونڊن جي حدن کان ٻاهر به وڃي سگهي ٿو. اولهه ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اوير پاڪستان جي صوبائي اسيمبلين ۾ وزارتي عهدن حاصل ڪرڻ لاءِ مستقل وڪوڙ متل هو. مارچ 1958ع ۾ اولهه پاڪستان اسيمبليءَ ۾ نُونشي بازي جاري رهي، جڏهن ته اوير پاڪستان اسيمبليءَ جي ڊپٽي اسپيڪر کي مجريل ميمبرن قتل ڪري ڇڏيو. ڪاموراشاهي ڏهن سالن ۾ هڪ مستحڪم بورجوا سياسي جماعت ٺاهڻ ۾ ناڪام ويئي هئي. سنڌس زميندارن سان اتحاد ملڪي سياست کي ڪنڊ جي ڀير ۾ بدلائي ڇڏيو هو. اهو ظاهر هو ته ڪامورا شاهي جي پيدا ڪيل پالتو 'ريپبليڪن پارٽي' کي ڪنهن به آزاد چونڊ ۾ ذلت آميز شڪست ملندي. ڪاهي تر جي هڪ روزاني اخبار انهيءَ کان واقف هوندي، هڪ ايڊيٽوريل ۾ تبصرو ڪيو ته:

"جاگيردار ۽ سنڌس پوٺلڪ، پراڻا ڪامورا ۽ سنڌن ايجنٽ، وڏا واپاري ۽ ظالم آزما فوجي اهڙا ماڻهو آهن، جن آزادي، جمهوريت يا ماڻهن جي حقن لاءِ پنهنجي هڪ رات جي ننڊ ۽ هڪ ڏينهن جو آرام خراب ناهي ڪيو. سنڌن لاءِ انهن حقن، روايتن ۽ ادارن جو ڪو ڪارج ناهي، جيڪي صدين جي تڪليفن ۽ جدوجهد کان پوءِ حاصل ڪيا ويا آهن. اُهي رڳو اهڙن فائدن حاصل ڪرڻ ۾ دلچسپي رکن ٿا، جيڪي ڪين جمهوريت جي ڏيکاءُ وسيلي حاصل ٿين.. اهو سڀ انهن ماڻهن کي جمهوريت ۽ ماڻهن جي حقن خلاف دليل مهيا ڪري ڏئي ٿو. جيڪي جمهوريت جي انهيءَ ڏيکاءُ کي به پنهنجي واٽ تان هٽائڻ چاهين ٿا."

1958ع تائين ڪاموڙڪي فوجي اتحاد ۾ ڪامورا شاهي وڏي حصيدار هئي ۽ رياستي ڍانچي تي حاوي هئي. 7- آڪٽوبر 1958ع تي پاڪستان جي ٺهڻ جي ٻارنهن سال کان پوءِ، سنڌس سياسي ناڃي پيٽو لوڏن ۾ اچي ويو ۽ فوج بغاوت ذريعي سياسي اقتدار حاصل ڪري ورتو. ڀارت جي نموني تي بورجوازي جمهوري رياست جي ٺاهڻ جي ڪوشش جو انت بربادي تي ٿيو. بغاوت کان اڳ واري سال ۾ اولهه جي هڪ مبصر تبصرو ڪيو هو ته: "ڪامورا شاهي ۽ فوج ڪنهن متوقع آمر جي حمايت جي ڪنهن خواهش جو اظهار نه ڪيو آهي." ساڳئي مبصر تفصيل سان انهيءَ حقيقت جو اظهار ڪيو هو ته ملڪ ۾ رڳو جمهوريت ئي هڪ سنجيده متبادل آهي ۽ "پاڪستان ۾ اڃان تائين شديد نموني جا آمرانه لاڙا رکندڙ ڪوبه گروهه ظاهر نه ٿيو آهي." تاريخ انهيءَ ڪوڪلي تجزئي تي پنهنجي ڏک ڀرئي ۽ اوڻاهي فيصلي جي مهر ثبت ڪري ڇڏي.(21)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وضاحتون

1- جناح کي 28- مئي 1937ع تي لکيل خط ۾ شاعر اقبال ليگ کي درپيش سياسي مسئلن ڏانهن توجهه ڇڪائي هئي: ”مون کي انهي ۾ ڪو شڪ ناهي ته توهان مسلم هند جي صورتحال جي سنگينيءَ کي پوري ريت سمجهو ٿا. ليگ کي نيٺ اهو فيصلو ڪرڻو پوندو ته آيا اُها هندي مسلمانن جي مٿين طبقن جي نمائنده تنظيم رهندي يا مسلم عوام جي، جن اڃان تائين ڪنهن سبب ڪري ئي اُن ۾ دلچسپي نه ورتي آهي. ذاتي طور تي آئون سمجهان ٿو ته ڪا اهڙي سياسي تنظيم جيڪا عام مسلمانن جي حالتن کي سڌارڻ لاءِ ڪو واعدو نه ٿي ڪري، اُها اسانجي عوام کي پاڻ ڏانهن ڇڪي نه ٿي سگهي. نئين آئين جي مطابق اعليٰ عهدا مٿين طبقن جي پٽن وٽ وڃن ٿا ۽ ننڍا وزيرن جي دوستن يا مائٽن وٽ. اسان جي سياسي ادارن عام طور تي مسلمانن جي ڪهاڻي جي ڀلائي لاءِ ڪڏهن سوچيو ئي ناهي. ماني‌ءَ جو مسئلو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ شديد ٿي رهيو آهي.“ اقبال جناح ڏانهن لکيل خط- لاهور 1942ع.

2- بلوچ اڱواڻ اڄ اِها دعويٰ ڪن ٿا ته جيئن ته ڪاڻن ڪڏهن اهو پڇيو ئي نه ويو هو ته آيا هو پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ چاهين ٿا يا نه. اِنهي ڪري هُو موجوده رياست سان ڪا وفاداري محسوس نه ٿا ڪن.

3- 1947ع ۾ پاڪستان جي قيام ڪنهن به طرح 'مسلم مسئلي' کي حل نه ڪيو. پويان ڀارت ۾ چار ڪروڙ مسلمان رهجي ويا جن کي ڀارتي ڪاموراشاهي ڏينهون ڏينهن وڌندڙ طور تي پاڪستاني 'ففٿ ڪالم' جي حيثيت ۾ ڏسي ٿي. اُنهن هندي مسلمانن جن ڀارت ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو هو، تن جي مونجهاري کي عظيم ڀارتي اداڪار بلراج ساهني پنهنجي آخري فلم 'گرم هوا' ۾ حساسيت ۽ مهارت سان پيش ڪيو آهي. اِنهي فلم هندو انتهاپسندن کي ايترو ته ڪاوڙائي وڌو هو جو اُن وقت جي اطلاعات جي وزير اندر گجرال کي ذاتي مداخلت ڪري، اِنهي جي پڪ ڪرڻي پئي هئي. ته اها پوري هندستان ۾ ڏيکاري وئي آهي. پاڪستان ۾ اِها فلم اڃان نمائش لاءِ پيش ٿيڻي آهي.

4- حمزه علوي جو بنيادي مضمون 'پاڪستان ۾ فوج ۽ ڪاموراشاهي' جيڪو 'انٽرنيشنل سوشلسٽ جنرل' مارچ- اپريل 1966ع ۾ ڇپيو. نئين رياست جي مخصوص نوعيت جي تجزئي ڪرڻ جي پهرين سنجيده مارڪسي ڪوشش هئي. پاڪستان ۾ اِنهي کي وسيع پيماني تي پڙهيو ويو آهي. جيتوڻيڪ اِهو هڪ ڏار مسئلو آهي ته اِنهي کي پوري طرح سمجهيو به ويو آهي يا نه.

5- ورهاڱي وقت پاڪستان جي معاشي حالت جو انتهائي ڪارائتو جائزو ڪنڪووسڪي ۽ پولونسڪايا جي ڪتاب 'پاڪستان جي تاريخ' ماسڪو، 1964ع ۾ ڏنل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

1949ع ڪراچي

6- جي- ايم- سيد 'نئين سنڌ لاءِ جدوجهد' ڪراچي
7- پاڪستان جي شروعاتي تاريخ جي انهي اهم حصي جو تفصيلي بيان قمرالزمان
احمد جي 'اوير پاڪستان جي سماجي تاريخ' ڍاڪا 1967ع ۾ ڏنل آهي. اهو
هي هر لحاظ کان بنگالي سياست جو هڪ ڪارائتو مطالعو آهي، پر سهروردي
جي خوشامد ۽ سندس غيرتنقيدي جائزي اُن کي نقصان پهچايو آهي. اهڙي طرح
احمد سوئز بحران جي هلندي سهروردي جي ڪردار کي نظرانداز ڪري ڇڏي
آهي ۽ جڏهن هو وزيراعظم هو، سندس علائقائي خودمختياري جي حمايت ڪرڻ
کان انڪار جي اهميت کي گهٽ ڪري پيش ڪيو آهي.
8- ساڳيو
9- ڪينٿ ڪيلارڊ- 'پاڪستان: هڪ سياسي مطالعو' لنڊن 1957ع تان ورتل
10- فيروز احمد- 'پاڪستان ۾ آمريت ۽ سامراجي مداخلت' پاڪستان فورم اپريل
1976ع ڪراچي.
11- محمد ايوب خان- دوست، نه آقا: هڪ سياسي آتم ڪٿا. آڪسفورڊ 1967ع.
12- پاڪستان ٽائمز. 14- آگسٽ 1956ع. ايڊيٽوريل بعنوان 'آزادي اجان گهڻو
پري آهي؟'
13- ٽيڪنيڪي امداد: پرڏيهي معاملن تي ڪميٽي جي مڪمل رپورٽ، واشنگٽن
12- مارچ 1957ع.
14- ساڳيو
15- نعپ جي شروعات جو هڪ تفصيلي جائزو طارق علي جي ڪتاب 'پاڪستان:
فوجي حاڪميت يا عوامي اقتدار؟' لنڊن ۽ نيويارڪ 1970ع ۾ ڏنل آهي.
16- انهي موضوع تي هڪ انتهائي تحقيقي تجزيو ڀڳوان جوش جي ڪتاب 'پنجاب
۾ ڪميونسٽ تحريڪ' دهلي، 1979ع ۾ ملي سگهي ٿو پر اها ڳالهه ذهن ۾
هڻ گهرجي ته جوش جي پنجابي 'مسلمان' ڪميونسٽن جي باري جاڻ گهٽ
ٻاهرين پارٽي ڪميونسٽن جي يادگيرين تي ٻڌل آهي جيڪا رڳو جزوي جاڻ
آهي.
17- سجاد ظهير، 'ليگ- يونينسٽ اختلاف تي روشني' بمبئي 1944ع.
18- ٽالڪدر منيرالزمان 'انقلابي سياست ۽ بنگلاديش جو ظهور' براس ۽ فرانڊ،
ريڊيڪل پولٽڪس ان سائوٿ ايشيا ڪيمبرج ماس 1973ع ۾ ڇپيل.
19- پاڪستان ٽائمز 16 مئي 1958ع.
20- ساڳيو 22- مارچ 1958ع.
21- ڪلارڊ (حوالو نمبر9). ڪلارڊ ورهاڱي کان پوءِ پاڪستان کي وڪوڙي ويل
سياسي- آئيني بحرانن تي ڌيان ڏنو آهي. ان ڪتاب جون اهم ڪمزوريون
ڪنهن سماجي يا معاشي تجزيي جي عدم موجودگي ۽ ڪابي ڌر جي پريس جي
سامهون آندل ڀڄاڙين ۾ اپيشاهي جي شهادتن کي نظرانداز ڪرڻ ۽ اُن جي
اهميت کي گهٽ ڪري پيش ڪرڻ ڏانهن لاڙو آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

3- بندوق ۽ ٽوپلو

فوجي- ڪاموڙڪي آمريت 69-1958ع

نئين حڪومت جي نوعيت

آڪٽوبر 1958ع جي فوجي بغاوت ڪاموراشاهي جي حاڪم طبقي جي هڪ اثرائتي جماعت ناهڻ ۾ ناڪامي جو سڌو نتيجو هئي. مسلم ليگ جو زوال ۽ انقلابي نيشنل عوامي پارٽيءَ جو اُڀرڻ، هاري ويڙهاڪاري ۾ واڌ ۽ شهرن ۾ پورهيت طبقي جي بي چينيءَ سان گڏو گڏ ٿيو هو. ايندڙ غير يقيني هو. ڪامورن، فوجي آفيسرن ۽ سندن آمريڪي صلاحڪارن جو خيال هو ته بالغ راءِ دهي جي بنياد تي عام چونڊون پاڪستان جي رياست جي مخصوص خاصيتن جي ڪري هڪ خطري سان ڀرپور ڪم آهي. سڪندر مرزا باقاعدي طور ڪمانڊر انچيف جنرل ايوب کي سياسي اقتدار سنڀالڻ لاءِ چيو. جنرل رضامندي ڏيکاري ۽ صدر کي استعفيٰ ڏيئي ملڪ ڇڏڻ لاءِ چيو. اهو هڪ شريف ماڻهن جهڙو معاملو هو. جنهن کي آرام سان اڪلايو ويو.

نئين سرڪار ظاهر ظهور ڪاموڙڪي- فوجي اشرافيه جي آمريت هئي.(1) اها ڏهاڪو سال رهي. انهي عرصي کي ٻن هڪ ٻئي کان ڌار مرحلن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهرين عرصي (62-1958ع) ۾ فوج حاوي رهي. جنرل آمريت ۾ وڏا حصيدار هئا ۽ کين ڪامورن جي اثرائتي حمايت حاصل هئي. پر پوءِ وارن سالن (69-1962ع) ۾ ڪاموراشاهي ملڪ جي سياست ۾ وري پنهنجي حاوي حيثيت حاصل ڪري ورتي. هاڻي بجاءِ ايوب جي خوشامدي سياستدانن جي، اهي ڪامورا هئا جن پاليسن جو تعين ڪيو ٿي. بغاوت ملڪ جي دانشورن کي سنجيده اظهار جو هڪ موقعو فراهم ڪيو هو. هاڻي وقت هو ته اُنهن دليلن کي هڪ ڀيرو وري جاچيو وڃي جيڪي پاڪستان جي ٺهڻ کان اڳ ڏنا ويندا هئا. 1947ع ۾ جناح آئين ساز اسيمبليءَ ۾ هڪ ڏيان ۾ رکڻ جهڙي تقرير ڪئي هئي ته: ورهاست جي صحيح يا غلط هجڻ جو آخري فيصلو تاريخ ڪندي.(2) بغاوت، پنهنجي طور تي، رياست جي ڪمزور بنيادن کي وائکو ڪري ڇڏيو هو. مسلم ليگ جو 'عوامي بنياد' بنا ڪنهن نشان ڇڏڻ جي غائب ٿي ويو هو. ليگ بدعنوان ۽ جهيڙو ڪندڙ سياستدانن جو ڪٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بنجي ويني هُئي. اها حقيقت ته ملڪ جي آباديءَ جي گهڻائي مسلمانن تي ٻڌل اهم
نئين رياست جي شناخت جي ٽڪني بُحران کي حل نه ڪري سگهي ۽ نه ئي ڪير
درپيش ڪنهن ٻئي مسئلي جو انهي سان حل ملي سگهيو.

پاڪستاني رياست جيڪا پارليسري ملڪ ڀارت جي طرز حڪومت جو مع
جلديءَ ۾ اختيار ڪيل ۽ واهيات نمونو هُئي؛ هاڻي نئين سرڪار ٻين پنهنجي پڙ
ملڪن لاءِ هڪ مثال مهيا ڪري سگهي ٿي. جنرل ايوب جي آزاد ٿيل نوآبادياتي
رياست متعلق خيالن (جمهوريت گرم آبهوا ۾ ڪم نه ٿي ڪري سگهي. جمهوريت
لاءِ اهو ضروري آهي ته برطانيا وانگر ٿڌي آبهوا هُجي) کين اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ جي
پاليسي سازن ۽ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ سندن پوئلڳن نهايت سنجيدگيءَ سان ورت
ٿي. آزاديءَ جي ٻارنهن سالن کان پوءِ پاڪستاني رياست جمهوري نظام قائم ڪرڻ
جي هر ڪوشش کي بيڪار قرار ڏيئي چڪيو هو. انهيءَ جي بجاءِ اُنهن بندوق ۽
ٽوپلي جي حڪمراني. حڪومت جو جيڪو نظام ڀارت تي برطانوي نوآبادياتي
قبضي جي سالن ۾ قائم هو ڏانهن موٽ ڪاڏي هُئي. فوج ۽ ڪامورا شاهيءَ جا ٻه
حاوي ادارا سڌي طرح نوآبادياتي رياست جا وارث هُئا.

نوآبادياتي راڄ قائم رکڻ ۾ انهن ادارن جي اهميت کي گهٽ نه ٿو ڪري
سگهجي. انگريزن جو هندستان ۾ گهٽ تعداد ۾ هجڻ برطانوي راڄ جي هڪ اهم
خاصيت آهي. انگوس مئڊيسن ٻڌائي ٿو ته:

“1805ع ۾ ڀارت ۾ رکيو ايڪٽيهه هزار انگريز هئا. (منجهانئن ٻاويهه هزار
فوج ۾ ۽ ٻه هزار سول سروس ۾ هُئا). 1857ع جي بغاوت کان پوءِ سندن تعداد ۾
گهڻو واڌارو ٿيو. پر انگانپوءِ اهو وري معمول تي اچي ويو. 1911ع ۾ هڪ لک
چوهٺ هزار انگريز هُئا (منجهانئن هڪ لک ڇهه هزار نوڪرين ۾ هئا. انهن مان
ڇاهٺ هزار فوج ۽ پوليس ۾ ۽ چار هزار سرڪاري نوڪرين ۾ هئا). 1931ع ۾
هتي هڪ لک اٺهٺ هزار انگريز هئا (انهن مان نوي هزار نوڪرين ۾ هُئا. سٺ
هزار فوج ۽ پوليس ۾ هُئا ۽ چار هزار سرڪاري نوڪرين ۾ هئا... اهي ڪڏهن ٻه
ڪُل آباديءَ جي اڌ سيڪڙي کان وڌيڪ نه هئا (3).

نتيجو ظاهر آهي: برطانيا هندستان ۽ سندس ڪروڙين ماڻهن تي پنهنجي راڄ
جو رکو پاڻ اڪيلو بچاءُ نه ٿي ڪري سگهيو. هندستان جي سماجي بيهڪ هر
انهيءَ شيءِ کان مختلف هئي، مثال طور آفريڪا، جنهن سان برطانيا جي حڪومت
کي قائم رکڻ لاءِ اهو ضروري هو ته اهڙا اتحاد ٺاهيا وڃن ۽ اهڙن ڍانچن جي
تشڪيل ڪئي وڃي، جيڪي مقامي آباديءَ جي هڪ وڏي حصي کي سرڪار سان
ڳنڍي سگهن.

1857ع کان پوءِ جي برطانوي فوج هڪ روايت قائم ڪئي، جيڪا اڄ تائين
ننڍي کنڊ ۾ هلندي اچي. ڏکڻ هند جي ماڻهن ۽ شورش پسند بنگالين کي پاسي ڪرڻ
لاءِ ڀرتيءَ جي نئين پاليسي شروع ڪئي ويئي. وڏن شهرن، جيڪي گهڻو ڪري قوم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوسٽيءَ جي جدوجهد ۾ جلد شامل ٿي ويندا آهن. ڪي پڻ ٻاهر رکيو ويو. اهي پنجاب ۽ سرحد صوبي جا سياسي طور تي پٺتي پيل علائقا هئا جن کي نئين نموني جي فوج جي ڀرتي لاءِ شڪار گاهه بڻايو ويو. انهي پاليسي کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ سرجان منڪ من جي ڪتاب 'هند جا ويڙهاڪ نسل' ۾ انهيءَ نئين نظريي جي اُپٽار ڪئي وئي آهي. ليڪڪ لکي ٿو ته:

"جهونا وفادار هندي محافظ جيڪي عام فوجين جي صفن مان ٿيندي ڪميشنڊ آفيسر ٿيا هئا يا نوجوان هندي زميندار ئي اُهي هندي آفيسر آهن جيڪي اچ اسين ڪين ڏسون ٿا... يونيورسٽين جا هوشيار نوجوان فوج جي ڪم لاءِ بلڪل ئي نامناسب آهن... فوجي آفيسرن گهڻو پهرين اِهو سمجهي ورتو هو ته هندي دانشور طبقي مان آفيسر ملي نه سگهندا." (4)

برطانيا جي هندي فوج انگريز آفيسرن ۽ هندي پيادن فوجين جي اُصول تي قائم ڪئي وئي هئي. پهريان هندستاني رکيو اُن وقت ڪميشن حاصل ڪري سگهيا هئا، جڏهن سلطنت کي خطرو هو يا اُها جنگ جي حالت ۾ هئي پر انهي امتياز کي عام صفن مان ترقيءَ جي ڪنهن به امڪان کي ختم ڪري نهايت مضبوطيءَ سان محفوظ ڪيو ويو هو. 'وفادار رهندي محافظ' ڪڏهن به عام صفن کان مٿي ٿي نه سگهيا. نان ڪميشنڊ آفيسر جي نئين پرت کي پيدا ڪيو ويو ته جيئن مسابقت جي جذبي کي برقرار رکي سگهجي، پر اِهي آفيسرن جا ماتحت ئي هوندا هئا ۽ حقيقت ۾ سندن حيثيت هڪ سُٺي مرتبي واري پيادي کان وڌيڪ نه هئي. فوجين ۽ نان ڪميشنڊ آفيسرن مان اِها توقع رکي ويندي هئي ته هو پنهنجو پاڻ کي ٻين ماڻهن کان اُتم سمجهن. ڪين اِهو يقين ڪرڻ جي ترغيب ڏني ويندي هُئي ته سندن انگريزي آفيسرن سان خاص ناتا آهن. اِها شيءِ رڳو ڳالهين ۽ سوچڻ تائين محدود نه هئي. فوجين ۽ سندن خاندانن کي نين آباد ٿيل زمينن جا خاص ٽڪرا ڏنا ويا ته جيئن سندن وفاداريءَ کي يقيني بڻائي سگهجي ۽ ڪين پنهنجي هاري سائين کان ڌار ڪري سگهجي.

آفيسرن کي ٻين ۽ گهڻيون وڌيڪ مراعاتون مليل هيون. هندستانين لاءِ سنڊهرسٽ کي رڳو 1918ع ۾ ئي کوليو ويو. هندستان مان آفيسرن جي چونڊ رڳو زميندار خاندانن مان ئي ٿيندي هئي. سياسي پروسي جي لحاظ کان هو ڪنهن به شڪ کان مٿاهان هئا. آزاديءَ کانپوءِ شروعاتي ڪجهه ڏهاڪن تائين ڀارت ۽ پاڪستان ٻنهي ملڪن، فوج ۾ انهي طبقاتي ورهاست کي برقرار رکيو. شهر ۽ ٻهراڙي مان آفيسرن جي چونڊ جي ٿيهه ۽ ستر سيڪڙي واري تناسب کي زرعي اشرافيه جي حق ۾ نهايت ئي احتياط سان برقرار رکيو ويو. انهن مان گهڻا روايتي فوجي خاندانن مان ڪنيا ويندا هئا. آفيسرن ۽ عام فوجين ۾ فرق کي آفيسرن پاران نهايت سختي سان برقرار رکيو ويندو هو. آفيسرن جي ميس جي زندگي ٻڌرڪن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آرام جي وقت جي حياتيءَ کان جيتري مختلف هئي، ان کان وڌيڪ نه ٿي ٿي
سگهي. مختلف ميسن ۾ شامون بليئرڊ، برج ۽ پوڪر کيڏندي ۽ وهسڪي جي دور ۽
بيئر جي فياضاڻي استعمال ۾ گذرنديون هيون. بئرڪن جي زندگي ۾ انهي مان ڪا
شيءِ نه هئي. طبقاتي تفريق کي راندين جي ميدان تائين برقرار رکيو ويو هو. آفيسر
پولو، ٽينس ۽ گولف کيڏندا هئا. سپاهي ۽ نان ڪميشنڊ آفيسر هاڪي، فوٽ بال ۽
باسڪيٽ بال کيڏندا هئا. برطانيا جي هندي فوج برطانوي فوج جي نموني تي ٺاهي
ويئي هئي. ديسي آفيسر، جن جي وجود کي باقي رهڻ جي اجازت ڏني ويندي هئي
پنهنجن اعليٰ انگريز آفيسرن جا نقال ۽ سندن پيچ لڳڪانو ٿي پوندا هئا. اها ڳالهه
سندن سنڌهرسٽ ۽ پوءِ ديرادون ۽ ڪاڪول قوم جي اڪيڊمين جيڪي ترتيبوار
ڀارت ۽ پاڪستان ۾ آهن ۽ مليل تربيت جو لازمي جز هئي.

انگريز راڄ قوم پرستن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ تيار هوندو هو ۽ مختلف
سطحن تي رعائتون ڏيڻ تي پڻ راضي ٿيندو هو پر فوج جي معاملي ۾ سندس رويو
بلڪل ٻيو هو. انهي جو سبب ڪمانڊر انچيف سر- ڊبليو برڊ ووڊ 1921ع ۾
نهايت جامع انداز ۾ ٻڌايو:

"هند جي فوج سلطنت جي بچاءُ جي شاهي زنجيرن جي هڪ ڪڙي
آهي. انهي ڪري فطري طرح سندس تنظيم ۾ ڪابه تبديلي جيڪا
سندس ڪارڪردگيءَ کي متاثر ڪري سگهي ٿي، شاهي سرڪار
جيڪا سلطنت جي بچاءُ جي ذميوار آهي، جي پوري غور ۽ ويچار
کانسواءِ نه ٿي اچي سگهجي."

1930ع ۾ سائمن ڪميشن لارڊ برڊ ووڊ جي نڪتهءِ نظر جي پوري ريت
پذيرائي ڪئي. انهي ڪميشن جو مقصد هندستان لاءِ خودمختياريءَ جي ڪنهن
صورت تي ويچار ڪرڻ هو پر هُن تنبيهه ڏني ته سلطنت کي هڪ محاذ تي چيلينج نه
ڪيو وڃي:

"هند ۽ برطانيا اهڙي ريت لاڳاپيل آهن، جو هند جي بچاءُ کي هاڻي يا
ڪنهن ويجهي آئيندي ۾ رڳو هڪ نج هندستاني معاملي جي طور تي نه
ٿو ڏسي سگهجي. انهي ڪري فوج جو ضابطو ۽ انتظام لازمي طور تي
شاهي سرڪار جي نمائندن جي هٿن ۾ هُئڻ گهرجي."

برطانيا جا خدشا پوري ريت سمجهه ۾ اچڻ جهڙا هئا. هند جي فوج سلطنت
جو هڪ اهم جز هئي. نه رڳو اهو ته اها خندقن ۾ توپن جي چاري طور استعمال
ٿي سگهي پئي، جيئن 1914-18ع ۾ ٿيو هو پر پنهنجي طاقت ۽ ضابطي جي لحاظ
کان به اِها ٻين هنڌن تي نوآبادياتي عوام جي اُڀار کي ختم ڪرڻ لاءِ ساڳي طرح
اهم هئي. هندي فوجن کي چين، ملايا، برما ۽ ايران ۾ عوامي اُڀارن کي ڪچلڻ لاءِ
استعمال ڪيو ويو.

1945ع ۾ (هند جي آزادي کان ٻه سال پهرين) جنرل ڪريسي جي اڳواڻي ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هندستاني فوجي ئي هئا جن ڏکڻ ويٽنام جي وڏن شهرن تي قبضو ڪيو هو ۽ فرانس جي وري قبضي لاءِ راه هموار ڪئي هئي، جڏهن هڪ اڳوڻي پاڪستاني جنرل برطانيا جي فوج ۾ نوڪري ڪندڙ هندستاني مسلمان آفيسرن متعلق لکندي چوي ٿو ته "سندن ڪردار هڪ پاڙيتو فوج جي پاڙي جي سپاهين وانگر نه هو پر اُهي وفادار سپاهي هئا جن کي پنهنجي وقت جو پورو احساس هو ۽ کين انهي تي فخر هو ته هو پنهنجي وطن، پنهنجي ثقافت ۽ پنهنجي عقيدي جي بچاءَ لاءِ هڪ شاندار ڪردار ادا ڪري رهيا آهن." ته هو حقيقتن کي بگاڙي ٿو.(5) درحقيقت گهڻ ۾ گهڻ آفيسر ته پوري طرح برطانيا جي خدمت ڪندڙ پاڙيتو سپاهي هئا. ڪجهه پاڳي اُنهن پنهنجو ڪم خوبيءَ سان انجام ڏنو پر پيشيوراڻه مڪيءَ کي سندن معروضي ڪردار لڪائڻ لاءِ استعمال نه ڪرڻ گهرجي، اِها حقيقت ته ورهاڱي کان فوري پوءِ وارن سالن ۾ ڀارتي ۽ پاڪستاني فوجن جي قيادت برطانوي جرنلن سنڀالي، گهڻ اهميت رکندڙ نه هئي. اِنهي سان هڪ تسلسل جي نشاندهي ٿئي ٿي، جيڪا رڳو جذباتي نه هئي.

اهڙي طرح پاڪستاني فوج سامراجي ماضيءَ جي پيداوار آهي. اُن جي گهڻي ڀاڱي پنجاب جي هارين جي اُنهن حصن مان ڀرتي جاري رهي جيڪي روايتي طور تي برطانيا جي توپن لاءِ چارو مهيا ڪندا رهيا هئا. جنرل، برگيڊيئر ۽ ڪرنل جيڪي فوج جي چونڊ اشرافيہ هئا، تن کي نهايت احتياط سان جاچيو ويندو هو. سندن طبقاتي پس منظر ۽ سياسي نڪتهءِ نظر کي پاڪ ۽ صاف ڪري مڃيو ويندو هو. اهي پنجاب جي زرعي اشرافيہ ۽ پنجاب ۾ سرحد جي خوشحال زميندارن جا پٽ هئا. ورهاڱي ۽ وڏي پئماني تي هجرت حيدرآباد ۽ اُترپرديش جي مالدار پناهگيرن (جن جو سماجي رتبو ساڳيو هو) جي هڪ ننڍي حصي کي به آفيسرن ۾ شامل ڪري ڇڏيو هو. انهن سڀني کي انگريز عملي وارين اڪيڊمين ۾ تربيت ڏني ويندي هئي. بنگالين کي مؤثر طور تي ٻاهر رکيو ويو هو. 'ويڙهاڪ نسلن' وارو فاشزم ڪاڏڙ نظريو جيڪو برطانيا جي فوجي نظريي جو هڪ اهم جُز هو، پاڪستاني آفيسرن جي روايتي دليل جي طور تي نئين فوج ۾ اجا به باقي هو. نسلي ٺٺڪتائون، جن کي هو ملائيندا هئا؛ ساڳي طرح تعصب ۽ مختلف نمونن جي رُڪاوٽن سان ڀرپور هونديون هيون. بنگالي ننڍا ۽ ڪارا آهن؛ اُهي سٺي نموني وڙهي نه ٿا سگهن، اُهي جيئڻ تازو ني هندن مان مسلمان ٿيا آهن. اِنهي ڪري فطري طرح بزدل آهن.(6) انگريز عومیت تي بدلي انهن ڪچن قڪن دليلن کي هڪ خاص مقصد يعني بنگال کي ننڍي کنڊ جي اُترئين حصي کان ڌار ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندو هو. هندستان جي سياسي اڳواڻ دستي کي اهڙي طرح اڪيلائي ۾ رکيو هو. خاص طور تي فوج کي قوم پرستيءَ جي بيماريءَ نه لڳڻ ڪيي. اهڙي طرح فوجي ڪاموري اشرافيہ پاڪستاني رياست جي ڍانچي جو مرڪز بڻجي ويئي، جنهن ۾ بنگالين، جيڪي ملڪ جي آبادي جي گهڻائي هئا جي نمائندگي نه هئڻ برابر هئي. اهو تضاد هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سياسي ٿانءُ بڻم هو، جنهن مان شروع کان ئي ڪاموراشاهي جا مُک اڳواڻ انهي حقيقت کان ڄڻ ته انڌا هئا. فوج جي پنهنجي ليکي مطمئن ٿي ويهڻ ۽ معتبرائپ ڪي ڪاموراشاهي تنگ نظر جي خود غرضي اڃا وڌيڪ مضبوط ڪيو.

انهيءَ جو ساڳي دور جي مصري فوج سان تضاد نهايت ئي واضح آهي، جنهن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته پاڪستاني آفيسرن جي طبقاتي پس منظر، انهيءَ ڳالهه کي ڪيئن نه يقيني بڻايو ته هو پنهنجي نڪتهءِ نظر ۽ سياست جي لحاظ کان قدامت پرست رهندا. چاليهه ۽ پنجاهه جي ڏهاڪن جي مصري فوج جي آفيسرن جي گهڻائي بجاءِ جاگيردارن جي اولاد جي شهرن مان ڀرتي ڪئي ويئي هئي. جيڪي گهٽ پاڳي ننڍي وچولي طبقي مان هئا. ويهن آفيسرن تي ٻڌل آزاد آفيسرن جي اڳواڻ دستي جا سڀ ميمبر يونيورسٽي گريجوئيٽ هئا. گهڻا قاهره يونيورسٽي جا پڙهيل هئا. انهن انهي دور جي شهري اثرن، مسلم ڀائيچي وارن پاران اسلامي نشات ثاني جي تبليغ ۽ سوشلزم جي مصري کاٻي ڌر پاران وڪالت کي قبوليو هو. انور سادات جو واسطو مسلم ڀائيچي وارن سان هو جڏهن ته جمال عبدالناصر، خالد محي الدين ۽ جمال سالم مصر جي کاٻي ڌُر جي سان لاڳاپيل هئا. پنهنجي ڪيڊٽ ۽ پوءِ آفيسري واري عرصي ۾ ناصر والٽيئسٽر، گيري بالدي، اتاترڪ، نيپولين ۽ ڪلاس وٽز کي پنهنجي ليکي پڙهيو هو. آزاد آفيسرن، انقلابي قوم پرستي (سامراج جي مخالف) کي زرعي سڌارن سان ڳنڍيو هو، جنهن سان ٻهراڙي جي ظلم ۽ ڏاڍ ڪندڙن جي اختيار کي نقصان پهتو ٿي، پوري وچ اوڀر ۾ ناصر ازم جو اثر برامائي هو.(7)

پاڪستاني جنرل بلڪل ئي ٻي قسم جا هئا. برطانيا پاران ڪين ٺاهڻ، سنڀالڻ ۽ تربيت ڪرڻ وغيره سندن دنيا کي پنهنجي ليکي ڏسڻ واري صلاحيت کي ڪنهن حد تائين گهٽائي ڇڏيو هو. سندن سياست جي تشڪيل جو بنياد ورهاڱو هو جنهن سنڊ هرسٽ جي جنگجوئن کي ٺيٺ ديسي صورت ۾ بدلائي ڇڏيو هو. جنرل ايوب اعظم، شيخ ۽ برڪي لڪير جا فقير ۽ تخليق کان عاري ماڻهو هئا. سندن دنياوي نڪتهءِ نظر 'ريڊرز ڊائجسٽ،' 'ٽائمز' ۽ لنڊن جي 'رائل يونائيٽڊ سروسز جنرل' جي لکڻين جي بنياد تي جڙندا هئا. (ڪڏهن ڪڏهن هو فوٽو ڏسڻ لاءِ نيشنل جاگرافڪ' مئگزين تي به نظر وجهندا هئا). آزاديءَ کان پوءِ ڍيري ڍيري برطانوي اثر جي جاءِ آمريڪي اثر وٺندو ويو، جيڪو عالمي پيماني تي بدلجندڙ حقيقتن جو هڪ عڪس هو. فيبروري 1954ع ۾ جي- ايڇ- ڪيو راولپنڊي ۾ 'آمريڪي فوجي امداد جو صلاحڪار گروپ' قائم ڪيو ويو، هاڻي جيئن ته پاڪستان جون ڏيهي ۽ پرڏيهي پاليسيون گهٽي پاڳي آمريڪي مفادن جي تابع ٿي ويون هيون، ٿورن ئي سياستدانن، فوجي اڳواڻن پينٽاگان ۾ سڌي رابطي تي اعتراض ڪيو. انهي ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته پنجاهه جي ڏهاڪي جي آخر ۾ آمريڪا جي واسطيدار اختيارين کي اها پوري ڄاڻ هئي ته پاڪستاني فوج بغاوت جون تياريون ڪري رهي آهي. ڪجهه سال پوءِ ايوب جي ڀاءُ سردار بهادر اهو الزام هنيو- ته فوج پاران اقتدار تي قبضي ڪرڻ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سي- آئي- اي پوري ريت شامل هئي.

آڪٽوبر 1958ع کان پوءِ فوجي اڪوائن ۾ سنڌن ساٿي ڪامورن اهو چوڻ شروع ڪيو ته پاڪستان کي سياستدانن کان بچائڻ لاءِ فوجي بغاوت ضروري ٿي پئي هئي. اِها ڳالهه پوري طرح سچ آهي ته پاڪستان جي سياست بلڪل ئي غير مستحڪم هئي ۽ ملڪ جا پارلياماني ادارا نوان ۽ نهايت گهڻو ڪمزور هئا پر فوجي بغاوت جا اِهي حقيقي سبب نه هئا. پاڪستاني رياست قائم رهڻ جهڙي شيءِ نه هئي. سنڌس حڪمران طبقو ڪمزور هو انقلابي اڪوائن ۽ عوامي ڌماڪن جا امڪان نئين رياست جي ڍانچي ۾ ئي موجود هئا. اِنهي ڪري فوج پرڏيهي رهنمائي جي مدد سان عوامي رضامندي کي حاصل ڪرڻ جي سڄي عمل کي ختم ڪري، ساڳي وقت تي پنهنجي پاڻ کي هڪجهڙي حڪمران طبقي (جنهن ۾ ڪو فرق نه هجي) ۽ هڪ مضبوط حڪمران سياسي جماعت جي متبادل جي طور تي پيش ڪيو. ڪاموراشاهي پاران سنڌس حمايت ۽ پنيرائي ڪئي وئي.

ايوب آمريت جي پهرئين مرحلي ۾ حڪومت کي 'صفائي ڪرڻ' جي ڪوشش ڪندي ڏٺو ويو. سياستدانن تي مقدما قائم ڪيا ويا ۽ مٿن گهڻن سالن لاءِ سياسي سرگرميءَ ۾ حصي وٺڻ تي پابندي وڌي وئي. ٽريڊ يونين ۽ هاري تنظيمن تي بندش وڌي وئي ۽ شاگردن کي ڪنهن به طرح جي سياسي سرگرميءَ کي شروع ڪرڻ يا اُن ۾ شامل ٿيڻ خلاف تنبيهه ڏني وئي. ڪاهي ڏر جي جهوني اڪواڻ ميان افتخارالدين جي اخبارن جي ترقي پسند سلسلي کي سرڪار انهي بنياد تي پنهنجي قبضي ۾ ورتو ته ميان 'پرڏيهي ايجنٽ' هو.(8) اهو ڪاهي ڌر لاءِ هڪ وڏو ڌڪ هو. هڪ ئي جهٽڪي ۾ نه رڳو ڪيس پنهنجي آواز کان محروم ڪيو ويو پر نئين سرڪار کي سنڌس سڌي ضابطي ۾ هلندڙ اخبار ملي وئي. ساڳي وقت فوج پاران ملڪ کي جديد بنائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. زراعت، تعليم، شادي ۽ خاندان متعلق قانون، پگهارن ۽ نوڪرين ۽ ٻين مختلف شعبن متعلق تجويزون تيار ڪرڻ لاءِ ڪميشنون جوڙيون ويون. خانداني قانونن جي آرڊيننس (جنهن هڪ کان وڌيڪ شادين ڪرڻ تي سخت بندشون وڌيون ۽ عورتن کي طلاق لاءِ عدالت ۾ وڃڻ جي اجازت ڏني) ڪانسواءِ ڪنهن به هئي ڪميشن جي تجويزن جي نتيجي ۾ ڪي وڏا سڌارا نه آيا. پگهارن ۽ نوڪرين واري ڪميشن جي رپورٽ ملڪ جي سول سروس ۾ بنيادي سڌارا تجويز ڪيا. جيڪي راڄ کان ورثي ۾ مليل اشرافيه واري روائتي نظام لاءِ خطري جو باعث بڻجي سگهن ها پر اُن کي آسانيءَ سان داخل دفتر ڪيو ويو.

زرعي سڌارن واري ڪميشن نهايت ئي مايوس ڪن ثابت ٿي. جيڪي سڌارا تجويز ڪيا ويا ۽ پوءِ جن تي عمل به ٿيو، انهن جو مقصد حالتن کي جيئن جو تيئن رکڻ هو (ڪجهه سطحي تبديلين ڪرڻ ڪانسواءِ پاڪستان ۾ ڪيل زرعي سڌارا، جن جي اصل ۾ ملڪ جي مک زميندارن پاران آجيان به ڪئي وئي، مصر ۾ ناصر جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيل زرعي سڌارن يا ميڪسيڪو ۾ ڪاربيناس جي زرعي قدمن جي بلڪل ٻ
اُبتڙ هئا. جيتوڻيڪ انفرادي ملڪيت جي حد پنج سؤ ايڪڙ نهري يا هڪ هزار
ايڪڙ غير نهري زمين مقرر ڪئي ويئي هئي، پر چراگاهن ۽ مال پالڻ جي فارمن
سان گڏوگڏ اُنهي زمين کي به، جيڪا زميندارن پنهنجن وارثن يا گهر ڀاتين کي تحفي
طور ڏني هئي، اُنهي حد کان ٻاهر رکيو ويو هو. هڪ وڏي سنڌي زميندار مير غلام
علي ٽالپر وڏي واڪ چيو ته سڌارن ۾ نهايت دريا دليءَ کان ڪم ورتو ويو آهي
”ڇاڪاڻ ته صدر پاڻ وڏي دل وارو ماڻهو آهي.“ درحقيقت سڌارن ٻهراڙي جي مک
مسئلي کي نظرانداز ڪري ڇڏيو هو، اهو هو ملڪيت ۽ ڪيڙن جو ڌار ڌار هئڻ.
سڌارن ۾ جيڪا هڪجهڙائي سمايل هئي، اُها هئي زميندارن ۾ هڪ جهڙائي پيدا
ڪرڻ. ايستائين ته سڌارن جي ڪري مليل زمين جو جيڪو ڪجهه حصو هارين کي
آڇيو به ويو، اُن جي لاءِ اُنهن وٽ ايترا به پئسا نه هئا جو اُها خريد ڪري سگهن.
هندو قرض ڏيندڙن جي هلڻ وڃڻ کان پوءِ اهو ڪم به زميندارن سنڀالي ورتو هو.
انهي ڪري نقد رقم جي لاءِ هارين وٽ ڪو ذريعو نه بچيو هو. حڪومت غريب
هارين جي مدد لاءِ قرض ڏيندڙ ادارن کي قائم نه ڪيو هو.

زرعي سڌارن جي وقت پنج سؤ ايڪڙ يا اُن کان وڌيڪ جي زميندارن جو
تعداد ڇهه هزار هو جن وٽ پنجهتر لک ايڪڙ زمين هئي. ٻاويهه لک هاري خاندانن
جي ملڪيت ۾ سراسري طور في خاندان کي پنج ايڪڙن کان به گهٽ زمين هئي.
پنجويهه لک هارين جي ملڪيت ۾ ڪابه ٻني نه هئي ۽ اُهي ٻٽئي تي يا موسمي
پورهين جي طور تي ڪم ڪندا هئا. سڌارن جي ڪري صورتحال ۾ ڪا خاص
تبديلي نه آئي. جيئن ’پاڪستان ٽائمز‘ فوجي قبضي ۾ اچڻ کان ڪجهه مهينا پهرين
نشاندهي ڪئي ته ”ايستائين جو مسلم ليگ جي زرعي سڌارن واري ڪاميٽي جهڙي
قدامت پسند باڊي به نهري زمين جي وڌ ۾ وڌ حد ڏيڍ سؤ ايڪڙ تجويز ڪئي
هئي.(9) زميندارن ٻاران ڇڏيل زمين ڪُل آباد ٿيندڙ زمين جو ڇهه سيڪڙو هئي ۽
اُها به بدترين زمين. جنرل ايوب سخت نموني غير حاضر زميندارن جي ننڊا ڪئي.
نتيجي ۾ ڪيترن زميندارن ڪمزور هارين کي بيدخل ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجن پوٽن
۽ وارثن کي پوک جو ذميوار بڻائي ڇڏيو. بيدخل ٿيل هاري بي زمين پورهيتن جي
وڌندڙ فوج ۾ شامل ٿي ويا.“

اهڙي طرح نئين سرڪار ٻهراڙيءَ ۾ رائج طبقاتي لاڳاپن ۾ ڪا بنيادي تبديلي
نه آندي. پر هن زرعي پيداوار کي وڌائڻ لاءِ سرڪاري مراعاتون ڏيڻ شروع ڪيون.
سرمايه دارانه پوکيءَ کي همٿايو ويو ۽ پوک هيٺ ايراضيءَ ۾ واڌارو ٿيو. پر حقيقت
۾ ننڍن ڪاڻيدارن کي بلڪل ئي نظرانداز ڪيو ويو ’سائي انقلاب‘ مان گهڻي ۾ گهڻو
فائدو وڏن زميندارن کي ٿيو. کين مراعاتون ۽ قرض به ملندا هئا ۽ انڪم ٽيڪس به
ڏيڻو پوندو هو. ڳوٺن ۾ اسڪول يا ڳوٺاڻن اسپتالن ۽ ڊسپينسرين جي تعمير، صفائي
سٿرائي جي سهولتن جي سڌاري يا عام ڀلائي جي ٻين ڪمن ڪرڻ لاءِ مشڪل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سان ئي ڪا رقم رکي وڃي، ڪوئاتي غريب ڪي، جيڪو آباديءَ جي هڪ وڏي ڪِهاتي هو، ڪهڻ فائدو ٿي ملي سگهيو.

بهرحال شهرن ۾ 'ڊرامائي' معاشي ترقيءَ کي عمل ۾ آڻڻ هو. فوجي سرڪار 'بيجا پابنديون' ۽ خاص طور ٽريڊ يونين کي ڪچلي پاڪستان کي سرمائي ڪاري لاءِ بهشت بڻائي ڇڏيو. 1947ع ۾ پاڪستان وٽ سرمائيدار طبقو نه هو. نندي ڪنڊ جا اُتريان اُلهندا علائقا خاص طور تي صنعتي سرمايه دار لاءِ موزون نه هئا. اِهي بمبئي جا بوهري ۽ اسماعيلي خوجه هئا جن کي پاڪستان جي محدود صنعت ڪاريءَ جو وسيلو بڻجڻو هو. پنجاب مان پنهنجن هم‌عصر چنيوٽين سان گڏجي اِهي واپاري طاقتور ڪاموراشاهي جا گراهڪ بڻجي ويا. اِهي ڪامورا هئا، جن نئين پاڪستاني رياست پاران سيڙپ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ مختلف اپاءَ ورتا. سرڪاري مدد ۾ سستي مشينري، ڪچو مال ۽ بنا وياج قرض مهيا ڪرڻ شامل هئا، جڏهن ته وڏي پيماني تي ٽئڪس جي چوري کان پڻ اکيون ٻوٽي ڪئي وئي.

رياست پاڪستان ۾ نجي سرمائيداري کي پيدا ڪرڻ ۽ اُن کي مضبوط ڪرڻ جو جيترنيڪ فيصلو ڪري ڇڏيو هو پر ڇاڪاڻ ته اِنهي ڳالهه جي به پڪ ڪئي هئي ته نئين بورجوازي ڪاموراشاهي جي محتاج هُجي. اِنهي ڪري ڪامورن ۽ واپارين جي وچ ۾ ويجها ۽ باهمي فائديمند ناتا وڌيا ۽ ويجها. 1958ع جي بغاوت کان پوءِ فوج جا اعليٰ آفيسر پڻ اِنهي تعلق ۾ شامل ٿي ويا ۽ بدعنواني ڏهوڻي وڌي وئي. فوج ۽ ڪاموراشاهي وٽ سياسي اقتدار هو ۽ سرمائيدارن وٽ معاشي طاقت. نفعو وڌيو پر صنعتي شعبي جي حقيقي اُجرتن ۾ وڏي گهٽتائي ٿي. اِنهي عرصي ۾ ڪراچي، لائلپور، لاهور ۽ راولپنڊي جي صنعتي مرڪزن ۾ پورهيتن جي تعداد ۾ به واڌارو ٿيو.

پاڪستان جي معاشي واڌ کي آمريڪي معيشتدان ٽين نين نوآبادياتي سرڪارن لاءِ هڪ حوالي طور ڪم آڻيندا هئا ۽ اُن کي باقي ٽين دنيا لاءِ هڪ نمونو ۽ آزاد واپار جو روشن مثال ڪري پيش ڪندا هئا. پر جيئن اسان ڏسائي چُڪا آهيون، آزاد واپار جهڙي ڪابه شيءِ موجود نه هئي. اِهي رياستي رعايتون ۽ تحفظ هو جنهن سرمائيداريءَ کي قائم ٿيڻ جهڙو ڪيو هو ۽ جتي اِهي شيون موجود نه هُيون، اُتي رياست پاران ڪارخانا قائم ڪيا ويا (پاڪستان صنعتي ترقي جي ڪارپوريشن جهڙن ادارن وسيلي) ۽ پوءِ اُنهن کي نجي سرمايه دارن کي 'مناسب قيمت' تي آڇيو ويو! هارورڊ جي ترقياتي صلاحڪار سروس جي اڳواڻ گستاف پاپانيڪ اِنهي عمل کي 'آزاد منڊي واري معشيت' جي هڪ وڏي ڪاميابي جو نالو ڏنو. پاپانيڪ پاڪستان جي اِنهي نئين ۽ ناتجربيڪار بورجوازيءَ کي پيار مان 'ڏاڙيل نواب' ڪري ڪوٺيو ۽ سندن ترقي سان ڇاڪاڻ ته وتنڊڙ فرمار جي حمايت ڪئي. ائين لڳو ٿي ته لوئس ڪيرول جي غير شعوري طور تي نقل ڪندي پاپانيڪ 'جادو جي سرزمين' ۾ وتنڊڙ اڻ برابرين کي مڃيو. پر هُن لکيو ته "آمدني ۾ اڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

براڀري معيشت جي ترقي ۾ مددگار بڻجي ٿي، جنهن سان گهٽ آمدني وارن طبقن جي حالت ۾ حقيقي سڌارو ممڪن ٿئي ٿو."(10) سماجي اُپارن، جن ايوب ۾ خاتمو آندو پاپانيڪ کي غلط ثابت ڪيو. هارورڊ جي صلاحڪارن انهي نقصان جو نهايت ئي گهٽ اندازو لڳايو، جيڪو انهي ساڳئي عرصي ۾ پاڪستاني زراعت کي رسيو هو. وڌيڪ اهو ته اولهه پاڪستان جي سيڙپ جو به ڀاڱي ٽي حصو ٻاهرين موڙيءَ تي ٻڌل هو. مستحڪم فوجي سرڪار پرڏيهي سرمايه دارن کي انهي ڳالهه لاءِ مائل ڪيو هو ته هو ڏيهي سرمائي جي ترقيءَ ۾ مدد ڪن.

فوجي سرڪار جي پاليسين ملڪ ۾ وڏي پئماني تي دولت جي ارتڪاز کي جنم ڏنو. ملڪ جا معيشتدان 1964ع ۾ جڏهن ٽين پنج سالا رٿا تي بحث ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيڻ شروع ٿيا ته ڪين اها ڳالهه وڪوڙي وئي ته رڳو پاپانيڪ جي تعريف سان ملڪ جي آباديءَ جي وڏي حصي جي حقيقي آمدنيءَ ۾ آيل جمود کي لڪائي نه ٿو سگهجي. رٿابندي واري ڪميشن جي چيف اڪانامسٽ ڊاڪٽر محبوب الحق اهڙن انگن اکرن کي سامهون آندو جن سڄي ملڪ کي حيران ڪري ڇڏيو هو. ٻڌايو ته ملڪ جي صنعتي سرمائي جو ڇاهٺ سيڪڙو ويهن خاندانن جي هٿن ۾ هو. جن مان نمايان دائود، آدمجي، سهگل، وليڪا، بيم جي، ڀنشا، فينسي مارڪر، اصفهاني ۽ حبيب هئا. ساڳي وقت ٽين رٿا جي مک نڪتن واري مسودي مان اها خبر پئي ٿي ته معيشت جي حقيقي صورتحال اُميد افزا ڪانهي. قومي آمدني ۽ معاشي ترقيءَ ۾ واڌ آبادي جي گهڻائي جي زندگي جي معيار ۾ گهٽتائي سان گڏوگڏ ٿي رهي هئي، جنهن جي ڪري خوراڪ جي کاڌي ۾ ٿي گذريل پنجن سالن ۾ گهٽتائي آئي هئي. شهرن ۾ فوج ۽ ڪاموري شاهي گهڙي ۽ وڏي پئماني جي فرمان جي بنياد تي هڏيا جهڙي ڪروڙ پتي اشرافيه کي پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڏني هئي. ساڳي طرح ٻهراڙين ۾ انهن هارين ۽ بي زمين پورهيتن جي قيمت تي زميندارن ۽ سرمايه دار آبادگارن جي مفادن کي اڳتي وڌايو هو.

ماڻهن پاران انهي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيل ڪنهن به ڪوشش کي ڏاڍ ۽ تشدد وسيلي دٻايو ٿي ويو. شهري علائقن ۾ هر قسم جي ٽريڊ يونين سرگرمي ۽ کي سخت ضابطي ۾ رکيو ويو هو. ٽريڊ يونينزم جي سست واڌ جا ڪيترائي سبب هئا. ڪهڙن مزدورن پاران جيڪي تازو ڪارخانن ۾ داخل ٿيا هئا، صنعتي پيداوار جي ناتن کي هاري- زميندار جي ناتن جي نموني تي قبول ڪرڻ به هڪ سبب آهي. سرڪار مداخلت ۽ ڏاڍ پڻ اهم هئا. ڪمپني يونين جي قيام کي سرڪار پاران همٿايو ٿي ويو ۽ مقامي ڪامورن انهن پورهيتن کي نشانو بڻائڻ ۾ ڪارخانيدارن جي مدد ٿي ڪئي جن نمائنده يونين ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي. ايوب جي دور ۾ هر قسم جي هڙتال کي غيرقانوني قرار ڏنو ويو ۽ ڪهڙن يونين اڳواڻن کي سرڪار جو پگهاردار بڻايو ويو. پر پاڪستان ۾ يونينزم جي ڪمزوري جو هڪ اهم معروضي سبب پڻ آهي. بيروزگار مزدورن جي وڏي تعداد جي موجودگي مضبوط يونين جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

قيام کي ڏکيو بڻائي ڇڏيندي آهي. اِنهي عرصي ۾ ڀھراڙين ۾ زميندارن ۽ ڪامورن جي ڪُل طاقت هارين جي مانار کي يقني بڻائي ڇڏيو هو.

ترقياتي ڪم جي حوالي سان سرڪار پاران گهڻو هُلايل 'ٽيوب ويل انقلاب' سان رڳو شاهوڪار ڳوٺاڻن کي فائدو ٿيو. بجاءِ اِنهي جي ته ڀھراڙي جي بنيادي ڍانچي، سماجي ڀلائي ۽ پيداوار ٽيندڙ تنتن ۾ سيڙپ ڪئي وڃي ها، پاڪستاني معيشت کي شهري مٿئين طبقي جي ڪاپي جي عادتن جي تابع ڪيو ويو، جنهن جو بنياد مُلڪ جي مٿي پر ٻيٺل درآمدي پاليسي هئي. عوامي سطح تي سنت درآمدي متبادلن (جيئن گهڻيون ڪمپنيون نقلي ڪوڪا ڪولا ٺاهي رهيون آهن) جي پيداوار بجاءِ بچت جي غيرضروري ڪاپي کي همٿايو. اِنهي معاشي بدنظمي ۽ آمريڪي صلاحڪارن جي ڪردار کي هارورڊ جي شاگردن جي 1969ع جي هڪ پمفليٽ ۾ چڱي ريت ظاهر ڪيو ويو آهي:

"هڪهني جي پويان ايندڙ سرمائيداراڻيون حڪومتون، جيڪي 'ترقياتي صلاحڪار سروس' جي مدد سان ڪم ڪري رهيون آهن، پاڪستان جي ماڻهن لاءِ ڪجھ به ناهي ڪيو. طبقن ۽ اوير ۽ اولھ ۾ آمدني جي اڻ برابريءَ جي گهٽ ٿين جا ڪي آثار ڪونهن. ڏاڍ ۽ بدعنواني اڄ به اوترا ئي عام آهن جيترا اُن وقت هئا، جڏهن 1950ع جي ڏهاڪي ۾ هارورڊ ڀھريون پيرو مداخلت ڪئي هئي. پاڪستان ۾ سرمائيداري هڪ آزاد ترقي ڪندڙ نظام جي بجاءِ مُک سرمايه دار مُلڪن جو نهايت ئي محتاج نظام آهي، جيڪو وڏي پئماني جي ٻاهرين امداد کانسواءِ پنهنجي ترقياتي رٿائن لاءِ پيسو مهيا ڪرڻ جي لائق ڪونهي.

صلاحڪار گروپ جي نظرياتي اساس ڪيس اهڙي صلاح ڏين کان روڪي ٿي، جنهن سان پاڪستاني ماڻهن کي پنهنجي سماج کي بدلائڻ ۾ مدد ملي سگهي... جنهن ڪاميابيءَ جي صلاحڪار گروپ هام هڻي ٿو، ظاهري طرح وڌندڙ في ماڻهو آمدنيءَ جو هڪ عارضي عرصو آهي. اوسطائين ڪابه معنيٰ نه ٿي رکي، جيستائين اڻ برابريءَ ڏاڍ ۽ پرڏيهي خيرات جي محتاجي واري سرمائيداراڻي ڍانچي ۾ حاصل ٿئي ٿي. صلاحڪار گروپ اِنهي ڍانچي کي تبديل نه ئو ڪري سگهي، اُهو وڌ ۾ وڌ آمدرفت، زراعت ۽ رٿابندي وارن طريقن ۾ ٽيڪنيڪي سڌارا آڻي سگهي ٿو. اُهي سُڌارا جيڪي بنيادي تبديليءَ ڏانهن نيڻ کان نهايت ڏور جون شيون آهن. رڳو هڪ غيرقانوني فوجي سرڪار کي مستحڪم ڪرڻ جو ڪم ڏيئي سگهن ٿا."(11)

صنعتي ترقيءَ جا پاڪستان لاءِ به وڏا نتيجا نڪتا. اُن اوير ۽ اولھ جي فرق کي چٽي طور سامهون آندو ۽ اِنهي سان شهرن ۾ پورهيت طبقي جي تعداد ۾ تيزيءَ سان واڌارو آيو. ورهاڱي کانپوءِ وارن سالن ۾ ڪامورا شاهي ۽ فوج پنهنجي پوري حڪمت عملي اُوير پاڪستان کي سياسي حقن کان محروم رکڻ جي بنياد تي ٺاهي هئي. اِها جنڪي ۽ جمهوريت دشمن رٿا جي ناڪامي فوج کي سڌي طرح اقتدار سنڀالڻ ڏانهن وٺي وئي. هاڻي جيئن ته هٿياربند فوجن جا ڦالاتا اختيار سنڌن هٿ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وَس هئا. ڪامورڪي بورجوازي اتحاد اولهه پاڪستان جي ترقيءَ ۾ مدد ڏيڻ ۽ اوبر پاڪستان جي وسيلن جي ڦرمار شروع ڪري ڏني. سياسي ۽ معاشي محروميءَ جي ڳانڍاپي ملڪ جي اُڀرندي حصي ۾ بنگال قومي شعور کي وڌايو اولهه پاڪستاني حُڪمران طبقو پنهنجي پاڻ کي مبارڪن ڏيڻ ۾ ايترو ته رُڌل هو جو سندس اکيون انهن سياسي تبديلين کان بوتيل رهيون جيڪي جلدئي رياست جي ٽاجي پيڻي لاءِ خطرو بڻجي رهيون هيون.

پرڏيهي پاليسي

ڪامورڪي سرڪار جي شروعاتي سالن ۾ سخت اولهه نواز پرڏيهي پاليسي جاري رهي. پر پاڪستان جي پرڏيهي معاملن ۾ مرڪزي مسئلو پاڙيسري ڀارت سان ڇڪتاڻ جو هڪ پورو سلسلو هو. انهن مان ڪشمير جو ڏکيو مسئلو ٻنهي مُلڪن جي وچ ۾ جهيڙي ۾ مُک مسئلو هو. ڪشمير آزاديءَ کان پهرين هڪ رياست هئي. سندس حُڪمران خاندان هِندو هو پر آباديءَ جو اسي سيڪڙو مسلمان هو (انهن جي گهڻائي شيخ عبدالله جي اڳواڻيءَ ۾ غير فرقيواريت جي حامي قوم پرستن جي حامي هئي، جڏهن ته ٿورائي مسلم ليگ جي پاسي هئي). ورهاڱي جي ڪري ٻنهي طرفن پاران انهي ڳالهه لاءِ ڪوشش ورتي ويئي ته ڪشمير سندن رياست ۾ شامل ٿئي. هندو حاڪم شامل ٿيڻ واري دستاويز تي صحيح ڪري ڀارت جي حق ۾ پنهنجو فيصلو ڏيئي ڇڏيو. پاڪستان پاران فوجي ۽ ٻين هٿياربند جٿن (خاص طور تي سرحد صُوبي جي قبائلين مان) کي اُتي موڪليو ويو پر اُهي ڦرمار ڪرڻ ۽ لُٽون لُٽڻ ۾ ايترو ته ونجي ويا، جو اُهي ڪادي جي هنڌ سرينگر جي هوائي اڏي تي قبضي ڪرڻ ۾ ناڪام ويا، جيڪو ڀارتي فوجن جي ڪشمير ۾ اچڻ جو واحد رستو هو. نتيجو اِهو نڪتو ته ڀارت پنهنجون فوجون لاٿيون ۽ پاڪستاني ڪاهه کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو. ٻن فوجن جن جي ڪمان انگريز جنرلن جي هٿ ۾ هُجي، جنگ، سلطنت جي تاريخ ۾ هڪ انوکي ۽ نهايت اڻ وڻندڙ ڳالهه ٿئي ها. انهي ڪري برطانيا جي دٻاءَ جنگ ٿيڻ کي روڪي ڇڏيو.

جنگ بندي ڪشمير جي ورهاڱي جي صُورت ۾ ٿي، خوشحال ۽ گهڻُل آباديءَ وارا علائقا ڀارت جي ضابطي هيٺ آيا ۽ باقي پاڪستاني اختيار ۾. شروعاتي سالن ۾ ڀارتي اڳواڻ پاران اِهو واعدو ڪيو ويو ته ڪشمير عوام کي سندن آئيندي جي تعين ڪرڻ جي اجازت ڏني ويندي. اِهو بهرحال واضح هو ته ڪنهن به ريفرينڊم جي صورت ۾ ڪشمير يا ته پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جي حق ۾ فيصلو ڏيندو يا وري آزاد رهڻ ۾، جنهن جي غيروابستگي ۽ تحفظ جي ٻنهي رياستن پاران ضمانت ڏنل هُجي. ڀارتي رياست جلدئي ڪشميري ماڻهن کي سندن چونڊ ڪرڻ جي حق ڏيڻ متعلق سيني خيالن کي رد ڪري ڇڏيو. انهي عرصي ۾ پاڪستاني رياست ڪشمير جي مسئلي کي پاڪستان ۾ پنهنجي تحفظ لاءِ استعمال ڪرڻ ضروري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جاتو. معاشي ۽ سياسي بُحرانن جي دوران ماڻهن جي توجهه کي اندروني معاملن تان هٽائڻ لاءِ اهو هڪ آساني سان استعمال ٿيندڙ موضوع هو. وادي ۾ عوامي اُڀار ئي اُهو اڪيلو عنصر آهي، جنهن سان هڪ حقيقي حل حاصل ڪري سگهجي ٿو. پر وڏي پئماني تي بي چيني ۽ جي باوجود عوامي ناراضگي ۽ ڪڏهن به بغاوت جي حد کي ڇُهيو نه آهي؛

پاڪستان ۾ فوجي آمريت پنهنجو پاڻ کي علائقي ۾ آمريڪي مفادن جو وفادار ترين محافظ تصور ڪندي هئي. سيپٽمبر 1959ع ۾ ايوب پارٽي وزيراعظم نهرو کي پاڪستان ۽ ڀارت جي ٻاهرين اڳراڻي خلاف گڏيل بچاءَ جي هڪ پُراڻي آمريڪي تجويز پيش ڪئي. (12) ڀارتي اڳواڻ اِهو چئي اِنهي کي رد ڪري ڇڏيو ته 'گڏيل بچاءَ ڪنهن جي خلاف؟' 1962ع ۾ هند– چيني جنگ ايوب جي چين مخالف موقف جي باوجود نهرو جي اِنهي باري ۾ خيالن کي تبديل نه ڪيو. اُن وقت آمريڪي صدر جان– ايف– ڪينيڊي جي ڀارت سان ويجهن ناتن رکڻ متعلق درخواست جي جواب ۾ ايوب هي جواب ڏنو:

"اسان سمجهون ٿا ته (ننڍي کنڊ جي موجوده صورتحال) نهرو ۽ سندس ساٿين جي بگڙيل ۽ غلط سوچ جو سڌو نتيجو آهي... اِها سوچ هيٺين عنصرن تي ٻڌل آهي:

1- ڪميونزم کي راضي ڪرڻ لاءِ بلڪل جهڪي پوڻ؛

2- ڪميونزم کي راضي ڪرڻ ۽ ٻين خوددار قومن کي ڀارت سان ملائڻ لاءِ ته جيئن عالمي پئماني تي سندن تنگ ڪرڻ واري حيثيت ٺهي سگهي. غير وابستگيءَ جو اڄوڪو جهنڊو لهرائڻ،

3- پاڪستان کي سياسي طور اڪيلو ڪرڻ ۽ معاشي طرح ڪمزور ڪرڻ لاءِ اُن کي ديچارڻ ۽ ڌمڪائڻ،

4- وقت بوقت اولهه ۽ خاص طور تي آمريڪا کي کهڻ وڻ ڳالهائڻ."(13)

تجزئي جي اِنهي سادگي آمريڪا کي خوش نه ڪيو، جيڪو هند– چيني سرحدي جنگ ڪانپوءِ ڀارت کي پاڻ ڏانهن مائل ڪرڻ ۾ رُڌل هو. پاڪستاني پريس ۽ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو ايوب کي هڪ 'مدبر سپاهي' ڪري پيش ڪندا هئا پر آمريڪي آقا اِنهي کان متاثر نه ٿيا هئا. اِنهي ڳالهه کي نه سمجهندي ته آمريڪي نڪتهءِ نظر کان ايشيا جي صُورتحال لاءِ ڀارت کي مرڪز سمجهي ٿو پاڪستاني حاڪمن هڪ وفد کي چين موڪلي ڇڏيو. چين اُن وقت اُنهي کهيري کي ٽوڙڻ ۾ رُڌل هو، خاص طور تي سوويت يونين سان ناتن جي خراب ٿين کان پوءِ، جيڪو آمريڪا سندس چوڌاري منظّم ڪيو هو. پاڪستان اِنهي سلسلي ۾ کيس ڀرپور موقعو مهيا ڪيو. چيني اڳواڻ پاڪستان سان هڪ سرحدي ٺاهه ڪيو. جنهن جي ڪري پاڪستان کي سايا ست سؤ چورس ميلن جو علائقو مليو.

پر اِنهي پاليسي جي ڪاميابي ملڪ جي عوام کي خاموش ڪرائڻ لاءِ ڪافي نه هئي. اِنهي ڪري 1962ع ۾ مارشل لا ختم ڪيو ويو ۽ نئون آئين لاڳو ڪيو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهو سياسي جهيڙي کي ختم ڪرڻ جي خيال کان جوڙيو ويو هو. راءِ ڏهي کي پلي
ڪيو ويو هو ۽ صدر کي لامحدود اختيار ڏنا ويا هئا. ڪاموراشاهي ايوب کي صلاح
ڏني ته هو پنهنجي سياسي جماعت ٺاهي. نتيجي ۾ 'ڪنونشن ليگ' وجود ۾ آئي
اها بنا ڪنهن شڪ جي بي اُصول آئندي پسندن جو مجموعو هئي. انهن مان ڪيترا
حد درجي جا بدعنوان ۽ ڏوهن جي دنيا ۽ ڪاموريشاهي سياست جي وچ ۾ نياڪر
جو ڪم ڪندڙ هئا. اهو عنصر خاص طور تي اوڀر پاڪستان ۾ مضبوط هو
جڏهن ته اولهه ۾ اهي ساڳيا اسان جا دوست يونينسٽ پارٽي وارا زميندار هئا، جن
ايوب کي ڀرائيءَ ۾ هڪ بنياد مهيا ڪري ڏنو.

مخالف جماعتون هڪ سياسي پليٽ فارم 'ڪٺيل مخالف جماعتون' (COP)
جي نالي ۾ ڪٺ ٿيون ۽ ايوب جي مقابلي لاءِ محمدعلي جناح جي پوڙهي ڀيڻ فاطمہ
جناح کي اُميدوار جي طور تي سامهون آنديائون. مارشل لا جي پڇاڙي واري عرصي
دوران شاگردن اڳيئي هڪ ڏار وجهي ڇڏيو هو. جڏهن 1961ع ۾ ڪانگو جي
اڳواڻ پيٽرس لوممبا کي سي- آئي- اي پاران قتل ڪيو ويو ته شاگردن لاهور ۾
مارشل لا جي خلاف ورزي ڪندي سڙڪن تي مظاهرا ڪيا ۽ آمريڪا مخالف نعرا
هنيائون.(14) ڪجهه هفتن ۾ پوري مُلڪ جا شاگرد احتجاجن ۾ شامل ٿي ويا
جيڪي گهڻو ڪري آمريت مخالف نوعيت جا هئا. محترمہ فاطمہ جناح جي اُميدوار
طور بيهڻ سيني آمريت مخالف قوتن کي ڪٺو ڪري ڇڏيو هو. چونڊون جيڪي اڪثر
ملي 'جنرل جي چونڊن' جي نالي سان سڃاتيون وڃن، 1965ع ۾ ڪرايون ويون
جيتوڻيڪ اُنهن ۾ راءِ ڏيڻ جو حق شهري ۽ ڳوٺاڻي سطح تي چونڊيل مڪاني
ڪائونسلرن 'بنيادي جمهوريتن' تائين محدود هو. محترمہ فاطمہ جناح کي رڳو تمام
وڏي پيماني تي ڌانڌلي ۽ اوڀر پاڪستان جي ڪاهي تڙ جي چين نواز گروهن پاران
مڪمل حمايت ڏيڻ ۾ ناڪاميءَ جي ڪري شڪست آئي.

1965ع جي چونڊن کي پوءِ وارو مزاج مايوسي ۽ ڪاوڙ تي ٻڌل هو. ڪابينہ
جي سينيئر وزيرن (جن ۾ ذوالفقار علي ڀٽو شامل هو) اهو تسليم ڪيو ته سرڪار
هاڻي پهرين کان بہ وڌيڪ اڪيلي ٿي پيئي آهي. اِنهي ڪري اهو فيصلو ڪيو ويو
تہ هڪ ٻيهر وري ڪشمير جي مسئلي کي کنيو وڃي. ڪشمير اڳيئي ٻي چيني واري
دور مان گذري رهيو هو ۽ اهو سمجهيو ويو تہ اُتي پاڪستاني فوجين کي شهري
رضاڪارن جي ويس ۾ لڪائي موڪلڻ سان عام بغاوت کي ڀڙڪائي سگهجي ٿو
اهو فرض ڪيو ويو تہ نتيجي ۾ جيڪو فوجي ٽڪراءُ ٿيندو اُن ۾ پاڪستاني فوج
کي هڪ سولي سوڀ کٽڻ ۽ ڪشمير کي آزاد ڪرائڻ جو موقعو ملي ويندو. فوج
جي هاءِ ڪمان اهو سمجهيو هو تہ جنگ رڳو ڪشمير جي علائقي تائين محدود
رهندي. پاڪستاني مداخلت ڪندڙن کي ڀارتي فوج جلدئي سڃاتي ورتو ۽ ٽڪراءُ
شروع ٿي ويو.(15) پاڪستان جي ڪمانڊرن فوجي جٿن کي سڌي لڙائي وڙهڻ لاءِ
اُتي موڪليو. اهو ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ ڪشمير جي ماٿريءَ ۾ ڪابہ عام هڙتال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نه ٿي هئي. متوقع عوامي ڇُرپر نه ٿي سگهي، پارٽي فوجن شروعاتي ڪجهه نقصانن کانپوءِ تيزيءَ سان جوابي حملو ڪيو ۽ بين الاقوامي سرحد پار ڪري اولهه پاڪستان جي گادي جي هنڌ لاءِ خطرو بڻجي ويون. پارٽين سوچي سمجهي شهر تي قبضي نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو پر اِها ڳالهه واضح هئي ته اُنهن جنگ جو رُخ موڙي ڇڏيو هو. ايوب کي اِهو اندازو نه هو ته جنگ ڦهلجي ويندي. انهي ڪري هُو صفا هراسجي ويو. ڀٽي جي چواڻي ته "پتلونون مُٽ سان خراب پئي ٿيون ۽ هُو ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ هر هر نهايت مايوسيءَ واري حالت ۾ آمريڪي سفير کي فون ڪري مداخلت ڪرڻ ۽ جنگ بندي ڪرائڻ لاءِ پاڌائي رهيو هو." عجب جهڙي ڳالهه ٿي ته جنگ ۾ ٽيهي پوڻ واري چيني ڌمڪيءَ آمريڪا ۽ سوويت يونين کي جنگ بند ڪرائڻ تي مجبور ڪيو. اوپر پاڪستان جو غيرمحفوظ هئڻ هڪ بيو عنصر هو جنهن ڪراچيءَ کي ٿاهه ڪرڻ تي اُڪسايو (صوبي جي مڪمل طور تي غير محفوظ هئڻ اُتي قوم پرستانه مقصد کي مضبوط ڪرڻ ۾ مدد ڏني).

نيٺ تاشقند ۾ سوويت وزيراعظم ڪوسگين جي مهربان نگراني ۽ آمريڪا جي حمايت سان جنگبندي تي صحيحون ٿيون. چينين پاران تاشقند ڪانفرنس کي آمريڪي سامراج پاران، سوويت يونين جي مدد سان، چين کي گهيري ۾ آڻڻ جي هڪ ٻي ڪوشش ڪري ليکيو ويو. ڪانفرنس ڪشمير جي عوام جي خوداختياري واري حق ڪانسواءِ ٻي هر ڳالهه کي بحث هيٺ آندو. گهڻا ڪشميري ماڻهو انهي ڳالهه تي قائل ٿي چُڪا هئا. قومي ڇوٽڪارو يا آزادي رڳو پنهنجين ڪوششن وسيلي ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي ۽ نه ٻاهرين فوجي ڪارروائي وسيلي. تاشقند ٺاهه تي مُلڪ جي اولهندي حصي جي عوام جو ردِعمل ڪاوڙ وارو هو. بعد ۾ ڀٽي کي پرڏيهي وزير جي عهدي تان هٽائڻ ۽ سندس پاران جڏهن هُو ماڻي وزير نه هو، تاشقند ٺاه جي ننڊا ڪندو رهيو، پنجاب جيڪو قومي شاونزم جو ڳڙهه ۽ اُهو علائقو آهي، جتان مُلڪ جي گهڻي ڀاڱي سپاهين کي ڀرتي ڪيو ويندو آهي، اتي ڀٽي جي مقبوليت عام ٿيڻ لڳي.

پاڪستان لاءِ چين جي حمايت پاڪستاني سياست ۾ هڪ اهم تبديلي آندي. انهيءَ جا نتيجا ڪاٻي ڌُر لاءِ تباهه ڪن نڪتا پر انهي سان هڪ مقصد حاصل ٿيو. انهي سان آمريڪي پاليسين خلاف عوامي نفرت ۽ ويٽنامي ماڻهن جي جدوجهد جي حمايت ۾ تمام گهڻو واڌارو آيو. پر چين جون پاليسيون ٻپلوميسي جي حدن کان گهڻو اڳتي نڪري ويون. چيني اڳواڻن پاران ايوب آمريت جي ساراهه ڪئي وئي ۽ چيو ويو ته 'بنيادي جمهوريت' جي نظام ۽ چين جي عوامي ڪميونن ۾ ڪجهه شيون هڪجهڙيون آهن. سندن پاران پاڪستان جي عوام جي جدوجهد کي نظرانداز ڪيو ويو. پاڪستان جي تاريخ کي غلط طور تي پيش ڪيو ويو ۽ بيڪار هند- پاڪ جنگ کي 'عوامي جنگ' قرار ڏنو ويو. چيني پرڏيهي وزير مارشل چين وي تاشقند ٺاهه کان پوءِ لاهور جي دوري جي موقعي تي هڪ بيان جاري ڪيو، جنهن مان چيني موقف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ظاهر ٿيئي ٿو:

"صدر محمد ايوب خان جي اڳواڻي ۾ پاڪستاني عوام هڪ فرد وانگر متحد ٿي پاڻ ۾ دشمن خلاف هڪ گڏيل نفرت ذريعي دشمن تي سوڀ حاصل ڪئي.... ۽ نيٺ پنهنجي مُلڪ جي آزادي ۽ خودمختياري جو تحفظ ڪندي اڳرائي ڪندڙ کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو."(16)

چين جي گهڻي حمايت ايوب خان جي مسئلن ۾ گهيريل سرڪار لاءِ رکو... عارضي پرجهلو هئي. پاڪستاني صدر جي آمريڪي دوري کي گهڻو ڪري ... ياترا جي طور تي ورتو ويو، جنهن ۾ ايوب آمريڪي صدر کان تازي ٿيل پاڪ ... جنگ ۾ پنهنجي خراب فوجي ڪارڪردگي جي معافي گهري. آمريڪا سان ناتا... اپيل انهي ڏار کي صحيح ڪرڻ کان پوءِ ايوب هڪ ڀيرو وري پُراعتماد ٿي ويو... مُلڪ پوري طرح سندس ضابطي ۾ آهي. سندس چوڌاري جمع ٿيل خوشامد... ڪامورن ۾ سياستدانن جي ٽولي ڪيس عوام جي هر حصي کان الڳ ڪري ڇڏ... هو. اخبارن ۽ ريڊيئي سندس ساراهه جا گيت ڳائي ڳايا ۽ وزارت اطلاعات جا پگهاريا... پالتو دانشور سندس اڏو پنهنجو پاڻ کي هر طرح سان بيعزتو ڪندا پئي آيا. مثا... طور رائٽرزگلڊ جي سيڪريٽري گلڊ جي هڪ ڪنجائيءَ ۾ آمر جي آجيان هن ريت ڪئي:

"توهان، هن دور جا عظيم سپوت ۽ انهي سڄي ڪم جي مرڪزي قوت آهيو. جن ليکڪن کي، اُنهن ڏينهن ۾ جڏهن ڪين پنهنجو اُنيندو مشڪوڪ پئي لڳو. اظهار جي آزاديءَ جو وچن ڏنو. توهان جي پاڇي ۾ اسان اظهار جي مڪمل آزادي ماڻي آهي ۽ اسان کي انهي ڳالهه تي فخر آهي ته اسان اُن جو غلط استعمال ناهي ڪيو."(17)

1965-68ع جي سالن ۾ پاڪستان جي صُورتحال خراب هئي. انڪي ڪيئي اندروني مسئلا پيش هئا جن کي انقلابي سماجي تبديلي آڻڻ کان سواءِ حل ڪرڻ ڏکيو هو. دولت جي ارتڪاز (هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ) نهايت شديد قسم جي اڻ برابريءَ کي جنم ڏنو هو. مٿيان طبقا جيڪا زندگي گذاري رهيا هئا. اُن جو باقي سماج سان ڪوبه تعلق نه هو. هڪ پاسي هڙتالي مزدورن کي ڪامورن ۽ سرمائيدارن جي حُڪم تي گولين سان اُڏايو پئي ويو ۽ ٻئي پاسي انهن ڪامورن ۽ سرمائيدارن جون زالون پرتعيش بين الاقوامي هوٽلن ۾ مهانگن فيشن شوز ۾ شريڪ ٿي 'هيلو آفسر' ۽ 'راجا جو پُتڪا' جهڙين نين تخليقن کي ساراهي رهيون هيون. ڏهه ڪروڙ جي مُلڪ ۾ رڳو 18.9 سيڪڙو ماڻهو پڙهيل هئا ۽ انهن مان رڳو ٽي سيڪڙو عورتون هيون. سرڪار جيئن پاڻ کي باقي مُلڪ کان ڌار ڪيو تيئن بدعنواني ڌهوڻي وڌي ويئي. آمر جو وڏو پٽ گوهر ايوب هڪڙي ڏينهن ڪروڙپتي ٿيو ۽ بلڪل ٻئي ڏينهن تي ناميارو سياستدان بڻجي ويو. مخالف سياستدانن کي قيد ڪيو ويو هو. انقلابي شاعر حبيب جالب، جنهن جي شاعري غريب ماڻهن ۾ گهڻو مقبول هئي، هُو ايترا ڀيرا جيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي اندر ۽ جيل کان ٻاهر ايندو ويندو رهيو، جو هُو پنهنجن قريبي دوستن کي، ته به پيا ڏيندو هو.

ٿلهجندڙ معاشي ۽ ذهني دٻاءُ گڏجي اهڙي صُورتحال کي پيدا ڪيو هو جنهن ۾ عوامي ڪاوڙ جي ڌماڪي سان ڦاٽي پوڻ جا آثار بلڪل چٽا نظر اچي رهيا هئا. سرڪار 1968ع جي سرءُ ۾ 'ترقيءَ جو ڏهاڪو' ملهائڻ جو فيصلو ڪيو. اطلاعات واري وزارت جي هدايت تي اخبارن خاص ضميما ڪڍيا. ڪراچيءَ جي روزاني اخبار 'ڊان' جيڪا دولتمند هارون خاندان جي ملڪيت آهي، پاڪستان ٽائمز سان مقابلو ڪندي اخبار جي هڪ شماري ۾ ايوب جون اُوٺهتر تصويرون ڇاپيون!(18) انهي مان اهو ظاهر ٿيو ٿي ته ٻن ڏهاڪن ۾ ٻيون پيري ڪاموراشاهي پاڻ کي عوام کان مڪمل طور تي ڌار ڪرڻ ۾ ڪامياب وئي هئي 'ترقي جي ڏهاڪي' ملهائڻ وارين تقريبن جي هڪ مهيني اندر مُلڪ هڪ خودرو عوامي اُڀار ۾ وڪڙجي ويو، جنهن رياستي ڍانچي جي بنيادن کي لوڏي ڇڏيو

ڪاٻي ڌُر جو زوال

1968ع جي عوامي اُڀار، جنهن مُلڪ جي سياسي زندگيءَ کي بدلائي ڇڏيو ۽ اُنهن سماجي قوتن جي جائزي وٺڻ کان پهرين، جيڪي انهي اُڀار جي نتيجي ۾ سامهون آيون اهو ضروري آهي ته پاڪستان جي ڪاٻي ڌر جو هڪ مختصر جائزو پيش ڪيو وڃي. اهو انهي ڪري به ضروري آهي ته جيئن 1968ع کان پوءِ وارن اهم ترين سالن ۾ روائتي ڪاٻي ڌر جي پوئتي هٽڻ ۽ ملڪ جي ٻنهي حصن ۾ قوم پرست عواميت جي اُڀرڻ کي چڱي طرح سمجهي سگهجي.

چين– سوويت اختلافن ٻين ملڪن وانگر پاڪستان ۾ به ڪاٻي ڌر کي ورهائي ڇڏيو. اسٽالني روايت مطابق تربيت ورتل پُراڻن ڪميونسٽن لاءِ حڪمت عملي ۽ چالن، ٻنهي سطحن تي ٿيندڙ سياست جو مطلب ماسڪو جي اختيار ڪيل موقف جي پوئواري ڪرڻ ۽ اُن ۾ ٿيندڙ تبديلين کي فرمانبرداري سان قبولڻ هو. بيجنگ ۽ ماسڪو ۾ ڇڪتاڻ ٻن مرڪزن کي پيدا ڪري، نئين ڪنڊ جي اسٽالنزم کي هڪ وڏي مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو هو. پاڪستان ۾ جيئن اسان پهرين ٻڌايو ته ڪميونسٽ، نيشنل عوامي پارٽي ۾ سرگرم هئا. 1962ع ۾ ميان افتخارالدين جي وفات سان نعپ جي مقبوليت پنجاب ۾ گهٽجي وئي، اُن جا مُک مرڪز بلوچستان، سرحد صوبو ۽ اوڀر پاڪستان هئا. سندس اڳواڻ، جيڪي سڀ جا سڀ غيرڪميونسٽ هئا (ڪجهه سندن همدرد هئا) ولي خان (سرحد)، غوث بخش بزنجو، عطاءُ الله مينگل ۽ خيربخش مري (بلوچستان) مظفراحمد ۽ مولانا عبدالحميد ڀاشاني (اوڀر پاڪستان) هئا. اُپرندي صوبي هڪ ڌار ۽ لِڪل ڪميونسٽ پارٽي کي به برقرار رکيو هو، جنهن جا اڳواڻ موني سنگهه ۽ سکهندو دستي دار هئا. اوڀر پاڪستان جي ڪميونسٽ پارٽي 1965ع ۾ چين – سوويت اختلاف تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شديد طور تي ورهايل هئي ۽ ٻه سال پوءِ اها ٽُٽي پيئي، اولهه پاڪستان جي اڳرين
تي ڪٿن جيترن ڪميونسٽن ٻه ساڳي واٽ اختيار ڪئي. سي- آر اسلم، مرزا
ابراهيم ۽ سردار شوڪت بيجنگ نواز موقف اختيار ڪيو، جڏهن ته هيا ماسڪو
جي پاسي ئي رهيا. ڪميونسٽ پارٽي جي صفن ۾ ٽوڙ ڦوڙ کان پوءِ هڪ عجيب
صورتحال پيدا ٿي پيئي. نعپ، جيڪا ننڍي بورجوازي جي هڪ جمهوري جماعت
هئي ان ۾ پڻ ڦيٽاڙو پئجي ويو. مولانا ڀاشاني ۽ مسيح الرحمان ڪانسواءِ باقي سڀ
اڳواڻ ماسڪو نواز ڪميونسٽن سان گڏ رهيا. انهي ورهاست اوڀر- اولهه جي وچ
۾ اختلاف کي ظاهر ٿي ڪيو. اولهه ۾ ڪميونسٽ هڪ ننڍڙي قوت هئا ۽ سندن
گهڻو دارومدار نعپ جي غير ڪميونسٽ اڳواڻن جي مضبوط حيثيتن ۽ سندن اثر
وارن علائقن تي هو. اوڀر پاڪستان ڪميونسٽ پارٽي، پارٽي جي اڪثر اڳواڻن کي
پنهنجي پاسي ڪرڻ ۾ ڪامياب وئي هئي، جڏهن ته بيجنگ نواز ڪميونسٽ پارٽي
(مارڪسسٽ- ليننسٽ) کي رڳو ٿوراني جي حمايت حاصل ٿي سگهي هئي. پر
مولانا ڀاشاني بيجنگ نواز حصي جي پاسي رهيو. نعپ بيجنگ جي انهي فارمولا
مطابق ٻه اڌ ٿي ته "اتحاد- جدوجهد يا ڌار ٿيڻ- ننهن ٻڌي نين بنيادن تي".

ڀاشاني کي 1961ع ۾ مصر مان موٽڻ کان پوءِ، جتي هو صدر ناصر جو
مهمان هو، ايوب سرڪار پاران گرفتار ڪيو ويو. 1963ع ۾ آزاد ٿيڻ کان پوءِ هو
سرڪاري سرپرستيءَ ۾ چين ويندڙ هڪ وفد جي اڳواڻي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿي
ويو. بيجنگ ۾ پاڪستاني سفير جنرل رضا ڀاشاني جي چو-اين لائي ۽ مائوزي تنگ
سان ڳالهه ٻولهه وقت اُتي موجود هو. هُن رپورٽ ڏني ته چيني اڳواڻن مولانا کي
نهايت واضح لفظن ۾ ٻڌايو ته چين ايوب سرڪار لاءِ نعپ جي حمايت جي اَجيان
ڪندو. جولاءِ 1969ع ۾ اوڀر پاڪستان جي دوري ۾ ڀاشاني مون کي ڏنل هڪ
ٻکهي رڪارڊ ڪيل انٽرويو ۾ انهي ڳالهه جي پڪ ڪئي:

طارق علي: جڏهين توهان چين ويا ته مائو سان توهان جي ملاقات ۾ ڪهڙي ڳالهه
ٻولهه ٿي؟

ڀاشاني: مائو مون کي چيو ته هن وقت چين جا پاڪستان سان ناتا انتهائي نازڪ
آهن. آمريڪا، سوويت يونين ۽ ڀارت پاران اُنهن کي ختم ڪرڻ جي هر
ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي. هُن چيو، تون اسان جو دوست آهين ۽
جيڪڏهين هن وقت تو ايوب سرڪار خلاف پنهنجي جدوجهد جاري رکي ته اُن
سان رڳو سوويت يونين، آمريڪا ۽ ڀارت جا هٿ مضبوط ٿيندا. توهان جي
ڪم ۾ دخل اندازي ڪرڻ اسان جي اُصولن جي خلاف آهي، پر اسان توهان
کي صلاح ڏينداسين ته آهستي ۽ احتياط سان اڳتي وڌو. اسان کي موقعو ڏيو
ته توهان جي سرڪار سان پنهنجي دوستي مضبوط ڪيون.(19)

ڀاشانيءَ جي موٽڻ کان پوءِ، باقاعدي ٽوڙ کان ڏيڍ سال پهرين، بيجنگ نواز
ڪميونسٽن پهرين گهڻي حد تائين ايوب آمريت جي مخالفت جي پنهنجي لهجي کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽيمو ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ اُن جي 'سامراج مخالف سرڪار' جي طور تي حمايت ڪرڻ لڳا. ماسڪو نواز نعپ سرڪار جي مخالفت جاري رکي پر بلڪل ئي اَئيني انداز ۾. ٽوڙ شديد طور تي نعپ ۽ سندس مختلف ڌڙن جي هڪ اثرائتي متبادل فراهم ڪرڻ واري صلاحيت کي گهٽائي ڇڏيو هو. مائوپرست موقف اڃان وڌيڪ مونجهارو پيدا ڪيو هو. انهي جو نتيجو اهو نڪتو ته 69-1968ع جي ٽماڪن لاءِ کاٻي ڌر جا ڪارڪن گهٽ تيار هئا.

چين – سوويت اختلاف ٽئين ايشيا جي ڪميونسٽن لاءِ بين الاقوامي ڪميونسٽ تحريڪ ۾ ڀڃڻ وڏو ڌڪ هو، جيڪڏهن اهو منجهانئن ڪنهن تنڌڙي حصي کي به انهي ڳالهه ڏانهن وٺي وڃي ها، جيڪو ٻنهي فريقن سان تنقيدي لاڳاپا قائم ڪري سندن اختلافن جي جائزي وٺڻ لاءِ ڪو معروضي ماپو جوڙي ها ته کاٻي ڌر کي نهايت گهڻو فائدو ٿئي ها، پر ڪنهن به فريق آزاد سوچ جي حوصلي افزائي نه ڪئي ۽ پارت پاڪستان جي ڪميونسٽن کي پنهنجي پنهنجي ملڪ جي رياستي مشينري ڏانهن سوويت يونين ۽ چين جي پرڏيهي پاليسي مطابق رويا متعين ڪرڻا پيا. اهڙي ريت پارت ۾ مائوپرستن ڪانگريس انتظاميا جي شديد مخالفت ڪئي ۽ 'هٿياربند جدوجهد' جي اڪيهاتي پاليسي اختيار ڪئي، جڏهن ته ماسڪو نواز مضبوط ڪميونسٽ حڪمران جماعت جي کاٻي هٿ طور ڪم ڪرڻ لڳا. پاڪستان ۾ صُورتحال انهي جي اُبتڙ هئي. مائوپرستن ڏاڍ ڪندڙ فوجي سرڪار جو بچاءُ ڪيو، جڏهن ته ماسڪو جي حمايتن جمهوري حقن جي حمايت ۾ پني ڳالهايو. انهي مجموعي صُورتحال ۾ اولهه پاڪستان ۾ هڪ نئين جماعت ظاهر ٿي ۽ اُوڀر بنگال ۾ هڪ پُراڻي جماعت پنهنجو پاڻ کي سرگرم ڪيو. ٻنهي جماعتن کي روائتي کاٻي ڌر جي گروهن کي فيصلائتي طور تي پوئتي ڇڏيو هو ۽ عوام جي حمايت حاصل ڪرڻي هئي (پر خاص طور تي بلوچستان ۽ جزوي طور سرحد صوبو انهي ۾ شامل نه هئا).

اهي نعپ جون ناڪاميون ۽ ٽوڙ هئا جيڪي نيٺ ايوب جي هڪ اڳوڻي وزير ذوالفقار علي ڀٽي کي پنهنجي جماعت ٺاهڻ ڏانهن وٺي ويا. هُن نعپ جي ٻنهي ڌڙن ۽ ڪائونسل مسلم ليگ سان ملڪ جي سياسي صُورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي هئي پر ڪيس سندن تجزيو اڻ پورو لڳو. ڊسمبر 1967ع ۾ ڀٽي پنهنجن اڳرين تي ڳڻڻ جيترن دوستن سان گڏجي پاڪستان پيپلزپارٽي قائم ڪئي.(20) انهن ۾ فرانس ۾ پاڪستان جو هڪ اڳوڻو سفير جي- اي- رحيم، ڪراچيءَ جو هڪ اڳوڻو شاگرد اڳواڻ معراج محمد خان ۽ ٿورڙي غيرمتوازن خوشامدي احمد رضا قصوري سان گڏ ڪنوينشن مسلم ليگ مان ڌار ٿيل مصطفيٰ کر ۽ ممتاز ڀٽو (سوٽ) شامل هئا. انهي وڻ وڻ جي ڪاٺي جهڙي گروهه ۾ رڳو هڪ ڳالهه گڏيل هئي ۽ اُها هئي سندن ڀٽو سان وفاداري ۽ اهو يقين ته ڀٽو ملڪ جي اعليٰ ترين عهدي تي پهچڻ جي اهليت رکي ٿو. جيڪڏهن نئين جماعت جي حمايت رڳو انهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ننڍڙي گروهہ تائين ئي محدود هُجي ها تہ اها ترقي نہ ڪري سگهي ها. پر ڪير

اولهہ پاڪستان جي شاگردن جي وڏي تعداد منجهان حمائتي ملڻ کانسواءِ نعپ جي سرگرم ڪارڪن جي هڪ حصي جي، جيڪي هڪ حصي جي بي عمل ۽ ٻئي حصي جي سرڪار نواز موقف کان تنگ اچي چُڪا هئا. حمايت پڻ حاصل ٿي. پنو نومبر 1968ع ۾ شروع ٿيل ايوب مخالف احتجاج جو آواز بڻجي ويو. سنڌس تقريرن ۾ سامراج مخالف تشبيهون ۽ سوشلزم جو گهڻو ذڪر هوندو هو. ڀٽي جي وڌندڙ مقبوليت ۾ ايوب انتظاميا کي بدنام ڪرڻ ۽ ڪردار ڪشي واري نامناسب مُهم جي ڪري اڃان وڌيڪ واڌارو آيو. جڏهن سرڪار سندس گرفتاريءَ جو حُڪم ڏنو تہ ڀٽو اڃان وڌيڪ باهمت ۽ پراعتماد ٿي پيو. پي پي پي هڪ سياسي جماعت کان وڌيڪ آمريت خلاف هڪ تحريڪ هئي ۽ انهي حيثيت ۾ اُن پنهنجي لاءِ حمايت حاصل ڪئي. ان دوران روائتي کاٻي ڌر مڪمل طور تي پاسيري ٿي وئي هئي.

اوڀر پاڪستان جي نوآبادي ۾ سياست ۾ وڌيڪ شدت هئي. آمريت جي ذهن سان هرممڪن تضاد. کي چوٽ چاڙهي ڇڏيو هو. قومي سوال هاڻي بلڪل اسٽيج جي وچ تي هو. پر بنگالي کاٻي ڌر جي گهڻائي اِنهي باري ۾ بلڪل ئي خالي هئي. شاگردن جي گهڻائي ايوب سرڪار جي بلڪل ئي خلاف هئي. غنڊا ۽ بدمعاش، جيڪي سرڪار جا حمايتي هئا. ڪئمپن ۾ دهشت قائم ڪري ڇڏي هئي، پر نومبر 1968ع ۾ کاٻي ڌر کي جوابي حملي کي منظم ڪرڻو پيو. سڄي صوبي ۾ اِها عوامي ليگ هئي، جنهن کاٻي ڌُر جي جاءِ ورتي هئي. هاڻي ليگ جي اڳواڻي شيخ مُجيب الرحمان پئي ڪئي، جنهن کي سرڪار علائقائي خودمختياري لاءِ ڇهن نڪتن جوڙڻ جي ڪري قيد ڪيو هو. اِهي ڇهہ نڪتا هي هئا:

1- حڪومت جو وفاقي نظام جيڪو پارلياماني هُجي ۽ بالغ راءِ دهي تي ٻڌل هُجي.

2- وفاقي سرڪار رڳو بچاءَ ۽ پرڏيهي معاملن لاءِ ذميوار هوندي ۽ باقي سڀ معاملا صُوبن جي اختيار ۾ هوندا.

3- مُلڪ جي ٻنهي حصن لاءِ ٻہ الڳ پر آزادي سان تبديل ٿيندڙ ڪرنسيون يا سڄي مُلڪ لاءِ هڪ ڪرنسي پر اِنهيءَ صورت ۾ اوڀر کان اولهہ ڏانهن سرمائي جي منتقلي کي روڪڻ لاءِ اثرائتا آئيني اُپاءَ وٺڻ.

4- ٽئڪسن ۽ محصولن اُگاڙڻ جا اختيار بجاءِ مرڪز جي صوبن وٽ هئڻ.

5- مُلڪ جي ٻنهي حصن جي پرڏيهي ناڻي جي ڪمائي جو ڌار حساب ڪتاب رکڻ، جيڪي واسطيدار صُوبائي سرڪارن جي ضابطي ۾ هُجن.

6- اُوڀر پاڪستان لاءِ مليشيا يا نيم- فوجي تنظيم جو قيام.

اِهو منشور اوڀر پاڪستان جي سياسي تنظيم پاران اُنهي صُورتحال جي، جيڪا ورهاڱي کان پوءِ موجود رهي هُئي ازالو ڪرڻ جي وڏ ۾ وڏ سنجيده ڪوشش هئي.(21) جڏهن هندو واپاري ۽ زميندار، جيڪي هتان جي معيشت تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇانيل هئا. 1947ع ۾ ڀارت لڏي ويا ته سنڌن ڇڏيل خال کي گهڻي ڀاڱي اولهه پاڪستان جي غيربنگالين پاران ڀريو ويو. اوڀر بنگال جي معاشي ڦرمار جيڪا 1947ع کان فوري پوءِ شروع ٿي وئي هئي، جيئن اسان پوئين باب ۾ ڏٺو. اولهه پاڪستاني سرمايو اوڀر مان ٽي ارب روپيا ساليانو ٻاهر موڪلڻ تائين وڃي پهتو. ملڪ جي پرڏيهي ناڻو ڪمائڻ واري اهم ترين مٽيءَ جو فصل اوڀر پاڪستان ۾ ٿيندو هو. اِها ڪُل روانگي واپار جو پنجاهه سيڪڙو هئي. اها رقم اولهه پاڪستان ۾ سرمائيڪاري لاءِ استعمال ڪئي ويندي هئي. اوڀر بنگال خلاف امتياز جٽي ريت مرڪز پاران ترقياتي رٿائن لاءِ رکيل رقمن مان ظاهر ٿيندو هو. 1948ع ۽ 1951ع جي عرصي ۾ ترقياتي ڪمن لاءِ هڪ ارب ۽ ٽيرهن ڪروڙ روپيا منظور ڪيا ويا. انهي مان رڳو 22.1 سيڪڙو اوڀر پاڪستان کي مليو. 69-1948ع جي عرصي ۾ اوڀر مان منتقل ڪيل وسيلن جي ماليت ٻه ارب، سٺ ڪروڙ ڊالر آهي. اوڀر پاڪستان سرمائيڪاري جو ذريعو ۽ اولهه پاڪستان جي پيدا ڪيل صنعتي شين لاءِ هڪ قبضي ۾ آيل منڊي بڻجي چڪو هو. جهه نڪتا اِنهي صُورتحال لاءِ هڪ بنيادي چئلينج هئا. جنهن جماعت اُنهن کي جوڙيو هو اُها ماڻهن جي نظرن ۾ هڪ اهڙي قوت بڻجي وئي، جيڪا ٽي رڳو بنگالين سان هڪجهڙي سلوڪ لاءِ وڙهي سگهي ٿي. 'خيرات نه، پر برابري' مجيب الرحمان جو پيغام هو. نعپ پاران بنگالي قوم پرستيءَ جي مک اهميت کي سمجهڻ ۾ ناڪامي سنڌس ايوب آمريت جي لڪل حمايت سان لاڳاپيل هئي. پوڙهو مولانا ڀاشاني ڀُهرين ماڻهو هو جنهن اِنهي ڪمزوريءَ کي سمجهيو ۽ پنهنجي عمل ۾ تبديلي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر تيسين ليگ جي اثر کي ختم ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي دير ٿي چُڪي هئي.

ڊسمبر 1967ع ۾ ايوب آخري ڀيرو اوڀر پاڪستان ويو. هُن عوامي ليگ کي غدارن جي جماعت ۽ باقي مخالفن کي 'پاڪستان دشمن' جي طور تي ننديو. ڪجهه بنگالي سپاهين خلاف هڪ ڪوڙو ڪيس ٺاهيو ويو. مٿن الزام هو ته اُنهن ڀارت سان ڳٽ جوڙ ڪيو آهي. ڪيس جو مقصد اوڀر پاڪستان ۾ قومي تحريڪ کي اِهو ظاهر ڪري ته فوج ۾ سنڌن وفادار رهڻ تي ڀروسو نه ٿو ڪري سگهجي ۽ اوڀر پاڪستان جي عوام کي سنڌن اولهه پاڪستاني ڀائرن کان ڌار ڪري بدنام ڪرڻ ۽ اُن جي اهميت کي گهٽ ڪرڻ هو. ڪوڙي مقدمي ۽ باندي بنگالي سپاهين تي تشدد صوبي کي صدمو پهچايو. اٽڪل سڀني بنگالي سياستدانن گڏجي اِنهي عمل جي هڪ مڪمل ڌوڪي ۽ اولهه پاڪستان جي وحشياڻي سلوڪ جي هڪ ٻئي اظهار جي طور تي ننڌا ڪئي. جيئن ايوب سرڪار پنهنجي انجام کي ويجهو پئي ٿي تيئن سياسي صُورتحال کي مختصر طور اينئن بيان ڪري سگهجي ٿو. اولهه ۾ ذوالفقار علي ڀٽو هڪ اهڙي اڪيلي سياستدان جي طور تي اڀري سامهون آيو جنهن کي سنڌ ۽ پنجاب ۾ عوامي حمايت حاصل هئي. اوڀر ۾ اِهو قومي سوال هو جيڪو سڀ کان مٿانهون هو ۽ مجيب الرحمان مقبوليت ۾ سڀ کان اُوچو هو. ملڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي ٻنهي حصن ۾ پُراڻي ڪابي تہ صحيح ۽ دُرست واعدن ڪرڻ ۾ بہ ناڪام وينئي. اهڙي ريت بہ اهڙا عوامي سياستدان جن ٻنهي ۾ آمراڻا لاڙا موجود هئا. اُنهي تحريڪ جي اڳواڻن جي طور تي بيٺا هئا. جيڪا پوري مُلڪ کي پنهنجي ڪُهيڙي ۾ وٺڻ واري هئي.

ايوب جو زوال

عوامي تماڪن جي لهر، جنهن نيٺ ايوب جو تختو اونڌو ڪيو، 7- نومبر 1968ع تي شروع ٿي. اها پنجن مهينن تائين هلي ۽ ان ۾ عوامي خودرويت ۽ همٿ جو يقين نہ ڪرڻ جهڙو طاقتور اظهار ڏسڻ ۾ آيو. شاگردن جي مظاهرن، پورهيتن جي هڙتالن ۽ اُستادن ۽ وڪيلن پاران حرڪت ۾ اچڻ، گڏجي مُلڪ کي انقلاب کان اڳ واري صُورتحال جي ڪناري آڻي بيهاريو هو. اها عوامي تحريڪ پاڪستان جي مختصر تاريخ ۾ هڪ بي مثال تحريڪ هئي، رُڳو اهوئي اُپار هو جنهن گهڻ ۾ گهڻ هڪ گڏيل مقصد لاءِ اولهہ ۽ اوڀر جي عوام کي متحد ڪيو هو. اِهو مقصد هو نفرت، هاڻي ايوب سرڪار جو خاتمو. مُلڪ جي ٻنهي حصن جي شاگردن ۽ پورهيتن جي مزاج ۾ حد درجي جي خوداعتمادي هئي. کين يقين هو تہ هُو هر شيءِ کي بدلائي سگهن ٿا. مون اِنهي جدوجهد جي سرگرم اڳواڻن سان ٿيل ڳالهہ ٻولهہ ۽ پنهنجن ناٿرن کي ٻنهي هنڌ قلمبند ڪيو آهي.(22) سندن خيال هو تہ سندن عمل پاڪستان جي آئيندي جي تاريخ کي متعين ڪندو. وڏيڪ اِهو تہ جيئن کين اميد هئي ائين تہ نہ ٿيو پر پنهنجي وسيع مفهوم ۾ اِهي دُرست ثابت ٿيا. اِها ڳالهہ اهميت رکندڙ آهي تہ 1968-69ع جي عوامي جدوجهد ملڪ جي تاريخ ۾ پهريون گڏيل عوامي اظهار هو، جنهن جا اثر مسلم ليگ جي چالبهن جي ڏهاڪي واري احتجاج کان تمام گهڻا گهرا هئا. اِهو بنيادي طرح سان هڪ شهري معاملو هو. اوڀر پاڪستان جي ٻهراڙي وارن ڪجهہ علائقن کي ڇڏي جدوجهد شهرن تائين محدود هئي (جيتوڻيڪ جڏهن ايوب جو زوال ٿيو تہ اُن جو پڙاڏو ٻهراڙين ۾ بہ محسوس ٿيڻ شروع ٿيو هو). هڪ سؤ کان وڌيڪ شهر اِنهي احتجاج ۾ شامل هئا.

نومبر جي مهيني ۾ اولهہ پاڪستان جي شاگردن پنهنجي ليکي جدوجهد ڪئي، ڪولين جي آڏو آيا ۽ ڏاڍ سٺائون. ڊسمبر ۾ اولهہ جا پورهيت ۽ اوڀر جا پورهيت ۽ شاگرد ساڻن شامل ٿي ويا. جنوريءَ ۾ جناح جي ٺاهيل عجيب الخلقت رياست کي پهريون ڀيرو جنهن ٻڌيءَ جي سڌ پيئي، اُها راولپنڊي، ڪراچي لاهور ۽ لائلپور جي سڙڪن وانگر ڍاڪا، لکنا، ڪوميلا ۽ چٽاڪانگ جي سڙڪن تي ماڻهن جو هڪ ٿي اُنهن سان وڙهڻ، جن جي قبضي ۾ رياستي اقتدار هو. متاثرن متعلق ڪيل هڪ مطالعي مان عوامي شرڪت جي کهراڻي جي خبر پئي ٿي، نومبر 1968ع ۾ چار سئا ۽ هڪ هزار کان وڌيڪ گرفتار ٿيا؛ ڊسمبر 1968ع ۾ يارهن سئا ۽ پندرهن سؤ ۽ ٽيهہ ڄڻا گرفتار ٿيا؛ جنوري 1969ع ۾ ڪهڻين ۾ ٿيل جهڙپن ۾ ستونجاهہ هئا، چار هزار ست سؤ ڏهہ ڄڻا گرفتار ٿيا ۽ چوڏهن سؤ چوويهہ ڄڻا ڦٽيا. فيبروري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

1969ع ۾ ستيتاليھ مُئا، سؤ گرفتار ٿيا ۽ چار سؤ ٻارنهن ڦٽيا. مارچ 1969ع ۾ نوي مُئا، ٽي سؤ ڇاونجاھ گرفتار ٿيا ۽ چاليھ ڦٽيا. مرڻ وارن جي تعداد ۾ واڌاري ۽ گرفتار ٿيندڙن جي تعداد ۾ گهٽتائي سان عوامي جدوجهد جي اڳواڻن جي چالن ۾ تبديلي جي نشاندهي ٿئي ٿي. جدوجهد جي پوين مرحلن ۾ پوليس ٿاڻن تي حملا ڪيا ويا، درجن پوليس آفيسرن کي ماريو ويو ۽ رائفلن جي چوري شروع ٿي وئي. فوج جي دخل اندازيءَ سان صُورتحال اڃان خراب ٿي وئي ۽ ايوب تي اها ڳالھ واضح ٿي وئي تہ آفيسرن پاران اولھ پاڪستان ۾ گولي هلائڻ جي حڪم ڏيڻ کان انڪار جا جڙوچڙ واقعا آسانيءَ سان عام ٿي سگهن ٿا. انهي ڪري هُن 26-جنوري 1969ع تي پنهنجي استعفيٰ جو اعلان ڪيو. اقتدار فوج جي ڪمانڊر انچيف جنرل يحيٰ خان جي حوالي ڪيو ويو، جنهن مارشل لا لاڳو ڪري ڇڏي ۽ ويجهي مستقبل ۾ چونڊن ڪرائڻ جو واعدو ڪيائين. پهرين يحيٰ ايوب کي بچائڻ لاءِ مارشل لا لاڳو ڪرڻ واري درخواست کي رد ڪري ڇڏيو هو.

عوامي اُڀار جي انهي پوري عرصي ۾ ايوب پردي جي پويان اُنهن سياستدانن سان ڳالھ ٻولھ ڪندو رهيو، جن کي هن ڪنهن وقت ٻاهر ڦٽو ڪري ڇڏيو هو. اُنهن جماعتن ايوب سان ڳالھ ٻولھ لاءِ 'جمهوري عمل ڪاميٽي' جوڙي هئي، جيڪا سندس استعفيٰ کان ڪجھ هفتا پهرين پارلياماني جمهوريت ۽ بالغ راءِ دهي جي بحالي تي ناھ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وئي هئي. ٻنهي انهي ڪاميٽي ۽ ايوب وچ ۾ ڳالھ ٻولھ (گول ميز ڪانفرنسون) ۾ اهو چئي شريڪ ٿيڻ کان انڪار ڪيو هو تہ سندس ڳنڍجاڻيون ۽ ڳالھ ٻولھ عوام سان آهي. مجيب الرحمان، ايوب سان ڳنڍجاڻين ۾ موجود رهيو پر ڳالھ ٻولھ پوري ٿيڻ کان پوءِ هُن پنهنجو پاڻ کي جمهوري عمل ڪاميٽي مان ڌار ڪري ڇڏيو. جڏهن اولھ پاڪستاني اڳواڻن ڪيس پنهنجي منشور کي هلڪي ڪرڻ ۽ مڪمل قوم پرست منشور تي زور نہ ڏيڻ لاءِ چيو تہ هُن جي ڏنل جواب کي هن ريت ٻڌايو وڃي ٿو: "اَئون گول ميز ڪانفرنس جو هر فيصلو قبول ڪندس پر اِها چونڊن جي تياري آهي ۽ جيڪڏهين اهو ڏٺو ويو تہ اَئون پنهنجي منشور جي ڪنهن حصي تان هٽ ڪئي رهيو آهيان تہ پوءِ ٻاشاني ڪٽي ويندو. مان توهان جي ڳالھ مڃيندس پر چونڊن ڪانپوءِ. جيڪڏهين توهان ٻاشاني جي مقابلي ۾ منهنجي مدد ڪرڻ چاهيو ٿا تہ توهان هينئر منهنجي مدد ڪيو."(23)

ايوب جو زوال اُنهن لاءِ هڪ عاليشان سوڀ هئي، جن جدوجهد کي برقرار رکيو هو. پر سندن عمل پويان ڪو نظريو نہ هو ۽ جدوجهد جي پڄاڻيءَ تي پراڻين جماعتن جا سياستدان وري سامهون اچي ويا. البت اهو هو تہ پاڪستان ۾ ڪڏهين بہ هڪ عوامي سوشلسٽ پارٽي موجود نہ رهي هئي، جيڪڏهين ماڻهن جي خواهش کي ڪنهن ٺوس سياسي عمل ۾ تبديل ڪرڻ جي صلاحيت رکندڙ ڪا سياسي قوت موجود هجي ها تہ جدوجهد جي پنجن مهينن ۾ اهم شهرن تي ماڻهن جو ضابطو ٿي وڃي ها ۽ فوج ۾ ڏار پيدا ٿي پون ها. پر ايوب جي وڃڻ سان ئي اولھ پاڪستان ۾

جدوجهد ختم ٿي ويئي، جڏهن ته اوير ۾ اُن نوان انقلابي روپ اختيار ڪيا.

پنهنجن آخري ڏينهن ۾ ايوب کي رڳو ٻاهرين حمايت حاصل هئي. اولهه جو پريس ۽ عوامي جمهوريه چين جا اڳواڻ نهايت ئي وفادار رهيا.(24) ايوب جي ذلت آميز زوال کي نه چين پاران چڱو سمجهيو ويو ۽ نه اولهه پاران، خاص طور آمريڪي ماهر، جن ايوب جي پاڪستان کي ٻين ملڪن لاءِ هڪ مهربان ۽ برداشت جوڳو نمونو ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، ڪجهه مايوس ٿيا (رش بروڪ وليمز جهڙن راڄ جي يادگارن جو ته ذڪر ئي ناهي، جنهن سنڌهرسٽ جي تربيت ورتل جنرل ۽ اُن ملڪ، جنهن تي سنڌس حڪومت هئي، جي باري ۾ 'انسائيڪلو پيڊيا آف برٽينيڪا' ۾ ٻين اهڙين ذريعن کي معلومات ڏني هئي). پينسلوينيا يونيورسٽي جي سياسيات جي پروفيسر ڪارل وان ووريس کي نموني جي طور تي پيش ڪري سگهجي ٿو، جنهن 1964ع ۾ پاڪستان تي پنهنجي ٽيهه سو ايڪيتاليهن صفحن جي ڪتاب جي پڄاڻي هن ريت ڪئي: "رڳو ڇهه سال پهرين محمد ايوب خان پاڪستان جي رياست جي واڳ سنڀالي آهي، اُن وقت کان وٺي هن ڪيتري ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن، ملڪ جو ٽٽڻ، جيڪو 1958ع ۾ هڪ وڏو خطرو هو، هاڻي ڪجهه ڏور ٿو لڳي."(25) انهن بدقسمت جملن جي چئن سالن کان پوءِ ايوب خان جو هڪ بي مثال عوامي اُڀار جي ڪري تختو اونڌو ٿي ويو. ملڪ 1958ع جي پيٽ ۾ ٽٽڻ جي ڪجهه ويجهو پهچي چڪو هو.

وضاحتون

فوجي- ڪاموڪي آمريت 69-1958ع

1- حمزه علوي- 'پاڪستان ۾ فوج ۽ ڪامورا شاهي' انٽرنيشنل سوشلسٽ جنرل، رومر 1966ع.

2- 11- آگسٽ 1947ع تي پاڪستاني دستور ساز اسيمبلي ۾ پنهنجي پهرين تقرير ۾ جناح چيو هو ته "متحده هندستان جو ڪوبه خيال ڪارگر نه ٿي سگهيو آهي ۽ منهنجي خيال مطابق اهو اسان کي خوفناڪ تباهي ڏانهن وٺي وڃي ها. اهو صحيح به ٿي سگهي ٿو ته اهين ڪوبه به ٿي سگهي ٿو، اڃا اهو ٽسڻ باقي آهي، ٻين لفظن ۾ ته جناح پاڪستان ٺهڻ جي صحيح هئڻ يا نه هئڻ جي فيصلي جو اختيار تاريخ جي عمل تي ڇڏي ڏنو آهي. انهي ڳالهه کان پلي پٽ واقف هوندي ته ورهاڱي واري تحريڪ متعلق هڪ ڪليل بحث ۽ نفعي نقصان جي گوشواري جا ڪهڙا نتيجا نڪرندا. جناح جي سويلين ۽ فوجي وارثن اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

يقيني ٻڌايو آهي ته ڪوبه سائنسي بحث ۽ مباحثو نه ٿي سگهي، جيڪي ڪجھ ٿيو آهي، اُن جي فائدن ۽ نقصانن تي بحث ڪي نظرياتي غداري جي طور تي نِنديو ويو آهي. اهڙي واهيات ماحول ۾ اها ڪا حيرت جهڙي ڳالهه نٿي لڳي ته پاڪستاني دانشور جي صورت سنڌس پيدائش کان وٺي ئي بگاڙي ويئي هئي.

3- انگوس ميڊيسن- 'طبقاتي ڍانچو ۽ معاشي واڌ: ڀارت ۽ پاڪستان مغلن کان وٺي،' لنڊن 1971ع.

4- آر- پي دت- انڊيا ٽوڊي، لنڊن 1940ع تائن ورتل.

5- فضل مقيم خان پاڪستاني فوج جي ڪهاڻي، ڪراچي 1963ع هڪ ٻئي ليکڪ حسن عسڪري رضوي 'پاڪستان ۾ فوج ۽ سياست' لاهور 1976ع. ۾ ڪهاڻيءَ کي اڳتي وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي پر معذرت خواهانه انداز سنڌس واٽ ۾ رڪاوٽ بڻجي ويو. رضويءَ جي پي پي پي سان وابستگي، جيڪا اُن وقت اقتدار ۾ هئي، ظاهرا سنڌس حقيقتن جي چونڊ ۽ تجزيي کي متعين ڪيو هو. ڪتاب ۾ جيٽوٽيڪ ڪارائتي عملي معلومات ڏنل آهي پر اُنهي ۾ تنقيدي تجز جي کوٽ آهي، جيڪو موضوع جي پاڻ ۾ جُڙيل تاريخ لاءِ ضروري آهي.

6- پنجا ڪامورن (ڪجھ قابل احترام شخصيتن کي ڇڏي) ۽ فوج جي هڪ هاءِ ڪمان جا بنگالين جي ڪردار متعلق خيال جڳ مشهور آهن. اهي راڄ جي ڏا پيدائن کان ورثي ۾ مليل هئا. 1954ع ۾ ملڪ جي سياسي صورتحال تي لکيل هڪ يادداشت ۾ فوج جي ڪمانڊر انچيف جنرل ايوب کي بنگال جي مسئلي متعلق اِجهو اِهي اکر چوا هئا "اُهي تمام گهڻي حد تائين ثقافتي ۽ لساني اثرن جي هيٺ رهيا آهن. اهڙي طرح منجهن پنهنجي پيل نسلن جون سڀ خاميون موجود آهن ۽ سنڌس لاءِ نفسياتي طور تي اِهو ممڪن نه ٿي سگهيو آهي ته پاڻ کي پنهنجي نئين آيل آزاديءَ جي ضرورتن سان ٺهڪائي سگهن. سنڌن خاص مونجهارا، ڏار رهڻ، شڪ ۽ هڪ قسم جي بچاءَ واري اڳرائي، شايد اُنهي تاريخي پس منظر مان ئي پيدا ٿيا آهن." اها متڀرائپ ۽ نسل پرستي فوجي- ڪاموري اداري ۾، جنهن ملڪ تي حڪمراني ڪئي آهي، عام هئي.

7- انوئر عبدالملڪ. 'مصر: فوجي سماج،' نيويارڪ، 1968ع ۾ ناصر ۽ فوجي انقلابيت جي اُڀار جو هڪ شاندار جائزو پيش ڪري ٿو.

8- اقتدار تي قبضي ڪرڻ جو هڪ تفصيلي جائزو طارق علي جي ڪتاب 'پاڪستان: فوجي حاڪميت يا عوامي راڄ؟' لنڊن ۽ نيويارڪ 1970ع ۾ ڏنل آهي.

9- پاڪستان ٽائمز. لاهور 26- جنوري 1959ع.

10- گستاف- ايف پاپانيڪ- پاڪستان جي ترقي- هارورڊ 1967ع.

11- 'دنيا کي غير ترقي يافتا ڪرڻ: هارورڊ ۽ سامراج،' هارورڊ 1969ع (هڪ پُراڻي ڪامريڊ جو پمفليٽ).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

12- ڀٽي 1969ع ۾ مون کي ٻڌايو هو ته آڪٽوبر 1958ع ۾ فوج جي آفيسر
سنڀالڻ کان ترت پوءِ هن پنهنجي ٿئين ڪابينا کي ٻڌايو هو ته "اسان جي
هڪ سفارتخانو آهي ۽ اهو آهي آمريڪي سفارتخانو."

13- علي (حوالو نمبر8).

14- اُن مظاهري، جيڪو مارشل لا ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندي ڪيو ويو
جي شريڪ ليڊرن ۽ ان کي منظم ڪندڙن جي طور تي آئون اِها شاهدي
سگهان ٿو ته جيتوڻيڪ اسان لوممبا جي قتل کان تمام گهڻو متاثر هئاسين
سڙڪن تي بي حساب ايوب مخالف نعرا پڻ هنيا ويا هئا. اوير پاڪستان ۾
يقيناً، جتي بيچينيءَ جي لهر موجود هئي، شاگردن آمريت خلاف کليل طور تي
مارچ ڪيو هو. ٽين دنيا جي ملڪن ۾ شاگردن جو ڪردار اڪثر ڪري
غيرمعمولي رهيو آهي. مثال طور پاڪستان، ٿائيلينڊ ۽ ڏکڻ ڪوريا، جيڪي
نئي ملڪ آمريڪا سان لاڳاپيل آهن، تن ۾ شاگردن پنهنجي طاقت کي استعمال
ڪري سرڪار تي سڌا حملا ڪيا آهن. منظم سياست جي عدم موجودگي ۾
اِهي تعليمي ادارا نئي هوندا آهن، جيڪي مخالف ڌر جا منظم ڪرڻ وارا
مرڪز بڻجي ويندا آهن.

15- پاڪستاني عالمن پاران سواءِ حڪومت وقت جي پاران معذرت خواه روئيي جي
ٻي ڪنهن شيءِ ڏيڻ ۾ ناڪامي جو وڏ ۾ وڏ چٽو اظهار پرڏيهي پاليسيءَ جي
ميدان ۾ ٿيو آهي. تاريخ ۽ سياست جي اهم شعبن ۾ تخليقي بحث مباحثي کي
همٿائڻ وارو تصوّر نئي ماڳهين ورهاڱي جي پوءِ واري عالم جي ذهن ۾ موجود
نئي ڪونهي. اهڙي معذرت خواهاڻ لکڻين جي لاءِ مثال طور لطيف احمد شيرواني
جو ڪتاب 'انڊيا، چين ۽ پاڪستان' ڪراچي 1967ع پيش ڪري سگهجي ٿو.
ڊاڪٽر اشتياق حسين قريشي جو ٻن صفحن جو ديباچو پڻ اُن وقت جي ملڪ
جي هڪ وڏي عالم جي ذهني عمل جي هڪ جهلڪ کي ظاهر ڪري ٿو.

16- پاڪستان ٽائمز لاهور 30 مارچ 1966ع.

17- علي (حوالو نمبر8)

18- جناب الطاف گوهر اعليٰ ڪامورو هو جنهن اطلاعات واري وزارت ٿي هلائي.
جنهن کي عام طور هڪ چالاڪ ۽ ماهر ڪامورو سمجهيو ويندو هو. سندس
ملڪ جي ميڊيا کي پنهنجن مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ سان سرڪار خلاف
نفرت عام ٿي ويئي، جنهن اُن جي زوال ۾ هڪ ننڍڙو ڪردار پڻ ادا ڪيو.
انهي دور ۾ صحافت جسم فروشي جهڙو ڌنڌو ٿي پيو هو صحافي (ڪجهه
ماڻهن جهڙوڪ: ڪراچيءَ جي رسالي آئوٽ لڪ جي عملي کي ڇڏي) نظرياتي
طور تي پاڙيتو ٿي پيا هئا. هڪ ذڪر جوڳو مثال زيڊ- اي- سليري جو آهي.
ايوب سرڪار جي هڪ اهم بچاءُ ڪندڙ جي حيثيت ۾ هن باقاعدي طور ڀٽي
جي نندا جاري رکي. پوءِ هو بنگالين لاءِ قهر خداوندي بڻجي ويو ۽ پنهنجي انهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

روش تي هلندي هُن ٻنهي جي اقتدار دوران سنڌس ڀرپور حمايت ڪئي. هاڻي هي ضياءَ جي فوجي سرڪار جو هڪ پرجوش حامي ۽ اُن جو پسنديده صحافي آهي. جيستائين سپاهي جو تعلق آهي ته..........

19- علي (حوالو نمبر8)

20- 1966ع جي آخر ڌاري جي- اي- رحيم پي پي پي جي منشور جي مسودي سان لنڊن مهتو ۽ مون کي انهي کي پڙهڻ ۽ پارٽيءَ جي بنيادي رڪن ٿيڻ لاءِ چيائين. مون اُنهي دستاويز کي پڙهيو پر قريب واري ڪوٺ کي انهن بنيادن تي نڪراڻي ڇڏيو ته هڪ سوشلسٽ ۽ سيڪيولرسٽ جي حيثيت ۾ آئون اهڙي جماعت سان لاڳاپجي نٿو سگهان. جيڪا ٻنهي مان ڪجهه به ڪونهي. 1969ع ۾ ڀٽي سان سنڌس ڪراچيءَ واري گهر تي ٽيل هڪ ٻڪهي ڳالهه ٻولهه ۾ مون محسوس ڪري ورتو هو ته ڪيس اڳ ئي منهنجن خيالن کان آگاهه ڪيو ويو هو. هُن مون کي چيو "توهان تمام گهڻو شين کي ٻج ڏسڻ ڏانهن مائل آهيو. هي پاڪستان آهي ۽ اسان اسلام کي نظرانداز نٿا ڪري سگهون. انهن حرامين (فوج) مان جان ڇڏائڻ جا رڳو ٻه طريقا آهن. منهنجو يا ڇي گويرا جو. اهو آئون هوندس يا بلوچ جبلن ۾ پنهنجن بندوقن سان گڏ هوندا." مون ڪيس ٻڌايو ته هڪ ٽيون طريقو به آهي پر اُن جي لاءِ ضروري آهي ته ماڻهن کي سچ ٻڌايو وڃي ۽ مذهب کي سياست ۾ نه آندو وڃي. ڇاڪاڻ ته اِها ڳالهه ڪنهن به انقلابي تنظيم لاءِ هاڃيڪار ٿيندي.

21- علي (حوالو نمبر8)

22- ساڳيو باب پنج، ڇهه ۽ ست. عوامي اُڀار جو اڄ تائين ڇپيل تفصيلي جائزو پيش ڪن ٿا. انهي ڪتاب تي پاڪستان ۾ بندش آهي.

23- مسلم ليگ جي هڪ جهوني اڳواڻ ميان ممتاز دولتانه ليکڪ کي ذاتي هڪ انٽرويو ۾ چيو هو.

24- هلچل جي پنجن مهينن جي پوري عرصي دوران چيني پريس پاڪستاني ماڻهن جي هلندڙ جدوجهد تي خاموش رهي. درحقيقت انهي عرصي ۾ جنهن ڳالهه تي وري زور ڏنو ويو اها هئي ايوب سرڪار لاءِ چين جي حمايت. نتيجي طور پاڪستان ۾ ٽيل مائوازم جي زوال انهي حڪمت عمليءَ جي ڪمزوريءَ کي ظاهر ڪيو جنهن هڪ يا ٻي غيرسرمائيدار وڏي طاقت تي دارومدار رکيو هو.

25- ڪارل وون وورس، 'پاڪستان جي سياسي ارتقا' پرنسٽين 1965ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

4- پاڪستان جو ٽٽڻ 1969-71ع

يحيٰ جو وچ وارو عرصو

جنرل يحيٰ خان جي فوجي سرڪار پاڪستان جي مختصر تاريخ ۾ هڪ غيرشعوري وادارو هو. اِها نهايت ئي ڪمزور هئي. سندس جنم پنجن مهينن جي عوامي بغاوت جي نتيجي ۾ ٿيو هو. جيئن ته اِهو سوچڻ ناممڪن هو ته هڪ طاقتور ۽ شڪست کاڌل عوام هڪ ڀيرو اوچي ٽوپي ۽ مشين گن جي ٻي شر حاڪميت کي قبول ڪندا. انهي سرڪار جو سياسي آئيندو محدود ٿي ويو هو. يحيٰ سرڪار پنهنجن ارادن کي ظاهر ڪرڻ ۾ ويرم ئي نه ڪئي. پوري مُلڪ ۾ عام چونڊون ٿينديون ۽ مُلڪ جي آئيندي جو تعين اُنهن جي نتيجي جي بنياد تي ٿيندو. يحيٰ جي صلاحڪارن سمجهيو ٿي ته عوامي اُڀار کي قابو ۾ آڻڻ لاءِ چونڊن جي ميدان ۾ پوڻتي هٽڻ ضروري آهي. کين يقين هو ته نوڪرشاهي انهن معاملن ۾ پنهنجي ٻکهي تجربي کان ڪم وٺندي. نتيجن کي اطمينان جوڳي انداز ۾ بدلائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندي. چونڊون هڪ دفعو ملتوي ڪيون ويون. نيٺ اُهي ڊسمبر 1970ع ۾ ٿيون.

1970ع جي چونڊن جي مهم جي لاءِ گهڻو وقت ڏنل هو. انهي جي ڪري سياسي جماعتن کي اِهم موقعو مليو ته هو ماڻهن تائين پنهنجن خيالن ۽ منشورن کي ڪجهه تفصيل سان پيش ڪري سگهن. اِهو سوچيو ويو هو ته چونڊن ڪرائڻ جي اعلان ۽ چونڊن ٿيڻ جي وچ ۾ گهڻي وقت هئڻ سان فوج کي اِها پڪ ڪرڻ جو موقعو ملي سگهندو ته ساڄي ڌر جون جماعتون ڪامياب ۽ رياستي ضابطي ۾ هلندڙ ميڊيا جي مدد سان گهڻ ۾ گهڻ ايترا ووٽ حاصل ڪري سگهن، جو سندن حيثيت هڪ سوديبازي ڪندڙ کان گهٽ نه هُجي. سرڪار ۽ سندس صلاحڪار جنهن ڳالهه کي سمجهڻ ۾ ناڪام ويا، اُها هي ته عوام جي سياسي شعور ۽ سمجهه ايوب جي لهڻ کان اڳ واري عرصي ۾ تيزيءَ سان وڌي آهي. شهري پورهيتن ۽ پيٽي بورجوازي جي وڌندڙ تعداد جي خواهش هئي ته ڳالهه کي تور تائين پهچائجي ۽ نظام جو ئي تختو اُونڌو ڪجي پر سندن لاءِ وڏي رُڪاوٽ هڪ مناسب سياسي وسيلي جو نه هئڻ هو. اهڙي طرح سندن آزاد سياسي سرگرمي کهنجي ويئي ۽ اُنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي توجهه بنگلا ديش ڏانهن ڪري ڇڏي ته جيئن هو اهو ڪجهه حاصل ڪري سگهن، جيڪو اُنهن ڪهڙين ۾ به حاصل ڪرڻ چاهيو ٿي. حقيقت ۾ اهي بالغ راءِ دهي جي بنياد تي پاڪستان ۾ ٿيندڙ پهريون عام پارلياماني چونڊون هيون، جن جو مطلب اهو هو ته ڪهڙن ماڻهن کي اڃان به اهو وهم هو ته نئين چونڊن جي بنياد تي به حل نڪرڻ جو امڪان آهي. جنهن ڳالهه کان ڪوبه مبصر انڪار نه ٿو ڪري سگهي اُها هي ته اُن وقت شهرن ۽ ٻهراڙي جا گهڻي ڀاڱي اڻ پڙهيل ماڻهو سياست کي پنهنجي ضرورت پيا سمجهن.

پاڪستان ۾ 1969-71ع جو عرصو ماڻهن، جن جي ثقافتي سطح نهايت گهٽ هئي ۽ جن کي پنهنجي آواز پهچائڻ جو اڳ ڪو تجربو به نه هو، تن ۾ خودبخود پيدا ٿيل جمهوري خواهش جو هڪ انوکو دور هو. اوير ۽ اولهه ٻنهي ۾ جن جماعتن بنيادي سماجي تبديلي لاءِ اختيار ڪُهريو ٿي، اُنهن کي سُٺي نموني ٻڌو ويو ۽ اُنهن جي اڳواڻ ماڻهن جا وڏا هجوم ڪٺا ڪيا. اولهه پاڪستان ۾ اها پاڪستان پيپلزپارٽي ۽ سنڌس اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽو هئا جيڪي 'سوشلزم' جي پيغام سان ڪروڙين عام ماڻهن تائين پهتا. اوير پاڪستان ۾ وري عوامي ليگ ۽ شيخ مجيب الرحمان هئا، جن هر گهٽي ۽ ڳوٺ تائين ڇهن نڪتن کي پهچايو. مسئلن کي وڏي پيماني تي واڪو ڪيو ويو. ٻنهي اڳواڻ ساڄي ڌر جي رجعت پسندن جي حملن جو شڪار هئا پر اهي مقابلو ڪري مِلن ۽ سندن جماعتن کي اڪيلي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

ڀٽي هڪ اهڙي سرڪار جو واعدو ڪيو جيڪا هر پاڪستانيءَ کي اٽي، لٽي ۽ اجهي جي ضمانت ڏيندي. سنڌس وڏيڪ جذباتي ساٿي ڪچهرين ۾ موجود غريب هارين ۽ پورهيتن کي جڻ ارضي جنت ڏيڻ جو واعدو ڪندا هئا. پي پي پي انقلابي زرعي سڌارن، وسيع پيماني تي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ، ٻاويهن خاندانن جي معاشي طاقت جو خاتمو ۽ ٻين گهڻين ناممڪن شين جا واعدا ڪيا. کاٻي ڌر جي ماڳهين منظر تان هٽي وڃڻ جي ڪري پيپلزپارٽي اهڙن سوشلسٽن جي روپ ۾ سامهون آئي، جيڪي پاڪستان جي گادي جي هنڌ وارن اسٽيبلشمينٽ کي هميشه لاءِ صاف ڪري ڇڏين ها. عوام کي متحرڪ ڪرڻ ۾ به ڀٽي جو اهم ڪردار هو. سنڌس ايوب جي مخالفت، (جيڪا گهڻو دير سان ڪئي وئي) جيل ۾ گهاريل سنڌس مهينن ۽ سنڌس صاف صاف تقريرن سنڌي ۽ پنجابي ماڻهن ۾ کيس محبوب بڻائي ڇڏيو پر پارٽي اڳواڻي زميندارن، ٻئي نمبر جو ٽڪڙو ڪندڙن، وڪيلن ۽ ڪاميابيءَ سان ڪڏ ملندڙ پيٽي بورجوازيءَ جي هڪ اڻ پوري مجموعي تي ٻڌل هئي. پي پي پي سنڌي زميندارن سان ناهه ڪري شهرن ۽ پنجاب جي ڳوٺن جي سماجي تبديليءَ لاءِ حقيقي عوامي خواهش کي هڪ پاسي رکي ڇڏيو. پي پي پي جي متضاد پاليسي سنڌس نعرن مان ظاهر هئي: 'سوشلزم اسان جي معيشت آهي، جمهوريت اسان جي سياست آهي ۽ اسلام اسان جو مذهب آهي.'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مجيب الرحمان جي مهم قومي سوال تي مرڪوز هئي. روائتي ڪاهي ٿرڪي سنڌس اولهه پاران بنگالين جي قرمار تي منجهيل، اڻ ڇڻي ۽ ڪجهه معاملن ۾ رجعت پسند موقف جي ڪري نهايت ڪاميابي سان پاسيرو ڪيو ويو. عوامي ليگ جي اڳواڻن نهايت تفصيل سان هڏايو ته ملڪ جي اُبرندي حصي جي ڪيئن نه سياسي ۽ معاشي طرح قرمار ڪئي ويئي آهي. اُنهن هڏايو ته بنگالي ملڪ جي آباديءَ جي ڪهڻائي آهن پر ساڻن ٻئي درجي جي شهرين جهڙو ورتاءُ ڪيو وڃي ٿو. مجيب الرحمان نهايت اثرائتي نموني اوڀر بنگال جي ماڻهن تي اهو واضح ڪيو ته سنڌن ادا ڪيل ٽيڪسن کي ڪيئن نه هڪ وڏي بچاءَ جي ڍانچي ڍاهڻ تي خرچ ڪيو پيو وڃي جنهن ۾ بنگالين جي ڪابه نمائندگي ڪانهي. عوامي ليگي جي چونڊن واري مهم ماڻهن جي مزاج ۽ خواهشن کي پنهنجي گرفت ۾ وٺي ڇڏيو. ڪن هڪ ڪنفيڊرل پاڪستان ڪُهريل هو. جيڪڏهن ماضيءَ ۾ ڪين يقين نه به هو ته به 1969ع کان پوءِ انهي باري ۾ ڪي شڪ باقي نه هئا. تازي عوامي اُڀار ۾ ساڻن جيڪو ظالمانو ورتاءُ ڪيو ويو هو، اُن کين قائل ڪري ڇڏيو هو. ته اُهي اُنهي ساڳي وات تي ته ٿا هلي سگهن، جنهن تي سنڌن اولهه جا هم وطن هلن پيا.

18- فيبروري 1969ع جي رات پورميتن ۽ فوج جي وچ ۾ سخت ٽڪراءُ ٿيو جنهن ۾ ڪهنا ماڻهو مري ويا. ماڻهن جي مرڻ اڳيني ڪاوڙيل ماڻهن کي اڃان به ڀڙڪائي ڇڏيو. چونڊن جي مُهم هر اُنهي شيءِ جو هڪ فطري نتيجو هئي، جيڪا ڪڙيل ڏينهن، مهينن، سالن ۽ ڏهاڪن ۾ ٿي هئي. نومبر 1970ع ۾ اوڀر پاڪستان تباهه ڪن سامونڊي طوفان جي ڪري متاثر ٿيو. ڪهنا ماڻهو مري ويا ۽ لکين بي گهر ٿي ويا. اولهه ۾ ويٺل ڪامورن جي غيرانساني ردعمل قوم پرستاڻن جذبن کي اڃا وڌايو. اُن وقت نعپ جي ماسڪو نواز ۽ بيجنگ نواز، ٻنهي ڌڙن پاران چونڊن کي ملتوي ڪرڻ جي گهر ڪئي ويئي. يحيٰ جي انڪار ڪري ٻنهي جماعتن چونڊن جي بائيڪاٽ جو فيصلو ڪيو. پر اهو هڪ سطحي بهانو لڳو ٿي. چاڪاڻ ته انهي ۾ ڪو شڪ ٿي نه هو ته عوامي ليگ چونڊن ۾ نعپ کي سخت شڪست ڏيندي.

اهڙي ريت جيستائين اوڀر پاڪستان جو سوال آهي ته ڊسمبر 1970ع جي چونڊن ڇهن نڪتن تي ريفرنڊم جو روپ اختيار ڪري ورتو هو. نتيجو عوامي ليگ جي تاريخي سوڀ جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. اوڀر پاڪستان جي قومي اسيمبلي جي 169 سيٽن مان ليگ 167 حاصل ڪيون. قومي مقننه (آئين ساز اسيمبلي) ۾ 167 سيٽن جي ڪري بنگالي قوم پرستن کي پوري ملڪ ۾ ڪهڻائي حاصل ٿي ويئي ۽ اهڙي ريت ڪين مرڪزي حڪومت ٺاهڻ جو حق پڻ حاصل ٿي ويو. اولهه پاڪستاني حاڪم اهڙي امڪان کان ٿي صدمي ۾ وڃي ويا. اولهه پاڪستان ۾ به چونڊن جي نتيجي ۾ پيپلزپارٽي آئين ساز اسيمبلي ۾ اولهه پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي جماعت جي صورت ۾ سامهون آئي، پر سنڌس حيثيت ايتري مضبوط نه هئي، جيتري عوامي ليگ جي اوڀر پاڪستان ۾ هئي. نعپ سرحد ۽ بلوچستان ۾ هڪ اهم علائقائي قوت طور سامهون آئي هئي. پختون وڏ ۾ وڏ جنهن ڳالهه جي اُميد ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽيبل نمبر 1
پرڏيهي واپار جا انگ اکر
(هزار روپين ۾)

اولهه پاڪستان		اوڀر پاڪستان		پاڪستان		
آمدني واپار	روانگي واپار	آمدني واپار	روانگي واپار	آمدني واپار	روانگي واپار	
4,768,923	3,785,806	2,128,628	4,581,596	6,897,551	8,367,402	1947-52ع
5,105,093	3,440,371	2,159,552	3,969,766	7,264,645	7,410,137	1952-5ع
8,554,170	2,724,169	3,831,924	5,508,335	12,386,094	8,232,504	1957-62ع
15,960,025	5,754,368	7,063,692	6,922,694	23,023,717	12,677,062	1962-6ع
ڪل	ڪل	ڪل	ڪل	ڪل	ڪل	ڪل
34,388,211	15,704,714	15,183,796	20,982,391	49,572,007	36,687,105	1947-67ع

ذريعا: ماهوار پرڏيهي واپار- اسٽيٽسٽڪس آف پاڪستان جون 1967ع سينٽرل اسٽيٽسٽيڪل آفيس ڪراچي.

سگهيو ٿي، اُها هتي مرڪز ۾ نهنڊڙ ڪنهن بہ ڪٺيل سرڪار ۾ هڪ ننڍي حصيدار جي حيثيت. چونڊون صحيح نموني ٿيون هيون ۽ ڪنهن بہ جماعت پاران ڌانڌلي يا ٻين غلط حربن جا الزام نہ مڙهيا ويا.

نتيجا اسلام آباد جي ڪامورڪي ٽولي لاءِ ٻيجاريندڙ خواب مثل هئا. عام چونڊن پورين ٿيڻ کان فوري پوءِ اها ڳالهہ واضح ٿي ويئي تہ فوج پاڪستان جي وفاقي ڍانچي ۾ هڪ خودمختيار بنگال کي برداشت نہ ڪندي. اُنون هتي 1- جنوري 1971ع جي نتيجن تي ڪيل هڪ تبصرو لکان ٿو:

ڇا پاڪستان جي فوج ۽ اولهہ پاڪستان جا سرمائيدار نواب انهن گهرن (ڇهہ نڪتن) کي پورو ٿيڻ ڏيندا؟ جواب واضح طور تي نہ آهي. جيڪي ڪجهہ ٿيڻ جو امڪان آهي، اُهو هي تہ ٿوري مدي واري مرحلي ۾ مجيب الرحمان کي اجازت ڏني ويندي تہ هو اوڀر پاڪستان جي درآمدي ۽ برآمدي لائسنسن جو حصو وٺي؛ ڇوگہ اوڀر پاڪستان کي پرڏيهي سيڙپ جو وڏو حصو پڻ ڏنو ويندو. اهي اُهي 'رعايتون' آهن، جيڪي فوج ايندڙ ڪجهہ مهينن ۾ ڏيڻ لاءِ تيار ٿيندي. جيڪڏهن مجيب انهن کي قبولي ٿو تہ ڪيس اقتدار ۾ رهڻ ڏنو ويندو. جيڪڏهن نہ تہ پوءِ معاملو اڳ وانگر فوج جي صورت ۾ ئي پيو هلندو. يقيناً، انهي ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ هڪ ٻئي سامهون اچڻ کان نہ روڪي سگهبو ۽ هڪ آزاد بنگال جي خواهش سڀ دفعا وڌيڪ وڏي ويندي.(1)

پاڪستان جي حاڪم طبقن لاءِ اصل مسئلو اهو هو تہ جيڪڏهن مجيب الرحمان رعايتون ڏيڻ لاءِ تيار ٿي بہ وڃي ٿو تہ بہ عوام جنهن کيس ووٽ ڏنا هئا، انهي ڳالهہ کي بلڪل ئي نہ مڃيندا. مجيب کو خاص طرح جو تيزي ۽ ذهين اڳواڻ نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽيبل نمبر2 — ڪجھ معاشي اشارا

	اولھ پاڪستان	اوڀر پاڪستان
ايراضي (چورس ميلن ۾)	310.236	54.501
آبادي (1970ع جو اندازو)	6 ڪروڙ	7 ڪروڙ
پنج سالا رٿائن جي ورهاست	68٪	32٪
ٻين	68٪	32٪
ٽين	64٪	36٪
چوٿين پوري نہ ٿي سگهي	47.5٪	52.5٪
پرڏيهي امداد جي ورهاست	70-80٪	20-30٪
روانگي واپار مان ڪمائي	30-50٪	50-70٪
امدني واپار تي خرچ	70-75٪	25-30٪
بنگالين وٽ صنعتي اثاثن جي ملڪيت	11٪	
سرڪاري نوڪريون	80-84٪	16.20٪
فوج ۾ نوڪريون	90٪	10٪
1948-49ع کان 1968-69ع تائين اوڀر مان اولھ ڏانهن منتقل ڪيل وسيلا	3112 ڪروڙ رپيا	
في ڪس امدني (سرڪاري) (1964-65ع)	Rs. 419.0	Rs. 285.5
1968-69ع	Rs. 473.4	Rs. 291.5
علائقائي فرق (سيڪڙي ۾)(سرڪاري) 1959-60ع	32٪	
1964-65ع	47٪	
1968-69ع	62٪	
1968-69ع ۾ حقيقي فرق	95٪	
سراسري معيار زندگي ۾ حقيقي فرق 1968-9	126٪	
صنعتي مزدورن جي آمدني جو خوراڪ تي خرچ ٿيندڙ تناسب 1955-56ع جو سروي	60-63٪	69-75٪

ذريعا: پاڪستان اسٽيٽسٽيڪل ايئر بوڪ ۽ پاڪستان ايڪانامڪ سروي (مختلف سال)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽيبل نمبر3

تعليمي اڻ برابري

	اولهه پاڪستان		اوڀر پاڪستان	
	1967	1947	1967	1947
پرائمري				
ادارن جو تعداد	33,271	8,413	28,225	29,633
شاگردن جو تعداد	2,740,000	550,000	4,310,000	2,020,000
سيڪينڊري (ادارن جو تعداد)	4,563	2,598	4,390	3,481
شاگردن جو تعداد	153,000	51,000	107,000	53,000
ڪاليجن جو تعداد	239	40	173	50
شاگردن جو تعداد	142,000	13,000	138,000	19,000
يونيورسٽيون (تعداد)	4	2	2	1
شاگردن جو تعداد	10,000	700	8,000	1,600

ذريعا: پاڪستان تعليمي انگ اکر، وزارت تعليم حڪومت پاڪستان
(57-1947ع) ۽ پاڪستان ۾ تعليمي اڻبرابري
اي- او- حق فورم 20 ڊسمبر 1969ع

هن ٻين لفظن ۾ ته هُو تبديل ٿي پٺي سگهيو ۽ انهي حقيقت کان هُو واقف هو اولهه پاڪستان ۾ حاوي ٽولو ڪنهن به بنيادي رعايت ڏيڻ جو مخالف هو. پاڪستان جي فوج پنهنجي نوعيت ۾ ٻي بنگالي شهري حڪومت جي امڪان جي ويري هئي، جاڪاڻ ته ڪيس اهو ٻپ هو ته ڪنهي اهڙي سرڪار فوجي ڍانچي تي ٿيندڙ اُنهي شاهه خرچي کي نه ڪهٽائي، جيڪا آڪٽوبر 1958ع ۾ ايوب جي اقتدار سنڀالڻ کان وٺي اسلام آباد جي هر سرڪار کي جڻ سُتيءَ ۾ پيل هئي. رياست جي وحداني ڍانچي ۾ پاڪستاني فوج جي آفيسرن جو تمام گهڻو مفاد لڪل هو ڪٽريل پوري ڍاڪي ۾ فوجي بجيٽ رياستي خرچن جو سٺ سيڪڙو هضم ڪيو هو. چوڏهن واري سال ۾ هٿياربند فوجن لاءِ ساڍا پاهڻ ڪروڙ ڊالر مخصوص ڪيا ويا هئا. عوامي ليگ جي اڳواڻن جي فوجي مشينري جيڪا بنگالين کان وانجهيل هئي ۽ جيڻ 1965ع ۾ ظاهر ٿيو ته اُها هڪ پاڪستان جي بچاءُ ڪرڻ جي ٻڻ لائق نه هئي، سندس باران ٿيندڙ انهي وڏي خرچ جي مخالفت سمجهه ۾ اچڻ جوڳي هئي. فوج جا اڳواڻ ٻڻ بنگالين خلاف نسلي شائونزم سان ڀريا پيا هئا، واپارين کي جهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بين العلائقائي فرمان جي... سبب هئا. بين العلائقائي فرمان جي...

نڪتن جي مخالفت لاءِ پنهنجا مضبوط مادي سبب هئا. بين العلائقائي فرمان جيڪي
نڪتن جي مخالفت لاءِ پنهنجا مضبوط... جو ذڪر گذريل باب ۾ ٿي چڪو
ملڪ جي پيچيده معيشت جي خاصيت هئي، ان جو ذڪر گذريل باب ۾ ٿي چڪو
آهي.(2) اهو چوڻ ڪافي ٿيندو ته اولهه پاڪستاني سرمائيدارتو سرشتو پنهنجي
روانگي واپار جو پنجاهه سيڪڙو اوير مان حاصل ڪندو هو. بنگال جي قبضي
ڪيل منڊي کي قائم رکڻو هو نه ته بي صورت ۾ اولهه پاڪستان جون گهڻي خرچ
واريون صنعتي شيون پنهنجن خريدارن کان محروم ٿي سگهيون ٿي.
جيڪڏهن بنگالي گهرن جي مخالفت رکو فوج پاران ڪني وڃي ها ته پي...
ٽڪراءَ جي صورت بي مُجي ها. پر پي پي پي ۽ سنڌس اڳواڻ ڀٽي کي به عوامي
ليگ جي چونڊن واري وڏي ۽ شاندار سوڀ حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هو. ڀٽو جلدئي
اولهه پاڪستان جي روايتي مٿيرانپ جي هڪ وڏي حمايتي جي روپ ۾ سامهون
آيو ۽ جهن نڪتن جي مخالفت ڪرڻ واري هڪ چريانپ واري مهم تي ڪاهي پيو.
وڏن فوجي آفيسرن سان صلاح ڪانپوءِ هن پنجاب ۾ شائونزم جي موجود جذبن کي
اڀان وڌايو. آئين ساز اسيمبلي جو اجلاس 3- مارچ- 1971ع تي ٿيڻو هو. ڀٽي
اوستائين اجلاس ۾ وڃڻ کان انڪار ڪيو، جيستائين مجيب ڇهن نڪتن تي ٺاهه
نه ٿي ڪيو. ساڳي وقت هن ڌمڪي ڏني ته جيڪڏهن اجلاس سنڌس نه وڃڻ جي
باوجود به ٿيو ته هو اولهه پاڪستان ۾ سول نافرماني جي تحريڪ هلائيندو. چونڊن
کان پوءِ مجيب ڀٽي سان ڪيترا ڀيرا مليو پر اهي ٻئي ڪنهن ٺاهه تي پهچي نه
سگهيا.(3) اها حقيقت ته، ڀٽي جنرلن سان ڳٺ جوڙ ڪيو هو، ڪنهن کان لڪل نه
هئي. جيڪڏهن فوج نتيجن کي قبولڻ جو فيصلو ڪري ها ته اسيمبلي جو اجلاس
ٿئي ها ۽ ڀٽي جو ڌمڪين وارو ناٽڪ ماٺهن آڏو اچي وڃي ها. اولهه پاڪستان
جي ٺوراني وارين جماعتن پاران چيو ويو ته اهي اسيمبلي ۾ وڃڻ لاءِ تيار آهن. پر
جنرل يحيٰ يڪطرفي طور تي اجلاس ڪوٺائڻ کي اڻ ڄاتايل مدي تائين ملتوي
ڪري ڇڏيو. بنگال جو ردعمل ڪاوڙ هو. پوءِ ڪهڙين ۾ ٿيل ٽڪرائن ۾ وڏيڪ
بنگالي ماريا ويا. عوامي ليگ پاران بي هٿيار ماڻهن کي ٻاهر اچڻ جو سڏ ڏنو ويو.
اهي اڳواڻ پوءِ فوجين پاران ماڻهن تي هلندڙ گولين کي ڏسندا رهيا ۽ ڪين ڪنهن به
طرح جي ڪا واٽ ڏسي نه سگهيا. لاڳيتي عام هڙتال جلدئي صوبي کي بيهاري
ڇڏيو.

پاڪستان جا حڪمران طبقا ملڪ جي نهڻ واري وقت کان وٺي عام چونڊن
کان ٻنل هئا. انهن پورن ڏهن سالن تائين بنگالي قوم کي، رياستي معاملن ۾ سنڌن
حق ڏيڻ کان لنوائڻ لاءِ مختلف سازشون ڪيون ۽ ڦرتيون، ڪاٽيون. جڏهن اهو سڀ
ڪجهه وڌيڪ نه هلي سگهيو ته پوءِ ٻن ڏهن سالن لاءِ اُنهن سنڌي طرح فوج وسيلي
حڪمراني ڪئي. جيئن اسان ڏنو آهي ته اهو مدو اولهه ۽ اوير پاڪستان جي
ڪهڙين ۾ عوامي ڪاوڙ جي هڪ شاندار ڌماڪي تي ختم ٿيو. انقلاب جي اڳ
واري بحران جي گهڙي ٽيڻ کان بچندي، حڪمران طبقي جدوجهد کي ماٺي ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاءِ آخري ڪوشش طور چونڊن جو واعدو ڪيو. پر هڪ شڪست نہ ڪاڏل عوامي تحريڪ بيلٽ باڪس کي استعمال ڪندي فوجي ڪامورڪي اتحاد کي هڪ ٻي شڪست ڏني. 1971ع تائين پاڪستاني رياست پوري دائري ۾ گهمي ساڳي جاءِ تي پهچي چُڪي هئي. سنڌس نظرئيدانن ۽ اڳواڻن پل لاءِ ساهہ پٽيو ۽ پوءِ هو سڌو اُونهي کاهي ڏانهن وڃڻ لڳا.

عوامي ليگ کي هڪ سڌار پسند جماعت چئي سگهجي ٿو. سنڌس اڳواڻ پاڪستاني رياست جي بچاءُ کهرن تي سامهون ڪان حملي ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا. اُنهن ڳالهہ ٻولهہ ۽ ٺاهن کي ترجيح ڏني. سنڌن الميو اهو هو تہ ڳالهہ ٻولهہ ۽ ٺاهن مان ڪجهہ ممڪن نہ هو. بنگالي عوام جو الميو اهو هو تہ سنڌن اڳواڻي هڪ اهڙي جماعت پئي ڪئي، جنهن وٽ اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ ڪابہ حڪمت عملي نہ هئي ۽ کيس مجبور ٿي پنهنجي بچاءُ جون تدبيرون اختيار ڪندي، نئين صُورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ طور طريقن کي سامهون آڻڻو پيو. تڪليفن جي ڍاڪن بنگال کي مايوس ڪري ڇڏيو هو. ماڻهو وڙهڻ ۽ پنهنجن اڳواڻن کي، (اُهي راضي هُجن يا نہ،) پنهنجي پويان ڪِهلي وٺي اچڻ لاءِ تيار هُئا. عوامي ليگ وٽ سواءِ صُورتحال کي قبول ڪرڻ جي ٻي ڪا واٽ نہ هئي. نتيجو هڪ عجيب صُورتحال جي شڪل ۾ نڪتو جنهن کي رڳو بورجوازي نموني جي ٻٽي اقتدار طور ئي بيان ڪري سگهجي ٿو. ليگ ٻاران شهرن ۽ ٻهراڙين ٻنهي اهم علائقن جي انتظام کي سنڀالڻ لاءِ ڪاميٽيون قائم ڪيون ويون. رڳو فوجي ڇانوڻين وارا علائقا سنڌن ضابطي کان ٻاهر هُئا پر اُتي بہ نهايت شديد ڇڪتاڻ محسوس ڪئي پئي وئي. هڪ مرحلي تي سڀئي بنگالي بورچي، نوڪر ۽ ڌوٻي ڇانوڻين مان هليا ويا. مقامي خوراڪ جي بازارن ۾ سيڌو سامان وڪڻڻ وارن فوجين کي ڪاڌي جي سامان وڪڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو پر ڪاميٽين ۾ عوامي ليگ حاوي هئي ۽ سنڌن هڪ خودمختيار عوامي بنياد نہ هو. اُنهن اوير بنگال ۾ پاڪستاني اختيارين جي جاءِ تي نئين اختياري نہ قائم ڪئي، پر اُن جي ڪمن ۾ بنيادي تبديلي نہ آندي. ماڻهن کي متحرڪ يا هٿياربند ڪرڻ لاءِ نہ جيئن هُو اُنهي ٽڪراءُ کي منهن ڏيئي سگهن. جيڪو ظاهر ظهور نظر اچي رهيو هو، ڪابہ سنجيده ڪوشش نہ ورتي وڃي تياريون ڪري رهي هئي.

انهيءَ جي بلڪل ئي اُبتڙ ٻي ڌر مرڻ مارڻ جون تياريون ڪري رهي هئي. اوير پاڪستان جي گورنر ايڊمرل احسن فوجي حل جي مخالفت ڪئي ۽ سخت لفظن ۾ خونريزي لاءِ ٽينڊرڙ تيارين جي مخالفت ڪئي. اسلام آباد کيس هٽائڻ جو حُڪم ڏيئي ڇڏيو. سندس جاءِ جنرل ٽڪا خان ورتي (جيڪو قسم نہ کڻي سگهيو، ڇاڪاڻ تہ هاءِ ڪورٽ جي بنگالي چيف جسٽس کيس قسم کڻائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو). ٽڪا اوير بنگال تي فوجي حملي لاءِ ٽينڊرڙ تيارين جي نگراني ڪئي. فوجن جي هٿن اچڻ تي تيارين جي باري ۾ عوامي ليگ جي اڳواڻن کي تفصيلي رپورٽون ملي رهيون هيون. مجيب الرّحمان اُن وقت، جڏهن طاقت جو توازن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قومرِ پرستن جي حق ۾ هو. آزاديءَ جو اعلان ڪرڻ لاءِ بلڪل ئي تيار نہ هو. هُن رڙ ڪري اِهو اعلان ڪيو تہ سندس مقصد ڳالهہ ٻولهہ وسيلي ٺاهہ تي پهچڻ آهي. هُن اِهو وچن بہ ڏنو تہ هو موجوده سماجي سرشتي کي برقرار رکندو. 7- مارچ تي ڍاڪا ۾ پنج لک ماڻهن جي هڪ عوامي گڏجاڻي ۾ مجيب زوردار نموني سازش خلاف ڳالهايو پر عوام جي جذبن جي برخلاف هُن آزادي جي اعلان ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ايڏي وڏي ڪهاڻي حاصل ڪرڻ کان پوءِ هو اِهو مڃڻ لاءِ تيار ئي نہ هو تہ فوج اُن کي قوت وسيلي ڇيهاڻي ڇڏيندي. ايجنسي فرانس پريس جي نمائندي کي هڪ نهايت کُلي دل سان ڏنل انٽرويو ۾ مجيب شڪايت ڪئي تہ ”جا اولهہ پاڪستان کي رڳو آئون ئي ڪميونزم کان بچائي سگهان ٿو؟ جيڪڏهن اُهن ورهڻ جو فيصلو ڪيو تہ پوءِ مون کي ڏکي اختيار واري حيثيت کان ٻاهر ڪيو ويندو ۽ نڪسلائٽ (مائوپرست) منهنجي ٿالي ۾ ٿبي پوندا. جيڪڏهن آئون تمام گهڻيون رعايتون ڏيندس تہ پوءِ پنهنجو اختيار وڃائي ويهندس. آئون نهايت ئي ڏکي صورتحال ۾ ورتل آهيان.“(4)

اسلام آباد ۾ فوج پنهنجو ڪم مڪمل ڪري ڇڏيو هو ۽ بنگالي قومي تحريڪ کي جلدي نشاني تي لڳندڙ فوجي حملن جي هڪ لاڳيتي سلسلي وسيلي ختم ڪرڻ لاءِ فوجي رٿائون تيار ٿي چڪيون هيون. فوج کي وڌيڪ وقت گهربل هو تہ جيئن هڪ ڪامياب فوجي آپريشن کي يقيني بڻائي سگهجي. يحيٰ 15- مارچ تي ڍاڪا پهچي ويو ۽ عوامي ليگ سان ڳالهہ ٻولهہ ٻيهر شروع ڪيائين. اِنهي ڳالهہ لاءِ ڀٽي کي گهرايو ويو ۽ هُو بہ اِنهي ڳالهہ ٻولهہ ۾ شريڪ ٿيو. عوامي ليگي اڳواڻن کي اِهو سمجهي اطمينان ٿي ويو تہ هاڻي ٺاهہ يقيني آهي. يحيٰ پورن ڏهن ڏينهن تائين ڳالهہ ٻولهہ کي اڳتي وڌائيندو رهيو. جيسين فوج جو گهربل تعداد بنگال جي ڳادي جي هنڌ نہ پهچي ويو. 25- مارچ تي عوامي ليگ جا اڳواڻ ٺاهہ ٿيڻ جي اعلان جو انتظار ڪري رهيا هئا. اُن رات فوج پنهنجي ڪارروائي شروع ڪئي. مجيب الرّحمان گهر تي ئي رهيو ۽ پنهنجو پاڻ کي گرفتار ڪرڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏيائين. ٽڪا خان جي فوجين بنا ڪنهن امتياز جي عمارتن کي تباهہ ڪيو. بنگالي پورهيت طبقو ۽ دانشور سندن پهريون وڏو شڪار هئا.(5) فوج ڍاڪا يونيورسٽي تي گولباري ڪئي ۽ جيڪي بہ شاگرد ۽ استاد ڪين مليا، اُنهن جو صفايو ڪري ڇڏيائون. فوجين عورتن جي هاسٽل تي ڪاهہ ڪئي ۽ اُتي موجود عورتن سان زوري زنا ڪئي ۽ کين قتل ڪيو. توپ خاني جي دستن پورهيت طبقي جي علائقن کي صفا پٽ ڪري ڇڏيو ۽ ٽريڊ يونين ۽ اخبارن جي دفترن کي ٻاري رک ڪري ڇڏيائون. پهرين ڪجهہ ڏينهن ۾ هزارين لکين ماڻهو مارجي ويا. بنگالي ماڻهن کي پنهنجي اڳواڻن جي نااهلي جي هڪ وڏي ۽ ڀيجاريندڙ قيمت ادا ڪرڻي پيئي.

بي هٿيار ۽ بي آسري ماڻهن مقابلي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر بي سُود. ماڻهن ۾ همت ۽ حوصلو تہ هو پر وٽن هٿيار نہ هئا. ڪيئا ڀهرازين ڏانهن ڀڄي ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عوامي ليگ جي اڳواڻي هيٺ اوڀر پاڪستان رائفلز ۽ پوليس جي وڪريل دستن ويڙهه جاري رکي. سندن شهرن ۾ قلعي بند ٿي وڃڻ جي ڪوشش انهي ڪري تباهه ڪن هئي، جو اهڙي ريت هو هڪ پيشيور ۽ جديد طريقي جي هٿيار بند فوج جو سولو نشانو بڻجي پئي ويا. اهي تيزي سان شڪست کائيندا ۽ وکرندا ويا. اپريل جي وچ ڌاري سڀ وڏا شهر ٽڪا خان جي ضابطي ۾ هئا. ٻهراڙين ۾ مُڪتي فوج (آزاديءَ جي فوج) نامي وڏي هئي ۽ سندس جٿا گوريلا جنگ جي فن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي شروعات ڪري رهيا هئا. يحيٰ جي وردي پوش غنڊن اوڀر بنگال ۾ موت ۽ تباهي کي ڦهلائي ڇڏيو هو. عام فوجين کي هدايتون ويون هيون ته بنگالي هڪ گهٽ درجي جو نسل، ٻُڌرا، ڪارا ۽ ڪمزور آهن (پنجاب جي ويڙهو نسلن جي اُبتڙ) ۽ مٿن اڇا هندوئن جو اثر آهي. تنهن ۽ وڌن ٻئي طرح جي آفيسرن پاران اهو چيو ويو هو ته انهي مهم جي هلندي، هو بنگالين جي نسل سڌارڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. انهي طرح جي فاشسٽ ڳالهه جڏهن ته بنگالي عورتن سان وڏي پيماني تي ٿيل زوري زنائن کي کُلي ڇوٽ ڏيئي ڇڏي، جنهن ۾ رنگ ۽ مذهب جو ڪو فرق نه هو حقيقت ۾ جنرلن ۽ سندن پسند جي سياستدانن هڪ وڏي غلطي ڪئي. اُنهن عوامي ليگ کي ختم ڪري اهڙي سياسي قوت کي تباهه ڪري ڇڏيو، جيڪا ئي رڳو عوامي تحريڪ کي روڪڻ جي صلاحيت رکي پئي. بنگال ۾ شروع ٿيل ڪوس تي پنجي پاران پهريون تبصرو هي ڪيو ويو: ”خدا جو شڪر آهي، پاڪستان بچي ويو.“ نهايت ٿي گهٽ ڪنهن سياستدان کان ايڏي وڏي غلطي ٿي هوندي. فوج آسان سوڀون ضرور حاصل ڪيون پر اُن گڏوگڏ هڪ رياست جي حيثيت ۾ پاڪستان جي موت جي وارنٽ تي صحيح ڪري، اُن کي مهربند ڪري ڇڏيو هو.

گهرو ويڙهه ۽ بنگلاديش جو جنم

اهو نومبر جي هڪ شام هئي، ۽ اوچتو رڙين خاموشي کي روشن ڪري ڇڏيو. اَسان حملو ڪيو هو. اسان غلام، اسان محڪوم، گند ۾ رهندڙ، اسان
آيم سيزر
سانڀيا ۽ ڪُرڻ وارا جانور......

پاڪستان هڪ اهڙي گهرو ويڙهه ۾ وڃي ويو، جنهن جي ويجهي تاريخ ۾ ڪو مثال نه هو. تورانڻي واري نسلي گروهه سان واسطو رکندڙ هڪ فوج ملڪ جي آبادي جي گهڻائي کي چيڀاڙڻ ۽ اُن جي سياسي اڳواڻن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. اها ڳالهه شروع ۾ ئي چٽي هئي ته جدوجهد ڊگهي ۽ خونريز هوندي. اڀرندو صوبو گوريلا جنگ لاءِ مناسب نه هو. نوي سيڪڙي کان وڌيڪ آبادي ٻهراڙين ۾ رهندي هئي پر زمين جهنگلن ۽ ٻيلن کان وانجهيل هئي. چٽاگانگ جا جابلو علائقا پري هئڻ ڪري ڪارروائين لاءِ اڏي طور استعمال نه ٿي سگهيا. ٻهراڙي اهڙين ميدانن تي مشتمل هئي، جيڪي لاتعداد نُدين ۽ دريائن وسيلي هڪ ٻئي کان ڌار ٿيل هئا. ڪجهه شروعاتي مهينن ۾ پاڪستاني فوج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي وحشي طاقت ۽ تمام گهڻي فوجي مٿڀرائپ جي ڪري ضابطو قائم ڪري
وٺي هئي، پر آهستي آهستي هٿياربند مخالفت وڌڻ شروع ٿي ۽ جيئن مون سمجهيو
اُڀرندي صوبي کي جڪڙي ڇڏيو. تيئن فوج کي اِها سڌ پيئي ته مڪتي ڪري
وڏيڪ بهادر ۽ باهمت ٿيندا پئي ويا. ڪيترين پُلن کي اُڏايو ويو. فوجي دستن تي
راتاها هنيا ويا ۽ بنگالين گوريلا جنگ جي روايتي طور طريقن کي پنهنجي ديس جي
حالتن موجب استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. جنگ شروع ٿي وئي هئي ۽ اهو سوال
فوري طور تي سامهون آيو ته اِها گهڻو عرصو هلندي؟
جواب عوامي ليگ ۽ ڪابي تر جي جماعتن جي ٿيندڙ ارتقا ۾ لڪل هو. ليگ جا
اڳواڻ پاڙيسري مُلڪ ڀارت هليا ويا هئا ۽ اُتي اُنهن ڀارتي سرڪار جي پوري
حمايت سان جلدئي جلاوطن سرڪار قائم ڪئي هئي پر هُني پاسي ليگ جا وچولي
درجي جا اڳواڻ مڪتي فوج کي منظم ڪرڻ ۾ رڌل هئا ۽ اهڙي ريت هڪ سياسي
وٿي پيدا ٿيڻ شروع ٿي وئي هئي. گهڻن نوجوان ميمبرن پاران ليگ جي سچي
حڪمت عملي تي سوال اُٿاريا ويا ۽ پُراڻن اڳواڻن تي سخت تنقيد ڪئي وئي.
آزاديءَ جي فوج ۾ هڪ انقلابي لاڙي زور پئي ورتو، جنهن ڪلي طور تي اهي اشارا
ڏنا هئا ته آئنده جي رياست سوشلسٽ هوندي، پر انهن کي نظرياتي طور تي نه
مائوپرستن ۽ نه ئي ماسڪو نواز ڪميونسٽن جي مدد حاصل هئي. مائوپرست
ڪجهه معاملن ۾ هڪ متحرڪ لاڙو هو پر اِهي مخالف ڌڙن ۾ ورهايل هئا. ڪهڙائي
قابض فوج ۽ سنڌس ساٿارين سان وڙهڻ جي حق ۾ هئي پر عبدالحق ۽ محمد طوهه
جي اڳواڻي ۾ بلڪل ئي جهوني خيالن وارن جدوجهد ۾ شرڪت نه ڪئي. عبدالحق
آخر ۾ اجان به وڌيڪ ساڄي پاسي ڏانهن وڌي ويو ۽ بيجنگ جي سرڪاري موقف
جو بچاءُ ڪرڻ شروع ڪيائين. جدوجهد جي شروعاتي مهينن ۾ مائوپرست گروهن
مان سڀ کان اثرائتي اُوبر بنگال ڪميونسٽ پارٽي هئي، جنهن جي اڳواڻي متين ۽
علائوالدين پئي ڪئي. پبني ۾ سنڌس گوريلا دستن جي اڳواڻي ٽيپو بسواس پئي
ڪئي، جنهن جلدئي هڪ قصن ڪهاڻين واري فوجي اڳواڻ واري حيثيت حاصل
ڪري ورتي. بسواس پبني ۾ فوجي ٺڪاڻي تي لاڳيتون ڪاهون ڪيون، ۽ فوجين
کي جڪي ڇانوڻي مان ٻاهر نڪرڻ تي مجبور ڪيو. هڪ هفتي جي ڏکي ويڙهه
کان پوءِ اُن ٺڪاڻي کي تباهه ڪري ڇڏيائين پوءِ گوريلن شهر تي قبضو ڪري
هٿيار ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏيا ۽ پاڻ اُتان هليا ويا. اِها ڳالهه اپريل 1971ع ۾ عوامي
ليگ پاران اختيار ڪيل دوبدو جنگ وارين چالن کان بلڪل ئي مختلف هئي.
اهو واضح ٿي ويو هو ته ڪوبه فريق تڪڙي سوڀ نه ماڻيندو. پاڪستان جي
فوج کي هڪ اهڙي آباديءَ کي مُنهن ڏيڻو پئجي رهيو هو، جيڪا مڪمل طور تي
سنڌس مخالف هئي. ڪيس جيڪي ساٿاري ملي سگهيا، اُهي گهڻي ڀاڱي جنوني ۽
فاشسٽ طريقا اختيار ڪندڙ جماعت اسلامي جا رُڪن ۽ حمايتي هئا. رضاڪار
جٿن، جيڪي فوج سان گڏ وڙهيا ۽ جن ڪتابن سازڻ ۽ قوم پرست ۽ ڪابي تر جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پروفيسرن، وڪيلن، اُستادن، صحافين ۽ ليکڪن کي قتل ڪرڻ ۾ مهارت حاصل ڪئي. اُنهن جي گهٽائي جي پرتي ۾ انهن ني ماڻهن مان تي هئي. ساڄي ڌر جي مذهبي جماعتن ۾ جاسوسي (بلڪل انين ني) جي صورت ۾ فوج جي مدد ڪئي ۽ پر ڳوٺن جي نتيجن اڳ ني انهن گروهن جي مڪمل اڪيلائپ کي نروار ڪري ڇڏيو هو. پنهنجن ماڻهن جي رد ڪرڻ کان پوءِ اُنهن هاڻي اولهه پاڪستاني حاڪم طبقن جي هٿياربند قوت جي پاڇي ۾ پنهنجو ٺڪاڻو ڳوليو هو. پاڪستان جي فوج ۽ سندس ساٿارين جو انڌو تشدد جيئن وڌيو پئي، تيئن گوريلن جي طاقت ۾ به واڌارو پئي آيو. سيپٽمبر– آڪٽوبر 1971ع ۾ گوريلا فوجون لکين مردن ۽ عورتن تي مشتمل هيون. انهي دوران ڪلڪتي ۾ ويٺل عوامي ليگي اڳواڻن جي بيچيني ۾ واڌارو پئي ٿيو. آڪٽوبر 1971ع ۾ عوامي ليگ جي هڪ حصي پاڪستاني فوج کي اهڙيون نشانيون موڪليون ته مجيب جي آزادي (جيڪو اولهه پاڪستان ۾ قيد هو) پاڪستان ۾ رهندي بنگال جي خودمختياري ۽ آمريڪا جي ٿالثي جي بنياد تي هڪ ٺاهه ممڪن آهي. اِنهيءَ تجويز سان عوامي ليگ جو اهو ڊپ ظاهر پئي ٿيو ته اوڀر بنگال ۾ آزاديءَ جي لاڳيتي جدوجهد کين بيڪار بڻائي ميدان مان ڪڍي ڇڏيندي ۽ مُلڪ اڻ موٽ طور تي کاٻي ڌر جي حوالي ٿي ويندو. پر اها اُميد ڪرڻ ته آمريڪا پاڪستاني فوج، جيڪا ڏکڻ ايشيا ۾ انقلابن کي روڪڻ لاءِ سندس نظام جو هڪ اهم پرزو آهي، کي هٿيار رکڻ تي مجبور ڪندو; وقت، توانائي، ذريعن جو زيان ۽ هرويرو جي خوش فهمين ۾ مبتلا رهڻ هو ۽ واشنگٽن يقيني طور تي انهي ڳالهه کان واقف هو ته عوامي ليگ جو هڪ اهم حصو آمريڪا نواز آهي، پر سندس نظر ۾ علائقي ۾ سامراجي تسلط جي ضمانت ڏيڻ لاءِ عوامي ليگ بلڪل ئي ناڪافي هئي. انهي جي برخلاف اولهه پاڪستاني فوج آمريڪي مفادن جي بچاءَ ۽ اُنهن کي مقامي زميندار ۽ سرمائيدار طبقن جي مفادن سان ڳنڍي هڪ ڪرڻ لاءِ هڪ يقيني ۽ اعتبار جوڳي تنظيم هئي. نتيجاً عوامي ليگ جي آمريڪانواز ڌڙي کي تيزيءَ سان پوئتي هٽڻ تي مجبور ٿيڻو پيو ۽ هڪ گڏيل فوجي محاذ جو قيام عمل ۾ آندو ويو. پاڪستاني فوج کي جلدئي اهو نظر اچي ويو ته ڪيس ڏيڍ لک ويڙهاڪن جي گوريلا فوج کي مُنهن ڏيڻو پئجي رهيو هو، جنهن کي هر ڳوٺ ڪنڊ ڏيهن سان وڏيڪ تجربو حاصل ٿي رهيو هو. اُنهن نڪا خان جي دستن جي مواصلاتي سرشتي کي موثر طور تي درهم برهم ڪري ڇڏيو ۽ سندن لاءِ خوراڪ ۽ افرادي مدد جي حصول کي ڏکيو بڻائي ڇڏيو هو. ساڳئي وقت گوريلن غدارن کي پڻ ختم ڪرڻ شروع ڪيو. انهن مان آڪٽوبر جي آخر تائين ويهه هزار ڄڻن کي ماريو ويو. ميدان ۾ ويڙهاڪ دستن جي ونڊ ونڊ ڏيءَ جي باوجود سياسي اختلافن ۾ ڪاٻ گهٽتائي نه ٿي. جيئن ته پوري اوڀر بنگال جو آئيندو داءَ تي لڳل هو، انهي ڪري اها ڪا حيرت جهڙي ڳالهه نه هئي. کاٻي ڌر قوت حاصل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي هئي ۽ انهي ۾ ڪوبه شڪ نه هو. جنگ جيڪڏهن هڪ سال ٻيو جاري رهي ها ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پهرين ختم ٿيندڙ شين مان هڪ عوامي ليگ جو نظريو ۽ سنڌس روايتي سياسي انداز هُجي ها. حالتن جي لاڳيتو بدلجندي رهڻ کي پرکڻ ۽ اُنهن کي گرفت ۾ آڻڻ متعلق مڪمل نااهلي رڳو اڳواڻن جي انفرادي غلطي نه هئي. اِها کيس موروثي طرح مليل آئين پرستيءَ جي نشي جو هڪ نتيجو هئي. پارٽي پريس جي هڪ ذهين مبصر صاف طور تي انهي حقيقت جي نشاندهي ڪئي ۽ اُن جي مشابهت پارٽ جي پهرين آئين پرستانه سياسي تنظيم سان ڏيکاريائين.

"گهڻن معاملن ۾ عوامي ليگ جي اڳواڻي اسان جي ڪانگريس جي اڳواڻي جهڙي آهي، اهڙي اڳواڻي جنهن پرامن احتجاج جي مدد سان ناهن تي پهچڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ نيٺ اسان جي نوآبادياتي آقائن سان ناهن تي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي. اسان جي آزادي انگريز آقائن سان ناهه ڪرڻ جو نتيجو آهي. شيخ مجيب الرحمان به اسلام آباد کان اهڙي ئي ناهه حاصل ڪرڻ جي اُميد رکي هئي هندستان ۾ ڪانگريس وانگر عوامي ليگ ۾ به ايتري وت ڪانهي جو اُها جنگ وارين حالتن سان مُنهن ڏيئي سگهي، جيڪا بنگلاديش تي ٿاڦي ويئي آهي."(6)

اهو تبصرو پنهنجي ليکي صحيح آهي پر اهو انهي ڳالهه کي سمجهائڻ ۾ ناڪام ويو آهي ته مجيب پنهنجي وهمن ۽ وسوسن جو شڪار ٿيو هو. برطانوي سامراجيت ۽ اسلام آباد جي ڦلاڻ ڌندي نوآبادياتي طاقت ۾ وڏو فرق هو. برطانيا انهي لائق هو ته هُو پنهنجي حقيقي معاشي سلطنت، جنهن جو ڳُر ملائيشيا جو ربڙ ۽ ٽِن، وچ اوڀر جو تيل، ڏکڻ آفريڪي سون ۽ هندستان جا باغ هئا، کي ڇڏڻ کانسواءِ سياسي طرح نوآبادياتي نظام کي ختم ڪري، پر اوڀر بنگال جي هٿان نڪرڻ ڪري پاڪستاني بورجوازيءَ جا اهم مفاد متاثر ٿيا. نوآبادياتي طاقت جيترو ڪمزور هوندي ايترو ئي سندس پنهنجي محڪوم ايراضيءَ تي، سياسي قبضي تي وڌيڪ دارومدار هوندو. اوڀر بنگال ۾ جيئن جنگ ڦهلجندي ويئي تيئن اهو واضح کان واضح ترين ٿيندو ويو ته ڪلڪتي ۾ عوامي ليگ جي 'سرڪار' اُن حد تي پهچي چُڪي آهي، جتي پاڪستاني فوج سان وڙهندڙ عورتن ۽ مردن جون تنظيمون کيس ميدان مان ٻاهر ڪري ڇڏينديون. انهي ڪري ليگ جي اڳواڻن ساڳي وقت ٻن محاذن تي پيش رفت ڪئي. اُنهن سنڌن جماعت جي هزارين شاگرد حمايتين تي ٻڌل 'مجيب فوج' ناهي ۽ پارٽي سرڪار سان سنجيده ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪيائون.

عوامي ليگ تنظيمي طرح سان ڪڏهن به هڪ عوامي جماعت نه هئي، جنهن وٽ اڳواڻي جو حقيقي سرشتو ۽ پارٽي جو ضابطو هُجي. اِها سياسي وڏيرن ۽ سنڌن ٻوٽڪن جو هڪ اهڙو بي صورت مجموعو هئي، جنهن کي اجا اهو ثابت ڪرڻو هو ته اها پنهنجي کاٻي پاسي جي قوتن کي مُنهن ڏيئي سگهي ٿي ۽ پنهنجن ڪارڪنن کي اُنهن ڏانهن وڃڻ کان روڪي سگهي ٿي. پارليسري مُلڪ ۾ ٿيندڙ تبديلين جي ڪري پارٽي بورجوازي ۾ پڻ تشويش پيدا ٿيڻ شروع ٿي ويئي هئي. اوڀر بنگال ۾ داخل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿيندڙ پناهگيرن ۾ ڏيڍهون ڏيڍهن واڌارو اچي رهيو هو. اندرا گانڌي، جنهن ۾ ايتري
صلاحيت هئي، جو هن اهو سمجهي ورتو ته سياسي پناهگير خاص طور تي جڏهن هو
پنهنجن بنگالي ڀائرن سان ساڳي ٻوليءَ ۾ رابطو قائم ڪرڻ جي قابل ٿيندا، عدم
استحڪام پيدا ڪندڙ هڪ عنصر جي شڪل اختيار ڪري سگهن ٿا. ڀارتي
اڳواڻ انهيءَ ڳالهه کان واقف هئي ته عوامي حمايت کانسواءِ هڪ ڊگهي هٿياربند
جدوجهد ڪرڻ ناممڪن آهي ۽ انهيءَ مدد کي برقرار رکڻ جو اڪيلو طريقو آزاد ٿيل
علائقن ۾ سماجي انقلاب جي عمل جي شروعات ڪرڻ آهي. انهيءَ عمل ڏانهن تيزي
سان وڌڻ جو فطري لاڙو هوندو آهي. اهو خطرو به ته: حالتن جي ڪري عوامي ليگ
ڀاڃيري ٿي ويندي، ڏيڍهون ڏيڍهن وڌيڪ حقيقي صورت وٺندو ويو. ساڳي وقت
عوامي ليگ جي اڳواڻن لاءِ قومي آزاديءَ لاءِ هٿياربند جدوجهد لاءِ پاڻ کي منظم
ڪرڻ جي امڪان کان وڌيڪ اوڀر پاڪستان ۾ ڀارتي فوج جي مداخلت جو
امڪان سندن مفادن وٽان هو.

نومبر 1971ع تائين اوڀر بنگال ۾ موجود گوريلا، چٽاگانگ ۽ کلنا جي اهم
بندرگاهه وارن شهرن کي مفلوج ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا هئا. بين العلائقائي واپار صفا
ٺپ ٿي چڪو هو ۽ پاڪستان جي پيادل ڊويزنن کي هاڻي وڌيڪ پختي ۽ سنجيده
مزاحمت کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو. پر 3- ڊسمبر 1971ع تي پاڪستان جي
کهرو وڙهه. اُن وقت هڪ ڊراماتي ڦيرو ڪاٽو جڏهن ڀارتي فوج اوڀر پاڪستان جي
سرحد پار ڪري ڍاڪي جي هفتي ڍاڪا ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو. اندرا گانڌي اهو
سمجهي ورتو هو ته هاڻي پاڪستاني فوج لاءِ صوبي کي پنهنجي ضابطي ۾ رکڻ جي
ڪا به صورت باقي ناهي رهي ۽ ٿورڙي دير پوري ڏکڻ ايشيا ۾ بورجوازي مفادن لاءِ
مهلڪ ثابت ٿي سگهي ٿي. انهيءَ ڪري مداخلت ڪانگريس جي 'انساني آدرش' جو
نتيجو نه هئي. ڀارت لاءِ اها ڳالهه اهم ٿي وئي هئي ته عوامي ليگ اڪيلي سر نئين
بنگلاديش ۾ اقتدار سنڀالي ۽ صورت ۾ اولهه بنگال ۾ عدم استحڪام جو نهايت
وڏو خطرو پيدا ٿي پيو ها. گڏيل بنگالي جمهوريت جي ڪنهن به خيال کي واشنگٽن
۽ نئين دهلي ٻنهي ۾ نهايت تشويش سان ڏٺو پئي ويو.(7) ڀارتي مداخلت نه رڳو
انهيءَ مسئلي کي حل ڪيو ته بنگلاديش ۾ رياستي اقتدار ڪنهن جي هٿ ۾ هوندو
پر ساڳي وقت اولهه بنگال ۾ ڪاهي ڌُر کي شڪست ڏيڻ لاءِ بنياد پڻ پيدا ٿي پيا.

ڀارتين جون فوجي سرپون سندن پنهنجين توقعات کان به وڌي ويون. ٻن هفتن
جي جنگ ۾ پاڪستان پنهنجي سامونڊي فوج جو اڌ، هوائي فوج جو چوٿون حصو ۽
زميني فوج جو ٽيون حصو وڃائي ويٺو. انهن ڪاميابين ۽ ڍاڪا ڏانهن ڀارتي فوج
جي پيش قدمي جي تيز رفتاري ۾ اهم عنصر سانئن گوريلن جو ساٿ ۽ عوام جو
نيڪ خواهشون هيون. وڌيڪ اهو ته گهيري ۾ اچڻ کان پوءِ پاڪستان فوج بجاءِ
لڙڻ جا هٿيار ڦٽا ڪرڻ کي ترجيح ڏني. فوج جي ڪمانڊر جنرل نيازي نوانوي
هزار فوجين سان گڏ پاڻ کي جنگي قيدين جي طور تي ڀارتين جي اڳيان پيش ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نتيجو اهو نڪتو ته پاڪستاني رياست جي فوجي ڍانچي جي هڪ اهم حصي کي
ٻڌي ليکي ڀارت ڏانهن اماڻيو ويو. جني اُن کي جيئن جو تيئن رکيو ويو ۽ سياسي
تحفي کان پوءِ اُن کي پاڪستان جي حوالي ڪيو ويو. هٿيار ڦٽا ڪرڻ وارو مرڪز
ڏاڍو عجيب هو. ٻنهي فوجن جي وڏن آفيسرن ساڳين اڪيڊمين ۾ تربيت حاصل
ڪئي هئي. اُنهن هڪ ٻئي کي ڀاڪر پاتا. نهايت اُڪير مان هڪ ٻئي کي ماضي
جا دلچسپ قصا ياد ڏياريائون ۽ فوجي ميس ۾ آمريڪي ۽ برطانوي سفارتي نمائندن
کي خوش ڪندي وهسڪي ۽ سوڍا جي استعمال سان گڏوگڏ هڪ ٻئي کي ڪئ
لطيفا پڻ ٻڌايائون. شهر جي وچ ۾ جتي ماڻهو بک وگهي مري رهيا هئا ۽ جتي
ڪجهه ڏينهن پهرين سوين دانشورن کي نهايت سفاڪي سان ڪُٺو ويو هو، فاتح
مفتوحن کي دلداري ڏيئي رهيا هئا. ٻنهي فوجن جي جنرلن اِهو ظاهر ڪري ڇڏيو ته
طبقاتي ٻڌي مذهبي ويڇن کان وڌيڪ طاقتور آهي.

جيئن سوڀ جي پڪ ٿي، عوامي ليگ جي اڳواڻن کي ڀارتي فوج جي جهاز ۾
وطن واپس آندو ويو. ڍاڪا هوائي اڏي تي سندن آجيان ڀارتي فوج جي گارڊ آف آنر
سان ڪئي ويئي ۽ ڪن هڪ فوجي ٽرڪ ۾ وهاري ماڻهن کي ڏيکاريو ويو. اينڊ
ڪجهه هفتن ۾ ئي شيخ مجيب الرّحمان کي اولهه پاڪستاني جيل مان آزاد ڪري
لنڊن جي رستي ڍاڪا واپس موڪليو ويو. منظرنامو مڪمّل هو ۽ اقتدار ليگ وٽ
هو. سندس جنم ۾ ڀارت جي فيصلائتي ڪردار جي باوجود هاڻي بنگلاديش ست
ڪروڙ عوام ۽ پنجونجاهه هزار، هڪ سؤ جويهه چورس ميلن تي مشتمل هڪ آزاد
رياست هئي. بنگال ۾ ڪنهن اڳ جي رياستي ڍانچي جي عدم موجودگي ۽ اها
حقيقت ته بنگلاديش جي فوج خونريز جدوجهد جي عمل ۾ نهي هئي، جو مطلب اهو
هو ته نون اڳواڻن کي وڏن مسئلن کي مُنهن ڏيڻو پوندو. ماڻهن جي حياتيءَ کي بدلائڻ
لاءِ ڪنهن مؤثر سماجي ۽ معاشي پروگرام جي نه هئڻ جو مطلب اِهو هو ته شيخ
مجيب ۽ سندس ساٿي پنهنجي رياست کي پراڻي طرز تي ئي تعمير ڪرڻ جي
ڪوشش ڪندا. مجيب پاڻ جلدئي نوجوان فوجي آفيسرن هٿان قتل ٿي ويو. ملڪ
هڪ شديد قسم جي عدم استحڪام ۾ ونجي ويو. ڪاهي ڏر جڙوجڙ ۽ ٽڪرا
ٽڪرا ٿي ويئي ۽ عوام لوٽ، بدعنواني ۽ ڏاڍ جو شڪار ٿي ويو. پر ڪهاڻي هتي
ڪنهن به ريت ختم نه ٿي ٿئي.

اولهه ۾ ڪٽوتي (؟!)

اولهه پاڪستاني حاڪم طبقي پاران ڪيس حاصل سڀني مراعاتن کي برقرار
رکڻ جي ڪوشش ٿيڻ پاڪستان جي ٽٽڻ تائين وڃي پهتي، جنهن کي قائم ٿئي
اڃان پنجويهه سال مس ٿيا هئا. اُترپرديش جي رهائشي ڪمرن ۾ ناهيل به قومي
نظريو، بنگالي ڀيرائيءَ ۾ دفن ٿي ويو. بنگال ۾ ظلم ۽ ڏاڍ جي دوران ۽ جنگ کان
پوءِ اسلام آباد ۾ اعليٰ اختيار فوجي آفيسرن جي هڪ ننڍي ٽولي وٽ هو، جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڌ ڪجھ شهري صلاحڪار ۽ ٻيا ساٿاري هئا. يحيٰ خان پاڻ هڪ مانو ۽ سُست قسم جو شرابي هو. سندس نالي ۾ پنجن جنرلن، نائب ڪمانڊر انچيف حامد، قومي سلامتي واري ڪائونسل جي چيئرمين عُمرخان، انٽر سروسز انٽيليجينس ڪاميٽي جي اڪوان اڪبر خان، ڊپٽي چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر پيرزاده ۽ 'ياڪا' جي ڪاساني ٽڪا خان جي حڪومت قائم هئي. سرڪار جو اعليٰ ڪامورو ايم- ايم- احمد پڻ هڪ اعتبار جوڳو صلاحڪار هو.

اولھ پاڪستان جي زميندارن ۽ طبقاتي حاڪميت جي سيني سياسي اظهارن وانگر پاڪستاني فوج ۽ ڪامورا شاهي بہ هميشہ اولھ پاڪستان جي زميندارن ۽ سرمائيدارن جي اثر کان نسبتاً آزاد رهي آهي. پر معاملو انهي جي اُبتڙ ڪڏهن بہ ناهي رهيو. فوج جي هٿن جي سندس ڏاڍ ۽ تشدد جي مخصوص ڪمن ڪانسوا ۽ سيني قوتن کي گڏ ڪٽي هلڻ واري هڪ مرڪزي سياسي نڪتي جي ڪري پڻ ضرورت رهي آهي، جھ نڪتا اولھ پاڪستان جي اپيشاهي واري حاڪميت جي بنياد تي سنڌي سنڌين وار جيان هئا. اِها ئي ڳالھ هُئي جنهن جي ڪري عوامي ليگ سان ناھ ڪرڻ کان انڪار ڪيو ويو. اوپر خلاف سخت ترين قدم کنيا ويا ۽ 25- مارچ واري قدم جي اولھ پاڪستاني حاڪم ڌرين پاران ٻنا ڪنهن اختلاف جي هڪ ئي حمايت ڪئي ويئي. يحيٰ سرڪار کي رڳو اُن وقت ئي اڪيلو ڪري ۽ شڪست ڏيئي سگهجي ها جڏهن اولھ پاڪستان جو عوام بہ اُٿي ڪري ئني ها ۽ اوپر ۾ فوجي تشدد جي شڪار ٿيلن سان پنهنجي هٿي ۽ يڪجهتي جو اظهار ڪري ها. اِنهي معاملن ۾ ناڪامي جي ذميواري اڳواڻن جي سر تي آهي. ٻئي پاران فوج جي حمايت اولھ ۾ ڪنهن بہ عوامي قدم جي امڪان کي بلڪل ئي ختم ڪري ڇڏيو. ماسڪو نواز گروهن کي بنگالي جذبن ۽ خواهشن سان همدردي تہ هئي پر سرڪار جي مخالفت لاءِ وٽن هڪ عوامي بنياد جي کھٽتائي هئي. مائوپرست چيني حڪومت جي يحيٰ خان لاءِ حمايت واري موقف تي هلندي 'عليحدگي پسندن' جا شديد مخالف هئا.

پرڏيهي محاذ تي آمريڪا کي يحيٰ ۽ مجيب جي وچ ۾ چونڊ ڪرڻي هئي ۽ هُن قدرتي طور ۽ ٻنا ڪنهن هٻڪ جي يحيٰ جي حمايت جو فيصلو ڪيو ۽ اهو طئي ڪيو تہ اسلام آباد سرڪار کي برقرار رهڻ گهرجي. هينري ڪسنجر جي هڪ اعليٰ سلامتي واري گڏجاڻي ۾ ڏنل انهي بيان جو عام طور تي حوالو ڏنو ويجي ٿو تہ "مون کي مر اڌ ڪلاڪ کان پوءِ صدر جا ڏڙڪا ٿا هڏتا پون تہ پارت ڏانهن اسان جو موقف جيترو سخت هڻ کپي، اوترو ناهي. هُن بلڪل هينئر مون سان ورڻي ڳالهايو آهي. ڪيس يقين نہ ٿو اچي تہ اسين سندس خواهشن موجب ڪم ڪري رهيا آهيون. هُو پاڪستان جي وڌيڪ حمايت ڪرڻ چاهي ٿو." سوويت، سرڪار اهڙن سڀني جي ڪري جن جي ڪيس ئي خبر هئي، بنگالين جي حمايت ڪئي. سوويت صدر پوڊ ڪورني يحيٰ خان کي هڪ پيغام اُماڻي "زوردار درخواست ڪئي تہ اوپر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پاڪستان جي عوام خلاف تشدد ۽ خونريزي کي بند ڪري ۽ پُرامن سياسي ٺاهه ۽
فوري اُپاءَ ورتا وڃن." چيني اڳواڻن پنهنجي پاران يحيٰ بنگالي مزاحمت کي چيپاڻ
جي ڪوشش جي بلڪل غير مشروط ۽ کلي منظوري ڏيئي ڇڏي. سندن حمايت
رياستي ڊپلوميسيءَ کان گهڻو اڳتي وڌي وئي هئي. اُنهن نهايت وفاداريءَ سان اُنهن
نظرياتي جوازن کي ورجايو، جيڪي اسلام آباد جي فوجي ٽولي پاران پنهنجي
بنگال جي قتل عام لاءِ ڏنا پئي ويا. يحيٰ خان ڏانهن لکيل گرم جوشيءَ واري هڪ
ذاتي خط ۾ چو-اين لائي کليل نموني پاڪستاني فوج پاران پيڙهيل ماڻهن جي جذبن
۽ خواهشن کي ڪچلڻ جي حق کي قبول ڪيو ۽ اُن جي حمايت ڪئي.(8)

پاڪستان جي ايڪي ۽ خودمختياري کي برقرار رکڻ وارو چيني جواز نهايت
ظالماڻو ۽ مايوس ڪندڙ هو. پاڪستاني رياست، جيئن اسان گذريل بابن ۾ بيان
ڪري چڪا آهيون، بلڪل ئي رجعت پسند ۽ قوم مخالف بنيادن تي ٺهيل هئي. اها
دنيا ۾ مذهب جي بنياد تي ٺهيل ٻن رياستن مان هڪ هئي. (ٻي اسرائيل آهي)
چيني بظاهر اِهو چئي رهيا هئا ته مذهب جا پوتر لاڳاپا ختم ٿيڻ جوڳا نه آهن.
حقيقت ۾ قومي حق خودمختياري وارو بنيادي حق جيڪو مارڪسزم- لينزم جو
بنيادي متو آهي؛ لازماً ناقابل ترديد طور تي اوڀر پاڪستان جي پيڙهيل ماڻهن سان
لاڳو ٿيو ٿي. نه رڳو اِهو ته اُهي نسلي، تاريخي، ٻولي ۽ ثقافتي لحاظ کان هڪ ڌار
گروهه هئا پر اُهي 'پاڪستان' جي آباديءَ جي گهڻائي پڻ هئا. اُنهي رياستي مشين
جو طبقاتي ڪردار، جنهن 'پاڪستان جي ايڪي' کي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش
ڪئي، پوري ريت واضح هو. اِها ڪروڙن پورهيتن ۽ هارين خلاف زميندار-
سرمائيدار- ڪامورن جي ڏاڍ ۽ تشدد جو هٿيار هئي. اِها سامراجي تربيت ورتل ۽
پينٽاگان جي حمايت يافته ڏاڍ واري هڪ تيزيءَ سان ڪاهه ڪندڙ فوج هئي،
جيڪا سيٽو ۽ سينٽو جو هڪ لازمي جُز هئي جنهن مثال طور، عرب نار ۾ زعفان
جي عوامي بغاوت خلاف جاگيرداري آمريت کي بچائڻ لاءِ ڀاڙيتو فوجي موڪليا هئا.

چين پنهنجي پاڻ کي رڳو پاڪستان جي فوجي آمريت جي زباني ڪلامي حمايت
تائين محدود نه رکيو، هُن اهم فوجي ۽ معاشي مدد به فراهم ڪئي. اِهي چين جون
ٺهيل ٽئنڪون هيون جن ڍاڪا ۾ پورهيتن جي علائقن ۾ گهرن کي صفا پٽ ڪري
ڇڏيو ۽ اِهي چين جا ئي ٺهيل ويڙهاڪ بمبار هئا، جن بنگالي ڳوٺن تي بم وسايا
هئا. جنگ جي اوج تي پيڪنگ پاران جنرلن کي ڏهه ڪروڙ ڊالرن جو بنا وياج قرض
ڏنو ويو. قراقرم جي جابلو سلسلي جي آرپار سوفو کان گلگت تائين ٺهيل جديد
سڙڪ جيڪا سنڪيانگ کي اُتر اولهه پاڪستان سان ڳنڍي ٿي، بُحران جي اُنهي
سڄي عرصي ۾ چين کان ايندڙ فوجي ۽ شهري سامان جو اهم ذريعو بڻيل رهي.
جڏهن اوڀر بنگال ۾ ٿيل عام هڙتال جي ڪري اخباري ڪاغذ جي فراهمي رُڪجي
وئي ته چيني ٽرڪ پاڪستاني سرڪار جي اخبارن کي هلائڻ خاطر ڏکڻ ۾
اخباري ڪاغذ پهچائڻ لڳا. جنگ ملندي روزانو هڪ سؤ لاريون پشاور ۽ راولپنڊي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي فوجي سامان جي ٻيهر ڀرڻ لاءِ سامان کڻي چين کان گلگت ڏانهن روانيون ٿينديون هيون. آمريڪا چيني مدد جي ڪري سڄي طرح رد انقلاب کي فائدو پهچي رهيو هو. چين جي بنگالي ماڻهن ڏانهن انهي غيرانساني موقف آمريڪي پاليسين کان انحرافي چين جو پريتائين به بين الاقوميت پسنديءَ جو ڪو تعلق هجي، کي شديد ڪري ڇڏيو. چين- آمريڪي دوستي جنهن کي ايندڙ سالن ۾ وڌندو وڃڻو هو بنگالي، هارين، شاگردن ۽ پورهيتن جي رت سان مضبوط ٿي وئي.

يحيٰ ۽ سندس جنرلن ۽ شهري صلاحڪارن جو تولو، رڳو انهي ڪري جنگ وڙهي سگهيو، جو کين اندروني طرح پيپلزپارٽي جي پٺڀرائي ۽ پرڏيهي سطح تي چين ۽ آمريڪا جي حمايت حاصل هئي. ساڳي وقت جنگ جي ڪري اولهه پاڪستان تي سياست کان پري ٿيڻ جي سلسلي ۾ جيڪي اثر پيا، انهن کي گهٽ ڪري نه ڏسڻ گهرجي. پنجاب صوبو عوامي شائونزم جو مرڪزي نڪتو هو. اوپر ۾ وڙهندڙ فوجين جي گهڻائي انهي علائقي سان لاڳاپيل هئي ۽ ڀٽي کي انهن علائقن مان ئي مضبوط حمايت حاصل ٿي هئي. پي پي پي جي 1971ع جي معرڪه الارا سال ۾ فوج کي للڪارڻ ۾ ناڪامي جا گهرا اثر پوڻا هئا. پاڪستاني فوج جي شڪست اولهه پاڪستان کي جذباتي صدمو پهچايو ۽ فوج جي عزت ۽ وقار کي وڏي ڌڪ لڳو. قومي سياست ۾ فوج جي ڪردار کي مستقل طور تي ڪمزور ڪرڻ ۽ انهي کي يقيني بڻائڻ لاءِ ته اُها ٻيهر ڪڏهن به اقتدار حاصل نه ڪري سگهي اهو هڪ سونهري موقعو هو. فوج جي اندر ئي هاءِ ڪمانڊ خلاف بغاوت ڪرڻ جو هڪ مضبوط لاڙو موجود هو. جنگ کان پوءِ هڪ تيزيءَ سان ڪاهه ڪندڙ هٿيارBند ڊويزن کُلي بغاوت لاءِ بلڪل ئي تيار هئي. نَنڍن آفيسرن جي هڪ وڏي تعداد پاڻ ۾ ملي اهو فيصلو ڪيو ته پنهنجي فوجن سان اسلام آباد ڏانهن مارچ ڪجي ۽ يحيٰ جو تختو طاقت سان اُونڌو ڪجي، پوءِ پلي کهرو ويڙهه ئي ڇو نه شروع ٿئي. ڪمانڊنگ آفيسر جنرل ڪريم انهي صُورتحال کي سنڀالي ورتو. هُن آفيسرن کي قائل ڪيو ته هُو پنهنجي رٿيل عمل کي مُلتوي ڪن. هُو پاڻ اسلام آباد ويو ۽ انهي ڳالهه کي چٽو ڪيائين ته جيڪڏهن يحيٰ ۽ سندس ساٿي جنرل اقتدار تان نه لاٿا ويا ته پوءِ ملڪ کهرو ويڙهه ۾ وڃجي ويندو. اعليٰ آفيسرن جي هڪ طوفاني ڪچهريءَ ۾ جنرل حميد کي گهٽ وڌ ڳالهايو ويو ۽ نوبت ڪيس مار ڏيڻ تائين وڃي پهتي. هڪ نَنڍي فوجي اڳواڻ کي نامناسب ڪري ليکيو ويو. مخالف آفيسرن ذوالفقار علي ڀٽو کي گهرائڻ جو فيصلو ڪيو. پُراڻو پاڪستان ختم ٿي ويو هو. ڇا نئون جيئرو رهي سگهندو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وضاحتون

1- ’پاڪستان: ڊسمبر چونڊن کان پوءِ، اڳتي ڇا ٿيندو؟ ريڊ مول لنڊن، 1- جنوري 1971ع.

2- رچرڊ نيشنس ’پاڪستان ۽ بنگلاديش جو معاشي ڊانچو‘ رابن بليڪ برن جي ترتيب ڏنل ’ٺنڊي ڪنڌ ۾ ڌماڪو‘ لنڊن 1975ع ۾ ڏسو. هڪ بيو ڪارائتو جائزو فيروز احمد جو ’لاڳاپيل ايشيائي عالمن جي بليٽن‘ (ٽڪن ايشيا ٽرنلي ۾) سان فرانسڪو 1972ع ۾ ڇپيل ’بنگلاديش ۾ جدوجهد‘ آهي.

3- عوامي ليگ جي اڳواڻن جو ور ور ڪري اهو چوڻ هو ته پي پي پي جو ملڪ جي آئين متعلق ڪو متعين ۽ واضح موقف ڪونهي.

4- لي مونڊي- پيرس، 31- مارچ 1971ع ۾ رپورٽ ٿيل.

5- جنگ جي قتل عام جي وڏ ۾ وڏ تفصيلي رپورٽ انٿوني ماسڪارينهس سنڊي ٽائمز 13- جون 1971ع تي، ’قتل عام: پناهگير ڇو ڀڳا‘ جي عنوان سان ڇاپي هئي.

6- رنجيت ڪئيل، هندستان اسٽينڊرڊ، 20- مئي 1971ع.

7- انهي ڳالهه کي ته ڪئيل بنگال جي امڪان واشنگٽن کي ناخوش ڪيو هو. نيويارڪ ٽائمز جي ايڊيٽوريل بعنوان ’بنگال هڪ چٽنگ آهي‘ ۾ ڏسي سگهجي ٿو. انهي جو بنياد ظاهري طور ڪلڪتي مان رپورٽ ڪيل منهنجا ڪجهه جزوجز خيال هئا: ”جناب علي جي ٺنڊي ڪنڌ جي وکوڙ جي انقلابي تصور کي هلڪڙي نموني نه وٺڻ کپرجي....... اوبر پاڪستان ۾ هڪ ڊگهي عرصي تائين هلندڙ گوريلا جنگ جا پاڙيسري، تشدد ۾ ورتل ڀارت جي اولهه بنگال واري رياست تي گهرا اثر پوندا جيڪا اڳيئي پاڪستاني فوج جي ڌمڪاءَ واري مهم جي ڪري آيل ٿيهه لک پناهگيرن جي ڪري لُڏي وئي آهي، وزيراعظم اندرا گانڌي تي اڳيئي انهي ڳالهه لاءِ دٻاءُ وڌي رهيو آهي ته هُو مداخلت ڪري، ڪوشش وٺي ۽ ڀارت جي اندروني امن ۽ سلامتيءَ جي لاءِ انهي خطري جو تدارڪ ڪري بظاهر ته اها ڳالهه ڪنهن جي به مفاد ۾ ڪونهي ته بنگالي ’چٽنگ‘ کي هڪ وڏي بين الاقوامي جهيڙي جي صورت ۾، جيڪو ممڪن آهي ته تيزيءَ سان وڏين طاقتن کي شامل ڪري وٺي، قائڻ ٿنو وڃي، ته ني اها ڪا دانشمندانه ڳالهه آهي ته اوبر پاڪستان جي صورتحال کي لاڪيتو ڦهلجڻ ڏنو وڃي ۽ ڏيري ڏيري سڄي ٺنڊي ڪنڌ جي ٽڪرن ۾ ورهائجڻ کي ڪوٺ ڏني وڃي. طارق علي ۽ هن جهڙن کي سنڌن ’وڏي موقعي‘ کان محروم ڪرڻ لاءِ اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ضروري آهي ته پاڪستان جو صدر يحيٰ خان تيزيءَ سان وڌيڪ معتدل مجيب الرّحمان ۽ سندس عوامي ليگ سان ٺاهه ڪري. (2- جون 1971ع). منهنجو فرض ڪيل 'وڪوڙ جو انقلابي تصوّر' اها راءِ ڏين ٿا ته متحده ۽ سوشلسٽ بنگال، موجوده جوڙجڪ کان وڌيڪ بنگالي ماڻهن ۽ پورهيت لاءِ مددگار ٿيندو ۽ ڏکڻ ايشيا جي ملڪيت کان محروم ماڻهن لاءِ هڪ اُتساهه جو ڪم ڏيندو، مون اها به نشاندهي ڪئي هئي ته اهڙي ڳالهه ڏور آئيندي ۾ ڏکڻ ايشيا جي ملڪن جي حقيقي وفاق قائم ڪرڻ لاءِ هڪ بهترين واٽ ٿيندي.

8- پاڪستان ٽائمز، 13- اپريل 1971ع ۾ ڇپيل. هڪ ڏکئي عرصي تائين يورپ، اتر آمريڪا ۽ ايشيا جا ڪيترا اکٽي وڌيل ماڻهوسٽ اهو مڃڻ لاءِ تيار نه هئا ته ڪو چيني اهڙي فريب ڏين جا ڏوهاري ٿي سگهن ٿا. اسان مان اُنهن ڪي جن چينين تي سخت تنقيد ڪئي ٿي، نهايت ٿي واهيات نموني ننديو ويو. ماڻوزم جي چين ۽ پرڏيهه ۾ اُن وقت کان وٺي زوال پذير ٿيڻ جو بهرحال مطلب اهو آهي ته اڄ ٿورا سوشلسٽ ئي چيني پرڏيهي پاليسيءَ جي رجعت پسند ڪردار هيڻ سان اختلاف ڪري سگهن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

5- عوامي تجربو

ڀٽي جو اقتدار 77-1971ع

20 ڊسمبر 1971ع تي، فوجي هٿان ڪمان، اقتدار پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين ذوالفقار علي ڀٽي جي حوالي ڪري ڇڏيو. اهو ڪنهن حد تائين هڪ عجيب غريب واقعو هو. پاڪستان هڪ ڀيرو وري ڳوڙ ڪٽي ويو هو. تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڀٽي جي روپ ۾ هڪ سويلين ماڻهوءَ کي چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ويو هو. اها حقيقت اُنهن بدليل حقيقتن جو اظهار هئي، جيڪا اسلام آباد جي فوجي ڪاموري ٽولي جي اڏو هئي. ڍاڪا ۾ آيل شڪست ۽ مُلڪ جي ٽٽڻ هيٺ کان وٺي مٿي تائين ملڪ جي ماڻهن کي محرومين ۾ ڌڪي ڇڏيو هو. تاريخ اهو ڏيکاريو آهي ته فوجي شڪستون سماجي انقلاب جي عمل کي زور وٺائينديون آهن. فوج رياستي ڍانچي لاءِ ڪرنگهي مثل آهي. پاڪستان ۾ فوج سڌي طرح سياسي اڳواڻ جي روپ ۾ هئي. اِنهيءَ فوج جي شڪست حد درجي جي غيريقيني صُورتحال کي جنم ڏنو هو. مُلڪ جو مزاج اهڙو هو جو ڀڳل ٽٽل رياست جي سماجي ۽ معاشي ڍانچن ۾ انقلابي تبديلين کي وڏي پيماني تي حمايت حاصل ٿئي ها. هڪ سوشلسٽ سرڪار اهڙا قدم کڻي پئي سگهي، جنهن سان ڊهندڙ فوجي عاليشان ڪاموري عمارت پٽ تي سگهي ها. اِهو سندس پنهنجي اڪيلائي جو احساس ئي هو، جنهن کين ڀُٽي کي گهُرائڻ تي مجبور ڪيو، جيڪو ان وقت پنهنجي مخصوص جذباتي انداز ۾ سلامتي ڪائونسل ۾ تقرير ڪري رهيو هو. جڏهن کيس اسلام آباد کان پيغام مليو ته هُن پاڪستان هاءِ ڪمان جي فيصلي جي تصديق لاءِ صدر نڪسن سان رسمي ملاقات ڪئي. اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ درحقيقت اڳ ئي انهيءَ فيصلي جي منظوري ڏئي ڇڏي هئي. ڀٽي جي اقتدار سنڀالڻ جي واشنگٽن پوسٽ ۽ نيويارڪ ٽائمز پاران ان ڪري آجيان ڪئي وئي، ڇاڪاڻ ته مُلڪ ۾ هو ئي واحد سياستدان هو، جيڪو رائج سماجي نظام کي برقرار رکي سگهيو ٿي.

اهڙي ريت ڀُٽي کي اقتدار ڏيڻ جو بندوبست فوج پاران ڪيو ويو. جيتوڻيڪ هُن اُنهن جنرلن کي هٽائي ڇڏيو، جن تي يحيٰ جو دارومدار هو ۽ ڪجهه مهينن کان پوءِ هُن صفائي جي هڪ ٻي مهم ۾ جنرل گل حسن، ايئرمارشل رحيم ۽ ٻين اعليٰ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آفيسرن کي هٽائي ڪين سفير بڻائي ٻاهر موڪلي ڇڏيو پر باوجود انهيءَ جي ته هو بوناپارٽسٽ اثرن خلاف سخت نمونو ڪالهائيندو هو سنڌس ٻاران فوج جي ڪردار يا ڪم کي بدلائڻ لاءِ خاصيتي طور تي ڪجهه نه ڪيو ويو. هُن گل حسن جي جاءِ تي ٽڪا خان کي آندو، جيڪو پنهنجي 'ڍاڪا جي ڪاسائي' واري تاڙي ڪردار کان اڳ بلوچستان جي صوبي ۾ باغين خلاف سرگرمين ۾ پڻ حصو وٺي چڪو هو. ٽڪا خان جي تقرري سان هڪ مقصد حاصل ٿيو. هڪ پاسي اهو ته هو (ڀٽو) پاڻ سنڌي هو ۽ سنڌس خيال هو ته فوج جي اڪوان جو پنجابي هُئڻ فائديمند ٿيندو. ٻئي پاسي ٽڪا خان جي فوجي ڪمانڊر جي طور تي سڃاڪي هڪ واڌو فائدو هو، ڇاڪاڻ ته انهيءَ سان سرحد ۽ بلوچستان، جتي پي پي پي نوراني ۾ هئي ۽ نيشنل عوامي پارٽي کي ڪهڻائي حاصل هُئي، اُتي قوم پرستن کي هڪ لِڪل تنبيهه ملي ٿي.

ڪنهن حد تائين فوج جي ڍانچي کي تبديل ڪندي ڀٽي ڪمانڊر انچيف جو عهدو ختم ڪري، اُن جي جاءِ تي چيف آف اسٽاف جو عهدو قائم ڪيو. انهي ڳالهه کي يقيني بڻائڻ لاءِ ته سائس همدردي رکندڙ جنرل اعليٰ عهدن تي رهن. هو هڪ سرچيل سمجهيل رٿا تي عمل ڪري رهيو هو. هُن ڪنهن به سياستدان کان، وڌيڪ ويجهڙائي سان فوج کي ڪم ڪندي ڏٺو هو. ايوب جي فوجي سرڪار دوران وزارتي عهدن تي هئڻ ۽ بنگال جي جنگ ۾ يحيٰ خان سان سنڌس ساٿ، کيس فوج جي اعليٰ عهديدارن جي ذهنيت ۽ سندن ڪم ڪار جي طريقن متعلق يگاني نوعيت جي ڄاڻ ڏني هُئي. اِنهيءَ کان واقف هوندي ته فوج هڪ اداري جي طور تي ڪهڙو ڪمزور ٿي چڪي هئي ۽ مُلڪ ۾ اُن جي ساک پڻ متاثر ٿي وئي هئي، هُن اِنهيءَ کي سويلين حُڪمراني کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هڪ موقعي جي طور استعمال ڪيو. پر جنهن ڳالهه کي سمجهڻ ۾ هو ناڪام رهيو اُها هي ته جيستائين فوج کي سندس موجوده صُورت ۾ رهڻ ڏنو ويندو، اِها جلدئي پنهنجي طاقت ۽ وقار حاصل ڪري وٺندي ۽ ڪنهن به اهڙي سياستدان کي، جنهن کي منظم عوامي حمايت حاصل نه هُجي، ڇيپائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندي.

جن فوجي آفيسرن ڀٽي کي اقتدار ڏيڻ لاءِ چيو هو اُنهن پاڻ ڪنهن به طرح رياست جي ٽڪرا ٿيڻ مان ڪوبه سبق حاصل نه ڪيو هو. اِنهي سطحي تجزئي، جنهن کي پاڪستان جي حڪمران حلقن ۾ وسيع پيماني تي قبوليو ويو ٿي تنهن جو هڪ خاص مثال جنرل فضل مقيم خان جي لکيل ڪتاب ۾ موجود آهي. جنرل جيڪو پاڻ کي اداري جي، جنهن کي نامڻ ۾ هُن ڀرپور ورتو هو هڪ دوست مؤرخ جي حيثيت ۾ ڏسي ٿو. هن اهو لکي ڪهڻ آفيسرن ۽ ڪامورن جي خيالن جي ترجماني ڪئي آهي:

"1971ع جا ڏکوئيندڙ واقعا جهڙي طرح اهو ڏيکارين ٿا ته ملڪ سياسي، معاشي ۽ فوجي طور تي دربيش چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نہ هو. اوير پاڪستان جي جنگ، سياسي وڳوڙ جنهن کي يحيٰ ۽ سندس صلاحڪارن جي بيوقوفي پيدا ڪيو، جي نتيجي ۾ ٿي. ڍاڪا ۾ ذلت آميز طور تي هٿيار ڦٽا ڪرڻ هاءِ ڪمان ۽ سندن پاران مقرر ڪيل ڪمانڊر جي نااهلي جو نتيجو هو. اهو ڪنهن معجزي کان گهٽ ناهي تہ فيصلو نہ ڪري سگهندڙ ۽ لاتعلق اڳواڻي، هٿيارن ۽ ٻئي سامان جي کوٽ ۽ بنگالين جي فوج ڇڏي وڃڻ ۽ سندن غداري جي باوجود ميدان ۾ موجود دستا مضبوطي ۽ بهادريءَ سان وڙهيا .... سپاهين، ايئرمين ۽ ملاحن کي مناسب هٿيارن، سامان ۽ هڪ مضبوط سياسي اڳواڻي کانسواءِ جنگ وڙهڻ لاءِ ڇڏڻ نامناسب ۽ غير حقيقي ڳالهہ ٿيندي..."(1)

انهي نڪتہ نظر کي ٻين پاران، جن انهي زوال کي اکين سان ڏٺو هو، وڌيڪ قوت سان ورجايو ويو. پٽو يحيٰ جي شراب ۽ پيشو ڪندڙ عورت سان سندس عشق کي شوق سان بيان ڪندو هو. جڏهن تہ سندس ساٿي آفيسرن کي اڪثر ڪري وڏي پيٽ وارن ۽ پنهنجي ماحول کان ڪٽيل نااهلن جي طور تي بيان ڪيو ويندو هو. ڀٽي جي اقتدار سنڀالڻ کان پوءِ معتوب جنرل جو مذاق اُڏائڻ ۽ ڪنهن گهٽ وڌ ڳالهائڻ تہ هڪ قومي وندر بڻجي وئي. نهايت گهٽ ماڻهن اهو تجزيو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ 1947ع جو پاڪستان هاڻي جو موجود ڪونهي. انهيءَ سان رڳو مُلڪ جي دانشورن جي سياسي تبديلين کي ڳوڙهي کوجنا وسيلي جاچڻ ۾ نااهلي ثابت ٿي ٿئي. اِها ماڻهن کي اُنهن خيالن ۽ نظرين تائين پهچڻ کان، جيڪي موجوده رياستي ادارن کي چئلينج ڪري پئي سگهيا، روڪڻ جي هڪ سوچيل سمجهيل ڪوشش هُئي. جنرل مقيم جي انهيءَ راءِ متعلق تہ بنگال کي مؤثر جنرلن ۽ وڌيڪ جديد هٿيارن وسيلي محڪوم رکڻ ممڪن هو، گهٽ ۾ گهٽ ايترو چئي سگهجي ٿو تہ اِها هڪ غيراخلاقي سوچ آهي. ڀٽي پاران هر شيءِ لاءِ ٿلهن متارن جنرلن کي ڏوهاري ٺهرائڻ اصل ۾ جمهوري ادارن کي قائم ڪرڻ ۽ فوج توڙي ڪاموراشاهي کي بيڪار ڪرڻ جي هڪ وڏي موقعي کي هٿان وڃائڻ هو. انهن غلطين جي قيمت ڪيس ٿيڻ پنهنجي زندگي ڏيئي ادا ڪرڻي پئي.

پي پي پي ۽ سندس اڳواڻ جي آڏو جيڪي مسئلا هئا، اُنهن کي گهٽ ڪري نہ ٿو ڏسي سگهجي. ڪين جيڪا هڪ ٽٽل ڦٽل رياست ملي هُئي، اُها ٽن قسمن جي بُحرانن ۾ ورتل هُئي.

1– پنهنجي جائز هئڻ جو مسئلو ۽ مُلڪ جي تباهہ ٿيل سياسي ادارن کي وري پنهنجي پيرن تي بيهارڻ جي اشد ضرورت.

2– معيشت جي بحالي ۽

3– پرڏيهي ناتن کي نئين سر ترتيب ڏيڻ.

ڀٽي جي عواميت پاڪستان جي سياسي نظام جي فوجي ڪاموورڪي جڳڻ مڙسن لاءِ خوشي ڀري نہ هُئي. پر اُنهن سندس انهيءَ لفاظي کي رڳو انهي ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

برداشت ڪيو جو ڪين اها ٻلي ٻت خبر هُئي تہ ريڪو فوني اهڙو سياسي اڳواڻ هو جيڪو سنڌين ۽ مڪمل وڪوڙ ۽ انتشار جي فتح ۾ بيٺل هو. ڀٽي پنهنجي ليکي انهيءَ عارضي تابعداريءَ کي مستقل ڪمزوري ڪري سمجهڻ جي غلطي ڪئي. هُن واقعي اهو سمجهيو ٿي تہ هُن جنرلن کي رسو وجهي جهليو هو ۽ هاڻي سندس مهربان ٻاجهہ ۾ ساڳيا پراڻا ادارا ۽ ڍانچا ئي ڪافي ثابت ٿيندا. سندس آندل سڌارا بلڪل سطحي هئا. انهن جو مقصد پي پي پي جي اُنهن واعدن کي پوري ڪرڻ ۾ نااهليءَ کي لڪائڻ هو، جيڪي اُن پنهنجن ووٽرن سان ڪيا هئا. ڀٽي جي پاڪستاني رياست جي ڏيهي سياست، پرڏيهي پاليسي ۽ معيشت جي نئين سر تعمير وارين ڪوششن تي ڌار ڌار غور ڪندي، سندس اقتدار وارن سالن تي چڱي ريت غور ڪنداسين.

معيشت:

ڀٽي مُلڪ جي ٽُٽڻ کان پوءِ اقتدار سنڀاليو. معيشت جيڪا 1968ع کان ئي لاهڻ جو شڪار هُئي، ان کي کهرو لڙائي هلندي وڏو ڌڪ رسيو هو. پرڏيهي ناڻي جا ذخيرا بلڪل ئي گهٽجي ويا هئا. قيمتن ۽ بيروزگاريءَ ۾ تيزي تيزي واڌ اچڻ لڳي هُئي. سِٽيءَ جي روانگي واپار جي ختم ٿيڻ سان ڪراچي اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ شيئرز جي ڪاروبار ۾ تيزيءَ سان گهٽتائي آئي هُئي. ٻِئي پاران اوڀر بنگال ۾ معرڪي مارڻ لاءِ موڪليل فوج تي روزانو اينڊز خرچ ويهہ لک ڊالر تائين وڃي پهتو هو. انهيءَ سان معيشت تي جيڪو بار پئجي رهيو هو، اُن کي جيڪڏهن اولهہ پاڪستان جي آمدني واپار جي چوڏهن ڪروڙ ڊالر ماهوار خساري جي حوالي سان ڏٺو وڃي تہ بهتر طور تي سمجهي سگهجي ٿو. پاڪستاني رياست کي مجبور ٿي پنهنجي ليکي پرڏيهي قرضن جي ادائيگي روڪڻي پئي هُئي ۽ وڏبک ٻاهرين امداد لاءِ درخواست ڪرڻي پئي هُئي.

ڀٽي ۽ پي پي پي اَڏو چونڊ محدود هُئي. شهرن ۾ رهندڙ عوام جو انقلابي جوش، ڪراچي ۽ پنجاب جي اهم شهرن ۾ بنگالي مخالف شاونزم جي اُڀرڻ جي ڪري گهٽجي ويو هو. انهيءَ جي باوجود شهرن جي بلڪل ئي ڏتڙيل ماڻهن مان گهڻن کي توقع هُئي تہ نئين سرڪار ڪا بنيادي سماجي تبديلي آڻيندي. ڀٽي پاران سوشلسٽ تبديلي آڻڻ جو ڪڏهن بہ ڪو ارادو نہ هو. پر ٽين دنيا جي ترقيءَ جا محرڪ جن ترجيحن جي ڳُهر پيا ڪن، اُهي ڪلاسيڪي بورجوازي انقلاب کان گهڻو پري جون ڳالهيون هيون. بورجوازي انقلاب جا ٽي مقصد: قومي آزادي، سرمائي جو ڪٺو ڪرڻ ۽ سياسي جمهوريت، رهيا هئا. پر ٽين دنيا ۾ مختلف موقعن تي اِهو ممڪن رهيو آهي تہ انهن مان هڪ يا ٻيو مقصد حاصل ٿئي پر (جپان جي سرمائي جي اندروني ڌماڪي کان وٺي) تہ اهڙو ڪو بہ مثال ڪونهي. ٽين دنيا جو ڪو مُلڪ اولهہ يورپ جي حاصل ڪيل معيارن تائين پهتو هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجهه مُلڪن يا علائقن جي سرمائيدار طبقي تيز واڌ يا ترقي يافتا سرمائيدارن جي غيرمعمولي رعايتون حاصل ڪرڻ لاءِ قومي آزاديءَ جمهوريت تان هٿ ڪڍيو هو. انهيءَ سلسلي ۾ فوري طور ذهن ۾ ايندڙ مثال هانگ ڪانگ پيورٽوريڪو، ڏکڻ ڪوريا ۽ تائيوان جا آهن. پر اِهي معاشي واڌ شهر ۽ ٻهراڙي جي غريب عوام جي وڏي پيماني تي قرباني سان ڳنڍجي هڪ بگڙيل صورت اختيار ڪري ويٺي هئي.(2) ٻئي پاسي اهڙا مُلڪ هُئا جتي قومي آزادي معاشي پاڻ ڀرائپ (جيڪو دراصل جمود آهي) ۽ سياسي ڏاڍ ۽ تشدد سان ڳنڍ هئي. هيٺي ۽ برما اُن جا مثال آهن. جيتوڻيڪ گهڻا ئي مختلف نمونا موجود رهيا آهن، پر سڀ جي ڏماڪي ڪان وٺي هڪ حقيقت بلڪ چٽي ٿي پيئي آهي. ٽئين دنيا جي بورجوازي لاءِ بکي مڏي وارو رڳو هڪ ئي حل رهيو آهي ۽ اُهو هي ته هڪ اهڙي سرڪار هُجي جيڪا وحشياڻي طور تي سرمائي کي ڪِٽ ڪرڻ تي ڏيان ڏئي عوام جي جمهوري حقن کي نظرانداز ڪري ۽ قومي آزادي تي سوديبازي ڪري. اڄ جي ٽئين دنيا ۾ اهڙين حڪومتن جو رواج آهي. سندن ڪاميابي يا ناڪاميءَ جو تعين سندن جاگرافي، پکيڙ وغيره، گوريلا جنگين، شهري بي چيني ۽ پرڏيهي طاقتن جي سڌي موجودگي جي ڪري ٿيندو آهي. عوامي بغاوتن وسيلي آيل حڪمران طبقا، جيڪي پوءِ پاڻ ڪامياب مخالف انقلابن وسيلي، انهن بغاوتن جي روح کي ختم ڪندا آهن. عام طور تي اولهه جي مضبوط سرمائيدارانه مرڪزن جي ساٿ ۽ مدد سان سرمائي ڪٺي ڪرڻ جي معاملي ۾ مضبوط حيثيت ۾ هوندا آهن. اِهو صحيح آهي ته ڪجهه ڪچي مال (خاص طور تي تيل) جي قيمتن ۾ اضافي واري صلاحيت ۾ واڌارو آيو آهي پر اِنهيءَ سان به اِهو ناهي ٿيو ته سندن عالمي منڊي جي تابعداري ختم ٿي ويئي هُجي. اِها تابعداري رڳو ڏي- وٺ تي نه پر بنيادي پيداواري لاڳاپن تي مدار رکي ٿي.

ڀٽو سرڪار ٿوري عرصي لاءِ اُنهيءَ معاشي نظام، جنهن جو اُها هڪ قسم هُئي، جي معروضي حقيقتن کي مڃڻ کان انڪار جي ڪوشش ڪئي. هُن اِهو نهايت ڪمزور نموني ۽ بي دليءَ سان ڪيو هو. اِهم ڳالهه اِها هُئي ته اِهو سڀڪجهه بجاءِ عوامي سرگرمي کي همٿائڻ جي، اُن کي دٻائڻ وسيلي ڪيو ويو هو. فرانس جي انقلابي سينٽ جسٽ ارڙهين صديءَ ۾ چيو هو ته "اُهي جيڪي انقلاب کي رڳو اڌ رستي تائين وٺي وڃن ٿا دراصل پاڻ پنهنجن هٿن سان پنهنجي قبر کوٽين ٿا." پاڪستان ۾ ته انقلاب اڌ رستي تائين به نه پهتو هو. پُوري مُلڪ ۾ تبديليءَ جي ڳُنجي ٻهراڙي جي انقلابي تبديليءَ ۾ لڪل هُئي، پر اهڙيون تبديليون اُهي نٿا آڻي سگهن جيڪي انقلابي ناهن. ڀٽي جي جذباتي تقريرن هارين کي ڳالهه اُوچو ڪري ملڻ جي لائق ته ڪيو پر نئين سرڪار پاران آندل سڌارن، ٻهراڙيءَ جي پيداواري رشتن کي تمام گهٽ بدلايو ۽ اُهي زميندارن جي گرفت کي ختم ڪرڻ ۾ بلڪل ئي ناڪام ويا (اِها ڪا حيرت جهڙي ڳالهه ناهي ته پيپلزپارٽيءَ جي اڪثريت جو واسطو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خاص طور تي سنڌ ۾، وڏن زميندار گهرائن سان هو جتي جي ڳوٺاڻي زندگي بلڪل ئي وچين دؤر واري هُئي).

زمين واري ملڪيت جي حد کي ڇٽيهه هزار پيداواري اڪائين مان گهٽائي ارڙهن هزار ڪيو ويو. جڏهن ته اها هڪ وڏي تبديلي لڳي ٿي پر جيئن اُن وقت هڪ معيشتدان نشاندهي ڪئي هُئي ته "زمين جي انفرادي ملڪيت جي تعين جي لاءِ ايڪڙ نه پر پيداواري اڪائي هڪ مناسب پئمانو آهي. پيداواري اڪائي هڪ اهڙو پئمانو آهي، جنهن سان مختلف قسمن جي زمين جي ڪُل پيداوار جو تعين ڪيو ويندو آهي. انهيءَ اڪائي جو تعين زمين جي حد بندين ڪرڻ وقت ڪيو ويندو آهي؛ جيئن ته اهڙين حدبندين ۾ چاليهن سالن کڏڻ کان پوءِ ئي ڦيرگهير ٿي سگهي ٿي، انهي ڪري پيداواري اڪائين جو حساب ڪتاب بلڪل ئي مدي خارج ٿي ويندو آهي. آخري حدبندي ٽيهن جي ڏهاڪي ۾ ڪئي وئي هُئي، جڏهن 'رڌي معاشي لاٽ' پنهنجي اوج تي هئي. موجوده اڪائي به اُن وقت ئي مقرر ڪئي وئي هئي.

6- مارچ 1972ع جي روزاني ڊان ڪراچيءَ ۾ لکندي اهو معيشتدان دوراندیشي جي خيال کان پاڻ کي آبزرور (مبصر) چاڻائي ٿو. هُو نهايت ئي ذهانت سان زرعي سڌارن جي کهتتائي ڏانهن اشارو ڪندي لکي ٿو:

"پيداواري اڪائي ڪهڙي ريت سڌارن جي مقصد کي ختم ڪري سگهي ٿي، اُن جو اندازو انهيءَ ڳالهه مان ڪري سگهجي ٿو ته پيداواري اڪائين جي لحاظ کان هڪ ايڪڙ ۾ ڏهه کان هڪ سؤ ڏهه اڪائيون اچي وڃن ٿيون. جتي هڪ ايڪڙ سؤ يونٽن جي برابر هوندو، اُتي هڪ سؤ اسي ايڪڙ ارڙهن هزار اڪائين جي برابر ٿيندا. پر جتي هڪ ايڪڙ ڏهن اڪائين جي برابر هوندو اُتي وڌ ۾ وڌ حد ارڙهن سؤ ايڪڙن تائين وڃي پهچندي. انهيءَ سان ٻن قسمن جي زمين جي پيداوار جو فرق ظاهر نه ٿيندو پر رُکو اُن درجيبندي جي خبر پوندي، جيڪا ٽيهن جي ڏهاڪي جي وچ ڌاري ڪئي وئي هُئي. حقيقت ۾ اهو ممڪن آهي ته اڄ پهرين بيان ڪيل زمين پوئين زمين کان گهٽ زرخيز هُجي. اهڙي ريت نهري زمين ۽ باراني زمين جي حد ترتيبوار ڏيڍ سؤ ۽ ٽي سؤ ايڪڙ نه هوندي، جيڪو صدر جو مطلب آهي، پر اها ارڙهن سؤ ايڪڙن تائين يا اُن کان به وڌيڪ ٿيندي."

وڌيڪ اهو ته سڌارن ۾ چراگاهن، گهوڙن جي پالنا جي فارمن، مال جي پالڻ ۽ شڪار گاهن لاءِ ساڳي طرح مراعاتون ڏنيون، اُنهن کي زمين جي مقرر ڪيل وڌ ۾ وڌ حد کان ٻاهر رکيو ويو هو.

1972ع جي سڌارن جو نتيجو اهو نڪتو ته اُن سان وڏا زميندار وڌيڪ سرگرميءَ سان پوک جي سرمائيداراڻي طريقي ڏانهن مائل ٿيا. ٽڪري ايٽ واريون پوکون گهٽي نفعي واريون ٿي پيون ۽ گهڻن زميندارن هارين کي بيدخل ڪري سنڌن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جاءِ تي اُجوري تي پورهيتن کان ڪم وٺڻ شروع ڪيو. ايستائين ته قدامت پسن
مبصرن به ڀٽي تي اِها تنقيد ڪئي ته هُن ننڍن ۽ وچولي درجي جي زميندارن جي
مفادن کي قربان ڪري وڏن زميندارن کي مضبوط ڪيو هو. مثال طور برعڪس
بلڪل صحيح نشاندهي ڪئي آهي ته اٽي، چانورن ۽ ڪپهه جي ڪارخانن کي
رياستي ملڪيت ۾ وٺڻ واري فيصلي جو ڪاٻي پاسي ڏانهن وڃڻ سان پري جو
واسطو ڪونهي. درحقيقت انهيءَ جو مقصد ڏلالن ۽ ڳوٺاڻي وچولي طبقي ۾ تعلق ک
ختم ڪري ڳوٺاڻي اشرافيه، وڏن زميندارن جي مدد ڪرڻ هو. اهڙي طرح ڳوٺاڻ
وچولي طبقي جي چيلينج کي بلڪل شروعات ۾ ئي بيڪار بڻايو ويو هو. برعڪس
اِنهيءَ ڳالهه تي زور ڏيڻ ۾ حق بجانب هُو ته "اِنهيءَ قدم جي اصل سياسي ۽
معاشي اهميت اِها هُئي ته اِنهيءَ جي نتيجي ۾ زرعي شعبي ۾ هيٺ کان مٿي تائين
ڳانڍاپو پيدا ٿيو هو. مطلب ته هاڻي زرعي اشرافيه جو رڳو منڊي ۾ وڪامندڙ شين
جي وڏي حصي پيدا ڪرڻ سان تعلق نه هو پر اُن کي وڪڻڻ، پروسيسنگ ۽
ورهاست ۾ پڻ سندس حصو هو." (3)

کهڻن آزاد خيال، قدامت پسند معيشتدانن جي ليکي ڀٽي جي سڌارن مان وٺن
اِها هُئي ته اُنهن نئين سرمائيدار زميندارن جي پيٽ ۾ هڪ متحرڪ پرت جي جي
پيدائش کي همٿائجي. ڀٽي اهڙن قدمن تي وڌيڪ توجه ڏني، جنهن سان ٻهراڙين ۾
سياسي اتحاد مضبوط ٿيا، پر اصل مسئلا ڪي ٻيا هُئا. انهيءَ حقيقت کي پنجن
سالن کان پوءِ سرڪار پاران پاڻ مڃيو ويو ته 1972ع جا سڌارا بلڪل ئي ناڪافي
هُئا. جنوري 1977ع ۾ وڌيڪ سڌارن جو اعلان ڪيو ويو، جيئن ته اهو چونڊن
وارو سال هو. انهيءَ ڪري سڌارن جا ٻه مقصد هئا: اهي سڌارا وڌيڪ انقلابي
هُئا، جيئن ڳوٺن ۾ پيڙهيل طبقن کي قائل ڪري سگهجي ته بظاهر تبديل نه ٿي
سگهندڙ اقتدار جي جوڙجڪ ۾ تبديلي آڻي سگهجي ٿي، ساڳي وڌيڪ آندل تبديلين
تي عملدرآمد ڪرائڻ لاءِ انتظاميا جي هٿ ۾ فيصلائتا اختيار ڏيئي ڇڏڻ ته جيئن
زميندارن کي باور ڪرائي سگهجي ته سندن ائيندو پي پي پي سان لاڳاپيل هو ۽
مخالف ڌر ۾ شموليت تي سندن خلاف سزا جي طور تي قدم کڻي سگهجن ٿا؛ نون
سڌارن ۾ نهري ۽ باراني جي وڌ ۾ وڌ حد کي ترتيبوار ڏيڍ سؤ ايڪڙن مان گهٽائي
هڪ سؤ ايڪڙ ۽ ٽي سؤ مان گهٽائي ٻه سؤ ايڪڙ ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي
ويئي هُئي. انهن ۾ ڍل کي ختم ڪيو ويو هو ۽ اُن جي جاءِ تي نئون زرعي انڪم
ٽئڪس لاڳو ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو. بيشڪ اِهو هڪ اڳتي قدم هو، ڇاڪاڻ ته
انهيءَ سان اُهو مُڏي خارج طريقو ۽ ڪار ختم ٿي ٿيو، جنهن ۾ اُن کي، جيڪو
پنهنجي جيئري رهڻ لاءِ زمين کيڙي ٿو، ساڳئي حساب سان ٽئڪس ڏيڻي ٿي پوي،
جنهن حساب سان زميندار کان ٽئڪس ورتي وڃي ٿي. پراڻي نظام جي ختم ٿيڻ
سان ڳوٺاڻي ڪاموري جي ظالماڻي اختيارن ۾ پڻ گهٽتائي ٿي، جيڪو گهڻو ڪري
مقامي جاگيردارن جو پڳهاردار هوندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نون سڌارن ۾ ڪجهه خاميون به هيون جن جي ڪاهي تر جي تجزئي نگار آءِ- اي- رحمان، جنهن جو اُنهن سڌارن ڏانهن همدرداڻو رويو هو، نشاندهي ڪئي هئي: لاهور جي هفتيوار رسالي ’ويو پوائنٽ‘ ۾ لکندي آئي- اي- رحمان انهيءَ ڳالهه ڏانهن توجهه ڇڪائي ته 1977ع جي سڌارن ۾ اُنهن زميندارن کي معاوضي ڏيڻ لاءِ چيو ويو هو، جيڪي راضي خوشيءَ سان پنهنجين زمينن تان هٿ کڻندا. وڌيڪ ذهانت سان ساڳيو ليکڪ لکي ٿو ته:

”اهو چٽي سگهجي ٿو ته انهن سڌارن جي ڪري اهو امڪان آهي ته بي زمين هارين، ننڍن کاتيدارن ۽ بيروزگار زرعي پورهيتن کي سنڌن انقلابي ڪردار کان پري ڪرڻ لاءِ منجهانئن ڪجهه منظور نظر ۽ مراعات يافته ماڻهن کي سرمائيداراڻي زراعت جي عمل کي تيز ڪري اُن ۾ کپايو وڃي ۽ باقي ٻين کي زمين کان شهرن جي گندين آبادين ڏانهن ڌڪيو وڃي. سماجي ۽ معاشي برابري واري نظام حاصل ڪرڻ وارو مقصد انهيءَ سان اڃان وڌيڪ پري ڌڪجي ٿو وڃي.“ (4)

ٻين لفظن ۾ ته انهن سڌارن تي پِٽي جي حامي ليکڪ به ڪجهه شڪ ظاهر ڪيا. منجهانئن ڪنهن به تفصيل سان اُنهن قدمن کي بيان نه ڪيو جيڪي ٻهراڙي کي بدلائڻ لاءِ ضروري هئا. انهن ۾ وڏين جاگيرن جي ضبطي، ٻٽائي تي پوک ڪرڻ جو مڪمل خاتمو، هارين کي زمين ڏيڻ، هارين تي اُڳاڙي جوڳن قرضن جو فوري خاتمو، زمين جي ونڊ ۾ وڌ ملڪيت کي پوک لائق بڻيءَ جو پنجويهه ايڪڙ مقرر ڪرڻ، ضبط ٿيل زمين تي امداد باهمي جي جوڙجڪ هيٺ بي زمين هارين کي آباد ڪري اُن کي استعمال ڪرڻ، زرعي پورهيتن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اُجوري سان گڏ چاليهن ڪلاڪن جو هفتو، ٽريڊ يونين ۽ هڪ لازمي موڪل. پاڻي جي فراهميءَ وارن ٽيوب ويلن کي قومي ملڪيت ۾ وٺي ۽ اُنهن کي چونڊيل هاري ڪاميٽين جي ضابطي هيٺ ڏيڻ صحيح بنيادن تي استوار ڪرڻ، رياست پاران سستن قرضن کي اداري واري شڪل ڏيڻ، رعائتي قيمتن تي ٻج ۽ پاڻ جي فراهميءَ کي رڳو امداد باهميءَ جي سوسائٽين تائين محدود ڪرڻ، هر ڳوٺ کي هڪ اسڪول ۽ هڪ طبي مرڪز (جنهن ۾ ڊاڪٽر هجي) ۽ هر سٺ ڳوٺن تي هڪ اسپتال ۽ هڪ زرعي يونيورسٽي يا ٽيڪنيڪل ڪاليج قائم ڪرڻ شامل هئا. اهو درست آهي ته اِهو سڀ ڪجهه ٻهراڙين ۾ هڪ سماجي انقلاب برابر هجي ها. پر پاڪستان جي ٻهراڙي وارن علائقن جي موجوده جوڙجڪ کي بدلائڻ لاءِ اهي گهٽ ۾ گهٽ گهربل اپاءَ آهن. پِٽي ٻهراڙي جي جوڙجڪ ۾ مڙني ٿوري گهڻي هيرڦير ڪئي، انهيءَ عمل ۾ فن شهري صنعت ڪارن جي قيمت تي زميندارن جي حيثيت کي مستحڪم بڻايو. سندس مقصد بجاءِ هارين کي ڇوٽڪاري ڏيڻ جي زميندارن کي بيچارڻ هو.

پي پي پي جي ٻهراڙين ۽ قومي سياست ٻنهي ۾ زميندارن جي گرفت کي ختم ڪرڻ ۾ ناڪامي اُنهن ماڻهن لاءِ هڪ وڏو دوکو هو جن جي ووٽن ڪري ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اقتدار مليو هو. پوري ملڪ ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ زمين جو سوال مک حيثيت رکندڙ هو
جڏهن پيپلزپارٽي 1972ع ۾ اقتدار سنڀاليو ته ملڪ ۾ ڪير پياڪ هارن جي مز
جو تناسب ايشيا جي سڀني ملڪن کان وڌيڪ هو (هڪ هزار جيئرن جاول بارن
۾ هڪ سڻ ويهه). 1977ع ۾ انهيءَ انگ ۾ معمولي تبديلي به نه ٿي هئي. ڊاڪٽرن
۽ اسپتالن جي بسترن جي تعداد ۾ معمولي واڌارو ٿيو هو. هڪ لک ماڻهن تي
پنجويهه ڊاڪٽر ۽ پنجاهه بسترا هئا. اُنهن انگن اکرن مخالف جماعتن جي تنقيد کان
وڌيڪ مؤثر نموني سرڪار جي پروپيگنڊا جي نفي ڪئي ٿي. ملڪ جي آبادي جو
گهٽائي گهٽ ۾ هئي. سنڌي حياتين ۾ 1947ع کان وٺي حڪومت ۾ آيل مختلف
تبديلين، فوجي آمريت ۽ هاڻي 'عوامي' سرڪار جي ڪري ڪا خاصيتي تبديلي نه
آئي هئي.

جڏهن هڪ پيرو پي پي پي پاران ٻهراڙيءَ جي ملڪيتي ناتن کي جيئن جو
تيئن برقرار رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو ته پوءِ سنڌس آندل هين معاشي سڌارن مان به
گهڻا بلڪل سطحي ثابت ٿيا. ڪنهن به طرح جو نظرياتي هار سينگار ۽ جذباتي تيل
قليل وحشي جانور جهڙي پاڪستان جي سماجي بيهڪ کي سهڻو نه ٺو بنائي
سگهي. ٻهراڙيءَ ۾ تبديليءَ جي غيرموجودگي ۾ بينڪن ۽ انشورنس ڪمپنين جي
قومي ملڪيت ۽ ايڪٽيهن وڏين صنعتن (جن ۾ لوهه، رُڪ، ڀاري انجنيئرنگ، موٽر
ڪارڏين کي جوڙڻ، ڪيميڪلز، پيٽرو- ڪيميڪل، سيمينٽ ۽ عوامي مفاد جون
صنعتون شامل هيون) تن کي سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ محض رياستي سرمائيداريءَ
کي مليل هڪ طاقتور ڊوز هو. انهيءَ قدم صنعتڪارن کي ڊيڄاري ڇڏيو، جنهن
جي ڪري وڏي پيماني تي سيڙپ ۾ گهٽتائي ٿي ۽ ناڻي جي ملڪ کان ٻاهر وڃڻ ۾
واڌارو آيو. پر انهيءَ سان شهرن ۾ رهندڙ ماڻهن جي هڪ وڏي گهڻائي جي زندگي
جي معيار ۾ ڪو حقيقي سڌارو نه آيو. حقيقت ۾ قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جي قدم
کي ملڪ جي وڏن صنعتڪارن ۽ سندن پگهاردار سرڪاري ڪامورن خلاف هڪ
سياسي هٿيار جي طور تي استعمال ڪيو ويو هو. انهيءَ سلسلي ۾ کنيل قدم
بلڪل ناڪام نه ويا پر ان سان نه پيداوار کي وڌائڻ ۾ ڪاميابي ٿي ۽ نه پورهيتن
جي خراب حالت ۾ ڪا اهم تبديلي آئي. رڳو پي پي پي جي حامين کي منتيجرن
مقرر ڪرڻ جي اختيار ملڻ جي ڪري پنهنجي سرپرستي جي دائري کي وڌائڻ ۽
ڪن ٽريڊ يونين کي سرڪاري حمايت مهيا ڪرڻ جو موقعو هٿ اچي ويو. دغا،
دولاب ۽ بدعنواني ساڳي ريت جاري رهيا ۽ رشوت هڪ قومي پيماني جو اسڪينڊل
بڻجي ويني. ملڪ جي گهڻن وڏن صنعتڪارن پنهنجو ناڻو نار، اوير آفريقا ۽ عالمي
سرمائيداريءَ جي مرڪزن ڏانهن منتقل ڪري ڇڏيو. نيويارڪ ۽ لنڊن سندن سيڙپ
جا نوان مرڪز بڻجي ويا.

ناڻي جي ڀاڄ ملڪ جي نئين سرڪاري شعبي تي تمام گهڻو بار وجهي ڇڏيو.
جنهن کي مجبوراً اهڙي سيڙپ تي توجهه ڏيڻي پئي، جنهن مان ٿوري مدي اندر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجهه حاصل ٿيڻ ممڪن نہ هو. اهڙي ريت پنٺي جي اقتدار وارن سالن ۾ صنعتي پيداوار ۾ تيزيءَ سان گهٽتائي ٿي. پنٺي ڏهن اهو چيو ٿي تہ بين الاقوامي معاشي لاٽ ٽين دنيا جي ملڪن جي مسئلن کي سنگين بڻائي ڇڏيو آهي تہ هو بلڪل درست هو، پر هو انهيءَ ڳالهہ سمجهڻ ۾ ناڪام ويو تہ اهڙن ملڪن ۾ جتي ڪم لائق ماڻهن جي گهڻائي ٻهراڙين ۾ رهندي هجي، ٺڪرن ۾ سڌارن واري طريقيءَ ڪار اُنان جي حالتن جي لحاظ کان هڪ اڻ ٽيٽي ڳالهہ هوندي آهي. انهيءَ ڪانسواءِ ٻيا ثانوي عنصر بہ يقيناً موجود هئا. سن جي ڏهاڪي واري واڌ جو گهڻو حصو ٻاهرئين موڙيءَ، جنهن جي ڪري ملڪ تي چڱو خاصو قرض چڙهي ويو هو، ايستائين تہ 1980ع ۾ بہ ٻاهرين قرضن جي ڪل رقم نو ارب سورنهن ڪروڙ ۾ اٺيتاليهہ لک ڊالر هئي، جيڪا ملڪ جي ڪل پيداوار جي اڌ برابر هئي. ستر جي ڏهاڪي جي وڏي ڪاميابي اهڙي شيءِ جي ٻاهر موڪلڻ لاءِ ايجنسين جو قيام هو، جن جي دنيا جي ڪنهن نہ ڪنهن ملڪ ۾ هميشہ کهرج رهندي آهي. اها شيءِ هئي سستو پورهيو. پورهيتن جي ٻاهر موڪلڻ ۾ سندن موڪليل رقمن بنگلاديش جي ڌار ٿي وڃڻ کان پوءِ ادائگين جي توازن ۾ پيدا ٿيل نقصانن کي پورو ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڪئي. پرڏيهہ مان ايندڙ نفعو ۾ استعمال جي شين خساري کي گهٽ ڪرڻ ۾ پاڪستاني معيشت ۾ آمدنيءَ جي نئين ورهاست ٺهڻ ۾ مدد ڪئي.

پر اِها هڪ ڏکدائڪ حقيقت آهي تہ سن جي ڏهاڪي ۾ حاصل ٿيل معاشي ترقي ۾ ستر جي ڏهاڪي واري قوميائڻ جو عمل ٻئي بنيادي طور تي ساڳي طرح ملڪ جي گهڻائي جي زندگي جي معيار کي بدلائڻ ۾ ناڪام ويا. پاڪستان جي هڪ نامياري معيشتدان رشيد امجد انهيءَ مسئلي تي نهايت مناسب نموني خيالن جو اظهار ڪيو آهي:

"ٽيهن سالن کان وڌيڪ عرصي ۾ ٿيل وڏي معاشي ترقي کان پوءِ رڳو اوڻٽيهہ سيڪڙو ماڻهن کي پيئڻ جو صاف پاڻي ميسر آهي. پڙهيل لکيل بالغن جو تناسب ايڪويهہ آهي، جيڪو ايستائين تہ گهٽ آمدني وارن ملڪن جي سراسري تناسب (ڇٽيهہ سيڪڙو) کان بہ گهٽ آهي. پنجن کان نون سالن جي ڪل ٻارن جو رڳو پنجاهہ سيڪڙو پرائمري تعليم پرائي ٿو. اهو تناسب گهٽ آمدني وارن ملڪن ۾ سراسري طور ٽيهتر سيڪڙو ۽ وچولي آمدني وارن ملڪن ۾ ٻيانوي سيڪڙو آهي. اسڪول وڃڻ لائق ٻارن جو رڳو سترنهن سيڪڙو سيڪنڊري اسڪولن ۾ وڃي ٿو، جيڪو گهٽ آمدني وارن ملڪن جي سراسري چوويهہ سيڪڙي کان گهٽ آهي. آباديءَ جي ٽيهہ سيڪڙي کان گهٽ ماڻهن کي مناسب طبّي سهولتون يا مناسب اجهو ميسر آهي. اٽڪل ٽيٽيهہ سيڪڙو آبادي غربت جي سطح کان هيٺ واري حياتي گذاري ٿي. مطلب تہ اُهي في ماڻهو تي ايترو بہ خرچ نہ ٿا ڪري سگهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن سان هڪ عام ماڻهو جون گهٽ ۾ گهٽ گهرجون پوريون ٿي
سگهن." (5)

پيپلزپارٽي جي معاشي پاليسي جي حق ۾ پروپئگنڊا ڪندڙن جي پيش ۾ اهڙ
تجزني سان انهن پاليسين جي باري ۾ وڌيڪ بهتر ۽ مناسب جاچ ملي ٿي. سرڪ
رکيو موجوده نظام ۾ ڪجهه هيرڦير جي ڪوشش ڪئي هئي پر ملڪيت وارن، فو
۽ ڪاموراشاهي جي حقيقي اقتدار کي چيلينج نه ڪيو هو. انهيءَ ۽ ٻين جي سياس
حڪمت عملي جو نتيجو جولاءِ 1977ع جي ڏکدائڪ زوال تي انت ٿيو.

مُلڪي سياست: جمهوريت ۽ قومي سوال

فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جي فوجي سرڪار خلاف پنهنجي مُهم ۾ پنهنجي انساني حقن جي اهميت تي زور ڏنو هو. پيپلزپارٽي جي شروعاتي پمفليٽ مان هڪ ۾ سندس اکيوڻ چئي ٿو "شهري آزادين ۾ اسان جي آئيندي جي ڪُنجي لڪل آهي... سڀ بنيادي حق اهم آهن. اهي يا ته سڀ باقي رهن ٿا يا سڀ ختم ٿي وڃن ٿا. ڳالهائڻ جي حقيقي آزادي، پريس جي آزادي يا آزاد تنظيم سازي جي مناسب موقعي ڪانسواءِ صحيح نمونې ڪونه ٿي ڪري سگهجي." پنهنجي هڪ پُرجوش لک ۾ پنهنجي 1968ع جي پاڪستان کي انقلاب کان اڳ واري چين جي ڪومنتانگ سرڪار سان ڀيٽيو هو ۽ انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو هو ته. "موجوده حالتن جي جاءِ تي جمهوريت قائم ٿيڻ گهرجي، جنهن ۾ سڀ ماڻهو شرڪت ڪن... مڪمل اقتدار لازمي طرح ماڻهن ڏانهن وڃڻ کپي. اهو رُکو جمهوريت سان ئي ٿي سگهي ٿو." جمهوريت لاءِ ڪيل گهُرن ۽ سوشلسٽ واعدن گڏجي 1970ع جي چونڊن ۾ پنهنجي کي اولهه پاڪستان ۾ سوڀ حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪئي هُئي.

پوءِ ورتل سيٽني جانڻ خاص طور تي پنجاب جي اهم صوبي ۾ اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي: اُتي پي پي پي جي ڪارڪن 1921ع ۾ چونڊن واري سياست جي شروعات کان پوءِ ڦهيون پيرو پراڻن جاگيردار گهراڻن جا، سندن پنهنجن مضبوط مرڪزن ۾ ڏڌا ويڙهائي جڏيا هُئا. ڏهن ضلعن: لاهور، راولپنڊي، لائلپور، ملتان، جهلم، گجرانوالا، ساهيوال، سيالڪوٽ، شيخوپوره ۽ گُجرات ۾ خاص طور تي پي پي پي کي گهڻا ووٽ مليا. جڏهن ته جهنگ ۽ ميانوالي جهڙن پنهنجي پيل علائقن (صنعتڪاري ۽ تعليم جي گهٽ سطح سان گڏوگڏ وڏيون جاگيرون ۽ هارين وسيلي زمين کيڙڻ) ۾ پارٽي سٺي ڪارڪردگي نه ڏيکاري. مجموعي طور تي پي پي پي پنجاب ۾ ڪُل وڌل ووٽن جو 66 ، 41 سيڪڙو حاصل ڪيو. سنڌ ۾ ووٽ وڌيڪ روائتي طور تي زميندارن ۽ سندن پسند جي سياستدانن جي مختلف اتحادن کي ڏنا ويا. پر هتي به پي پي پي جا حمايت يافته زميندار انهيءَ حيثيت ۾ هُئا ته پارٽي جي مقبوليت کي پنهنجي نشست کٽڻ لاءِ استعمال ڪري سگهن. پنجاب ۽ سنڌ جي وڏن شهرن مان ڪراچي، جيڪو مُلڪ جو وڏي ۾ وڏو صنعتي ۽ وسيع ۽ عريض شهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي، واحد شهر هو جنهن پيپلزپارٽي سان گڏ هلڻ کان انڪار ڪيو هو. حقيقت ۾ هندستان مان آيل پناهگيرن جي وڏي تعداد جي شهر ۾ آباد ٿيڻ جي ڪري اُن جو هڪ قدامت پسند مزاج ٺهي ويو آهي. بلوچستان ۽ سرحد جي صوبن ۾ نيشنل عوامي پارٽي وارن علائقائي خودمختياري جي حامين پنهنجي مٿيرائپ برقرار رکي.

مجموعي طور تي جيڪا ڳالهه بنا ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي واضح ۽ چٽي هئي، سا اها ته ماڻهن بئلٽ باڪس کي استعمال ڪندي بنيادي سماجي تبديليءَ لاءِ پنهنجي خواهش کي بلڪل واضح ڪري ڇڏيو هو. اها ڳالهه ڪنهن لحاظ کان اُنهن (ڪامي ۽ ساجي، بنهي ڌرين سان واسطو رکندڙن) ماڻهن جي خلاف هڪ مضبوط دليل آهي، جن جو چوڻ آهي ته پاڪستان جهڙي پٺتي پيل مُلڪ ۾ چونڊون انهيءَ ڪري بلڪل ئي بيڪار آهن جو ماڻهو پٺتي پيل هُئڻ ڪري بئلٽ باڪس جي پيچيدگي کي سمجهي نه ٿا سگهن ۽ يا وري ڪين جاگيردار آساني سان پنهنجي پاسي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿا. تاريخ ۾ موجود اهڙن لاتعداد بين موقعن وانگر عام ماڻهن هاڻي ٻه ڪين پنڪائڻ وارن کي شڪست ڏيئي ڇڏي. گهڙو ويڙهه، جنهن جي نتيجي ۾ بنگلاديش قائم ٿيو هو، جي ڪري پيدا ٿيل صدمي واري ڪيفيت جي باوجود ماڻهن کي ڀٽي جي اقتدار سنڀالڻ وقت ڪافي گهڻيون اُميدون هُيون. ڪين اُميد هُئي ته جيڪڏهن ٻيو ڪجهه نه ٻه ٿيو ته ٻه نئين سرڪار بنيادي حقن کي ضرور بحال ڪندي ۽ جمهوري دؤر کي مضبوط ڪندي ته جيئن آمريتون ماضي جو هڪ بيچاريندڙ خواب بڻجي رهجي وڃن.

پي پي پي کي هڪ حقيقي سياسي جماعت جو روپ ڏيڻ انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ڪارائتي شروعات ڪري سگهجي ها. پيرون ۽ سوئيڪارنو جهڙن عوامي اڳواڻن جيڪي پنهنجي سياست ۽ مزاج ۾ ڀٽي سان هڪجهڙائي رکندڙ هُئا، تن يا ته هڪ مستحڪم ڍانچو قائم ڪيو هو ۽ يا وري ملڪ جي ڪنهن حقيقي سياسي قوت تي ڀاڙيو هئائون. (6) ڀٽي کي جلدئي اِها خبر پئجي وئي ته ڪيس ٻه هڪ منظم سياسي پٺڀرائي جي ضرورت آهي. پي پي پي کي عوامي سطح کان شروع ڪري مٿي تائين منظم ڪري سگهجي ها. ٽريڊ يونيني ڪارڪنن، هاري اڳواڻن ۽ شاگردن تي مشتمل پارٽي ڪارڪنن کي اڳتي وڌائڻ جو هر امڪان موجود هو. اهي پنهنجن حمايتين کي تيار ڪرڻ لاءِ سياسي تعليم ۽ تربيت جي هڪ پوري مُهم هلائي سگهن ها. پر ٻين گهڻن معاملن وانگر انهيءَ معاملي ۾ ٻه ڀٽي پي پي پي کي هڪ خانداني ملڪيت جي طور تي استعمال ڪرڻ کي ترجيح ڏني. ڪيس اختلاف تي ڪاوڙ ايندي هُئي، هُو پنهنجن ساٿين کي گهٽ ڪري ليکيندو هو ۽ پارٽي ۾ اهڙو نظام قائم ڪيو هُئائين، جيڪو حد درجي تائين آمرانو هو. انهيءَ ڳالهه جي ڪري ڀُٽي اهو چيو هو ته، هُو اهڙو آئين چاهيندو جيڪو صدارتي نظام جي بنياد تي ٺاهيل هُجي. ڪيس پوري طرح اهو يقين هو ته مُلڪ جو سچو سياسي سرشتو پي پي پي جي نموني تي ٺاهي سگهجي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اها حقيقت ته پي پي پي آمريت خلاف تحريڪ جي اڳواڻي ڪئي هئي؛ مطلب اهو هو ته انهيءَ جدوجهد ۾ حصي وٺندڙن مان گهڻا پارٽيءَ جي صفن ۾ موجود هئا. جمهوريت متعلق پي پي پي جي سرڪاري پاليسي تي عملدرآمد ڪان پوءِ پارٽي جي نظاماڻي ڪري پارٽي اندر مخالفت جنم ورتو هو. انهيءَ مخالفت کي ظالماڻي نموني چيڀاٽيو ويو ۽ پارٽي جي پهرئين سيڪريٽري جنرل ۽ ڪنهن حد تائين عجيب ورتاءُ واري اڳوڻي سفارتڪار جي- اي- رحيم کي پارٽي ۽ سرڪاري ٻنهي عهدن کان نه رڳو هٽايو ويو پر پوليس پاران ڪيس سخت مارڪٽ پڻ ڪئي وئي. پٽي انهيءَ واقعي جو اهو چئي بچاءُ ڪيو ته "اسين پيپلزپارٽي آهيان ۽ اهي سڀ منهنجا پيدا ڪيل آهن." جلدئي اها ڳالهه صاف ٿي وئي ته ڀٽي پنهنجي سياسي جماعت کي بنيادي طور تي مخالف ڌر سان سوديبازي ڪرڻ لاءِ هڪ وسيلو ڪري سمجهيو ٿي. پنهنجي حقيقي مدد لاءِ هن فيڊرل سيڪيورٽي فورس (ايف- ايس- ايف) جهڙا رياستي ڍانچي جا مخصوص حصا ٺاهيا. جن پي پي پي جي سرڪار لاءِ سياسي پوليس جي طور تي ڪم ڪيو. انهي فورس جي اڳواڻي پراڻن تجربيڪار پوليس وارن وٽ هئي، جيڪي پنهنجي بدعنواني ۽ ياسيت جي ڪري بدنام هئا. عام سپاهي شهرن جي روولاڪ ماڻهن مان ڀرتي ڪيا ويا هئا ۽ ڪين ڏاڍ جي اختيارن ۽ هٿيارن سان هٿياربند ڪيو ويو هو. ساڳي ريت ڀٽي سرڪاري ملازمن کي پڻ 'سياسي' ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. (7)

جيئن اسان باب ٽئين ۾ ٻڌايو آهي ته جنهن تحريڪ ايوب جو تختو اونڌو ڪيو هو اُها نهايت وڏي تحريڪ هئي. ملڪ جو ننڍون پورهيت طبقو انهيءَ ۾ سرگرم طور تي شريڪ هو ۽ انهيءَ تحريڪ جي هلندي، هن اهو سياسي شعور حاصل ڪيو هو جنهن اولهه ۾ چونڊن ڪٽڻ ۾ پي پي پي جي مدد ڪئي هئي. انهن پورهيتن هاڻي اها اُميد رکي ٿي ته 'سندن' سرڪار، جيئن اُنهن سمجهيو ٿي، سندن لاءِ ڪم ڪندي. اقتدار سنڀالڻ جي ڇهن مهينن کان پوءِ ڀٽي پنهنجو پاڻ کي هڪ ڪلاسيڪي بوناپارٽ اڳواڻ جي روپ ۾ ڏسڻ شروع ڪيو هو ۽ سيني سماجي طبقن کان پاڻ کي مٿي سمجهي پنهنجي اقتدار کي مضبوط ڪرڻ شروع ڪيو هئائين. جون 1972ع ۾ پوليس فيروز سلطان ٽيڪسٽائيل ملز ڪراچي جي مزدورن تي گولي هلائي ڪيترن ئي مزدورن کي ماري ڇڏيو. انهيءَ جو جواب سنڌ جي پوري صوبي ۾ پارهن ڏينهن جي هڙتال سان ڏنو ويو. جنهن جي ڪري سرڪار کي مجبور ٿي پورهيتن جي گهرن تي غور ڪرڻ لاءِ ٽه- ڌري ڪانفرنس (پورهيت- مالڪ ۽ حڪومت) ڪوٺائڻ پيئي. نتيجو چڪتاڻ واري هڪ جنگ بندي هو. ملڪ جي پرولتاري جي وڏي ۾ وڏي مضبوط ڳڙهه ڪراچي جي صنعتي علائقن ۾ ڦهلجندڙ ڪاوڙ ۽ غصي، ايندڙ مهينن ۾ پورهيتن کي پنهنجي گرفت ۾ وٺي ڇڏيو. جيئن ته اُن وقت موجود يونين مان گهڻي ڀاڱي سرڪار يا ڪمپني يونينون هيون، پورهيتن کي ڪهڙين جاين تي پنهنجي ليکي قدم کڻڻا پيا. ڪارخانن تي قبضي سان متحده مزدور فيڊريشن جي شڪل ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽيڊ يونينزم جو بنياد وڌو ويو. بهاول خان (هڪ مل مزدور) ۽ عثمان بلوچ جهڙا نوان اڳواڻ ڪارخانن جي انهيءَ ويڙهاڪ مزاج جي ثابتي هئا.

ڪراچيءَ جي پسگرداني ۾ لانڍي، ڪورنگي جي صنعتي پٽيءَ ۾ ٽي سؤ صنعتي ڪارخانا هئا جن ۾ اسي هزار مزدور ڪم ڪندا هئا. پٽو سرڪار ۽ پورهيت طبقي ۾ پهريون وڏو ٽڪراءُ هتي ٿيو. 1972ع تي پٺتي، چئمبر آف ڪامرس جي بنر ۾ خاص مهمان هو جتي هن منجهيل ۽ سڪتي ۾ آيل واپارين کي عالمي تاريخ جي باري ۾ پيرانتي نموني بڌايو هن هند- چيني جي جنگ ڏانهن اشارو ڪندي اُن کي اهڙي انقلابي لهر جي نمائنده قرار ڏنو، جيڪا پنهنجي سامهون ايندڙ هر شيءِ کي ٻهاري ويندي، هن سرمائيدارن کي درخواست ڪئي ته هو پورهيتن کي هڪ جائز حصيدار جي طور تي قبول ڪن. جيڪڏهن اُنهن سندس صلاح قبول نه ڪئي ته پوءِ جيڪڏهن "ڪا ڳالهه ٿي ۽ مون کي اُميد آهي ته اِها ٿيندي، جاڪاڻ ته هن وقت انتظاميا ۽ مزدورن جا مفاد هڪ ٻئي سان ٽڪراءُ ۾ آهن، ته پوءِ آئون اهو واضح طور تي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته اسان پورهيتن سان گڏ هونداسين." اهڙيون ڳالهيون پورهيت طبقي جي ڪنن لاءِ موسيقي مثل هيون. جيڪي سرڪار جي اصل ارادن متعلق ظاهر ظهور شاهديءَ کي نظرانداز ڪرڻ کي ترجيح ڏيندا هئا.

آڪٽوبر ۾ مشين ٽول جا پورهيت هڙتال تي هليا ويا. سندن ڪارخانو سرڪاري ملڪيت ۾ هو. حڪومت پاران هڙتال کي غيرقانوني قرار ڏنو ويو ۽ هڙتال وارن اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويو. ٻين ڪارخانن جي پورهيتن، جن پنهنجن ساٿين جي حمايت ۾ ٻن ڏينهن جي علامتي هڙتال ڪئي هئي، انتظاميا جي سخت رويي کي منهن ڏيڻو پيو. جنهن انهن ٻن ڏينهن جي پگهار ڪاٽڻ جو فيصلو ڪيو هو. ٻن ڪارخانن تي پورهيتن قبضو ڪري ورتو هو ۽ اُنهن مان هڪ جي هڙتالي اڳواڻن پوليس کي تنبيهه ڪئي هئي ته جيڪڏهن زوري ڪارخاني اندر داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ته بوائلرن کي اُڏايو ويندو. 18آڪٽوبر تي پوليس ۽ خاص نيم فوجي دستن محنت جي وزير جي حڪمن جي پوئواري ڪندي قبضي ڪيل ڪارخانن تي اوچتي ڪاهه ڪئي ۽ پلانٽن تي 'قبضو' ڪري ورتو. انهيءَ واقعي ۾ چار پورهيت مري ويا ۽ سوين ڦٽيا. سرڪاري هٿياربند دستن ڪيترن موقعن تي ڳوڙها ڪئس ۽ گوليءَ جو استعمال ڪيو. سڄو هفتي علائقي ۾ ڪاوڙ ۽ غصي جي هڪ فضا طاري ٿي ويئي ۽ هڙتال سڄي ڪارخانن کي ٻهاري ڇڏيو. پورهيتن گهر ڪئي ته سڀني گرفتار هڙتالين کي غيرمشروط طور آزاد ڪيو وڃي ۽ مارجي ويلن يا معذور ٿي ويل پورهيتن جي خاندان کي معاوضو ڏنو وڃي. 22- آڪٽوبر تي ويجهڙائي وارين ٽڪرين وٽ ٿيندڙ پورهيتن جي ڪٺجاڻي تي پوليس وري ڪاهه ڪئي. ٻه پورهيت مارجي ويا ۽ ٻڙن جي حساب سان ڦٽيا ۽ گرفتار ٿيا. اُنهيءَ ٽڪري کي جتي مزدور ماريا ويا 'ڳاڙهي ٽڪري' جو نالو ڏنو ويو ۽ اها تريڊ يونين جي ڪارڪنن لاءِ هڪ زيارت واري حيثيت اختيار ڪري ويئي. هڙتال ڪيئن هفتن

ٿائين ملندي رهي پر نيٺ ڪيس مات اچي ويٺي. ڇاڪاڻ ته اُن کي اڪيلو ڪيو
هو. اُن کي ٻين پورهيتن جي حمايت نه ملي ۽ شاگرد به مات ۾ رهيا. وڌيڪ اهو
ٽريڊ يونين جي ڪمزوريءَ جو مطلب اهو هو ته اُهي جيڪي سرڪار سان ڳالهه
ٻولهه ڪري رهيا هُئا ڪارخانن جي ويڙهاڪن جي سوچ جا نمائندا نه هُئا. هڙتال
هڪ ڏکدائڪ نموني پوري ٿي.

اهو جلدئي واضح ٿي ويو ته چئمبر آف ڪامرس کي ڏنل سنڌس ڌمڪين جي
باوجود ڀٽي پورهيتن جي پٺڀرائي نه ڪئي. پي پي پي جي حڪومت جي سڄي
عرصي ۾ پورهيتن کي دوکو ڏني ۽ سندن اڳواڻن کي خريد ڪري هڙتالن کي روڪڻ
جون ڪوششون ڪيون ويون. اهو طريقو ڪارگر ثابت ٿيو پر انهيءَ سان وڌندڙ
پشماني تي ماڻهن جو هڪ ڀڃي ٿي يقين ۽ ڀروسو پڻ ختم ٿيڻ لڳو. جن پورهيتن
رشوتن قبول ڪرڻ کان انڪار ٿي ڪيو ۽ پنهنجي زندگي جي معيار جي بچاءَ ڪرڻ
تي زور ٿي ڀريائون، انهن پوءِ پنهنجو پاڻ کي جلدئي پاڪستان جي بچاءَ وارن
قانونن (ڊي- پي- آر) هيٺ جيل ۾ ٿي ڏٺو. انتظاميا جي پگهاردار غنڊن هٿان ڪيل
قتلن تي اکيوڻ ٿي ڪئي ويٺي. ڪاهي ڏُر جي متحده مزدور فيڊريشن جي صدر
عثمان بلوچ جو ڪيس پي پي پي سرڪار جي اختيار ڪيل طريقهءِ ڪار جو هڪ
نمونو آهي. بلوچ پورهيت طبقي جو هڪ پنهنجي ليکي پڙهيل اڳواڻ هو جنهن کي
ٽريڊ يونينزم جو هڪ ڊگهو ماضي هو. ڪراچي ڪنس ملازمن جي يونين جي اڳواڻ
طور هُن ايوب جي آمريت واري دؤر ۾ پورهيتن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي هُئي
ڪيس پهريون ڀيرو 1969ع ۾ گرفتار ڪيو ويو هو ۽ هڪ سال لاءِ جيل موڪليو ويو
هو. 1971ع ۾ هُن وليڪا ٽيڪسٽائيل ملز ۾ هڙتال ۽ ڪارخاني تي قبضي جي
اڳواڻي ڪئي ۽ اُنهيءَ سال مارچ ۾ ڪيس گرفتار ڪري تيرهن مهينن لاءِ قيد ڪيو
ويو. ڀٽي جي اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ بلوچ نون تجويز ڪيل مزدور قانون خلاف ٻارهن
ڏينهن جي احتجاجي هڙتال جي اڳواڻي ڪئي. آڪٽوبر 1972ع ۾ ڪيس لانڍي
ڪورنگي جي ٽڪراءَ ۾ مزدورن جي قتل عام خلاف احتجاج ڪرڻ جي ڪري
ڊي پي آر هيٺ گرفتار ڪيو ويو. ڪيس ڇهن مهينن کان پوءِ هاءِ ڪورٽ سنڌس
نظربندي کي غيرقانوني قرار ڏنو ۽ ڪيس ڇڏيو ويو. آگسٽ 1973ع ۾ گرفتاري کان
بچڻ لاءِ ڪيس زيرزمين ٿي وڃڻ تي مجبور ڪيو ويو پر جنوري 1974ع ۾ ڪيس هٿ
ڪري وڌي پنجن مهينن لاءِ جيل ۾ رکيو ويو. ساڳئي سال جولاءِ ۾ ڪيس وري گرفتار
ڪيو ويو ۽ مٿس ڊي- پي- آر جي خلاف ورزي جا ٽيرنهن ڏوهه مڙهيا ويا پر ڊسمبر
1974ع ۾ ڪيس ضمانت تي آزاد ڪيو ويو. انهيءَ لاڳيتي سلسلي جو مقصد بلوچ
جي مزاحمت کي ختم ڪرڻ ۽ ڪيس پي پي جي پاليسيءَ کي مڃڻ لاءِ مجبور ڪرڻ
هو. انهي معاملي ۾ ته سرڪار کي ڪاميابي نه ٿي پر اهڙا ڪيترا مثال هُئا جتي
ڪيس ڪاميابي ٿي هُئي ۽ جيڪي پنهنجي پويان هڪ ڪڙاڻ ۽ نفرت جي ليڪ
ڇڏي ويا هُئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهو رڳو پورهيت طبقو نه هو جنهن پنهنجو پاڻ کي ڌوڪي کاڌل ۽ مايوس محسوس ڪيو هو. جمهوري حقن ۽ شهري آزادين جي معاملي ۾ پڻ پي پي پي انتظاميا اُنهن ماڻهن کي مايوس ڪيو هو، جن کيس ووٽ ڏيئي اقتدار ۾ آندو هو. پريس جي قانونن کي ختم نه ڪيو ويو هو ۽ 69-1968ع جي عوامي اُڀار دوران عوامي ڪَٺاڻين ۾ جيڪي وڏا واعدا ڪيا ويا هئا، اُنهن کي ڪڏهن به پورو نه ڪيو ويو هو. ڪراچي جي هفتيوار 'آئوٽ لُڪ' ۽ پشاور جي هفتيوار 'فرنٽيئر ڪاريئن' ڪانسوا ۽ سڄي پريس جو لاڙو سرڪار سان سهمت ٿيڻ ڏانهن هو. ڪراچي جي اخبار 'ڊان' شروعات ۾ مخالف ڌر جي نمائندگي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر سنڌس چيف ايڊيٽر جي گرفتاري اُن کي سِڌو ڪري ڇڏيو (جيتوڻيڪ ارڙهن مهينن تائين اُن اهڙين رپورٽن جي اشاعت جاري رکي جيڪي 'تعميري' تنقيد جون حامل هيون ۽ اها ڪوشش ڪئي ته پي پي پي جي انتظاميا کي ابن الوقت ۽ نئين سچ جي پوڄارين جي اٽڪر يلغار کان محفوظ رکجي). نشر و اشاعت جي سيلن جي وڏي حصي کي هر موقعي تي سرڪار جي مضبوط ضابطي هيٺ رکيو ويو هو ۽ اُنهن پڻ ئي جي به اهڙي ريت وفاداري سان خدمت ڪئي، جيئن سنڌس پيشروئن جي ڪئي هئائون ۽ هاڻي کيس ڦاسي ڏيندڙن جي ڪري رهيا آهن. پاڪستاني صحافي اڳ ايوب واري دور ۾ نئي رڳو سرڪار جي نظرياتي مشين کي هلائڻ ۾ مدد ڪرڻ وڃي رهيو هو. پڻ ئي نه رڳو اهو ته انهيءَ صورتحال کي بدلائڻ لاءِ ڪجهه به نه ڪيو پر هين معاملن وانگر هتي به نيشنل پريس ٽرسٽ کي هلائڻ لاءِ پنهنجا نمائندا مقرر ڪيائين. 1972ع ۾ هن لاهور جي ٽن رسالن کي حدن مان ٻاهر نڪرڻ جي ڏوهه ۾ سيڪٽ ڏني. 'پنجاب پنچ' (هڪ واهيات اسڪنڊل ڇاپيندڙ پرچو) 'زندگي' ۽ 'اردو ڊائجسٽ' تي بندش وڌي وئي ۽ سندن ايڊيٽرن ۽ پبلشرن کي گرفتار ڪيو ويو. ايستائين ته اردو ڊائجسٽ کي ڪنهن هٿي رسالي ڇاپڻ کان روڪڻ لاءِ خاص فوجي آرڊيننس جاري ڪيو ويو. اهي واقعا پڻ ئي جي ڪراچي جي هڪ عوامي ڪَٺاڻي ۾ اهو چوڻ کان نه رڳو چار مهينا پوءِ ٿيا ته پاڪستاني پريس هر قسم جي بندشن کان آزاد هوندي. حقيقت انهيءَ جي بلڪل ئي اُبتڙ هئي. ڪراچي جي اخبار ڊان 7- اپريل 1972ع تي هڪ ايڊيٽوريل ۾ لکيو ته:

"لاهور جي ٽن رسالن خلاف کنيل سخت قدم شايد پاڪستان جي تاريخ ۾ رسالن ۽ صحافين تي مڙهيل سخت ترين سزائون آهن."

پي پي پي جي ڪيترن حمايتين کي سندن سرڪار جا کنيل ظالمانا قدم هڪ اوچتي ڪڙڪيل آفت وانگر لڳا هئا. سندن اُميدون ڪڏهن به پوريون نه ٿيڻيون هيون. پاڪستان ۾ 1971ع کان پوءِ واري سرڪار جي کنيل شروعاتي قدمن سان انهيءَ ڏڪ جي نشاندهي ٿي، جنهن کي ايندڙ سالن ۾ پاڪستاني سياست کي اختيار ڪرڻو هو. پي پي پي جي 'عظيم' اڳواڻ پالتو ميڊيا کي جوٽ ڏيئي ڇڏي ته هو کيس قائد عوام ڪري پيش ڪري ۽ پنهنجي سڄي توانائيءَ کي نئين آئين جي تياري لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقف ڪري ڇڏيائين. جيڪو ستاويهن سالن ۾ ملڪ جو ٽيون آئين هو. پاڪستان رياست جو وڪر جڻ انهيءَ جذبي کي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪافي هٿ ڪيندو هو. جنهن سان اُنهن غلطين جي درجا؛ کي روڪي سگهجي ها. جيڪي 1971ع جي زوال جو سبب بڻيون هيون. هاڻي ملڪ جي تاريخ ۾ پهرين چونڊيل اسيمبليءَ کي اهو ڪم سونپيو ويو هو ته اُها نئين رياست کي هلائڻ لاءِ آئيني اُصول واضح ڪري. مجموعي طرح پي پي جي اڪثريت جو اِهو مطلب هو ته پارٽي جا خيال حاوي رهندا پر مخالف ڌر جي جماعتن سان به صلاح ڪئي ويندي ۽ اُنهن به آئين جي حق ۾ ووٽ ڏنو. انهيءَ آئين ذريعي هڪ وفاقي پارلياماني نظام قائم ڪيو ويو. هڪ مضبوط مرڪز سان گڏ انهيءَ ۾ بنيادي حقن جي ضمانت ڏني وئي هئي. پر 'هنگامي حالتن' جي دوران اُنهن تي عملدرآمد روڪڻ جي پڻ اجازت ڏنل هئي. ڊي- پي- آر ساڳي طرح قانون جي ڪتاب ۾ موجود رهيو ۽ ايندڙ سالن ۾ آئيني ترميمن جي هڪ سلسلي شهرين جي شهري آزادين کي عدليه جي وسيلي تحفظ ڏيڻ واري اهليت کي اجان وڌيڪ گهٽائي ڇڏيو. پارٽي جي آئين جي خوبين ۽ خامين جي تفصيلي بحث ۾ وڃڻ بلڪل ئي اجائي ڳالهه ٿيندي. سيئي آئين موجود مخصوص صورتحال کي اداري واري شڪل ڏيڻ لاءِ جوڙيا ويندا آهن. پر شديد سياسي عدم استحڪام جيڪو پاڪستاني رياست جي خاصيت هو، اُن کي هتي بلڪل ئي نظرانداز ڪيو ويو هو.

بنگلاديش جي ٺهڻ کان پوءِ باقي پاڪستان اڳ وانگر هڪ ڪثير قومي رياست جي حيثيت ۾ نه رهيو هو. جيڪڏهن ڪا شيءِ وڌيڪ واضح ٿي سامهون آئي هئي ته اُها اِن جي پنهنجي ڪردار جون مخصوص خاصيتون هيون ۽ 'قومي سوال' هڪ نئين اهميت اختيار ڪري ورتي هئي. اولهه پاڪستان جي اڳوڻي صوبي جي ڪري اولهه جي ٽنهي صوبن کي ڪنهن حد تائين اِها ضمانت مليل هئي ته پنجاب کين پوري طرح نه ڇيباٽيندو. بنگالين جي نڪري وڃڻ اولهه پاڪستان ۾ قومي ڇڪتاڻ کي وڌائي ڇڏيو هو. پٺاڻن، سنڌين ۽ بلوچن پنهنجو پاڻ کي وڌيڪ غيرمحفوظ ۽ ننڍڪو تي محسوس ڪيو. بلوچن ۽ پٺاڻن سان ڪنهن نباهه تي نه پهچڻ ۾ پارٽي جي نااهلي کي سنڌس زوال ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪرڻو هو. پي پي پي جو اڳواڻ پاڻ کي عملي سياست جي ميدان جو ماهر سمجهندو هو پر هن بي چيني تي ٻڌل اُنهن تضادن جو نهايت ئي گهٽ اندازو لڳايو هو. جيڪي پاڪستان جي سياسي بيهڪ جي سطح جي هيٺان موجود هئا. پي پي پي جا اڳواڻ بنيادي زرعي سڌارن تي عملدرآمد ڪرائڻ ۾ ناڪام ويا هئا. اُنهن صنعتي بورجوا طبقي جي هڪ وڏي حصي کي پنهنجو دشمن بڻائي ڇڏيو هو. پنهنجي وڄايل دهلن جي موسيقيءَ سان خوش ٿي، اُهي هاڻي بلوچ ۽ پٺاڻ صوبن جي حقن کي پنهنجي پيرن هيٺان ڪچلڻ لاءِ اڳتي وڌيا هئا.

1970ع جي چونڊون ۾ پارٽي کي اولهه پاڪستان ۾ مجموعي طور تي اڪثريت حاصل ٿي هئي پر صوبائي سطح تي هُو رڳو پنجاب ۽ سنڌ ۾ حڪومت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نالي سگهيو ٿي. نيشنل عوامي پارٽي سرحد صوبي ۽ بلوچستان ۾ وڏي ۾ وڏي سياسي قوت هُئي. اقتدار سنڀالڻ کان پوءِ ڀٽي دانشمندانه طور انهن ٻنهي صوبن ۾ نيپ جا گورنر مقرر ڪيا ۽ نيپ جي سنڌس پارلياماني خليفن سان گڏجي ٻنهي صوبن ۾ حڪومتن ٺاهڻ جي حق کي پڻ تسليم ڪيائين. صورتحال ڏکي هُئي. اهڙي ريت ڀٽي کي هڪ اهڙي صورتحال کي مُنهن ڏيڻو پئي پيو. جنهن ۾ پارلياماني مخالف ڌر جي اڳواڻن جو ٻن صوبن تي ضابطو هو. هڪ اهڙي سياستدان لاءِ جيڪو پاڻ ۽ پنهنجي جماعت (انهيءَ ترتيب ۾) کي قوم کي بچائيندڙ سمجهندو هُجي. اِها صورتحال نهايت ئي تڪليف ڏيندڙ هُئي. بجاءِ انهيءَ جي ته ننڍن صوبن جي خدشن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪا ڪٺل ڪوشش ڪئي وڃي ها ۽ اُنهن جي چونڊيل نمائندن سان ڪنهن ٺاهه تي پهچجي ها، ڀٽي قومي سطح تي اهڙن بدعنوان ۽ ويساهه وڃايل رجعت پسند سياستدانن سان اتحاد ڪيو جن کي بلوچستان ۽ سرحد جا ماڻهو رد ڪري چُڪا هُئا. پشاور جي جهوني مسلم ليگي خان عبدالقيوم خان کي مرڪزي ڪابينا ۾ اندروني معاملن جو وزير ڪري کنيو ويو. اهڙي طرح قيوم ٺالي ۾ 'اندروني سلامتي' جي سڄي ڍانچي جو اڳواڻ هو پر هُو ڀٽي جي صلاح ڪانسواءِ ڪجهه به نه ڪندو هو. ڪابينه جي سطح تي نيپ جي صوبائي حڪومتن کي چڱي طرح تيار ڪيل. طيش ۾ آڻيندڙ ۽ ڀڙڪائڻ وارين ڪاروائين جي سلسلي ۾ غيرمستحڪم ڪرڻ جي هڪ اڳراٽي واري رٿا جوڙي وئي.

سرحد ۾ ڀٽي چاهيو ٿي ته انقلابي لفاظي استعمال ڪري ماڻهن جي جذبن سان کيڏي. هُن پنهنجي ڪابينا جي وزيرن کي همٿايو ته نيپ جي اڳواڻن تي زميندارن جي حيثيت ۾ ڇُلهون ڪيون وڃن. ساڳئي وقت مائوپرست مزدور ڪسان پارٽي جي هاري بغاوتن کان پڻ اکيوٽ ڪئي وئي. پٺاڻ اڳواڻ ولي خان پوءِ اهو الزام هڻيو ته مزدور ڪسان پارٽي کي ڪهرو معاملن جي وزارت پاران مالي مدد ملندي هُئي ۽ سنڌس هڪ اڳواڻ افضل بنگش کي اسلام آباد ۾ قيوم خان جي سرڪاري رهائشگاهه ۾ پناهه ڏني وئي هُئي. بلوچستان ۾ مرڪز پاران غير بلوچ پوليس وارن کي هٽائڻ ۽ بلوچستان ۾ نيپ واري وڏيڪ انقلابي سرڪار کي قبائلي اڳواٽي واري مدي خارج سرداري نظام کي ختم ڪرڻ کان روڪيو. (هڪ اهڙو قدم جنهن سان موروثي قبائلي سرشتي لاءِ خطرو پيدا ٿي پوي ها ۽ صوبي ۾ رجعت پسندي کي وڏو ڌڪ رسي ها) امن امان جو بحران پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. 1972ع ۾ ڀٽي جي بلوچستان جي صدارتي دوري کي بدنظمي پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو. قيوم خان ڀٽي سان گڏ هو ۽ هُن پاڻ سان چاليهن هٿياربندن جو جٿو گڏ کنيو هو. نيپ سرڪار اسرار ڪيو ته اُنهن کان هٿيار واپس ورتا وڃن. پر جڏهن انهن هدايتن تي عمل ڪيو پئي ويو ته ڀٽي ذاتي طور تي مداخلت ڪئي ۽ ڪين هٿيار موٽائي ڏنا ويا. انهن هٿياربند ڄڻن بعد ۾ رستي تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بلوچ قوم پرستن کي بحث ڪرڻ تي اُڪسايو ۽ بحث کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي بندوقن جو استعمال ڪيو، انهي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ماڻهو مئو ۽ ڪيترا ڄڻا ڦٽجي پيا.

اِهو جيتوڻيڪ بظاهر ننڍو ۽ ناخوشگوار واقعو لڳو ٿي، حقيقت ۾ پنهنجي نوعيت جي لحاظ کان هڪ نموني مثل هو. اِهو هٿيار بند ٽڪراءُ بلڪل اُن ڏينهن ٿيو هو جنهن ڏينهن تي اڪوٽي شاهه ايران جي پيڻ صدر جي خاص مهمان جي حيثيت ۾ پاڪستان پهتي هئي. اِهو سڄو اشتعال بنا ڪنهن شڪ جي ايران جي خاص مهمان جي ڏيکارڻ لاءِ رٿيو ويو هو. اِها عجب پڌري حقيقت هئي ته شاهه ايران بلوچستان ۾ چونڊن جي نتيجن کان تمام گهڻو ناخوش هو. کيس خدشو هو ته جيڪڏهن نعپ صوبي ۾ ڪي انقلابي سُڌارا آڻڻ يا بامعنيٰ خودمختياري حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي ته اُن جو ايراني بلوچستان تي پوندڙ اثر سڄي ايران ۾ عدم استحڪام پيدا ڪري ڇڏيندو. نيويارڪ ٽائمز کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ شاهه چيو هو ته پاڪستان جي وڌيڪ ٽڪرن ۾ ورهائجڻ جي صُورت ۾ ايراني فوج کي مجبوراً اُتي مداخلت ڪرڻي پوندي ته جيئن سڄي علائقي کي عدم استحڪام ۾ ورڙهجي وڃڻ کان بچائي سگهجي. (8) ايران ۾ تيل پوءِ جي واقعن جي ڪري اِهي خيال ڪجهه عجيب نٿا لڳن، پر اُن وقت پاڪستاني سياست تي ايراني حڪمراني جي اثر کي گهٽ نه سمجهڻ گهرجي. 1972ع ۽ 1973ع جا سال پاڪستان ۽ ڀٽو سرڪار لاءِ اهم سال هئا. مئي 1973ع ۾ ڀٽي ايران جو سرڪاري دؤرو ڪيو جتي کيس صاف طور تي ٻڌايو ويو ته شاهه صوبائي خودمختياري لاءِ ٿيندڙ گهُرن کي خطرناڪ سمجهي ٿو. ڪجهه سال پوءِ ڀٽي آمريڪا جي ڏکڻ ايشيا جي ذهين ماهر سليگ هيريسن آڏو اِهو مڃيو ته ”شاهه جو گهڻو اصرار هو ۽ ايستائين ته هُن ڌمڪيون به ڏنيون ۽ سندن پاران اسان کي هر قسم جي معاشي ۽ فوجي امداد ڏيڻ جو به واعدو ڪيو ويو. جيڪا اسان کي اصل مليل امداد کان تمام گهڻو هئي. کيس اِنهيءَ ڳالهه جو احساس هو ته بلوچن کي صوبائي طور تي خودمختيار حڪومت ڏيڻ نه رڳو پاڪستان جي پنهنجي لاءِ خطرناڪ آهي پر اِنهيءَ سان سندس پاسي وارن بلوچن کي پڻ خطرناڪ قسم جا خيال ملندا.“ (9)

پنهنجي ايران جي دؤري کان ڪجهه مهينا اڳ ڀٽي اِهو ڏوهه مڙهي چونڊيل بلوچ سرڪار کي ختم ڪري ڇڏيو ته گورنر غوث بخش بزنجو ۽ وڏو وزير عطاءُ الله مينگل عراق ۽ سوويت يونين سان هڪ اهڙي سازش ۾ شريڪ آهن. جنهن جو مقصد پاڪستان ۽ ايران کي ٽوڙڻ هو. عراقي سفارتخاني ۾ هٿيارن جو هڪ ذخيرو هٿ ڪيو ويو. جنهن جي لاءِ ڀٽي جي دعويٰ هئي ته اِهي نعپ جي بلوچ حمايتين لاءِ هئا. سازش يقيناً موجود هئي پر اِها بزنجو سرڪار کي ختم ڪرڻ لاءِ بهانو فراهم ڪرڻ خاطر پاڪستاني ۽ ايراني انٽيليجينس ايجنسين پاران تيار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪڍي ويئي هُئي. بزنجو، مينگل ۽ بلوچستان نعپ جي صدر خيربخش مري کي گرفتار ڪري سهالا جي ريسٽ هائوس ۾ آندو ويو. جيڪو اسلام آباد/ راولپنڊي واري سياسي گادي جي هنڌ کان گهڻو پري نه هو. هاڻي پنهنجي پارٽي نعپ جي صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن کي رُشوتون آڇي بلوچستان ۾ نئين سرڪار ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، پر سندس هڙيئي ڪوششون شرمناڪ ناڪاميءَ تي ختم ٿيون. چونڊيل سرڪار جي تختي اونڌي ٿيڻ جي ڇهن هفتن جي اندر سوين شاگرد ۽ ٻيا ماڻهو بلوچستان جي جبلن ڏانهن ڀڄي ويا ۽ صوبو ڪهرو ويڙهه ۾ ورتو ويو.

1969ع ۾ مون کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ بزنجو، جيئن مون اڳ بيان ڪيو آهي، پنهنجي پي پي پي ۾ شامل ٿيڻ يا اُن جي حمايت ڪرڻ کان انڪار تي هن طرح تنقيد ڪئي هئي:

"انهن حرامين کان جان ڇڏائڻ جا رڳو ٻه طريقا آهن. منهنجو يا چي گويرا واري طريقو. اهو آئون هوندس يا جبلن ۾ بندوقن سان بلوچ هوندا."

مون نهايت شائسته طور سندس چوڻ کي رد ڪري ڇڏيو. هاڻي چئن سالن کان به گهٽ عرصي ۾ هُو بلوچ قوم پرستن کي ٽوڙڻ مختلف پيغام ڏيندي رهيو هو. اهو هي ته پي پي پي ۾ شامل ٿيو يا ڇيپاٽجڻ لاءِ تيار رهو. گهڻن بلوچن مقابلي ڪرڻ کي ترجيح ڏني. جنگ اوڀر بنگال واري سطح تائين نه پهتي. انهيءَ جي سببن تي اسان هيٺ بحث ڪنداسين پر اها پاڪستاني سياست کي زهريلو ڪرڻ ۽ سوِلين راڄ لاءِ موت جي گهنڊ وڄائڻ ۾ ڪامياب ويئي. اُن وقت سرحد صوبي ۾ نعپ جي گورنر ۽ سرڪار کي ختم ڪيو ويو هو. انهيءَ ڪري هاڻي پي پي پي پوري ملڪ تي حاوي هئي. ڪراچي جي هفتيوار 'آؤٽ لُڪ' کي هڪ انٽرويو ۾ (جنهن جي نتيجي ۾ مئگزين بندش وڌي ويئي) نعپ جي اڳواڻ ولي خان پنهنجي راءِ جي حق کان محروم ڪيل علائقن جي عوام جي جذبن جو اظهار ڪيو:

"جيڪڏهن توهان انهيءَ مسئلي کي گوليءَ سان طئي ڪرڻ چاهيو ٿا ته پوءِ توهان کي اهڙا ماڻهو ملندا جيڪي توهان جي گوليءَ جو جواب پنهنجي گوليءَ سان ڏيندا. توهان انهيءَ کي روڪي نه ٿا سگهو. جيڪڏهن توهان وٽ سياسي احتجاج جا قانوني طريقا آهن ته پوءِ ماڻهو انهن قانوني طريقن کي اختيار ڪندا، پر جيڪڏهن توهان آئيني ۽ قانوني احتجاج جا سڀيئي رسمي ۽ روائتي طريقا بند ڪري ڇڏيندا ته پوءِ ماڻهو پنهنجي سياسي مقصدن جي حصول لاءِ غيرآئيني ۽ غيرقانوني طريقا اختيار ڪندا. اها نهايت ئي سادي ڳالهه آهي." (10)

ولي خان کي وڌيڪ ٻن سالن لاءِ مخالف ڌر جي اڳواڻ جي حيثيت ۾ رهڻ ڏنو ويو پر پوءِ اُن کي به گرفتار ڪيو ويو ۽ مٿس پاڪستان کي ٽوڙڻ لاءِ سازش تيار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪرڻ جو الزام مڙهيو ويو. نعيءَ تي بندش وڌي وئي ۽ سندس گهڻن ڪارڪنن کي قيد ڪيو ويو.

بلوچستان ۾ جنگ

1947ع کان وٺي بلوچستان، پاڪستان جي هر سرڪار لاءِ وڏين مصيبتن پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ بڻيل رهيو آهي. انهي جو سبب هن حقيقت ۾ لڪل آهي ته بلوچن کي 1947ع ۾ پنهنجي ليکي اهو فيصلو ڪرڻ جي اجازت نه ڏني وئي هئي ته آيا هو نئين رياست ۾ شامل ٿيڻ چاهين ٿا يا نه. بااثر بلوچ حاڪم خان آف قلات شروع ۾ شامل ٿيڻ جي خلاف هو ۽ هن نيپال جي طرز تي هڪ آزاد رياست قائم ڪرڻ جو حق گهريو هو. خان 1946ع ۾ ڪئبينيٽ مشن آڏو نشاندهي ڪئي هئي ته هندستان ۾ نيپال ۽ قلات ئي رڳو اهڙيون رياستون آهن، جن بجاءِ دهلي جي وائٽ هال سان ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي. 'قلات نيشنل پارٽي' جا قوم پرست به انهيءَ ڳالهه جا سخت حامي هئا. انهي ڪري پاڪستان ٺهڻ جي چوويهن ڪلاڪن کان پوءِ خان آف قلات پنهنجي آزاد رياست جو اعلان ڪري ڇڏيو هو. هڪ سال کانپوءِ ئي اهو ممڪن ٿيو ته پاڪستاني فوج قلات تي قابض ٿي، خان کي شامل ٿيڻ وارن دستاويزن تي صحيح ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو. وڌيڪ اهو ته خان جي هٿيار ڦٽا ڪرڻ جي باوجود، سندس ننڍي ڀاءُ شهزادي ڪريم پنهنجن هزارين هٿياربند حامين سان گڏ مزاحمت جي ڪوشش ڪئي (جيتوڻيڪ کيس آساني سان ڇيڀايو ويو).

بلوچن جي آزادي جو ڀرپور سياسي جواز قلات اسيمبلي ۾ ڪيل بزنجي جي هڪ تقرير ۾ موجود آهي. نئين پاڪستاني رياست سان ويجهڙائي وارن ناتن جي حمايت ڪرڻ جي باوجود نوجوان بلوچ قوم پرست ٻه- قومي نظريي (مسلم ۽ هندو) تي سخت تنقيد ڪئي هئي:

"اسان کي افغانستان ۽ ايران وانگر هڪ ڌار ثقافت آهي ۽ جيڪڏهن رڳو انهيءَ ڪري ته اسين مسلمان آهيون؛ اسان جو پاڪستان سان گڏجڻ ضروري آهي ته پوءِ افغانستان ۽ ايران کي به پاڪستان سان گڏ شامل ٿيڻ گهرجي. اهي چون ٿا اسين بلوچ هن ائٽمي دور ۾ پنهنجو بچاءُ نٿا ڪري سگهون. ٺيڪ آهي؛ پوءِ ڇا افغانستان، ايران ۽ ايستائين ته پاڪستان به انهيءَ لائق آهي ته هو وڏين طاقتن جي خلاف پنهنجو بچاءُ ڪري سگهي؟ جيڪڏهن اسان پاڻ پنهنجو بچاءُ نه ٿا ڪري سگهون ته ٻيا گهڻا به اهڙين نٿا ڪري سگهن. سندن چوڻ آهي ته اسان کي معاشي سببن جي ڪري لازماً پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ گهرجي. اسان وٽ معدنيات آهي، اسان وٽ پيٽرول آهي ۽ اسان وٽ بندرگاهون آهن. سوال اهو آهي ته پاڪستان اسان کانسواءِ ڇا هوندو؟ اسون نئين ڄاول رياست

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاءِ بچاءُ، پرڏيهي معاملن ۽ مواصلات جي معاملن ۾ ڪي رُڪاوٽون پيدا ڪرڻ جي حق ۾ ناهيان. اسان ذلت آميز نه پر هڪ باعزت تعلق چاهيون ٿا. اسان پاڪستان سان ڳنڍجڻ نٿا چاهيون.. جيڪڏهن پاڪستان اسان سان هڪ آزاد ۽ خودمختيار ماڻهن جهڙو ورتاءُ ڪرڻ چاهي ٿو ته پوءِ اسان به دوستي ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. پر جيڪڏهن پاڪستان ائين نه ٿو ڪري ۽ اسان تي جمهوري اُصولن جي خلاف پنهنجو فيصلو مڙهڻ چاهي ٿو ته پوءِ هر بلوچ پنهنجي آزاديءَ لاءِ وڙهندو." (11)

بلوچستان کي اولهه پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو پر گهٽ آباد صوبو ٿيڻو هو. سنڌس ايراضيءَ ڪُل ايراضي جو چاليهه سيڪڙو پر آبادي رڳو چار سيڪڙو هئي. اُتان جي سماجي بيهڪ گهڻي ڀاڱي خانه بدوش قبائلي نظام واري هئي ۽ قبائلي سردار، قبائلي ماڻهن تي حاڪم بڻيل هئا. انگريز، بلوچ آباديءَ وارن علائقن ۾ رڳو انهيءَ ڪري داخل ٿيا هئا ته جيئن افغانستان سان ملندڙ سرحد کي پنهنجي ضابطي ۾ آڻي سگهجي. بلوچ ڳاديءَ جي هنڌ ڪوئيٽا، اُن وقت اهميت اختيار ڪئي، جڏهن انگريزن اتي هڪ فوجي ڇانوڻي قائم ڪئي ۽ پنجاب ۽ سنڌ سان اُن کي ڳنڍڻ لاءِ روڊ ۽ ريل جا رستا ٺاهيائون. يقيناً پڙهيل ڳڙهيل بلوچن جو تعداد تمام گهٽ هو ۽ اهي سردارن جا ٻار ۽ مٽ مائٽ ئي هئا جن خوشقسمتيءَ سان تعليم حاصل ڪئي هئي. اِنهيءَ سماجي پرت شاعرن ۽ سگهڙن جي وڪريل تعداد سان ڳڌجي ٿيهن ۽ چاليهن وارن ڏهاڪن ۾ بلوچ قومي شعور کي جاڳائڻ ۾ مدد ڪئي هئي ۽ اِنهيءَ سڄي تحريڪ جو نڪتهءِ عروج قلات اسيمبليءَ ۾ بزنجي جي ڪيل تقرير هئي. پر 1948ع ۾ پاڪستاني فوج جي مداخلت جي ڪري سنڌس پاڪستاني رياست سان زوري ڳانڍاپي جي عمل جي شروعات ٿيڻي هئي.

پاڪستان جي تاريخ جي هر اهم موقعي تي بلوچ مُلڪ تي حڪمراني ڪندڙ فوجي ڪامورڪي گروهه جي سازشن ۽ چالبازين جا مخالف رهيا آهن. جڏهن 1954ع ۾ اولهه پاڪستان جي چئن صوبن کي ڳنڍي ون يونٽ ٺاهيو پئي ويو ته بلوچن احتجاج ڪيو هو پر سنڌن رڙين ۽ واڪن کي نظرانداز ڪيو ويو هو. ٽي سال پوءِ بلوچستان ۾ بيچيني کي جنرل ايوب جي فوجي بغاوت لاءِ جواز طور استعمال ڪيو ويو. 1959ع ۾ بلوچن خلاف ظلم ۽ ڏاڍ جاري هو. اسي سالن جي پوڙهي نوروز خان جي قيادت ۾ سوين هٿياربند مڙد، صوبي جي خشڪ جبلن ڏانهن هليا ويا ۽ اِنهيءَ ڏاڍ جو مقابلو ڪيائون. ڪوئيٽا جي ويجهو هڪ ايذاءُ ڏيندڙ مرڪز قائم ڪيو ويو هو ۽ بلوچ سياسي قيدين کي ايذاءُ ڏنا ويا هئا. بزنجي ۽ مينگل ٻنهي جيل ڪاٽيا. ايوب سرڪار پاران ڳالهه ٻولهه جي آڇ ڪئي وئي ۽ گوريلن کي هٿيار ڦٽا ڪرڻ جي صُورت ۾ مڪمل معافي ڏيڻ جو واعدو به ڪيو ويو. پر جڏهن اُهي شرطن تي راضي ٿيا ۽ پنهنجا هٿيار ڪرنل ٽڪاخان جي ڪمان ۾ فوج جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حوالي ڪيائون ته نوروز جي پٽ ۽ ٻين ڇهن ڄڻن کي گرفتار ڪري ڦاهي تي چاڙهيو ويو. حڪمرانن ساڻن دغا ڪئي هئي.

ڦاهي ڏيڻ وقت بلوچ محب وطن جي وات تي 'سدا جيئي بلوچستان' جا نعرا هئا. نوروز کي عمر قيد جي سزا ڏني وئي ۽ هو ڪجهه عرصو بيمار رهڻ کانپوءِ جيل ۾ ئي گذاري ويو. انهيءَ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل ڪاوڙ هڪ شديد ڇڪتاڻ واري صورتحال کي جنم ڏنو جيڪا 1970ع جي چونڊن ۾ ظاهر ٿي، جڏهن بلوچن وڏي پيماني تي نعپ جي حق ۾ ووٽ ڏنو. 1972ع ۾ بزنجو ۽ مينگل جن کي لاتعداد جيلن جو تجربو هو سي ترتيبوار گورنر ۽ وڏو وزير ٿيا. پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ اها بلوچن کي عوامي سطح تي مليل پهرين نمائندگي هئي، پر جڏهن گرمي جي موسم ۾ آئون بزنجي سان مليس ته هو گهڻو پراميد نه هو. هن مون کي ٻڌايو ته 'بلوچ شاگرد منهنجي آجيان بلوچستان سرخ هي' جي نعرن سان ڪري رهيا آهن. پر مون کي خوشي ٿيندي جيڪڏهن مرڪز پاران اسان کي رڳو بلوچستان کي جديد ٺاهڻ لاءِ آزاد ڇڏيو وڃي. اُن کي سُرخ ٺاهڻ لاءِ گهڻوئي وقت پيو آهي."

1981ع ۾ لنڊن ۾ هڪ تفصيلي بحث دوران جلاوطن بلوچ اڳواڻ عطاءُ الله مينگل بلوچستان ۽ پاڪستاني رياست جي وچ ۾ موجود فاصلي جي پڪ ڪئي. هن معاملن جي هن ريت وضاحت ڪئي:

"1951ع ۾ لياقت علي خان جي قتل تائين فوج ۽ ڪامورا شاهي اهو فيصلو نه ڪيو هو ته مُلڪ کي ڪيئن هلائجي. انهيءَ کان پوءِ هو حقيقي حاڪم بڻجي ويا. اُنهن پنهنجو پاڻ کان اهو سوال پڇيو ته 'اسان پنهنجي حاڪميت لاءِ ڪنهن چيلينج کي پيدا ڪرڻ کانسواءِ نوآبادين کي ڪهڙي ريت پاڻ وٽ رکي سگهون ٿا؟' اسان لاءِ بلوچستان ۾ شروع کان ئي اها هڪ ڏکي صورتحال هئي. جيئن توکي خبر آهي ته اسان کي زوري پاڪستان ۾ شامل ڪيو ويو هو. اسان نئين صورتحال سان نبيرڻ جو فيصلو ڪيو هو پر سينئر ڪامورن بلوچن سان غدارن جهڙو ورتاءُ ڪيو جيڪو اُنهن جي ليکي ٿيڻ به گهرجي ها. حاڪم طبقي جي بي اعتباري غير معمولي هُئي. اُنهن ورهاڱي دوران ڀارت مان آيل پناهگيرن کي وڏي پيماني تي بلوچستان ۾ آباد ڪيو. سندن خيال هو ته هو تعدادي چال وسيلي سياسي طور تي اسان کي زير ڪري سگهن ٿا.

جڏهن آئون بلوچستان جي مچ جيل ۾ هوس ته مون کي صورتحال جي نهايت چڱي ڄاڻ حاصل ٿي. جيل جو محافظ گهٽ ۾ گهٽ پگهار کڻندڙ سرڪاري ملازم آهي. جيل ۾ هڪ سؤ ويهه محافظ هئا پر اُنهن مان رڳو ٻارنهن ڄڻا بلوچ هئا. جيڪڏهن ڪنهن به اها ڳالهه ڪئي هُئي ته ڪيس غدار ڪري ٿڏيو ويو هو. جڏهن اسان 1972ع ۾ اقتدار سنڀاليو ته ٻارنهن هزار سرڪاري ملازم ڀاويهن گريڊ ۾ هئا، جن مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

> بلوچ رکيو ٿي هزار هُئا (جن ۾ بلوچ پٺاڻ، هزارا وارا ۽ مقامي پنجابي آبادڪار پڻ شامل هُئا). پوري پاڪستاني فوج ۾ بلوچ رکيو ڪجهه سؤ آهن. مشهور بلوچ رجمينٽ ۾ ڪو به بلوچ ناهي. قلات اسڪائوٽس هڪ نيم فوجي تنظيم هُئي، جيڪا ايوب آمريت جي دؤر ۾ ٺاهي وئي هُئي، ان ۾ ڀرتي ڪيل ماڻهن مان رکيو ٻه ٽيا قلات مان هُئا. ساڳيو مثال سبي اسڪائوٽس جو هُو، جيڪا مري علائقن جي نظرداري لاءِ قائم ڪئي وئي هُئي. ان ۾ ڪو هڪ به بلوچ نه هو. آفيسر پنجابي ۽ سپاهي سرحد صوبي جا هُئا. جيڪڏهن توهان اڄ ڪوئيٽا هوائي اڏي تي لهو ۽ شهر گهمو ته توهان کي جلدئي خبر پئجي ويندي ته پوليس ڪانسٽيبلن جو پنجانوي سيڪڙو ٻاهران آندو ويو آهي. جڏهن اسان توازن کي درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته پنڃي ۽ سندس پنجابي مددگارن اسان جي حڪومت خلاف پوليس جي هڙتال کي منظم ڪيو. پنڃي جو مقصد صُورتحال کي غيرمستحڪم ڪرڻ ۽ مرڪزي حڪومت جي مداخلت لاءِ راهه هموار ڪرڻ هو. انهيءَ جڻ قوم پرستي جي باهه تي تيل هاري ڇڏيو. خاص طور تي شاگرد تور تائين وڃڻ لاءِ تيار هُئا. بزنجي ۽ مون کين چيو ته 'اهي عارضي ڏؤر آهن. اسان وٽ ٻي ڪا واٽ ڪانهي.' حڪومتون ۽ فوجي سرڪارون آيون ۽ هليون ويون آهن پر منجهن هڪ شيءِ ڪَڏيل رهي آهي: اُنهن سيني بلوچن سان خراب ورتاءُ ڪيو آهي ۽ اُنهن تي ڏاڍ ڪيو آهي. (12)"

پنڃي جي اِنهي سڄي هيرڦير جو مطلب بلوچ اڳواڻن کي ڪالهه ٻولهه جي ڪمزور حيثيت ۾ آڻڻ هو. هُن بزنجي کي مينگل، مري ۽ ٻين کان ڌار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر هر مرحلي بلوچ اڳواڻن جي سياسي غيرمصالحانه رَويي ۽ سندن بنيادي اُصولن تي ٺاهه ڪرڻ کان انڪار سندس مڪَارانا چالن کي ناڪاره ڪري ڇڏيو. پنڃي پاران سخت قدم کڻڻ جا محرڪ ڏيهي ۽ پرڏيهي ٻئي دٻاءُ هئا. ٻنا ڪنهن شڪ جي بلوچستان ۾ ٿيل ردِعمل جي شدت پي پي پي جي اڳواڻ کي حيران ڪري ڇڏيو هو. مينگل جو چوڻ آهي ته، "پنڃو جڏهن اسان سان جيل ۾ ملڻ آيو ته هُن جو اسان سان ورتاءُ اسان کي ٻار ڪري سمجهڻ وارو هو. هُن اسان جي شڪايتن جي نوعيت کي نه ٿي سمجهيو." پنڃي هڪ بلوچ قبائلي سردار اڪبر بگٽي کي نئين گورنر جي طور تي مقرر ڪيو پر اُن کي اڳتي هلي هڪ غدار ليکيو ويو ۽ ايستائين ته سندس پاءُ احمد نواز به جيل ۾ پيل ٽن اڳواڻن جي پاسي هو. بگٽي پنڃي جي پاران هڪ ٺياڪڙ جي طور تي ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر بلوچ اڳواڻن ايستائين ٺاهه ڪرڻ کان انڪار ڪيو جيستائين ختم ڪيل اسيمبلي کي بحال ڪري، اُن جي اختيار کي وري قائم نئي ڪيو ويو. پنڃي بزنجي کي جنهن کي ٽنهي جڻن مان نرم ترين خيال ڪندو هو، مشروط آزادي ۽ بلوچستان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دوري جي اَڄ ڪنهن تہ جيئن اُتي صورتحال جي هُو پاڻ پنهنجي ليکي ڪا ڪري سگهي. وچايل چار بلڪل ظاهر ظهور هو. بزنجي کي جيڪڏهن سرڪار جي غيرسرڪاري سفير جي طور تي ماٺهو ڏسن ها تہ ڪيس هڪ غدار ڪري ليکيو وڃي ها. هن پُراڻي بلوچ اڳواڻ ايستائين آزاد ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جيستائين سڀني بلوچ سياسي قيدين کي آزاد نہ ٿي ڪيو ويو. پوءِ مينگل سان رابطو ڪيو ويو پر سندس جواب ساڳيو هو جيتوڻيڪ اِنهيءَ ۾ سخت لهجو اختيار ڪيو ويو هو.

پهرئين مرحلي ۾ ٽنهي اڳواڻن کي نسبتاً آرام سان سهالا ريسٽ هائوس ۾ رکيو ويو هو. پر جڏهن پٽي اِهو سمجهي ورتو تہ اِهي ڳالهہ ٻولهہ يا استعمال ٿيڻ کان پنهنجي انڪار ۾ پڪا ۽ پختا آهن تہ پوءِ کين ڌار ڌار جيلن ڏانهن موڪليو ويو مريءَ کي لائلپور، بزنجي کي ميانوالي ۽ مينگل کي ساهيوال ۾ نظربند ڪيو ويو. جڏهن پٽي جي پيغام آڻيندڙ کين ٻڌايو تہ اُنهن کي ڌار ڪيو پيو وڃي ۽ پنجاب جي ٽن مختلف جيلن ڏانهن موڪليو پيو وڃي تہ مينگل مُرڪيو ۽ ورائيائين تہ "پٽي کي چئو تہ اسان کي خوشي آهي تہ تو اِهو فيصلو ڪري ورتو آهي تہ اسان سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ بيڪار آهي. اسان هاڻي توکي سيکاريندا سين تہ مزاحمت ڇا ٿيندي آهي." پي پي پي جي اڳواڻ کي اِها خبر نہ هئي پر هُن بلوچستان ۾ فوج موڪلڻ جو حڪم ڏيئي پنهنجي ڪِڇي ۾ ڦاسي جو ڦندو ۽ مُلڪ ۾ جمهوريت جو خاتمو آڻي ڇڏيو. پاڪستاني فوج، جيڪا بنگلاديش جي زوال کانپوءِ پنهنجو وساهہ وڃائي ويٺي هُئي، تنهن کي هاڻي ملڪ جي سياسي اسٽيج تي قبضي ڪرڻ لاءِ هڪ نئون موقعو ملي ويو هو. اِها ڳالهہ ذڪر جوڳي آهي تہ 1947ع کانپوءِ پاڪستاني جنرلن جون ٻکهي ۾ ٻکهيون فوجي مهمون پاڪستان جي اندر بنگالين ۽ بلوچن جي خلاف رهيون آهن. هڪ جي نتيجي ۾ رياست ٽڪرا ٿي ويئي ۽ ٻيءَ جي ڪري 1977ع کانپوءِ واري فوجي آمريت لاءِ راهہ هموار ٿي.

پنجن سالن تائين بلوچستان شديد کهرو ويڙهہ جي باهہ ۾ ٻرندو رهيو. چار پاڪستاني ڊويزنن (هڪ لک ماڻهن) کي نافرمان بلوچن کي قابو ۾ ڪرڻ جو ڪم سونپيو ويو هو. انهيءَ ويڙهہ ۾ جنهن جي ڪري بلوچ قوم پرستيءَ جو ڪردار هميشہ جي لاءِ بدلجڻ جي ڪري بلوچ آبادي جو هر حصو متاثر ٿيو. جيئن گوريلن جي تعداد ۾ واڌارو ٿيو تيئن فوج جو جاني نقصان ڳري کان ڳرو ٿيندو ويو. 1974ع جي وچ تائين گوريلن مؤثر طور تي بلوچستان ۽ باقي مُلڪ جي وچ ۾ روڊ ۽ ريل جي رابطن کي تباهہ ڪري ڇڏيو هو. بلوچ ڪاڻين مان ڪوئلي جي فراهمي ۾ غيرمعمولي دير جي ڪري پنجابي صنعت تي خراب اثر پوڻ شروع ٿي ويا هئا. گوريلن اولهہ جي تيل جي کوهہ کوٽيندڙ ڪمپنين جي ٺيڪيدارن ڪمن تي پڻ ٻهادراڻا ڪارناما ڪيا. بلوچ جنگ جي مک پاڪستاني اڳواڻ جنرل جهانزيب سليگ هيرسن کي ٻڌايو تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"سال 1974ع جي ڪڙڻ سان گڏوگڏ دشمن وڌيڪ باهمت ۽ بهادر ٿي رهيو هو. اُنهن جو خيال هو ته اُهي هٿياربند فوج سان ٽڪراءَ واري مرحلي ۾ پهچي چڪا هُئا. جنهن ۾ هُو درحقيقت انهيءَ لائق ٿي ويندا. جو اسان کي بلوچستان مان ٻاهر ڪڍي سگهن. تيل جي کوٽائي واري ڪم کي روڪڻ لاءِ سندن ارادا پختا هُئا. اسان چاهيون ٿا ته اسان کي پوري قوت سان انهيءَ جو جواب ڏيڻو پوندو نه ته اسان صُورتحال کي ضابطي ۾ آڻڻ جي قابل نه رهنداسين." (13)

پاڪستاني فوج جي حملي کي گوريلا مخالف مستند ڪتابن جي هدايتن موجب تيار ڪيو ويو هو. اُن عوامي حمايت جي اُنهي بنياد کي ختم ڪرڻ تي وڌ ۾ وڌ ڌيان ڏنو جنهن تي گوريلن جو دارومدار هو. آگسٽ سيپٽمبر 1974ع ۾ جنرل جهانزيب جي ڪمان هيٺ پنجابي سپاهين مري قبائلي علائقن جو گهيرو ڪيو. سپاهين جي داخل ٿيڻ کان پهرين، جن مان ڪجهه ايراني هوابازن جي هلايل آمريڪي ڪوبرا گن شپ هيلي ڪاپٽرن مان لٿا، بلوچن مٿان وڏي پيماني تي توپ خاني جي بمباري سان گڏ فرانس جي مهيا ڪيل ميراج هوائي جهازن مان بمباري پڻ ڪئي وئي. اِهي ڪوبرا گن شپ هڪ منٽ ۾ ساڍا ست سؤ رائونڊ، جيڪي ويهه ايم- ايم جي توپ مان نڪرندا هئا، فائر ڪري تباهه ڪُن صلاحيت جا حامل هُئا. انهيءَ پيماني تي حملي جي باوجود گهڻا گوريلا چابلو رستي جي ذريعي وڪڙن جي ڪُٿي جان مان ڪري گهيرو ٽوڙي ڀڄي ويا. پر پاڪستان جي فوج بنا ڪنهن شڪ جي بلوچستان جي بي هٿيار ماڻهن خلاف سوڀ حاصل ڪئي هُئي. اُنهن پنجاهه هزار جانورن تي قبضو ڪيو جيڪا ڪنهن به لحاظ کان هڪ متاثر ڪُن حاصلات هُئي پر اِها خانه بدوش سماج کي معذور ڪرڻ واري اٽڪل هُئي. هزارين بلوچن کي سندن رهائشي علائقن مان زوري لاڏائي ڪوهلو، لورالائي ۽ ڪوئيٽا ۾ قائم ڪيل 'امن علائقن' ۾ رکيو ويو. ڪجهه جڻن کي ڀڄي پاڙيسري ملڪ افغانستان ۾ پناهه وٺڻي پئي. ڏيهه گوريلا ماريا ويا. (جڏهن ته فوج جو جاني نقصان ٽي سؤ جي انگ کي وڃي پهتو). اِها سڄو آپريشن بلوچ مزاحمت لاءِ هڪ تباهه ڪُن ڌڪ جيان هُو، پر ان مان 'بلوچستان عوامي آزادي جي محاذ' (بي پي- ايل- ايف) نالي هڪ نئين تنظيم اُڀري سامهون آئي.

بي- پي- ايل- ايف هٿياربند ويڙهاڪن جي اهڙي جوڙجڪ ناهي، جيڪا قبائلي ٻنڌڻن ۽ دشمنين کان متاثر هُئي. اُن فوجي جٿن تي ٻڌل هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تائين متحرڪ ڪئمپن جو اهڙو سلسلو قائم ڪيو، جيڪي پاڻ پرا هُئا. جهالت کي ختم ڪرڻ لاءِ هڪ مُهم شروع ڪئي وئي ۽ محاذ پاران مليريا ۽ نمونيا جي علاج لاءِ دوائون ورهايون ويون. اِهي سرگرميون عام سياسي شعور پيدا ڪرڻ جي ڪوشش سان گڏوگڏ هلنديون هُيون. عورتن جي حقن جي نازڪ مسئلي تي محاذ پاران احتياط سان پيش رفت ڪئي وئي. (14) فوجي اشرافيه جي خطرن کان پوري طرح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آگاهه هوندي؛ محاذ جي اڳواڻن پنهنجين صفن ۾ بحث مباحثي ۽ جمهوريت کي همٿايو. عمل لاءِ رٿيل هر رٿا کي؛ پوءِ اها وڏي هُجي يا ننڍي، عمل ڪرڻ کان پهرين کُليل نموني بحث هيٺ آندو ويندو هو. گوريلا پنهنجن حملن لاءِ مِن اُصول تي عمل ڪندا هُئا ته، 'پنهنجي هٿن جون ٽي واٽون ۽ ويڙهه جي هڪ ئي واٽ.' هِن لفظن ۾ بلوچ مزاحمت رسمي ۽ طئي ٿيل تڪرائن کي پاسيرو ڪري ڇڏيو هو ۽ پنهنجي سڄي قوت کي هڪ ڪئمپ ۾ ڪٺو ڪرڻ جي غلطي نه ڪئي هئي.

جيئن ته شاهه ايران سڌي فوجي مداخلت جي ڌمڪي ڏيندي رهيو هو. انهيءَ ڪري گوريلن کي چيڀاٽڻ اسلام آباد جي فوجي هاءِ ڪمان لاءِ عزت جو مسئلو بڻجي ويو هو. تهران جي سرڪار پنهنجين سرحدن تي قومي آزاديءَ جي ڪنهن به جدوجهد کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه هُئي. اُن عُمان ۾ ڌعفاري باغين کي شڪست ڏيڻ لاءِ هٿيار، امداد ۽ ماڻهو مهيا ڪيا هُئا ۽ اِها ساڳيو ڪم بلوچستان ۾ پڻ ڪري ها.(15) 1974ع جي حملي ڪانپوءِ پڪي چيو هو ته بلوچستان ۾ تحريڪ کي چيڀاٽيو ويو هو ۽ ماڻهن کي دوکو ڏيڻ لاءِ ڪجهه غدارن کي پاڪستان ٽيليويزن تي پڻ پيش ڪيو ويو هو. بلوچستان جي حوالي سان پريس سنسرشپ، اُن سنسرشپ کان بلڪل مختلف نوعيت جي هئي جيڪا بنگالين جي قتل عام وارين ڪاررواين ملندي مڙهي ويئي هُئي. پوئين معاملي ۾ سرڪار سڌي طرح گوئبلز واري پاليسي اختيار ڪئي هُئي. ڪوڙين ڳالهين کي روزانو ۾ بيزار ڪندڙ حد تائين اخبارن، ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي ورجايو ٿي ويو. پر اوڀر بنگال جي صورتحال جي شدت جي باري ۾ ڪنهن کي به ڪو شڪ نه ئي ٿي سگهيو. بلوچستان ۾ استعمال ڪيل چالون انهيءَ جي بلڪل ئي اُبتڙ هيون. اهميت رکندڙ شين جو حقيقتاً نهايت ئي گهٽ حصو اخبارن ۾ شايع ٿيو ٿي. انهي جو مقصد هِن صوبن ۾ حمايت جي حقيقي تحريڪ کي سامهون اچڻ کان روڪڻ هو.

1975ع جي گرمين ۾ بي- پي- ايل- ايف نئون حملو شروع ڪيو ۽ پوري صوبي ۾ پاڪستاني فوجن تي راتاها هنيا ويا. رڳو هڪ اوچتي حملي ۾ ڪيتائي آفيسر مارجي ويا پر محاذ جي پاليسي (چي گويرا جي لکڻين کان متاثر ٿي) جنگ جي دؤران گرفتار ٿيل عام سپاهين کي، جنگ جي صحيح ۽ غلط پاسن کي سمجهائڻ کان پوءِ آزاد ڪري ڇڏڻ هو. پر محاذ جي انگريزي بليٽن 'جبل' جو اهو چوڻ هو ته پاڪستاني فوج بلوچ قيدين سان ڪجهه مختلف ورتاءُ ڪندي هُئي. بنگالين سان ڪيل وحشياڻي سلوڪ جي آزادانه طور تي تصديق ٿيل واقعن کي ڏسندي 1977ع جي 'جبل' ۾ شايع ٿيل هن بيان تي يقين ڪرڻ جو ڪو سبب ڪونهي:

"بي- پي- ايل- ايف پاران قيدين سان ڪيل سلوڪ جي اُبتڙ دشمن اسان جي پڪڙيل هم وطن کي وحشيانا ايذاءُ ڏني ٿو ۽ ڪين رسمي ڪارروائي ڪانسواءِ ئي ختم ڪري ڇڏي ٿو. فوج محاذ جي علائقن مان پنج هزار مردن، عورتن ۽ ٻارن کي پڪڙيو آهي. انهن مان پنجانوي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سيڪڙن کي وحشياڻا ايذاءُ ڏنا ويا آهن. سخت مار ڏيڻ جي عام عمل ڪانسواءِ عضوا ڀڃا ۽ وڍيا ويا آهن. اڪيون ٻاهر ڪڍيون ويون آهن؛ خاص طور تي جنسي عضون تي بجلي جا شاڪ ڏنا ويا آهن. ڏاڙهيون ۽ مٿي جي وارن کي پٽيو ويو آهي. آڱرين جا ننهن ڇڪي ڪڍيا ويا آهن. ڪين پاڻي ۽ کاڌي کان محروم رکيو ويو آهي، جيڪا ڳالهه گرمين جي مهينن ۾ اڪثر ڪري دردناڪ ثابت ٿيندي آهي. ڏهه ويڙهاڪ بجلي جي شاڪن ۽ ايذائن جي ڪري مستقل طور تي پنهنجو ذهني توازن وڃائي ويٺا آهن. عورتن کي انهن ايذائن ڏيڻ سان گڏوگڏ ساڻن زنا به ڪئي وئي آهي. اِنهيءَ کان پوءِ اُنهن عورتن بنا ڪنهن تفريق جي آپگهات ڪيا آهن. ڇاڪاڻ ته شرم جي ڪري هُو موٽي پنهنجن خاندانن ۾ وڃي نه ٿي سگهيون. اُنهن قيدين کي جيڪي دشمن لاءِ وڌيڪ ڪم جا نه رهيا هُئا، آزاد ڪيو ويو آهي. اهي سڀ فوري طور بي- بي- ايل- ايف ڏانهن موٽيا آهن ۽ اِنهيءَ ڳالهه جي باوجود ته ڪين ايتري خراب طريقي سان وڍيو ويو آهي جو هو رائفل جهلي يا هلائي به ڪونه ٿا سگهن، اُنهن وري وڙهڻ تي اصرار ڪيو آهي."

بلوچن خلاف ڏاڍ ۽ تشدد جو فيصلو اعليٰ ترين سطحن تي ڪيو ويو هو ۽ انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نه ٿو ٿي سگهي ته اسلام آباد سرڪار کي اِنهيءَ کان چڱي ريت آگاهه رکيو ويو هو. ڀٽي کي يقيناً ڪراچيءَ جي پسگردائي واري علائقي ملير ۾ قائم ڪيل هڪ وڏي پڇا ڳاڇا ڪرڻ ۽ ايذائن ڏيڻ واري ڪئمپ جي موجودگيءَ جي باري ۾ ڪو شڪ نه ٿي ٿي سگهيو. ڪرنل بشير جي اڳواڻي ۾ هڪ خاص ڪمانڊو دستي کي اهو اختيار مليل هو ته هُو پاڪستان ۾ ڪٿي به ڪنهن بلوچ کي پڪڙي ۽ قتل ڪري ڇڏين. اهو بشير هو جنهن ڪراچيءَ ۾ عطاءُ الله مينگل جي پٽ اسدالله لاءِ جار وڃائڻ جو حڪم ڏنو هو. مينگل اِنهي ڏکوئيندڙ واقعي کي هيٺن بيان ڪري ٿو:

"آئون دل جي تڪليف جي علاج لاءِ ڪراچي جي اسپتال ۾ هوس. مارچي وڃڻ کان هڪ ڏينهن اڳ اسدالله مون کي ڏسڻ آيو هو. هُن مون کي ٻڌايو ته مٿس نظرداري سخت ٿيندي پئي وڃي. مون پنهنجي تجربي جي بنياد تي، کيس تنبيهه ڪئي ته ان جو مطلب اهو آهي ته هُو کيس ڪنهن جي ويجهو اچي پهتا آهن. سندس لاءِ ڪوئيٽا مان هڪ اهڙي ماڻهوءَ جو فون هو جنهن پنهنجو پاڻ کي زير زمين ويڙهاڪ جي طور تي ظاهر ڪيو ٿي پر اُن جي متعلق مون کي هميشه کان شڪ هئا. اِنهيءَ مهراهه بشير جي هدايتن تي اسدالله سان ڪراچيءَ ۾ ملاقات طئي ڪئي. جڏهن اهي مليا ته ڪمانڊوز سندن ڪار کي گهيري ۾ ورتو. اسدالله کي اِنهيءَ عمل جي هلندي ئي گولي هڻي ويئي. ڪمانڊوز کيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مارڻ لاءِ هڪ خاص جهاز ۾ ڪوئيٽا کان ڪراچي آيا هئا. پنهنجي لاءِ
چيو وڃي ٿو ته هُو نهايت ڪاوڙيل هو ۽ واضح طور تي هُو انهيءَ کان
واقف به نه هو پر هُن ڪجهه به نه ڪيو. ضياءُ الحق مون کي چيو ته
ڏوهارين کي ڪولهي ۽ سزا ڏني ويندي پر ڪجهه به نه ٿيو. مون
بلوچستان ۾ ڪيترائي 'پٽ' وڃايا آهن. مون محسوس ڪيو اُنهن مان
هڪ هيو مري ويو..." (16)

بلوچستان جي انهيءَ سخت جدوجهد باقي مُلڪ ۾ ڪهڙي پاڳي ڪو تحرڪ
پيدا نه ڪيو. سرحد ۽ سنڌ ۾ اِنهي لاءِ همدردي موجود هئي، پر ان کي ڪنهن به
ڪو سياسي اظهار ملڻو نه هو. پنجاب ۾ سواءِ ڪجهه پنجابي انقلابين جي جيڪي
پنهنجي وچولي طبقي وارن خاندانن جي آرام کي ڇڏي گوريلن سان شامل ٿيا هئا
ڏيري ڏيري عزت به ماڻي هئائون، باقي خاموشي هُئي. انهن مان هڪ اسد رحمان
جيڪو سپريم ڪورٽ جي هڪ اڳوڻي جج جو پٽ هو. ان کي چاڪر خان (نامياري
بلوچ سردار) جي نالي سان گوريلن جي موثر ترين حملن مان ڪجهه کي منظم
ڪرڻ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪرڻو هو(17) شايد اِها مارڪسسٽن جي هڪ
ننڍڙي تعداد جي موجودگي هُئي، جنهن بي- پي- ايل- ايف کي پاڪستان جي
سماجي بيهڪ جي هڪ درست تجزئي تيار ڪرڻ ۾ مدد ڏني. بي- پي- ايل- ايف
پاڪستاني رياست کي هڪ رجعت پسند بيهڪ جي طور تي ڏٺو ٿي، جنهن تي
فوجي ڪامورڪي آمريت جي حڪمُراني آهي ۽ جيڪا شهرن ۽ ٻهراڙي جي مالدار
طبقن جي محافظ آهي. جنهن ته اُن کي آمريڪا ۽ علائقي ۾ سندس وڏن حليفن،
ايران ۽ سعودي عرب جي پٺڀرائي حاصل آهي. ڀٽو سرڪار کي 'جاگيرداري،
بورجوازي، ڪامورڪي ۽ فوجي مفادن جي سڀ کان اڳتي وڌيل سياسي نمائندي'
جي حيثيت ڏني ويئي. قومي سوال ۽ زرعي مسئلي کي پاڪستاني رياست جي
مرڪزي حيثيت رکندڙ تضادن جي طور تي ڄاتايو ويو هو. بلوچ جدوجهد کي اسلام
آباد سرڪار تي هڪ وڏي عوامي حملي جي شروعاتي نڪتي جي طور تي تصور
ڪيو ويو هو. انهيءَ اميد جو اظهار ڪيو ويو هو ته پنجاب جا هاري جلدئي بلوچن
جي پيروي ڪندي سندن پراڻن استحصال ڪندڙن خلاف اُٿي کڙا ٿيندا. بي- پي-
ايل- ايف ۽ سندس بلوچ اڳواڻ انهيءَ ڳالهه کان مڪمل طور تي آگاهه هئا ته اُهي
اڪيلي طور اُنهن هٿياربند تنظيمن کي شڪست نه ٿا ڏيئي سگهن، جن پاڪستاني
رياست جي نالي ۾ سندن صوبي تي قبضو ڪيو آهي.

هٿياربند جدوجهدون ڪڏهن به اڪيلي سر فيصلي ڪن سوڀون حاصل ڪرڻ
لاءِ ڪافي ناهن رهيون. جتي فوجي مهارتن ۽ تيز ۽ طرار چالن هڪ اهم ڪردار ادا
ڪيو آهي، اُتي به ڪاميابي کي يقيني بڻائڻ لاءِ هڪ مجموعي سياسي حڪمت
عملي جوڙڻ جي ضرورت پنهنجي جاءِ تي موجود رهي آهي. بلوچستان بنگلاديش کان
گهڻو مختلف نه ٿي سگهي ها. اُن جي جابلو علائقي ۽ وکريل آبادي ۽ پراڻي سماجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊانچي جو مطلب اهو هو تہ وڌ ۾ وڌ گوريلا پاڪستاني فوجن کي بيچاري ۽ سندن ڪارروائين ۾ رخنو وجهي سگهن پيا. ڪين شڪست ڏيڻ لاءِ انهن کي ملڪ جي ٻين علائقن مان حمايت جي ضرورت هئي ۽ يا پاڪستان جي ٻاهرين محاذ کي ڊراماڻي طور تي کوليو وڃي ها. پر باقي پاڪستان بلڪل الڳ ٿلڳ رهيو ۽ بلوچ مزاحمت کي افغانستان ۾ 1978ع جي کاٻي ڌر جي بغاوت ۽ 1979ع ۾ شاهہ ايران جي تختي اونڌي ٿيڻ، جن پاڪستان جي سرحدن تي جيو پاليٽيڪل تبديلين کي جنم ڏنو، پهرين ضابطي ۾ آندو ويو هو. بلوچ جدوجهد جي بهادري ۽ همت کي سڱهڻن وڏي جذبي ۽ احساس سان ڳايو آهي(18) پر انهيءَ مان حاصل ٿيل سبق بلڪل نہ ظاهر ظهور آهن تہ بلوچ رهبر پنهنجي ليڪي سوپ نہ ٿا ماڻي سگهن. جيئن تہ گوريلن هٿيار ڦٽا ڪرڻ متعلق سوچڻ کان بہ انڪار ڪيو هو انهيءَ ڪري بي- پي- ايل- ايف جي ڪمان وارن دستن جي وڏيڪ اهم حصن پاڙيسري ملڪ افغانستان ۾ پناهہ ورتي، جتي ڪين قندار جي شهر کان ٻاهر ڪئمپن ۾ رهايو ويو. اسلام آباد کي اها خبر هئي تہ بلوچ سياسي اڳواڻ بہ ٺاهہ ڪرڻ تي راضي نہ آهن. مينگل بلوچ قوم پرستيءَ جي ڪاوڙ وارن احساسن کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو:

"خير بخش مري ۽ آئون انهيءَ نتيجي تي پهتا هئاسين تہ پراڻي جوڙجڪ ۾ هاڻي وڌيڪ ڪاٻہ شيءِ ممڪن نہ رهي هئي. ڪنهن وڏي ٽڪراءَ کان گهٽ ڪاٻہ شيءِ اسان کي مطمئن نہ ڪندي. اسان بلڪل رُڪ وانگر مضبوط ضمانتون چاهيون ٿا. اسان مرڪز کي بلڪل نہ ٻي اختيار ڪرڻ چاهيون ٿا. جڏهن اسان صوبائي خودمختياري لاءِ ڳُهر ڪئي تہ انهن اسان سان عليحدگي پسندن جهڙو ورتاءُ ڪيو. انهيءَ ڪري اسان مڪمل طور تي يقين ۽ اعتماد وڃائي ويٺا آهيون. جيڪڏهن ڪو 'ڏاهو شخص' بہ اسلام آباد ۾ اقتدار سنڀالي ٿو تہ بہ مٿس ڪو ڀروسو نٿو ڪري سگهجي. اسان وري ٺاهہ نہ ڪنداسين. ڪين اهو هڏائي ڇڏيو تہ جيئن سندن ذهن ۾ ڪوبہ شڪ باقي نہ رهي، اسان ٺاهہ نہ ڪنداسين." (19)

اسان آخري باب ۾، جنهن ۾ اسان انهي مجموعي مونجهاري سان سنڌس تعلق جي حوالي سان بحث ڪنداسين جيڪو ٽنهين قوميتن موجوده پاڪستان لاءِ پيدا ڪيو آهي، وري بلوچستان ڏانهن موٽنداسين. هن وقت اسان مختصراً انهن اثرن کي بيان ڪري سگهون ٿا جيڪي بلوچ بحران پٺتي جي دؤر ۾ پاڪستاني سياست تي وڌا هئا. اسان جي راءِ ۾ پٺتي جي زوال ۽ سويلين راڄ جي خاتمي کي ساڳي طرح ٻي پي پي جي هڪ بامعنيٰ علائقائي خودمختياري کي برداشت ڪرڻ يا وفاقي جوڙجڪ ۾ اقتدار جي شرڪت واري اصول کي مڃڻ کان انڪار ۾ ڏسي سگهجي ٿو. اهڙي طرح پٺتي جي بلوچستان ۾ کيل مهم جوئي هر لحاظ تباهہ ڪن هئي، انهيءَ سان پاڪستان جي سياسي فضا ۾ زهر پرجي ويو ۽ ملڪ اڃان تائين انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آلودگيءَ جي ڪري مصيبت ۾ آهي. اهڙي ريت انهي سان جولاءِ 1977ع جي فوجي
بغاوت جا بنياد رکيا ويا. جڏهن ڀٽي ۽ سندس بچاءَ واري وزير جنرل ٽڪا خان فوج
جي چئن بوريزن کي بلوچن کي چيڀاٽڻ جو حُڪم ڏنو هو ته اُنهن پاڻ پنهنجي
حڪومت جي قسمت تي مهر هڻي ڇڏي هئي. بلوچستان خلاف اڳراٽي ويساهه
وڃايل ۽ ڪمزور هاءِ ڪمان کي انهيءَ قابل ڪيو ته جيڪي اُنهن اوڀر بنگال جي
زوال ۾ وڃايو هو، وري حاصل ڪن ۽ هڪ ڀيرو وري سياسي ميدان ۾ داخل ٿين.

ڀٽي اهو فرض ڪيو هو ته عوام سان سڌي لاڳاپي جي اهليت فوج خلاف هڪ مناسب رُڪاوٽ جو ڪم ڏيندي. هُن اهو به سمجهيو هو ته جيئن ته هُن ظاهر طور بوناپارٽ جهڙيون خواهشون رکندڙ سڀني وڏن جرنيلن کي هٽائي ڇڏيو هو انهي ڪري هُو گهڻو محفوظ هو. سندس مُک فوجي ڪمانڊر جنرل ضياءُ الحق کي انهي ڪري ترقي ڏني ويئي هُئي جو ڀٽو سندس تابعداري ۽ ذهانت جي نه هجڻ ڪري انهي تي قائل ٿي ويو هو ته منجهانئس ڪو خطرو نه هو. بهرحال پي پي پي جي اڳواڻ پاڪستاني سياست ۾ هڪ سياسي اداري جي طور تي فوج جي خودمختيار حيثيت جو مهلڪ طور تي گهٽ اندازو لڳايو هو. انهيءَ ڳالهه لاءِ مضبوط شاهديون موجود آهن ته ڀٽي کي پاڻ بلوچستان ۾ فوج جي ڪارروائين جي ڪجهه ڳالهين متعلق خدشا هئا ۽ هُو ناخوش هو. جنهن ڳالهه کي هُو ڪرفت ۾ آڻڻ ۾ ناڪام ويو اُها هي ته فوج بلوچستان کي هڪ سياسي تجربيگاهه طور استعمال ڪري رهي هُئي ۽ جلد يا دير سان اهي تجربا جيڪي فورٽ بريگ جي مستند ڪتابن جي مدد سان ڪيا ويا هُئا، پوري پاڪستان جي ماڻهن تي آزمايا وڃن ها."

پرڏيهي پاليسي: ڪجهه نئين، ڪجهه پراڻي، ڪجهه اُڌاري ورتل ۽ ڪجهه آسمان مان آيل

ٽراٽسڪي لکي ٿو ته:

"پرڏيهي پاليسي هر جاءِ تي ۽ هميشه ڏيهي پاليسيءَ جو تسلسل هوندي آهي. جاڪاڻ ته اها ساڳئي حڪمران طبقي پاران هلائي ويندي آهي ۽ سندس تاريخي مقصد پڻ ساڳيا هوندا آهن."

اِهو فيصلو ڪُن ۽ ٺوس فارمولو ڪنهن حد تائين عقيدي وانگر لڳي ٿو پر حقيقت ۾ اِهو هڪ کهري سچ جو اظهار آهي، جيڪو اڪثر ڪري ٽئين دنيا جي دارالخلافت مان ايندڙ منجهيل لفاظي جي ڌنڌ ۾ رچائجي ويندو آهي. پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي هميشه سندس ڏيهي معاشي ۽ سياسي ترجيحن سان کهري طور ڳنڍيل رهي آهي. پاڪستاني تاريخ دانن ۾ پرڏيهي پاليسي (غير واضح اخلاقي ۽ مذهبي اُصولن جي بنياد تي فرض ڪيل) کي ڏيهي پاليسي کان ڌار ڪري ڏسڻ جي لاڙي کي رد ڪرڻ لاءِ، اهو لکڻ ضروري آهي. انهيءَ لاڙي جو هڪ وڏو حمايتي يقيناً ذوالفقار علي ڀٽو پاڻ هو. ايوب آمريت جي دور ۾ پرڏيهي وزير جي حيثيت ۾ هُن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عالمي سياست ۾ پنهنجي دلچسپي کي وڌايو ۽ انهي موضوع تي گهڻا ڪارائتا مضمون لکيائين.

پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ کي متعين ڪرڻ وارو عنصر ڀارت رهيو آهي. ڀارت جي سرمائي کي ٻاهر رکڻ لاءِ اختيار ڪيل تحفظات ڀارت جي ورهاڱي ڪانپوءِ حل طلب مسئلن کي خوش اسلوبيءَ سان طئي ڪرڻ کان انڪار سان اڻ لاڳاپيل نه هئا. پاڪستان جي حڪمرانن ڀارت مخالف پاليسي اختيار ڪئي ۽ هڪ اهڙي موقعي کي هٿ ڪري ورتائون، جنهن سندن انهيءَ سلسلي ۾ مدد ڪئي. انهي ڪري جتي نهرو جي ڀارت پنهنجي ڏيهي سرمائيداراڻي نظام جي ڪنهن حد تائين خودمختيار قوت مان پورو فائدو ورتندي، پهرين چين ۽ پوءِ سوويت يونين ڏانهن جهڪاءُ رکندي اڻ وابستگيءَ جي پاليسيءَ کي اڳتي وڌايو، اُتي پاڪستاني پرڏيهي آفيس ساڳي وقت تي دولت مشترڪ کي هڪ ڏند ڪٿائي حيثيت ڏيندي آمريڪا جي هڪ وفادار ۽ چپ چاپ، هر ڳالهه مڃيندڙ جي حيثيت اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

اسان ايوب جي وقت ۾ پاڪستان جي پرڏيهي ناتن تي باب ٽئين ۾ بحث ڪيو آهي. انهيءَ ڪري هتي اسان رڳو ڀٽي جي دور ۾ آيل تبديلين جو تجزيو ڪنداسين. 1971ع کان پوءِ واري پاڪستان کي ڀارت ۽ باقي دنيا جي حوالي سان هڪ بلڪل ئي نئين صورتحال کي منهن ڏيڻو پيو هو. بنگال صوبي جي ڌار ٿيڻ سان اندر طور تي مُلڪ جو عالمي وقار گهٽيو هو. هڪ ڳالهه جيڪا ٻين سڀني ڳالهين کان وڌيڪ صاف ۽ چٽي هُئي اُها هي ته ڀارت سان ڪو به هٿياربند جهيڙو يا ٽڪراءُ پڳل ٽٽل پاڪستاني رياست لاءِ آپگهات برابر هوندو. ڀٽي جي پهرين وڏي ترجيح ڀارتين کي يقين ڏيارڻ ۽ بنگلاديش ۾ گرفتار ٿيل نوي هزار جنگي قيدين کي آزاد ڪرائڻو هو. ٻي ترجيح بنگلاديش کي هڪ آزاد ۽ خودمختيار رياست جي طور تي تسليم ڪرڻو هو. جون 1972ع ۾ ڀٽو، هڪ اهڙو شعوري شاونسٽ جنهن ڀارت سان هزار سال تائين جنگ ڪرڻ جو قسم کنيو هو، ڀارت جي وزيراعظم اندراگانڌيءَ سان ملاقات لاءِ ڀارت جي جابلو شهر شملا روانو ٿي ويو. اِها گڏجاڻي ٻنهي پاسن لاءِ ڪامياب هُئي.

ڀٽو هڪ اهڙو ناهه ڪٺي موٽيو جنهن ڪري پاڪستاني سپاهي آزاد ٿيا. مسز گانڌي کي اِهو يقين ڏياريو ويو هو ته ڪشمير جي طاقت وسيلي حصول لاءِ ڪابه ڪوشش نه ڪئي ويندي. درحقيقت شملا ڏکڻ ايشيا ۾ پاڪستان ۽ ڀارت جي نئين حيثيت کي ظاهر ٿي ڪيو. اسلام آباد اِهو مڃي ورتو هو ته نئين دهلي علائقي جو حاوي ڳاڌيءَ وارو هنڌ هو.

پراڻي رياست جي ٽٽڻ کان پهرين پاڪستان جو آمريڪي امداد تي تمام گهڻو دارومدار هو. 1972ع ۾ پاڪستان کي سٺ ارب ڊالرن جي امداد ملي جيڪا گهڻي ڀاڱي آمريڪا ۽ عالمي بينڪ وٽان حاصل ٿي هُئي. 1970-71ع جي بحران جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري پاڪستان يڪطرفي طور تي ٻاهرين قرضن جي واپسيءَ کي روڪي ڇڏيو هو. بعد ۾ بين الاقوامي مالياتي فنڊ پنهنجا قرض سخت شرطن تي ڏيڻ لاءِ راضي ٿيو ۽ انهن جو مدو پڻ وڌايو ويو. يعني حقيقت ۾ پاڪستان اوڀر بنگال ۾ ٿيل والاريل نقصان سرڪار کي مجبور ڪيو ته اُها نيون منڊيون ڳولهي. نار وارين بادشاهتن، خول مان نڪتل اُنهيءَ مذهبي رياست کي هڪ ظاهر ظهور موقعو فراهم ڪيو. اهڙي طرح 1971ع کان 1975ع جي عرصي ۾ پاڪستان جي معيشت تبديليءَ جي هڪ دؤر مان گذري. انهي تبديليءَ جي هڪ ڪارائتي تجزياتي جائزي ۾ فيروز احمد نشاندهي ڪئي آهي ته:

"پاڪستان جا، واپاري ناتن جي لحاظ کان نوَ وڏا مسلم ملڪ، ايران، عراق، ابوظهبي، دبئي، ڪويت، عُمان، سعودي عرب، لبيا ۽ انڊونيشيا، جن ڏانهن 70-1969ع ۾ ڪُل روانگي واپار جو 6.6 سيڪڙو ويندو هو، سو 74-1973ع ۾ وڌي 24.8 سيڪڙي تائين پهچي ويو. 75-1974ع جي مالي سال جي نون مهينن ۾ پاڪستان جي ڪُل روانگي واپار جو 30.8 سيڪڙو وچ اوڀر جي مُلڪن ڏانهن ويو، جيڪو گذريل سال جي ساڳئي عرصي ۾ 17.2 سيڪڙو هو." (20)

ٻاهر موڪليل شين مان هڪ پورهيو هو، (هنرمند ۽ غيرهنرمند ٻئي) ۽ ٻاهر ويل پورهيتن جون مُلڪ ڏانهن موڪليل رقمون مُلڪ جي ڪُل پرڏيهي ناڻي جي ڪمائي جو اٽڪل ويهه سيڪڙو مهيا ڪنديون هيون. اها ڳالهه به لکي وڃي ته يونائيٽيڊ بئنڪ پنهنجي پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن کي وڌائڻ لاءِ ڏهه هزار پاڪستاني رنڊين کي پڻ نار وارن ملڪن ڏانهن اُماڻيو هو. انهن علائقن ۾ سپاهين ۽ آفيسرن کي پڻ ڀاڙي جي فوجين جي طور تي ٺيڪي تي مختلف رياستن جي حوالي ڪيو ويو هو. ڪجهه حالتن ۾ اها جڻ پاڪستاني رياست کي مليل سزا هئي ته اها پنهنجو پاڻ کي تيل جي مالڪ شيخن وٽ وڪڻي ۽ جيئري رهي سگهي پئي. سکيا ورتل پيشيور ۽ هُنرمند ڪارڪن جهڙوڪ نرسن، ڊاڪٽرن، انجنيئرن، بجلي جو ڪم ڪندڙن، پلمبرن، رازن، واڍن ۽ ٻين جي زيان پاڪستان کي صفا ڪنگال ڪري ڇڏيو. سندس معيشت عرب مالياتي سرمائي جي محتاج بڻجي وئي هئي ۽ سندس جيئڻ جو دارومدار ٻين سان ڇهتيو رهڻ تي ئي هو. اهي ئي حالتون هيون، جن پئي لاءِ نئين پرڏيهي پاليسي اختيار ڪرڻ کي ضروري بڻائي ڇڏيو هو.

اسلامي ملڪن جي سربراهن جي ڪانفرنس جنهن ۾ اسلامي رياست جي سربراهه شرڪت ڪئي، 22- فيبروري 1974ع تي لاهور ۾ ٿي. اها ڪانفرنس پنهنجن ناتن کي سڌارڻ ۽ وڌائڻ جي هڪ وڏي مشق کان وڌيڪ ڪجهه به نه هئي. نئين پاڪستان جي بدلجندڙ معاشي مقادن جي حدن جي نشاندهي ڪرڻ سان گڏوگڏ انهي سڄي شو کي منظم ڪرڻ جو جزوي مقصد باقي ڏکڻ ايشيا کي اهو به ڏيکارڻ هو ته هڪ گهڻ اهم پاڪستان به اسلامي دنيا سان لاڳاپن جي بنياد تي پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهميت کي برقرار رکي سگهي ٿو. انهي موقعي جي هڪ نُوس فائدو اِهو ٿيو ته پنهنجي ماڻهن جي جوش خروش کي استعمال ڪندي ڪانئن بنگلاديش تسليم ڪرائڻ وارو فيصلو مڃائي ورتو. اسلام ڏانهن وڃڻ جي ڏيهي اثرن کي پنهنجو صاف طور ته ڏسي رهيو هو. هُن اِها اُميد قائم ڪئي هُئي ته مذهبي طور تي خوشنودي حاصل ڪرڻ کان پوءِ هو پاڪستان جي ساڄي ڌر جي مذهب مخالف جماعتن کي مات ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو پر ڳالهه بلڪل ٿي اِنهيءَ جي اُبتڙ ٿي. اسلامي بنيادپرستن کي خوشي ٿي ته پنهنجي سنڌن ٿي ميدان تي نظرياتي جنگ وڙهڻ جو فيصلو ڪيو. اُنهن هاڻي نامناسب ۾ نامناسب گهرون پيش ڪرڻ شروع ڪيون. وڌيڪ اِهو ته ڪانفرنس کان ٿي مهينا پوءِ نئين دهلي غيرمتوقع طور تي ايٽمي ڌماڪو ڪري اسلام آباد کي صفا واتڙو ڪري ڇڏيو.

اسلامي ڪانفرنس سان پاڪستان جي پرڏيهي ترجيحن ۾ تبديلي جو اظهار ته ٿئي ٿو پر، اِنهيءَ سان اِهو فرض ڪرڻ غلط ٿيندو ته ان جو مطلب سندس پنهنجي ماضيءَ سان ڪو بنيادي ٽوڙ پيدا ٿيڻو هو. آمريڪا هڪ وڏي عُنصر جي حيثيت ۾ پاڪستان جي سياست ۾ موجود رهيو. حقيقت ته هُن هاڻي پنهنجن علائقائي ساٿين سعودي عرب ۽ ايران جي وسيلي ڪم ڪيو اهو اِنهيءَ ڳالهه ڏانهن اشارو هو ته رڳو پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ جي صُورت ۾ تبديلي آئي هُئي، جيستائين چين جو واسطو هو ته نه بيجنگ ۾ نه ئي اسلام آباد جي پاليسي ۾ ڪا تبديلي آئي هُئي. درحقيقت چين ۽ آمريڪا جي ويجهي اچڻ جو مطلب اِهو هو ته بظاهر پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ جي، جيڪي تضاد هُئا اُهي هاڻي حل ٿي ويا هئا. چين سنُ جي ڍاڪي جي آخر کان وٺي پاڪستان جي هر حڪومت سان وفادار رهيو هو. اُن 1968-69ع جي عوامي اُڀار خلاف ايوب جي پٺڀرائي ڪئي.(21) ايوب جي جانشين يحيٰ خان کي اخلاقي ۽ مالي مدد مهيا ڪئي ۽ بنگالي ماڻهن جي قومي خودمختياري لاءِ ڪيل جدوجهد جي مخالفت ڪئي. يحيٰ خان کي جڏهن زوري استعفيٰ ڏيڻي پئي ته بيجنگ پنهنجي حمايت سندس جانشين ڏانهن منتقل ڪري ڇڏي.

ڀٽي چو-اين لائي ۽ ٻين چيني اڳواڻن سان پنهنجي نجي ملاقات کي بنا ڪنهن هٻڪ جي پنهنجي پارٽي جي کاٻي ڌر وارن مخالفن کي دٻائڻ لاءِ استعمال ڪيو. هُن پارٽي جي هڪ اندروني ڪَٺجاڻي جي موقعي تي چيو ته چو- اين لائي کيس چيو هو ته:

"تڪڙ نه ڪريو. جيڪڏهن ته پاڪستان ۾ سوشلزم آڻڻ لاءِ اڃان توهان کي ڪجهه صديون کپن."

پاڪستان جي کاٻي ڌر تي چين جو اثر سوويت يونين جي اثر کان به وڌيڪ تابر ڪُن رهيو آهي. خطرناڪ ترين اسٽالن فارمولن مان گهڻن کي چيني اڳواڻن منظور ڪري اُنهن کي هڪ نئين زندگي ڏيئي ڇڏي هئي. انهن مان سوشلزم کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏان هڪ نئين جمهوري انقلاب جو تصور: شهري ۽ ڳوٺاڻي پرولتاريہ جي
امتياز کي نهايت گهٽ ڪرڻ؛ هڪ موقعي تي پيٽي بورجوازي جي مهجورياڻ
تي پارٽيءَ ۽ هني تي رجعت پسند سياسي قوتن سان گڏ اتحاد ڪرڻ (22)، چيني
پرڏيهي پاليسي جي انتها درجي جي ڦيرڻ ڪهيرين پاڪستان جي ڪاهي
همتي ۽ راه تان ٿڙي وڃڻ کي اڃان وڌائي ڇڏيو. چين جا ويٽنامين جي
آمريڪا سان ناهه، پاڪستان ۾ رجعت پسنديءَ جي حمايت، چليءَ جي
سرڪار ۽ انگولا ۾ ڏکڻ آفريقا جي حمايت سان وڙهندڙ قوتن سان دوستي،
ڪٽجي اُنهي جوش خروش ۽ ويساهه کي گهٽايو، جيڪو چيني انقلاب جي اثر
ڪري پيدا ٿيو هو.

اسلام آباد جي ايران ۽ سعودي عرب جي تيل وارين شاهوڪار بادشاهتن تي
وڌندڙ دارومدار جي ڪري پاڪستاني سياست ۾ رياض ۽ تهران جي سياسي
مداخلت شديد ٿيڻ لڳي. اسان اڳيئي ڏٺو آهي تہ ڪيئن نہ شاهه ايران پنهنجي
بلوچستان ۾ چونڊيل سرڪار کي ختم ڪرڻ ڏانهن ڌڪڻ ۾ فيصلي ڪن ڪردار
ادا ڪيو هو. هُن پاڪستان ۽ افغانستان ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ پڻ ٽياڪڙ جو
ڪردار ادا ڪيو هو. پاڪستان افغان جهيڙي جا سبب برطانوي نوآبادياتي طاقت
پاران علائقي تي مڙهيل سرحدون آهن. ڪابل افغانستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾
سرحد ڊيورنڊ لائين کي حتمي مڃڻ کان انڪاري آهي. اهو ضرور لڳڻ گهرجي تہ
افغانستان جو نڪتہ نظر بنا تعلق جي ڪونهي. هڪ فوجي- علائقائي فيصلي جي
نتيجي ۾ قائم ٿيل ڊيورنڊ لائين قوميت تي ٻڌل ناهي. نتيجي ۾ سرحدن ڏانهن ڪابل
جي پنهنجي نہ هٽڻ ڪري دشمني وارو رويو قائم ٿي ويو هو. هُن لاڳيتو پٺاڻ عوام
جي قوم پرستاڻي جذبن جي همت افزائي ڪئي ۽ پاڪستان جي اتر اولهہ سرحدي
صوبي کي 'پختونستان' ڪري ڪوٺيندو رهيو هو. 1974ع جي مذهبي بنيادن تي
ٿيل ورهاست جي غيرعقليت جو هڪ ٻيو اظهار انهن ٻنهي ملڪن ۾ پيدا ٿيل
ڇڪتاڻ هُئي. اسلام، يقيناً انهيءَ قابل نہ هو تہ اُهو انهن ٻنهي رياستن جي
سفارتي، فوجي، قومي ۽ طبقاتي وڇوٽين کي اورانگهي اُنهن کان مٿاهون ٿي سگهي
ها. ڀٽي ۽ افغان صدر دائود جي دورن جي مٿاسٽا شام جي ٽياڪڙي جو ٿي
ظاهر ظهور نتيجو نظر اچي ٿي.

سعودي عرب جا شهزادا پاڪستان ۾ رڳو انهيءَ ڪري دلچسپي پيا رکن تہ
هتان جي وڏن شهرن ۾ اُهي 'خوشيون' موجود هيون، جيڪي سندن بادشاهت ۾
منع ٿيل هيون. اُنهن، مثال طور، پاڪستان کي سعودي شاگردن جي ڊاڪٽري ۽
انجنيئرنگ جي تعليم ۽ تربيت لاءِ پڻ استعمال ڪيو. پر سندن وڏي مداخلت نظرياتي
سطح تي هُئي. سعودي شاهي خاندان جو واسطو اسلام جي صاف ترين فرقي سان
آهي ۽ اُهي ٻين هنڌن تي ساڳين گروهن جي پٺڀرائي ڪن ٿا. پاڪستان ۾ فاشسٽ
طور طريقا اختيار ڪندڙ رجعت پسند جماعت اسلامي ٿي هُئي، جنهن کي سعودي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سرپرستيءَ جو وڏو حصو ملندو هو. جماعت جو مولانا مودودي جيڪو هڪ پُراڻو مذهبي اڳواڻ پڻ هو، رياض ۾ هڪ باعزت مهمان هوندو هو. سندس خيالن کي سعودي بادشاهه صبر ۽ عقيدت سان ٻڌندو هو. جيئن پاڪستاني رياست جو سعودي عرب سان واپار وڌيو تيئن رياستي ادارن (۽ خاص طور تي فوج) ۾ ساڳي طرح جماعت جي اثر ۾ به واڌارو ٿيو. ڀٽي سعودين کي ماڻ ڪرائڻ لاءِ جن اڏورن اسلامي قدمن کڻڻ جي ڪوشش ڪئي اُنهن امڙي عمل جي رفتار ۾ تيزي آندي جنهن سندس زوال کي سولو بڻائي ڇڏيو. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته ڀانت ڀانت جي مخالفت، جنهن پاڪستان قومي اتحاد جي صُورت ۾ گڏجي 1977ع جي چونڊن ۾ ڀٽي کي چئلينج ڪيو هو، مالي مدد ڏين ۾ سعودي پيسي جو وڏو ڪردار هو.

ڀٽي هڪ وقت تي سعودي عرب جي دٻاءَ گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ قذافي سان ويجها ناتا رکيا. پاڪستان ۾ نيوڪليائي ري پروسيسنگ پلانٽ هڻڻ ۾ لبيا جي مدد جو هڪ اهم ڪردار هو. مقصد واضح هو. پاڪستان آزادانه طور تي نيوڪليائي بچاءَ وارو نظام قائم ڪري رهيو هو. جڏهن فرانسيسي حڪومت جي پاڪستان جي مدد ڪرڻ واري ڳاله تي ڪارڙجي آمريڪا فرانس تي ايترو دٻاءَ وڌو جو هن يڪطرفي طور تي ڳاله کي ختم ڪري ڇڏيو. تڏهن خفا ٿيل ڀٽي زوردار نموني احتجاج ڪيو ته اِها هڪ مسلم ملڪ کي 'اسلامي بم' ڳاهڻ کان روڪڻ جي ظاهر ظهور ڪوشش هُئي. آگسٽ 1976ع ۾ پنهنجي لاهور جي دوري ۾ آمريڪي پرڏيهي وزير هينري ڪسنجر ڀٽي کي اِنهيءَ شرط تي مادي ۽ سياسي مدد جي آڇ ڪئي ته پاڪستان نيوڪليائي هٿيار حاصل ڪرڻ وارن پنهنجي منصوبن کي ڇڏي ڏيندو. ڀٽي پوءِ اِنهي طريقي کي هيئن بيان ڪيو: اِهو ڪجهه هو. اُن وقت نهايت بي شرمائيءَ سان لٽ ڏيکاري ويئي جڏهن وزيراعظم جي پاڪستان لاءِ اهميت رکندڙ پاليسين تي حڪم مڃڻ کان انڪار تي ڪسنجر چيو:

"اسان تنهنجي حڪومت کي غيرمستحڪم ڪنداسين ۽ توکي هڪ عبرتناڪ مثال بڻائي ڇڏينداسين." (23)

آمريڪا جي خاص طور استعمال ڪيل تيز ۽ تکي لهجي، اِنهي ڳالهه کي ظاهر ڪيو ٿي ته واشنگٽن ۽ اسلام آباد ۾ آقا ۽ ٻانهي وارو تعلق ملندو پئي آيو. پنجاهه جي ڏهاڪي ۾ اِهو وڌيڪ صاف ۽ کليل نموني هو پر ويهه سال گذرڻ کانپوءِ به اِهو اڃان جيئن جو تيئن هو.

صُورتحال جو الميو اِهو هو ته 'اسلامي بم' متعلق ڀٽي جي وڏين وڏين ڳالهين جو مقصد گهٽي پاڪي ملڪ ۽ پرڏيهه ۾ عام راءِ کي متاثر ڪرڻ هو. نيوڪليائي رٿا تي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿيڻ جو اصل سبب پاڪستان جي فوجي اداري پاران وڌل دٻاءُ هو. جنرلن کي ڀارت جي مقابلي ۾ پنهنجي عزت کي ڪنهن حد تائين برقرار رکڻ لاءِ هر قيمت تي بم گهربل هو. ڀٽو اِهو سوچي راضي ٿي ويو ته اِنهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان فوج جي اعليٰ آفيسرن کي قابو رکڻ ۾ مدد ملندي، هو اُنهي اُکهاڙپ جو تعمير ڪرڻ ۾ ناڪام ويو جيڪا پاڪستان جهڙي غربت جي ستايل مُلڪ ۾ موجود هُئي، جيڪو پنهنجن بيش قيمت وسيلن ۽ مهارتن کي نيوڪليائي بم تيار ڪرڻ لاءِ وقف ڪري رهيو هو. ڀٽي وڏي واڪ اهو چئي ڇڏيو هو ته:

"جيڪڏهن ضروري ٿيو ته اسين بم تيار ڪرڻ لاءِ گاهه به کائينداسين."

پر اها ڳالهه هميشه کان ظاهر ظهور هُئي ته پاڪستان جي حاڪم اشرافيه ڪڏهن به گاهه نه کائيندي. اهي عام ماڻهو ئي هوندا جيڪي شان ۽ شوڪت وارن فوجي خرچن لاءِ پئسا مهيا ڪندا. پورهيت عوام جون گهرون گهٽ ڪري خوراڪ، لٽي، اجهي، تعليم، طبي سارسنڀال ۽ روزگار لاءِ هيون. فوج جا اِهي حقيقت کان پري شاندار نيوڪليائي تصور انهن سماجي مقصدن کان گهڻو پري جي ڳالهه هُئا.

ڀٽي جو الميو انهيءَ حقيقت ۾ لڪل هوندو هو. اهو سمجهڻ ۾ ناڪام ويو هو ته فوج کيس رڳو انهي ڪري برداشت ڪري رهي هُئي جو مُلڪ ۾ هو ئي هڪ اهڙو سياستدان هو جنهن کي عوامي حمايت حاصل هُئي. هڪ ڀيرو جيڪڏهن اها حمايت گهٽجڻ شروع ٿي ته پوءِ سندس حيثيت گهٽجي ڪمزور ٿي ويندي. ڀٽي اهو تصور ڪيو هو ته شاهه ايران، سعودي شاهي خاندان ۽ نار جي تيل وارين بادشاهتن جي حاڪمن سان سندس قائم ڪيل ناتا کيس آمريڪا جي سازش کان محفوظ رکندا ۽ فوج اندر بنياد پرستن جي منصوبن کي بي اثر ڪري ڇڏيندا. درحقيقت ڀٽو پرڏيهي معاملن کي 'مهارت' سان هلائڻ ڪري ايترو مطمئن ۽ پراعتماد ٿي ويو هو جو هُن انهن معروضي عملن کي نظرانداز ڪري ڇڏيو هو جيڪي مُلڪ اندر ساڄي ڌر جي مخالفت کي وڌائڻ جو سبب بڻجي رهيا هُئا.

آخري مرحلو: ڀٽي جو زوال

جنوري 1977ع ۾ ڀٽي صدر کي قومي اسيمبليءَ کي ٽوڙڻ لاءِ چيو. 1970ع کان پوءِ مُلڪ جون پهريون عام چونڊون مارچ ۾ رٿيون ويون هُيون. انهي لاءِ تيارين جي شروعات جنوري 1976ع ۾ ئي ڪئي ويئي هُئي، جڏهن تابعدار نشر و اشاعت جي ذريعن تان بنا ڪنهن ساهي جي روزانو هزارين ماڻهن جي پي پي پي ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو ويندو هو. ڀٽي اهو سمجهندي ته کيس مختلف نموني جي تنظيم جي ضرورت آهي؛ پاڪستاني سياست جي آزمايل روايتن کي اپنايو جن کان 1970ع ۾ پي پي پي پري رهي هُئي. پي پي پي جي اڳواڻ پنجابي ڳوٺاڻي اشرافيه جي مک نمائندن جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي سرپرستي وارن وسيع اختيارن کي استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. پُراڻن خاندانن، سرڪار سان ناهه ڪري ورتو هو ۽ اهي پي پي پي سان گڏ هُئڻ ۾ گهڻي خوشي محسوس ڪن پيا.

مخالف جماعتون 'پاڪستان قومي اتحاد' جي جهنڊي هيٺان گڏ ٿيون هُيون. اِهو ساڄي ڌر جي مذهبي جماعتن اصغر خان جي تحريڪ استقلال ۽ غيرمذهبي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جمهوري قومي پارٽي (بندش کانپوءِ نعپ جو اختيار ڪيل نالو) جو هڪ مختلف
اتحاد هو. پي- اين- اي کي جنتا پارٽي سان، جيڪا ڀارت ۾ اندرا گانڌي کي
اقتدار جي ڪوشش ڪري رهي هئي، واضح مشابهت هئي، ٻنهي ڀانت ڀانت جي
خيالن وارين جماعتن تي ٻڌل هئا جن کي جنهن وڏي مقصد متحد ڪيو هو اُهو هو
سندن پنهنجي ملڪن جي وزيراعظمن کي هٽائڻ. انهي ڪري اِها واضح ڳالهه هئي
ته مارچ 1977ع جون چونڊون سياسي منشورن جي بنيادن تي نه ووٽرن وڌيون پر
اهي حقيقت ۾ ذوالفقار ڀٽي جي شخصيت، سياسي انداز ۽ سندس خامين ۽ خوبين
تي هڪ ريفرينڊم جي طور تي ڏٺيون وينديون. پي- اين- اي پنهنجو پاڻ کي ڪنهن
ڪُليل منشور ڏيڻ جو اهل ثابت نه ڪري سگهي پر ڪين ڀٽو مخالف نعرن جوڙڻ ۽
حڪومت خلاف شهري عوام جي هڪ اهم حصي کي متحرڪ ڪرڻ ۾ مهارت
حاصل هئي. سياسي ڏاڍ، قيمتن ۾ واڌ ۽ بدعنواني جي وڌندڙ قيمتن (لازمي رشوت
جي مرجوده شرح) وسيع پئماني تي بي چيني کي جنم ڏنو هو.

سرڪار جي نقاد حمايتين پاران هڪ اُميد جو اظهار ڪيو ويو هو:

"اسان اُميد رکون ٿا ته ايندڙ چونڊون اڳ ٿيل گهٽين چونڊن جي اُبتڙ مڪمل طور تي آزاد ۽ غيرجانبدار هونديون ۽ اِهي رڳو سياسي سطح تي ئي ووٽبيون وينديون. پهرين ڳالهه لاءِ حڪمران جماعت تي وڏي ذميواري عائد ٿئي ٿي. ڪيس لازماً روايت کان پاسو ڪرڻ گهرجي ۽ ووٽرن تي دٻاءُ وجهڻ وارن ڪامورڪن يا ٻين ڏٻائڻ کي استعمال ڪرڻ واري ترغيب جي مزاحمت ڪرڻ گهرجي. اِنهي سان گڏوگڏ جيئن اڳيئي سنڌ ۾ ڪيو ويو آهي، عوامي جلسن تان پابنديون هٽائڻ ۽ مخالف جماعتن کي بنا مداخلت جي سندن مهمن هلائڻ جي اجازت ڏيڻ پڻ ضروري آهي." (24)

پر روايت کان پاسو ڪرڻ ڏکيو ثابت ٿيو. پارٽي ۽ رياست جي عهديدارن، جن
کي ڏاڍ جي طاقتور ادارن جي مدد حاصل هئي، اِنهيءَ ڳالهه کي يقيني بڻايو ته ڪي
به 'غلطيون' نه ٿيڻ گهرجن. نشر و اشاعت جا ادارا پي پي پي جي پروپيگنڊا جي
بلغار کي وڌائيندا رهيا ۽ ڀٽو پاڻ هڪ دوري تي نڪتو ۽ ملڪ جي هر وڏي شهر
۾ ويو. ڪجهه علائقن ۾ استقبال گرم جوشي وارو هو پر 1970ع ۽ 1977ع جي
مهمن جي وچ ۾ فرق صاف طور تي ڏسڻ ۾ پئي آيو. 1970ع ۾ ڀٽي وڏين سماجي
تبديلين جو واعدو ڪيو هو ۽ ماڻهن يقين ڪيو ويو هو. ستن سال پوءِ هن ساڳين
تبديلين جو واعدو ڪيو پر هن دفعي پنجاب ۽ سنڌ جا گهڻا زميندار ساڻس گڏ هئا.
قومي اتحاد جا اڳواڻ سياسي لحاظ کان ڪنگال ٿي سگهيا ٿي پر ووٽن پئسن جي
کوٽ نه هئي. اُنهن هڪ اثرائتي مهم هلائي، وفا نه ٿيل واعدن، وڏي پئماني تي
گرفتارين، بلوچستان ۾ جهيڙن، بدعنواني ۽ فيڊرل سيڪيورٽي فورس ۽ انٽيليجنس
ادارن جي بيجا استعمال جي نشاندهي ڪئي. سندن پيغام نهايت سادو هو: "ڀٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مانيءَ آزادي ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو پر هُن ڪجھ بہ ناهي ڏنو.

اهو رڳو قومي اتحاد نہ هو، جنهن پي پي پي جي ڇهڪ جي چوڻ مطابق ڪئي هئي. ڪاهي ٽر جي آزاد اُميدوارن جي ڪوشش ڪي پڻ بي رحميءَ سان بگاڙيو ۽ خراب ڪيو ويو. فيروزاحمد (ڏسو ضميمو ٽيون) هڪ قابل هاري اڳواڻ اسماعيل سومي جي معاملي کي بيان ڪيو آهي، جنهن کي سنڌ جي هڪ وڏي حلقي مان کٽڻ نہ ڏنو ويو. هُن 1970ع ۾ پيپلز جي حمايت ڪئي هئي پر پي پي سرڪار جي پوءِ جي ڪارڪردگيءَ کان مايوس ٿي ويو هو. (25) بهرحال جيڪي ڪجھ بہ ٿيو، 7- مارچ 1977ع تي پولنگ مڪمل ٿيڻ کان پوءِ اهو اعلان ڪيو ويو تہ پي پي پي قومي اسيمبليءَ جي ٻن سؤ سيٽن مان هڪ سؤ چوونجاهہ سيٽون حاصل ڪري ورتيون هيون. جلدئي اهو واضح ٿي ويو تہ وڏي پيماني تي ڌانڌلي ٿي هئي، قومي اتحاد جي اڳواڻن نتيجن کي مذاق چئي اُنهن جي ننديا ڪئي ۽ اهو چيو تہ هو ڏهين مارچ تي ٿيندڙ صُوبائي اسيمبليءَ جي چونڊن جو بائيڪاٽ ڪندا. پيپلز نفرت انگيز طور تي مخالف ڌر جي دعوائن کي رد ڪري ڇڏيو پر صُوبائي چونڊن جو بائيڪاٽ گهڻي ڀاڱي ڪامياب ويو ۽ گڏوگڏ گهڻن شهرن ۾ سڙڪن تي وڏا مظاهرا ۽ جزوي هڙتالون پڻ ٿيون. اليڪشن ڪميشن، هڪ اهڙو ادارو جيڪو چونڊن جي عمل جي نيڪ ويڪ لاءِ قائم ڪيو ويو هو. چونڊن جي هڪ مهيني کانپوءِ اهو اعلان ڪيو تہ ادارو پي پي پي جي ڪابينا جي هڪ سينيئر وزير حفيظ الله چيمہ خلاف چونڊن ۾ غلط طريقن استعمال ڪرڻ متعلق ڪيس تيار ڪري رهيو هو.

قومي اتحاد جي تحريڪ کي پاڙيسري مُلڪ ڀارت ۾ اندرا گانڌي ۽ ڪانگريس پارٽي جي چونڊن ۾ چرڪائيندڙ شڪست جي ڪري هڪ غيرمتوقع محرڪ مليو. ووٽرن جي فيصلي کي قبولي مسز اندرا گانڌي جو باوقار نموني اقتدار کان ڌار ٿي وڃڻ پيپلز جي پاڪستان ۾ جيڪي ڪجھ ٿيو هو، اُن کي مڃڻ کان انڪار جي بلڪل ئي اُبتڙ هو. اهڙا تمام گهڻا سياستدان يا ماهر مبصر هُئا جن جو خيال هو تہ پيپلز کي آزاد ۽ غيرجانبدار چونڊن ۾ وڏي شڪست ملندي. پيپلز جي سخت مخالفن جو بہ اهو خيال هو تہ ٻنهي ڌرين کي ملندڙ سيٽن ۾ ڪو گهڻو فرق نہ هوندو پر چونڊن جي عمل کي رٿابنديءَ سان ڦُلائڻ جي ڪري اهڙا نتيجا سامهون آيا هُئا جيڪي آبادي جي فيصلي ڪُن پرتن لاءِ قبولڻ جوڳا نہ هُئا. جيئن سڙڪن تي جلسن جلوسن ۾ واڌارو ٿيو تيئن پيپلز رعايتون ڏيڻ شروع ڪيون پر هُن تمام ٿوري ۽ اهو بہ گهڻو دير سان آڇيو هو. جيڪڏهن هُو ابتدائي نتيجن کي رد ڪري ۽ نين چونڊن جي منظوري ڏئي ها تہ پوءِ شايد هُو انهي الٽي کي ٽاري سگهي ها جيڪو پاڪستان کي ڏسڻو پيو. انهي جي بجاءِ هُن 21 اپريل تي ٽن اهم شهرن لاهور، ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مارشل لاءِ لاڳو ڪرڻ جي اجازت ڏيڻي ڇڏي.

هڪ ڀيرو جڏهن ٽن وڏن شهري مرڪزن کي فوج جي حوالي ڪيو ويو تہ پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جرنيلن پاران مڪمل اختيار سنڀالڻ جي تياري ڪرڻ ڪا حيرت جهڙي ڳالهه نه هئي. ڀٽي کي ڄاڻ هئي ته ڪيس پاسيرو ڪيو ويو هو. 28 اپريل 1977ع تي قومي اسيمبلي ۾ هڪ جذباتي تقرير ۾ هُن چيو ته ڪيس اقتدار تان لاهڻ لاءِ عالمي سازش تيار ڪئي وئي هئي. سندس مطلب هو ته سي- آئي- اي پاران اها سڄي رٿابندي ڪئي وئي هئي. ڀٽي ماڻ ۾ ورتل چنبر کي ٻڌايو ته "خطرناڪ شڪاري ڪتا منهنجي رت جي پويان آهن." پر جون 1977ع کان پهرين مخالف جماعتن سان ٺاهه نه ٿي سگهيو. ٺاهه جي اعلان ۽ چونڊن جي تاريخ طئي ٿيڻ کان پهرين ئي فوج آپريشن فيئرپلي' تي عملدرآمد شروع ڪري ڇڏيو ۽ ان 5 جولاءِ 1977ع تي ملڪ کي پنهنجي قبضي ۾ وٺي ڇڏيو. جنرل ضياءُ الحق پاڻ کي چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ۽ ٽن مهينن ۾ چونڊن ڪرائڻ جو واعدو ڪيائين. ڀٽو پهرين اسلام آباد کان پنجويهه ميل پريِ مري جي هڪ گهر ۾ نظربند ڪيو ويو پر جلدئي ڪيس آزاد ڪيو ويو. پر جڏهن هُن ورني ملڪ جو دورو ڪرڻ شروع ڪيو ته ڳاجاٽن جي تعداد مان فوج کي اهو اشارو مليو ته هُو صفا ايترو نامقبول ناهي ٿيو جيترو اُنهن سمجهيو هو. اِنهي ڪري ڪيس جلدئي وري گرفتا ڪيو ويو ۽ مٿس هڪ سياسي مخالف کي قتل ڪرائڻ جو ڏوهه مڙهيو ويو. پاڪستاني سياست ۾ عوامي سياست جي لهر اچي پنهنجي انت کي پهتي هُئي.

اِها ڳالهه ڏاڍي پرڪشش آهي ته اُنهن چالن جي چونڊ متعلق خيال آرائي ڪجي، جيڪي 1977ع ۾ ڀٽو جي اڏو هُيون پر اِنهيءَ جو مطلب اصل مسئلن کي مُنهن ڏيڻ کان لنوائڻ ٿيندو. اسان اِنهيءَ تي بحث ڪيو آهي ته پي پي پي جي 1970ع ۾ چونڊيل سرڪار وٽ تمام گهڻا موقعا هُئا جيڪي هُن ضايع ڪري ڇڏيا هُئا. پي پي پي جي سيني خرابين لاءِ ڀٽي کي ذميوار قرار ڏيڻ بيوقوفي ٿيندي (جيتوڻيڪ اسان اڳيئي اِها نشاندهي ڪئي آهي ته ڪيس صفا بيڏوهي به قرار نه ٿو ڏئي سگهجي). ڀٽي هڪ عوامي رياست قائم ڪرڻ ۽ متضاد سماجي طبقن ۾ پنهنجي شخصيت وسيلي مصالحت ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. عوامي سرڪار ته مُک عنصر 'گهوڙي تي ويٺل ماڻهو' هوندو آهي، جيڪو هڪ ئي وقت ۾ استحصال ڪندڙ ۽ پيڙهيل ٻنهي طبقن جي اُميدن جي عڪاسي ڪندو آهي، پر آخرڪار پوئين طبقي جي قائم ڪيل غلط اُميدن کي هُو تباهه ڪري ڇڏيندو آهي ۽ پوءِ پهريون طبقو ڪيس لاهي ڦٽو ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن شيءِ کي 'ڏوهه' ڏيڻو آهي ته پوءِ اهو تاريخي عمل آهي. عواميت، يقيناً مارڪس جي بوناپارٽ ازم واري نظريي جي هڪ ونيڪ نئين شڪل آهي جيڪو سماجي ۽ طبقاتي قوتن جو هڪ عارضي توازن قائم رکي ٿو. بوناپارٽ ازم جو قطعي ڪردار ۽ صورت هر رياست ۾ مختلف هوندي آهي. ميڪسيڪو ۾ پنهنجي جلاوطني جي عرصي ۾ ٽراٽسڪي کي ڪاربيناس جي سرڪار جو ويجهڙائي سان مطالعي ڪرڻ جو موقعو مليو. ڪاربيناس پيشروئن مان هو (۽ اِنهيءَ ڪري ايندڙ ڏهاڪن ۾ نوآبادياتي دنيا ۾ پاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کان پوءِ ايندڙن ڪان وڌيڪ انقلابي هو). ٽراٽسڪي چئي ٿو ته:

"صنعتي طور تي پٺتي پيل ملڪن ۾ پرڏيهي سرمايو هڪ فيصلي ڪُن ڪردار ادا ڪندو آهي. اِنهي ڪري قومي بورجوازي قومي پرولتاريہ جي ڀيٽ ۾ نسبتاً ڪمزور هوندو آهي. اِها صُورتحال رياستي اقتدار جي خاص حالتن کي جنم ڏئي ٿي. سرڪار پرڏيهي ۽ ڏيهي سرمائي جي وچ ۾ قومي بورجوازي ۽ نسبتاً طاقتور پرولتاري جي وچ ۾ هڪ پاسي کان ٻئي پاسي ڏانهن ٻئي ڦيراگهيرا ڏيندي آهي. انهيءَ سان سرڪار هڪ خاص قسم جي بوناپارٽسٽ ڪردار جي حامل ٿي پوندي آهي. اِئين ڪئي چئجي ته اُها پنهنجو پاڻ کي طبقن کان مٿاهون ڪري ڇڏيندي آهي."(26)

اڄ جي ٽين دنيا ۾ بوناپارٽازم جي گهڻي عام صُورت فوجي آمريت آهي. پنٽي بوناپاٽ ازم جي اِنهيءَ صورت کان بچڻ جي ڪوشش ڪئي پر هُو ڪنهن ۾ سماجي طبقي ۾ ڪو مضبوط بنياد قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ويو. اِنهيءَ جي بجاءِ هُن عواميت جي پاڪستاني صُورت کي هڪ خاص موڙ ڏنو. هُن سندس اداري واري سياسي حمايت واري کهٽتائيءَ کي رياست کان ڌار تشدد ڪرڻ جي نهايت طاقتور ادارن جي قائم ڪرڻ سان پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اُنهن جي اڳواڻي لاءِ هُن اهڙن ماڻهن کي مقرر ڪيو، جن کي هُو پنهنجو شخصي وفادار ڪري سمجهندو هو. انهن مان گهڻن اڳتي هلي فوجي حاڪمن کي سندس خلاف شاهديون فراهم ڪيون. پوليس ۽ فوج ۾ ٻئي جا پروسي جرڳا ايجنٽ هاڻي ساڳئي جذبي سان سندس پوئلڳن جي خدمت ڪري رهيا هئا. اِهو ڪو حادثو ڪونهي ته پاڪستان جي حاڪم طبقي کي 1971ع جي ٽوڙ ڪانپوءِ جڏهن هر اداري جي ختم ٿيڻ جو انديشو هو، هڪ عوامي اڳواڻ کي استعمال ڪرڻو هو. پر جڏهن ٻئي رياست کي وري پنهنجن پيرن تي بيهاري ڇڏيو ته پوءِ سندس وڌيڪ ضرورت نہ رهي ۽ فوج پهرين مليل موقعي تي ڪيس ختم ڪري ڇڏيو. پاڪستان جو الميو اِهو آهي ته پي پي پي ۾ ٻئي جي پوئلڳن اڃان تائين سندس زوال جي اصل سببن جي تجزئي ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي. اِنهيءَ ڳالهه ۾ ڪوبہ وڏاءُ ڪونهي، جيڪڏهن سبق نہ سکيا ويا ته پوءِ مستقبل ۾ اڃان وڌيڪ شديد غلطيون ڪيون وينديون. جيئن جُهوني فلاسافر اسپنوزا هڪ جاءِ تي لکيو آهي ته 'اما نہ کلڻ ۽ نہ روئڻ پر سمجهڻ جي ڳالهه آهي.'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وضاحتون

1- فضل مقيم خان- 'پاڪستاني فوج جي ڪهاڻي' ڪراچي، 1963ع.
2- ڊسو الين ليينٽز- 'عالمي فورڊ ازم ڊائهن؟' نيوليفٽ ريويو، نمبر123، لنڊن 1982ع.
3- شاهد جاويد برڪي- 'پاڪستان ڀٽي جي حڪمراني ۾' 77-1971ع لنڊن 1980ع صفحا 62-159.
4- آئي- اي رحمان، 'نوان زرعي سڌارا: هڪ انقلابي قدم' ۽ ابرم مسعود 'ڀٽي جا زرعي سڌارا' ويو پوائنٽ، لاهور 14- جنوري 1977ع.
5- ڊاڪٽر رشيد امجد، 'پاڪستان جو معاشي تجربو: ائينڊي لاءِ سبق' ويو پوائنٽ، لاهور 17- آگسٽ 1980ع.
6- پيرون ارجنٽينائي ٽريڊ يونين کي ڦاهيو ۽ پورهيت طبقي ۾ هڪ مضبوط بنياد قائم ڪيائين جيڪا اڃان تائين موجود آهي. سوئيڪارنو پنهنجو پاڻ کي انڊونيشي ڪميونسٽ پارٽي (پي- ڪي- آئي) سان ڳنڍي ڇڏيو هو، جيڪا 1965ع جي بغاوت تائين غيرڪميونسٽ دنيا جي وڏي ۾ وڏي پارٽي هئي.
7- اهو بچاءِ ادارتي تبديلين آڻ جي پي پي جي جاتل سچاتل حمايتن کي وسائل ذريعي ڪيو ويو هو.
8- سي- ايل سلز برگر- 'اڻگهڙيل حقيقت ۾ يقين' نيويارڪ ٽائمز، 22- اپريل 1973ع.
9- سليگ- ايس هيريسن، 'افغانستان جي پاڇي ۾ بلوچ قوم پرستي ۽ سوويت ترغيبات' نيويارڪ ۽ واشنگٽن، 1981ع. هيريسن جي ڪتاب بلوچستان جي سياسي تاريخ جو پهريون سنجيده ڇنڊڇاڻ جائزو آهي. پنهنجين بنيادي ڳالهين ۾ صحيح هئڻ ڪري اهو اها ڳالهه لهڻي ٿو ته اُن کي علائقي جي سيني شاگردن پاران پڙهيو وڃي.
10- ولي خان جو انٽرويو، آئوٽ لُڪ، ڪراچي، 6- فيبروري 1974ع.
11- هيريسن تان ورتل (حوالو نمبر9)
12- ليڪ کي ڏنل انٽرويو لنڊن 1981ع.
13- هيريسن (حوالو نمبر9)
14- جونڪاري جي واٽ تي ڪنيل پهريون قدم: مرد ڊاڪٽرن کي عورت مريضن جي علاج ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ هو. هڪ ڀيرو جڏهن اولين رُڪاوٽون ٽوڙيون ويون ته عورتن طبي امداد جي سندن هڪ بنيادي حق جي طور تي گهُر ڪرڻ شروع ڪئي ۽ آهستي آهستي مردن اِنهي کي قبول ڪرڻ شروع ڪيو. بي- پي- ايل ايف جي هڪ اڳواڻ عثمان چيو ته "جنهن وقت اسان عورتن جي تنظيم ناهڻ جهڙا ٿياسين، اسان ائين ڪنداسين. ڪين لازماً مرد جي حاوي هئڻ واري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ناقابل يقين حيثيت خلاف مُزاحمت ڪرڻ گهرجي، پر اسان سڀني سنئين طور تي انهي مسئلي سان مهاڏو اٽڪائي نٿا سگهون. اِنهي سان پرتشدد مخالفتون پيدا ٿينديون، جيڪو اسان جو مقصد ناهي. اسان کي اُميد آهي ته اڳتي وڌڻ سان عورتن جي آزاديءَ هڪ ضرورت جي طور سان سامهون ايندي ۽ اِهو ته انهي ڪم کي عورتون پاڻ انجام ڏينديون." جبل بي پي ايل ايف جو ترجمان 1976ع.

15- فريد هاليڊي 'عربيه سلطانن کانسواءِ' لنڊن 1974ع.

16- ليڪ سان انٽرويو. بشير، ضياءَ سان بلوچ ۽ پٺاڻ باندين کي معافي ڏيئي آزاد ڪرڻ تي خفا هو. هُن فوج ڇڏي ڏني پر ڪيس گيهه ڪارپوريشن جو چيئرمين بڻايو ويو، جتي چيو وڃي ٿو ته هُو خوشحال ٿي رهيو آهي.

17- هيريسن (حوالو نمبر9)

18- بلوچ شاعريءَ جا ٻه مثال

19- ليڪ کي ڏنل انٽرويو

20- فيروز احمد، 'پاڪستان: نئين محتاجي' ريس اينڊ ڪلاس، XVIII لنڊن 1976ع.

21- عوامي شاعر حبيب جالب پنهنجي نظم 'صلاحڪار' ۾ ڪجهه شعر چيا آهن، جيڪي ڪجهه هِن ريت پڙهي سگهجن ٿا:

چين اسان جو تمام پيارو دوست آهي،
مٿس اسانجي حياتيءَ جو دارومدار آهي،
پر جيڪو نظام اُتي موجود آهي،
اُن جي ويجهو به نه وڃو،
پري کان ئي اُن کي سلام ڪريو.

22- پاڪستان، ڀارت، بنگلاديش ۽ سريلنڪا ۾ مائوپرست پاليسيءَ جي تفصيلن لاءِ طارق علي جو ڪتاب 'پاڪستان: فوجي حاڪميت يا عوامي اقتدار؟' لنڊن، 1970ع ۽ رابن بليڪ برن جو ترتيب ڏنل ڪتاب 'ننڍي کنڊ ۾ ڌماڪو'، لنڊن 1975ع ڏسو. مائوازم جيتوڻيڪ هِن وقت پنهنجين البانوي ۽ لنپيائوي صورتن ۾ ڏکڻ ايشيا جي ڪجهه حصن ۾ موجود آهي، پر اهو تقريباً ختم ٿي چُڪو آهي. انهي ۾ ڪو شڪ نه ٿو ٿي سگهي ته چين جي اُمريڪا ڏانهن لاڙي پوري علائقي جي کاٻي ڌُر تي ناقابل يقين حد تائين تباهه ڪُن ۽ حوصلي شڪن اثر وڌا آهن.

23- ذوالفقار علي ڀٽو- 'جيڪڏهن مون کي قتل ڪيو ويو' نئين دهلي، 1978ع.

24- 'جمهوري وات' (ايڊيٽوريل) ويو پوائنٽ لاهور 14- جنوري 1977ع.

25- سومو جو مثال پاڪستاني عواميت جي مخصوص حالت کي ظاهر ڪري ٿو.

26- ليئون ٽراٽسڪي- لکتيون (39-1938ع) نيويارڪ، 1974ع صفحا 326.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جائز هئڻ جو بُحران

مارشل لا هڪ اسلامي شڪل ۾ 1977ع-؟

"پاڪستان اسرائيل وانگر هڪ نظرياتي رياست آهي. يهوديت کي اسرائيل مان ڪڍي ڇڏيو ته اهو منيءَ جي گهر وانگر اچي پٽ پوندو. پاڪستان مان اسلام خارج ڪيو ۽ ڪيس غير مذهبي رياست ٺاهيو ته اهو به اچي پٽ پوندو. گذريل ڇهن سالن کان اسان مُلڪ ۾ اسلامي نظام آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون."

جنرل ضياءُ الحق

چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر(1)

5 جولائي 1977ع تي جنرل ضياءُ الحق جي مارشل لا جي اعلان سان رياست پنهنجي بلڪل نئي اوائلي صُورت ڏانهن موٽي وئي هُئي. هڪ ڀيرو وري رکو ٺيارين ماڻهن جي تنظيمن ڪري نئي حالتن کي جيئڻ جو تيئڻ رکي سگهڻ ممکن ٿي رهيو هو جيئن پاڪستان جي سموري تاريخ پُوري دائري ۾ گهمي آئي هجي. جنرل ايوب 1958ع ۾ چونڊن کي روڪڻ لاءِ اقتدار تي قبضو ڪيو هو، ۽ 1969ع ۾ هڪ عوامي تحريڪ کيس اقتدار تان لاهي ڦٽو ڪيو هو. سندس جانشين جنرل يحيٰ ماڻهن کي سندن مرضيءَ جي سرڪار چونڊڻ جي اجازت ڏيڻ لاءِ راضي ٿي ويو هو جڏهن ماڻهن ائين ڪيو ته هُن سندن چونڊ جي نفي ڪرڻ لاءِ هڪ خوفناڪ گهرو ويڙهه شروع ڪري ڇڏي، جنهن جو انت پُراڻي رياست جي ٽٽڻ تي ٿيو هو. پاڪستان جي فوجي هاءِ ڪمان کي بنگال ۾ هڪ تباهه ڪُن ڌڪ لڳو هو. هُن ٺيڪ ڇهه جولاءِ جي شروعات کان پهرين پنج سال انتظار ڪيو هو. اِها 1977ع جي چونڊن ۾ وڏي پيماني تي ٿيل دانڌلي هُئي جنهن کين بهانو فراهم ڪيو هو.

اهو صحيح آهي ته پيپلز پارٽي جي عواميت جي ناڪاميءَ ضياءَ جي بغاوت جا بنياد ڏنا هُئا پر انهي جي پويان ٻيا عنصر پڻ هُئا: انهن مان اهم ترين آفيسر ڪور جي اندر موجود اختلاف هو. جنرل جزوي طرح ٺلهين آفيسرن جن مان گهڻا شديد طور تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رجعت پسند نظرين ۾ ونجي چُڪا هُئا؛(2) بغاوت کي روڪڻ لاءِ اهو قدم کنيو ويو جو پراڻي طرز تي ٿين چونڊن ڪرائڻ جو سندن ڪڏهن به ڪو حقيقي ارادو نه رهيو هو. 5 جولائي 1977ع جي شام ضياءَ جو قوم کي ڪيل خطاب ٻڌايو ويو. هي سندس ڪوڙ جو منصوبو هو:

"هاڻي اِها ڳالهه توهان لاءِ واضح هُئڻ گُهرجي ته جڏهن سياسي اڳواڻ ملڪ کي بُحران مان ڪڍڻ ۾ ناڪام ٿيا آهن، هٿياربند فوجن لاءِ خاموش تماشائي جي حيثيت اختيار ڪرڻ هڪ معاف نه ڪرڻ جهڙو گناهه آهي. بنيادي طرح اِنهي سبب جي ڪري ئي مُلڪ کي بچائڻ لاءِ فوج جي مداخلت اڻٽر ٿي پيئي... آئون هتي اِها نشاندهي ڪرڻ چاهيندس ته مون کي پيپلز پارٽي ۽ قومي اتحاد جي وچ ۾ ٺاهه جا ڪي به امڪان نظر نه ٿي آيا... اِنهيءَ ڳالهه جو خدشو هو ته قومي اتحاد ۽ پي پي پي ۾ ٺاهه نه ٿيڻ جي صُورت ۾ ملڪ هڪ وڏي ڏقيڙ جي حوالي ٿي ويندو... آئون اِنهي ڳالهه کي بلڪل ئي چٽو ڪرڻ چاهيان ٿو ته نه منهنجيون ڪي سياسي خواهشون آهن ۽ نه ئي فوج اِهو چاهي ٿي ته کيس سندس سپاهه گيري واري پيشي کان هٽايو وڃي.... منهنجو واحد مقصد آزاد ۽ غيرجانبدار چونڊن جو انعقاد آهي، جيڪي هِن سال آڪٽوبر ۾ ڪرايون وينديون... آئون اوهان کي پڪو يقين ڏياريان ٿو ته آئون اِنهي مقرر ڪيل ٽائيم ٽيبل تان نه ڦرندس. (3)"

جولائي جي بغاوت کان پهرين فوج اندر ٿيندڙ بحثن جو ڪو تفصيل دستياب ڪونهي پر اِها هڪ جاتل حقيقت آهي ته جنرل جي ويچار هيٺ گهٽيون رٿائون هيون. انهن مان ڪيتريون پاڪستان جي فوج ۾ سڌي آمريڪي مداخلت جو نتيجو هيون. انهن رٿائن مان هڪ 'ڦينا روڪ هڙتال' جيڪا سويلين سرڪار کي غير مستحڪم ڪرڻ لاءِ ٺاهي وئي هُئي انهن رٿائن جهڙي هُئي، جيڪي آلندي (Allende) جي دؤر ۾ چليءَ ۾ آمريڪي سرپرستي ۾ ٺاهيون ويون هيون. ڀلي اِڪتي هلي اِها دعويٰ ڪئي ته فوج ۽ جنرل ضياءَ ڏقير کي وڌائڻ لاءِ ٿيندڙ واقعن جي همت افزائي، مدد ۽ اُنهن کي پنهنجي مطلب جو رُخ ڏيڻ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو ته جيئن سويلين سرڪار جو تختو اُونڌو ڪري سگهجي. (4) ڀٽي پاران مهيا ڪيل ڪجهه ثبوت جن جي پڪ قومي اتحاد جي اڳواڻن پاران به ڪئي وئي، اهو ٻڌائين ٿا ته فوج مارچ 1977ع جي چونڊن کان پوءِ جلدئي ملڪ کي پنهنجن هٿن ۾ وٺڻ جو فيصلو ڪري چُڪيو هو.

مارچ جي چونڊن کان پوءِ پي پي پي سان ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه ۾ قومي اتحاد جي اڳواڻن جي هڪ اهم گهر اِها هُئي ته پٺاڻ ۽ بلوچ اڳواڻن خلاف ڪُوڙيل مقدمن کي واپس ورتو وڃي، قيدين کي آزاد ڪيو وڃي ۽ فوج کي بلوچستان ۾ بئرڪن ۾ موڪليو وڃي. ڀٽو آخرڪار انهن گهُرن کي مڃڻ لاءِ راضي ٿي ويو هو پر کيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ضياءَ ۽ سينيئر ڪور ڪمانڊرن پاران چيو ويو تہ فوج اهڙي تحفي کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندي. بغاوت کان ڪجھ ڏينهن پهرين ضياءَ پي پي پي ۽ قومي اتحاد جي اڳواڻن جي وچ ۾ ٿيندڙ هڪ ڳالهائي ۾ تفصيلي دستاويزن سان گڏ شريڪ ٿيو ۽ چيائين تہ 'عليحدگي پسندن' ۽ غدارن کي آزاد نہ ڪرڻ کهرجي. ساڳي وقت جنرل زور ڏنو تہ جيستائين حڪومت ۽ مخالف جماعتن ۾ ڪو فوري ٺاهہ نہ ٿو ٿئي، تيستائين هو صورتحال کي قابو ۾ آڻي نہ سگهندا. ڀٽو ڏينهون ڏينهن انهن گهيرو تنگ ڪندڙن جي جار ۾ واقعي ڦاسي پيو هو.

بغاوت کان ڪجھ هفتا پهرين آخري ڪوشش جي طور تي سعودي سفير، جنهن جي وسيلي پاڪستاني فوج ۽ آمريڪا اطلاعن جي باقاعده طور تي ڏي وٺ ڪندا هئا، ان سان ڪجھ ملاقاتون رٿيون ويون. اهڙيون اڻ تصديق ٿيل خبرون پڻ آهن تہ ڀٽو پنهنجي فوجي معاون جنرل امتياز سان گڏجي لِڪل نموني سوويت سرڪاري نمائندن سان ملاقات لاءِ سرحد ٽپي افغانستان ويو هو. پر فوج جون رٿائون نهايت احتياط سان جوڙيون ويون هيون: اُن بلڪل اُن لمحي جڏهن ڀٽو قومي اتحاد سان ٺاهہ تي پهچي چُڪو هو، منجهانئس ڇوٽڪارو حاصل ڪري کيس 'حفاظتي تحويل' ۾ وٺي ڇڏيو. ضياءَ جي مارشل لا جي اعلان واري تقرير ۾ بلڪل انهيءَ جي ابتڙ چيو ويو. وڌيڪ اِهو نہ هاءِ ڪمان انهيءَ ڳالھ کان پوري طرح آگاهہ هُئي تہ فوري چونڊون ايجنڊا تي ڪونهن. ضياءَ جو نوي ڏينهن ۾ چونڊن وارو حوالو هڪ ڄاڻي ٻُجهي ڪيل غلط بياني هُئي، جنهن جو مقصد هٿياربند فوجن ۽ ڪجھ مخالفن کي ماٺ ڪرائڻ هو. بحري ۽ هوائي فوج ۾ اِهو خيال موجود هو تہ نيون چونڊون مناسب ۽ ضروري آهن (5) انهيءَ جو مقصد عوامي احتجاج کي دٻائڻ ۽ سياسي جماعتن کي ورهائڻ بہ هو. اها چال هر لحاظ کان ڪامياب هُئي. اِهو ممڪن آهي تہ جيڪڏهن فوج کي اِهو مڪمل يقين هُجي ها تہ ڪهڙ طمطراق سان ڪرايل چونڊن جو نتيجو انتهاپسند ساڄي ڌُر جي سوڀ جي صُورت ۾ نڪرندو تہ پوءِ بغاوت جي ٽن مُک اڳواڻن ضياءَ، چشتي ۽ اقبال کي روڪي سگهجي ها. پر اها ڳالھ جلدئي واضح ٿي وئي تہ ڪي بہ نيون چونڊون اُهي نتيجا نہ آڻينديون جيڪي فوج کي گهُربل آهن.

28 جولائي 1977ع تي ڀٽي کي آزاد ڪيو ويو. پي پي پي جي اڳواڻ هڪ لمحو وڃائڻ کانسواءِ فوري طور چئني صوبن جو دورو شروع ڪري ڇڏيو. جنهن ڳالھ مارشل لا اختيارين کي پريشان ڪيو. اُها، اُهي ماڻهن جا مُجوم هُئا جيڪي پنجاب ۾ سندس گڏجاڻين ۾ آيا هُئا. اِهو صاف هو تہ ڀٽو ۽ پي پي پي ٻن وڏيڪ آباديءَ وارن صُوبن پنجاب ۽ سنڌ ۾ کٽي ويندي. فوج جي هاءِ ڪمان بغاوت جي وقت تي ڀٽي کي قتل ڪرڻ جي امڪان کي بحث هيٺ آندو هو پر اُن کي رد ڪري ڇڏيو هئائون. پوءِ ڪين پنهنجي انهيءَ غلطيءَ تي پڇتائڻو هو. بهرحال جيڪي ڪجھ بہ ٿيو ڀٽي کي 3 سيپٽمبر تي گرفتار ڪيو ويو ۽ مٿس 'قتل لاءِ سازش' جو ڏوهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مڙهيو ويو، جيڪو ماڻهوءَ قتل ٿيو هو اُهو پي پي پي جو هڪ اڳوڻو رُڪن احمد رضا قصوري هو، جنهن جي سياسي عدم استحڪاميت پاڪستان جي سياسي حلقن ۾ مشهور هئي.

هاڻي هڪ عدالتي مذاق شروع ٿي ويو هئي جنهن جي هلندي جنرل ۽ ججن جي ڪهاڻي اهو طئي ڪري ڇڏيو هو تہ پي پي پي جي 'هنگامہ خيز' ۽ 'نافرمان' اڳواڻ مان پنهنجي جان آجي ڪرائڻي هئي. پاڪستان جي عدليہ پنهنجي غيرجانبداريءَ ڪري سڃاتي نہ ٿي ويندي، اُن 1958ع ۾ ايوب جي مارشل لا کي قبول ڪيو هو. اُن ڀٽي جي حڪمن کي مڃي نيشنل عوامي پارٽي تي بندش لڳائڻ جي اجازت ڏني هئي، قيد ۾ پيل نعپ جي اڳواڻن، جن کي پي پي پي جي ضابطي ۾ هلندڙ ميڊيا ۾ 'غدار ۽ عليحدگي پسند' چئي ننديو ويندو هو؛ اتي مقدمي هلائڻ لاءِ قائم ڪيل خاص عدالت کي مائٽي ڪري مڃي ورتو هو. مجموعي طور تي ماڻهن ۾ سنڌس وقار نهايت گهٽ هو. تمام گهٽ ججن کي قانون جو محافظ سمجهيو ويندو هو. جڏهن سپريم ڪورٽ جي اعليٰ مرتبن مشڪوڪ 'نظريہ ضرورت' کي منظور ڪري فوجي بغاوت تي عدالتي منظوريءَ جي مهر هڻي تہ گهٽ ميمبرن کي حيرت ٿي هئي. سپريم ڪورٽ کي اهڙين سرڪارن کي قانوني حيثيت ڏيڻ جي هڪ ڊگهي تاريخ هئي، جن اُن آئين جي هر فقري جي ڀڃڪڙي ڪئي جنهن آئين جي حفاظت لاءِ ججن قسم کنيو هو. (6)

ڀٽي جو مقدمو فوجي سرڪار لاءِ ڀرپور امتحان هو. ضياءَ جي سنڌس ڪهڙيل فيصلي حاصل ڪرڻ ۽ عام ڀي چيني کي روڪڻ ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ اختيار ڪيل طريقہ ڪار جو مڪمل طور تي تجزيو ٿيڻ اڃان باقي آهي. ڀٽي جي مقدمي ۽ پوءِ ڦاسيءَ تي گهڻا ڪارائتا مضمون ۽ ڪتاب اڳ ئي شايع ٿي چڪا آهن. پر هتي اهو ارادو ناهي تہ پاڪستان ۾ اُٺويهہ مهينا، سيپٽمبر 1977ع کان اپريل 1979ع تائين هليل انهيءَ عدالتي مذاق جا غليظ تفصيل ورجائجن. جاڪاڻ تہ انهن کي ٻئي هنڌ قلمبند ڪيو ويو آهي. (7) جيڪا ڳالهہ شعور کي ڪهڙو وڌائيندي اُها انهي سياسي عمل جو جائزو وٺڻ آهي، جنهن فوج کي مُلڪ تي پنهنجي گرفت مضبوط ڪرڻ جو اهل بڻايو. بنا ڪنهن شڪ جي جيڪا رُڪاوٽ حائل هئي اُها پوءِ ٻلي ڪيتري بہ عارضي ڇو نہ هُجي، ذوالفقار علي ڀٽو جي شخصيت ئي هئي. ڳالهہ رُڪو اها نہ هئي تہ ڀٽو جمهوري چونڊن جي ڪنهن بہ مقابلي ۾ سوڀ ماڻيندو. ڪور ڪمانڊرن کي جنهن ڳالهہ بيچاريو هو اُها هي تہ جيترو ڀٽو فوجي حاڪميت جي هڪ مستقل متبادل جي طور تي موجود هُجي ها. ٻي ڇينيءَ جي ڀرپور ڏيک تي ٻني ڀروڙي ۽ شهر جا عوام مُلڪ جي سڀ کان وڏيڪ عوامي سياستدان ڏانهن ئي رخ ڪن ها. انهيءَ ۾ تمام ٿورن ماڻهن کي شڪ هو تہ فوج ۽ عوام جن جي مهڙ ۾ ڀٽي جي اڳواڻي ۾ هلندڙ پي پي پي هُجي، ان جي آمهون سامهون ٽڪراءَ ۾ ڪير سوڀارو ٿيندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري ڇڏيو هو. سندن خيال هو ته هُو رڳو جنتا کي ڊيڪارڻ واري چهرو هو ۽ ڪيس آسانيءَ سان هٽائي پاسيرو ڪري سگهجي ٿو. (8) انهن خيالن ۽ تبصرن جنهن حقيقت کي نظرانداز ڪري ڇڏيو هو اُها اها هئي ته رياست کي اُن وقت ضرورت ٿي سادي سوڌي اڳواڻ جي هئي. انهيءَ معاملي ۾ ظاهري شڪلين هڪ ٻوڪو هُيون. ضياءُ هڪ تيز ۽ طرار سياسي عمل ڪندڙ جي طور تي سامهون آيو، جنهن کي اها خبر هئي ته ڪهڙي وقت تي پنهنجي اختيار کي استعمال ڪرڻو هو. سندس مُلڪ جي سياسي جماعتن سان ڪيل سلوڪ مان ميڪاڙلي وارين قيرين گهيرين جي خبر پئي ٿي. هُن اُنهن سياستدانن کي حيران ڪري ڇڏيو، جن استعمال ٿيڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي سندس حوالي ڪري ڇڏيو هو. ڀٽي جي مقدمي واري پوري عرصي ۾ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر اهو بهانو برقرار رکندو آيو ته هُو چونڊن ڪرائڻ جي اجازت ڏيندو رهيو هو. اهو انهي ڪري ضروري هو ته جيئن قومي اتحاد جي جهڙيءَ هيٺان ڪٺل سياسي جماعتن جي حمايت کي قائم رکي سگهجي. ڪجهه جماعتون قومي اتحاد کان ڌار ٿي ويون هيون، پر گهڻائيءَ مارشل لا کي قبول ڪيو هو ۽ سندن اڳواڻن 1978ع ۾ ضياءَ جي نئين ٺاهيل وفاقي ڪابينا ۾ عهدا قبوليا هئا. اهڙي ريت جڏهن 4 اپريل 1979ع تي ڀٽي کي ڦاسي ڏني وئي ته فوجي سرڪار سان گڏ ڪندڙ سويلين سياستدانن انهيءَ عمل جو بچاءُ ڪيو.

1977ع کان 1979ع تائين جنرل لاڳيتو ضياءَ جي نين چونڊن ڪرائڻ واري شروعاتي واعدي کي ٽاريندا رهيا. 1978ع ۾ ضياءَ مونجهارن ۾ ورتل قوم کي ٻڌايو ته هُن هڪ خواب ڏٺو هو، جنهن ۾ هڪ آواز (فرض ڪيو ويو ته اهو الله تعاليٰ جو آواز هو) اهو چيو هو ته چونڊون غيراسلامي آهن. يقيناً اهو سڀ ڪجهه ماڻهن جي پروسي کي ڏک هٽندڙ هڪ اهڙي ڪوشش ڪانسواءِ ڪجهه ٻه نه هو. جنهن جو مقصد ڳوٺاڻن علائقن جتي ماڻهن ۾ وهم گهڻا آهن. جي عوام جي شعور کي پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ هو. ضياءَ ڪرڻ خواب نه ڏٺو هو پر ڪيس ڇهن ڪور ڪمانڊرن: جنرل چشتي، اقبال، جهانزيب، سرور خان، غلام حسين ۽ غلام محمد صاف طور تي اهو ٻڌائي ڇڏيو هو ته چونڊون ٿيڻون ٿي سگهن. مارشل لا جي اعلان کان پوءِ وارن ٻن اهم سالن ۾ اهي ڇهه جنرل، ضياءُ ۽ عارف ئي هئا جن تي مُلڪ جي اعليٰ ترين فيصلن ڪرڻ واري تنظيم ٻڌل هئي. اقبال ۽ جهانزيب لاءِ چيو وڃي ٿو ته اُنهن ضياءَ کي تنبيهه ڪئي هئي ته جيڪڏهن هُن هڪ ڀيرو وري سياسي جماعتن کي پاڪستان جي سياست تي حاوي ٿيڻ ڏنو ته ڪيس فوج ۾ ننڍن آفيسرن جي بغاوت کي مُنهن ڏيڻو پوندو.

ڀٽي کي ڦاسي ڏيڻ جي فيصلي تي ستن جرنيلن ۾ هڪجهڙائي کي يقيني بڻائڻ لاءِ ساڳي طرح جي دليل کي استعمال ڪيو ويو هو. ضياءَ کي اُن ڀيچيني کي جيڪا مُلڪ جي آخري چونڊيل وزيراعظم کي قتل ڪرڻ سان پيدا ٿئي ها; روڪڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڀني ضروري قدمن کي کڻڻ لاءِ مڪمل حمايت ڏيئي هُئي.(9) بهرحال جنهن خودمختار
اُڀار جو تمام گهڻو خدشو هو اُهو ٿي نه سگهيو. ڀٽي جي موت بيشڪ آباديءَ جي
هڪ وڏي گهڻائي کي جذباتي صدمو پهچايو. پر اُن مرحلي تي ماڻهن کي پنهنجين
زندگين کي خطري ۾ وجهڻ لاءِ ڪو سبب نظر نه ٿي آيو. محدود ردعمل جو مطلب
ڪنهن به ريت فوج جي حمايت مثل نه هو. انهي سان رڳو عوامي سطح تي سياسي
تنظيم جي گهڻتائي ظاهر پئي ٿي. پر پنهنجي انهي ڪاميابي جي ڪري فوجي حڪمران
ڪمان وڌيڪ دلير ٿي پيئي. اُن جلدئي سياستدانن کي ڪابينا مان ڪڍي ڇڏيو ۽
هڪ ڀيرو پنهنجي پراڻي دوست ڪاموراشاهي سان گڏجي حڪومت ڪرڻ ڏانهن
پيش قدمي ڪئي (جيتوڻيڪ هن وقت ڪامورا نهايت گهٽ درجي جي ماتحت واري
حيثيت ۾ هُئا).

فوجي راڄ جي لاڳيتو هُئڻ ڪري هٿياربند فوجن ۾ پيدا ٿيل بيچيني (چيو وڃي
ٿو ته اها بيچيني سامونڊي ۽ هوائي فوجن ۾ گهڻي هُئي.) ختم ڪرڻ ۽ اهو ڏيکارڻ
لاءِ ته موت کان پوءِ به ڀٽو ماڻهن ۾ مقبول هو، مارشل لا سرڪار سيپٽمبر 1979ع
۾ غيرجماعتي بنيادن تي مڪاني ادارن جي چونڊن ڪرائڻ جي اجازت ڏني. سڀني
وڏين سياسي جماعتن مناسب طور تي پاڻ کي لڪائي مڪاني چونڊن ۾ حصو ورتو
هو. پي پي پي جي اُميدوارن پنهنجو پاڻ کي ڇپيل پوسٽرن ۾ 'عوام دوست' جي
طور تي پيش ڪيو. بنيادپرست جماعت اسلامي پنهنجي سڃاڻپ 'هڪ ايماندار
ليڊرشپ لاءِ' جي خاص ڏڻ سان ڪرائي (اها ڳالهه دلچسپ آهي ته انهي سلسلي ۾
اسلام کي استعمال نه ڪيو ويو). غيرمقبول مسلم ليگ (هاڻي غيرنمائنده جاگيردارن
جو هڪ مجموعو) 'پراڻن خادمن' جي طور تي ظاهر ٿي، جيڪا ڳالهه اُنهن ماڻهن
کي بدلائڻ جوڳي هُئي جن جي هُن ماضيءَ ۾ خدمت ڪرڻ جي دعويٰ ٿي ڪئي.
گهٽ وڌ ووٽن (پنجاهه سيڪڙي کان به گهٽ) جي باوجود پي پي پي کي هڪ
فيصلي ڪن گهڻائي حاصل ٿي. جيتوڻيڪ پارٽي جي اندروني جهيڙن کين هڪ
اهڃان وڏي سوڀ کان محروم رکيو هو. اهڙي ريت مڪاني چونڊن جي نتيجن فوجي
سرڪار جي سياسي بُحران متعلق لڳايل ڪاٿي جي پڪ ڪئي. هٿياربند فوجن ۾
سڀني مخالفن کي ماٺ ڪرايو ويو. فوج جي ننڍي شعبن جي وڏن آفيسرن مان تمام
گهٽ اهڙا هُئا جيڪي وري پي پي پي جي حڪومت ۾ اچڻ کي برداشت ڪرڻ لاءِ
تيار هُئا. ضياءَ واعدو ڪيو هو ته نومبر 1979ع ۾ عام چونڊون ڪرايون وينديون
پر فوج اُنهن کي پوري اعتماد سان اڻ ڄاتل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏيو. انهي
سان گڏ اُن سڀني سياسي جماعتن تي بندش وجهي ڇڏي، هر قسم جي سياسي
سرگرميءَ کي ممنوع قرار ڏيئي ڇڏيو. مخالف ڌر جي ڪيترين اخبارن کي بند ڪري
ڇڏيو ۽ سينسرشپ کي وڌيڪ سخت ڪري ڇڏيو.

'سياسي سرگرميءَ' تي بندش ڪجهه ڪوناڻن علائقن ۾ ڦهليل بيچينيءَ جي
ڪري ضروري ٿي پيئي هُئي. ضياءَ جي اعلان کان بلڪل هڪڙو پهرين اندروني سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

۾ هڪ هاري ڪانفرنس، جنهن جي تڪڙ ۾ تياري ڪئي ويئي هُئي ۽ جنهن کي بيلنس ٻـ کهڻ ملي هُئي؛ هزارين هاري وفدن شرڪت ڪئي هئي، سنڌي هاري ۽ قومي اڳواڻن رسول بخش پليجو ۽ فاضل راهو کي جيڪي منجهانئن ڪهڻا جاتل سڃاتل هُئا ڪانفرنس جي پڄاڻيءَ تي گرفتار ڪيو ويو. سمري فوجي عدالت جي آڏو آڻ تي ڪين ماڻهن جي آڏو ڪوڙن هڻڻ ۽ قيد جي سزا ڏني ويئي. اهو سياسي ڪارڪنن کي ماڻهن جي آڏو ڦٽڪا هڻڻ جي شروعاتي مثالن مان هو. اسلام آباد ۾ ڪيل پريس ڪانفرنس ۾ ضياءَ هن ريت فوج جو مقدمو پيش ڪيو:

"مارشل لا هڪ عارضي دور آهي پر اهو ٻن سالن، ڇهن سالن يا ڏهن سالن تائين ٻـ ٿي سگهي ٿو. نيٺ هڪ اهڙي سرڪار کي وجود ۾ اچڻو آهي، جنهن کي ماڻهن جو اعتماد حاصل هُئڻ گُهرجي. اسين پاڪستان ۾ صحيح معنيٰ ۾ اسلام آڻڻ چاهيون ٿا. اسان جي موجوده سياسي نظام جو بنياد اولهه جي غيرمذهبي جمهوري سرشتي تي قائم آهي، جنهن جي اسلام ۾ ڪا گنجائش ناهي... پاڪستان ۾ نه ڇڙواڳي ۽ نه ئي اولهه جو نظام ڪم ڪندو. هي مُلڪ اسلام جي نالي ۾ قائم ڪيو ويو هو ۽ اسلام ۾ اولهه جي طرز جي چونڊن جي ڪا گنجائش ناهي." (10)

ٻن سالن کان وڌيڪ عرصي تائين ضياءَ تشدّد، اسلام جي بي شرميءَ سان ڪيل استعمال ۽ ماڻهن کي ماٺ ڪرائڻ لاءِ نهايت ئي تفصيلي طور تي ۽ احتياط سان تيار ڪيل سياسي پيش رفت جي ڪڏهن استعمال وسيلي پنهنجي اقتدار کي مستحڪم ڪيو. ڀٽي ۽ چونڊن وارن ٻن اهم معاملن تي هن ساڳي طرح جو تاريخ ۽ دير ڪرڻ وارو طريقو استعمال ڪيو. ڀٽي جي مقدمي کي اُوتويهن مهينن تائين ڊگهو ڪيو ويو. انهي سان هڪ پاسي اُميد جو اهو احساس پيدا ٿيو ته شايد آخر ۾ اقتدار تان لاٿل وزيراعظم ڪنهن وجهي پر ٻئي پاسي ساڳي وقت ڪنهن شيءِ کي اٽل سمجهڻ ۽ مايوسي واري مزاج کي پڻ همٿايو ويو. انهيءَ ڪري آخري فيصلو جڏهن ته جوش ۽ خروش کان صفا وانجهيل پئي لڳو. ڦاسي ڏيڻ ۾ يقيناً دير نه ڪئي ويئي؛ جاڪاڻ ته انهيءَ سان هڪ خطرناڪ عوامي اُڀار پيدا ٿي سگهي ها. ڀٽي جي مقدمي جي پوري عرصي دوران ضياءَ پي پي پي مخالف سياستدانن کي اهو يقين ڏياريندو رهيو ته ڀٽي جي معاملي پوري ٿيڻ کان پوءِ هُو چونڊون ڪرائيندو. بلوچ ۽ پٺاڻ اڳواڻن کي حيدرآباد جيل مان آزاد ڪيو ويو ۽ مٿن مقدمي هلائيندڙ ٽريبونل کي ٽوڙيو ويو. اها هڪ نهايت ئي عجيب ڳالهه هُئي ۽ هڪ سياستدان جي طور تي ضياءَ جي همت جو اظهار هو. تعجب جي اڳواڻن کي آزاد ڪرڻ سان گهڻن ماڻهن کي اهو يقين ٿي ويو ته چونڊن ۾ اڃا جاتايل مدي تائين دير ٿي نٿي سگهي. انهي ڳالهه پنهنجي ليکي ماڻهن کي اڃا وڌايو.

16- آڪٽوبر 1979ع تي ضياءَ جا ڪيل قدم جيتوڻيڪ ڪجهه ميمبرن لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي بلڪل نئين يا حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه جيان نه هُئا پر انهيءَ جي باوجود به اهي ڪجهه پاڪستاني سياستدانن لاءِ هڪ ٻي فوجي بغاوت جي برابر هُئا. اسلامي اهو چرچو هو، جنهن ۾ جنرل پنهنجي اُگهاڙپ کي لڪائڻ چاهيو ٿي. پرتشدد قانونن جو هڪ مجموعو جيڪو جزوي طور تي وچئين دؤر جي اسلامي قانونن جي طرز تي جوڙيو ويو هو سماجي ۽ سياسي مخالفن کي سيکت ڏيڻ لاءِ، سامهون آندو ويو. انهن سزائن ۾ ماڻهن اڌو ڦٽڪا هڻڻ، چورن ۽ ڌوهارين جا هٿ وڍڻ، سياسي ڪارڪنن کي ڦاسيون ڏيڻ، زنا ڪندڙن کي سنگسار ڪرڻ ۽ عورت سياسي قيدين کي ايذا ڏيڻ شامل هُئا. (11) اهي اُنهن ناهيل قانونن مان ڪجهه هُئا جيڪي فوجي سرڪار قانونن جي ڪتاب ۾ داخل ڪيا. ضياءَ جڏهن پوءِ اِهو چيو ته "اسان گذريل ڇهن سالن کان مُلڪ ۾ اسلامي قدرن کي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون" ته سندس اشارو مٿي بيان ڪيل قانونن ڏانهن ئي هو. هي لکڻ جي وقت تائين جيتوڻيڪ ڪجهه کي اهي سزائون هدايون ويون آهن پر درحقيقت اڃا تائين نه ڪنهن جا هٿ ڪپيا ويا آهن ۽ نه ئي ڪنهن کي سنگسار ڪيو ويو آهي. انهي سڄي رٿا جو 'مقصد اسان جي سياسي ڪلچر کي وحشيپڻي ڏانهن وٺي وڃڻ، ماڻهن کي تشدد ۽ ڏاڍ جي طريقن کي قبولڻ لاءِ تيار ڪرڻ آهي.' (12) ادارتي وحشيپڻي کي منظم ڪرڻ جو مقصد ڪنهن حد تائين مستقل ماٺار کي يقيني بڻائڻ هوندو آهي. پر انهي محاذ تي جزوي ڪاميابي ئي حاصل ٿي سگهي آهي ۽ اُها ماٺ واري ڪاوڙ جيڪا بنا ڪنهن شڪ جي مُلڪ جي ڪجهه علائقن ۾ موجود آهي، جلد ئي هڪ زوردار ڌماڪي جي صورت ۾ سڙڪن تي ظاهر ٿي پئي سگهي.

ضياءَ جي حاڪميت واري سختي پاڪستاني رياست جي بُحران جي شدت کي ظاهر ڪيو ٿي. انهي جي اُبتڙ 1958ع ۾ ايوب واري بغاوت رياست ۽ فوج جي هڪ نهايت ئي مختلف صورتحال کي سامهون آندو هو. پنجاهه ۽ سٺ واري ڏهاڪي جي هاءِ ڪمان، جيڪا وڏ گهراڻن سان واسطو رکندڙ ۽ سنڊهرسٽ جي تربيت ورتل هُئي، جو پاڪستاني سياست ڏانهن رويو گهٽ اڪرائي وارو ۽ گهڻي ڀاڱي اهڙو هو جهڙو عام طور تي وڏا ننڍين سان روا رکندا آهن. ايوب انهيءَ ڳالهه جي اجازت نه ٿي ته سندس سخت ڪميونسٽ دشمنيءَ کي شهري سماج جي اهڙن خيال رکندڙن سان ڳنڍيو وڃي، جو صفا مذهبي خيالن ۾ ورتل به نه هو. اهو اُن وقت ضروري نه هو. پر هاڻي وقت بدلجي ويو هو. ستر واري ڏهاڪي جي بگل ٿڪل ۽ رڪروٽن جي ماريل رياست ۾ فوج وڏي هُئي، سندس آفيسر ڪور جي سماجي ۽ طبقاتي بيهڪ بدلجي چڪي هُئي ۽ بنگلاديش ۽ بلوچستان جي فوجي مهمن هڪ اهڙي نموني جي آفيسر کي سامهون آندو هو جن 'شرپسندن' کي ختم ڪرڻ ۽ مارڻ لاءِ تيار ڪيو ويو هو ۽ اُن جي تربيت ڏني ويئي هُئي. وڌيڪ اهو ته هاڻي ضياءَ اهو ضروري ڄاتو ٿي ته پي پي پي ۽ کاٻي ڌر جي گروپن سان وڙهڻ لاءِ اسلام کي استعمال ڪيو وڃي.

اهو سڀ ڪجهه ڪڏهن جماعت اسلامي جي کُلي ۽ ڪڏهن لڪل حمايت سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيو ويو. جماعت هڪ انتهاپسند ساڄي ڌر جي جماعت آهي ۽ سندس سعودي عرب ۽ آمريڪا سان ويجها لاڳاپا آهن. پاڪستان ۾ اها هڪ فاشسٽ پارٽي سان ملندڙ جلندڙ شيءِ ئي آهي. اها شهرن تائين محدود آهي ۽ ڪيس غريب پيٽي بورجوازي جي حمايت حاصل آهي. ملڪ جي سيني سياسي تنظيمن جي اُبتڙ جن ۾ ڪاٻي ڌر جون تنظيمون پڻ شامل آهن، جماعت هڪ نهايت قابل سياسي جماعت رهي آهي، جيڪا پنهنجي تنظيم سازيءَ سنجيدگيءَ سان ڪري ٿي. سندس ڍانچو مٿي کان هيٺ ٺهيل آهي. اهو سيل واري نظام جي بنياد تي سخت قسم جي عهدن جي اختيار تي ٻڌل آهي. اُن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ نهايت سخت شرط آهن ۽ ايستائين ته همدردن کان به گهڻي ڪجهه جي گهُر ڪئي ويندي آهي. جماعت جي اڳواڻ جهوني مذهبي عالم ابوالاعليٰ مودودي، جيڪو ورهاڱي کان اڳ جماعت جو اڳواڻ رهندو آيو هو، درحقيقت پاڻ لاءِ ضابطي کي ختم ڪري ڇڏيو هو(13). جماعت لاءِ ماضي ڏانهن ڏسندڙ تيل سان مالامال سعودي عرب هڪ مثالي نمونو رهيو آهي، جتي سني فقه جي سخت اصول رکندڙ شاخ جو پرچار ڪيو ويندو آهي. سعودي ۽ سندن جماعت وارا پوئلڳ اسلام جي ٻئي هر قسم جي فرقي کي ناپاڪ قرار ڏيئي رد ڪن ٿا.

جماعت اوڀر پنجاب ۽ وچولي هندستان مان لڏي ايندڙ پناهگيرن ۾ جيڪي ڪراچي ۾ آباد آهن يا اُنهن اولهه پنجاب مان لڏي ويندڙ سکن ۽ هندن جون جايون ٻريون آهن. اها ڪا حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه نه هئي؛ ڇاڪاڻ ته جن ماڻهن پنهنجا اباڻا ديس ڇڏيا ۽ مذهب جي بنياد تي قائم ٿيل نئين ملڪ ڏانهن هجرت ڪئي، اُنهن جا نظريا عقيدا لازماً اُنهن ماڻهن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مضبوط هوندا، جن پوئتي رهڻ کي ترجيح ڏني هئي. انهن لکن مسلمانن مان جيڪي ڀارت ڇڏي نئين رياست جا شهري ٿيا؛ هڪ ٽيويهن سالن جو ضياءُ الحق نالي فوج جو ليفٽيننٽ پڻ هو. سيپٽمبر 1977ع ۾ تهران جي هڪ دوري ۾ جتي شاهه ايران، جيڪو اُن وقت اڃان اقتدار ۾ هو ۽ علائقي ۾ آمريڪا جو وڏو نمائندو هو، ضياءُ انجي اڳي پنهنجن کنيل قدمن جي وضاحت لاءِ ويو هو. هُن اُتي تهران جي روزاني اخبار ڪيهان جي ايڊيٽر کي معمول جي خلاف هڪ بي تڪلفي وارو انٽرويو ڏنو. اسلام جي متعلق پڇيل هڪ سوال جي جواب ۾ هُن چيو:

"پاڪستان جو بنياد اسلام کانسواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي. آئون ڀارت ۾ رهي پوان ها پر مون ائين نه ڪيو، ڇاڪاڻ ته آئون مسلمان هوس. اسان وٽ جيڪي ڪجهه به هو اُهو سڀ اسان اوڀر پنجاب ۾ ڇڏيو ۽ پاڪستان صفا خالي هٿين پراُميد ۽ عقيدي سان پر ٿي پهتاسين... منهنجي خاندان جا ست نسل اُتي پيدا ٿيا ۽ اتي ئي وڏا ٿيا هئا. جڏهن ورهاڱو ٿيو ته اسان شاهوڪار نه پر هڪ عام خاندان هُئاسين. انهيءَ جي باوجود جيڪي ڪجهه اسان وٽ هو اُهو سڀ قربان ڪري پاڪستان ڏانهن رُخ ڪيوسين. انهيءَ پس منظر جي هوندي توهان مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪان اِها توقع جو ٿا رکو ته چڙو ٽيهه سال گذرڻ ڪانپوءِ اٿون اهو وساري ويهندس ته اسلامي جمهوريه جا بنياد ڪهڙا آهن. اهو بنياد اسلام آهي ۽ اهو ئي رهندو.(14)"

جڏهن ضياءَ جولاءِ 1977ع ۾ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ٿيو ته هن سنڌس شخصي عقيدا نهايت چڱي طرح پاڪستان جي ڪمزور ۽ نبل رياستي مشين جي ضرورتن سان هڪجهڙائي رکندڙ هئا. اها ڳالهه ڪهڻي اهميت نه ٿي رکي ته ضياءَ جماعت اسلامي جو ڪارڪن رهيو آهي يا نه. جنهن ڳالهه جي اهميت آهي اُها سنڌس انهي تنظيم جي منشور سان قربت هُئڻ آهي. پاڪستان تي مهارت رکندڙ آمريڪي سياسي ماهرن مان هڪ انهي حقيقت تي تبصرو ڪيو آهي (15) ۾ جماعت جي اثر جي جنهن هڪ پاسي کي نهايت گهٽ بحث هيٺ آندو ويو آهي اُهو آهي سنڌس پاڪستان جي فوج جي اندر اثر جو هُئڻ. عالمائين تحريرن ۾ انهي شيءِ جي غيرموجودگيءَ جو هڪ ڪارڻ ٺوس ۽ مستند مواد جي کهڻائي آهي. جماعت جو اندروني جماعتي ڍانچو هڪ ٻئي سان جڙيل سيلن جي بنياد تي بيل آهي، جنهن ۾ اعليٰ اڳواڻن کي تنظيم جي سيني ڪمن متعلق ڄاڻ تي هڪ ملي حاصل هوندي آهي. انهي جي باوجود اڳوڻن ۽ هاڻوڪن ننڍين فوجي آفيسرن سان ڳالهه جي بنياد تي اهو چئي سگهجي ٿو ته ضياءَ جي دؤر ۾ فوج اندر جماعت جو اثر تيزيءَ سان وڌيو هو. اُن تي ڇپيل مواد ۽ پروپيگنڊا کي افسوسناڪ زيادتين (جيڪي ڪر جهڙن نائين جي هٿان ٿيون هيون) جماعت پاران اثرائتي طور تي فوج اندر پنهنجي موجودگي کي وڌائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو هو.(16)

جيئن اسان اڳ ئي اهو اشارو ڏنو آهي ته هڪ وڏي بنيادي تبديلي جماعت کي فوج اندر پنهنجي اثر وڌائڻ ۾ مدد ڏني ڪئي. باب ٽئين ۾ اسان مختصراً آزادي کان پوءِ جي فوجي آفيسرن جي متضاد پسمنظر تي بحث ڪيو آهي. ڪن مصري فوج جي آفيسرن سان متضاد ڄاڻائي اسان ٻڌايو هو ته اها مصري فوج شهري بنياد هئي، جنهن سان پنهنجي بورجوازي انقلابيت جي اُنهي ڌماڪي کي سمجهي سگهجي ٿو، جنهن بادشاهت جو تختو اونڌو ڪيو ۽ پوري وچ اوڀر ۾ ناصرازم جي اڀار کي زور وٺايو. بهرحال پاڪستاني فوج ۾ گذريل ڏهاڪن ۾ آيل تبديلين منجهان اهم تبديليون آنديون آهن. انهي کي هڪ خاصيتي تبديلي قرار ڏيڻ ته غلط ٿيندو ۾ ننڍن آفيسرن جي سماجي ٻيهڪ ۾ آيل تبديلين تي ڪجهه چوڻ جي ضرورت آهي. ماضيءَ ۾ ننڍين آفيسرن جي هڪ وڏي کهڻائي جي ڀرتي ڳوناڻي اشرافيه منجهان ٿيندي هئي. کهڻو ڪري اهي ٻيون يا ٽيون نمبر پٽ هوندا هئا (وڏي پٽ کي ڇڏي ڳالهين لاءِ پاڻ وٽ رکيو ويندو هو). نان- ڪميشنڊ آفيسرن جي کهڻائي جي ڀرتي مٿين ۽ وچولي درجن جي هارين مان ڪئي ويندي هئي، جڏهن ته عام سپاهي غريب هارين تي مشتمل هوندا هئا. اهڙي طرح ننڍي ايشيا جي ٻهراڙي جي سخت طبقاتي ۽ ذات پات واري ورهاست کي برطانيا جي هندستاني فوج ۾ پيدا ڪيو ويو، جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان ملڪ اندر ۽ ٻاهر استحڪام رکڻ ۾ مدد ملي. اِها روايت اڃان تائين ڀارت ۽ پاڪستان جي فوجن ۾ حاوي آهي. اسان اڳتي انهي ڳالهه جي وضاحت ڪري سگهنداسين ته ڪيئن نه ٽنڊيل ۽ سياسي طور تي پٺتي پيل علائقن جي بنياد تي شامل ويڙهاڪ نسلن جي نظريي کي آزادي کان پوءِ واري پاڪستان ۾ هڪ ٻئي پويان ايندڙ حڪومتن پاران استعمال ڪيو ويو ۽ اهو ڪيئن 1947ع ۾ قائم ٿيل رياست جي ٽٽڻ جو باعث بڻيو.

انهيءَ پراڻي توازن ۾ ڪهڙي تبديلي آئي آهي؟ ورهاڱي کانپوءِ وڏيڪ ٿيڻ وارن ڪمانڊرن تبديلي اِها آئي آهي ته ڳوٺاڻي اشرافيه جي هيٺين پرتن مان آفيسرن جي ڀرتيءَ ۾ تيزي سان گهٽتائي ٿي آهي. پراڻا خاندان جن جي دولت ۽ شهرت جي ضمانت سندن انگريز راڄ سان وفاداري هوندي هئي، اهو محسوس ڪيو هو ته ڪين سامراجي سخاوت جي موٽ ۾ فوج لاءِ پنهنجو هڪ پٽ ڏيڻو پوي ٿو پر آزاد صنعت واپار، سياست ۽ سرڪاري نوڪرين جي صورت ۾ ٻين ۽ وڌيڪ منافي بخش ذريعن کي سامهون آندو هو. جيڪي پنهنجي اندر وڌيڪ ڇڪ رکن پيا. يقيناً اها تبديلي ڏيري ڏيري ٿي ۽ اِنهي جا فوج ۾ اثر ستر جي ڏهاڪي تائين چڱي طرح محسوس نه ڪيا ويا. انگريز جا تربيت ورتل آفيسر جن ٻي مهاڀاري جنگ ۽ اُن کانپوءِ سلطنت جي وفاداريءَ سان خدمت ڪئي هئي، آزاديءَ کان پوءِ ڪمانڊرن جو پهريون نسل ٿيا. پر ٺئين فوج ۾ مسلم آفيسرن کي تيزيءَ سان ترقيون مليون. پنجاهه واري سالن جي ڏهاڪن ۾ ٿيل صنعت ڪاري جي ڪري اولهه پاڪستان جي هر شهر جي آباديءَ ۾ واڌ آئي. انگن اکرن جي نه هُئڻ ڪري اهڙو ڪو وچهو اندازو نه ٿو لڳي سگهجي ته هاڻي شهرن مان ڪيترا وڌيڪ نوان آفيسر ڀرتي ڪيا ويا هئا پر انهيءَ ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته شهري نمائندگيءَ ۾ نسبتاً تيزي سان واڌارو ٿيو هو. ڪهڙن آفيسرن جن کي هاڻي ڪاڪول اڪيڊمي ۾ قبول ڪيو ٿي ويو اُهي شهر ۽ ٻهراڙيءَ جي ننڍي وچولي طبقي سان واسطو رکندڙ هئا. وڏن ماڻهن مان ڪنيل اُنهن نون آفيسرن جن کي انگريز ڏاڍي احتياط سان ٺاپيو ۽ وڏو ڪيو هو جو وقت اچي ڄاڻي کي پهتو هو. جماعت اسلامي جنهن جو شهر جي پيٽي بورجوازيءَ ۾ ڪهڙو اثر هو سٺ ۽ ستر جي ڏهاڪن ۾ پنهنجي حمايتين کي فوج ۾ وڃڻ لاءِ همٿايو هو. سگهن آهي ته هِن وقت اهڙا ڪجهه ٻڙن آفيس، ڪرنل ۽ برگيڊيئر جي عهدن تي هجن جن کي اڃان وڌيڪ رنگروٽن جي تعداد جي پذيرائي حاصل آهي. جيڪڏهن فوج ۾ اهڙا بنيادي ماڻهو موجود هُجن ها. جيڪي فوج جي غيرمذهبي روايتن کي برقرار رکڻ لاءِ ٻڌل هُجن ها ته پوءِ فوج ۾ جماعت جي واڌ کي ٻي اثر ڪري سگهجي ها پر هتي پٺتي هڪ ٻي غلطي ڪئي هُئي: بنيادپرستن جي دٻاءَ ۾ اچي ڀُٽي اهو قانون جاري ڪري ڇڏيو هو ته احمدي (اسلام جو هڪ اختلافي فرقو جنهن سان گهڻن آفيسرن جو واسطو هو) مسلمان ناهن. هڪ ئي ڌڪ ۾ هن فوج جي وچولن ۽ وڏن آفيسرن هڪ اهڙي پوري پرت کي ختم ڪري ڇڏيو هو. جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جماعت جي جنونيت جو سخت مخالف هو. اهڙن ڪمن سان هٿياربند فوجن ۾ بنياد پرستن جي اثر ۾ واڌارو ٿي سگهيو ٿي.

1977ع ۾ مارشل لا لاڳو ڪندڙ جرنيلن کي ننڍن آفيسرن جي همدردين ۽ سندن واسطن جي پوري ڄاڻ هئي. ڀٽو اڃان تائين جوانن ۾ گهڻو مقبول هو پر آفيسر ڪور ۾ سندس حمايت بلڪل ٿي گهٽجي ويندي هئي. انٽيليجنس ادارن لاءِ اسلام هڪ واضح حل هو. اها حقيقت ته ضياءُ اسلامي اصولن ۾ يقين ڪندڙ لڳو ٿي ۽ هن پنهنجو پاڻ کي هڪ پڪي مسلمان جي طور تي پيش ٿي ڪيو، انهن لاءِ هڪ وڏو فائدو هو جن ڳوٺاڻي عوام تي پنهنجي ضابطي قائم ڪرڻ لاءِ مڪاري سان مذهب کي استعمال ڪرڻ چاهيو ٿي. اعليٰ آفيسرن جا پهريان ٻه نسل پراڻي نظريي سان ٺمٽار هئا. ايستائين ته جڏهن انهن رياست تي سڌي ضابطي حاصل ڪرڻ لاءِ مداخلت ڪئي ته اها به پراڻي نموني جي قدامت پسندانه طرز تي ڪئي ويئي، جنهن جي اولهه جي اخبارن پاران به تعريف ڪئي ويئي. پر نئين نسل کي اهڙن طور طريقن اختيار ڪرڻ لاءِ وقت نه هو. انهن ڀٽي جي اقتدار سنڀالڻ تي انهيءَ ڪري ڪو اعتراض نه ڪيو هو، جو اُن وقت سڌي فوجي مداخلت اولهه پاڪستان کي به کهرو ويڙهه ۾ مبتلا ڪري پئي سگهي. ڀٽو واري بلوچستان جي مهم فوج کي انهيءَ لائق ڪيو ته اُها صُوبي کي باغي مخالف سرگرمين لاءِ تجربيگاهه طور استعمال ڪري. ڀٽي هڪ انتهائي نقصانڪار غلطي ڪئي. هُن فوج کي سياست ۾ آڻي پنهنجي ڪڇ ۾ پيل ڦندي کي وڌيڪ سوڙهو ڪري ڇڏيو هو. 1977ع ۾ آيل مارشل لا جون پاڙون مرڪزي سرڪار جي صُوبائي حڪومت خلاف اندر بغاوت تائين ڦهليل هيون.

اها ڳالهه وقت گذري وڃڻ کان پوءِ واري ذهانت ناهي، جنهن کي آئون لکان پيو. مون اُن وقت پي پي پي جي ڪجهه حامين سان ٿيل بحثن ۾ انهن نڪتن کي نهايت زوردار نموني سامهون آندو هو. اهو خيال رکو مون جهڙن ماڻهن تائين محدود نه هو. ڀٽي جي سياسي سيڪريٽيريٽ کيس ور ور ڪري اُنهن خطرن جي متعلق تنبيهه ڪئي، جيڪي بلوچستان ۾ ڪيل فوجي مداخلت ۾ لِڪل هُئا. هڪ اعليٰ صلاحڪار راؤ رشيد هڪ پيپر لکيو جنهن ۾ هن بڌايو ته ننڍن آفيسرن جو ردعمل ڇا هو:

"طاقت جو پنهنجو مزو آهي ۽ وقت گذرڻ سان گڏ خاص طور تي وچولن عهدن وارا فوجي آفيسر گرفتارين، تلاشين ۽ ڇاپاڇا جي صورتن ۾ اختيار ماڻڻ شروع ڪن ٿا، جنهن سان کين پنهنجي طاقت جو احساس ٿئي ٿو. اهي سياستدانن ۽ ڪامورن جي طور طريقن کان به نفرت ڪرڻ شروع ڪن ٿا ۽ فوج ۾ هڪ عام تاثر پيدا ٿيڻ شروع ٿئي ٿو ته سياست ۽ سول انتظاميا ۾ ڪم ڪندڙ هر ماڻهو نااهل ۽ بدعنوان آهي... فوج کان گرفتارين، گهرن جي تلاشين ۽ شهرين کي فوجي تحويل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ رکڻ جا اختيار واپس ورتا وڃن. پوءِ اُهي ٿوري مدّي لاءِ ئي ڇونه ڏنا ويا هُجن. فوج جي واپسي جيڪا آهستي آهستي ٿي سگهي ٿي، ممڪن آهي ته وڏيڪ واقعن جو سبب بڻجي پر پوءِ به اهو خطرو کڻڻ گهرجي... ننڍن فوجي آفيسرن ۾ اهو تاثر ته فوج سڀني بيمارين جو علاج آهي، جنهن کي اوير پاڪستان جي زوال کان پوءِ وڌو ڌڪ لڳڻ هو، وري مضبوط ٿي رهيو آهي. اهو تاثر نهايت وچڙندڙ ٿي سگهي ٿو جنهن هڪ صوبي تائين محدود نه ٿو رهي سگهي، انهيءَ مرض جي ڦهلجڻ جي اجازت نه ڏيڻ کپي." (17)

رشيد جي يادداشت بلوچ اڪوائن جي سخت فيصلي جي پڪ ڪندي نظر اچي ٿي. اُهي هميشه بلوچستان جي کهرو ويڙهه دوران پنهنجي فوج جي وچ ۾ مشهور ٿيل اختلافن جي باري ۾ مشڪوڪ هئا. مثال طور مينگل اهو مڃيندي ته فوج ساڻ ڳالهائڻ پنهنجي خودمختياري کي قائم رکي ٿي، انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو ته:

"ڀٽي کي الزام کان اَجو ڪو نٿو ڪري سگهجي. هو هڪ آمر آهي ۽ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي، پنهنجو پاڻ کي اُنهيءَ کان اڳاهه رکي ٿو. اهو ڀٽو هو جنهن فوج کي کُليل چيڪ ڇڏي ڏنو هو. پوءِ اُنهن جيئن چاهيو ائين ڪيو. اهو صحيح آهي ته ڀٽي سان هر ڳالهه تي صلاح نه ڪئي ويئي هُئي پر هُن ڪين اختيار ڏيئي ڇڏيو هو." (18)

آفيسر ڪور جي سماجي ۽ سياسي بيهڪ ۾ آيل تبديلين بلوچستان جي تجربن سان گڏجي خطرناڪ نتيجن کي جنم ڏنو. پاڪستان جي فوجي حاڪميت جي ٽنهي ڏهاڪن کي آباديءَ کي وحشيپڻي وسيلي ماڻ ۾ مبتلا ڪرائڻ لاءِ جوڙيو ويو هو. ڀٽي جي ڦاسي، ماڻهن جي اڌو قتلڪا هڻڻ، سياسي قيدين کي باقاعدي طور تي ايذاءَ ڏيڻ (عورتون به انهن ۾ شامل هيون) مخالف سياستدانن کي بيجارڻ ۽ دٻاءَ وجهڻ سڀني جو مقصد ماڻهن کي بيجارڻ ۽ ڪنهن به امڪاني مخالفت کي ڏرو ڏرو ڪرڻ هو. سرڪار جي شروعاتي ڪاميابي متعلق ڪي ٿورا شڪ ٿي ٿي سگهن ٿا. ضياءالحق پنجن سالن کان وڌيڪ عرصي کان فوج ۾ مُٺ جيترن چونڊ ڪامورن جي مدد سان اقتدار کي پنهنجي قابو ۾ رکڻ ۾ ڪامياب ٿيندو آيو آهي.

ضياءَ جي آمريت واري دؤر ۾ ڪاموراشاهي جي اختيار ۾ چڱي خاصي گهٽتائي ٿي آهي. ايوب جي دؤر (1958-68) ۾ ڪامورن فوج سان گڏجي حڪومت ڪئي هُئي. درحقيقت ايوب سرڪار جي آخري ڇهن سالن ۾ اصل اقتدار ڪامورن جي هٿ وس ٿي رهيو هو. پاڪستان جي سول سروس پنهنجي فوج وارن ساٿين جيان انڊين سول سروس جو ڌار ٿيل مسلمان حصو هُئي. اهو اداري راڄ جي فخر جو باعث هو ۽ هُن مُلڪ تي جمهوريت يا سياستدانن جي وڌل پابندين کانسواءِ راڄ ڪيو هو. اهو درحقيقت هندستان ۾ برطانوي سامراج جي حڪمران جماعت ٿي رهيو هو. ايستائين جو سلطنت جي لُٽ ۾ ويهين صدي جي شروعات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وارن ڪامورن کي چيو ٿي 'سياسي' ويندو هو. خاص طور تي لارڊ ڪرزن نظماڻي
نثر ۾ سندن ڳڻ ڳايا هئا:

"دنيا ۾ انهيءَ کان وڌيڪ ٻي ڪابه مختلف النوع ۽ ذميواري واري نوڪري ٿي نٿي سگهي. هڪ لمحي تي سياسي (ڪامورو) پرڏيهي آفيس ۾ ڪم پيو ڪندو آهي ته ٻئي تي ممڪن آهي ته ڪنهن ننڍي پيل ديسي رياست ۾ انتظام کي سخت ڪرڻ لاءِ سندس ضرورت پيش اچي ۽ ٽئين وقت تي شايد هو سرحد جي جهڙواڳ ٽيل قبائلين جي جرڳي جي صدارت ڪري رهيو هوندو آهي، جڏهن ته چوٿين لمحي تي ممڪن آهي ته هو تبت جي جهنگن ۽ سيستان جي واريءَ جي ڍڙن جي وچ تي سرحد جو تعين ڪري رهيو هجي. مونکي اُميد آهي ته اهڙو وقت نه ايندو، جڏهن سياسي شعبو اُنهن قابليت وارن ۽ بهترين ڪردارن کي، جيڪي هندستان جي نوڪرين مان پيدا ٿين ٿا، پاڻ ڏانهن آڻڻ واري سلسلي کي بند ڪندو." (19)

ڪُجهه تبديلين سان ڪرزن جي بيان کي موجوده دور جي ڏکڻ ايشيائي رياستن، خاص طور تي ڀارت ۽ سريلنڪا ۾ پنهنجي اصل شڪل ۾ برقرار رکيو ويو آهي پر پاڪستان ۽ بنگلاديش بڻجڻ ۾ ڪاموراشاهي فوج، جيڪا اڄ هڪ حاوي سياسي قوت آهي، سان اقتدار ۾ شامل رهي آهي. اها فوج- پارٽي آهي، جيڪا هڪ اهڙي رياست جي پاران ملڪ هلائي رهي آهي جيڪا صفا ٻي آسري ٿي چڪي آهي. ڪاموراشاهي جو اختيار گهٽجي چڪو آهي. ايستائين جو اعليٰ ڪامورا به پنهنجن فوجي سرپرستن جا محتاج آهن. فوجي راڄ يا بوناپارٽزم پاڪستاني حاڪم طبقن جو مذهب بڻجي چڪو آهي. پر هن وقت حڪمران طبقن جا ڪيل مدي تائين فوج کي اقتدار ۾ رکڻ ٿا ته رياست بجاءِ دير سان ختم ٿيڻ جي جلدي ختم ٿي ويندي ۽ جيڪڏهن هو فوج کي واپس بيرڪن ۾ ٿا موڪلين ته پوءِ ڪين هڪ اعتبار جوڳو متبادل ڳولڻو پوندو. جيڪو هن وقت موجود ڪونهي. سڀ کان وڌيڪ اهائي حل نه ٿيڻ جوڳي ناخوشگوار صورتحال آهي، جنهن ضياءُ الحق کي اقتدار اندر رهڻ ۾ مدد ڪئي آهي.

بهرحال انهيءَ جو ٻيو عنصر پاڪستان جي سرحدن جي بدليل صورتحال آهي، بلڪل اُن وقت جڏهن ضياءَ جي حيثيت ٻانوان ڊول ٿي رهي هئي ۽ فوج جي ميڙ ۾ بيچيني ڦهلجي رهي هئي؛ افغانستان ۾ سوويت يونين جي مداخلت پاڪستاني آمر کي هڪ نئين زندگي ڏيئي ڇڏي. انهي کي واضح طور تي اولهه جي اخبارن جي روس ۾ آيل اوچتي تبديليءَ جي شڪل ۾ ڏسي سگهجي ٿو. هڪ چونڊيل وزيراعظم کي ڦاسي ڏيندڙ نفرت هاڻو جلاد فوراً آزاد دنيا جي سرحدن جو بهادر ۽ جذبي سان ڀرپور بچاءُ ڪندڙ بڻجي ويو هو. روس جي اڳڀرائي کان پهرين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اراڪ جا ڪهڙا ميمبر اِنهيءَ جي حق ۾ هُئا ته سويلين حاڪميت بحال ڪئي وڃي پر پوءِ ايندڙ سالن ۾ اِهو موضوع صفا غائب ٿي ويو. مثال طور سوويت ٽينڪن جي ڪابل ۾ اچڻ کان ٿي مهينا اڳ 28- سيپٽمبر تي فنانشل ٽائمز پنهنجي ايڊيٽوريل ۾ لکيو هو ته:

"جنرل ضيا صُوبن جي وڌيڪ خودمختياري لاءِ گهُرن ۽ مرڪزي حڪومت پاران ايترا اختيار گهُرڻ جي دعويٰ، جنهن سان ملڪ کي ڪٺو رکي سگهجي، اِن وچ ۾ ڪو اطمينان جوڳو توازن ڳولڻ ۾ پاڻ کان اڳ آيل ٽن فوجي حڪومتن کان وڌيڪ ڪامياب نه ٿي سگهيو آهي. سندس سرڪار پنهنجي ڏاڍ ۽ تشدد واري حاڪميت جي ڪري فوج کي، جيڪا روايتي طور تي اِهو سمجهي ٿي ته ملڪ جي بچاءُ ۽ استحڪام لاءِ سندس خاص ڪردار آهي، بدنام ڪيو آهي." (20)

ڪجهه سالن پوءِ ساڳي اخبار (۽ ساڳيو ليکڪ؟) اِهو لکي رهي هُئي ته "صدر ضياءَ جي حاڪميت ڪجهه سخت سهي ڪافي مضبوط آهي، پر هُو آمر ناهي. هُن پنهنجي شخصيت جي گهرائي واري ڪوٽ کي چالاڪي سان پورو ڪيو آهي." (21) 1972ع ۾ پاڪستان تي ايمنسٽي انٽرنيشنل جي رپورٽ پرڏيهي آفيس جي پروپيگنڊا، جنهن کي باقاعدي طور تي فليٽ اسٽريٽ جا ايڊيٽوريل لکندڙ نقل ڪندا هُئا، جي تصحيح ڪندڙ ۽ هڪ سنجيده دستاويز هُئي. (22)

فوجي حاڪميت پاڪستاني رياست جي سيني تضادن کي سامهون آڻي ڇڏيو آهي. سياسي جمهوريت جو نه هُئڻ معاشي اڻ برابري ۽ ننڍين قوميتن تي ڏاڍ گهري طور تي ماڻهن جي شعور جو حصو بڻجي چُڪا آهن. اُنهن هاڻي وڌ کان وڌ انداز ۾ رياست جي بنيادن تي ئي سوال ڪرڻ شروع ڪيا آهن. اِنهيءَ کي سمجهڻ لاءِ ته پاڪستاني رياست سان ڪا وڏي ويڌن آهي، ڪنهن يونيورسٽي ڊگري جي ضرورت ناهي. ڏوهه کي انفرادي طور تي سياستدانن يا فوجي اڳواڻن تي مڙهڻ بلڪل ئي اٿيوري ڳالهه ٿيندي. انهي حقيقت تي زور ڏيڻ ته جناح وقت کان اڳ گذاري ويو يا هُو پنهنجي پويان ڪو ٻئي درجي جي اڳواڻن کي ڇڏي ويو ته بي وقوفي جي حد تائين سطحي ڳالهه ٿيندي. اِهو سڀ صحيح آهي پر اصل ۽ وڌيڪ بنيادي مسئلو هيو آهي جنهن کي پنهنجي گرفت ۾ آڻڻ، اُن جي تجزيي ڪرڻ، سمجهڻ ۽ اُن تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي. اِنهيءَ جي وڏي واڪ اپٽار پاڪستان ۾ هميشه کان هڪ غيرمقبول ڳالهه رهي آهي پر هاڻي چپ رهڻ ڏوهه مثل آهي. سچ ته اِهو آهي ته هندي ننڍي کنڊ مان ڌار ڪري آزاد مسلم رياست ٺاهڻ لاءِ ڪي حقيقي بنياد نه هُئا. غريب مسلمانن جي هڪ وڏي کهاڻي لاءِ اِنهي جو ڪو معاشي يا سياسي جواز نه هو. هندستان جي مسلمانن جي معروضي مفادن ۽ حالتن جي سنجيده ۽ حقيقتن تي ٻڌل تجزيي جي جاءِ هڪ منجهيل لفاظي ۽ خطرناڪ جذباتيت ورتي هُئي.

سچ آهي ته سامراجيت هڪ ڪندو ۽ ناخوشگوار ڪم آهي. نوآبادياتي راڄ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خاتمي تي يورپي طاقتن ٽڪرن ۾ ذکڻ ايشيا ۽ آفريڪا جي گهڻي حصي کي خالي ڪيو اهي پنهنجي پويان گهڻين حرامي بورجوازي رياستن کي ڇڏي ويا، اُهي سرمائيداريءَ کان اڳ جي سماجي بيهڪن جا نوآبادياتي ... سان پيدا ٿيل جديد هار هُئا. گڏيل ۽ غيرمساوي ترقيءَ جون شڪار اِهي رياستون غربت ۽ محتاجي جي هڪ چڪر ۾ ڦاسي پيون. انهي جبل مان ٻاهر نڪرڻ جي هڪ ئي رستو هو ۽ جيئن چين، هند- چيني، ڪيوبا ۽ نڪاراگوا ثابت ڪيو. اُها هو سماجي انقلاب.(23) ٻي صورت ۾ صُورتحال ڏاڍي ناخوشگوار هُئي، نوآبادياتي دؤر کان پوءِ وارين رياستن مان رڳو ڀارت ۽ ميڪسيڪو ئي آهن، جيڪي سياسي ڀاسي کي معاشي ڀاسي کان ڌار ڪرڻ ۾ ڪامياب ويون آهن.

پاڪستان ۾ رياست هڪ پرتشدد نموني سماج کي پنهنجي قبضي ۾ ڪيو آهي. پاڪستان هڪ غيرحقيقي ۽ ننڍي کنڊ ۾ سامراجي مداخلت جي پيداوار آهي. سنڌس بدلجندڙ سياسي ۽ سماجي بناوٽ مان اِها خبر پئي ٿي ته ڪيس جاني جم کان مرض لڳل آهي. 1971-72ع جو ٽوڙ ڪنهن پرڏيهي سازش ۽ ڀارتي منصوبي جو نتيجو نه هو. اهو تاريخ جو ڏنل هڪ سوچيل سمجهيل فيصلو هو. جيئن 1977ع جي مارشل لا واضح طور تي ڏيکاريو آهي ته اهو عمل ڪنهن به نموني پورو ناهي ٿيو. اِها ڪهڙي قسم جي رياست آهي، جيڪا رڳو ملان جي بلا امتياز استعمال، بندوق ۽ اوله مان گهرايل جديد ترين ايذاءَ ڏيندڙ سامان جي ڪري باقي رهي سگهي ٿي؟ سنڌس ٻيون ڪهڙيون به خاميون هُجن اسان اِهو چئي سگهون ٿا ته اهڙي رياست جون پاڙون واريءَ جي ڍڙن تي هونديون آهن اِها گهڻي عرصي تائين باقي نه ٿي رهي سگهي. جڏهن فوجي حاڪميت ٻنل حڪمران طبقي جي آخري ذريعي جي بجاءِ پهريون ذريعو بڻجي وڃي، جڏهن چونڊن کي اِنهي ڪري نه سڏيو وڃي ته متان ماڻهو انهن کي استعمال ڪري پنهنجي مرضي مڙهين؛ جڏهن فوجي ۽ سول ڪامورا شاهي سچو اعتبار ۽ ڀروسو وڃائي ويهي ۽ غاصبن جي طور تي سڃاتي وڃي ته پوءِ حقيقتاً اسان اهو چئي سگهون ٿا ته خاتمو گهڻو پري نه ٿو ٿي سگهي.

پاڪستاني رياست جي ائيندي جي ڏس جو تعين رڳو ملڪ اندر موجود سماجي، طبقاتي ۽ قومي قوتن جي گڏيل تعلق جي ڪري نه ٿيندو. پاڪستان جو مستقبل اڻٽٽ طور تي ڪابل جي صورتحال ۾ تبديلي، تهران جي چڪتاڻ سان پريور نڪرائڻ ۽ نئين دهلي ۾ ڀارتي حڪمران طبقي جي حڪمت عملي واري چونڊ سان ڳنڍيل آهي. اسان انهن سياسي علائقائي عنصرن تي آخري باب ۾ ڪجهه تفصيل سان بحث ڪنداسين. هن وقت اسان رياست کي درپيش اندروني تضادن ڏي ڌسنداسين ۽ ملڪ جي سياسي ادارن جي قوت ۽ ڪمزورين جو جائزو وٺنداسين.

مرڪزيت، جمهوريت ۽ قوميت جو سوال:

پاڪستان جي قيام جي عجيب و غريب تاريخ، رياست کي ڪي بلڪل نئين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مخصوص خاصيتون ٽنيون آهن. انهن مان وڏيڪ واضح هڪ مضبوط مرڪز جي قيام جي ڪوشش ۽ ملڪ جي آبادي جي هڪ نهايت وڏي گهڻائي جي جمهوري حقن کي نظرانداز ڪرڻ آهي. اِها ڳالهه اثر طور تي پاڪستاني رياست جي گهڻ قومي ڪردار سان ٽڪر ۾ اچي ٿي. جمهوري حقن ۽ آبادي جي گهڻائي کي ٻولي ۽ ثقافتي جي ٽيڻ کان انڪان اوير بنگال ۾ هڪ طاقتور قومي تحريڪ کي جنم ڏنو. جنهن جو انت کهرو ويڙهه ۽ بنگلاديش جي قيام جي صورت ۾ ٿيو. فوجي ڪامورڪي اشرافيه جيڪا اِنهي زوال لاءِ ذميدار هُئي، پُراڻي رياست جي ٽٽڻ مان غلط سبق پرايا ۽ اِها ڪوشش ڪئي ته مذهب کي نئين رياست جي منظم ڪندڙ اُصول طور ڪتب آڻجي. اِهو ڪم جيڪو 1977ع واري فوجي بغاوت سان پنهنجي اوج تي پهتو. پاڪستان کي درپيش بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ناڪام ويو آهي. هڪ نئي ممڪن حل (موجوده سماجي معاشي ڍانچي جي اندر رهندي به) اهو ٿي ٿي سگهي ٿو ته چئن صُوبن تي ٻڌل اهڙو ڍلو اتحاد قائم ڪيو وڃي، جنهن ۾ مرڪز رکو بچاءُ، پرڏيهي معاملن، ڪرنسي ۽ مواصلات لاءِ ذميوار هجي. پر اهڙي حل سان يقيناً فوج ۽ ڪامورا شاهي جو ضابطو ڪمزور ٿيندو ۽ اهڙو امڪان پيدا ٿي پوندو ته ڪجهه صُوبا پنهنجي ليکي بنيادي، سماجي ۽ معاشي تبديلين وارين رٿائن کي عمل ۾ آڻڻ جا تجربا ڪن. هڪ رضاڪارانه وفاق يا آخرڪار ملڪ جو ٽٽڻ؟، رياست کي درپيش اِهو بنيادي سوال هو. پهرين ڳالهه کي رد ڪري اُن ئي کي مڪمل ظلم وتشدّد تي ٻڌل سياسي حڪمراني جي قيام سان ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي. بهرحال فوجي حڪمران پنهنجي عوامي طور جائز هئڻ واري حيثيت کي وڃائي، پاڪستاني رياست جي جائز هئڻ وارن بنيان کي ئي ڪمزور ڪري رهيا آهن.

'قوميتن جو سوال' پاڪستان ۾ چڪتاڻ جو بنيادي نڪتو بڻجي چڪو آهي. قومن جي حق خودمختياري متعلق بحث کي مارڪسزم ۽ آزاد قوم پرستي، قوميتن ۽ قومن جي حق خودمختياري متعلق بحث کي مارڪسزم ۽ آزاد خيال جمهوري سياسي نظريي، ٻنهي ۾ ساڳي طرح خاص مقام حاصل آهي. جيئن اسان شروعاتي باب ۾ ٻڌايو آهي ته مارڪس ۽ اينگلز لاءِ يورپ جون پراڻيون قومي رياستون سرمائيداراڻي جي ترقيءَ جي پيداوار آهن. بورجوازي قوم جديد رياست جي هم معنيٰ آهي، جنهن ۾ سياسي ۽ سماجي زندگي ڌار ڌار هوندي آهي. اهو ڌار ڌار هئڻ وارو تصور سرمائيداريءَ جي پيداوار جي طريقي جي نوعيت مان ئي اُڀرندو آهي. سرمائيداريءَ ۾ قوميت، ٻولين ۽ ثقافتن کي ختم ڪري عالمگيريت ڏانهن وڌڻ جو لاڙو هوندو آهي. عالمي منڊي قومن جي هڪ ٻئي تي 'عالمگيري دارومدار' کي جنم ڏني ٿي. مانيڪل لووي نشاندهي ڪئي آهي ته باوجود اِنهيءَ جي ته مارڪس قومي سوال جي باري ۾ نهايت شاندار عمومي تصور ڏنا آهن پر اِنهي باري ۾ ڪو باقاعده نظريو پيش نه ڪيو ۽ نه ئي هُن 'قوم' جي نظريي جي ڪا قطعي تعريف پيش ڪئي آهي. (24) اهو لينن لاءِ ڇڏيو ويو ته هُو حق خوداختياري واري اُصول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي نئڙيل قومن جي سياسي ۽ جمهوري حق جي طور تي پيش ڪري ۽ آزا
جدوجهد ڪري. ليڻن جي لکڻين ۾ ڪابه اهڙي شيءِ ناهي جنهن مان غيرلچڪدار
عقيدي پرستيءَ جي نشاندهي ٿيندي هجي. قوم جي تعريف لاءِ ڪي مجرد اُصول
بيان ڪيا ويا هجن. انهي ڳالهه تي زور ڏيڻ لاءِ ضروري آهي ته مارڪس ۽ ليڻن
ٻنهي جي انهيءَ مسئلي تي لکڻين ۾ مذهب ۽ زبان ٻنهي مان ڪنهن کي به قوم لاءِ
اهم اُصول جي طور تي نه ڄاتايو ويو. ٻنهي انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته
معروضي طور تي بورجوازي سماج جو لاڙو نسل، ٻوليءَ ۽ مذهب جي بندشن کي
ٽوڙڻ ڏانهن هوندو آهي.

عالمي سطح تي سرمائيداريءَ جي اڻ برابر ڦهلاءُ ٽن ڪنڊن تي سالن جي
سامراجي تسلط جي مرحلي، وسعت ۾ نه اچڻ جهڙي اڻ برابري، روس، چين ۽ هند-
چينيءَ کي بدلائيندڙ انقلاب جو اڻپورو ڪردار، اولهه جي ترقي ڪيل سرمائيداري
جي پنهنجي شهرين جي سڀني جمهوري اُمنگن کي پوري ڪرڻ ۾ ظاهر ظهور
ناڪامي، سڀني گڏجي قومي سوال جي ختم ٿيڻ کي روڪي ڇڏيو آهي. ٻين لفظن
۾ معاشيات کان وڌيڪ اها سياست آهي، جيڪا مسئلي جو بنياد آهي. انهيءَ
نڪتي تي اسان زور انهي ڪري پيا ڏيون ته جيئن مشهور مشرقي علمن جي سوويت
ماهر وائي- وي- ڪنتڪووسڪي، جنهن جي لکڻين جو ڏکڻ ايشيا ۾ چڱو اثر آهي،
جي پيش ڪيل انهي خيال کي ته، اُتي هڪ نه ٻئي نموني اڪيلي مقرر ٿيل طريقي
سان قبائلي/ جاگيرداري قوميت کان بورجوازي قوميت ڏانهن هڪ ارتقائي سلسلو
جاري آهي، چئلينج ڪري سگهجي. (25) ڪنتڪووسڪي جي انهيءَ غيرلچڪدار
نظريي جي يورپ جي ست سؤ سالن جي ترقيءَ جي تاريخ نفي ڪري ٿي. اولهه ۽
اوڀر يورپ ۾ ترتيبوار بورجوازي قوم جي سامهون اچڻ جي طريقن ۾ اهم فرق
آهن. (26) اولهه جي رياستن جو وجود هڪ اهڙي مضبوط استحصال ڪندڙ قوميت
تي ٻڌل نه هو. جيڪا ٻين قومن جو استحصال ڪري رهي هجي. گهڻين رياستن
واري انهي ٻيهڪ قومي رياستن جي بنيادن کي ڏاهڻ ۾ مدد ڏني. اوڀر ۾ منظر
بلڪل ئي مختلف هو. رومانوف ۽ هيبسبرگن جي تعدادي لحاظ کان وڏين ۽ فوجي
لحاظ کان مضبوط قومن جي اڪائن جي حيثيت ۾ پنهنجين سلطنتن تي حڪمراني
ٻني ڪئي. اهڙي طرح سرمائيداري جي ترقي ننڍين قومن جي وڏي تعداد جي قومي
استحصال سان ڳنڍجي ويئي. نتيجي طور اوڀر ۾ جديد قومن جي پيدائش جي عمل
کي لازمي طور تي هڪ ڌار واٽ اختيار ڪرڻي پئي. اها واٽ هئي: قومي آزاديءَ
جي حصول لاءِ بالادست قوم سان واسطو رکندڙ حڪمران طبقي خلاف هڪ تلخ
جدوجهد. اهي نئون معاشي قانونن جي بجاءِ سياسي عنصر هئا. جن جديد رياستن
جي خاصيتن کي متعين ڪيو.

جيڪڏهن اسان هاڻي هندستان ۾ برطانيا جي قائم ڪيل نوآبادياتي رياست
جي ڀيٽ ڪيون ته اسان کي اهم قوميتن جي اهم مسئلي تي زار جي روس کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رنگ، اولهه يورپ جي ويجهو لڳندو. سياسي اقتدار هڪ پرڏيهي حڪمران طبقي جي هٿ ۾ هو جنهن جو مقامي طور تي ڪامورن ۽ سپاهين جن جو ديسي حاڪمن ۽ اشرافيه سان اتحاد هو، جي ٿورڙي تعداد تي دارومدار هو. پر نوآبادياتي ڍانچا وڌ ۾ وڌ هڪ بگڙيل ۽ بدصورت بورجوازي رياست کي ئي جنم ڏيئي سگهن ٿا. اهو ڪن حادثن نه پر باقاعده رٿابندي هيٺ ٿيل هو. نوآبادياتي اختيارين پاران رڳو اهڙي سياسي، ثقافتي ۽ معاشي ترقيءَ جي اجازت ڏني ويئي، جنهن کي سلطنت کي قائم رکڻ لاءِ بلڪل ئي ضروري سمجهيو ويو هو. جيڪڏهن آزاد سماجي ۽ معاشي ترقيءَ جي اجازت ڏني وڃي ها ته آزاديءَ کان پوءِ واري ڏکڻ ايشيا جو نمونو بلڪل ئي مختلف هُجي ها. رڳو مٿان کان آندل محدود سڌارن جي ڪري قومين جي ڪڏهن جي عمل جي شروعات ٿي چُڪي هُئي ۽ ساڳي رقت نوآبادياتي ڏاڍ خلاف پوري هند جي بنياد تي قومي تحريڪ جي اُڀرڻ جي پڻ حوصلي افزائي ٿي رهي هُئي. 1848ع کان پوءِ واري يورپ جي بورجوازي وانگر نوآبادياتي رياست مٿان کان سڌارن جي عمل کي روڪي ڇڏيو ته جيئن هيٺان کان بغاوت کي روڪي سگهجي.

جيئن اسان ڏٺو آهي ته آزاديءَ کان پوءِ واري پاڪستان ۾ قومي تضاد گهڻو ڪري اِنهي ڪري حاوي ٿي ويا، جو حڪمران طبقن جي ادارن ۾ آباديءَ جي گهڻائي کي نمائندگي کان محروم رکيو ويو هو. اِنهيءَ سان گڏوگڏ بنگالين تي ڏاڍ ۽ سندن جمهوري حقن ۽ زبان کي چيپاڻ جون ڪوششون پڻ ڪيون ويون هيون. موجوده پاڪستان ۾ پنجابي، سنڌي، پٺاڻ ۽ بلوچ ترتيبوار چار وڏيون قوميتون آهن. پنجاب جيڪو نوآبادياتي دؤر ۾ هندستان جي اناج پيدا ڪندڙ علائقي ۽ تلوار واري ٻانهن طور سڃاتو ويندو هو، پنهنجين انهن خاصيتن کي برقرار رکڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. پر هاڻي هڪ تمام نئين رياست جي ڍانچي ۾ ڪيس ايوب خان جي فوجي سرڪار جي دؤر ۾ شروع ڪيل صنعتڪاريءَ جي عمل جي ڪري ٻه گهڻو فائدو پهتو. اڄ پنجاب فوجي، معاشي ۽ سياسي لحاظ کان پاڪستان جو هڪ حاوي صوبو آهي. ٻي انتها تي بلوچستان آهي، جنهن جي آبادي پاڪستان جي ڪُل آباديءَ جو هڪ ٻئي چار سيڪڙو آهي. جڏهن ته سندس ايراضي ٻائيتاليهه سيڪڙو آهي. هڪ ٻئي پوياڻ ايندڙ حڪومتن صوبي کي بلڪل ئي غيرترقي يافته حالت ۾ ڇڏي ڏنو آهي. اُتي في ماڻهو آمدني، پڙهيل بالغن جي سطح ۽ عمر جي سراسري طور حد باقي سڄي ملڪ کان گهٽ آهي. بلوچ قومپرستن ۽ حاوي پنجابي فوجي ڪامورڪي اشرافيه جي وچ ۾ جدوجهد اُنهن ٽڪيائين جو نمونو پيش ڪري ٿي، جيڪي اسلام آباد کي درپيش آهن. ساڳي وقت ڀٽي جي ڦاسي کان پوءِ سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ هڪ نئون تحرڪ آيو آهي ۽ اُها اندرين علائقن ۾ سنڌي فوجي ڏاڍ جو شڪار ٿي آهي، جڏهن ته سرحد جي پٺاڻن ۾ سرڪار سان سندن ناپسنديدگي جا آثار نظر اچي رهيا آهن. انٽيليجينس ادارن جا پاڻ ۾ ڇتاڀيڙي ڪندڙ عهديدار، جيڪي فوجي اڳواڻن جا اصل صلاحڪار هوندا آهن، ٻنا ڪنهن حيرت جي پاڪستاني سياست

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي قوم پرست پاسي ۾ ني ورتل هوندا آهن.

مختلف حڪومتن مزدورن جي تحريڪ جي حوصلي شڪني نہ ڪئي آهي چاڪاڻ تہ پٺاڻ ۽ بلوچ ڪراچي جي شهري پرولتاريہ جو هڪ مضبوط حصو آهن جڏهن تہ پنجابي پوليس وارا ۽ سرڪاري ملازم ڪرنٽينا ۾ عام ڏسڻ ۾ اچن ٿا. انهي جي باوجود اُتي نہ صنعتڪاري جو برابريءَ وارو عمل رهيو آهي ۽ نہ ئي جديد سياسي نظام. نتيجي ۾ سڀني ٽنهي قومن ساڻ وچان پنهنجي سڃاڻپ جي حفاظت ڪئي آهي. پشتو، سنڌي ۽ بلوچ شاعرن جو هڪ نئون نسل پيدا ٿيو آهي، جيڪو پنهنجي ٻوليءَ ۽ ثقافت جي قوت جو اعلان ۽ ساڻن ٿيندڙ ڏاڍ جي شڪايت ڪري ٿو. ڪابہ شيءِ ايڏي خوبصورت نموني ذهن کي سوڙهو نہ ٿي ڪري، جيترو فوجي سرڪار ڪري ٿي. پنجابي مزدور ۽ هاري بہ پنهنجي حال تي خوش نہ آهن. درحقيقت منجهن بيچيني وڌي رهي آهي. اڃان تائين پاڪستان ۾ رهائش پذير بلوچ اڳواڻ غوث بخش بزنجي هڪ جمهوري وفاقي رياست جي قيام لاءِ زوردار اپيل ڪئي هئي. سندس چوڻ هو تہ:

"سالن کان گڏ ٿيندڙ تلخي ۽ ڇڪتاڻ نہ رڳو حڪومت سان ماڻهن جي ناتن کي متاثر ڪري رهي آهي پر شڪ پيدا ٿيڻ جو پڻ ذريعو ۽ سبب بڻجي رهي آهي. اڄ رياست پاران جوڳا نتيجا ڏيڻ، اُن جي باقي رهڻ جي اهليت (۽ جواز) ۽ انهي باري ۾ تہ: آيا ماڻهو وڌيڪ دير پوڻ ۾ ڪا رهي سگهن ٿا: متعلق شڪ ۽ شبها پيدا ٿي پيا آهن." (27)

اسان جنهن ڳالهہ تي زور ڏيندي رهيا آهيون اُها بلڪل سادي آهي. پاڪستان جي ٽن ننين صوبن ۾ ڏڪندڙ قومي بيچيني جو وڏو سبب سياسي امتياز جو هُئڻ آهي. صوبن ۾ نمائنده حڪومتن کي مڃڻ کان انڪار مسئلي کي ڏهوڻو وڌائي سگهي ٿو. اسلام ايڏو مضبوط ثابت نہ ٿيو جو اوڀر ۽ اولهہ پاڪستان کي گڏ رکي سگهي. اهو پوءِ ڪيئن باقي رهيل چئن صوبن جي اتحاد کي مضبوط ڪري سگهي ٿو؟ جيڪڏهن ويهہ هزار بلوچ گوريلا پاڪستاني فوج جي چئن ڊويزنن (هڪ لک فوجين) ۽ ايراني هيلي ڪاپٽرن ۽ هوابازن سان گڏ هوائي فوج جي اسڪوارڊن کي مصروف رکي سگهن ٿا ۽ پوئتي هٽڻ کان پهرين ڪين پاري جاني نقصان پهچائي سگهن ٿا تہ پوءِ ٽن محاذن تي ٽڪرائڻ کي ڪيئن قابو ۾ آڻي سگهجي ٿو؟ اهو صحيح آهي تہ فوج ۾ مشڪل سان ڪو ٿي بلوچ آهي ۽ سنڌي بہ آٽي ۾ لوڻ برابر آهن. پر پٺاڻن جي هڪ وڏي نوراني آهي. انهيءَ ڪري سرحد صوبي ۾ ڪريڪ فوج اندر شديد اختلافن کي پيدا ڪري سگهي ٿي. (يقيناً بلوچن کي فوج ۾ ڀرتي نہ ڪرڻ سنڌين خلاف هڪ واضح سياسي امتياز آهي. اهو پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ 'وڙهندڙ نسلن' وارو نظريو جيڪو پاڪستاني هاءِ ڪمان ۾ گهڻو مقبول آهي، جنهن 'مزساڻين خوبين' تي زور ڏني ٿو. اُنهن جي ڪري بلوچن کي فوج کان ٻاهر رکڻ جو مشڪل سان ٿي ڪو جواز نهي ٿو 14-1909ع جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

برطانوي هندي فوج جي ڪمانڊر انچيف جنرل سر او- مُور ڪريڪ جي اهم سمجهاڻي موجب 'گرم ۽ ميداني علائقن ۾ جن تي ڪهڻي ڀاڱي هندستان مشتمل آهي، اهڙا نسل ملن ٿا، جيڪي پنهنجي مذهب ۽ عادتن هنهي لحاظن کان مانيتا آهن. اُهي پاڻ کان اعليٰ رُتبي وارن جا تابعدار ۽ گهٽ رتبي وارن لاءِ قهر آهن ۽ بلڪل جنگجو ڪونهن. ٻين علائقن ۾ جتي سرديءَ ۾ ڪهڻي ٿڌ ٿيندي آهي اُتي جنگجوئن جي ڀرتي ملي سگهي ٿي.' (28) هتي انهيءَ حقيقت کي پاسيرو رکندي ته انهي بي معنيٰ لفاظيءَ جي، تاريخ بار بار ويٽنام، چين، بنگلاديش وغيره ۾ نفي ڪئي آهي؛ (اهي دليل بلوچن کي متاثر ٿا ڪن، جيڪي برطانوي راڄ ۾ سنڌس ديسي پوٺگن جي فوجي نظرئيدانن جي 'ويڙهو قوم' جي مقرر ڪيل معيار تي پورا لهن ٿا.)

هتي هڪ ٻيو عنصر آهي، جنهن تي اسين ايندڙ باب ۾ بحث ڪنداسين. پاڪستان جي ٽن صوبن، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان کي لارڊ ڪرزن جي ڪامورن ۽ سنڌس پوٺگن پاران ٻن حصن ۾ ورهايو ويو هو. پنجاب جو اڌ حصو ڀارت ۾ آهي، بلوچستان جو هڪ حصو ايران ۾ آهي ۽ پاڪستان ۽ افغانستان جي سرحد، ڊيورنڊ لائن کي جنهن ريت ٺاهيو ويو هو، اُن ۾ ماڻهن يا قومين جي ايڪتا کي بلڪل ئي نظرانداز ڪيو ويو هو. انهيءَ ڪري ڇا پاڪستان جي رياستن جي موجوده بيهڪ ۾ قومي سوال حل ٿي سگهي ٿو؟ رُڳو اُن وقت جيڪڏهن رياست جي ڪردار ۽ سنڌس مشينري ۾ ڪا بنيادي تبديلي ٿئي ٿي، سماجي انقلاب کانسواءِ اهو ناممڪن آهي. اِها تاريخ جي هڪ ستم ظريفي آهي ته 'مسلمان پاڪستان' هڪ مستحڪم مُلڪ جي حيثيت ۾ اُن وقت ئي باقي رهي سگهي ٿو جڏهن اُهو هڪ غيرمذهبي، جمهوري ۽ سوشلسٽ جمهوريه هُجي، جنهن ۾ سڀني قومين ۽ مذهبن کي سلامتي حاصل هُجي. اِهو صحيح آهي ته هن وقت اهڙو اُڻيندڙ هڪ خيالي جنت وانگر لڳي ٿو پر اِنهيءَ کانسواءِ ڪهڻي مدي وارو ٻيو ڪوبہ حل ناهي.

اُن معنيٰ ۾ جمهوريت، وفاقيت ۽ قومي سوال جا مسئلا مڪمل طور تي جنرل ضياءُ الحق جي ذميواري ناهن. سنڌس اقتدار تان لهڻ کان پوءِ اُهو ڪيئن به ٿئي، اهي مسئلا پنهنجو پاڻ حل نہ ٿيندا. قومين جو بُحران صنعتڪاريءَ جي شروعات سان گڏ مٿان کان آندل ڪجهہ هلڪن سڌارن سان حل ٿيڻ کان مٿي چڙهيل آهي. فوجي سرڪار جي سنڌ ۽ بلوچستان جي ماڻهن تي ايذائن، قتلن ۽ قاسين جي مڙهڻ جي ڪري اُتان جي ماڻهن جا رويا گهڻا سخت ٿي پيا آهن. جنوري 1982ع ۾ پاڪستان جو سفر ڪندڙ هڪ ڀارتي صحافي رپورٽ ڏني ته هڪ سنڌي ويڙهاڪ پوري سنجيدگيءَ سان مونکان پڇيو ته:

"1971ع ۾ ڀارتي فوج واپس ڇو هلي وئي، اُها اُن وقت، جڏهن پاڪ فوج زبون حالت ۾ هُئي ملڪ جي سنڌس رهائش واري علائقي ۾ اندر تائين ڇو نہ گهڙي آئي." (29).

انهي سوال سان بي همتي ۽ مايوسي ٻئي ظاهر ٿين ٿا پر اِنهيءَ سان وڌندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاوڙ ۽ اسلام آباد ۾ هن اُنهي شيءِ سان جنهن جي هُو نمائندگي ڪري ٿو اجنبي جي پڻ نشاندهي ٿئي ٿي. قومي سوال هڪ ٽائم بم آهي، جيڪو 1971ع ۾ ڪر پوءِ واري رياست جي بنيادن لاءِ خطرو بڻيل آهي. انهي جي ڦاٽڻ جو وقت ڪهڙو بہ ٿو ٿي سگهي.

سياسي جماعتون

1971ع ۾ پاڪستان جو ٽٽڻ، جيئن سمجهيو ويو هو، ملڪ جي سياسي جماعتن ۾ ڪنهن وڏي ٽوڙ جو باعث نہ بڻيو. سياست ايتري گهٽي حد تائين علائقائي ٿي جڪڙي هُئي، جو 1947ع جي رياست جي وڪرجڻ سان اُن جي ڪنهن بہ حصي ۾ جماعتن تي ڪو وڏو اثر نہ پيو. مسلم ليگ پاڪستان ۾ قومي سياسي جماعت ٺاهڻ جي ڀرپور وڏين ڪوشش جي نمائندگي ڪئي ٿي، پر سندس پاڙون ڪمزور رهيون ۽ عوامي بنياد کي ٺاهڻ ۾ ناڪامي جي ڪري اِها جناح جي گذاري وڃڻ کانپوءِ جلد ئي وکري ويئي. جناح جي هڪ مضبوط تنظيم ٺاهڻ ۾ ناڪاميءَ جا گهڻا سبب آهن. اُتر پرديش جيڪو مسلم پيٽي بورجوازي جو، جنهن جي جناح نمائندگي ٿي ڪئي، هڪ اهم علائقو هو، جيڪو پاڪستان جو حصو نہ ٿيو. وڌيڪ اهو نہ ورهاڱي کان پوءِ وارا پناهگير تعداد جي لحاظ کان اهميت رکندڙ هُئا ۽ نہ سياسي طور هڪ مستحڪم قوت هُئا. اهڙي ريت پاڪستان جي موجوده صوبن ۾ بنيادن نہ هُئڻ ڪري جناح صُوبن جي زميندارن کي مسلم ليگ جي نمائندن طور پڪي ڪرڻ تي زور رکيو. اُنهن علائقن ۾، جن تي هن وقت پاڪستان مشتمل آهي، پيداواري قوتن جي گهٽ سطح (سرمائيداريءَ جي حقيقتاً عدم موجودگي) جو مطلب اهو هو تہ حڪمران طبقي ۾ زميندار حاوي سماجي قوت هُئا.

ڀارتي ڪانگريس جي اُبتڙ مسلم ليگ ڪڏهن بہ حڪمران طبقي جي هڪ ڀروسي جوڳي سياسي جماعت جي اهليت اختيار نہ ڪري سگهي، جيڪا عوام کي چڱي طرح منجهائڻ يا ڪنهن ضابطي ۾ رکڻ جي قابل هُجي. جناح جي وفات کان پوءِ جڏهن اها کهنجي بدعنوان ۽ ڀاڱن ۾ ورهندڙ ڌڙن جي گرفت ۾ قابو ٿي ويئي تہ سندس ڀروسو مستقل طور تي ختم ٿي ويو. اهڙي ريت شروعات کان ئي پاڪستان تي فوج ۽ ڪاموراشاهي حاوي رهيا. اها نوڪرشاهيءَ هُئي جنهن پاڪستان ۾ سرمائيداريءَ جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو، تنهن ڪارخانيدارن ۽ ڪاموراشاهي وچ ۾ هميشہ کان ئي ويجها ۽ هڪ ٻئي لاءِ منافعي بخش ناتا رهيا هُئا. جيستائين ڪاموراشاهي آزادانہ طور تي اختيارن جو استعمال ڪيو ٿي، تيستائين اهڙو ڪو بہ سبب نظر نہ ٿي آيو تہ نئين حڪمران طبقي کي پنهنجي سياسي جماعت کي جو مضبوط ڪرڻ گهرجي. فوج ۽ ڪامورا شاهي مسلم ليگ يا ٻئي ڪنهن نمائندي کان وڌيڪ اثرائتي نموني سندس مفادن جي ضمانت فراهم ڪئي هُئي. پاڪستان جي حڪمران طبقي جي پنهنجي سياسي اداري ٺهڻ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ناڪاميءَ وچ يا ڪاهي پاسي کان ڪنهن قومي متبادل جي اڀرڻ کي به روڪي ڇڏيو هو. آزاديءَ کان گهڻو پوءِ تائين پاڪستان ۾ ورهاڱي کان اڳ واري سياست حاوي رهندي آئي. سرحد ۽ بلوچستان ۾ مسلم ليگ کي ڪا منظم حمايت حاصل نه هئي. پٺاڻ ۽ بلوچ اڳواڻ جن سامراج خلاف جدوجهد ڪئي هئي، ان قوم پرست تحريڪ جو حصو هئا، جنهن کي ڪاٽ هڻڻ لاءِ ئي مسلم ليگ کي ٺاهيو ويو هو. ٻه سرحدي صوبا ليگ مخالف قوم پرستن جي مضبوط اثر ۾ رهيا. هڪ ٻکهي مدي تائين انهن ڳڄي ڪم ڪيو پر وڌندڙ سياسي بحرانن ڪين ڌار ڪري ڇڏيو. بلوچستان جي ڳهڙ ويڙهه انهي صوبي جي سياسي زندگي کي بدلائي ڇڏيو هو. بي- پي- ايل- ايف جو پيدا ٿيڻ ۽ پوءِ بزنجي ۽ ولي خان جي وچ ۾ اختلاف انهيءَ جا نتيجا هئا. پنجاب ۽ سنڌ ۾ زميندار سياست تي حاوي رهيا هئا. جاگيرداراڻي بالادستي سياسي جماعت کي جڻ ته غير اهم بڻائي ڇڏيو هو. ڀٽي جي پي پي پي جي جهڙي هيٺ عوامي جي ظهور انهي ضابطي کي جزوي طور تي ضرور ٽوڙي ڇڏيو هو.

جيئن ڪجهه اسان ڪڏريل باب ۾ لکيو اُن کي هتي ورجائڻ غيرضروري آهي، پر پي پي پي جي مقبوليت سندس ڪيل ڪمن نه پر سندس ماڻهن سان ڪيل واعدن جي بنياد تي هئي. پاڪستان ۾ ڪنهن به وڏي سياسي اڳواڻ ڪڏهن به اهو نه چيو هو ته عام ماڻهو جا مفاد مٿاهان آهن. بهرحال پاڪستان جي تاريخ ۾ ڀٽي جو نالو انهي ڪري باقي رهندو. جو اُن ڏتڙيل ماڻهن کي سندن تڪليفن ۽ ايذائن ظاهر ڪرڻ تي همٿايو هو.(30) اها هڪ نئين ڳالهه هئي پر ڀٽي جي موت کان پوءِ پي پي پي صفا ڪوڪلي ٿي وئي آهي. وٽس اڳواڻي لاءِ به باهمت عورتون (ڀٽي جي بيوه ۽ سندس وڏي ڌيءُ) آهن پر وٽس تربيت يافته ڪارڪن، تجربيڪار ۽ پاڙ اربيندڙ تنظيم ٺاهيندڙن، ٽريڊ يونين ۽ هاري تنظيم يا ايسٽائين جو هڪ مضبوط شاگرد تنظيم جي کهٽتائي آهي. سندس نظريو منجهيل ٿي رهيو آهي.

انهي ڳالهه ۾ ٿورن ماڻهن کي شڪ آهي ته پي پي پي هر ڪنهن چونڊ ۾ ڪاميابي حاصل ڪندي. پر سوال اهو آهي ته ڇا پاڪستان جي سياسي جماعتن مان ڪا به هڪ ايتري منظم آهي جو عام چونڊن ڪرائڻ تي مجبور ڪرڻ لاءِ عوامي تحريڪ شروع ڪري سگهي. انهي معاملي ۾ پنجابي عوام سڙڪن تي نڪري ٿا اچن ته پوءِ موجوده فوجي سرڪار اچي پٽ پوندي. پر پنجاب ۾ سياسي جماعتون ضرور آهن. پي پي پي کي حمايت حاصل آهي، پر ڪا سنجيده تنظيم سازي ڪانهي. ايئر مارشل اصغرخان جي اڳواڻي ۾ تحريڪ استقلال هڪ مثالي پاڪستاني تنظيم آهي. اها گهڻي ڀاڱي قومي ۽ صوباڻي سطح جي اڳواڻن سان ڳرو ڳڙ هر نئين سچ جي پوڄاري؛ آئيندي پسندن تي مشتمل آهي، جن کي اها اُميد آهي ته فوج شايد پي پي پي جي پيٽ ۾ وچٿري تحريڪ کي برداشت ڪندي. تحريڪ جو سياسي منشور ملڪ کي محدود طور تي جديد بڻائڻ ۽ مٿاڇرن سڌارن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي ٻڌل آهي، ’ڪُڙيل معيشت‘ جي وڪالت ڪندي، اِها مُلڪ کي درپيش مسئلي تي مُبهم موقف رکي ٿي.

اِنهيءَ ۾ شڪ نه ٿو ٿي سگهي ته خود عوامي اُڀار جي صُورت ۾ اِها پيڇرو ٿي هوندي جيڪا (پنجاب ۽ سنڌ ۾) اِنهي پوک کي لٽيندي، سنڌس لاءِ ڏکيائي اِنهي ڳالهه ۾ آهي ته اِها پاڻ ايتري طاقتور ناهي جو اهڙي بغاوت کي شروع ڪري سگهي، پر اِها ماڻهن جي مزاج جي محتاج آهي. جوڻدن نه ٿين جي صورت ۾ سياسي شعور کي جاچڻ ڏکيو ڪم آهي. ڀٽي جي ڦاسيءَ کان پوءِ عوامي احتجاج جو نه ٿي سگهڻ اِنهي ڳالهه ڏانهن اشارو هو ته ماڻهو ٿڪجي پيا هُئا. اُنهن 1968-69ع ۾ ايوب جي تختي اونڌي ڪرڻ لاءِ پنج مهينا جدوجهد ڪئي هُئي. اُنهن 1977ع جي چوڻڊن ۾ ڌانڌلين جي خلاف احتجاج ڪيو هو. حقيقتاً ڪُجهه ماڻهن ڀٽي جي خلاف ووٽ ڏنو هو پر سنڌن ارادو مارشل لا آڻڻ جو نه هو. ڀٽي جي ڦاسيءَ کان اڳ يا پوءِ ڪنهن عوامي عمل جي نه هئڻ جو ڏوهه سنڌس نائبن خاص طور تي حفيظ پيرزادي ۽ ممتاز ڀٽي کي ڏنو وڃي ٿو. يقيناً پي پي پي جا اڳواڻ مڪمل طور تي ذميواري کان بچي نه ٿا سگهن پر اُهي حقيقي معنيٰ ۾ هڪ سياسي جماعت ٺاهڻ ۾ ناڪاميءَ جي قيمت ادا ڪري رهيا هُئا. اُهي هڙتالن ۽ مظاهرن ڪرائڻ لاءِ بس رڳو هڪ ٽپ ڏيئي ماڻهن وٽ نه ٿي وڃي سگهيا. بهرحال ڪجهه ٻـ هجي ماڻهن جو ڀٽي جي سچي مقدمي ۽ ڦاسي واري عرصي ۾ خاموش جيڪڏهن ڏکويل بہ هُئا. تماشائي بڻجي رهڻ اِنهي ڳالهه لاءِ ڪافي اشارو هو ته فوج کي ڪجهه سالن لاءِ حڪومت هلائڻ ۾ ڪا ڏکيائي نه ٿيندي.

ڀٽي جي ڦاسيءَ کان پوءِ جي صدمي ماڻهن ۾ سياست کان لاتعلقي پيدا ڪري ڇڏي هُئي، اِها سياست کان ڊار ٿيڻ جي ڳالهه نه هُئي پر ڏک ۽ ڊپ جي ڪري پيدا ٿيل بي وسي ۽ بي همتي واري جذبي جو اظهار هو. هڪ پنجابي جو اهو چوڻ ته، ”جيڪڏهن ڀٽي جهڙي طاقتور ماڻهوءَ کي ماري سگهن ٿا ته پوءِ اسان ڇا ٿيندا آهيون؟ اسان ڪجهه بہ نه ناهيون.“ گهڻي عام ڳالهه هُئي. پاڪستاني سياست کي دهشت زده ڪرڻ جو عمل عوامي شعور کي پُرزا پرزا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيو هو. فوجي سرڪار کي اِها اُميد هُئي ته اهڙي ريت اُها عوام جي تاريخي يادگيريءَ مان سنڌن اجتماعي قوت جي سڀني يادگيرين کي ميساري سگهي ٿي. پر اِئين ڪرڻ ۾ اُها ڪامياب نه وٺي آهي. اهڙا آثار موجود آهن ته تبديلي گهڻو پري ناهي. اِها ڪيئن ايندي؟ اِها غير يقيني ڳالهه آهي. ٿورا ماڻهو تحريڪن ۾ شامل عوام جي تخليقي قوت جي صحيح اڪٽي ڪري سگهن ٿا پر ڪنهن کي بہ اِهو يقين ناهي ته پاڪستان جون سياسي جماعتون، جيڪي اُهي اڄ موجود آهن، فوج کي مستقل طور تي سياسي منظر تان هٽائڻ ۾ اڳواڻي وارو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڪستان جي ڪابي ڌُر جا مسئلا

ڏکڻ ايشيا جي ڪميونسٽ تحريڪ جي تاريخن اڻٽڻ نموني روس جي انقلاب ۽ اُن کان پوءِ جي حالتن سان ڳنڍيل آهي. زارازم جي زوال ۽ پيٽروگراڊ ۾ سوويت جمهوريه جي قيام هندستان جي انقلابي قوم پرستن واري حصي تي گهرا اثر وڌا هُئا. گهڻن عام ماڻهن پنهنجي اندر ۾ اهو محسوس ڪيو هو ته اُهي هڪ اهڙي رياست کي جنم ونندو ڏسي رهيا آهن، جيڪا هر جاءِ تي مظلوم ماڻهن جي دوست ۽ ساٿي هوندي. سيني اڳواڻن سامراجي حڪمرانيءَ کي ڌڪ ڏين لاءِ طئي ٿيل ڳرڙن شروطن جي ڳُجهن دستاويزن جي اشاعت دنيا جي گهڻن حصن ۾ نئين انقلاب جي وقار کي وڌائي ڇڏيو هو. بالشويڪن جي ظاهر ڪيل بين الاقواميت کي 1919ع ۾ ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي قيام سان هڪ نئوس شڪل ڏني ويئي.

1922ع ۾ پنهنجي چوٿين ڪانگريس ۾ ڪومنٽرن نوآبادين جي نين ۽ ناتجربيڪار ڪميونسٽ پارٽين جي مدد ڪرڻ لاءِ ڪجهه رهنما اصول طئي ڪيا. اهي ضرورت تحت، بلڪل ٺي عام، هڪ سبق جهڙا ۽ مجرد هُئا پر تيهن، چاليهن ۽ پنجاهه جي ڏهاڪن ۾ ماسڪو جي ڏنل 'صلاح' کي ڏسندي اهي جڻ ته واضح ۽ صاف ٿين لاءِ نموني مثل هُئا:

"نوآبادين جي ڪميونسٽن جو آزاد طبقاتي مفادن جي نالي ماتر بچاءَ جو بهانو سامراجي ڌاڙ خلاف جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار بدترين قسم جي موقعي پرستي آهي، جنهن جو مقصد اوپر ۾ پرولتاري انقلاب جي ساک کي خراب ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه ناهي. ساڳي طرح 'قومي ايڪي' يا بورجوازي جمهوريت سان 'سماج جي امن' لاءِ ٺهي هلڻ جي نالي ۾ پنهنجو پاڻ کي پورهيت طبقي جي روزاني جي مسئلن کان ڌار ڪرڻ جي ڪوشش کي گهٽ نقصانڪار ڪري نه ڏسڻ گهرجي. نوآبادين ۾ نيم نوآبادين جي ڪميونسٽ ۽ پورهيت طبقي جي جماعتن جي اڌو ٻنو ڪم آهي. هڪ پاسي بورجوازي جمهوريت جنهن جو رُخ سياسي آزادي حاصل ڪرڻ هُجي، جي وڌيڪ انقلابي حل لاءِ وڙهڻ ۽ ٻئي پاسي پورهيتن ۽ هارين کي پنهنجن خاص طبقاتي مفادن ڪاڻ وڙهڻ لاءِ منظم ڪرڻ ۽ قومي بورجوازي جمهوري ڪئمپ مان موجود تضادن مان فائدو وٺڻ... پورهيت طبقي کي اهو ڄاڻڻ گهرجي ته رڳو وڏين طاقتن جي سامراجيت خلاف جدوجهد کي گهري ۽ وسيع ڪرڻ سان ئي هُو انقلابي اڳواڻ واري حيثيت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو." (31)

هندستان جي ڪميونزم جو الميو اهو هو ته سندس واڌ گهڻو ڪري چاليهن واري ڏهاڪي ۾ ٿي، جڏهن آڪٽوبر 1917ع واري انقلاب جي اڳتي وڌڻ واري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صلاحيت کي اکيلي اسٽالنزم جي ظهور وسيلي ضايع ڪيو ۽ بگاڙيو ويو هو. ان کان پوءِ ڪومنٽرن جي پارٽين جون پاليسيون ۽ اُصول سوويت ڪامورا شاهي جي ضرورت موجب طئي ڪيا ويندا هئا. (32) انهي ڪري 1922ع واري ٿيسز ڦڪ مُثل تحرير بڻجي چڪي هئي. هندستاني ڪميونسٽن مٿي بيان ڪيل بڻتي غلطي کان بچڻ جي ڪابہ ڪوشش نہ ڪئي. سنڌن رويو قومي تحريڪ ڏانهن واهيات قسم جي گروهہ پرستي ۽ مڪمل طبقاتي اتحاد جي وچ ۾ تبديل ٿيندو رهيو هو. اقتدار حاصل ڪرڻ جي اهم مسئلي جي لحاظ کان نتيجو هڪ مايوس ڪندڙ ناڪامي هئي. جڏهن تہ چيني ۽ ويتنامي پارٽيون ڪامياب ٿيون. هندستاني ڪميونسٽ ڇو ناڪام ٿيا؟ ڇا اول الذڪر ڪومنٽرن جون حصو نہ هيون؟ اهي سوال گذريل ٽن ڏهاڪن کان هندستاني چيني، ويتنامي ۽ هندستاني ڪميونسٽ پاڻ اٿاري رهيا آهن. جواب سادو ناهي. چيني، ويتنامي ۽ هندستاني ڪميونسٽن جي تفصيلي مطابقاتي جائزي لاءِ هي مناسب موقعو ناهي، پر ٽنهي پارٽين کي مختلف ڪري ڏيکاريندڙ بنيادي خاصيتن کي هتي مختصر طور تي بيان ڪري سگهجي ٿو.

مٿ جيترن ويڙهاڪن کان ترقي ڪري اقتدار تي قبضي ڪرڻ تائين جو چيني پارٽي جو عرصو غلطين کان پاڪ ناهي رهيو. ويهن جي ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ۾ چيني ڪميونسٽن ڪومنٽرن جي تباهہ ڪُن صلاح کي قبوليو هو. نتيجو هڪ وڏي اوچتي تباهي جي صُورت ۾ نڪتو هو. 1970ع ۾ چيني ڪميونسٽن کي شنگهائي ۾ جنرل چيانگ ڪائي شيڪ جنهن کي اسٽالن ۽ سندس سائين جمهوري بورجوازي جو ترقي پسند اڳواڻ ڪري ليکيو هو، جي حڪم هيٺ ڪم ڪندڙ فوجن پاران بيدرديءَ سان ڪُٺو ويو. پارٽي جي پوءِ واري تعمير هڪ ڏکيو عمل هو. جنهن کي جپان جي چين تي ڪيل اڳرائي جي ڪري هڪ غيرمتوقع مدد ملي ويئي. مائو جي حمايتين هڪ پارٽي فوج ٺاهي، جنهن جپاني اڳرائي ڪندڙن خلاف بچاءُ جي اثرائتن اُپائن وٺڻ ڪري عوامي حمايت حاصل ڪري ورتي. جپانين جي شڪست کان پوءِ مائو چيني ڪميونسٽ فوجن کي ٽوڙڻ کان انڪار ڪري عملي طور تي اسٽالن جي صلاح کي نظرانداز ڪري ڇڏيو هو. اتر ۾ هارين جي اُڀار تنين سر کهرو ويڙهہ کي جنم ڏنو جنهن ۾ مائو جي حامين کهٽي ڏکياڻي ڪانسواءِ چيانگ ڪائي شيڪ تي فتح حاصل ڪئي. چيانگ جا سپاهي هزارن جي تعداد ۾ پنهنجن هٿيارن سان گڏ ڪيس ڇڏي هليا ويا هئا.

ويتنامي پارٽي کي ديسي بورجوازي يا اُن جي مقصد سان لاڳاپيل سياسي جماعتن جي بلڪل عدم موجودگيءَ جي ڪري فائدو ٿيو هو. 1960ع ۾ هڪ هندستاني ڪميونسٽ اڳواڻ جي سوال جو جواب ڏيندي هوچي منهہ بلڪل واضح ۽ صحيح نڪتو بيان ڪيو هو تہ:

"جڏهن مون هُن (هوچي منهہ) کان اهو پڇيو تہ سندس خيال ۾ ويتنامي پارٽي، جيڪا ٽيهن جي ڏهاڪي ۾ هندستاني پارٽي کان گهٽي وڏي نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مٿي ڪيئن ڪامياب ٿي، جڏهن ته اسان ناڪام ٿي وياسين ته هن هڪ مخصوص جواب ڏنو. هن چيو ته. "اُتي توهان وٽ مهاتما گانڌي هو. هتي اسان مهاتما گانڌي آهيون!" هُو پوءِ وضاحت ڪندو ويو ته ڪيئن نه اُنهن سامراج مخالف جدوجهد کي ماٺهن تي پنهنجي اڳواڻي قائم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو. اُهي سامراج مخالف جدوجهد جي هڪ اڳواڻ قوت بڻجي چڪا هئا ۽ سوشلزم ڏانهن سندس پيش قدمي جاري هُئي. اُنهي جو واضح مطلب اهو هو ته هندستان ۾ ضابطو گانڌي ۽ ڪانگريس جي هٿ ۾ هو ۽ سي پي- آئي غلطيءَ تي هئي. هُن بين ويٽنامي اڳواڻن وانگر ويٽنامي بورجوازي جي خاص ڪمزورين جي وضاحت پڻ ڪئي، جيڪا قوت جي لحاظ کان يقيناً واضح طور تي هندستاني بورجوازي جي اُبتڙ هُئي." (33)

هندستاني ڪميونسٽن کي نوآبادياتي رياست جي صورت ۾ هڪ نهايت ئي مضبوط ۽ طاقتور دشمن سان ڪڏهن قوم پرست جماعت هندستاني ڪانگريس، جنهن جا ديسي بورجوازي ۽ زميندار طبقي سان سڌا لاڳاپا هئا. انهن کي پڻ منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو. هندستان ۾ بورجوازي قوم پرستي هڪ اهڙي شيءِ هُئي، جنهن کي سولائي سان پاسيرو ڪرڻ ممڪن نه هو. انهي حقيقت کي ڪومنٽرن ڪڏهن به پوري ريت سمجهي نه سگهي (سندس انقلابي دور ۾ به) (34).

چين جي حوالي سان هڪ ٻيو اختلاف، ٻنهي عظيم ايشيائي رياستن جي ٻهراڙي جي ڍانچن جو مختلف هُئڻ هو. هندستاني ڳوٺن ۾ مذهب ۽ ذات پات سان ڳنڍيل وچ وارن استحصال ڪندڙن جو طبقو پڻ صدين کان موجود هو. انهن ٻنهي کي انگريز پاران محفوظ رکي ۽ وڌائي هڪ مضبوط انقلاب جي مخالف استحڪام کي پيدا ڪيو ويو هو. پر ٻنهي مُلڪن ۾ وڏو فرق رياست جي انتظاميہ جي سطح تي موجود هو. چين ۾ ويهن، ٽيهن ۽ چاليهن جي ڏهاڪن جي انقلاب کان اڳ واري مدي ۾ انقلابي اُڀارن جي پوري عرصي ۾ رياستي انتظاميہ يا ته ڪمزور رهي يا منجهيل ۽ يا وري ٻنهي حالتن ۾. اهو صحيح آهي ته ڪومنتانگ جو رياستي ڍانچو جيتوڻيڪ هندستان جي نوآبادياتي رياست کان وڌيڪ غيرمستحڪم هو پر اهو تمام گهڻو ڏاڍ ۽ تشدد تي ٻڌل هو. ڪومنتانگ پاران باقاعده طور تي رٿابنديءَ سان ڪميونسٽن ۽ هر طرح جي ترقي پسندن جو خاتمو انگريز جيان امرتسر ۾ ڪيل تشدد ۽ مالابار جي موپلا بغاوت کي چيپائڻ کان گهڻو وڌيڪ وحشياڻو هو. ويهين صديءَ جي برطانوي هند ۾ سياسي قيدين کي ڦاسي ڏيڻ هڪ ننڍين ڳالهه هئي. بهرحال برطانوي نوآبادياتي رياستن جي قوت بجاءِ ظلم ۽ ڏاڍ ۾ هُئڻ جي سندس اُنهي سماجي بيهڪ سان مڪمل لاڳاپي ۾ هُئي، جنهن تي سندس حُڪمراني هئي. جيئن اسان اڳ ئي ڏٺو آهي ته برطانيا کي ڪڏهن به هندستان جي ڪروڙين عوام کي ضابطي هيٺ رکڻ لاءِ پنجاهہ هزار کان وڌيڪ فوج رکڻ جي ضرورت پيش نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آئي. (35)

چين ۾ ڦهلجندڙ سرمائيداريءَ جي ڌماڪي خيز اثر، موجود سماجي ناتن کي تباهه ڪري ڇڏيو هو ۽ 1911ع جي پهرئين چيني انقلاب جا بنياد وڌا هئا. پاڻ ۾ ڇتاپيتي ڪندڙ وڏين سامراجي طاقتن پاران بعد ۾ ڪيل قرماري روپي سامراجي نظام جي باقيات کي وڌيڪ ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ دوران هندستان ۾ نوآبادياتي رياست جي ترقي سرمائيداري کان اڳ وارن سماجي ناتن جي جڳهه رياست جي انتظاميا جي مختلف پاسن سان هڪ انوکي قسم جي ڳانڍاپي لاءِ راهه هموار ڪئي. اها رياست، جيڪا جيتوڻيڪ وائيٽ هال جي سخت ضابطي هيٺ هئي، بورجوازي جمهوريت جي هارسينگهار سان ڀرپور هئي. هندستاني ججن ۽ مقامي ڪائونسلن کي اڳيئي اوڻويهين صدي جي آخري سالن ۾ ڏسي سگهجي ٿو. مارڪس اڳڪٿي ڪئي هئي ته انگريز هندستان ۾ بورجوازي انقلاب آڻيندو. هو جيتوڻيڪ غلط ثابت ٿيو پر نوآبادياتي رياست انهيءَ انقلاب جي هڪ بلڪل نئي تنديڙي ۽ بگڙيل قسم کي آندو هو. اها ٿي شيءِ هئي، جنهن جي ڪري اقتدار جي 'نسبتاً' آرام سان ۽ بنا ڪنهن رنڊڪ جي منتقلي جي وضاحت ٿئي ٿي. بنا ڪنهن رڪاوٽ جي ۽ آرام سان انهي معنيٰ ۾ ته اُن سماجي انقلاب کي ٽاري ڇڏيو هو ۽ نه اهو ته اُن سان حياتين کي بچايو ويو هو. جاڪاڻ ته فرقيوارانه تشدد جي ڪري اٽڪل ڏهه لک بي گناهه ماڻهو ماريا ويا هئا ۽ هڪ ڪروڙ ڏکويل پناهگيرن کي مذهبي سرحدن جي ٻنهي پاسن تي نون گهرن کي ڳولڻو پيو هو.

پنهنجي موضوع کان هٽي انهي ٻکهي بحث ڪرڻ جو مطلب انهي ڳالهه کي واضح ڪرڻ آهي ته هندستان جي ڪميونزم جي ڪمزوريءَ کي رڳو ڪومنٽرن جي ڪيل سنگين غلطين جو نتيجو نٿو چئي سگهجي. هندستان، ويٽنام ۽ چين ٽنهي ۾ ساڳي طرح تمام وڏيون غلطيون ڪيون ويون هيون. ڪميونسٽن جي بدقسمتي هئي جو کين ٽيهن ۽ چاليهن جي ڏهاڪن ۾ پنهنجي چيني ۽ ويٽنامي ڪامريڊن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مڪار ۽ طاقتور مخالف کي منهن ڏيڻو پيو هو. هتي ڪومنٽرن جون ناڪاميون اسٽالنزم، جنهن جي نظرياتي قطعيت ۽ هڪ هٽي خاص طور هندستان ۾ نقصان پهچائيندڙ هئي؛ جي تباهه ڪن اثر جي ڪري گهڻو وڌي ويون. نوآبادياتي رياست جي پيچيده ڍانچي ۽ بورجوازي قوم پرستيءَ جي طرز عمل کي سمجهڻ ۽ اُن جي تجزئي ڪرڻ ۽ اهڙي حڪمت عملي ٺاهڻ لاءِ جنهن سان عوام کي پنهنجي پاسي ڪري سگهجي ها؛ تنقيدي سوچ وڌيڪ مناسب هئي. انهي جي غيرموجودگي نقصان پهچائيندڙ سنگين سياسي غلطين کي جنم ڏنو هو. مشهور هندستاني مارڪسي تاريخدان ۽ سياسي عالم چندرا هندستاني مارڪسزم جي ڪمزوريءَ جي غيرگروهي ۽ تعميري انداز ۾ تجزئي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هن نتيجي تي پهچي ٿو ته:

"هندستاني مارڪسين جي سماجي حقيقت جي تجزئي مارڪسزم کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

> هندستان تي لاڳو ڪرڻ، دُرست سياسي عمل کي سامهون آڻڻ ۽ غلطين کي وقت تي دُرست ڪرڻ جي ڪمزوري جا انيڪل سيئني پاسا منجهن بحث مباحثي جي بلڪل ئي عدم موجودگيءَ سان ڳنڍيل آهن... هندستاني مارڪسي، سياسي ڪارڪن يا دانشور پنهنجي پاڻ تي هڪ سخت ۽ تباهه ڪن سنسرشپ لاڳو ڪرڻ سکي ورتي آهي ..... وڏي ماٿهو يا ماڻهن جي پوڄا ڪرڻ جي عمل اِنهي جمهوري ۽ سائنسي سوچ کي وڏو ڌڪ رسايو آهي ته سماج متعلق ڄاڻ حاصل ڪرڻ هڪ اجتماعي عمل آهي ... اِنهي ڪري هڪ عام هندستاني اِهو سمجهي ٿو ته هُو نظريي ۽ اعليٰ يا وسيع سياسي عمل تي سوچڻ يا بحث ڪرڻ جي لائق ناهي." (36)

هندستاني ڪميونزم جيڪي به غلطيون ڪيون اُهي هنن يورپين ۽ هارين جي مفادن کي ماسڪو جي تابع ڪرڻ سان لاڳاپيل آهن. 1942ع جي 'هندستان مان نڪري وڃو' واري تحريڪ ۾ حصي نه وٺڻ يا اُن جي مدد ڪرڻ ۾ ناڪامي جي ڪري، هندستان کي جڻ پليٽ ۾ رکي بورجوازي قوم پرستيءَ جي حوالي ڪيو ويو ۽ ڪڏهن ڪانگريس جي اندر ڪابي ذر کي پڻ ڪمزور ڪيو ويو هو. هي غلطيءَ جو بنياد قومي سوال جي پيچيدگين کي سمجهڻ لاءِ نظرياتي اهليت جو نه هُئڻ هو. سي- پي- آئي هندو ۽ مسلم فرقيواريت جي محرڪ قوتن جي تجزئي ڪرڻ ۾ ناڪام ويئي. سي- پي- آئي (ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا) پاڪستان جي مذهبي رياست جي گهُر جي حمايت ڪئي. اُن پنهنجي اڻ ڄاڻائي کي لڪائڻ لاءِ اِهو دليل ڏنو ته فرقيواريت 'اُڀرندڙ قوميتن جو مسئلو' آهي. ننڍي کنڊ جي تاريخ جي نازڪ ترين دور ۾ سي- پي- آئي پيدائشي طور تي هڪ آزاد پاليسي ٺاهڻ جي اهل نه هُئڻ ڪري پنهنجو پاڻ کي ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي آڏو جهڪائيندي رهي. مارچ 1946ع ۾ برطانوي ڪميونسٽ آر- پي دت اِنهي مونجهاري جي ڌنڌ کي هٽائڻ جي ڪوشش ۾ ته پاڪستان جي گهر جو بنياد قوميت نه پر مذهب هو، مداخلت ڪئي. پنجن مهينن ڪانپوءِ سي- پي- آئي تابعداريءَ سان پنهنجي واٽ به بدلائي ڇڏي. اُنهن ماڻي اِها وضاحت ڪئي ته آزاد پاڪستان جي گهُر هڪ رجعت پسند گهُر هُئي، جيڪا "مسلم بورجوازي ۽ جاگيرداري، جيڪي ورهايل هندستان جي انتظاميه ۾ حصي لاءِ سامراج سان ٺاهه ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهن، جي مستقل مفادن تي ٻڌل آهي." ڪامريڊ جنهن ڳالهه جي وضاحت نه ڪري سگهيا اُها هي ته ليگ عوامي حمايت حاصل ڪرڻ ۾ ڪيئن ڪامياب ٿي. اسان اِهو نه چئي رهيا آهيون ته سي- پي- آئي جو دُرست تجزيو 1947ع جي رتوڇاڻ کي ٽاري سگهي ها. پر اِنهي سان اِهو ٿئي ها ته آزاديءَ کان پوءِ واري عرصي ۾ پوري ڏکڻ ايشيا ۾ هڪ مضبوط ۽ طاقتور ڪميونسٽ تحريڪ جا بنياد ٺاهڻ ۾ مدد ملي ها.

ورهاڱي وقت پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان ۾ سرگرم پاڪستاني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪميونسٽن جي ننڍي گروهه جي تعداد ۾، هندن ۽ سکن جي وڏي پئماني تي لڏپلاڻ
وڌڻ جي ڪري گهٽتائي ٿي. اترپرديش يا هندستاني پنجاب مان ايندڙ پناهگيرن جو
ڪميونزم جي مقصد لاءِ ڪم ڪرڻ هڪ اڻ ٿيڻي ڳالهه هئي. هن خطي ۾
ڪميونزم جي ڪمزورين کي وڌندڙ صورت ۾ ۽ ڏکدائڪ نتيجن سان پاڪستان ۾
اندو ويو هو. پاڪستاني ڪميونزم سواءِ 1971ع کان اڳ واري اوڀر پاڪستان
جي، ڪڏهن به هڪ قومي سياسي لاڙي جي طور تي پاڙون ڪوڙي سگهڻ ۾
ڪامياب نه ٿي سگهيو آهي. چين- سوويت اختلاف جي ڪري تحريڪ بلڪل ئي
مونجهارن ۾ ونجي وئي. استالني روايت پنهنجن ڪارڪنن کي عالمي ڪميونسٽ
تحريڪ جي ٻن مرڪزن جي موجودگي لاءِ تيار نه ڪيو هو. پاڪستاني
ڪميونسٽن جي گهڻائي جنهن هڪ مرڪز کي مڃڻ واري بيڪار قسم جي ماحول
۾ پرورش ورتي هئي، اختلاف ڪيس ششدر ڪري ڇڏيو هو. نيٺ بيجنگ جي حمايت
ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. پر اهو جيئن هندستان ۾ ٿيو هو 'ڪاهن' سببن جي
ڪري نه هو. بيجنگ جي ماسڪو کان ٽٽڻ ۽ هندستان سان جهيڙو ڪيس پاڪستان
۾ ايوب خان جي فوجي سرڪار ڏانهن دوستاڻي رويي ڏانهن وٺي ويو هو. گهڻن
ڪميونسٽن جيڪي مائوپرست ٿي چڪا هئا، پاڻ کي پنهنجين سياسي زندگين ۾
پهريون ڀيرو رياستي سرپرستي جو فائدو وٺندي ڏٺو.

نتيجا پاڪستان جي پوري کاٻي ڌر لاءِ نهايت ئي منفي هئا. سرڪار ڏانهن
سندن موقعي پرستاڻي رويي جو مطلب اهو هو ته 1968ع جي هيٺان کان آيل بغاوت
جي لهر جنهن ايوب جو تختو اونڌو ڪيو هو، مائوپرستن کي جن شروعات ۾ تحريڪ
جي مخالفت ڪئي هئي يا ماٺ رهيا هئا، پاسيرو ڪري ڇڏيو هو. اها پي پي پي
هئي، جنهن 'نئين کاٻي ڌر' جيڪا اُن وقت اُڀري هئي، جون همدرديون حاصل
ڪيون. ڀٽي جي اقتدار جي عواميت وارن سالن کاٻي ڌر ۾ وڌيڪ مايوسي پيدا
ڪئي. جولاءِ 1977ع جي فوجي بغاوت جي وقت پاڪستان جي کاٻي ڌر 1947ع
يا 1968ع کان وڌيڪ ڪمزور هئي. اها سماجي تبديليءَ جي ڪنهن اميد لاءِ شديد
ترين تباهه ڪن ڳالهه هئي. پنهنجي هندستاني ساٿي جي اُبتڙ پاڪستاني کاٻي ڌر
جي آڌو 1947ع کان ئي هڪ ڪمزور ۽ غيرمستحڪم رياست هئي. جيئن سال
گذرندا ويا نئين جائز هئڻ وارو بحران وڌندو ويو. اها کاٻي ڌر نه پر بنگالي قوم
پرستي هئي، جيڪا اوڀر ۾ سوڀاري ٿي ۽ اولهه ۾ پراڻي رياست جي خاتمي ۽ گهرو
ويڙهه کان اڳ عواميت تي ٻڌل قوم پرستيءَ ۾ وفادار نه ٿيو.
اڄوڪي صورتحال نهايت ئي مايوس ڪن آهي. پهرين واري ڪميونسٽ
پارٽيءَ جا مختلف حصا اڃان به ٽڪرن جي صورت ۾ باقي آهن پر اُهي پنهنجي
اصل جو باقي باچو وڃي رهيا آهن. مائوازم مڪمل طور تي زوال پذير آهي. انهيءَ
عقيدي جي جوشيلي مڃيندڙن مان ڪجهه ته چين جي پرتيهي پاليسي ۾ آيل بنيادي
تبديليءَ کي ختم ڪري سگهيا آهن. ڪجهه جڻ وري ماسڪو واري گروهه ڏانهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

موٽ ڪاڏي آهي ۽ اهڙي ريت اِها پڪ ڪري چڏي اٿن ته ڏکڻ ايشيا جي مارڪسزم جي مسئلن جو اڃان حل ٿيڻ باقي آهي؛ ڇين سياست کان توبه ڪري ڇڏي آهي. هتي ڪجهڻ شهرن ۾ مارڪسي اسٽڊي سرڪل آهن ۽ تازو ئي مارڪسزم جي شروعاتي لکڻين ۾ محدود پيماني تي نئين دلچسپي پيدا ٿي آهي، پر اهو تصور ڪرڻ بيوقوفي ٿيندي ته مارڪسي قوتون سرڪار جي تختي اونڌي ڪرڻ لاءِ صفا تيار بيٺيون آهن. جيڪڏهن رياست کي ڪو خطرو آهي ته اهو مارڪسزم جي نئين سر اوچتي ۽ زير زمين واڌ جي پيدا ڪيل چئلينج مان ناهي. اولهه بنگال ۽ ڪيرالا جي ڪميونسٽ حڪومتن جو تجربو، افغانستان جي مايوس ڪن صورتحال يا ايران ۾ توده پارٽي جو ڪردار نئين نسل جي ويڙهاڪن کي اُتساهڻ لاءِ ڪافي ناهن. چيني اڳواڻن جو موجوده عالمي نڪتهءِ نظر ۽ ڪمبوڊيا جي جنگ ۾ ويٽنام جي شامل ٿيڻ به مايوسي ۽ بي وسي جي احساس کي پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي. ماضي جي ناڪامين کي نظرياتي ميدان تي جذب ڪرڻ ۽ عوام جي ڪاهي پاسي کان سياسي اسٽيج تي وري اچڻ سان ئي ڪجهه ٿيندڙ حيثيت جي اِنهيءَ بحران تي قابو پائي سگهجي ٿو. اِنهي معنيٰ ۾ ڪاهي ڏر جي حالت جيتوڻيڪ خراب آهي پر اِها مستقل ڪانهي.

جائزو هڻڻ جو بُحران: ڇا مُلڪ باقي رهي سگهي ٿو؟

ڊسمبر 1971ع ۾ ذوالفقارعلي ڀٽو پهريون سويلين هو، جنهن کي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ويو هو. ان کي اقتدار سنڀالڻ کان پوءِ فوج جي مسئلي کي منهن ڏيڻو پيو هو. هُن اِنهيءَ ڏکيائي جي پڪڙ ويڪر کي سمجهيو ٿي. پنهنجي هڪ بزور خطاب ۾ هُو ائين به چئي ويو هو ته "اسان کي اُتر ويٽنام جي فوجي نصاب جي ڪتاب مان هڪ يا ٻن پنن کي ضرور اپنائڻ کپي. اِها روائتي فوج جي بجاءِ عوامي فوج واري فلاسافي هوندي، جيڪا اسان جي بچاءَ جي نئين پاليسيءَ جي ناهڻ ۾ رهنمائي ڪندي." (37). اِهو هڪ خوش ڪُن خيال هو پر ڀٽي کي اِها ڳالهه سمجهڻ گهرجي ها ته ويٽنامي فوج فرانسيسي سامراج جي پيداوار نه هُئي، اِها بلڪل صاف طور تي اِنهي ڪري ئي عوامي فوج هُئي جو اِها ماٺهن چئن نوآبادياتي طاقتن: فرانس، جپان، برطانيا ۽ آمريڪا جي خلاف جدوجهد ۾ تعمير ڪئي هُئي، جڏهن ته پاڪستاني فوج جو پهريون ڪمانڊر اِنچيف جنرل سر ڊگلس گريسي اُهو شخص هو، جنهن پاڪستاني فوج جي ڪجهڻ مستقبل جي سپاهين ۽ آفيسرن جي اڳوائي ڪندي بلڪل سائيگان تي ئي قبضو ڪيو هو ۽ اُن کي ايستائين پنهنجي ضابطي ۾ رکيو هٿائين جيستائين فرانس ڪجهڙيل طاقت ڪٺ ڪري ٻيهر پنهنجي ضابطي قائم ڪرڻ جهڙو نه ٿيو هو. پاڪستاني فوج قانون پاس ڪرڻ سان نه پر سماجي انقلاب وسيلي ئي بدلائي سگهجي ها. جيڪڏهن اسان اهو چئون ٿا ته فوج کي مستقل بنيادن تي اقتدار کان ڪيئن ڌار ڪري سگهجي ٿو ته پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

انهي حقيقت جي سمجهه مرڪزي حيثيت جي حامل آهي. جيئن اسان مٿي انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته فوج پاڪستاني رياست کي بچائڻ لاءِ اقتدار ۾ آهي. جڏهن جنرل ضياءَ چئي ٿو ته پاڪستان اسلام کان سواءِ ختم ٿي ويندو ته هو اقتدار جي اُگهاڙين حقيقتن کي لڪائڻ لاءِ، اُنهن کي نظرياتي ويس سان ڍڪي رهيو آهي. سندس چوڻ جو اصل مطلب اهو آهي ته فوج کانسواءِ پاڪستان جيئن موجود آهي ائين نه رهندو. اسلام کي سياسي ۽ سماجي زندگيءَ جي هر مختلف پاسي تي لوهي ضابطي قائم رکڻ لاءِ هڪ وسيلو ٺاهيو ويو آهي. معيشت هاڻي عالمي بئنڪ جي ڊاڪٽر محبوب الحق جي اعتبار جوڳن هٿن ۾ آهي، جيڪو 'اسلامي انصاف' جي نالي ۾ نجي شعبي جي نئين سر تعمير ڪندو. اها مذاق ڪيستائين جاري رهندي؟ انهيءَ حڪومت کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪهڙي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ گهرجي؟ انهي جا جواب مختلف آهن، جن جو دارومدار انهي ڳالهه تي آهي ته ڪير ڪهڙي طبقي کان سوال ڪرڻ چاهي ٿو. سياستدان چاهين ٿا ته پُرامن طريقن سان 1973ع جي آئين کي بحال ڪرايو وڃي. سندن چوڻ آهي ته هڪ ئي مناسب گهُر آهي ۽ اُها آهي عام چونڊون ڪرائڻ. ڇا اها حقيقت پسندانه اُميد آهي؟ اسان جي خيال ۾ سڙڪن تي عوامي دٻاءُ يا ٻاهرين محاذ تي حالتن جي هڪ نئين رُخ اختيار ڪرڻ کانسواءِ هڪ سويلين سرڪار اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي. جنرلن پاران اقتدار جي رضاڪارانه منتقلي کي مڪمل طور تي خارج ڪرڻ گهرجي.

هاڻي فوج جي اقتدار ۾ رهڻ جي خواهشن جي پويان رُکو هڪ سياسي سبب، جيڪو جيتوڻيڪ هڪ بنيادي عنصر آهي، کان وڌيڪ ڪجهه آهي. آفيسر ڪور رُشوتن، پرتيهي ناٽي، سرپرستي وارن حقن وغيره جي صُورت ۾ وڏا فائدا پڻ حاصل ڪري ٿي. لازماً هتي بدعنواني جو تعين به عهدن جي حساب سان ٿيل آهي. هڪ جنرل هڪ ڪئپٽن کان وڌيڪ پئسو ٺاهي رهيو آهي پر آفيسرن لاءِ اهو مشهور آهي ته اُهي عام طور تي پنهنجي حال تي راضي آهن. اقتدار جا واڌو فائدا هاڻي سندن لاءِ مراعات ۾ شامل آهن. وڌيڪ اهو ته اُنهن آفيسرن جي هڪ حصي آمريڪا جي- سي- آئي- اي ۽ ڊي- آئي- اي (بچاءَ جو جاسوسي ادارو) جي مرڪزن ۾ تربيت ورتي آهي ۽ ڪنهن انهي جي ڄاڻ آهي ته ڪاٿي هنگامي حالتن ۾ ڪهڙي ڳالهه جي توقع ڪئي ويندي آهي. اڄ جي پاڪستاني فوج هر لحاظ کان هڪ ڀاڙيتو فوج آهي. سپاهين ۽ آفيسرن کي باقاعدي طور تي نار وارين رياستن ۽ سعودي عرب کي وڪيو وڃي ٿو. آمريڪا پنهنجن ايجنٽن ۽ اطلاع ڏيندڙن جو هڪ پورو ڄار وڇايو آهي ۽ 1977ع کان وٺي مارشل لا چونڊيل وزيراعظم کي ڦاسي ڏيندڙن کي وڏا فائدا ڏنا آهن. اهڙي قسم جي فوج جي سياسي اقتدار تان هٽڻ لاءِ ڪو سبب ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي. اهو صحيح آهي ته جيترو گهڻو عرصو اها اقتدار ۾ رهندي، جائز هٽڻ جو بحران اوترو ئي وڌيڪ شديد ٿي ويندو. پر هاڻ ڪمان صُورتحال کي انهي لحاظ کان نه ٿي ڏسي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇڪائڻ اها توقع ڪرڻ (جيئن ملڪ جون سڀئي سياسي جماعتون ڪن تحريڪن) خيالي جنت ۾ رهڻ جي برابر آهي ته جنرل رضاڪارانه طور تي استيج تان پري ٿي ويندا ته پوءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڇا دهشت گردي (جنهن کي 'هٿياربند جدوجهد' جي نالي سان باوقار بڻايو ويو آهي) انهي جو جواب آهي؟ اسان جو خيال آهي ته ائين ناهي. بهرحال دهشت گردي ننڍي کنڊ ۾ ڪا نئين شيءِ ڪانهي. ويهين صديءَ جي ٽهاڪي ۾ پنجاب ۽ بنگال ۾ سرگرم ۽ طاقتور دهشت گرد تحريڪ موجود رهي آهي. چٽاگانگ جي هٿيارن جي ذخيري تي ڪاهه، ڀڳت سنگهه جي داستاني مقدمي ۽ ڦاسيءَ سان گڏ ڏکڻ ايشيا جي لوڪ ادب جو حصو بڻجي ويئي. جنهن ڳالهه کي گهٽ ياد ڪيو وڃي ٿو اها هيءَ ته ان کي جيئن ڀڳت سنگهه پنهنجي جيل جي ڪوٺڙيءَ ۾ گهڻن کان وڌيڪ بهتر طور تي سمجهيو هو بري نموني ناڪام ويئي هئي. تشدد جو مسئلو اڄ مبهم ناهي. الذوالفقار (ڪابل ۾ قائم ٿيل- ڦاهي ڪاڏل سياسي اڳواڻ جي وڏي پٽ مرتضيٰ ڀٽي جي سياسي هدايتن تي ڪم ڪندڙ تنظيم) پي- آئي- اي جي جهاز کي، جنهن جي ڪري ڪجهه ٻين سياسي قيدين کي آزاد ڪرايو ويو، اغوا ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. لاهور ۾ هڪ رجعت پسند سياستدان کي گولي هڻي ماريو ويو آهي. 7 فيبروري 1982ع تي الذوالفقار جي جٿي جنرل ضياءَ کي کڻي ويندڙ جهاز تي جيڪو اڃان اسلام آباد هوائي اڏي تان اڏاميو ئي هو سام-7 ميزائل هنيو جيڪو ٿوري فاصلي کان پنهنجي نشاني تان کسي ويو. ملڪ اندر ڏاڍي تشدد وڌي ويو آهي. سبوتاژ جا ٻيا عمل سرحد صوبي ۾ به ڪيا ويا آهن.

جڏهن لينن هڪ دهشت گرد کي 'هڪ آزاد خيال جنهن وٽ بم هجي،' جي طور تي بيان ڪيو ته سندس ارادو مذاق ڪرڻ جو نه هو. دهشت گردي دنيا واري سياست جي هڪ گهڻي ڊراماڻي شڪل آهي. دهشت گردي جا عمل ڪندڙ اهو سمجهن ٿا ته پنهنجن سورهيائپ وارن ڪمن سان اُهي ماڻهن کانسواءِ ئي تبديلي آڻي سگهن ٿا. دهشت گردي وڌيڪ دُرست طور تي انهي ڪري هڪ غيرسياسي عمل آهي، جو اِها عوام جي شعوري سطح کي نظرانداز ڪري ڇڏي ٿي، دهشتگردي عوام جو متبادل ٿيڻ جي هڪ بيڪار ڪوشش ڪندي آهي. اِها ملڪ جي معروضي حالتن کي نظر ۾ رکڻ کانسواءِ عوام کي اڀارڻ جي بيڪار ڪوشش ڪندي آهي، اِنهيءَ لحاظ کان دهشت گردي هڪ ممڪنه ٻکهي هٿياربند جدوجهد، جيڪا اُن وقت ئي ڪامياب ٿي سگهندي آهي، جڏهن اُن جو بنياد ماڻهن جي حمايت تي رکيل هوندو آهي، جي بلڪل ئي اُبتڙ آهي. ڪيوباني، ويتنامي، يوگوسلاوي يا چيني انقلاب يا ٻي مهاڀاري جنگ جي دوران فرانس ۽ اٽلي جي ماڻهن جون مزاحمتي تحريڪون سڀئي عوامي حمايت واري هٿياربند جدوجهد جا مثال آهن. عظيم مزاحمت، جنهن شاهه ايران جو تختو اونڌو ڪيو ۽ انهيءَ عمل ۾ علائقي جي بهترين هٿياربند ۽ مضبوط ايراني فوج کي پڻ سخت نقصان پهچايو، عوام جي عظيم الشان صلاحيت کي نروار ڪيو، جن جي تحرڪ ۾ اچڻ جو ٻيو ڪوبه متبادل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ناهي. انهي جي اُبتڙ الذوالفقار جي سرگرمين اجان تائين سرڪار کي ته گهڻو نقصان ناهي پهچايو پر ملڪ ۾ ڏاڍ ۽ تشدد کي وڌائڻ لاءِ ڪيس هڪ بهانو مهيا ڪري ڏنو آهي.

فوجي سرڪار کي هٽائڻ جو رڳو هڪ ئي موثر طريقو آهي ۽ اهو آهي عوامي تحريڪ. جيڪا انهي مشڪل ترين صورتحال ۾ پنهنجي 1968-69ع جي حاصلات کي ورجائي. انهي ڪري اڄ جو ڪم عوام کي سياسي طور تي هٿياربند ڪرڻ آهي ته جيئن صحيح وقت تي هو پاڻ پنهنجي بچاءَ لاءِ هٿيار حاصل ڪري ۽ اُنهن کي استعمال ڪري سگهن. ٽراٽسڪي جي ڪيل ويڙهاڪ جي، طاقتور ۽ احساس کي جنجهوڙيندڙ تعريف ذهن ۾ رکڻ جوڳي آهي: "هڪ انقلابي کي جيڪا ڳالهه ممتاز ڪري ٿي اُها سندس مارڻ جي اهليت نه پر مرڻ لاءِ تيار رهڻ آهي." اُن وقت ئي جڏهن عوام مرڻ لاءِ تيار هوندا (جيئن هو 1968-69ع ۾ هئا) فوجي سرڪار اچي پٽ پوندي. اهڙي تحريڪ جي وقت جو تعين ۽ اُن جو سرو ڪهڙو هوندو؟ اُن جي باري ۾ يقين سان اڳڪٿي نه ٿي ڪري سگهجي نه ئي ڪير اُن خاص چڻنگ ڏانهن اشارو ڪري سگهي ٿو. جيڪا هڪ وڏي پيماني جي بغاوت جو بنياد پڙڪائيندي. جيڪا ڳالهه چئي سگهجي ٿي اُها هي ته اِها سرڪار بنا ڪنهن شڪ جي ايستائين جو پاڪستان جي ورن وڪڙن واري تاريخ ۾ به وڌ ۾ وڌ غيرمعقول انتظاميا آهي. تاريخي لحاظ کان حساب ڪتاب جي گهڙي گهڻو پري نه ٿي ٿي سگهي.

فوجي حاڪميت عام طور تي سياست ۽ سماج ٻنهي کي ٻوساٽي ڇڏيو آهي، پر خاص طور تي اِها ڳالهه زور ڏيڻ جهڙي آهي. ته سياسي قيدين جو پوڳيل تشدد هاڻي پاڪستاني عورتن لاءِ به روزاني جي غذا بڻجي چُڪو آهي. جن جي حياتي ئي جيل آهي. اسلامي قانونن ڪين (ڪنٽرول ڌماڪي جي محدود فائدن کانسواءِ) غيراهم ۽ بيجان شين جي حد تائين نيچ بڻائي ڇڏيو آهي. اِنهي قسم جي مذهبي پابندين جو مقصد درحقيقت روزاني جي شهري زندگي جي ڏتڙيل جنسي حالت کي لڪائڻ (ٻهراڙين ۾ اهو ڏاڍ ڪنهن حد تائين گهٽ آهي). پاڪستاني شهرن جي اِها هڪ ذڪر ڪرڻ جهڙي خاصيت آهي ته اُتي جنسي ڇڪتاڻ هميشه گهڻي رهندي آهي. انهي جو شڪار گهڻي ڀاڱي عورتون هونديون آهن پر نوجوان ڇوڪرا به اڪثر دٻيل ذهني ۽ جسمن جو نشانو بڻجندا رهندا آهن. موجوده حڪومت جنهن جو بنياد ڏاڍ تي آهي ۽ جنهن کي انٽيليجينس ادارن جي پوري نظام جي پٺڀرائي حاصل آهي، پنهنجي مخصوص انداز ۾ پنهنجي پيشروئن کان وڌيڪ آبادي جي حصن کي وحشت جو نشانو بڻايو آهي.

اِنهيءَ سڀ ڪجهه جي باوجود رياست پنهنجي ليکي ختم نه ٿيندي. ڪوبه اهڙو سبب موجود ناهي ته ٻاهرين مداخلت يا هڪ ڊگهي عوامي اڀار جي عدم موجودگيءَ ۾ فوج وڌيڪ ڏهاڪو سالن يا وڌيڪ عرصي لاءِ ڏکڻ ايشيا ۾ هڪ بنانا ريپبلڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيا ويندا. تي هلائي سگهي، ناخوشگوار آئيندو هڪ چٽي امڪان جي طور تي موجود آهي. پر پاڪستان جي سرحدن تي جيڪا صُورتحال آهي اُن جي لحاظ کان فوجي سرڪار جي باقي رهڻ جو دارومدار ڪجهه حد تائين ايران ۽ افغانستان جي سياسي استحڪام تي آهي. اِها اڻ- ٽيٽي آهي. اسلام آباد جي جنرل لاءِ اها ڳالهه هڪ بيچاريندڙ خواب مثل آهي ته ملڪ کان ٻاهر تبديليون ملڪ جي اندر مخالفت کي وڌائي سگهن ٿيون. فوج اِنهي رياست جنهن تي سندس حڪمراني آهي، جي نزاڪت کان چڱي طرح واقف آهي. ڪور ڪمانڊر پوري طرح اهو سمجهن ٿا ته اُهي عوام ۾ مقبول ناهن. کين خبر آهي ته سندن سرڪار رڳو آمريڪي فوجي امداد تي باقي نه ٿي رهي سگهي. هو اِنهي ڳالهه کان به واقف آهن ته ملڪ ۾ نون چئلينجن جي جواب ۾ تشدد جا نوان دور سندن ضابطي کي وڌيڪ ڪمزور ڪن ٿا. کين ٻيو ڪو ڪارائتو متبادل ڏسڻ ۾ به نه ٿو اچي. ڪنهن به سويلين سرڪار کي، فوج کي مُلڪ جي سياسي زندگيءَ ۾ هڪ مستقل قوت جي طور تي مڃڻو پوندو. پر جيڪا به سياسي جماعت اِنهي تي راضي ٿيندي، اُن جڻ ته پنهنجي موت جي وارنٽ تي صحيح ڪري ڇڏي.

عجب جهڙي ڳالهه آهي ته اڄ پاڪستان جو هڪ رياست جي طور تي بقا جو دارمدار مستقل مقادن يا هٿياربند فوجن تي ناهي. رڳو هڪ بنيادي سماجي تبديلي ۽ جمهوريت کي اداري واري صورت ڏيڻ سان گڏ ٻاڙيتو فوج کي ختم ڪرڻ سان ئي پاڪستان کي ڪو آئيندو ڏيئي سگهجي ٿو. اِهو هڪ وڏو تضاد آهي ته جن مذهب کي رياست جي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو هو اڄ اِنهي لائق ناهن ته اُن کي باقي رکي سگهن. اُهي جيڪي اُن جي ڪردار کي بدلائي اُن کي قائم رکي سگهن ٿا، ڪمزور مايوس ۽ هانوَ هاريل آهن. ننڍي کنڊ جي عظيم شاعر فيض احمد فيض جي باضابطہ اُميدپرستي هڪ مناسب دڳ ڏسي ٿي:

منهنجا پيارا!
رڳو ڪجهه ڏينهن، اجان ڪجهه ڏينهن وڌيڪ هتي ڏاڍ جي ٻاچن ۾
ساهه کڻڻ جي سزا،
ٿوري وقت لاءِ اجان اسان کي ڏک سهڻا پوندا. روئڻو پوندو ۽ برداشت
ڪرڻو پوندو.
اِها پوڳنا اسان جي نه، پر وڏن جي غلطين جي سزا آهي.
هٿ جڪڙيل، اسانجا، احساس زنجيرن ۾ قابو
ذهن ٻنڌڻن ۾، ۽ لفظن تي آهي پهرو.
همت اسان ۾ باقي آهي نه ته اجان تائين ڪيئن جيئرا هجون ها.
هاڻي جڏهين وجود، فقير جي چوغي وانگر آهي،
جنهن تي هر لحي تڪليف ۽ ڏک جون ٽڪريون لڳل ٿيون،
ها پر هاڻي ظلم جو گهڻو وقت باقي ناهي رهيو.
صبر ۽ ڪجهه ڪلاڪن جي شڪايتن کي سهڻ ئي باقي رهجي ويو
آهي.(38)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وضاحتون

1- ايڪانامسٽ، 12- ڊسمبر 1981ع تان ورتل. جڏهن مون پهريون ڀيرو 'پاڪستان: فوجي حاڪميت يا عوامي اقتدار' 1970ع جي پهرئين جلد ۾ اسرائيل ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ڀيٽ ڪئي هئي تہ ساڳي ذر جا پاڪستاني ۽ ڪهڙا ڪاهي ذر وارا پڻ صدمي ۾ اچي ويا هئا. اهو تضاد ڪاوڙائيندڙ ٿي لڳو جنرل ضياءُ يقيناً اسرائيل جي باري ۾ ڳالهائڻ لاءِ پوري طرح اهل آهي. اُردن ۾ هاشمي بادشاهہ جي نوڪري ڪندي هُن سيپٽمبر 1970ع ۾ فلسطينين جي ٿيل قتل عام ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪيو هو. سندس 'خدمتن' جي موٽ ۾ شاهہ حسين پاران کيس اعزاز عطا ڪيا ويا. فلسطينين جو چيڀاٽجڻ وچ اوڀر ۾ هڪ اهم موڙ هو جنهن نيٺ اولهندي ڪناري تي اسرائيلي قبضي لاءِ راهہ هموار ڪئي.

2- ٻئ اثر جماعت اسلامي جو هو.

3- ضياءُ الحق، قوم کي خطاب' 5- جولاءِ 1977ع. اِنهيءَ ۾ ماڻهن کي ڦاسائيندڙ خوش ڪُن ڳالهيون ماڻهن کي مُنجهائڻ لاءِ رٿيل نفسياتي جنگ جو حصو هيون.

4- ڀٽي جو ضياءُ جي الزامن جو جواب 1977ع ۾ سپريم ڪورٽ ۾ ڏنل بيان ۾ ڏنو ويو هو.

5- اُن وقت ڪم ڪندڙ اهڙن آفيسرن کان حاصل ڪيل معلومات، جيڪي پنهنجو نالو ظاهر ڪرڻ نٿا چاهين.

6- ليسلي- وولف- فلپس، 'آئيني طور جائز هئڻ: ضرورت جي نظريي جو هڪ مطالعو'، لنڊن 1979ع. اسان جو ارادو اهو چوڻ جو ناهي تہ پاڪستان جا سڀ جج راضي خوشيءَ مختلف حڪومتن هٿان استعمال ٿيا آهن. پاڪستان جي پوري تاريخ ۾ اهڙا استعمال نہ ٿيل محترم نالا موجود آهن.

7- ليسلي- وولف- فلپس 'ريويو پبلڪ لاءِ لنڊن 1979ع ۾ نهايت ئي متوازن تجزيو ڏنو آهي. نهايت تفصيلي بيان وڪٽوريہ اسچوفيلڊ جي 'ڀٽو: مقدمو ۽ ڦاسي' لنڊن 1979ع ۾ ڏنل آهي.

8- ڀٽي اهو سمجهي وڏي غلطي ڪئي تہ ضياءُ الحق 'سندس کيسي ۾' پيل هو. اهڙي ريت هُو ٽين دنيا جي سياست جي اِنهي لوهي قانون کي سمجهڻ ۾ ناڪام ويو تہ ڪوبہ جنرل ڪڏهن بہ ڪنهن سولين سياستدان جي 'کيسي ۾' ناهي هوندو. فوج هڪ اداري جي طور تي ڪنهن بہ اڪيلي سياستدان کان وڌيڪ طاقتور هوندي آهي.

9- جيتوڻيڪ هرڪو ناخوش نہ هو. مُلڪ جي شاهوڪار ترين سرمائيدارن مان ڪجھ جڻن اِنهي موقعي کي پنهنجين شاندار رهائشگاهن ۾ نهايت عياشيءَ سان ملهايو ۽ جنرل ضياءَ جي شراب تي پابندي کي نظرانداز ڪري ڇڏيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

10- ڊيلي ٽيليگراف، 18- آڪٽوبر 1979ع تان ورتل.
11- 'پاڪستان: انساني حقن جي خلاف ورزي ۽ قانون جي حاڪميت جو زوال' ايمنسٽي انٽرنيشنل، لنڊن 1982ع.
12- نوبار هائوسپيئن- 'پاڪستان بحران ۾: اقبال احمد کان انٽرويو' ريس اينڊ ڪراس لنڊن 1980ع. گهري مشاهداتي طور تي اقبال احمد حاڪم ٽولي ڪي درپيش تضادن جي نشاندهي ڪئي آهي.
13- 1953ع ۾ مولانا مودوديءَ کي خاص عدالت مذهبي فساد ڀڙڪائڻ جي ڏوهه ۾ موت جي سزا ڏني هئي. انهي سزا کي پوءِ ختم ڪيو ويو هو.
14- ڪيهان انٽرنيشنل، تهران، 18- سيپٽمبر 1977ع. انهي انٽرويو ۾ ضياءَ اسرائيل سان ڪنهن به ڳالهه کي رد ڪري ڇڏيو هو.
15- لارنس زيرنگ، 'پاڪستان: سياسي ارتقاءَ جو مونجهارو' فولڪسٽون، 1980ع صفحا 110.
16- مصطفي کر جي پنجاب جي اهم صوبي جي گورنر وارو عرصو دوکي، دولاب، سرپرستي وارن اختيارن جي انتهائي غلط استعمال، وڏي پئماني تي بدعنواني ۽ گورنر هائوس جي حوصلي افزائي تي لاتعداد عورتن جي اغوا جي مثالن سان عبارت آهي. انهن ڪمن کي آبادي جي وڏن حصن پاران ناپسند ڪيو ويو (پي پي پي جي گهڻن حامين سميت) پر اِها جماعت هئي جنهن ان بنياد تي فوج ۾ پنهنجي لاءِ حمايت کي مضبوط ڪيو. جونيئر آفيسرن ۾ اِها ڳالهه عام هئي، ته "پنجي جي غنڊي جي گورنر هائوس ۾ هوندي اسانجون پيئرون ۽ ڌيئرون سڙڪن تي ۽ گهٽين ۾ هلندي محفوظ ناهن."
17- رائو اي رشيد خان، خاص سيڪريٽري، وزيراعظم. سيڪريٽري جو يادداشت نامو 13- جولاءِ 1976ع. عام چونڊن تي وائٽ پيپر جو ضميمي طور وري ڇپيل، حڪومت پاڪستان راولپنڊي، 1978ع.
18- ليکڪ سان انٽرويو لنڊن 1981ع.
19- ڪئمبرج تاريخ هند جلد-6 تان ورتل.
20- ايڊيٽوريل، فنا نيشنل ٽائمز، لنڊن، 21- سيپٽمبر 1979ع.
22- ايمنسٽي رپورٽ (حوالو نمبر11).
23- مائيڪل لووي، 'ڪڏيل ۽ اڻ برابر ترقي جي سياست' لنڊن 1981ع ۾ انهي واقعي جا وڌيڪ ڪارائتا ۽ تازا تفصيل ڏنل آهن.
24- مائيڪل لووي، 'مارڪسي ۽ قومي سوال' نيو ليفٽ ريويو، نمبر96، لنڊن 1976ع.
25- يو وي ڪئنڪو وسڪي- 'پاڪستان جا ماڻهو' اڪادمي سائنسز سوويت يونين، انگريزي ترجمو، لاهور، تاريخ ڏنل ڪانهي.
26- پيري اينڊرسن- 'آمراڻي رياست جي موروثي حيثيت' لنڊن 1974ع.
27- غوث بخش بزنجو، ويوپوائنٽ، لاهور 3- فيبروري 1982ع ۾ ڇپيل انٽرويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سليگ هيريسن جو 'افغانستان جي پاڇي ۾: بلوچ قوم پرستي ۽ سوويت ترغيبات' نيويارڪ، 1982ع بلوچستان تي هڪ جامع ترين تازو مطالعو رهيو آهي. اهو انهن سڀني لاءِ، جيڪي ڏکڻ ايشيائي سياست جي قومي پاسي جو مطالعو ڪرڻ چاهين ٿا، هڪ اهم ڪتاب آهي. ساڳي ڪتاب تي ڪارجين، انگريزي 26- فيبروري 1982ع ۾ ڇپيل تبصرو: طارق علي، 'ڇا بلوچستان ڦاٽي پوڻ جي ويجهو آهي؟' ڏسو.

28- حسن عسڪري رضوي، پاڪستان ۾ فوج ۽ سياست، لاهور، 1976ع صفحي 177 تان ورتل.

29- اين- سي، 'پاڪستان جو سفر' مين اسٽريم، نئين دهلي 14- جنوري 1982ع.

30- 1973ع ۾ ڪراچيءَ ۾ پي پي پي جي ڪانفرنس دوران ڪجهه سنڌي هاري وفدن ڀٽي تي، جيڪو صدارت ڪري رهيو هو، جُلهون ڪيون. پي پي پي جي اڳواڻ هاري اڳواڻن تي سرڪار جي ڪيل ڪمن تي حملن ۽ ڪيل واعدن ۽ ڪيل ڪمن ۾ تضاد ڪي صبر سان ٻڌي آخر ۾ ڀٽو اٿي بيٺو ۽ جواب ڏيندي چيائين ته "توهان جي چيل ڳالهين مان گهڻيون درست آهن. اسان آهستگيءَ سان اڳتي وڌيا آهيون. پر مون کي توهان کان هڪ سوال پڇڻ ڏيو: توهان ڪي اها همت ڪنهن ڏني ته ملڪ جي وزيراعظم جي اڳيان اٿي بيهي ۽ سائنس مهاڙي اتڪايو جيئن توهان هاڻي ڪيو آهي؟ توهان کي آواز ڪنهن ڏنو؟" شايد اهو لهجو سرپرستانه هو پر موثر هو.

31- 'اوير جي سوال تي ٿيسز' انپريڪور، ماسڪو جلد2، نمبر118، 30- ڊسمبر 1922ع.

32- فرننڊو ڪلاڊين، 'ڪميونسٽ تحريڪ ڪومنٽرن کان ڪومنفورم تائين' لنڊن، 1975ع. ڪومنٽرن جي پاليسين تي اسپيني ڪميونسٽ پارٽي جي هڪ اڳوڻي مرڪزي اڳواڻ جي ڀرپور تنقيد آهي.

33- ڪي- داموڌرن، 'هندي ڪميونزم جون يادگيريون' نيو ليفٽ ريويو 92. طارق علي جي ترتيب ڏنل ڪتاب 'اسٽالنزم ڇا آهي؟' ۾ وري ڇپجي رهيو آهي.

34- ڪومنٽرن جي هندي قوم پرستي جي تجزيي جو واضح ۽ تخليقي جائزو جيئرس بانا جي 'ڪومنٽرن ۽ هندي قوم پرستي' انٽرنيشنل، جلد3-4، لنڊن 1977ع ۾ ڏنل آهي.

35- انهي جي اٽڪل سڀ جي ڏهاڪي جي آخر ۽ سٺر واري ڏهاڪي ۾ جنگ جي اوج واري وقت تي ويٽنام ۾ آمريڪا جا پنجاهه هزار سپاهي موجود هئا.

36- بيپن چندرا، 'مڪمل تصحيح' سيمينار، نئين دهلي جون 1974ع.

37- پاڪستان ٽائمز، لاهور 29- مارچ 1972ع.

38- فيض احمد فيض 'اڇان ڪجهه ڏينهن وٺيڪ' فيض جي نظمن مان (ترجمو وڪٽر ڪيئرنان) آڪسفورڊ 1971ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

7- هٿوڙي ۽ سنداڻ جي وچ ۾

علائقائي سياست ۽ وڏيون طاقتون

پاڪستان جي سياسي ارتقاءَ تي فوجي آمريتن، ناڪام عواميت ۽ ڳوناڳي قوميت پسنديءَ جي نتيجي اثر ملڪ کي مستقل بحران جي حالت ۾ وجهي ڇڏيو آهي. اُن جي اندروني مشڪلاتن ۾ هاڻي سرحدن تي پيدا ٿيل غيرمستحڪم ۽ غيريقيني صورتحال کي پڻ شامل ڪرڻ گهرجي. 1971-72ع جي اهم سالن کان ٿي ملڪ تي راڄ ڪندڙ اشرافيه هڪ اهڙي سچائيءَ کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، جيڪا ڪڏهن به موجود ئي ناهي رهي. اها حقيقت ته هن وقت پاڪستان کان وڌيڪ مسلمان ڀارت ۾ رهن ٿا اُنهي مونجهاري جي نشاندهي ڪري ٿي جيڪو هن وقت ننڍي کنڊ جي مسلمان آباديءَ جي پاڻ کي پاڻ مقرر ڪيل ترجمانن کي درپيش آهي. اِها اڻ ٿيڻي آهي ته هاڻي پاڪستان جي 'پهرين صف واري رياست' جي درجي جي ڪري سندس ڪو به مسئلو حل ٿي ويندو. اها حقيقت ته واشنگٽن جي اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ ۽ لنڊن جي پرڏيهي آفيس جي يارن هڪ ڀاڙيتو فوجي آمريت کي 'آزاد دنيا' جي سرحدن جي بهادر ۽ باهمت محافظ جي طور پيش ڪرڻ جي ڪوشش جو شايد اولهه جي اخبارن جي ليکڪن ۽ سياستدانن تي ڪجهه اثر پيو آهي. پر اِنهي سان پاڪستان ۽ ننڍي کنڊ جي ٻين علائقن ۾ اولهه خلاف وڏي پيماني تي نفرت وڌي آهي. فوجي آمريت ڏانهن اولهه جي روين ۾ تبديلي اسلام آباد جي سرڪار کي هڪ نئين زندگي ڏيڻي ڇڏي آهي. پر آمريڪا ۾ به اها صلاحيت ڪانهي ته هُو اِنهي نئين زندگيءَ کي غيرمحدود عرصي تائين وڌائي سگهي. واشنگٽن يا لنڊن کان وڌيڪ علائقائي سياست جي حقيقتن جو پاڪستان کي نئين صورت ڏيڻ ۾ تمام گهڻو اهم ڪردار هوندو.

اپريل 1978ع ۾ ڪابل ۾ ڪاهي ڌر جي بغاوت کان پوءِ فيبروري 1979ع ۾ شاهه ايران جي تختي اونڌي ٿيڻ ۽ ڀارت ۾ مسز گانڌيءَ جي اڳواڻي ۾ ڪانگريس جماعت جي وري سوڀاري ٿيڻ پاڪستان جي سرحد تي نئين صورتحال کي جنم ڏنو آهي. ٿوري ئي عرصي کان پوءِ نومبر 1980ع ۾ رونالڊ ريگن چونڊجي وائيٽ هائوس ۾ پهتو، جيڪا ڳالهه سڄي دنيا جي فوجي آمرن لاءِ گهڻي اطمينان جوڳي هئي. انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واقعن جو رُڪو سطحي حوالو (خاص طور ايران ۽ افغانستان) ناڪافي ٿيندو، رُڪو اها ڳالهه ناهي ته تهران ۽ ڪابل ۾ جيڪي حڪومتون آيون اُهي پوري دنيا جي تَوجهه جو مرڪز بڻجي ويون. ڳالهه اِها آهي ته انهن ٻن گادين جي هيٺان جي براماڻي تبديلين پاڪستان جي فوجي حاڪمن جي عالمي ۽ علائقائي ترجيحن جو تعين ڪيو آهي. انهن تبديلين جي هڪ تفصيلي تجزئي سان ئي اسان اسلام آباد جي مذهبي فوجي آمريت جي ڏکيائين کي سمجهي سگهون ٿا.

افغانستان ۾ سوويت مداخلت جا نتيجا

افغانستان ارڙهين صديءَ جي وچ ڌاري هڪ قبائلي وفاق جي صُورت ۾ سامهون آيو، جنهن جو اڳواڻ هڪ طاقتور بادشاهه هو. رياست جي جديديت کي روڪڻ ۾ جاگرافي ۽ تاريخ اهم ڪردار ادا ڪيو. افغانستان ڪڏهن به ڪنهن نوآبادياتي طاقت جي تسلّط ۾ ناهي رهيو. زار جي ڦهلجندڙ سلطنت ۽ انگريزن نيٺ انهي تي ٺاهه ڪيو ته سندن وچ ۾ هڪ قبائلي بفر رياست کي باقي رهڻ ڏنو وڃي (انگريز جي ٻن اڳراين کي ناڪام ڪرڻ کان پوءِ) ويهين صديءَ جي شروعاتي ڏهاڪن ۾ مُلڪ جيڪو سؤ سال پهرين هو اُن کان ونيڪ مختلف نه ٿيو هو. اهو پاڻ ۾ وڙهندڙ قبيلن ۽ قوميتن جن ۾ حاوي طور تي پشتونن يا پٺاڻن (پاڻ شديد طور ورهايل)، تاجڪن ۽ اُزبيڪن کان وٺي هزارا وارن (منگول نسل جا) نورستاني ۽ بلوچن جو هڪ ملاپ هو جنهن انهي ڳالهه جي پڪ ٿي ڪئي ته ڪا به مرڪزي قوت گهڻي عرصي تائين پنهنجو اقتدار قائم نه ٿي رکي سگهي. ڪابل ۽ ٻهراڙي وارن علائقن ۾ وڇو تمام گهٽ ٿي ختم ٿي سگهيو ٿي.

بهرحال 1917ع ۾ زار جي تختي اُونڌي ٿيڻ ۽ آڪٽوبر انقلاب جي فتح عالمي سياست کي بدلائي ڇڏيو. نئين جاول سوويت جمهوريه جو اڳوڻن شاهي معاهدن وغيره کي ختم ڪرڻ جي فيصلي جو نوآبادياتي دنيا ۾ گهرو اثر پيو. افغانستان کي جديد ٺاهڻ جي پهرين سنجيده ڪوشش روسي انقلاب جي شروعاتي سالن سان گڏ ئي ٿي. پوري هڪ ڏهاڪي (29-1919) تائين شاهه امان الله افغانستان کي ويهين صديءَ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. افغانستان سماج جي ڪوڻاڻين روايتن ۽ قبائلي طرز جي حوالي سان آزاد خيال جمهوريت کان متاثر ٿيل نوجوان بادشاهه جون رٿائون واقعي هڪ انقلاب لڳيون ٿي. افغان سرڪار پنهنجي اُبرندي سرحدن تي انگريز سلطنت ڏانهن به هڪ غيرمصالحانه دشمني واري رويو اختيار ڪيو هو. اها 1919ع ۾ انگريزن کي فوجي شڪست ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي هئي ۽ اهڙي طرح اُن افغانستان جي ڏيهي ۽ پرڏيهي ٻنهي سطحن تي پاليسيءَ ٺاهڻ جو حق حاصل ڪري ورتو هو. امان الله واري ڏهاڪي جي موجوده افغانستان سان هڪ لاڳيتي مڪجهڙائي آهي. 1919ع جي سڌارن واري رٿا جيڪا ساڳي وقت بالشويڪن جي ڪاميابي ۽ ترڪيءَ ۾ ڪمال اتاترڪ جي سوڀ کان متاثر هئي، نهايت دوررس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اثر رکندڙ هئي ۽ جيڪڏهن ڪامياب ٿي وڃي ها ته مُلڪ جي آئيندي کي بدلائي ڇڏي ها.

امان الله اصلاح پسند دانشورن جي صلاح سان هڪ غيرمذهبي ۽ جديد رياست ٺاهڻ چاهي ٿي. سندس سياسي سُڌارن ۾ ووٽ جي بنياد تي چونڊيل ميئرن ايوان جو تصور هو. عورتن کي ووٽ جو حق ڏيڻ به اُن ۾ شامل هو. اهڙي ريت امان الله اهڙي راءِ جي حق ڏيڻ جو حامي ۾ هو جيڪو سندس مخالف انگريزن نه رڳو اهو ته اُن وقت تائين هندستان ۾ نه ڏنو هو، پر پنهنجي اصل ملڪ ۾ به نه ڏنو هئائون. انهن سُڌارن ۾ گڏيل تعليم، عورتن جا حق، آزاد چونڊون، لباس ۾ ترڪيءَ واري نموني جون تبديليون، هلڪي صنعت جي قيام وسيلي ٻاهران ايندڙ شين جي متبادل ٺاهڻ لاءِ محدود رٿائون، محصولن جي ڍانچي جي نئين سر جوڙجڪ، قومي بئنڪ جي تشڪيل، سڙڪن ۽ مواصلات جي نظام جي ترقي شامل هئا.

پر امان الله جي سماجي ۽ معاشي سُڌارڻ لاءِ مختلف رٿائن جي مذهبي اڳواڻن پاران مزاحمت ڪئي ويئي، ڇاڪاڻ ته انهي سان مُلّن ۽ قبائلي سردارن کي مليل ناجائز مراعاتون ختم ٿي وڃن ها. سندس افغان فوج کي جديد ٺاهڻ جي ممت ڀرين ڪوشش سندس سرڪار جي اندر ئي ختم نه ٿي سگهڻ جهڙا اختلاف پيدا ڪري ڇڏيا ۽ نادرخان جو ڏڙو جيڪو فوج کي جديد ٺاهڻ جي هر ڪوشش جو مخالف هو، ڪانئس ڌار ٿي ويو. شاهه جي رٿائن لاءِ ٽين ۽ اهم رڪاوٽ سرحد جي ٻنهي پاسي ويٺل برطانيا جي 'پوليٽيڪل ايجنٽن' جي دُشمني هئي. افغان تاريخ جي انهي اهم مرحلي ۾ امان الله کي سوويت امداد ملڻ سان فائدو ٿي سگهي ها پر ويهن جي ڏهاڪي جي آخر ڌاري سوويت رياست جي گهٽي توجهه انگريز سرڪار سان اهم سفارتي ۽ واپاري لاڳاپن کي بحال ڪرڻ ڏانهن هئي.(1) 1928-29ع ۾ اُن اصلاح پسند شاهه جي، جنهن کي انگريزن جي حمايت واري هڪ قبائلي بغاوت جو خطرو هو، حمايت نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. انهي دوران ۾ افغان حاڪم بجاءِ انهي جي پنهنجي حمائتين کي منظم ڪري ها، جيڪا ڳالهه غيراهم نه هئي، هو محاذ تي پوئتي هٽندو ويو ۽ نيٺ تخت تان دستبردار ٿي ويو. هو جلاوطن ٿي اٽلي هليو ويو جتي 1960ع ۾ پنهنجي وفات تائين رهيل هو.

اهڙي ريت ملڪ ۾ مٿان کان تبديلي آڻڻ جي ڀرپور ڪوشش ناڪاميءَ تي پوري ٿي. امان الله پنهنجي حمايت کي وڌائڻ لاءِ ڪا سياسي جماعت نه ٺاهي ۽ هو شخصي طور تي پنهنجن حمائتين جي صفن ۾ موجود اختلافن جي ڪري مايوس ٿي ويو هو. جيتوڻيڪ ونس کهڙو اڳتي وڌيل خيال هئا پر هو ڪيري ٻالڊي نه هڪ بادشاهه هو. انهي ڪري ڪانئس مشڪل سان ئي اها توقع ٿي پئي سگهي ته هو ڪانئس تخت کسيندڙن خلاف گوريلا جنگ وڙهي ها. انهي جي باوجود امان الله جي اقتدار جو ڏهاڪو مستقبل جي سڀني جديديت پسندن لاءِ سبق سان ڀرپور آهي. امان الله بهرحال ڪجهه به هجي 1978ع تائين اتي وڌيڪ ڪجهه به نه ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي جانشين رکو موجود حالتن کي اداري واري صورت ڏيني ڇڏي. جنگ کان پوءِ واري عرصي جي محدود ۽ خودضابطگي واري جمهوريت جي عمل شهري وچولي طبقي ۾ وڌيڪ سڌارن جي ضرورت کي پيدا ڪيو. پر ظاهر شاھ ۽ سندس سوٽ شهزادي دائود جڏهن اهو محسوس ڪيو ته انهي سان ملڪ جو سياسي استحڪام خراب ٿي سگهي ٿو ته اُنهن سيني ترقي پسند سڌارن کي ختم ڪري ڇڏيو. 17- جولاءِ 1973ع تي دائود جي منظم ڪيل هڪ محلاتي بغاوت ۾ بادشاھ جو تختو اونڌو ڪري جمهوريه جو اعلان ڪيو ويو. دائود جي بغاوت، پرچم ڌڙي جي حمايت حاصل ڪري ورتي پر دائود جي بغاوت جي ڇهن سالن کان پوءِ اڻ پڙهيل مردن جو تعداد نوي سيڪڙو ۽ اڻ پڙهيل عورتن جو تعداد اٺانوي سيڪڙو هو. پنج سيڪڙو زميندار (جيڪي گهڻو ڪري قبائلي سردار به هئا) پنجيتاليهه سيڪڙو پوک لائق زمين جا مالڪ هئا. جڏهن ته افغانستان ايشيا جو گهٽ ۾ گهٽ ڦي کس آمدني وارو ملڪ هو. جولاءِ 1977ع ۾، پرچم، ٻنهي وڏي ڪميونسٽ ڌڙي 'خلق' سان اتحاد ڪري افغانستان جي عوامي جمهوري پارٽي ٺاهي ۽ دائود سرڪار جي حمايت ختم ڪري ڇڏي. (2)

دائود جي بغاوت جو هڪ ٻيو پاسو به رهيو هو. جنهن جو اسان سان وڌيڪ سڌو واسطو آهي. دائود پاڪستان جي سرحد صوبي جي پٺاڻ آباديءَ وارن علائقن ۾ جتي خوداختياريءَ سان گڏ ڌار پشتون (پٺاڻ) رياست 'پشتونستان' جي مسئلي تي هميشه کان سخت موقف رکندڙ رهيو هو. افغانستان دنيا جي انهن ڪجهه ملڪن مان هڪ آهي، جن جي هر سرحد ساڳي زبان ڳالهائيندڙ ۽ ساڳئي نسلي گروه يا قبيلي سان واسطو رکندڙ ماڻهن کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪري ٿي. پشتونستان جو سوال انگريز سرڪاري نوڪر ڊيورنڊ جي 1893ع ۾ علائقي جي پٺاڻ آبادي وچ ۾ ليڪ وجهڻ کان ترت پوءِ جهيڙي وارو مسئلو بڻجي ويو ۽ اُن وقت کان وٺي اڄ تائين سخت اختلافي مسئلو رهندو پيو اچي. افغانستان گڏيل قومن جو واحد رڪن هو جنهن سرحد جي حل نه ٿيل جهيڙي جي ڪري پاڪستان کي گڏيل قومن جي رڪن طور قبول ڪرڻ جي خلاف ووٽ ڏنو هو. ٻنهي ملڪن جا ناتا مختلف موقعن تي اعلان جنگ جي ويجهڙ تائين به اچي پهتا آهن. صورتحال انهي حقيقت جي ڪري اڃان وڌيڪ خراب ٿي وئي ته ڊيورنڊ لائين جي پاڪستاني پاسي تي حاوي سياسي جماعت خودمختياري جي زبردست حامي نيشنل عوامي پارٽي هئي، جيڪا ٽيهن جي ڏهاڪي ۾ خان عبدالغفار خان جي ٺاهيل 'خدائي خدمتگار' جيڪا اُنهن ڪجهه مسلم تنظيمن مان هڪ هئي، جن سامراج خلاف مهم هلائي ۽ وڙهيون هيون، جي جانشين هئي. تعب جي اڳواڻن جا هميشه کان ڪابل جي مختلف حڪومتن سان دوستانا ناتا رهيا هئا. داستاني اڳواڻ غفار خان پاڪستان ۾ تشدد ۽ ڏاڍ کان بچڻ لاءِ گهڻا سال ڪابل ۾ رهيو هو. سندس پٽ ولي خان به اڪثر ڪري افغان گاديءَ واري هنڌ ايندو ويندو رهندو هو ۽ سندس ظاهر شاھ ۽ دائود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پختونن پاران هڪ دوست جي حيثيت ۾ آجيان ڪئي ويندي هئي. ٻوليءَ ۽ ثقافت جي لحاظ کان هڪ پاڪستاني پٺاڻ سرحد جي هُن پاران افغانستان جي هڪ پٺاڻ جي هڪ پنجابي يا سنڌي جي ڀيٽ ۾ ويجهو هو. 1978ع تائين قبائلي ڊيورنڊ لائين جي ٻنهي پاسن ڏانهن اچي وڃي سگهندا هئا ۽ پاسپورٽ ۽ ٻين رسمي ڪارروائين کي عام طور تي ٻنهي جا سرڪاري ڪارندا نظرانداز ڪري ڇڏيندا هئا.

1973ع ۾ دائود جي مڪمل طور تي اقتدار سنڀالڻ ٻنهي کي پريشان ڪري ڇڏيو هو. کين ڀؤ هو ته ڪٿي اوڀر بنگال جي ڌار ٿيڻ کي وري نه ورجايو وڃي. بجاءِ انهي جي ته هو وڌ ۾ وڌ صوبائي خودمختياري ڏيڻ نعپ سان قومي سطح تي ڪو ٺاهه ڪري ها؛ ڀٽي شاهه ايران جي نقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي درحقيقت بامعنيٰ خودمختياري جي ڪنهن به خيال خلاف جنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو. هُن پشتون علائقن ۾ هڪ ڪُڌي مهم شروع ڪري ڇڏي. ڊيورنڊ لائن جي پاڪستاني پاسي واري سرحد صوبي جي قبائلي علائقن ۾ پنجويهه لک پشتون رهن ٿا ۽ اُنهن جي ايراضي ساڍا ڏهه هزار چورس ميل آهي. انهن علائقن کي روايتي طور اهڙي سرزمين سمجهيو ويندو هو، جتي ڪنهن ملڪ جو قانون لاڳو نه ٿيو ٿئي. پاڪستان جا قانون به قبائلي علائقي ۾ لاڳو نه ٿا ٿين. آزاديءَ کان ترت پوءِ جناح دوستيءَ جي اظهار جي طور تي قبيلن تي چوڪسي رکڻ لاءِ انگريز سامراج جي ٺاهيل ڪئمپن کي بند ڪري ڇڏيو هو ۽ 1973ع ۾ بنا ڪنهن ظاهري تنبيهه جي هڪ تبديلي آئي. صورتحال جي ڄاڻ رکندڙ هڪ پوليٽيڪل ايجنٽ (ڪوزن جي روايت وارو سرڪاري ملازم) ايس اڪبر احمد جيڪي ڪجهه ٿيو هو اُن کي هيئن بيان ڪيو آهي:

> "1973ع ۾ وزيراعظم ڀٽي قبائلي ماڻهن لاءِ جوڙيل ڪامياب، شان ۽ شوڪت وارين معاشي رٿائن جي شروعات ڪئي. اوچتو اُنهن علائقن ۾ جيڪي ڪنهن سيمنٽ واري عمارت جي هجڻ جي به هام نه ٿي هڻي سگهيا، اسڪول ۽ ڊسپينسريون تعمير ڪيون ويون. اوچتو انهن علائقن ۾ جن ڪڏهن سائيڪل به نه ڏٺي هئي، ٽريڪٽر ۽ بلڊوزر ڪم ڪرڻ لڳا. اوچتو سڙڪون اُنهن علائقن ۽ قبيلن تائين پهچڻ لڳيون جن ۾ اڄان تائين پهچ مُمڪن نه هئي... موجوده قبائلي پاليسيءَ جو اهم نڪتو يقيناً 'رزمڪ ڪئمپ' کي وري سرگرم ڪرڻ آهي، جنهن ڪهڙين غلط فهمين ۽ مايوس ڪُن اڳڪٿين کي جنم ڏنو آهي... اهو سرحد ۾ ڪنيل اهم ترين حڪمت عملي وارن قدمن مان هڪ آهي، جنهن ۾ شروع کان آخر تائين هڪ گوليءَ به نه هلائي ويئي، جيڪا انهي ڳالهه جو واضح اشارو آهي ته قبيلن لاءِ اهڙا قدم سرڪاري پاليسيءَ جو معاملو آهن ۽ هو انهن کي پنهنجي جوڙجڪ يا وجود لاءِ خطرو نه ٿا سمجهن." (3)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

احمد جي انهيءَ بيان ۾ اها ڳالهہ حيرت جهڙي آهي تہ ان جي آسي صفحن
افغانستان جا رڳو بہ حوالا ڏنل آهن. ڪامورڪي ويسر جي پاڪستاني معيار
لحاظ کان بہ اهو هڪ ڪارنامو آهي. نہ رڳو اهو درست ناهي تہ هڪ ... بہ ڪوئي
هلائي ويئي پر 1976ع ۾ ڀٽي کي سندس علائقي جي ڪيل دورن مان
دائنامائيٽ سان اڏائڻ جي هڪ ڀرپور ڪوشش ڪئي ويئي هئي. وزيراعظم تہ قسمت
سان بچي ويو هو پر ساڻس گڏ هڪ سرڪاري اهلڪار انهي حملي ۾ مارجي ويو
هو.

اها ڳالهہ عجيب ٿي لڳي تہ احمد جهڙو ذهين سرڪاري ڪامورو اهو بيان ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويو تہ قبائلي علائقن ۾ سطحي سڌارن جي مهم کي پاڙيسري ملڪ افغانستان ۾ بادشاهت جي خاتمي جي ڪري تيز ڪيو ويو هو. اهو داڻود کي غيرمستحڪم ڪرڻ لاءِ تيار ڪيل اهم فوجي حملي جو هڪ حصو هو. انهي ڪري ڏکڻ وزيرستان ۾ رزمڪ ڪئمپ کي وري سرگرم ڪيو ويو هو. سڙڪن تعمير ڪرڻ ۽ مواصلات جي نظام کي سڌارڻ لاءِ سرتوڙ ڪوشش ڪيون ويون هيون. اسلام آباد جي هاءِ ڪمان اهو طئي ڪري ڇڏيو هو تہ سندس اترين سرحدن تي 'پٺاڻ ديش' جي قيام کي اڳ ۾ ئي روڪيو ويندو. ڀٽي جي 'پيش قدمي واري پاليسي' جو مقصد اهو هو تہ ڪابل تي وڌ ۾ وڌ دٻاءُ وجهي پشتونستان واري مسئلي کي مستقل طور تي اڳواٽ ئي ختم ڪري ڇڏجي. 21 جولاءِ 1975ع تي ڪابل جي اتر ۾ پنج شير ماٿريءَ ۾ ٿيل قبائلي بغاوت کي افغان جلاوطن پاران رٿيو ۽ عمل ڪيو ويو هو. جن کي پاڪستان پئسا ڏنا هئا ۽ هٿياربند بہ ڪيو هو.(4) بهرحال انهي مُهم کي افغان فوج چيڀاٽي ڇڏيو ۽ ڪوبہ عوامي اُڀار پيدا نہ ٿيو. انهي جي باوجود انهي خطري داڻود کي ڏونڌي ڇڏيو هو ۽ هُو عمل ۾ اچڻ لاءِ تيار ٿي ويو هو. هُو هڪ ٽڪنڊي ناهہ ڪرڻ تي راضي ٿي ويو هو. جنهن ۾ هو پاڻ، ڀٽو ۽ شاهہ ايران شامل هُجن. اهو طئي ٿي ويو هو تہ داڻود جي پاران ڊيورنڊ لائين کي مستقل سرحد مڃڻ جي موٽ ۾ ڀٽو نعپ جي پشتون اڳواڻن کي آزاد ڪري ڇڏيندو ۽ شاهہ افغانستان کي ٽن ارب ڊالرن جي امداد ڏيندو. ڀٽي اها تنبيهہ ڏني تہ جيڪڏهن داڻود انهي ناهہ تان ڦري ويو تہ پوءِ پاڪستان سرحد صوبي مان ڪارروايون ڪندڙ افغان جلاوطنن جي سرگرمين تي ضابطو نہ رکي سگهندو.

ڀٽي جي ڪرايل بدبخت چونڊن جي ڪري لڳل 1977ع جي مارشل لاءِ کانپوءِ اسلام آباد جي افغان پاليسي تباهہ ٿي ويئي، پر شاهہ افغانستان ۾ پنهنجي گهري دلچسپي ظاهر ڪندو رهيو ۽ ساواڪ جي ايجنٽن کي داڻود جي ڪاٻي ڌر ۽ مخالفن سان منهن ڏيڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو هو. شاهہ ڏيهي ۽ پرڏيهي ٻنهي سطحن تي داڻود تي دٻاءُ وڌو. ايراني آمر انهي ڳالهہ جو حامي هو تہ ملڪ اندر ايراني طرز تي ڏاڍ ۽ تشدد کي اداري واري شڪل ڏني وڃي ۽ ٻاهرين معاملن ۾ داڻود سوويت يونين سان پنهنجن ناتن کي گهٽ ڪري ۽ اولهہ ڏانهن جهڪاءُ رکي. شاهہ جي اثر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جو ڀيرون نتيجو 18- اپريل 1978ع تي افغانستان جي عوامي جمهوري پارٽي جي اڳواڻ جو قتل هو. مير اڪبر خيبر يونيورسٽي جو پروفيسر هو ۽ سندس بيهر عوامي نيل پارٽي جي ٻنهي حصن پاران عزت ڪئي ويندي هئي. سندس جنازي جو جلوس هڪ عوامي مظاهري ۾ بدلجي ويو ۽ دائود وڏي پيماني تي تشدد استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. ساواڪ جي صلاحڪارن تجويز ڏني ته عوامي جمهوري پارٽي جي ليڊرشپ کي جسماني طور تي ختم ڪيو وڃي. پارٽي جي اڳواڻن جي گرفتارين ڪنهن وڏي شهري بيچينيءَ کي پيدا نه ڪيو پر پارٽي دائود آمريت جي تختي اونڌي ڪرڻ لاءِ فوج اندر موجود پنهنجي قوت کي استعمال ڪرڻ لاءِ رٿائن تي عملدرآمد ڪيو. 27- اپريل تي اهو ڪم نهايت ئي آساني سان ٿي ويو. دائود کي قتل ڪيو ويو. ٻني ڏينهن تي ڪابل ۾ ملهايل خوشين مان اهو اشارو مليو ٿي ته بغاوت ماڻهن ۾ مقبول هئي. اولهه جي پرو جي ڪهڙيل ڏند ڪٿائن جي اُبتڙ سوويت يونين انهي کان ايترو ئي بي خبر هو جيترو واشنگٽن هو. اِها ڪا حيرت جهڙي ڳالهه نه هئي. جاڪاڻ ته بغاوت لاءِ معروضي بنياد ماسڪو نه پر تهران تيار ڪيا هئا.(5)

افغان ڪميونزم جي جن ٻن ڌڙن تي عوامي جمهوري پارٽي ٻڌل هئي، اُنهن کي اڳتي هلي پاڻ پنهنجي تاريخ جي نفي ڪرڻي هئي. نور محمد تره ڪي، جيڪو انقلابي ڪائونسل جو چيئرمين ٿيو هو، اها دعويٰ ڪئي هئي ته پارٽي جي ميمبرن جو تعداد پنجاهه هزار هو. پر اصل انگ چار هزار يا اُن جي لڳ ڀڳ هو ۽ اهي مڪمل طور تي شهري ننڍي وچولي طبقي مان هئا. سندن هڪ وڏي ڪهڙائي اُستادن، وڪيلن، سرڪاري اهلڪارن ۽ فوجي آفيسرن مان هئي. ترقي ۽ پرڏيهي وزير حفيظ الله امين جو واسطو خلق ڌڙي سان هو. جڏهن ته نائب صدر ٻبرڪ ڪارمل پرچم ڌڙي جو هڪ مک اڳواڻ هو. نئين سرڪار جي اڏو مک مسئلو اُنهن نتيجن کي منهن ڏيڻو هو جيڪي سندن اقتدار حاصل ڪرڻ جي اختيار ڪيل طريقي مان پيدا ٿيا هئا. بوناپارٽ ازم کي هميشه مارڪسي لکڻين ۾ هڪ ڏوهه ڪري ليکيو ويو آهي. باوجود اِنهي جي ته پارٽي پاران اِنهي کي 'ثور انقلاب' جي طور تي بيان ڪرڻ تي زور ڏنو ويو. اِهو هڪ شاندار فوجي بغاوت کان وڌيڪ نه هو. اهو يقيناً اُنهن ماڻهن جي خلاف جن وڏي پيماني تي ڏاڍ ۽ تشدد جي رٿابندي ڪئي هئي، پنهنجي بچاءُ لاءِ اختيار ڪيل هڪ ضروري عمل هو پر اِنهي کي ڪنهن به معنيٰ ۾ 'انقلاب' نه ٿو چئي سگهجي. سيپٽي سماجي انقلاب، اِنهي کان قطع نظر ته اُنهن کي اڳيندڙ اِنهي ڳالهه کان واقف آهن يا نه، انتها درجي جي سماجي ۽ طبقاتي ٽڪرائن جو اظهار هوندا آهن. سماجي طبقا هر انقلاب جي محرڪ قوت هوندا آهن، جيتوڻيڪ اُن جي ڪاميابي جو تعين انهن طبقن جي اڳواڻي ڪندڙ سياسي جماعتن يا تحريڪن جي عمل تي هوندو آهي. اِنهي بنيادي حقيقت کي محض کان انڪار ڪري خلق ڌڙي جنهن بغاوت کي منظم ڪيو هو پنهنجو پاڻ کي حقيقت کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. جيڪا ڳالهه خاص طور تي نفرت جوڳي هئي اُها هي ته هڪ بچاءُ واري فوجي بغاوت کي سندس پاران ٻين پٺتي پيل ملڪن ۾ هڪ نمونو ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. امين جي هن ڳالهه بيوقوفي جي حد تائين وڃي پهتي هئي:

"اسان جي انقلاب ڪان پهرين هر جاءِ جي پورهيت طبقي عظيم اڪتوبر انقلاب جي نقش قدم تي هلڻ چاهيو ٿي، پر عظيم ثور انقلاب ڪان پوءِ ٽتزيل ماڻهن کي اهو سمجهي چڏڻ گُهرجي ته منزل تي پهچڻ لاءِ هڪ نئين واٽ به موجود آهي، جيڪا جاگيرداري طبقي ڪان پورهيت طبقي کي اقتدار منتقل ڪري سگهي ٿي ۽ اسان جي انقلاب اِنهي ڳالهه کي ثابت ڪيو آهي." (6)

نئين سرڪار جي شروعاتي ڇهن مهينن شهر ۾ ٻهراڙي ٻنهي جي عوامي اُمنگن ۽ آسرن کي وڌايو. انقلابي ڪائونسل جي انقلابي لفاظي جمهوري اصلاح پسندانه تشبيهن تي مشتمل هئي. ترڪي جي اِنهي اصرار ته سرڪاري نشر و اشاعت جا ذريعا نئين قوميتن جي ٻولي جو استعمال ڪن. 'ڪابل ٽائمز' ۾ ڪتب اينڊز مخصوص ٻي جان ٻوليءَ جي اثرن کي ختم ڪرڻ ۾ گهڻي حد تائين مدد ڪئي. پر ترت ئي پارٽي جي سياسي جوڙجڪ ۽ نظرياتي تربيت هڪ تمام وڏي رڪاوٽ جي طور تي اُڀري سامهون آئي. خلق مخالف پرچم ڌڙي کي برداشت ڪرڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ پارٽي اندر هڪ چٽي جدوجهد شروع ٿي ويئي، جنهن جو نتيجو پارٽي مان وڏي پيماني تي ماڻهن کي ڪيڻ جي صورت ۾ نڪتو. ببرڪ ڪارمل ۽ سندس سائين کي سينئر سرڪاري عهدن تان هٽائي اوڀر يورپ جي مختلف مُلڪن ۾ سفير ڪري موڪليو ويو (ڪارمل کي پراگ ۾ مقرر ڪيو ويو هو.) بغاوت اڳيندڙن، جن دائود جو تختو اونڌو ڪيو هو، ماڻهن سان جمهوريت ۽ سڌارن جو واعدو ڪيو هو. پر پارٽي جي اندر ميمبرن خلاف ڪارروايون اهڙي يڪسانيت جو نڪونيندڙ اشارو هيون جيڪا پوري مُلڪ کي وڪوڙڻ واري هئي.

اسان جي راءِ ۾ سڌارا رڳو هڪ سياسي جمهوريت جي جوڙجڪ ۾ ئي، جنهن ۾ مقامي حالتن کي نظر ۾ رکيو ويو هُجي، ممڪن هئا. اهو به چيو ويو هو ته پارٽي جي پنهنجين صفن اندر تشدد جو استعمال افغانن جي پوئتي پيل حالتن ۽ حاوي قبائلي ثقافت جو اظهار هو. (7) اهو ڪهڻ ۾ ڪهڻ جزوي طور تي درست آهي، پر ڪميونسٽ يا مارڪسسٽ تنظيم نامينڊا ئي اِنهي ڪري آهن ته جيئن هر سطح تي موجود حقيقتن کي چئلينج ڪري سگهجي. ناڪاميءَ جا سبب وڌيڪ پيچيده هئا. اِهو اسٽالني نظريي ۽ افغان سماج جي پوئتي پيل حالتن جو ميلاپ هو جنهن خلق کي جنم ڏنو هو. اسٽالنزم جي هڪ امتيازي خاصيت پارٽي ۽ طبقي کي هڪ ٻئي جي متبادل طور ڪري ليکڻ آهي، جيڪا پارٽي ۾ مرڪزي ڪاميٽيءَ کي هڪ ڪري سمجهڻ ڏانهن وٺي وڃي ٿي ۽ پوءِ مرڪزي ڪاميٽي ۽ جنرل سيڪريٽري کي هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هئي جي برابر ڪري ليکيو وڃي ٿو. عام ماڻهن کي هڪ اهڙي شيءِ جي طور تي ليکيو وڃي ٿو جن کي پنهنجي مرضي موجب استعمال ڪري سگهجي ٿو. سنڌي ڪردار پارٽي جي اَمرانه فيصلن جي سرگرمي ۽ رضاخوشي سان پوئواري ڪرڻ آهي. انهي ڪري يڪسانيت هڪ غيرعلفيت ناهي پر اسٽالني سياسي عمل جو هڪ ضروري جز آهي.

افغانستان جي عوامي جمهوري پارٽي جي مُک ڪمزوري اها هئي ته وٽس جمهوري ادارن ۽ جمهوري حقن جي سوال تي اَجهڻ لاءِ ڪجهه به نه هو. سرڪار وٽ عوام جي نمائندگي ڪرڻ جو به انهي ڪري ڪو جواز نه هو ته اها هڪ انقلاب نه پر بغاوت جي پيداوار هئي. اِنهي ڪري سندس پهريون ڪم سياسي سطح تي هو. ڪيس نئين آئين جي تياريءَ لاءِ ووٽ جي بنياد تي چونڊيل آئين ساز اسيمبليءَ جي ضرورت هئي. ڪيس مختلف سياسي خيالن ۽ لاڙن کي وڌڻ ۽ ويجهڻ جي اجازت ڏيڻ کپي ها ۽ انهي مدي کي ٻهراڙين ۾ رهندڙ آباديءَ جي هڪ وڏي گهٽائي تائين پنهنجي ڪوناڻن رڻاڻن کي پهچاڻڻ لاءِ استعمال ڪرڻ کپي ها. انهن مسئلن کي جنهن سياسي اڳواڻ ۽ ڪلاسيڪي مارڪسزم جي نظريدانن پنهنجين لکتين ۾ بحث هيٺ آندو اهو ٽراٽسڪي هو. پر هو سرڪاري ڪميونسٽ تحريڪ ۾ عتاب هيٺ آيل ماڻهو رهيو آهي. ٽراٽسڪي چين تي ڪجهه تبصرو ڪيو هو جيڪو حقيقتاً موجوده افغانستان تي وڌيڪ لاڳو ٿئي ٿو:

> "عوام جي اڳتي وڌڻ جي عمل ۾ جمهوريت جي مرحلي جي وڏي اهميت آهي. مخصوص حالتن ۾ انقلاب پرولتاريءَ کي اِنهي مرحلي کي اورانگهڻ جي اجازت ڏيئي سگهي ٿو. پر اِهو مستقبل جي ترقي ۾ سهولت پيدا ڪرڻ لاءِ ڪيو ويندو آهي، جيڪا ڪنهن به طرح نه آسان هوندي آهي ۽ نه اُن جي اڳواٽ ڪاميابيءَ جي ڪا ضمانت مليل هوندي آهي. اِهو ضروري هوندو آهي ته اِنهي انقلاب جي وچ واري مدي کي بورجوازي جي جمهوري سگهه کي ختم ڪرڻ لاءِ مڪمل طور تي استعمال ۾ آندو وڃي: اِهو ڪم وسيع عوام جي آڏو جمهوريت کي ترقي ڏيڻ ۽ بوجوازي کي مجبور ڪرڻ ته اها هر قدم تي پنهنجو پاڻ کي عوام سان ٽڪراءَ ۾ رکڻ سان ئي ڪري سگهجي ٿو." (8)

افغانستان ڪجهه معاملن ۾ خوش قسمت هو. اُتي اهڙي مقامي يا پچ لٽڪائو بوجوازي موجود نه هئي جيڪا هندستان يا چين ۾ هئي. رجعت پسندي، جيئن امان الله جي وقت ۾ هئي، خانه بدوشي ۽ قبائليت جي پاڻ ۾ لاڳاپيل جوڙجڪ ۾ ڪا هئي. عوام کي پنهنجي پاسي ڪرڻ لاءِ هڪ ڊگهي ۽ صبر آزما سياسي جدوجهد جي ضرورت هئي. انهي جدوجهد لاءِ هڪ چونڊيل اسيمبلي جي ضرورت هئي. انهي سان ويجهڙائپ ۽ هڪ اهڙو مرڪز مهيا ٿئي ها جتي سياسي سماجي قوتن جي ناتن ۾ امڪان موجود هو ته مذهبي عالم ۽ قبائلي بحث مباحثو ٿئي ها. يقيناً اهڙو هر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سردار (جن مان گھڻا زميندارن جي حيثيت ۾ ڀيٽا طاقتور هئا) چونڊن لاءِ نااهلن لاڳاپ
۽ چونڊون ڪرائڻ جي هر ڪوشش جي مزاحمت ڪن ها. پر انهن حالتن ۾ عوامي
جمهوري پارٽي جي سرڪار هڪ هٿياربند جدوجهد شروع ڪرڻ لاءِ بهتر حيثيت
۾ هُجي ها.

پر خلق جي اڳواڻن انهي مسئلي تي غور ئي نه ڪيو. اُنهن پنهنجي حمايت ۽ ڪنهن بنيادي ڍانچي ٺاهڻ کانسواءِ ئي انقلابي زرعي سڌارن تي عمل شروع ڪيو ۽ (جنهن امين جي زوال کانپوءِ پارٽي جي هڪ زبردست حاميءَ پاران مجبوري ٿي هو.(9) بجاءِ انهي جي ته ڳوٺاڻي عوام کي سجاڳ ڪرڻ ۽ شهري ماڻهن کي پاڻ پنهنجي لاءِ ڳالهائڻ جي اجازت ڏيڻ لاءِ ڪا سياسي حڪمت عملي جوڙي وڃي ها، خلق جي اڳواڻ حفيظ الله امين، جيڪو مارچ 1979ع ۾ وزيراعظم ٿيو هو، اهڙي رٿابندي ڪئي جنهن سان انهي جي بلڪل ئي اُبتڙ نتيجا ظاهر ٿيا. هي نعرو ظاهر ڪري ٿو ته خلق جو سياسي موقف ڪيترو نه سادو هو: "انهن سيڪڙو اسانجي سڌارن جي حمايت ڪن ٿا ۽ ٻه سيڪڙو (استحصال ڪندڙ) اُن جا مخالف آهن" انهي جو حل به ايترو ئي سادو هو: "ٻه سيڪڙي کي جسماني طور تي ختم ڪري ڇڏڻ کپي." سڌارن تي مٿان کان عملدرآمد جي طريقي ۽ انداز جو نتيجو هيٺان کان هڪ تماڪي کي پيدا ڪرڻ جي صورت ۾ نڪرڻو هو.

اِهو دُرست آهي ته سڌارن جي مخالفت ڪندڙ اڳواڻن ۽ مذهبي عالمن کي پاڪستان، چين ۽ مصر کان امداد ملي رهي هئي، پر اِها فيصلي ڪُن نه هئي. انهي سان افغانستان ۾ طاقت جي توازن ۾ مشڪل سان ئي ڪا تبديلي اچي سگھي پئي. افغان رجعت پسنديءَ لاءِ جيڪا ڳالهه اهم هئي اُها هي ته اُها شهرن ۽ ٻهراڙي ٻنهي ۾ عوام جي وڌندڙ حمايت تي ڀاڙي سگھي پئي، ٻين لفظن ۾ ته افغانستان جي آبادي جي گھڻائي اِهو سچ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو ته عوامي جمهوري پارٽي جي تجويز ڪيل سڌارن ۾ سندن ڪو مفاد آهي. اها ڳالهه پنهنجي ليکي هڪ اهڙي سرڪار جو جنهن جي دعويٰ هئي ته اُن انقلاب برپا ڪيو آهي هڪ ويساهه نه ڪرڻ جهڙو ڏوهه هو. ڪيوبا جي انقلاب ٽيڪاريو هو ته ٻاهرين مداخلت، معاشي ناڪابندي يا اڳواڻن کي مارڻ جون ڪوششون اڪثر وڏن ۾ رُڪاوٽ نه بڻجي سگھن ٿيون پر اِهي عوام ۾ مقبول اڳواڻيءَ کي هٽائي نٿيون سگھن. ڪيوبا جي لاءِ اها هڪ نقصان واري ڳالهه هئي ته اُهو جاگرافيائي طور تي پنهنجي جاني دشمن آمريڪا جي ساموندي ڪناري سان ڪُلهو هو. انهي جي باوجود ڪاسترو جو تختو اونڌو نه ٿي سگھيو. اِجا وڌيڪ چرڪائيندڙ ڳالهه اِها ته پنج لک آمريڪي سپاهي جن کي تباهه ڪُن هٿيارن جي مدد حاصل هئي ويٽنامي ڪميونسٽن کي شڪست ڏيڻ ۾ ناڪام رهيا هئا. افغانستان جي عوامي جمهوري پارٽي جا اڳوان غيرروايتي طريقن سان اقتدار ۾ آيا هئا ۽ وٽن ڪو حقيقي عوامي بنياد موجود نه هو. پر اِهو سندن انهي حقيقت کي مڃڻ تي راضي نه ٿيڻ هو، جنهن سندن لاءِ پنهنجين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪمزورين تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ ۽ عوامي حمايت حاصل ڪرڻ کي ايڏو تڪيو ٻڌائي ڇڏيو هو.

امين جي ڏاڍ کي پهرين مخالف ڌڙي پرچم جي حامين محسوس ڪيو پوءِ مجموعي طور تي افغان عوام ۽ نيٺ جيئن 1979ع جي شروعات ۾ فوج جي اندر بغاوتن ۽ مختلف شهرن ۾ عوامي اُڀارن سان گڏوگڏ صورتحال خراب ٿي، تيئن سندس پنهنجي ڌڙي ۾ موجود سندس مخالفن به انهي کي محسوس ڪيو. سيپٽمبر 1979ع ۾ صدارتي محل ۾ گولين جي ڏي وٺ ۾ صدر تره ڪي مارجي ويو. (10) هاڻي امين جي حيثيت هڪ حقيقي آمر جي طور تي وڌيڪ مضبوط ٿي ويئي، انهي ۾ ڪو شڪ ناهي ته تره ڪي امين جي وچ ۾ گولين جي ڏي وٺ جي پويان سوويت يونين جو هٿ هو، جيئن امين مان جان ڇڏائي سگهجي ها. اُن مرحلي تي افغانستان ۾ پنج هزار سوويت 'صلاحڪار' هئا جيڪي افغانن فوج سان، جيڪا پنهنجي ليکي واضح طور تي اِنهي جي اهل (سياسي يا فوجي طور) نه هئي ته بغاوت کي شڪست ڏيئي سگهي، باغين جي مختلف گروهن سان وڙهي رهيا هئا. سوويت هوابازن اڪثر ڪري گهڻن ڳوٺن تي بنا ڪنهن امتياز جي حملن ۾ مدد ڪئي هئي ته جيئن مخالفن کي بي همت ڪجي ۽ سندن بنياد ڪمزور ڪجن. پر اعليٰ سوويت صلاحڪارن بنا ڪنهن شڪ جي اِنهي ڳالهه کي مڃي ورتو هو ته هر محاذ تي صُورتحال حقيقتاً مايوس ڪُن هئي. امين جي تختي اونڌي ڪرڻ جو فيصلو اِنهي ڪري ڪيو ويو ته جيئن افغانستان ۾ ڏاڍ ۽ بغاوت واري عمل کي ختم ڪري سگهجي، پر ظاهر ظهور طور تي اِنهي رٿا جا توقع کان اُبتا نتيجا نڪتا.

امين سوويت سازش کان بي خبر نه هو ڪيس برزنيف سرڪار کان گهڻيون شڪايتون هيون. ماسڪو سندس وڏي حريف پرچم جي اڳواڻ ببرڪ ڪارمل کي، جنهن کي زوري پراگ ۾ افغان سفير واري عُهدي تان لاٿو ويو هو پاڻ وٽ پناهه ڏني هئي، مئي 1979ع ۾ امين اڻ سڌي طرح سوويت يونين تي 'پورهيت طبقي جي دشمن کي پنهنجي سرزمين تي پناهه ڏيڻ' جي ڪري تنقيد ڪئي هئي. هُن سڌي ڳالهه ٻولهه لاءِ ماسڪو جي دوري جي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو، ۽ اها گُهر ڪئي هئائين ته ماسڪو پنهنجي سفير اليگزينڊر پوزانوف کي ڪابل مان واپس گهُرائي. (11) اِهو ممڪن هو ته هو چين سان ناتا وسيلي واقعي ماسڪو سان ناتن ٽوڙڻ تي غور ڪري رهيو هو. انهي ڳالهه کي نظر ۾ رکندي ته اندروني طور تي هو هڪ اهڙي سرڪار جو اڳواڻ هو جنهن سان نفرت ڪئي ٿي ويئي ۽ جيڪا اڪيلي هئي ۽ هاڻي هو سوويت پولٽ بيورو جو نشانو بڻجندڙن جي فهرست ۾ به شامل هو. وٽس متبادل بلڪل ٿي تورا هئا. امين جي حمايت رڳو پارٽي جي تيزي سان گهٽجندڙ خلقي گروهه جي ڪارڪنن ۽ فوج ۾ هئي. سندس خفيه ادارو ايترو طاقتور نه هو جيترو سندس خيال هو. چاڪاڻ ته اُن ۾ شامل ماڻهن کي پنهنجين وفادارين بدلائڻ ۾ مهارت حاصل هئي (نوآبادياتي ۽ نيم نوآبادياتي دنيا جي گهڻن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جاسوسي ۽ ڪنڌ ادارن جي خاصيت آهي).

افغانستان ۾ مداخلت ڪرڻ جو سوويت فيصلو اپريل 1979ع ۾ بچاءَ جي اڳ نائب وزير ۽ سوويت بري فوج ۽ ساموهندي فوج جي سياسي معاملن جي صدر جنرل اليڪسي ييپشيف جي اڳواڻي ۾ هڪ اعليٰ سطحي وفد جي افغانستان جي دوري کان ڪجهه وقت پوءِ ڪيو ويو هو.(12) ييپشيف پاڻ کي اسٽالن جو پوئلڳ ڪري ليکيندو آهي ۽ هو آگسٽ 1968ع ۾ چيڪوسلواڪيا تي اڳراٽي جو معمار پڻ رهيو آهي. سندس دوري جو مقصد عمل لاءِ هڪ تفصيلي رٿا جي تيار ڪرڻ کان اڳ سرزمين تي پاڻ وڃي صورتحال جو جائزو وٺڻ هو. ييپشيف اوڀر يورپ ۾ اسٽالني داستان جي هڪ اهڙي ڪردار جي طور تي مشهور آهي، جيڪو موت ۽ تباهيءَ جو نمائندو آهي. هن سوويت ٽئنڪن جي داخل ٿيڻ کان پهرين پراگ جو دورو ڪيو هو ۽ پولينڊ ۾ مارشل لا لاڳو ٿيڻ کان ٽي مهينا پهرين جنرل جيروزيلسڪي جو مهمان هو. ييپشيف رٿا کي ڏکهي بحث کان پوءِ پولٽ بيورو پاران منظور ڪيو ويو. برزنيف مڃيو ته 'اهو آسان فيصلو نه هو' ۽ مرڪزي ڪاميٽي پاران 'سڄي لاڳاپيل صورتحال' کي نظر ۾ رکڻ کانپوءِ ئي ڪيو ويو هو.

27 ڊسمبر 1979ع تي هزارين سوويت فوجين آمو درياءُ پار ڪيو، جيڪو سوويت- افغان سرحد آهي، ۽ ملڪ تي فوجي قبضي جي شروعات ڪري ڇڏي. شروع ۾ سوويت يونين دعويٰ ڪئي ته کين امين ۽ عوامي جمهوري پارٽي گهرايو هو، پر سوويت فوجن جي اچڻ (ڪي- جي- بي- جي جنرل پاپوتن سان گڏ) کان ترت پوءِ امين جي مرڻ متعلق هدايتون ڏنيون ويون. ڪجهه هفتن ۾ نئين افغان اڳواڻ ببرڪ ڪارمل، جنهن کي سندس ڪهڙي باڳي ڪابينا سان گڏ سوويت جهازن ۾ ڪابل آندو ويو هو، ان کي حفيظ الله امين کي 'سي- آئي- اي- جي ايجنٽ' طور نندڻو هو. انهي جي ثابتي لاءِ نه ڪارمل ۽ نه ئي سوويت پريس ڪي تفصيل مهيا ڪيا. جيڪڏهن اهو الزام صحيح هو ته پوءِ اهو به پڇڻ ضروري هو ته امين ڪهڙي عرصي تائين سي- آئي- اي سان ڪم ڪيو هو. امين جي اپريل 1978ع واري بغاوت کان اڳ افغانستان جي عوامي جمهوري پارٽي ۽ اُن جي فوجي وسيلن جي وچ ۾ هڪ لاڳاپي واري اهم حيثيت کي ڏسندي اهو سوال غيراهم نه آهي. جيڪڏهن امين کي اڳ ئي ڀرتي ڪيو ويو هو ته پوءِ ڪارمل جنهن کي اڃا تائين 'اپريل انقلاب' چئي ٿو اها حقيقت ۾ واشنگٽن ۾ تيار ٿيل هڪ بزدلانه سازش هئي پر اهو الزام وڌ ۾ وڌ اهڙو ڪامورڪي اصطلاح ٿي سگهي ٿو جيڪو مخالفن کي ٻاهرين طاقتن جي ايجنٽن طور نندڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. انهي سڄي عمل جي اصليت کي بنا ڪنهن ڏکيائي جي ٽيهن جي ڏهاڪي جي سوويت صفائي جي مهمن ۽ نمائشي مقدمن ۾ ڳولهي سگهجي ٿو.

هڪ وڏو بنيادي سوال اهو هو ته سوويت يونين ٻي مهاڀاري جنگ کان پوءِ پهريون ڀيرو اوڀر يورپ کان ٻاهر جي ڪنهن ملڪ ۾ مداخلت ڇو ڪئي هئي. ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جو جواب افغانستان جي جبلن ۾ موجود ناهي، اهو سمجهڻ غلط ٿيندو تہ سوويت قدم جو محرڪ اُن ملڪ جي صورتحال جهڙي ڪا معمولي شيءِ هئي. اعليٰ سوويت سياستدان ۽ خاص طور تي سوويت جنرل انتهائي محتاط ماڻهو آهن. سندن ٻنهي ۽ پرڏيهي عمل جي پيڙهہ بنيادي ڪاموري قدامت پسنديءَ آهي. اتر آمريڪا ۽ اولهہ يورپ جي سياستدانن ۽ سياسي ڪالم نگارن جو اهو عام خيال تہ سوويت يونين هڪ جارح طاقت آهي، جيڪا توسيع پسنديءَ تي سنڌرو ٻڌيو بيٺي آهي سچ کان گهڻو پري آهي.

پنهنجي جوهر ۾ ويهن جي ڏهاڪي جي آخر ۽ ٽيهن جي ڏهاڪي کان وٺي سوويت پرڏيهي پاليسيءَ جو بنيادي مسئلو اهو رهيو آهي تہ سوويت يونين جي اندر استحڪام ۽ حالتون جيئن آهن تيئن اُنهن کي قائم رکيو وڃي. ٻين مهاڀاري جنگ جي پڇاڙيءَ تي سوويت اڳواڻن فرانس، اٽلي ۽ يونان ۾ سرمائيداريءَ نظام جي ٽٽڻ مان فائدي وٺڻ کان پاسو ڪيو هو. اُنهن نهايت ايمانداريءَ سان 'يالٽا ٺاهہ' تي عمل ڪيو جنهن يورپ کي 'اثر جي علائقن' ۾ ورهايو هو. اهو درست آهي تہ يوگوسلاويا جي ويڙهاڪن ٺاهہ کي مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ انقلاب جي عمل کي اڳتي وڌايو هو. پر انهي کي مشڪل سان ئي اسٽالن جي ذميواري قرار ڏيئي سگهجي پيو. (13). سرد جي جنگ گهڻي ڀاڱي چاليهن جي ڏهاڪي جي آخر ۽ پنجاهہ جي ڏهاڪي جي ايشيا ۾ نوآبادياتي نظام جي بحران جو جواب هئي. ويٽنام (1945)، ڪوريا (1945) ۽ چين (1949) ۾ سماجي اٿل پٿل جي مرڪزي علائقي ۾ اولهہ جي بالادستيءَ کي خطرو پيدا ٿي پيو هو. آمريڪا انهي جي جواب ۾ اولهہ ۾ سوويت يونين تي دٻاءُ وجهڻ شروع ڪيو. پوءِ سٺ جي ڏهاڪي ۾ 'ديتانت جو جذبو' پيدا ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ سوويت يونين آمريڪا سان دوستاڻا ناتا قائم ڪيا ۽ آمريڪا جي ويٽنام ۾ فوجي مداخلت جي پوري عرصي ۾ اُن لاءِ ڏکائيون پيدا ڪرڻ کان پاسو ڪيو. 'برزنيف- نڪسن اعلان' جنهن کي 'تعاون جي نئين دور' جي نالي سان ڪوٺيو ويو، جا سياسي ۽ معاشي ٻنهي سبب هئا.

جنگ کان پوءِ واري سوويت پرڏيهي پاليسي پنهنجي طريقي سان آمريڪا جي نقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ٽين دنيا جي رياستن کي پنهنجي پاسي ڪرڻ لاءِ سوويت يونين ايشيا، لاطيني آمريڪا ۽ آفريڪا جي گهڻين اهڙين حڪومتن کي فوجي ۽ معاشي امداد ڏني، جن جا سماجي نظام سوشلزم جي ڪنهن بہ صورت کان گهڻو پري هئا. بهرحال سوويت ۽ آمريڪي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ واضح فرق موجود رهيو. واشنگٽن دنيا جو پوليس وارو آهي، جيڪو پنهنجو مک ڪم اهو سمجهي ٿو تہ دنيا جي ڪنهن بہ حصي ۾ سماجي انقلاب کي روڪجي. جنگ لاءِ سندس اهم نعري کي هڪ مشهور فارمولي جي اُبتڙ شڪل ۾ سمجهي سگهجي ٿو: 'مستقل رد انقلاب'. انهي سان آمريڪي پاليسيءَ کي سياسي ڪانڊاپو ۽ نئون مقصد حاصل ٿين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿا جيڪي سوويت يونين وٽ ڪونهن. سوويت اثر وڌائڻ لاءِ ڪيل ڪوششن جا محرڪ مڪمل طور تي قوم پرستاڻا مقصد رهيا آهن. سوويت پرڏيهي وزير ۽ پولٽ بيورو جي جهوني رڪن آندري گروميڪو هڪ ڀيري پنهنجي ملڪ جي پرڏيهي پاليسيءَ جي انهن خستہ جملن ۾ وضاحت ڪئي هئي:

"اسان جي پرڏيهي پاليسي جي خاصيت سوويت عوام جي رياست جي مفادن جو بچاءُ، پنهنجي زميني سرحدن، سامونڊي ڪنارن ۽ هوائي سرحدن جي حفاظت ڪرڻ، سوويت پرچم جي وقار ۽ سوويت شهرين جي حقن ۽ سلامتي جي حفاظت ڪرڻ رهي آهي ۽ اها پڪي ۽ پختي ارادي سان ائين ڪندي رهندي." (14)

اِها حقيقت ۾ شروعاتي ڪميونسٽن جي اعلانن يا 1920ع ۾ باڪو ۾ ٿيل سامراج مخالف ڪانگريس جي رٿن جي خواهش کان هڪ پري جي ڳالهه آهي. اِها واشنگٽن جي اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ جي پيش ڪيل شاندار پر هوائي خيالن جي ڀيٽ ۾ سچ کي وڌيڪ ويجهي آهي. گروميڪو جو سڌو سنئون اعلان سوويت يونين جي اولهه جي نئين نسل وارن همدردن، جن مان گهڻا سابق مائوپرست آهن، جي ڪوڪلي هڻڻ کي پڻ ظاهر ڪري ٿو، جيڪي سوويت پرڏيهي پاليسيءَ کي انقلابي ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هوندا آهن. آخر ۾ اهو چئي سگهجي ٿو ته سوويت پرڏيهي ماهرن جي ٻي جان لفاظي وسيلي ڪاموڪي قوم پرستيءَ کي بالشويزم جي روايتن سان ٺهڪائڻ جي بيڪار زباني ڪلامي ڪوشش جي ڀيٽ ۾ اها تبديلي خوشگوار آهي.

سوويت مقصدن تي اهو اوچتو بحث، جيڪڏهن اسان ڪريملن جي افغانستان ۾ فوجي مداخلت جي حقيقي سببن جي ڄاڻ ۾ دلچسپي رکون ٿا، غيرمتعلق نه آهي. اسان جي راءِ ۾ انهن کي گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ عالمي سياست ۾ آيل تبديلين جي حوالي سان ئي گرفت ۾ آڻي سگهجي ٿو. يقيناً پاڪستان تي انهي مطالعي ۾ انهن اهم تبديلين ۽ اتحادن ۽ سوچن ۾ تبديليءَ تي مناسب طور بحث ڪرڻ ناممڪن آهي. هتي اسان ڏکڻ ايشيا جي حوالي سان پنهنجي دليل کي مضبوط ڪرڻ لاءِ رڳو بنيادي تبديلين جو حوالو ئي ڏيئي سگهنداسين.

1975ع ۾ سائيگان جي شڪست هڪ اهڙي سياسي فوجي ذلت هئي، جنهن جو پوري آمريڪي تاريخ ۾ ڪو مثال نه ٿو ملي. انهي معنيٰ ۾ اها عالمي سياست ۾ هڪ نئون موڙ هئي، پر اتهي سوڀ جو اثر گهٽجي ويو. چين- آمريڪا ويجهڙائپ ايشيا (۽ آفريڪا ۾ به) ۾ آمريڪا جي اڪيلائپ کي گهٽ ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي هئي. ڪمبوڊيا ۾ پول پاٽ جو هڪ انوکي اسٽالني اڳواڻ جي روپ ۾ سامهون اچڻ، ڪمبوڊيا جي ماڻهن (جن گهڻو سَٺو) ۽ پاڻ ۾ هڪ طاقتور جهڪ رکندڙ هند- چيني انقلاب لاءِ وڏي تباهيءَ جو باعث بڻيو. ڪمبوڊيا ۾ ويٽنامي مداخلت ۽ چين- ويٽنامي جنگ جي ڪري رڳو وڌيڪ مونجهارا ئي پيدا ٿي سگهيا. بيجنگ-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واشنگٽن اتحاد سوويت اڳواڻيءَ لاءِ هڪ مسئلو بڻجي ويو هو جنهن انهي کي سوويت يونين جي خلاف ڪري ڇاتو ٿي، جيڪا حيرت جهڙي ڳالهه نه هئي.

نتيجو سوويت برڊيهي پاليسيءَ ۾ تبديلي هو. ديتانت جي عام جوڙجڪ کان ڌار ٿين ڪانسواءِ روسي اڳواڻ جتي به ۽ جڏهن به ڪين موقعو مليو ٿي پنهنجي اثر کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي (روايتي وڏي طاقت جي حوالي سان). بهرحال، انهي ڳالهه کي وسارڻ نه گهرجي ته اهو واشنگٽن جي ويٽنام جي شڪست جي سياسي اثرن کي ختم ڪرڻ جي پختي ارادي جي ڪري ٿيو هو. آمريڪا جي جوابي حملي جي ڪري سالٽ-2 ٺاهن تي صحيون نه ٿي سگهيون، اولهه يورپ ۾ ڪروز ميزائل لڳائڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ هڪ ظاهر ظهور هٿيارن جي ڊوڙ وري شروع ڪئي ويئي. شاهه جي زوال کان پوءِ انهي عمل کي تيز ڪيو ويو. پنجن سالن جي عرصي ۾ آمريڪا ڏکڻ ويٽنام ۽ ايران ۾ به وڏيون فوجي مشينون ۾ آمريڪا ڏکڻ ويٽنام ۽ ايران ۾ به وڏيون فوجي مشينون وڃايون هيون. جولاءِ 1979ع ۾ نڪاراگوا ۾ سنڊينيسٽا جي سوڀ واشنگٽن جي محاصري واري ذهنيت کي جيڪا وڌڻ شروع ٿي هئي، اُن کي اڃان وڌائي ڇڏيو. هڪ سال کان پوءِ ريگن جو چونڊجي اچڻ جزوي طور تي انهي مزاج جو هڪ مهلڪ نتيجو هو.

انهي صورتحال ۾ سوويت سياسي ۽ فوجي اڳواڻ اهو محسوس ڪيو ته افغانستان ۾ سڌي فوجي مداخلت جي صورت ۾ هو گهڻو ڪجهه نه وڃائيندا. ڪين ڪو سبب نظر نه ٿي آيو ته شاهه جي تختي اونڌي ٿيڻ کان پوءِ علائقي ۾ آمريڪا جي ڪمزور حيثيت مان ڇو نه فائدو ورتو وڃي. مداخلت جو فيصلو ماسڪو ۾ ڪجهه ماسڪو پارن ٿي ڪيو ويو. انهي جو مقصد هڪ اهڙي سرڪار کي محفوظ رکڻو هو جيڪا سوويت يونين جي ويجهو هئي ۽ اهڙي سرڪار جي سامهون اچڻ کي روڪڻ هو جيڪا بيجنگ يا واشنگٽن ڏانهن وڌيڪ دوستاڻو رويو رکندي هجي. جيتوڻيڪ سرڪاري سوويت پروپيگنڊا هڪ خودمختيار رياست تي ڪاهه جي ڪريملن جي سببن جي وضاحت ڪندي چيو ته اها ٻاهرين مداخلت جي جواب ۾ ڪئي ويئي هئي پر اصل مقصد امين کي هٽائڻ ۽ سندس جاءِ تي وڌيڪ فرمانبردار سياستدان کي آڻڻ هو. ببرڪ ڪارمل جي پهرين تقرير مخصوص اهميت رکندڙ آهي:

"اڄوڪو ڏينهن امين ۽ سندس وفادارن، وحشي ڪاسائين، غاصبن ۽ اسان جي هزارين هم وطنن، پيئرن، مائرن، ڀائرن، ڀينرن، پٽن، ڌيئرن، ٻارن ۽ پوڙهن جي قاتلن جي نظام جي خاتمي جو ڏينهن آهي." (15)

اها حقيقت ته ڪجهه وفادارن کي ڪارمل ننڍين سرڪار ۾ شامل ڪيو ويو هو سندس پنهنجي پيشرو جي ڏوهن تي ڪيل زباني حملن جي اثر کي ضرور گهٽ ڪيو آهي. جيتوڻيڪ هزارين سياسي قيدين جي آزادي بي شڪ هڪ ساراهڻ جوڳي ڳالهه هئي پر سيبني پراڻا مسئلا درحقيقت جيئن جو تيئن ئي رهيا. ڪارمل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واعدو ڪيو ته سوشلزم تي عمل نه ٿيندو. جمهوريت دشمن قانون ختم ڪيا ويندا، اسلام کي عزت ڏني ويندي ۽ سياسي جماعتن کي ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏني ويندي. انهي مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته روسين هڪ مخلوط قومي سرڪار جي قيام جي حالتن کي وري اڳ واري حالت ۾ آڻڻ، جنهن ۾ جيتوڻيڪ سندن ڪردار وڏو هوندو جي اميد رکي هئي. اهڙو خيال مڪمل سادگيءَ کي ظاهر ڪري ٿو. اهو تصور ڪرڻ ته افغان عوام ڪارمل جي، جڏهن هو هڪ لک سوويت فوجين سان ڪابل پهچندو، هڪ جوڳڪارو ڏيارڻينڊڙ وارو لڳايل غلط اندازو هو. درحقيقت سوويت اڳرائي هرلحاظ کان غلط هئي.

انهي ۾ ڪو شڪ نٿو ٿي سگهي ته افغانستان ۾ سوويت مداخلت افغان عوام جي قومي حق خوداختياريءَ جي هڪ وڏي ڀڃڪڙي هئي. انهي حق کي رڳو انهي ڪري ختم نه ٿو ڪري سگهجي ته افغان عوام حمايت ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. وڌيڪ اهو ته انهي ڳالهه جي نشاندهي ڪرڻ به ضروري آهي ته سوويت يونين کي درخواست ڪندڙن ۾ پارٽي جي ڪهڙائي به شامل نه هئي. اهڙي ريت هتي ڪيوبا جي انگولا يا ايٿوپيا کي مهيا ڪيل فوجي امداد سان ڪا هڪجهڙائي نه ٿي ٿي. (16) نه ئي سنجيدگيءَ سان اهو چئي سگهجي ٿو ته ڪريملن جو افغانستان تي قبضو هڪ بچاءُ وارو قدم هو جيڪو سوويت رياست جي سلامتي لاءِ اهم هو. عملي لحاظ کان سوويت يونين جا ويهن جي ڏهاڪي کان وٺي افغانستان جي هر سرڪار سان ناتا اطمينان جوڳا رهيا آهن. انهي حقيقت جي باوجود ته ايران شاهه جي حڪمراني واري دور ۾ علائقي جو وڏي ۾ وڏو آمريڪي اڏو هو سوويت يونين ساڻس دوستاڻا ناتا اُن وقت به برقرار رکيا هئا. ترڪيءَ ۾ ناٽو جي اڏن جي موجودگي مٿس فوجي حملي جو باعث نه ٿي.

درحقيقت سوويت فوجن جي اچڻ سان عوامي جمهوري سرڪار وڌيڪ ڪمزور ٿي ويئي. اُن جو سياسي ويساهه بلڪل ئي کهنجي ويو هو ۽ اُن هڪ ڀيرو وري تشدد ڏانهن موٽ ڪاڌي هئي. ڪارمل ۽ سندس ساٿين کي افغانن جي هڪ وڏي ڪهڙائي پاران اڳواٽي ڪندڙ فوج جو ساٿي ڪري ليکيو وڃي ٿو. نتيجو حيرت جوڳو ناهي. روسي موجودگي افغانستان جي شهرين جي هڪ وڏي ڪهڙائي کي سندن سياسي، مذهبي يا نسلي اختلافن جي باوجود متحد ڪري ڇڏيو آهي. پارٽي جي ڪارمل جي ٽڙي ۽ اُن جي ٽوڙڻ حامين کانسواءِ هرڪو ماڻهو جن ۾ ايستائين نه خلق جو هڪ حصو به شامل آهي، قابض فوج جو مخالف آهي. شهرن جي آباديءَ جا اهي حصا جيڪي اڳ غيرجانبدار هئا يا جن جون همدرديون حڪومت سان هيون اهي به هاڻي سرڪار خلاف ڪنهن به مزاحمت جي حمايت ڪرڻ ڏانهن لاڙو رکن ٿا. اهڙي طرح سياسي محاذ تي افغان ڪاٻي ڌر لاءِ اڳرائي جا نتيجا تباهه ڪن رهيا آهن. سڌارن کي مڪمل طور تي روڪڻ ۽ اسلام جي سڪارائتي استعمال جي باوجود ڪارمل سرڪار پنهنجي صحيح مٿ جو جواز قائم نه ڪري سگهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. (17) ڳالهه اها آهي ته سوويت يونين ۽ سندس حامي پنهنجي ليکي معاملي جي حقيقت اها سمجهن ٿا ته مزاحمت ڪندڙن کي ٻاهرين حمايت ملي رهي آهي. پاڪستان ۾ پناهگير ڪئمپن ڏانهن اشارو ڪن ٿا ۽ انهي ڳالهه تي زور ڏين ٿا ته ضياء سرڪار گوريلن کي تربيت ڏيندي رهي آهي. اهو درست آهي پر انهي بيان سان اصل مسئلو جيڪو ملڪ اندر حمايت جو نه هئڻ آهي حل نه ٿو ٿئي. جيڪڏهن عوامي جمهوري پارٽي، جيڪا وڌ ۾ وڌ هزارن ميمبرن ۽ همدردن تي ٻڌل آهي، هڪ اهڙي تنظيم هجي ها جنهن جا بنياد ڪنهن حد تائين عوامي تحرڪ تي رکيل هجن ها (جهڙا سٺ جي ڏهاڪي جي شروعات وارا ڏکڻ، يعني، سٺر جي ڏهاڪي وارا انگولائي ۽ ايٿوپيائي ۽ اڄ جا نڪاراگوا وارا ۽ اين- ايم- ايل- اين وارا ايل سلوادوري هئا/ آهن.) ته پوءِ اها پشاور ۾ ويٺل رجعت پسند گروهن کي منهن ڏيڻ جي اهل هجي ها. انهي مونجهاري مان نڪرڻ جي واٽ پشاور نه پر ڪابل وٽ آهي. ملڪ اندر سرگرم مزاحمت پنهنجن قاعدن ۽ قانونن موجب ڪم ڪري پئي ۽ اها گهڻي ڀاڱي پشاور جي تنظيمن جي ضابطي کان آزاد آهي.

سوويت اڳرائي کان وٺي اولهه جي اخبارن پاڪستان جي سرڪاري ضابطي ۾ هلندڙ ميڊيا جي پٺڀرائي ڪندي باغين جي سرگرمين متعلق گهڻي وڌاءُ سان ڀرپور خبرون شايع ڪيون آهن. (18) انهن مان گهڻن کي پاسيرو ڪري سگهجي ٿو پر پوءِ به حقيقت ڪابل ۾ ورهائجندڙ سرڪاري هٿ ٺوڪين کان مختلف رهي آهي. جنهن ڳالهه سان اختلاف نه ٿو ڪري سگهجي اها هي ته قندار ۽ هرات ۾ تندي پيماني تي ٻار پيدا ٿيا هئا. ڪابل ۾ شاگردن جا مظاهرا ٿيا هئا ۽ افغان فوج اندر بغاوتون ٿيون هيون جنهن کان پوءِ وڏي پيماني تي فوجين جي فوج ڇڏڻ جا واقعا ٿيا. ملڪ اندر جن ملڪ تي قبضي جي مخالفت پئي ڪئي، انهن پنهنجا هٿيار دشمن کان حاصل ڪيا. انهن اهو ضروري ڄاتو هو ته روايتي گوريلا طريقن کي استعمال ڪيو وڃي، جيڪي سندن ملڪ جي جاگرافيائي حالتن جي لحاظ کان به مناسب هئا ۽ اها ڳالهه به هئي ته شهرن ۾ چوڪسي سخت هئي. جون 1980ع ۾ پراودا گوريلا طريقن کي هن نموني بيان ڪيو:

"افغان باغين انفرادي ويڙهاڪ جٿن جي تعداد کي ٽيهن کان چاليهن ماڻهن تائين گهٽائي ڇڏيو آهي ۽ هو پلن ۽ سوڙهين جاين تي راتاها هڻڻ کي ترجيح ڏين ٿا... اهي پلن کي اڏائي يا ڪا ڇپ ڪيرائي ۽ پوءِ اوچي جاءِ تان گوليون هلائڻ شروع ڪن ٿا... جيڪڏهن ڪو مضبوط فوجي قافلو گذري رهيو هوندو آهي ته اهي جائزي وٺندڙ ۽ اڳواڻ جٿن کي گذري وڃڻ ڏيندا آهن. پوءِ اهي اوچتو ويجهي نشاني کان گوليون هلائڻ شروع ڪندا آهن ۽ فوراً وکري ويندا آهن. اهي سڙڪن تي بارودي سرنگهون وڇائيندا آهن ۽ پوءِ انهن سرنگهن واري علائقي کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رائفلن ۽ مشين گنن جي کيپري ۾ وٺي ڇڏيندا آهن. پرڏيهي پيشيور تربيت ڏيندڙن جي هٿ کي محسوس ڪري سگهجي ٿو." (19)

مٿي ڏنل آخري جملو واضح طور تي مزاحمت جي اثرائتي هئڻ کي گهٽ ڪري ڏيکارڻ لاءِ جوڙيو ويو آهي. پوري تاريخ جي گوريلا جنگ جو تجربو اهو ٻڌائي ٿو ته جيڪڏهن تحريڪ کي حقيقي حمايت حاصل آهي ته پوءِ عوام نهايت تيزيءَ سان سگهي ٿو. جيڪڏهن پاڪستان افغانستان سان پنهنجي سرحد بند نه ڪري ڇڏي ها ۽ پشاور ۾ ويٺل تنظيمن کي ڪم ڪرڻ کان روڪي ڇڏي ها ته به ملڪ جي اندر مزاحمت ختم نه ٿئي ها.

سوويت يونين جي سياسي حيثيت جائز قرار ڏيڻ جوڳي ناهي. انهن دوست حڪومتن کي چٽي ڇڏيو آهي ته هڪ دفعو ڪارمل سرڪار پنهنجي بنياد کي مضبوط ڪري وٺي ۽ ملڪ جي حفاظت ڪرڻ جي لائق ٿئي ته پوءِ سوويت يونين واپس هليو ويندو. اهو مستقل قبضي لاءِ هڪ دليل ٿي سگهي ٿو جيڪو پولٽ بيورو يا فوج جي اڳواڻن، لاءِ شايد هڪ سنجيدو امڪان آهي. انهن کان سواءِ ٻيو ڪير سوويت سياست تي حاوي ٿي سگهي ٿو. درحقيقت جيترو گهڻو عرصو سوويت سپاهي هتي رهندا هڪ اندروني عوامي مزاحمت جا امڪان اوترا ئي وڌندا ۽ نيٺ روسين کي هڪ ڏکي چونڊ کي منهن ڏيڻو پوندو جيڪا هوندي وڏي پيماني تي قتل عام (جنهن کان اڃان تائين پاسو ڪيو ويو آهي) يا واپس وڃڻ. اولهه جي پريس پشاور ۾ ويٺل ساڄي ڌر جي انتها پسند گروهن تي پنهنجي توجهه ڏني آهي پر جيڪي ماڻهو روسي اڳواڻي کان ڪهڻا سال پهرين کان ڏکڻ ايشيا جي حالتن تي نظر رکيو پيا اچن اُنهن پنهنجي توجهه ملڪ اندر پيدا ٿيل مُزاحمت تي مرڪوز ڪئي آهي. فار ايسٽرن ايڪانامڪ ريويو جي ڏکڻ ايشيا جي ماهر لارنس لِف شُلٽز روسين خلاف وڙهندڙ کاٻي ڌر جي گروهن کي هن ريت بيان ڪيو آهي:

"مختلف مقامي اندرين محاذن ۾ هڪ ٻي تنظيم، جيڪا وتيڪ قومي آهي سا به شامل ٿي ويئي آهي. اها ڪهڙن مزاحمتي گروهن کي گڏيندي ٿي. اُن کي 'جبهئي موبارزين مجاهد افغانستان' چيو وڃي ٿو جنهن جي معنيٰ 'ويڙهاڪ مجاهدن جو قومي محاذ' آهي. اها ئي تنظيم هئي جنهن 6 آگسٽ 1979ع تي ڪابل ڇانوڻي ۾ بالاحصار واري بغاوت ڪئي هئي. کاٻي ڌر جون گهڻيون تنظيمون انهي محاذ ۾ ۽ ٻين مختلف علائقائي محاذن ۾ پنهنجي انفرادي حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيون آهن. اهي سڀ اُهي تنظيمون آهن جن 1960ع ۽ 1970ع جي ڏهاڪي ۾ افغان کاٻي ڌر جي دانشور حلقن ۾ 'ترميم پسندي' تي هلندڙ بحث جي دوران سوويت يونين ۽ عوامي جمهوري پارٽي جي خلق ۽ پرچم ڌڙن ڏانهن هڪ تنقيدي رويو رکيو هو. اندروني مزاحمت جو هڪ ٻيو گروهه 'سازمانِ آزاد بخش مردم افغانستان' (افغان عوام جي آزاديءَ واري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنظيم) آهي، جيڪا مختلف اندروني محاذن سان ڳنڍيل آهي. اجا هڪ ٻيو گروهه 'گروهه انقلابيءِ خلقي افغانستان' (افغانستان جو انقلابي گروپ) به آهي جيڪو به سوويت مخالف مزاحمت ۾ خاص طور تي مختلف ڳوٺاڻن علائقن ۾ تمام گهڻو سرگرم رهيو آهي. سازمان جا ميمبر ڪابل ۽ ٻين شهري مرڪزن ۾ گهڻا سرگرم نظر اچن ٿا. آخري ملڪ جي نالي سان هڪ ٻيو مارڪسي لاڙو جنهن ڪڏهن به پنهنجو پاڻ کي ماسڪو يا بيجنگ جو حمايتي ڪري ناهي ليکيو ۽ اهو موجوده مزاحمت جو هڪ سرگرم حصو رهيو آهي. اهي مختلف سوويت مخالف مارڪسي لاڙا ملڪ جي اندر قائم مختلف ڳنڍيل محاذن ۾ سرگرم آهن پر انهن مان ڪنهن جي لاءِ به اهو نه ٿو چئي سگهجي ته اُن ڪليل طور تي اڳواٽي وارو ڪردار سنڀاليو هُجي. پنهنجي شهرت جي ڪري اهي خلق، پرچم ۽ سوويت فوج آهن، جن ڳنڍيل طور تي افغانستان کي ڪيترن سال جي عرصي ۾ سوشلزم جو لفظ ڏنو آهي. اهي مڃين ٿا ته ڪجهه وقت کان پوءِ سندن نظرين کي هڪ ٻيهر وري مثبت سياق وسباق ۾ بحث هيٺ آندو ويندو" (20)

جيئن گهڻيون گوريلا تنظيمون پنهنجي اڳتي وڌڻ ۽ واضح ٿيڻ واري مرحلي تي پهتيون آهن، مزاحمت آمهون سامهون وارين لڙاين ۾ بلڪل ئي ڪمزور آهي. مارچ 1982ع ۾ پنج شير ماٿريءَ جي هڪ اهڙي ٽڪراءَ ۾، جنهن ۾ سوويت فوج، توپ خانو ۽ پيادل فوج آندي هئي، گوريلن کي وڏو جاني نقصان پهتو هو. سوين شهري ۽ گوريلا ماريا ويا هئا ۽ سون کي پڪڙيو ويو هو. پر روسي انهي ڳالهه کان پوري ريت آگاهه آهن ته ڪين سياسي ميدان ۾ به فيصلي ڪُن ڪاميابيون حاصل ڪرڻيون پونديون. هتي هُو برطانوي سامراج جي روايتي طور طريقن ۽ حڪمت عملين کي وري جياري رهيا آهن. جنهن سرڪاري شعبي تي روسين جو وڌيڪ ڌيان آهي اُهو آهي 'قبيلن ۽ قوميتن واري وزارت' جتي افغان جاسوسي اداري جو اڳواڻ نجيب الله، جيڪو پنهنجن سوويت اعليٰ صلاحڪارن جي هدايتن تي ڪم ڪري ٿو مک ماڻهو آهي. انهي وزارت جو وڏو ڪم قبائلي حمايت حاصل ڪرڻ آهي. اها حمايت پراڻي انگريزي نموني تي گهڻي مالي مدد ۽ سرپرستي مهيا ڪري ٿي ۽ ڳوٺاڻن ٻهراڙين ۾ نوجوان رضاڪارن جي دستن وسيلي اطلاع ڏيندڙن جو جار وڇائڻ ذريعي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. وزارت کي محدود ڪاميابيون حاصل ٿيون آهن پر ٿورا ماڻهو اهو سمجهن ٿا ته اهڙن طريقن سان عارضي استحڪام جي به ڪا ضمانت ملي سگهي ٿي.

سوويت يونين اهو سمجهڻ ۾ بلڪل ئي غلط آهي ته ٻاهرين مدد کانسواءِ اندروني مزاحمت ختم ٿي ويندي پر جڏهن هو اهو چئي ٿو ته آمريڪا افغانستان جي تيري ۾ دلچسپي نه ٿو رکي ته سندس سچي هجڻ ۾ ڪو شڪ نه ٿو ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهي، افغانستان ۾ اولهه جي دلچسپي سوويت حملي کانپوءِ جي آهي. روسين جي
آمو درياءَ پار ڪرڻ کان پهرين اولهه جي اڳواڻن ملڪ يا اُن جي ماڻهن جي قسمت
جي باري ۾ ڪنهن به تشويش جو اظهار نه ڪيو هو. درحقيقت 1979ع کان پهرين
افغانستان متعلق لکيل ڪتابن ۽ مضمونن جو تعداد ملڪ جي قائم ٿيڻ کانپوءِ وارن
ٻن سؤ سالن کان وڌيڪ عرصي ۾ لکيل ڪتابن ۽ مضمونن کان وڌيڪ آهي. اها
دعويٰ ڪرڻ ڏکي آهي ته موجوده افغانستان ۾ آمريڪي دلچسپي جو محرڪ
سندس اهو ڏسڻ جي خواهش کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه آهي ته سوويت فوجون ڪي
قبائلي جنگجو مصروف رکن ۽ اُن کي پوري ٽين دنيا جي اڳيان ذليل ڪيو وڃي. اِن
معنيٰ ۾ پارٽي وزيراعظم اندراگانڌي انهي ڳالهه کان صاف طور تي انڪار ڪرڻ
۾ بلڪل صحيح آهي ته ڪو آمريڪا جهيڙي جي جلد نبيري ۾ دلچسپي رکي ٿو.
پينٽاگان ۽ اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ انهي ڳالهه کان اڻ واقف نه آهن ته ڏکڻ ايشيا ۾ لاڳيتي
سوويت مداخلت وچ آمريڪا ۾ سندن پنهنجي مداخلت کي وڌيڪ سولو بڻائي ٿي.
اهڙي طرح بين الاقوامي صورتحال سوويت يونين جي واپسيءَ کي وڌيڪ ڏکيو بڻائي
ڇڏي ٿي.

ڪجهه ماڻهو اِهو دليل ڏين ٿا ته جيڪڏهن سوويت فوجون پنهنجي ملڪ موٽي
وڃن ته پوءِ عوامي جمهوري پارٽي جي اڳواڻن ۽ حمايتين جي خونريزي ٿيڻ جو وڏو
خطرو پيدا ٿي پوندو. يقيناً انهي خطري کي نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي پر پارٽي
ميمبرن ۽ سندن همدردن جي نسبتاً ٿوري تعداد جي هوندي ڪين سوويت لاءِ وچ ايشيا
۾ اوستائين پناهه ڏيڻ ڏکي ڳالهه نه هوندي جيسين سندن موٽڻ لاءِ حالتون سازگار
ٿئيون ٿين. پر اسان جي خيال ۾ مسئلي جي وڌيڪ اهم پاسي کي عام طور تي
نظرانداز ڪيو ويو آهي. اِها ڪنهن به لحاظ کان يقيني ڳالهه ناهي ته سوويت واپسي
جي صورت ۾ اِهي پشاور ۾ ويٺل انتهاپسند گروهه ئي هوندا جيڪي نئين سرڪار
ناهيندا. جيڪا ڳالهه ساڳي طرح ممڪن آهي اُها هي ته افغان فوج استحڪام جي
هڪ فوري ضمانت ڏيندڙ جي طور تي سامهون اچي ۽ کهڻي پاڳي ملڪ جي اندر
موجود نسلي ۽ سياسي گروهن تي ٻڌل هڪ قومي حڪومت جي ناهڻ ۾ مددگار
بڻجي. روسي قبضي جي باوجود ساڳي ڌُر جي مخالفن جي پاڻ ڳنڍڻ ۾ ناڪامي
پنهنجي ليکي ملڪ ۾ موجود سياسي عدم استحڪام ۽ گروهي ويڇن جو هڪ
دلچسپ اظهار آهي. انهن گروهن لاءِ ايران ۽ سعودي عرب متبادل مرڪز آهن. اِهو
ٿي سگهي ٿو ته سوويت واپسي کانپوءِ ڪابل ۾ جيڪا به سرڪار اقتدار
سنڀاليندي، اُن کي دنيا جي ڪنهن به حصي جي آزاد خيال ترقي پسندن، روشن
خيال سوشل ڊيموڪريٽن يا سوشلسٽن جي حمايت حاصل نه ٿيندي. اِها ڪن لاءِ
ناپسنديده ۽ ڪن لاءِ قبولڻ جوڳي نه هوندي پر حاصل ٿيندڙ سبق پوءِ به واضح آهن
ته سوشلزم ڏانهن وڃڻ لاءِ ڪا ننڍي واٽ ڪانهي. عوامي حمايت هڪ لازمي جزُ
آهي. افغان عوام کي لازماً سندن پنهنجي سرڪار جي چونڊ ۽ پسند جي اجازت ملڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيرايا، تجربو ذنڙيل ماڻهن جو بهترين اُستاد آهي.
سگهجي ليڪن هڪ بيو منظرنامو سامهون آندو آهي، مثال طور فريد هاليڊي
لکيو آهي ته:

"افغانستان جون حالتون ني اهو ڏيکارينديون ته آيا بکهي مدي ۾ روس
پاران کيتيل جوا ڪامياب ني سگهي ٿي ۽ اُن نموني جي سماجي ترقي
ني سگهي ٿي، جيڪا هينئر منگوليا ۾ ڏسجي ٿي، جتي 1921ع ۾
هڪ ننڍي انقلابي تحريڪ جي حمايت ۾ ساڳي قسم جي فوجي
مداخلت وسيلي هڪ ڪميونسٽ سرڪار کي قائم ڪيو ويو هو."

صحيح آهي ته اهو به هڪ امڪان آهي پر اسان جي خيال ۾ اها ڳهڻ پري
جي ڳالهه ڪئي ويئي آهي. ويهن جي ڏهاڪي ۾ منگوليا ۽ اڄوڪي افغانستان ۾
اختيار ڪيل سوويت پاليسيءَ ۾ تمام گهڻ هڪجهڙائي آهي. انهن ملندي ڳهڻ اهم
فرقن ڏانهن اشارو ڪري سگهون ٿا: 1921ع جي سوويت سرڪار خاصيتي طور
تي اڄوڪي ڪاموراشاهي کان مختلف هئي. ايستائين ته اولهه جا سخت ترين
سوويت مخالف عالم به اهو مڃين ٿا ته ڪميونسٽ انٽرنيشنل رڳو دنيا کي فتح
ڪرڻ ۾ سهولت پيدا ڪرڻ لاءِ جوڙيل هڪ عظيم روسي چال نه هئي پر اها عالمي
سطح تي سماجي تبديليءَ آڻڻ جو هڪ ذريعو هئي. منگوليا جي انقلابين کي ڏنل ليڻن
جي صلاح نهايت ئي سنجيده ۽ محتاط هئي. انقلابين کي مال چاريندڙ آباديءَ جي
پرولتاري عوام ۾ بدلجڻ کان اڳ رياست جي ترقي ۽ معاشي ۽ ثقافتي سرگرمين لاءِ
وڏي جاکوڙ ڪرڻي پوندي...

(لکڻين جو مجموعو جلد2 ماسڪو 1969ع صفحا361- 360).

1921ع ۾ ننڍين چاول سوويت جمهوريت هڪ اهڙي گهرو ويڙهه ۾ ورتل هئي،
جنهن ۾ رد انقلاب کي وڏين سرمائيدار طاقتن جي سرگرم حمايت حاصل هئي. بيرن
رومن وان انجرن اسٽن برگ نالي سفيد فوج جو هڪ جنرل جيڪو پنهنجي پاسيت ۽
سفاڪي جي ڪري بدنام هو، پنهنجي فوج سان گڏ منگوليا ۾ داخل ٿيو هو. انهي
مهم جو مقصد هڪ بالشويڪ مخالف اتحاد ٺاهڻ هو، جنهن جي مرڪز لاءِ
منگوليا کي چونڊيو ويو هو. منگوليا تي اُن وقت هڪ قبائلي اَمر بوگ خان جي
حڪومت هئي، جيڪو انهي قابل نه هو ته سفيد اڳرائي کي روڪي سگهي. علائقي
۾ چيني فوج جي موجودگي معاملن کي اڃان وڌيڪ منجهائي ڇڏيو هو. انهي سبب
جي باوجود سوويت يونين آخر تائين منگوليا ۾ فوجي مداخلت کان لنوائيندو رهيو. مُن
بهرين چينين سان ٺاهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ واعدو ڪيو ته جيڪڏهن چيني
پنهنجي بندوقن جا مُنهن اُنجرن جي مٿي ٺڙيل قزاقن ڏانهن موڙين ۽ منگوليا کي
ليشامي جي هر صورت مان آجو ڪن ته پوءِ هو منگوليا جي هڪ بفر رياست واري
درجي کي مڃڻ لاءِ تيار هوندو. رڳو ان وقت جڏهن چيني فوجون انهن فرضن جي
ادائگي لاءِ نااهل ثابت ٿيون ته پوءِ ريڊ آرمي جا دستا جون 1921ع ۾ سفيدن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شڪست ڏيڻ ۽ چين خلاف وڙهڻ ۾ پنهنجن منگوليا جي ساٿين کي اهم مدد فراهم ڪرڻ لاءِ منگوليا ۾ داخل ٿيا. (21) فوجون اُتي چار سال رهيون.

انهي ڪري 1979ع جي افغانستان سان اُن جي هڪجهڙائي ڏيکارڻ هر لحاظ کان غلط آهي. اڄ افغانستان ۾ روسين جي حيثيت 1921ع جي منگوليا جي حالتن ڏانهن اختيار ڪيل ردعمل کان وڌيڪ هڪ وڏي طاقت جي هڪ نيم نوآبادي مُلڪ ۾ پنهنجي اثر محفوظ رکڻ جي ڪوشش سان وڌيڪ هڪجهڙائي رکي ٿي. اِهو درست آهي ته روسي، فوجي لحاظ کان انهي قابل آهن ته افغانستان کي سوويت بلاڪ ۾ شامل ڪري ڇڏين پر اِن جي قيمت سوويت يونين جي اندر عالمي پشاني تي تمام وڏي ڏيڻي پوندي. ڪريملن جي اڪوائن لاءِ اِها هڪ وڏي خطري ڪڻ واري ڳالهه ٿيندي. ڇاڪاڻ ته اهڙي ريت غيرارادي طور تي هُو سوويت يونين جي بلڪل ئي دل ۾ سياسي عدم استحڪام آڻي سگهن ٿا.

پاڪستان ۾ انهن حالتن جو وڏو اثر اِهو ٿيو آهي ته ضياءُ الحق جي فوجي سرڪار مضبوط ٿي آهي ۽ اُنهن کي هٿي مِلي آهي، جيڪي ملڪ جي سياسي زندگي ۾ فوج لاءِ ترڪيءَ جي نموني تي ڪنهن حد تائين مستقل ڪردار جي ڳهر ڪري رهيا آهن. اسلام آباد ڏهه لک يا اُن کان وڌيڪ افغان پناهگيرن کي نار وارين رياستن ۽ واشنگٽن ۾ پنهنجي حيثيت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي، بنيادي طور تي افغانستان جي خراب صورتحال ڇا سرحد صوبي جي عوامي شعور تي تمام گهڻا منفي اثر پيا آهن. جيتوڻيڪ ضياءَ سرڪار غيرمقبول آهي ۽ افغان پناهگيرن جي وڌيڪ مراعات يافته طبقن ڏانهن ماڻهن جو رويو ناپسنديدگي ۽ نفرت وارو آهي پر سندن مزاج لاتعلقي ۽ مايوسي وارو ٿي ويو آهي. افغانستان ۾ هڪ مختلف نتيجي نڪرڻ جي صُورت ۾ علائقي تي تمام گهڻا اثر پون ها. سماجي معاشي سڌارن ڏانهن آهستگيءَ سان وڌڻ سان گڏوگڏ سياسي جمهوريت ۽ سِبني نسلي ٽولن لاءِ بامعنيٰ خودمختياري پاڪستان جي پشتونن جي اُميدن ۽ خواهشن کي اُڀاري ها. هڪ مضبوط مرڪزيت پسند فوجي سرڪار جي ماتحت رهڻ جو تضاد هر ڳوناتي مرڪز جي رهاڪن تي ڇٽو ٿي وڃي ها. پر اِهو نه ٿي سگهيو هو. عوامي جمهوري پارٽي جي اقتدار جي تباهه ڪن تجربي کانپوءِ سڌي سوويت مداخلت ٿي. اِها مشڪل سان ٿي ڪا اهڙي ترڪيب هئي جيڪا سرحد جي پشتونن کي پنهنجي ليکي ڪنهن سرگرميءَ ڏانهن مائل ڪري ها. نتيجا ظاهر آهن: اِها فوج ۽ سندس حاڪميت آهي جنهن کي افغانستان جي غلط مهم جوئي مان فائدو حاصل ٿيو آهي.

شاهه جو زوال، اسلامي آمريت ۽ ايران جو آئيندو

ايران ۾ پهلوي خاندان جو تختو اونڌو ٿيڻ عالمي سياست جو هڪ اهم واقعو آهي. معاشي، فوجي ۽ سياسي لحاظ کان شاهه جو زوال علائقي ۾ سامراجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صنعت عمليءَ لاءِ هڪ تباهه ڪن ڌڪ آهي، معاشي لحاظ کان ايران هڪ وڏو تيل پيدا ڪندڙ ملڪ آهي، فوجي طرح هو هڪ اهم علائقي ۾ آمريڪا جو مضبوط ترين حليف آهي، سياسي لحاظ کان اِها حقيقت ته اها سرڪار ٽن ڏهاڪن کان وٺي حڪومت ۾ رهڻ جي ڪري اِنهي لائق هئي ته پوري علائقي جي حالتن تي اثرانداز ٿي سگهي. مختلف حالتن جي ڳانڍاپي، جنهن هڪ عوامي تحريڪ کي جنم ڏنو، جنهن جي نتيجي ۾ نيٺ ايراني بادشاهه جو تختو اونڌو ٿيو. هڪ ٻي جاءِ تي تفصيل سان بيان ڪيو ۽ اُن جو تجزيو ڪيو ويو آهي. (22) فيبروري 1979ع ۾ تهران جي عظيم الشان بغاوت اِنهي مارڪسي چوٽي جي قائل ڪرڻ جهڙي ثابتي هئي ته باشعور عوام طاقتور فوجن کي شڪست ڏيئي سگهن ٿا. درحقيقت فيبروريءَ ۾ شاهه جي زوال کان اڳ ايراني سياست جي اهم ترين خاصيت عوامي تحريڪ جي وسعت هئي. جيڪا پنهنجي تعداد جي لحاظ کان 1949ع جي چين جي سماجي انقلاب کان اڳ واري تحريڪ جي قوت کان ٻه وڌيڪ هئي. ايران جي عام ماڻهن جي همت، مستقل مزاجي ۽ بهادري هڪ اهڙي سرڪار کي جنهن کي پنهنجي سياسي استحڪام ۽ فوجي قوت تي فخر هو؛ شڪست ڏيڻ ۾ فيصلائتو ڪردار ادا ڪيو. اِنهي ۾ ڪوبه شڪ نه ٿو ٿي سگهي ته آمريڪا ۽ اولهه جي ٻين ملڪن کي اِنهي ڪري صدمو پهتو.

شاهه جي افغانستان ۽ پاڪستان جي اندروني سياسي زندگيءَ ۾ مداخلت جي ڪري کيس انهن ٻنهي ملڪن ۾ ڪي ٿورائي دوست ملي سگهيا هئا. سندس زوال جي عام طور تي سڄي علائقي جي عوام پاران هڪ سٺي جي طور تي آجيان ڪئي وئي. تعلقات عامه جي ظاهري ٺيڪ جي باوجود پهلوي هڪ اهڙو سفاڪ حاڪم هو جنهن جي اقتدار جو بنياد ايذائن ڏيڻ واري هڪ اهڙي نظام تي رکيل هو جيڪو 1973ع ۾ چلي ۾ فوجي بغاوت جي اچڻ کان اڳ تائين سڄي دنيا ۾ پنهنجي نوعيت جو اڪيلو نظام هو. شاهه جي خفيه پوليس ساواڪ کي ملڪ اندر ۽ ٻاهر رهندڙ ايراني چڱي طرح سڃاڻيندا هئا ۽ اُن کان ٻُڏل رهندا هئا. ساواڪ ناٽو وارين رياستن ۽ پاڪستان جي ايذاءُ ڏيندڙن کي تربيت ڏيڻ ۾ پڻ مدد ڪئي هئي.(23) سبق واشنگٽن ۽ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ لوهي ڪُرسي هيٺان رهندڙن لاءِ چٽا هئا. جيڪڏهن ايراني پنهنجي آمر مان جان آجي ڪرائي سگهن ٿا ته پوءِ گوئٽي مالا وارا يا پاڪستاني، زائري جو عوام يا چليءَ وارا ائين ڇو نه ٿا ڪري سگهن؟ اهڙي ريت ايراني اُڀار سڄي دنيا جي ٿڙيل ماڻهن لاءِ هڪ اتساهه بڻجي ويو هو. گذريل بغاوتن کان اهو اِنهي معنيٰ ۾ مختلف هو ته انهي سان ملڪ جي سماجي ڍانچي ۾ اهم تبديلي آئي هئي. ملڪ جي اڌ آبادي هاڻي شهرن ۾ رهائش پذير هئي. اهڙي ريت اُڀار جي شهري نوعيت آمريت لاءِ بس ڪجهه نه بچاءُ جون واٽون ڇڏيون هيون. اولهه جي مادي امداد، سوويت يونين جي خاموش حمايت ۽ چين پاران کليل حمايت (هوڪوفنگ آگسٽ 1978ع ۾ تحريڪ جي عروج جي وقت تهران

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو دورو ڪيو هو) جي باوجود ايراني بادشاهت پنهنجي حاڪميت لاءِ وڌندڙ مخالف جي طوفاني لهر کي روڪي نه سگهي، اِها اچي پَٽ پيئي ۽ پنهنجي پويان هڪ وڏو سياسي خال ڇڏي ويئي.

ملڪ ۾ جيڪا قوت اقتدار سنڀالڻ جي لائق هئي اُها هئي شيعه مذهبي عالمن جي تنظيم. عوامي تحريڪ کي منظم ڪندڙ مرڪز بجاءِ ڪارخاني جي مسجد هئي. هڪ ڀيرو جڏهن اُن تحريڪ تي پنهنجي مٿڀرائپ قائم ڪري ورتي ته پوءِ ڪارخاني جي پورهيتن به مذهبي عالمن جي اڳواڻي کي قبولي ورتو. بين الاقوامي طور تي ڪابي ڌُر جو لاڙو مذهبي عالمن جي تنظيم جي نظرياتي اهميت ۽ اُن جي ڪردار جو گهٽ ڪاٿو لڳائڻ ڏانهن رهيو هو. اِهو فرض ڪيو ويو هو ته شاهه مخالف تحريڪ جو مڃيل اڳواڻ آيت الله خميني هڪ نالي ماتر اڳواڻ هو جيڪو جلدئي طبقاتي جدوجهد جي بنيادي قوت وسيلي ٻاهرجي پاسيرو ٿي ويندو. روس جي 1905ع ۽ 1917ع جي انقلابن سان هڪجهڙايون پيدا ڪرڻ هڪ عام ڳالهه هئي: خميني پنهنجي بهتر شڪل ۾ فادر گيپان هو ۽ بدتر شڪل ۾ ڪيرينسڪي (اِها ايستائين ته ممڪن طور تي ٻنهي جو مجموعو به ٿي سگهيو ٿي). فيبروري 1979ع کي ايراني انقلاب جو 1905ع ڪري ليکيو ويو هو. بغاوت جي مخصوصيت کي نظرانداز ڪيو ويو هو. انهي غلط تجزئي جي نتيجن ۾ ايراني ڪابي ڌُر اڃان تائين وڪوڙيل آهي. اِها ملڪ جي اندر ۽ ٻاهر ڪجهه فردن کي ڇڏي، انهي ڳالهه جي اڳڪٿي ڪرڻ ۾ ته، مذهبي عالم رياست کي ڪهڙي پاسي ڏانهن وٺي ويندا: بلڪل ئي نااهل ثابت ٿي آهي. نتيجي طور خميني پنهنجي ڪابي پاسي وارن گروهن کي چالن، حڪمت عملي وغيره ۾ هرلحاظ سان مات ڏيئي ڇڏي آهي.

مارڪس لکيو ته "مذهب ڏتڙيل مخلوق لاءِ هڪ سُڪ جو ساهه، دل کان وانجهيل دُنيا لاءِ دل ۽ رُوح کان خالي حالتن لاءِ روح آهي." (24) هُن وڌيڪ ٻڌايو هو ته ٻين حالتن جي پيدا ٿيڻ کانسواءِ جن ۾ اهڙن وهمن ۽ وسوسن جي ضرورت باقي نه رهي، مذهب جي ختم ٿيڻ جي توقع ڪرڻ خيالي جنت ۾ رهڻ برابر آهي. اِها حقيقت ته مذهب جو خاتمو اڃان پري جي ڳالهه آهي، اُنهن ماڻهن جي ناڪاميءَ جو، جيڪي اُنهن حالتن کي بدلائڻ جا عهد ڪن ٿا جن ۾ انسان محنت ڪري ٿو، هڪ خوفناڪ ڏوهه آهي. رڳو هڪ واهيات يورپي مرڪز پسند ئي اهو ڏسڻ ۾ ناڪام ٿي سگهي ٿو ته ايران ۾ اسلامي قدامت پرستي ڏانهن موٽ 1975ع کان پوءِ جي مذهبي احيا جو رڳو اڪيلو مثال ناهي. سرمائيداري کان پوءِ جي پولينڊ ۽ سرمائيدار آمريڪا ۾ ساڳي طرح ٽيل پوپ جو استقبال انهي ئي قدر سگهي جو ٻيو رخ آهي. ايراني ڪابي ڌُر ۽ سندس پرڏيهي حمايتين جي غلطي اهو سمجهڻ ۾ هئي ته مذهبي عالمن جي ضابطي کي سولائي سان ختم ڪري سگهبو. انهي ڳالهه جي اڳ ئي نشاندهي ڪئي ويئي آهي ته ڪابي ڌر بهترين موقعو اُن وقت ئي وڃائي ڇڏيو هو جڏهن فيبروري 1979ع ۾ شاهه جي تختي اونڌي ٿيڻ کان پهرين مذهبي عالمن کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واضح طور تي الڳ ٿيڻ ۽ پاڻ کي هڪ متبادل مرڪز جي طور تي پيش ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي هئي. آيت الله جي اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ انهي ڪم ۾ اڳ ئي گهڻي دير ٿي چڪي هئي. (25)

ايران جو عوامي اُڀار هڪ طرفي سرمائيداراڻي ترقيءَ جي سماجي انتشار جي اُن جو نتيجو هو. انهي هڪ طرفي سرمائيداراڻي ترقي شهري پرولتاريه ۾ مايوسيءَ سان گڏوگڏ بازار جي محدود پيداوار ۽ ورهاست ڪندڙن لاءِ پڻ خطرو پيدا ڪيو هو. جنهن کي شيعا احتجاج ڪندڙن جي جذباتي مذهبي لفاظي اڀار وڌايو هو. شيعه فرقي جو بنياد اسلام جي شروعاتي دور ۾ رکيو ويو هو. جيڪو گهڻو وڌيڪ جي مختلف ٻڪهن مدن سان ڀرپور هو. شيعه فرقي جا باني اُن رياستي جوڙجڪ جا مخالف هئا. جنهن پنهنجو بنياد اُن وقت جي مادي حقيقتن يعني واپار ۽ ننڍي پيماني جي منڊي لاءِ پيداوار تي رکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. شيعن پراڻن قبائلي ڍانچن کي برقرار رکڻ ۽ جنت متعلق ڳالهائڻ کي ترجيح ڏني هئي. انهي فرقي جي فوجي شڪست جي ڪري اُن کي شهيد ۽ هڪ اهڙو نظريو ميسر ٿي ويو هو. جنهن سنين جي آلوده اسلام جي خلاف اسلام جي 'پاڪائي' جي بچاءَ جي دعويٰ تي ڪئي. شاهه جي زوال کان اڳ جي جدوجهد جي ٻن سالن جي پوري عرصي ۾ شيعا عالم ۽ سندن حامي شاگرد مخالف ڌر تي ڇانيل رهيا هئا. بوجوازي قوم پرست قومي محاذ ۽ ماسڪو نواز توده پارٽي گهڻي ڀاڱي منظر تان غائب هيون ۽ ڪنهن حقيقي بنياد نه هئڻ ڪري ڪو اهڙو ڪردار ادا ڪرڻ کان قاصر هيون. هٿياربند جدوجهد ڪندڙ ٻن ڌرين فدائين ۽ مجاهدين جو وقار به هو ۽ اُهي جدوجهد ۾ موجود هئا. پر اُنهن 'اسلامي حڪومت' جي تشڪيل کان ڪجهه مهينا پوءِ ئي پنهنجو پاڻ کي مذهبي عالمن کان ڌار ڪري ڏيکارڻ شروع ڪيو هو.

شيعا اسلام اِنهي ڪري هڪ مادي قوت بڻجي وئي جو اُن عوام کي پنهنجي گرفت ۾ وٺي ڇڏيو هو. اسلامي مبلغن ۽ نظرئيدانن رکو اِها ڳالهه نه ٿي ڪئي ته سندن اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ زمين تي جنت قائم ٿي ويندي. اُنهن مستقل طور ٻن متبادل، ڪميونزم ۽ قوم پرستيءَ جي ناڪامي تي زور ٿي ڏنو. جن جو اڄان تائين عوامي شعور تي هڪ مثبت اثر هو. اڪثر ڪري مصر ۽ ڪمبوڇيا کي انهن ٻن نظرين جي نيٺ ناڪام ٿيڻ لاءِ نموني جي طور تي پيش ڪيو ويندو هو. وڌيڪ اِهو ته جيستائين سوشلزم جو تعلق هو ته 1979ع کان اڳ واري ڏهاڪي ۾ نه سوويت يونين ۽ نه ئي چين شاهه خلاف ڪنهن عوامي تحريڪ کي همٿايو هو. سوويت اخبارون شاهه جي ماسڪو جي دوري ۽ موت ۾ پوبگورني جي تهران وڃڻ وقت شاهه جا گيت شايع ڪيا هئا. اُنهن ٻن رياستن پاران جن کي ڪروڙين ماڻهو سوشلزم جا قلعا ڪري خيال ڪندا هئا. حقيقي سياست جي مڪاريءَ واري اظهار اُن ساڳي طرح جڻ ته ايران جي عالمن جي سياسي رهنما کي اڳتي وڌائڻ ۾ مدد ڪئي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيستائين قوم پرستيءَ جو تعلق آهي ته 1924ع ۾ ترڪي ۾ ڪمال اتاترڪ جي سوڀ خلافت عثمانيا سان گڏ پاڻ اسلام ازم جي خوابن کي به خـ... جذبو هو پر وارن ڏهاڪن ۾ جديد قوم پرستي مضبوطي حاصل ڪئي ... مهاڀاري جنگ کان پوءِ مختلف سوڀون حاصل ڪيون، جن ۾ مصر ۾ ناصر، الجزائر ۾ بن بيلا ۽ تيونس ۾ بورقيبا هئا. انهن مان بن بيلا جو تجربو رهنما ڪردار حاصل هو. الجزائري قومي آزادي جي محاذ جي اندر مخالف گروهن ۾ انهي ڳالهه تي جدوجهد شروع ٿي وئي ته انقلاب جو ايندو ڇا ٿيندو. بن بيلا جي فيصلي نه ڳالهه ... ڪري فوجي بغاوت ٿي، جنهن ناصري واٽ اختيار ڪئي هئي. اها هئي سڌارن کي مٿان کان شروع ڪرڻ، هيٺان کان ڪنهن به شرڪت جي اجازت نه ڏني وئي ... مٿان اُها نئين حڪمران ڌرين لاءِ ڪو خطرو نه پيدا ڪري بي شڪ ناصرازم ڪيترن اهم سماجي سڌارن کي آندو پر اُن جي جديديت بي دليءَ واري ۽ محدود ڪردار رکندڙ هئي. اتاترڪ جي پُرجوش غيرمذهبيت کي مصر، الجزائر يا تيونس ۾ ادارتي واري شڪل نه ڏني وئي هئي. سندن اڳواڻن جا بيان اڪثر ڪري مذهب جي حوالن ۽ تشبيهن سان ڀريل هوندا هئا. سماج ڏکن جي ماتري ٿي هو جنهن لاءِ مذهب هڪ آسيس هو. قومپرستيءَ جي عوام جي زندگي گذارڻ وارين حالتن ۾ بنيادي تبديلي آڻڻ ۾ ناڪامي، سوشلزم جي اسٽاليني نموني کان ٿيل مايوسي سان گڏجي مذهب جي هڪ سياسي قوت جي طور تي احياءَ ۾ مدد ڪئي هئي.

اسلام جا جنوني پوئلڳ اُن کي هڪ مڪمل ضابطہ حيات قرار ڏين ٿا، جنهن جي سخت اُصولن جي مجموعي ۾ سياست، معاشيات ۽ ذاتي زندگي سڀ اچي وڃن ٿا. شيعا نظريي تي اُن جي هڪ وڏي انقلابي نظرئيدان علي شريعتي ’تاريخ خلاف بغاوت‘ جي طور تي تعريف ڪئي آهي يعني هڪ اهڙي تحريڪ جيڪا حال ۽ مستقبل جي خلاف آهي. ماضيءَ کي ساراهيو وڃي ٿو ۽ اسلام جي شروعاتي دور کي هڪ اهڙو سونهري دور ڪري ليکيو وڃي ٿو، جنهن جي پوءِ ايندڙ ايمان وارن کي پيروي ڪرڻ کپي. انهي سڄي جوڙجڪ ۾ اجوڪي سڌريل سماج جي ڪا گنجائش ڪانهي. واضح طور تي اهڙي رٿا اندروني طرح تي غيرمستحڪم هوندي، جيئن خميني جي ايران واضح پر ناخوشگوار طور تي ڏيکاريو آهي. پر اهو هڪ الميو آهي ته آيت الله کي پهرين سندس ڪاهي ڌر جي اصل مخالفن مان ڪجهه جڻن سنجيدگي سان نه ورتو هو. خميني پنهنجن جمهوريت مخالف نظرين کي لڪل نه رکيو هو ۽ اُنهن جي پنهنجي ڪتاب ’اسلامي حڪومت‘ ۾ وضاحت ڪئي هئائين. انهي ڪتاب کي لکڻ ۾ اها نشاندهي ڪرڻ ته امام جي ڪهڙي ڀاڱي ڪونهي ايران جي وحشت تي توجهه عوام جي مسئلن لاءِ ڪو حل نه ٿي ڏسي. اسان ڳالهه آهي اسان سڀ انهي ڳالهه تي متفق ٿي سگهون ٿا ته هر جنس پرستي ۾ ورتل گهڻ روحاني ڏيوالپڻي ۽ ڍهيل جنسي خواهش جي نشاني آهن پر خميني معاملن کي انهي سطح تي نه ڇڏيو هو. هُن اسلامي حاڪميت جي نظريي کي واضح لفظن ۾ بيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"اسلامي حڪومت ماڻهن مٿان خدا جي قانونن جي حاڪميت آهي. اسلامي حڪومت ۽ آئيني آمريتن يا جمهوريتن ۾ اهو هڪ وڏو فرق آهي. انهي ڪري ته ٻنهين قسم جي حڪومتن ۾ قانون سازيءَ جو ڪم بادشاهه يا عوام جا نمائندا ڪندا آهن. پر اسلام ۾ قانون سازيءَ جا اختيار رڳو خدا کي ئي حاصل آهن .... ڪنهن ٻئي کي قانون ٺاهڻ جو حق ناهي. خدائي قانون کانسواءِ ٻئي ڪنهن قانون تي عملدرآمد نه ٿو ٿي سگهي. انهي سبب جي ڪري ئي اسلامي حڪومت ۾ بجاءِ هڪ قانون ساز اسيمبلي هئڻ جي ... رٿابندي ڪندڙ اسيمبلي هوندي آهي جيڪا اسلامي قانون موجب مختلف وزارتن جي ڪم جو بندوبست ڪندي آهي." (26)

اهڙي ريت انهي 'تاريخ خلاف بغاوت' جو لوهي منطق واضح آهي. سماج جي انتظام ۾ رڳو اُنهن مذهبي عالمن کي ئي هڪ حقيقي مقام حاصل آهي، جن ٻنهنجي سڄي بالغ حياتي مقدس قانونن جي تشريح ڪرڻ ۾ گذاري آهي. عوام کي رڳو انهن قانونن جي حفاظت ۽ هر قسم جي مخالفت کي چيڀاڻڻ لاءِ تحرڪ ۾ آڻي سگهجي ٿو اسلامي اُصولن ۾، جن کي وچئين دور ۾ ٺاهيو ويو هو. عوامي حاڪميت جو ڪو تصوّر ناهي. انهي ۾ اُها يقيناً وچئين دور جي عيسائيت کان بنيادي طور تي مختلف ناهي. جنهن کي جارحاڻي انداز ۾ اصلاح مخالفن پاران قائم ڪيو ويو هو. (اها پوپ جي سچ تي هئڻ واري نظريي ۾ هلندي پئي اچي) فرق تاريخي وقت ۽ سماجي، سياسي ارتقا جو آهي. مخالفن خلاف ڪيٿولڪ پادرين جي قائم ڪيل عدالتن جي ڏنل سزائن کان پوءِ روشن خياليءَ جو دور آيو هو. عظيم ترين بورجوازي انقلاب (فرانس 1779ع) پنهنجي ڪردار جي لحاظ کان مذهبي عالمن جو سخت مخالف هو ۽ جديد قومي رياست جي قيام مذهب کي فرد جي پنهنجي آزادانه چونڊ بڻائي ڇڏيو هو. پر دنياءِ اسلام ڪنهن بورجوازي انقلاب جو تجربو ناهي ڪيو. خلافت عثمانيه جو زوال فرانسيسي ۽ برطانوي سامراج جي تسلّط ڏانهن وٺي ويو. قومپرستي وارا اُڀار پنهنجي نوعيت ۾ جزوي هئا. سواءِ البانيا جي، جيڪو جبلن سان گهيريل آهي، ڪنهن اسلامي رياست سماجي انقلاب جو تجربو نه ڪيو آهي. سامراج جي دور ۾ اسلامي مُلڪ معاشي، سياسي ۽ ثقافتي طور تي جمود جو شڪار ٿيا آهن.

ايران جي صنعتڪاري محدود ۽ ظالماڻي هئي، جنهن قرمار کي وڌايو ۽ هڪ نئي اُڀار لاءِ حالتون پيدا ڪيون. شاهه جو تختو اُن وقت ئي اونڌو ٿي سگهيو، جڏهن سٺ هزار ماڻهو ماريا ويا. شيعا نظرئيدانن بغاوت کي اڳتي وڌايو هو پر اُنهن مان جيڪي وڏيا هئا ٿورن ئي اهو سوچيو هوندو ته اسلامي جمهوريه جي قيام جي ٽن سالن جي اندر ڪين چاليهه لک بيروزگارن، پنجونجاهه ۽ اسي سيڪڙي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دڪ ۾ قيمتن جي واڌ، شراب پيئڻ تي ماڻهن آڏو ڦٽڪا هڻڻ، سياسي ڏوهن لا...
مقدمي ڪانسواءِ ڦاسي، زنا جي ڏوهه ۾ سنگسار ڪرڻ، هم جنس پرستي لاءِ موت...
عورتن جو باقاعدي ۽ وڌيل پيماني تي استحصال. مختصر طور تي پوري ملڪ...
جهالت، وهم پرستي ۽ ڏاڍ جي پردي هيٺ اچي وڃڻ کي مُنهن ڏيڻو پوندو. قومي...
ٿورايون، خاص طور تي ڪُرد، جن جي علائقائي خودمختياري لاءِ گهُر کي مذهبي...
عالمن جي حڪومت پنهنجي لاءِ مُهلڪ خطرو سمجهي ٿي، فيبروري 1979ع کان...
ظلم ۽ ڏاڍ جو شڪار آهن. خميني ڪُردن تي ڪاهه جو حڪم ڏنو هو جن...
مزاحمت ڪئي، وڙهيا ۽ عارضي طور تي نئين مذهبي حڪومت جي شڪاري ڪتن...
کي روڪي رکيو. ترڪ ۽ بلوچن کي تنبيهه ڪئي ويئي ته اسلامي جمهوريه ڪنهن
باغي کي برداشت نه ڪندي، ٿورايون ۾ جمهوري حقن لاءِ جيڪي اُميدون پيدا ٿيون
هيون اُهي مذهبي عالمن جي رياستي اقتدار سنڀالڻ جي ڪجهه مهينن اندر ئي
ڇيهاٽجي ويون.

وڌيڪ اهو ته آگسٽ 1979ع ۾ سرڪار تي تنقيد ڪندڙ سڀني اخبارن ۽
مفتيوارن رسالن تي بندش وڌي ويئي. اسلامي بنيادپرست هر شيءِ کان وڌيڪ خيال
کان ڊڄن ٿا. اُنهن جي پنهنجي دنيا تي وچئين دور جو نظريو ايترو ته حاوي آهي، جو
اُهو اطلاعن تي پنهنجي هڪ هٽي قائم ڪرڻ چاهي ٿو ته جيئن ڪو تخليقي ۽
اهڙي طرح تخريبي خيال وڌڻ ويجهڻ نه شروع ٿئي. پر خيال يقيناً غائب ٿيا ٿين.
اُهي ڏيڍرن وانگر زمين ۾ هليا ويندا آهن ۽ پنهنجي وقت جو انتظار ڪندا آهن. اُنهي
ڪري خميني هاڻي مخالفن، منظم ڪاهي ڏن ۽ هر اُنهي شيءِ جنهن کي اسلامي رٿا
۾ رڪاوٽ سمجهيو وڃي ٿو، خلاف نئون حملو شروع ڪيو آهي. هُن اِنهي تي اڳ
عمل نه ڪرڻ جي ڪري خدا ۽ ماڻهن کان معافي گُهري آهي:

”جڏهن اسان بدعنوان حڪومت کي ختم ڪيو اُن جي بدعنوان نظام
کي تباهه ڪيو ته شروع کان جيڪڏهن اسان انقلابي انداز اختيار
ڪيون ها، پارٽيون پريس، بدعنوان رسالن ۽ بدعنوان اخبارن کي بند
ڪيون ها، سندن ايڊيٽرن تي ڪيس هلايون ها، سڀني بدعنوان جماعتن
تي بندش وجهون ها ۽ سندن اڳواڻن کي سزا ڏيون ها، هر وڏي چونڪ
تي ڦاسي ڏيڻ لاءِ ڦاسي گهاٽ ٺاهيون ها ۽ سڀني بدعنواني ڦهلائيندڙن ۽
بدعنوان ٽيلن کي ختم ڪيون ها ته اڄ اسان کي اِهي تڪليفون نه
ڏسڻيون پون ها. آئون خدا ۽ پنهنجي پياري عوام کان معافيءَ جو طلب
گار آهيان... انقلابين جي حيثيت ۾ اسان کي سندن وجود جي ظاهر
ٿيڻ جي اجازت نه ڏيڻ کپي ها. اسان کي سڀني جماعتن تي بندش وجهڻ
کپي ها، سڀني محاذن تي پابندي لڳائڻ کپي ها. اسان کي رڳو هڪ
جماعت جيڪا مستضعفين (مظلومن) جي هجي ها ٺاهڻ گهرجي ها.
آئون پنهنجي غلطيءَ لاءِ معافي گهران ٿو ۽ سڄي ايران جي اُنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بدعنوان طبقن تي واضح ٿو ڪيان ته جيڪڏهن مُومانڻ ڪري نه رهنا ته پوءِ اسان کي ساڻن انقلابي انداز ۾ پُڇڻو پوندو ... آقا علي واڱر جنهن پنهنجي تلوار 'مستڪبرين' (ظالمن) ۽ سازشين خلاف هٿ ۾ کنئي هئي ۽ چيو وڃي ٿو ته اُنهن مان ڪي ڏينهن ۾ بني قرنتيا جي ست سؤ يهودين جا سِر لاٿا هئا جيڪي اسرائيلن جهڙا هئا ۽ شايد اِهي اسرائيلي اُنهن جي اولاد منجهان آهن.... اهي سازشي ٻه ساڳئي درجي ۾ اچن ٿا، جنهن ۾ ڪافر آهن. ڪُردستان ۽ ٻين جاين جا سازشي ڪافرن ۾ شامل آهن ۽ ساڻن سخت سلوڪ ڪرڻ کپرجي. انقلاب جي وڪيل کي اُنهن سڀني رسالن کي بند ڪرڻ کپي جيڪي عوامي مرضيءَ جي خلاف آهن ۽ سازشي آهن. هُن کي انهن سڀني ليکڪن کي عدالت ۾ کڻي مٿن مقدمو هلائڻ کپرجي. هُو انهيءَ ڳالهه لاءِ ٻڌل آهي ته اُنهن سڀني کي کڻي جيڪي سازش ۾ رڌل آهن ۽ پاڻ کي جماعتون سڏائين ٿا ۽ انهن جماعتن جي اڳواڻن تي مقدمو هلائي... فوج جي اُنهن حصن کي جيڪي نافرماني (بدعنوانن ۽ سازشين کي ڇپائڻ ۾) ڪن ٿا اِهو ڄاڻڻ کپرجي ته اُنون اُنهن سان انقلابي انداز ۾ پيش ايندس... آئون آباديءَ جي سڀني حصن، سڀني دانشورن، سڀني جماعتن ۽ گروهن، جن جو تعداد هاڻي بدقسمتيءَ سان ٻن سون کان وڌي ويو آهي؛ کان اها گهر ٿو ڪيان ته اُهي عوامي واٽ ۽ اسلام جي رستي تي هلن.... ٻي صورت ۾ هُو پنهنجن ئي ڪيل غلط ڪمن جا شڪار ٿي ويندا... ٻين قومن کي اسان جي تحريڪ مان سکڻ کپرجي... افغانستان جي ماڻهن کي ايران کان لازماً سبق حاصل ڪرڻ کپرجي... اسان کي اُميد آهي ته دنيا جي مسلمانن جي ٻڌي، اسلام جا مسئلا، فلسطين جا مسئلا ۽ افغانستان جا مسئلا حل ڪندي." (27)

اسلامي حڪومت جي سامراج مخالف لفاظيءَ ڪِن نُوس قدمن تي ٻڌل نه هئي. اڳوڻن انقلابي، قوم پرست ۽ سامراج مخالف تحريڪن کي خالي خولي جذباتي پڻي سان ڪڏ هيو ڪجهه ضرور ڏيڪارڻو پوندو هو. بوليويا جي ايم- اين- آر 1952ع ۾ ٽن جي کاڻين کي قومي ملڪيت ۾ وٺي ڇڏيو. ناصر 1956ع ۾ نهر سوئز کي قومائي ورتو. نهرو پارٽي سرمائي کي اولهه جي مُداخلت کان محفوظ رکڻ لاءِ مختلف قدم کنيا. الجزائر جي ايف- ايل- اين فرانسيسي نوآبادڪارن کي شڪست ڏني. سامراجي مفادن سان انهي حقيقي هٿ چراند جي ابتڙ اُن وقت اسان کي هڪ ناٽڪي اشارو مليو ٿو، جڏهن خمينيءَ جو هڪ ڏڙو پنهنجي لاءِ فائدي حاصل ڪرڻ جي خيال کان آمريڪي سفارتخاني تي قبضو ڪري اُن جي عملي کي يرغمالي بڻائي ڇڏي ٿو. اهو عمل پنهنجي ليکي بي معنيٰ هو پر اُن سرڪار کي هڪ انقلابي رنگ ڏنو ۽ ساڳي وقت بين الاقوامي سطح تي اُن کي صحيح هئڻ جو جواز مهيا ڪري ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي ان جي اثرن کي مشڪل سان ئي سامراج مخالف مقصد لاءِ فائديمند قرار ڏئي سگهجي ٿو.

پر آمريڪا سان ٽڪراءُ سرڪار کي انهي لائق نه ڪيو ته اها ڪو حقيقي استحڪام حاصل ڪري سگهي. ابتدائي بيچيني جيڪا تهران ۾ بين شهرين جي آباديءَ ۾ وڌڻ شروع ٿي هئي: مڊين سطح جي جهيڙن ۾ ظاهر ٿي. بازرگان کي سنڌس يرغمال بڻائڻ واري مسئلي تي تنقيدي موقف رکڻ جي ڪري هٽايو ويو ۽ سنڌس جاءِ تي بني صدر کي آندو ويو. پر بني صدر به حاوي جماعت اسلامي جمهوري پارٽي جي حمايت حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو ۽ کيس جڏهن 1981ع ۾ ملڪ مان ڀڄڻ ۽ پئرس ۾ پناهه وٺڻ تي مجبور ڪيو ويو (جتي هُو مجاهدين سان شامل ٿي ويو ۽ اُنهي ظالم سرڪار جي تختي اونڌي ڪرڻ لاءِ بيان جاري ڪندو رهيو. جنهن جو هو اڳ صدر هو). مذهبي آمريت خلاف جدوجهد جو گهڻو اثر ڪُرڻ ۾ مجاهدن تي پيو آهي جن مذهبي عالمن جي وحشياڻي حاڪميت جي مزاحمت جي ڪوشش ڪئي آهي. فدائين جو پاڻ ۾ ٽوڙ ٿي پيو آهي، جنهن ۾ گهڻائي توده پارٽي ۾ پنهنجي پراڻن اسٽالني حريفن واري سياسي موقف اختيار ڪيو آهي. توده خمينيءَ سان وفادار رهي آهي. پنهنجي طريقي سان پوڙهي لومڙ نيٺ هڪ اهڙي آمريت قائم ڪئي آهي، جنهن جي ظاهري صورت سنڌس پنهنجي پسنديده نموني کان گهڻي مختلف ناهي. بنا ڪنهن شڪ جي اُن جا ڪجهه اڳواڻ سوچي رهيا آهن ته 'خمينيءَ کان پوءِ اسان جو وارو آهي.' بهرحال تاريخ وٽ سنڌن لاءِ ڪي ناخوشگوار حيرتون آهن. (28)

مذهبي عالمن فاشسٽ طرز تي پنهنجا هٿياربند جٿا ٺاهيا آهن. جيڪي خاص طور تي سماج جي رولو عنصرن تي ٻڌل آهن پر اهي فوج جي طاقت کي ڪنهن وڏي ڌڪ هڻڻ جي قابل نه ٿيا آهن. فوج کي ٽوڙڻ ۽ مٿي کان هيٺ تائين اُن جي نئين سر تعمير جيڪڏهن ڪنهن وقت تي ٿي سگهي ها ته اُهو فيبروري 1979ع جي بغاوت کان فوري پوءِ وارو وقت هو. پر اُن وقت مذهبي عالمن پاران شعوري طور اهڙين مڙني ڪوشش جي مزاحمت ڪئي ويئي. وڌيڪ اهو ته اُن وقت کان وٺي ايراني هٿياربند فوجن جي عراقي آمر صدام حسين جي شروع ڪيل جنگ ۾ نسبتاً ڪاميابي ڪئن پنهنجي وقار کي بيهر حاصل ڪرڻ جي قابل ڪري ڇڏيو آهي. گهڻا مبصر انهي ڳالهه تي متفق آهن ته خميني جي موت کان پوءِ فوج ترڪيءَ جي نموني تي تنين استحڪام جي ضامن بڻجي سگهي ٿي (جيئوٽيڪ نالي ۾ اسلامي جمهوريه کي برقرار رکيو ويندو) اهڙي طرح اڳتي وڌڻ جي آمريڪا حمايت ڪري سگهي ٿو، جنهن يرغمالن واري مسئلي جي خاتمي کان پوءِ ايران جي سلسلي ۾ هڪ اهم چپ اختيار ڪئي آهي، آيا فوج ميدان کي قابو ڪري سگهندي اجا ڏسڻ جي ڳالهه آهي، خميني جي حاڪميت رکيو تشدد تي قائم ناهي پر اُن هڪ وڏي عوامي حمايت کي به برقرار رکيو آهي. هڪ فوجي آمريت اهڙي ڪنهن عوام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حمايت تي ڀارت جي قابل نہ ٿي سگھندي،

اهو سوال پنهنجي جاءِ تي موجود آهي تہ ڇا 'پاڪ' اسلامي حڪومت جو مختصر تجربو عوام کي اهو سيکارڻ لاءِ ڪافي هوندو تہ هو سماجي- انقلابي مقصدن ڏانهن وڌن. ان جو يقين سان جواب ڏيڻ ڏکيو آهي. بيشڪ وياج متعلق وچين دور جي قانونن جي احياءَ سان سرمائي جو منطق ختم نہ ٿيو آهي. ايران جي ڪاهي پاسي ڏانهن وڃڻ يا نہ وڃڻ يا خميني کان پوءِ نئين قسم جي آمريت جي وڪڙ ۾ اچڻ جو نيٺ دارومدار ٻهراڙي ۽ شهرن جي پيڙهيل ماڻهن جي سياسي شعور ۽ سندن پاڻ مرتي سرگرميءَ جي سطح تي هوندو جيڪڏهن اهڙيون سياسي تنظيمون اڀرن ٿيون، جيڪي سوشلزم ۽ جمهوريت (جماعتن جي ڪثرت، ووٽ جي بنياد تي باقاعدي چونڊن، عورتن لاءِ برابر جا حق، نسلي ٽولين لاءِ مڪمل خودمختياري) لاءِ حمايت حاصل ڪرڻ جي اهل ثابت ٿين ٿيون تہ پوءِ هر شيءِ بدلجي سگهي ٿي. پر ايراني فوج ۽ سندس پينٽاگان جي حمايتن کي ڪهڻ ڪري تہ سمجهڻ گهرجي.

ايران ۾ آمريڪا جا عملي طور تي معاشي، فوجي حڪمت عملي ۽ سياسي نظرياتي مفاد آهن. اها ڳالهہ اڻ ٽيڻي آهي تہ اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ ايران ۾ هڪ وڏي جدوجهد ڪانسواءِ ڪاهي پاسي ڏانهن وڌڻ جي اجازت ڏيندو. انهي ڪري موجوده ايران جو عدم استحڪام هڪ اهڙي آئيندي جي نشاني آهي، جنهن جي اڳڪٿي نہ ٿي ڪري سگهجي. نيٺ جيڪو بہ رخ اختيار ڪيو ويندو اُن جو پاڪستان تي فوري اثر پوندو. شيعا بنيادپرستيءَ عوام جي انقلابي خواهشن ۽ پاڻ مرتي سرگرمي کي روڪي آمريڪا لاءِ ايران ۾ وري پنهنجي اثر کي پيدا ڪرڻ لاءِ راهہ هموار ڪري ڇڏي آهي. واشنگٽن سياسي 'تخريبڪاريءَ' جي سوڀ جي هر ڪوشش کي ٽارڻ ۽ اُن جي پاڪستان جي نار وارين رياستن تي ڏيکاءَ واري اثر کي محدود رکڻ لاءِ بدل هوندي. جيڪڏهن ايران مذهبي عالمن جي حڪمراني مان جان ڇڏائي ٿو ۽ اُن جي جاءِ تي جمهوري حقن ۽ اداري جو تاجي پيتو جوڙي ٿو تہ پوءِ ايراني بلوچ جي حيثيت سندس پاڪستاني ڀاءُ لاءِ هڪ چقمق واري ٿي ويندي. هن موقعي تي بہ خدا اُنهن جي پاسي آهي، جيڪي سندس حڪمن جي پوئواري ڪن ٿا. اسلام آباد جا فوجي حڪمران انهي ڳالهہ تي ضرور خوش ٿيا آهن تہ تهران ۾ سندن مذهبي ساٿي ٽورائي وارين قومين خلاف 'سخت موقف' اختيار ڪري رهيا آهن. پر آخرڪار رقت، ايران جي سماجي، سياسي، ثقافتي ۽ مذهبي مخالفن جي 'ڪاسائي' آيت الله خميني) ۽ سندس جهڙن پاڪستاني فوجن جي پاسي نہ رهندي.

پاڪستان، ڀارت ۽ آمريڪي حڪمت عملي

اولهہ لاءِ ڏکڻ ايشيا جي حڪمت عملي واري اهميت کي نقشي تي هڪ سرسري نظر وجهڻ سان ئي ڏسي سگهجي ٿو. علائقي جي سوويت يونين، چين ۽ تيل سان شاهوڪار عرب نار سان قربت جو مطلب اهو آهي تہ جيڪڏهن اُتي ڪا هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رياست ۾ ڊانواڊول ٿيڻ تي تہ پوءِ پوري علائقي ۾ پيدا ٿيندڙ عدم استحڪام حقيقتاً ضابطي ۾ اچڻ جهڙو نہ هوندو. آزادي کان ترت پوءِ علائقي جي ٻن وڏين رياستن ڀارت ۽ پاڪستان پنهنجين بين الاقوامي ترجيحن جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو ڀارت 'مثبت اڻ وابستگي' جي نظريي کي اڳتي وڌايو هو ۽ آمريڪا جي سرپرستي وارن فوجي اتحادن ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هئائين. انهن جي بجاءِ ڀارتي اڳواڻ جواهر لال نهرو 'ٽين دنيا' جي قوم پرستيءَ جي بنياد رکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، جيڪا سامراج مخالف هئڻ سان گڏوگڏ سوويت اڳواڻي جي خيالن کان هڪ صحتمند فاصلي رکڻ تي ٻڌل هئي. پنجاهہ جي ڏهاڪي ۾ سرد جنگ جي عروج تي هئڻ وقت اها هڪ ٻاهمت پاليسي هئي جنهن ڪنهن نئس شيءِ کي سامهون آندو هو. (29) نهرو، ٽيٽو ۽ ناصر جي وڏين طاقتن خلاف اتحاد کي نوآبادياتي ۽ نيم نوآبادياتي دنيا جي گهڻين تحريڪن جي حمايت حاصل ٿي.

پاڪستان پنهنجي لاءِ 'ڪميونزم جي خلاف آزاد دنيا جي قلعي' بڻجڻ جي چونڊ ڪئي. فوجي ڪامورڪي بيهڪ ۽ سنڌن پسند جي سياستدانن پنهنجن روحن کي آمريڪا کي وڪڻي ڇڏيو. پاڪستان جي سيٽو ۽ بغداد معاهدي (بعد جي سينٽو) جي سرگرم رڪنيت جو اهو مطلب هو تہ اُن الجزائر جي جنگ آزادي ۽ ناصر جي نهرو سوئز جي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جي حمايت کان انڪار ڪيو هو جڏهن انگريز- فرانسيسي ۽ اسرائيلي سازش 1956ع ۾ مصر تي حملي جي روپ ۾ ظاهر ٿي تہ پاڪستان عملاً پراڻي نوآبادياتي طاقت جي پٺڀرائي ڪئي. (انهي جي اُبتڙ نهرو حملي جي پرجوش مخالف جي طور تي سامهون آيو.) 1954ع کان 1965ع جي عرصي ۾ آمريڪا پاڪستان کي هٿياربند ڪيو ۽ ڪُلي طور تي سنڌس هٿياربند فوجن ۾ رسائي پيدا ڪئي. ڀارت جي انهن احتجاجن جي جواب ۾ تہ پاڪستان کي بنا ڪنهن امتياز جي هٿياربند ڪيو پيو وڃي. آمريڪا نئين دهلي کي يقين ڏياريو هو تہ اهي هٿيار ڀارت خلاف جنگ ۾ استعمال نہ ٿيندا پر انهن جو مقصد پاڪستان کي 'ڪميونسٽ اڳرائي' کان محفوظ رکڻ هو. پر حقيقت ۾ فوج انهن هٿيارن کي نہ رڳو پاڪستان جي اندر بلوچن ۽ بنگالين خلاف استعمال ڪيو پر ٽن ڏار ڏار موقعن تي ڀارت خلاف پڻ استعمال ڪيو. اهو صحيح آهي تہ 1965ع جي پاڪ ڀارت جنگ کانپوءِ آمريڪا فوجي امداد ختم ڪري ڇڏي هئي، پر 1971-72ع جي بُحران ۽ بنگال ۾ کهرو ويڙهہ جي دوران ڪسنجر ۽ نڪسن اهو فيصلو ڪيو تہ 'پاڪستان ڏانهن جهڪاءُ' ضروري هو. (30) اُنهن پاڪستاني فوج کي علائقي ۾ آمريڪي مفادن جي هڪ اعتبار جوڳي محافظ جي طور تي عوامي ليگ جي ڪمزور ۽ جذباتي قوم پرستيءَ تي ترجيح ڏني هئي.

اِها حيرت جهڙي ڳالهہ نہ آهي تہ ڀارت پاڪستان کي هڪ وڏي آمريڪي اڏي جي طور تي ڏسي ٿو، جنهن جو مقصد ڀارت تي ڏباءُ وجهي اُن کي اولهہ جي مفادن جي تحفظ لاءِ هڪ فرمانبردار ۽ محتاج جمهوريا بڻائڻ آهي. جاڪاڻ تہ انهي ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪو شڪ ناهي تہ آمريڪا درحقيقت ماسڪو ۽ نئين دهليءَ کي صفا ڌار ڪرڻ چاهي ٿو. ماضيءَ ۾ آمريڪي پاليسي سازن اهو تصور ڪيو هو تہ پاڪستان کي سوديبازي لاءِ هڪ پتي جي طور تي استعمال ڪري سگهجي پيو. پر جيئن تہ 1971ع کان پوءِ اسلام آباد ۾ ايندڙ مختلف حڪومتون اِنهي مقصد جي پوراڻي ۾ ڪمزور رهيون آهن، اِنهي ڪري واشنگٽن ڀارت سان ناتن سڌارڻ لاءِ ڪجهہ وقت ۽ پئسو استعمال ڪيو آهي. 'پاڪستان ڏانهن جهڪاءَ' جي باوجود اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ جا وڏيڪ حقيقت پسند پاليسي ساز ۽ سنجيده سياسي تجزيہ نگار هميشہ انهي ڳالهہ کان واقف رهيا آهن تہ علائقي ۾ ڀارت هڪ وڏي رياست آهي. (31) فوجي طور تي اِها ايشيا جي مضبوط ترين رياست آهي ۽ وٽس نيوڪليائي صلاحيت پڻ آهي. سياسي لحاظ کان اِها نورين اڳوڻين نوآبادين مان هڪ آهي، جنهن بورجوا جمهوريت جي هڪ نسبتاً مستحڪم صورت کي اڳتي وڌايو آهي (جيڪا سيني سياسي ۽ معاشي دٻائن جي باوجود حاڪم طبقي جي پسنديده چونڊ رهي آهي)؛ معاشي طور تي وٽس هڪ مُلڪي سرمائيدار طبقي مُڃن وارو نانڊو آهي، جنهن ڪيس ڪنهن حد تائين صنعتڪار ۽ پنهنجي بچاءَ جي صنعتن جي تعمير ڪرڻ جي لائق ڪيو آهي. ڀارت سڄي سرمائيدار دنيا جي سائنسي هُنرمند افرادي قوت جو هڪ ڀاڱي ٿيون حصو پيدا ڪري ٿو ۽ اُن وٽ آمريڪا کان ٻاهر هنرمند افرادي قوت جو وڏي ۾ وڏو ذخيرو آهي. (32) اهو سڀ انهي جي باوجود آهي تہ پنجاهہ سيڪڙو آبادي ٻڪ جهڙين حالتن ۾ زندگي گذاري ٿي.

پر افغانستان جي مونجهاري جي ڪري واشنگٽن ۾ اهڙي ڪائوبوائي انتظاميا وجود ۾ آئي آهي، جنهن احتياط ۽ عقليت کي صفا هڪ پاسي رکي ڇڏيو آهي. پاڪستان کي جديد ترين هٿيارن سان هٿياربند ڪرڻ ۽ فوجي سرڪار کي وڏي وڏي پيماني تي فوجي امداد ڏيڻ جو فيصلو ڀارت سان وري وڌندڙ ڇڪتاڻ ڏانهن ني وٺي ويندو. ايف- 16 هوائي جهازن جي فراهمي درحقيقت ڪليل طور تي هڪ چڙ ڏيارڻ واري حرڪت آهي. ڇاڪاڻ تہ اِها اسلام آباد کي پنهنجي طاقتور اُڀرندي پاڙيسري خلاف مهم جوئي تي اُڪسائي سگهي ٿي. پاڪستان جي گهريلو ۽ اندروني طور تي اڪيلي فوجي سرڪار کي وڌي هٿياربند ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيل ڪُل امداد 65- 1954ع جي پرامن عرصي دوران ڏنل رقم کان وڌي سگهي ٿي. هڪ ڪجهہ چُڀندڙ سوال اِهو پڇيو وڃي ٿو تہ آمريڪا اسلام آباد جي فوجي سرڪار جي حالت سڌاري؛ آخر ڪهڙو مقصد حاصل ڪرڻ گهري ٿو؟!

جڏهن تہ پاڪستان جا سرڪاري اهلڪار اهو ٻڌائڻ کان ڪجهہ لنوائين ٿا تہ ڪهڙو ناهہ ٿيو آهي پر آمريڪا جي بري ۽ بحري فوجن جي همراهن انهي ڳالهہ کي واضح ڪري ڇڏيو آهي تہ آمريڪا کي سڀ کان وڌيڪ جنهن شيءِ جي ضرورت آهي اُها آهي سنڌس 'تيز رفتار حرڪت ڪندڙ فوج' لاءِ فوجي اڏا. ايستائين تہ هڪ دفعي ايڊمرل ٿامس مورر اِها ٻہ نشاندهي ڪئي هئي تہ آمريڪا ڪئي اڏي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هنن کي پسند ڪندي. فوج جي رسالي 'اسٽريٽيجڪ ريويو' ۾ هڪ مضمون ۾ مورر اها ڳالهه چئي ٿو ته آمريڪي بحري فوج جي اڏي جي اڏاوت بلوچستان جي گوادر بندگاهه وٽ ٿيڻ گهرجي. انهي سان ايران ۾ وڃايل سهولتن جو متبادل ملي ويندو ۽ انهي کي نار ۾ پڻ پاڪستان جي نگراني ڪرڻ لاءِ هڪ اسٽيشن جي طور تي استعمال ڪيو ويندو. مورر پشاور جي ويجهو بڊابير جي اڏي کي پڻ وري ڪرڻ جي گُهر ڪئي آهي، جنهن کي پنجاهه ۽ سٺ جي ڏهاڪن ۾ هڪ برقي جاسوسي ڪرڻ واري مرڪز جي طور تي استعمال ڪيو ويو هو. اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ جي حڪمت عمليءَ جو هڪ ماهر فرانسس فوڪو ياما، مورر جي دليلن کي ورجايو آهي پر هُن جي صلاح آهي ته ڪراچيءَ جي بندرگاهه کي استعمال ڪرڻ گهرجي. هُن اهو نتيجو به ڪڍيو آهي ته "وڌيڪ اهو ته اهو به امڪان آهي ته نار ۾ پاڪستاني فوج هڪ پاڙيتو فوج جي طور تي ڪم ڪري سگهي... شرط اهو آهي ته آمريڪا پاڪستان کي اهڙي فيصلي جي نتيجن کان بچائڻ جي ضمانت ڏئي." مورر، فوڪو ياما ۽ سندن جهڙن ٻين جي خيالن تي بحث ڪندي لارنس ليف شلٽز هڪ مضمون ۾، جنهن جو ڀارت ۾ گهڻو حوالو ڏنو ويو آهي، آمريڪي انتظاميا جي مقصدن جو تجزيو ڪيو آهي. هُن لکيو آهي:

"آمريڪي انتظاميا جي فوجي حڪمت عملي ٺاهيندڙ، ٽون ٺاهڻ مان گهٽ ۾ گهٽ ٽي مخصوص عملي مقصد حاصل ڪرڻ چاهين ٿا. اهي سڀ هڪ يا ٻي صورت ۾ فوجي اڏي وارين سهولتن سان لاڳاپيل آهن. سڀ کان اعليٰ ۽ وڌيڪ فوري ترجيح ۾ آمريڪي تيز رفتار حرڪت ڪندڙ فوج لاءِ، جيڪو هن وقت علائقي ۾ آمريڪي طاقت جي ڦهلاءَ جي آخري صوبي وارو حاوي نظريو آهي، وڏي پيماني تي فوجي ساز و سامان جي تنصيب شامل آهي." (33)

اها بنا ڪنهن شڪ جي آمريڪا جي فوجي حڪمت عملي ٺاهيندڙن جي خواهش هئي. پر هيريس دانشمندانه رايو ڏيندي چوي ٿو ته:

"اهو فرض ڪرڻ هڪ خوش ڪن خيال آهي ته جيڪي جنرل هن وقت واشنگٽن کي واعدو ڏيئي رهيا آهن، اُهي اُن وقت به اقتدار ۾ هوندا جڏهن ۽ جيڪڏهن متوقع نار وارو بحران پيدا ٿئي ٿو." (34)

اهڙي ريت واشنگٽن ۾ موجود اختلاف بظاهر عارضي طور تي پراڻين غلطين کي وري ورجائڻ جي فائدي ۾ طئي ٿي ويا آهن ۽ اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ جو اهو ڌڙو جيڪو پاڪستان ۽ ڀارت جي رخ ۾ هڪ عملي ڪنفيڊريشن جي حق ۾ آهي، مات کائي ويو آهي. پر ٻين جاين تي سندس حامين 'آزادانه' طور تي اهو خيال پيش ڪرڻ شروع ڪيو آهي. 31- آڪٽوبر 1981ع تي 'دي ايڪانامسٽ' غيرمعمولي انداز ۾ ڀٽي جي اڳوڻي نائب غلام مصطفيٰ کر، جيڪو برطانيا ۾ جلاوطني جي زندگي گذاري رهيو آهي، کي پورا چار صفحا ڏنا هئا. کر پاڪستاني سرڪار کي صلاح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏني هئي ته اُها مڪمل طور تي آمريڪا جي تابعداري نه ڪري. هُن سرڪار جي چانڊ هڻ واري بحران تي زور ڏنو هو ۽ ڀارت سان هڪ ٻڪِي مڏي واري ناهه جي صلاح ڏني هئائين. ڪر جي مضمون ۾ مسلم دنيا تي دارومدار ڪي هڪ خيالي خواب جي طور تي رد ڏنو ويو هو. سوويت يونين سان ناهه ڪي غيرحقيقي چئي، اُن تي جلهه ڪئي ويئي هئي ۽ چيو ويو هو ته رڳو ڀارت ئي پاڪستان جي موجوده سرحدن جي ضمانت ڏيئي سگهي ٿو. اِهي خيال جيئن ڪر پاڻ به لکيو هو ته، هڪ پنجابي سياستدان لاءِ غيرمعمولي ڳالهه هئا. پر ڳالهه اِها آهي ته اِهي آسمان مان نه ڪريا هئا. اِهي آمريڪي پاليسي سازن جي هڪ اهم حصي ۽ پاڪستاني نوڪرشاهي جي هڪ حصي جي سوچ جي نمائندگي ڪن پيا. ڪر پنهنجي موقف ڪي آمريڪا تي مڪمل طور ڀاڙڻ کان روڪڻ جي طورتي پيش ڪيو هو پر جيئن ته انهي ڳالهه ۾ ڪو شڪ نه ٿو ٿي سگهي ته آمريڪا جي ٻڪِي مڏي وارن مقصدن لاءِ اهو ضروري آهي ته ڏکڻ ايشيا ۾ بجاءِ ٻن جي هڪ مضبوط رياست هجي، انهي ڪري ان ۾ ڪنهن هٿ جي ڪارستاني معلوم ٿئي ٿي. ڀارت جي علائقي ۾ سرمائيداراڻن مفادن جي بچاءَ ڪندڙ جي حيثيت ۾، صلاحيت اُن صلاحيت کان وڌيڪ آهي، جيڪا شاهه جي ايران جي هئي يا جيڪا ڪڏهن به فوج جي ضابطي هيٺ پاڪستان ۾ ٿي سگهي ٿي.

پاڪستان ۾ مروج ڏند ڪٿائن جي اُبتڙ ڀارت ڪنهن به صورت ۾ ڏکڻ ايشيا جي ٽڪرن ۾ ورهائجڻ واري عمل جي همٿ افزائي نه ٿو ڪرڻ چاهي. هُو انهي ڳالهه کان مڪمل طور تي آگاهه آهي ته پاڪستان جي وڌيڪ ٽڪرن ۾ ورهائجڻ سان پاڻ ڀارت ۾ عدم استحڪام پيدا ٿيندو. ٻئي پاسي هُو اِنهي ڳالهه کان به واقف آهي ته پاڪستان جيڪو نيوڪلياني هٿيار حاصل ڪرڻ تائين اچي پهتو آهي، اُهو سندس لاءِ هيستائين جي خطري جي ڀيٽ ۾ تمام وڌيڪ حقيقي خطرو بڻجي رهيو آهي. ڪهوٽا ۾ پاڪستان جي نيوڪلياني پروسيسنگ پلانٽ ڪي اسرائيلي نموني جي هڪ تيز رفتار حملي وسيلي خطري پيدا ٿيڻ کان اڳ تباهه ڪرڻ جي چڪ لازماً ڀارت جي فوجي رٿابندي ڪندڙن لاءِ هڪ سنجيده سوچ هوندي. ڪر جي ڪوشش آخرڪار هڪ اهڙو ناهه ثابت ٿي سگهي پئي، جيڪو ڏنهي ڌرين لاءِ قبولڻ جوڳو هُجي، پر انهي ڪي ٻن رُڪاوٽن فوج ۽ عوام ڪي مُنهن ڏيڻو پوندو. جن مان گهٽ ۾ گهٽ عوام ڪي قائل نه ٿو ڪري سگهجي. ڇاڪاڻ ته اِهو ممڪن آهن ته واشنگٽن هڪ وڏي مقصد ماڻڻ ۾ سهولت پيدا ڪرڻ لاءِ اسلام آباد جي جرنيلن ڪي قابو ۾ ڪري وجهي. ضياءالحق به ته چيو آهي ته:

"اسان يقيناً آمريڪا جي هڪ وڌيڪ سرگرم شرڪت ڪي دل سان ڀَسڻ پسند ڪنداسين. پر تاريخ اسان ڪي سيکاريو آهي ته انهي باري ۾ ڪي غلط اُميدون قائم ڪرڻ نه کپن. ڇا آمريڪا اڃان تائين به آزاد دنيا جو اڳواڻ آهي؟ ڪهڙي لحاظ کان؟ اُنون اُميد ٿو ڪيان ته هُو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جلدني وڏي پنهنجو توازن صحيح ڪرڻ وارو ڪردار ادا ڪندو، جيڪو هُن ويٽنام کان پوءِ جڏهن ڏنو هو. اهڙيون نشانيون آهن تہ هُو سجاڳ ٿي رهيو آهي پر اڃان تائين اهو ڪهڙي پاڪي لفظن تائين ئي آهي." (35)

پر پاڪستاني حاڪمن کي جيڪو ڏکيو مسئلو درپيش آهي، اهو خود ملڪ جي شهرين پاران پيش ٿيو آهي، جيڪڏهن آئيندي جي سويلين سرڪار ڪنفيڊريشن ڏانهن وڌي ٿي، فوج جي تعداد کي گهٽائي ٿي ۽ نيوڪلياڻي رٿا تان هٿ کڻي ٿي تہ بہ زمين، ماڻي ۽ آزاديءَ جا مسئلا پنهنجي جاءِ تي رهندا. ڪير ملڪ جي بحرانن جي ڪاڏل معيشت کي برقرار رکندو سندس مدي خارج سماجي نظام جو بچاءُ ڪندو ۽ اُن جي ڪرندڙ سياسي اڏاوتن کي محفوظ رکندو؟ ڪن جي تجويز ۾ درحقيقت پاڪستان ۾، پاڻ حالتن کي جيئن جو تيئن رکڻ جي ضمانت ڏيڻ لاءِ پاڪستاني فوج جي جاءِ تي پارٽي فوج کي آڻڻ شامل آهي. اهو ڏکيو آهي تہ بلوچ، سنڌي ۽ پٺاڻ انهي داڻي جي لالچ ۾ ڦاسڻ لاءِ تيار ٿي وڃن. اُهي واضح طور تي هر اُنهي حل کي رد ڪن ٿا جنهن سان سندن قومي ڦرمار کي باقاعده اداري واري شڪل ڏني وڃي. انهي جي باوجود اهو ضرور هجڻ کُرجي تہ آخرڪار تڪرن ۾ ورهائجڻ جي مقابلي ۾ بورجوازي وٽ اهو هڪ سنجيده متبادل آهي. ڪن پاران انهي تجويز کي پيش ڪرڻ: جنهن ڳالهہ جي نشاني آهي اها هي تہ انهي تي پاڪستان جي پرڏيهي آفيس ۾ هڪ سنجيده امڪان جي طور تي غور ڪيو پيو وڃي جيڪا انهي ڳالهہ ڏانهن اشارو آهي تہ سُڃاڻپ جو بحران ڪيڏو نہ گهڻ ٿي ويو آهي ۽ اُن حاڪم طبقي کي ڪيڏي نہ شديد طور تي متاثر ڪيو آهي. (36)

ٻني پاسي ٿنڌلو تصور ۽ تناظر جو وڃانجي وڃڻ ساڳي طرح بحران جي هڪ اوائلي جواب ڏيڻ ڏانهن وڌي وڃي سگهن پيا. آفيسر ڪور ۾ هڪ اهڙو اهم حصو موجود آهي، جيڪو ضياءُ الحق کي 'نرم' خيال ڪري ٿو يعني هُو پاڪستان جي دانشورن، شاعرن، پروفيسرن، اُستادن، مارڪسسٽن، ٽريڊ يونين وارن ۽ سياستدانن جي 'ففٿ ڪالم' جو آخري حل ڳولهڻ لائق ڪونهي. اهي آفيسر جنرل پنوشي ۽ سعودي بادشاهت جا شيدائي آهن. سندن خيال ۾ چلي واري طرز تي خونريزي ملڪ کي جلدئي 'ناپاڪ شين' کان صاف ڪري ڇڏيندي. آمريڪي فوجي ۽ معاشي امداد کي هڪ اهڙي وسيلي جي طور تي ڏٺو وڃي ٿو، جنهن سان استحڪام آڻي سگهجي ٿو ۽ اهڙي طرح فوج کي وڌيڪ آرام سان ڪم ڪرڻ جو موقعو ملي سگهي ٿو. اهي بيوقوف آهن! ڪين واقعي اها خبر ناهي تہ تشدد جي لوهي ڪُڙيءَ کي مضبوط ڪرڻ جي فيصلي سان جلدئي پاڪستان لاءِ خطري جي گهنٽي وڃي ويندي، جيڪا پوءِ تيزيءَ سان ملڪ کي ٽڪرن ٿيڻ ڏانهن وٺي ويندي. وڌيڪ اهو تہ جنرل جيڪا نيوڪلياڻي صلاحيت چاهين ٿا، اُن جو نتيجو رکو هڪ خطرناڪ بحران کي وڌائڻ جي صورت ۾ ئي نڪرندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ريگن انتظاميا (هيگ جي پرڏيهي وزير واري عرصي دوران سندس رهنمائي ۾)
فوج جي اندر اهڙن جنوني عنصرن کي مضبوط ڪيو آهي، جن جي سياسي تنگ
نظري اپکيهات جي حدن کي جهڙي ته سي- آءِ- اي ڪاهي ڌر جي حڪومتن کي
غيرمستحڪم ڪرڻ لاءِ کهڻيون رٿائون ناميون آهن. (جن مان ڪجهه اُن جي ڪڇيءَ
۾ به پيون آهن) پر هن وقت پاڪستان ۾ عدم استحڪام جي جنهن صورت کي
اُتي پيو ڏسجي اُها شعوري ناهي پر انهي مهم جو مقصد ان جي بلڪل ئي اُبتڙ يعني
سرڪار ۽ فوج، جيڪا سرڪار کي قائم رکي ٿي، ان کي مضبوط ڪرڻ آهي، پر
تمام کهڻين اڳوڻين ڪاوشن جا معروضي نتيجا اسان جي منهن ۾ گهوري نهارين
ٿا. اُنهن اڳئين ديسي آمرن جي متعلق سوچيو، جن کي آمريڪي هٿيارن ۽ پئسي
سان ئي کهڻو ڏينهن ماريو ويو آهي. اِهي ويٽنام جو ٿيو، ڪيوبا جو بٽستا، ايران
جو پهلوي ۽ نڪاراگوا جو سموزا آهن. اڄ ساڳي شيءِ ايلسلواڊور ۾ ٿي رهي آهي
۽ سڀاڻي اسان چٽي طرح ٿائي لينڊ، پاڪستان، سعودي عرب يا انڊونيشيا کي
سامراجي ناڪامين جي فهرست ۾ شامل ٿيندو ڏسي سگهون ٿا. پر هاڻي ٽين دنيا
۾ نيوڪليائي هٿيارن جي ڦهلاءَ سان هڪ نئون ۽ ٻيچاريندڙ امڪان پيدا ٿي پيو
آهي. نوآبادياتي ۽ نيم نوآبادياتي دنيا صدين کان ڦرمار جو شڪار رهندي پئي اچي
۽ اُتان جي رهواسين جي انساني حيثيت کي باقاعدي گهٽ ڪرڻ ۽ کين عالمي منڊيءَ
جي ٿين سمجهڻ وارو سلوڪ پڻ ٿيندو پيو اچي، پر ڇا اهو ٿي سگهي ٿو ته تاريخ
وٽ اُنهن لاءِ انهي کان وڌيڪ خراب شيءِ باقي هجي؟ ڇا نيوڪليائي هٿيار پهريون
ڀيرو آفريڪا يا وچ اوڀر ۾ اولهه جي سرمائيداريءَ جي نافرمان ٻارن اسرائيل يا
ڏکڻ آفريڪا پاران استعمال ڪيا ويندا؟ يا ڏکڻ ايشيا جا اڳوڻا سامراجي تمغن
سان سجيل پُراڻا جنرل هڪ ٻئي کي مات ڏيڻ جي ڪوشش ۾ نيوڪليائي مقابلو
برابر ڪندا؟ اِهي ڪي مجرد سوال ناهن، جيڪي پاڪستان جي فوجي آمرن کي
هٿياربند ڪن ٿا، اُنهن کي آئيندي جي سياسي يا فوجي تباهي جي ڀاري ذميواري
کڻڻي پوندي.

پاڪستان جي مختصر پر ايذائيندڙ تاريخ ۾ ٻاهرين تباهي ۽ اندروني تبديلي
گڏوگڏ ٿيون آهن. هڪڙو فوجي آمر ڀارت سان جنگ جي ڪري تباهه ٿي ويو، ٻئي
کي گهرو ويڙهه جيڪا ڀارت سان جنگ تائين وڃي پهتي هئي، لاهي ڦٽو ڪيو.
اسلام آباد انهي جدلي عمل کان واقف آهي پوءِ به هو ڀارت سان، گهٽ ۾ گهٽ هوا
۾، برابري حاصل ڪرڻ جي اُميد ۾ آمريڪي امداد قبولي ٿو ته جيئن ٿئين دهلي
سان ڳالهه ٻولهه ۾ پنهنجي حيثيت کي سڌاري سگهي. انهي ڪري جڏهن آمريت
پاران پنهنجي غيرسرڪاري سفير اي- ڪي- بروهي کي ڀارت ۾ سيني لاڳاپيل
ماڻهن کي اهو يقين ڏيارڻ لاءِ موڪليو ويو ته پاڪستان رڳو امن جو خواهشمند آهي
۽ سندس ٻي مڙني يقين دهانين ٻڌندڙن کي قائل نه ڪيو. وڌيڪ اهو ته آئيني وڪيل
مان ڦري اسلامي بنياد پرست ٿيل سفير پاران چيل ڪجهه جملن هڪ ڊپ جي لهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻوڙاڻي ڇڏي:

"ڀارت ۽ پاڪستان سنڌن خاص ناتي جي ڪري يا ڪڏ باقي رهندا يا ڪڏ ني ختم ٿي ويندا... ڪين بقائي باهمي يا عدم وجود جي وچ ۾ چونڊ ڪرڻي آهي." (37)

اهي بي خيالي ۾ حُسنِ بيان لاءِ لفاظي به ٿي سگهي ٿي، جنهن کي آسانيءَ سان نظرانداز ڪري سگهجي ٿو. پر اِها صاف نظر ايندڙ هڪ ڌمڪي به ٿي سگهي ٿي، جنهن جو مقصد ڪُٺيل نيوڪلياڻي تباهي جو ٻيو تياريءَ به آهي.

يقيناً آمريڪا سرگرميءَ سان پاڪستان کي ڀارت سان هڪ تڪري جنگ لاءِ تيار نہ ڪري رهيو آهي. اِنهي جي برخلاف اِهو ممڪن آهي تہ لڪل ٿامن ۾ پاڪستاني جنرل واشنگٽن کي اِنهي سلسلي ۾ پڪ ڏياري هجي. اِنهي جي باوجود تہ آمريڪا پنهنجي طور تي ڪهڙيون بہ ضمانتون حاصل ڪري سگهيو آهي، ماضيءَ جا سبق ظاهر آهن. هڪ رياست جڏهن هڪ وڏي طاقت کان ٽيڪنيڪي طور اڳتي وڌيل هٿيار حاصل ڪري ٿي تہ پوءِ اُها جڏهن بہ مناسب سمجهي ٿي اُنهن کي استعمال ڪري ٿي. اِنهي صورت ۾ هٿيار ڏيندڙ رياست اِهو طئي نہ ٿي ڪري سگهي تہ ڪهڙين حالتن ۾ اِهي هٿيار استعمال ڪيا ويندا. ڀارت يقيناً اِنهي حقيقت کان اڻ واقف نہ آهي.

واشنگٽن لاءِ علائقائي طور تي يقيناً افغانستان کان وٺيڪ ايران ۽ نار جي صورتحال مسئلو بڻيل آهي. پينٽاگان جي نئين سر جوڙيل حڪمت عمليءَ ۾ پاڪستان، ترڪي، سعودي عرب ۽ مصر، نار ۾ صورتحال کي جيئن جو تيئن رکڻ لاءِ ڪُنجي پروسي جوڳين رياستن جو هڪ حفاظتي چار ٿامين ٿا. ضياءَ، ايرون، فهد ۽ مُبارڪ کي علائقي ۾ مُک آمريڪي پوليس وارن جي طور تي ڪم ڪرڻ جو مشڪوڪ اعزاز ڏنو ويو آهي. پر پوليس وارن جي نگراني ڪير ڪندو؟ اُنهن آمرانہ رياستن جو تحفظ ڪير ڪندو جن تي اُنهن پوليس وارن جي پنهنجي حڪمراني آهي؟ ٿورڙا سنجيده مبصر ٿي اِهو سمجهن ٿا تہ انهن مان ڪابہ حڪومت ڏهاڪي جي ختم ٿيڻ تائين جٽاءُ ڪري سگهندي. (38) مسئلو مستقل نوعيت جو آهي ۽ اِهو آمريڪي پرڏيهي پاليسي مان پيدا ٿئي ٿو، جنهن جو دارومدار غربت ۽ افلاس ۾ رهندڙ آبادي تي بدعنوان آمرن ۽ زرعي اشرافيہ جي حاڪميت برقرار رکڻ تي آهي.

جيئن اسان اڳ نشاندهي ڪئي آهي تہ صورتحال جو اصل الميو توازن برقرار رکڻ واري ڪنهن قوت جي عدم موجودگي آهي. اِهو سچ آهي تہ سوويت يونين ڪنهن آزاديءَ جي تحريڪن کي امداد ڏني ٿو پر سندس ياران مڙهيل شرط سخت، پنهنجي مقصد کي پورو ڪندڙ ۽ آمريڪا سوويت ناتن جي صُورتحال تي مدار رکندڙ هوندا آهن. چين مڪاري سان سوويت يونين جو اُن حد تائين نقل ڪيو آهي، جتي سندس پرڏيهي پاليسي هاڻي ماسڪو جو اڻ وڻندڙ نقل لڳي ٿي. اهڙي طرح دنيا جي ٻن غيرسرمائيدار وڏين طاقتن جي حاڪمن پورهيت طبقي جي تحريڪن جي ٻين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

الاقوامي ضرورتن کي پنهنجي محدود، قومي مفادن جي تابع ڪري ڇڏيو آهي. پڪ سان اها اڳڪٿي نہ ٿي ڪري سگهجي تہ مستقبل ۾ عالمي ناٽڪ جو پيچيده طريقو ڪهڙا نوان رنگ ڏيکاريندو، جيتوڻيڪ چين- سوويت اختلاف ۽ ماسڪو ۽ بيجنگ ۾ ڪامورڪن ڍانچن کي پنهنجين انقلابي خاصيتن وڃائڻ جو اثر اُنهن ماڻهن لاءِ جيڪي ٽين دنيا ۾ سرمائيدارنہ ڏاڍ خلاف جدوجهد ڪري رهيا آهن، فائديمند نہ رهيو آهي پر گهٽ ۾ گهٽ انهن جو هڪ مثبت نتيجو بہ نڪتو آهي، جيڪڏهن لاطيني آمريڪا ۽ ڏکڻ ۽ ڏکڻ اوله ايشيا جون نيون اُڀرندڙ تحريڪون سياست ۽ نظريي ۾ پاڻ تي ڀاڙڻ سکي وٺن ٿيون تہ پوءِ اسان جلدئي سوشلزم ڏانهن ويندڙ تخليقي ۽ تحقيقي واٽن کي ڏسي سگهنداسين. هن صديءَ جي سماجي تبديليءَ جي تاريخ اسان کي سيکاريو آهي تہ پاڻ ۾ برداشت پيدا ڪيون ۽ جلدبازيءَ کان پاسو ڪيون.

تاريخ تي هڪ ڏگهي نظر

اسان جي مطالعي جي موضوع جي نسبت سان اِهو سڀڪجهہ اسان کي ڪٿي وٺي ڇڏيندو؟ پراڻو سوال تہ ڇا پاڪستان باقي رهي سگهندو؟ وڌيڪ ۽ اڃان وڌيڪ پنهنجي هڻڻ جو احساس تياري رهيو آهي. ڪجهہ اهڙا خرچ ٿيل ۽ مايوسيءَ جا شڪار بہ آهن، جن اڳيئي ان جو جواب 'نہ' ۾ ڏيڻي ڇڏيو آهي ۽ اُهي بي صبري سان ٻاهرين مداخلت جو انتظار ڪري رهيا آهن. اِهو دُرست آهي تہ 72 -1971ع جو ٽوڙ اوله پاڪستان جي گهڻن ماڻهن لاءِ هڪ خوفناڪ محڪومي مثل هو پر هاڻي پاڪستان جا اڪثر شهري نفسياتي طور تي تقريباً هر مصيبت جي لاءِ تيار آهن. پر اسان کي اُنهن کي تنبيهہ ڪرڻ گهرجي جيڪي هر ڳالهہ کي اڳواٽ طئي ٿيل سمجهن ٿا. اِهو اُهو دور ناهي، جنهن ۾ باقاعده وقفن سان نيون رياستون پيدا ٿين ۽ پراڻيون ختم ٿي وڃن. جديد رياستون، جن ۾ 'بنانا ريپبلڪس' جهڙيون ڪمزورترين رياستون بہ شامل آهن. پنهنجين پيشروئن کان تمام گهڻيون طاقتور آهن. سندن خاصيت ڏاڍ ڪندڙ ڍانچن جي نئين ٽيڪنالاجي ۽ نظرياتيءَ هير ڦير جو ميلاپ آهي، جنهن جا ٽين دنيا جي ماڻهن جي ڀلائي لاءِ ناخوشگوار نتيجا نڪتا آهن. پاڪستان جو زوال پاڻمرادو نہ ٿيندو. سندس جنم جو عمل ڪيترو بہ غيرعقلي ڇو نہ هُجي پر هاڻي هڪ پاڪستاني رياست موجود آهي، ۽ اها بگڙيل ۽ خراب صورت ۾ آهي. جيتوڻيڪ سندس بنياد ختم ٿي ويا آهن پر اِنهي کي ورديءَ وارن جلادن ڳنڍي ڪري رکيو آهي ۽ اُهي هاڻي آخري حد تائين وڃڻ لاءِ تيار آهن.

اِهو دُرست آهي تہ پرڏيهہ ۾ فوجي مهم جوئي موجوده پاڪستان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ ڏانهن وٺي وڃي سگهي ٿي ۽ اِهو يقيناً هڪ امڪان آهي. ٻي پاسي هڪ ڪامياب اندروني بغاوت، جيڪڏهن اُها اڏ واٽ تي نہ بيهي، تہ اِنهي جي ابتڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نتيجو نڪري سگهي ٿو. پاڪستان لاءِ هڪ ڀڪِو مستقبل رکڻ اُن وقت ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو، جڏهن سماج کي مٿان کان هيٺ تائين نئين صورت ڏني وڃي. اها اڄوڪي صورتحال جي ستم ظريفي آهي تہ اُها جنرل، ڪاموري ۽ ملان ٽنهي لاءِ ساڳي طرح سازگار آهي. اُنهن 1947ع کان ڪوڙاٽي اشرافيه ۽ شهرن جي پڙهيل جي نمائندن جي طور تي رياست کي قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر سندن ڪوشش تي ڏنل تاريخي فيصلو غلط نہ ٿو ٿي سگهي. بنگلاديش ۽ ڦاهي ڪاٽل ڀٽي جا پوٽ لاڳيتو ملڪ جي روايتي حڪمرانن کي ڌيڄاريندا رهن ٿا. فوجي آمريتن پنهنجي نواڻ وڃائي ڇڏي آهي ۽ حاوي طبقا غيرمحدود وقت تائين ساڳي پراڻي طريقي کي جاري نٿا رکي سگهن. انهن فوجي طور تي ملڪ کي مضبوط بڻائي ڇڏيو آهي ۽ اٿڳٺيا انٽيليجنس ادارا ملڪ هلائيندڙ جرنيلن کي قوم جي حالت متعلق باقاعده ۽ تفصيلي رپورٽون ڏيندا رهن ٿا پر جيئن ايران ڏيکاريو تہ طاقتور ترين هٿياربند فوج بہ عوامي بغاوت جي مزاحمت نہ ٿي ڪري سگهي: اهڙي بغاوت جي ظاهر ٿيڻ جا هڪ ڀڪِي عرصي تائين آثار نظر نٿا اچن: پاڪستان ۾ اسلام جيئن تہ فوج ۽ جماعت اسلامي جي قبضي ۾ آهي، انهي ڪري عوامي تحريڪ کي اهو فائدو ٿيندو تہ اُها پنهنجي نوعيت ۾ مذهبي نہ هوندي. درحقيقت اها هڪ بيڪار ڳالهہ ٿيندي جيڪڏهن تحريڪ هلائيندڙ جرنيلن ۽ جماعت اسلامي واري ساڳي ميدان جنگ ۾ وڙهندي پاڻ بہ جار ۾ ڦاسي پون.

پاڪستان ۾ سياسي گرميءَ جو درجو وڌي وڃڻ شروع ٿيو آهي. بي- پي- ايل- ايف جا بلوچ گوريلا ختم ٿيل طاقت ناهن. اُهي ملڪ جي سوشلسٽن جي اڳئي وڌيل جوهر جي نمائندگي ڪن ٿا. هڪ اهم انٽرويو ۾ بي- پي- ايل- ايف جي هڪ اڳواڻ مراد خان وضاحت ڪئي آهي تہ انهي جي باوجود تہ پاڪستاني رياست مُک دشمن آهي پر علائقائي سياست جي حقيقتن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي(39). اها هڪ چرڪائيندڙ حقيقت آهي تہ پٺتي پيل ۽ خانہ بدوش بلوچستان اهڙن پاڻ ارپيندڙ ۽ بين الاقواميت پسند ڪارڪنن کي پيدا ڪيو آهي، جن جو موجوده پاڪستان ۾ ڪو ثاني ناهي. بي- پي- ايل- ايف جي ڪارڪنن جي تخليقي پهچ ۽ خود- سکڻ افغانستان جي عوامي جمهوري پارٽي جي ڏيوالي ٿيل اسٽالنزم کان بلڪل ئي مختلف آهي (افغانستان جي عوامي جمهوري پارٽي بہ انڪل ساڳين سماجي- سياسي حالتن ۾ اڳتي وڌي آهي). بي- پي- ايل- ايف جا گهڻا ويڙهاڪ افغانستان ۾ قنڌار جي ويجهو ڪئمپن ۾ رهن پيا. سندن پاران افغان معاملي ۾ غيرجانبدار رهڻ ڪري اُتي سندن زندگي ڏکي گذري ٿي. اولهہ جي اعليٰ عملدارن لاءِ جيڪي پنهنجي ملڪي سياسي ترجيحن جي ڪري پشاور کان ٻاهر افغان ڪئمپن ۾ وڃڻ لاءِ مجبور آهن. اها ڳالهہ معلوماتي ٿيندي: جيڪڏهن هو انهي حوصلي ۽ حالتن کي ڏسن، جنهن ۾ بلوچ ويڙهاڪ رهن پيا؛ پنهنجي وقت اچڻ جي انتظار ۾ آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بلوچستان ۾ انهي دؤران هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس نوجوان بلوچ اڳواڻ حميد بلوچ جي ڦاسي تي احتجاج ڪندي استعفيٰ ڏيڻي جڏي آهي. حميد کي هڪ اهڙي قتل لاءِ سزا ڏني ويئي آهي، جيڪو هو ڪري ئي نه پيو سگهي. هر ڳالهه کي بسيرو رکي جنهن ماڻهو لاءِ چيو وڃي ٿو ته اُن کي قتل ڪيو ويو آهي اُهو اڃان جيئرو آهي، ۽ اُن ماڻهو کي فوج پاران شايد بلوچن کي اِهو ياد ڏيارڻ لاءِ قتل ڪيو ويو آهي ته اُهي اڃان تائين نوآبادياتي طرز جي ڏاڍ ۾ رهن پيا. (40) سرحد صوبي ۾ به چڪتاڻ وڌي رهي آهي. هڪ پراڻي قوم پرست ۽ ولي خان جي ويجهي ساٿي ارباب سڪندر کي 7- مارچ 1982ع تي هڪ مُسلم جنوني پاران گولي هڻي ماريو ويو. ساڳئي وقت هڙتالي اُستادن ۽ پوليس وچ ۾ سڙڪن تي جهيڙا پڻ ٿيا هئا. سنڌ ۾ بهراڙين جي نوجوانن ۾ قوم پرستيءَ جو اثر وڌي رهيو آهي. هڪ شاگرد اڳواڻ نذير عباسيءَ جي جيل ۾ موت سڄي صوبي جي يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ ڪاوڙ جي لهر پوڙائي ڇڏي آهي. پنجاب ۾ جماعت اسلاميءَ جا شاگرد فوج ۽ ڪاموراشاهي جي حمايت جي باوجود تعليمي ادارن ۾ وڌندڙ مخالفت کي مُنهن ڏيئي رهيا آهن.

اِهي سڀ اهڃاڻ صحيح آهن. پر اِهي جنهن شيءِ کي ڏيکارين ٿا اُها شعور ۾، سمجهه ۾ اچڻ جهڙي تبديلي آهي. رياست کي وڌيڪ جنهن ڳالهه جو ڊپ آهي، اُها آهي ماڻهن جو رستن تي نڪري اچڻ. جيڪي سنڌس طاقت سان مهاڏو اٽڪائيندا ۽ اُنهن کي جُهڪائي نه سگهبو. ممڪن آهي ته سياسي ڌماڪي کي روڪڻ لاءِ ماٺي آخري وقت تي سڌارن جي آڇ ڪئي وڃي. پر پاڪستان ۾ صورتحال اهڙي آهي جو جيڪڏهن سڌارن (مثال طور آزادانه چونڊن) جي آڇيان به ڪئي ٿي وڃي پر اِهي هر ڪنهن کي مطمئن نه ڪندا. گذريل ڏهاڪي جون تڪليفون ايڏيون ته ڪٺيون آهن، جو عوام کي سياسي زندگي ۾ وري داخل ٿيڻ جي اجازت جي ڪنهن به صورت کي مڪمل طور تي استعمال ڪيو ويندو.

اِهي موجوده وقت جي سياست جا سوال آهن. پر مستقبل جو ڇا ٿيندو؟ جيڪڏهن ڪنهن مسخري وسيلي پاڪستان کي اُن جي ضد ۾ به بدلايو وڃي ٿو ته ڇا ٻيءَ به ڇا هُو پنهنجن پاڙيسرين، يا چين ۽ سوويت يونين کان الڳ ٿلڳ ٿي پنهنجو وجود برقرار رکڻ جي اهل هوندو؟ اسان جو ٺلو جواب شايد خيالي لڳندو پر اسان کي پڪ آهي ته انگريز سامراج پاران ڏکڻ ايشيا جي ماڻهن کي ورهائي ۾ ڏنل مسئلن جو اِهو ئي هڪ بکهي مڏي وارو حل آهي. روايتي ڪميونسٽ پارٽيون (انهي ڳالهه کي جڏي ڪري ته اِهي ماسڪو جون وفادار آهن يا بيجنگ جون) قومپرستيءَ جي هڪ خاص قسم جون شڪار ٿيون آهن. (مارڪسزم جي انهي بگڙيل صورت جي ڏئي ۾ نفرت جوڪو انتهائي مثال ڪمبوڊيا ۾ پول پاٽ جي حڪمراني ۾ ڏسي سگهجي پيو. جنهن جا دنيا جي گهڻن علائقن تي انتهائي منفي اثر پيا.) پر اسان جي خيال ۾ اِهي پراڻيون سرحدون ٿي آهن، جن کي هڪ ڏينهن ميسارجي وڃڻو آهي. انقلاب جا قانون جاگرافي ۽ تاريخ ٻنهي تي حاوي ٿين ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏکڻ ايشيا جي مُلڪن جو هر رضاڪاراڻو وفاق لازماً نہ رڳو سوشلسٽ پر جمهورت پسندن جي بہ منزل هئڻ گهرجي. ڪنهن ماضيءَ جي انگريز حاڪمن پاران قوميتن ۽ قبيلن کي پاڻ ۾ ورهائيندڙ ظالمانہ ۽ مجرد ليڪن کي ميڄڻ نہ گهرجي. اسان انهي منزل کان اڃا گهڻو پري آهيون پر ڏکڻ ايشيا جي کاٻي ڌر جو اهو ئي هڪ ڊگهي مدي وارو مقصد هئڻ گهرجي. 1947ع جو ورهاڱو هڪ الميو هو ۽ اُن جا نتيجا شديد طور تي تباهہ ڪُن ثابت ٿيا آهن. پر انهي کي، سواءِ رضاڪاراڻي طريقي جي، ٻي طرح سان ختم نٿو ڪري سگهجي. رڳو هڪ تمام وڏي سماجي تبديلي ئي موجوده سرحدن کي ختم ڪرڻ لاءِ حالتن کي پيدا ڪري سگهي ٿي. پر انهي جو اهو مطلب ڪونهي تہ اسان رڳو حاصل ٿيل حقيقتن جا پوڄاري بڻجي رهجي وڃون ۽ موجوده سرحدن کي ناقابل تبديل سمجهون. اهڙي جنونيت، تنگ نظر سياسي پيش بينيءَ پيدا ڪري ٿي ۽ انهي کي لازماً، جيڪڏهن اهو ممڪن آهي تہ ڇڏڻ گهرجي، بچائي ڪين گهرجي ۽ ختم ڪري ڇڏڻ کپي.

پاڪستان پنهنجن سياستدانن جي لحاظ کان، پوءِ اُهي ساڄي ڌر جا هُجن يا کاٻي ڌر جا، خوش قسمت ناهي رهيو. هو پنهنجي ڪميونسٽ پارٽي جي لحاظ کان بہ غيرمعمولي طور تي بدقسمت رهيو آهي. نتيجي ۾ مُلڪ کي اڳوڻي نوآبادياتي طاقت جي ڇڏيل ٻن ادارن ڪامورا شاهي ۽ فوج جي نمائندن پاران ئي هلايو ويو آهي.(41) جنهن ڳالهہ ۾ پاڪستان نوازيل آهي اُها آهي سندس شاعري. شاعري پنهنجي طاقت ۽ تنقيدي آزاديءَ کي اُن وقت بہ برقرار رکيو آهي، جڏهن اهي خاصيتون، سماجي، سياسي ۽ ثقافتي زندگي جي هر شعبي مان غائب ٿي چُڪيون آهن. شاعرن سياستدانن کان وڌيڪ حالتن کي سمجهيو آهي. اُنهن ڏاهپ جي ميدان ۾ روايتي کاٻي ڌر جي نظرئيدانن کي پٺتي ڇڏي ڏنو آهي. ظلم ۽ ڏاڍ خلاف حبيب جالب جي عوامي شاعري گهٽين وارين هوٽلن ۽ غريب آبادين ۾ عام ڳائي وڃي ٿي.

احمد سليم جي 1971ع ۾ بنگالين جي پنجابي فوج خلاف بچاءَ واري شاعري ڪندي شاڻزم مثان بگڙيل صورت واري صوبي ۾ دانشمنديءَ جي اڪيلي نشاني نظر اچي ٿي. پر ويهين صديءَ جي عظيم شاعرن مان هڪ فيض احمد فيض جو ڏکڻ ايشيا ۾ ڪو ثاني ناهي. سندس آواز لتاڙيل ۽ چيڀاٽيل دانشورن جي ڏک کان مٿانهون آهي، انهي ڪري اهو ئي دُرست ٿيندو تہ اسان پاڪستان تي انهي وسيع مضمون کي 'آزادي جي پرڀات' جي ڪجهہ شعرن تي ختم ڪيون. اهو فيض جي 1947ع جي آزادي کان پوءِ جو پهريون لکيل نظم آهي، سندن پيغام انهي جو ضد رهيو آهي:

هي داغ داغ اُجالو اِها رات جي کاڌل پرڀات،
اِها اُها سحر تہ ناهي جنهن جو ايڏي مدت کان انتظار هو.
اُها روشن صُبح تہ ناهي جنهن جي ڳولها ۾ دوست
روانا ٿيا هئا. اِهو سمجهندي تہ آسمان جي وسيع خلاءَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪٿي ته ضرور تاري جي آخري منزل هوندي،
ڪٿي ته رات جي اُنهي آهستي رڙمندڙ لهر جو ڪنارو هوندو،
ڪٿي ته دردِ دل جي جهاز کي لنگر هڻڻ جي جاءِ ملندي،
پر هاڻي جڏهن ته اُنڌيري جي ختم ٿيڻ مان ٿيئهن،
پيدا ٿيو آهي، پنڪتدڙ پيرن کي منزل ملي آهي،
اسان جي اڳواڻن جا طريقا به بدلجي رهيا آهن، اُهي خوش آهن،
اهو سچو طريقو آهي جو بيچيني جي اظهار کي ننديو وڃي ٿو،
پر پوءِ به مَنِ جسم ۾ بيچين اڪ اڃان ڪليل آهي،
سختين جي تڪويل دل جو ڪو علاج ڪارگر ڪونهي،
ڪٿي آهي اُها صبح جي هير، وات تي ٻرندڙ اُها شمع،
هڪ دفعو به محسوس نه ٿيو آهي ته اُها لڳي پٺي ڪٿان،
اُها ڪيڏانهن هلي ويئي آهي؟
رات جي ڳوڙهاڻ اڃان به گهٽ ناهي ٿي،
روح ۽ ذهن جي آزادي جو وقت اڃان ناهي آيو
اسان کي هلندو رهڻ کپي، منزل اڃان نه آئي آهي.(42)

وضاحتون

1- ليئون بي پولادا، 'افغانستان ۾ سڌارو ۽ انقلاب 29-1919ع' ڪارنيل، 1973ع، ۾ اِنهي عرصي جو نهايت تفصيلي ۽ گهڻي ڀاڱي همدردانه جائزو پيش ڪري ٿو. بهرحال پولادا جي ڪتاب کي علائقي ۾ انگريز جي مداخلت کي اڳيون اُجرو ڪري پيش ڪرڻ ڏانهن لاڙي جي ڪري نقصان پهتو آهي. سندس ويهن جي ڏهاڪي ۾ سوويت يونين کي خاصيتي طور تي زار واري روس کان مختلف ڪري ته ڏسڻ وارو خيال پڻ بگڙيل آهي.
2- ڏسو فريڊ هاليڊي، 'افغانستان ۾ انقلاب،' نيوليفٽ ريويو 112، لنڊن 1979ع.
3- اڪبر- ايس- احمد، 'قبائلي علائقن ۾ سماجي ۽ معاشي تبديلي' ڪراچي 1977ع.
4- لارنس لف شلٽر- 'افغانستان، ايڏي ڪا نئين بغاوت نه.' فار ايسٽرن ايڪانامڪ ريويو، 30- جنوري 1981ع. اهو پنهنجي سرڪار جو معاملي ۾ مداخلت جو هڪ مڪمل ترين جائزو آهي. هين حقيقتن ڪانسواءِ لف شلٽر اهو به ظاهر ڪيو آهي ته دائود سرڪار جي پنج هزار ساٿي ٽڙ جي مخالفن کي خفيه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪئمپن ۾ تربيت ڏني ويني هئي. رزمڪ بنا ڪنهن شڪ جي اهڙن ئي مخفي مرڪز هو.

5- امو ريڪو ڪاهي ڏر جو خيال ڪونهي. انهي کي علائقي تي مهارت رکندڙ آمريڪي ليکڪ پڻ مڃين ٿا. هڪ گهري تجزيي لاءِ ڏسو سليگ- ايس- هيريسن 'ڪريملن ڊ پر شاهه افغان بغاوت کي پڙڪايو.' واشنگٽن پوسٽ 13- مئي 1979ع. لوئس ڊُپري- 'افغانستان خلق جي حڪمراني ۾' پرابلمز آف ڪميونزم، جلد28، جولاءِ اگسٽ 1979ع ۾ ڏسو.

6- ڪابل ٽائمز 24- مئي 1979ع.

7- هاليڊي (حوالو نمبر2)

8- ليئون ٽراٽسڪي، چين متعلق، نيويارڪ 1976ع صفحا 401-400. ٽراٽسڪي جي نيم نوآبادياتي دنيا تي خيالن جو جائزو مائيڪل لووي جي 'ڪٺيل ۽ اڻ برابر ترقيءَ جي سياست' لنڊن 1981ع ۾ ڏنل آهي. لووي، هڪ برازيلي مارڪسسٽ، ٽراٽسڪي جي مستقل انقلاب واري نظريي جي خاصيتن کي بيان ڪري ٿو. انهيءَ جي ڪاهي ڏر جي انتهاپسند وضاحتن کي ننڌي ٿو ۽ ان جي بنياد ۾ رهندي يوگوسلاوي، چيني، ڪيوبائي ۽ نڪاراگوا جي انقلابن جي ارتقا کي بيان ڪري ٿو. هاليڊي (حوالو نمبر2) اسٽالني طريقن جا لاتعداد مثال، جن ۾ انتها درجي جي شخصيت جي پوڄا ۽ بنا ڪنهن امتياز جي تشدد ۽ ڏاڍ شامل آهن، ڏنا آهن.

9- فيروز احمد ڀٽي جي پوري دور ۾ ڪراچيءَ جي اردو ٻوليءَ جي ماهوار رسالي 'پاڪستان فورم' جو ايڊيٽر هو. سندس افغانستان جي عوامي جمهوري پارٽي جي افغانستان متعلق پروپيگنڊا تي تنقيدي نظر، سندس قومي سوال ۽ پاڪستان ۾ آمريڪا جي اثرن تي لکڻين جو مٽ ناهي. ميرپ رپورٽس (جولاءِ اگسٽ 1980ع) کي پوءِ ڏنل هڪ انٽرويو ۾ فيروز احمد تسليم ڪيو ته "جڏهن اٿون پاڪستان موٽي آيس (امين کان انٽرويو وٺڻ کان پوءِ) ته مون پنهنجا حقيقي تاثر نه لکيا پر اُهي ريڪو ويجهن دوستن کي ٻڌايا." هُن نهايت چٽي طرح تفصيل سان 1978ع کان پوءِ عوامي جمهوري پارٽيءَ جي ناڪامين متعلق ٻڌايو. پر هاڻي ائين ٿو لڳي ته هُن پنهنجي حمايت افغانستان جي موجوده حڪمرانن کي منتقل ڪري ڇڏي آهي.

10- ڪلديپ نير، 'افغانستان متعلق رپورٽ' نئين دهلي 1981ع؛ نيوويل اينڊ نيوويل 'افغانستان لاءِ جدوجهد' ڪارنيل 1981ع.

11- سليگ- ايس- هيرسين- 'ڇا ماسڪو کي هڪ افغان ٽيٽو جو ڀئو آهي؟' انٽرنيشنل هيرالڊ ٽريبيون، 16- جنوري 1980ع.

12- هاليڊي (حوالو نمبر2)

13- ارنيسٽ مانڊيل، 'پرامن ڪٺيل جياپو ۽ عالمي انقلاب' آر- بليڪ برن جي ترتيب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏنل 'انقلاب ۽ طبقاتي جدوجهد' ريڊر لنڊن، 1977ع ۾ ڇپيل. فرنينڊو ڪلاڊين (حوالو نمبر32 باب ڇهون).

14- پراوڊا- 28- جون 1968ع.

15- ببرڪ ڪارمل جي تقرير کي سوويت نيوز ايجنسي تاس جاري ڪيو هو ۽ اها 28- ڊسمبر 1979ع تي عالمي پريس ۾ شايع ٿي هئي.

16- انگولا ۾ هڪ سوياري قومي آزاديءَ جي تحريڪ ايم- پي- ايل- اي- کي ڏکڻ آفريڪي فوجي مداخلت کي مُنهن ڏيڻو پيو هو. ايٿوپيا جو مثال کڻڻ واضح آهي پر اِنهيءَ جي باوجود امداد جي درخواست هڪ اڳ قائم سرڪار پاران ڪئي ويئي هئي.

17- 19- ڊسمبر 1981ع تي عوامي جمهوري پارٽي جي ستين توسيعي اجلاس ۾ ڪارمل پختون قبيلن کي جهاد، سنت ۽ اسلامي قدرن جي نالي ۾ پنهنجي درخواست کي ورجايو هو. اِنهي ڪوشش سان ڪي نتيجا نه نڪتا.

18- انهن رپورٽن مان گهڻيون هِتان هُتان جي ٻڌل ڳالهين، ۽ اڻ تصديق ٿيل بازاري افواهن تي ٻڌل هيون. اها حقيقت انهن جملن مان پرکي سگهجي ٿي ته 'تازو هڪ فوجي ذريعي ٻڌايو.....' 'نئين دهلي ۾ موجود سفارتڪارن جي مطابق........' 'اِهو اندازو آهي ته.......' وغيره وغيره.

19- نيوويل اينڊ نيوويل (حوالو نمبر10) صفحا 140.

20- لارنس لف شُلٽز 'ٻاهرين مُزاحمت- اندروني ٽڪراءُ' فارايسٽرن ايڪانامڪ ريويو 23- جنوري 1981ع.

21- ٿامس- اي ايونگ- هنوڙي ۽ ساندانڻ جي وچ ۾؟ منگوليا ۾ چيني ۽ روسي پاليسيون، 1921- 1911ع بيومنگٽن 1980ع.

22- فريڊ هاليڊي- 'ايران آمريت ۽ ترقي' لنڊن، 1979ع شاهه جي حڪمراني هيٺ ايران جو هڪ ڪارائتو تازو جائزو پيش ڪري ٿو.

23- ٻٽي جي دور ۾ ايف- آئي- اي جي اڳواڻ صفير انور کي ساواڪ پاران تربيت ڏني ويئي هئي. ٻٽي جي زوال کان پوءِ انور ابوظهبي جي انٽيليجينس ادارن کي منظم ڪرڻ ۾ مدد ڪئي هئي. هِن وقت هو بي- سي- سي- آئي ۾ اُن جي ٽريول ايجنسي جي سربراه طور ڪم ڪري رهيو آهي.

24- ڪارل مارڪس- 'هيگل جي فلسفهءِ حق جي تنقيد ۾ هڪ واڌارو' شروعاتي لکڻيون، لنڊن 1975ع صفحا 244.

25- محمد جعفر ۽ آذر باري- 'ايران، اسلام ۽ سوشلزم لاءِ جدوجهد' خامسين، 8 لنڊن 1981ع. اِهو فيبروري 1979ع کان وٺي ايران جي سياست تي لکيل هڪ توجهه ڇڪائيندڙ ۽ قائل ڪندڙ مضمون آهي.

26- ساڳيو

27- انهن قدمن ڪاهي ڏر کي صفا هڪ پاسي ڪري ڇڏيو ۽ پريس جي آزاديءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ مختصر عرصي کي ختم ڪري ڇڏيو. ڪاهي ڏر جي هڻ اخبارن کي ڇپجڻ جي اجازت ڏني وئي هئي. انهن مان هڪ تودي پارٽي جي 'مردم' ۽ هڪ نئين ٽرانسڪائي گروه جي 'ڪارڪر' هئي. هنهي گروهن پنهنجو پاڻ کي 'امام جي اسلام واري موقف' جي آڏو جهڪائي ڇڏيو هو.

28- احمد گوتبي، 'خميني ڪانبو، هڪ هي آمريت؟' لنڊن 1982ع. ان ۾ تودي تي هڪ دلچسپ ۽ تخليقي تنقيد ڪئي وئي آهي.

29- اجوڪي غيروابستا تحريڪ مارڪس جي انهي چوڻي کي ته تاريخ جو هڻي موقعي تي پاڻ کي ورجائڻ هڪ مذاق مثل آهي؛ صحيح ثابت ڪندي نظر اچي ٿي. اهڙي تحريڪ کي جيڪا فيڊل ڪاستري ۽ جنرل ضياء الحق هنهي کي پنهنجي پاڪرن ۾ وٺي، ڀيو ڪئين بيان ڪري سگهجي ٿو؟

30- رابن بليڪ برن جي ترتيب ڏنل ڪتاب، 'نئين ڪنڊ ۾ ڌماڪو' لنڊن، 1971ع ۾ ڪسنجر جي پاڪستان ڏانهن 'جهڪاء' واري تصبري جا اکر ڏنل آهن.

31- سليگ- ايس هيريسن، 'جيئن هُو پاڪستان کي پنهنجو ڪري ٿو ريگن پارٽ کي ويڳائي ڪري رهيو آهي' انٽرنيشنل هيرالڊ ٽريبيون 25- جولائي 1981ع

32- ڏسو ڪي- سرور لطيف، 'چين ۽ پارت معاشي ڪارڪردگي ۽ امڪان' برڪنن، 1975ع صفحو 33.

33- لارنس لِف شلٽر- 'نار جي چوڌاري گهيرو' فارايسٽرن ايڪانامڪ ريويو، 11- ڊسمبر 1981ع.

34- سليگ هيريسن (حوالو نمبر31).

35- اهي تبصرا آرناب- بي- بورج گريو کي ڏنل هڪ انٽرويو 'ضياء سان هڪ ڳالهه ٻولهه' نيوز ويڪ 14- جنوري 1980ع ۾ ڪيا ويا.

36- مصطفيٰ ڪر، 'ٻهرين صف ۾ بيٺل پاڪستان آڏو چار امڪان،' دي ايڪانامسٽ 31- آڪٽوبر، 1981ع.

37- سنڊي- ڪلڪتو 1981ع تان ورتل.

38- 7- مارچ 1982ع تي حڪمران ٽولي جي هڪ اعليٰ رُڪن جنرل سوار خان سعودي عرب ۾ رياض جي ويجهو الخرج جي فوجي اڏي جو دورو ڪيو هو. انهي اڏي تي پاڪستاني آفيسرن پاران سندس آجيان ڪئي وئي ۽ ڪيس ڏنل گارڊ آف آنر ۾ گهڻا پاڪستاني سپاهي موجود هئا. پاڪستان پاران ئي سعودي شاهي خاندان جي بچاء لاءِ شاهي محافظ مهيا ڪيا وڃن ٿا. سعودي عرب جي ڏنزيل ترين ۽ پٺتي پيل پورهيتن مان ڪجهه پاڪستاني آهن. شاهي مذهبي ويچن جي خلاف عوامي بغاوت جي صورت ۾ اسان اهو چڱي طرح نمي سگهنداسين ته ملڪ کان هزارين ميل پري پاڪستاني آفيس پاڪستاني پورهيتن تي گولين هلائڻ جا حڪم پيا ڏيندا.

39- ريمونڊ- نونٽ 'انٽرويو مُراد خان، بي- پي- ايل- ايف جو هڪ نمائندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڪستان پروگريسو، جلد3، 4، نيويارڪ 1980ع.

40- حميد بلوچ کي اُن ساڳئي ڏينهن تي ڦاسي تي لٽڪايو ويو جنهن ڏينهن نائب پرڏيهي وزير بڪلي سرڪاري دوري تي پاڪستان پهتو هو.

41- 4- جون 1981ع تي دي ايڪانامسٽ ۾ لکندي هڪ نمائندو پُراڻي ۽ نئين جي وچ ۾ مڪجهڙاين کي نوٽ ڪرڻ ۾ ناڪام نہ ٿي ٿي سگهيو "جنرل ضياءَ کي سنڌس خاڪي سپاهين ۽ گهوڙ سوار نموني جي بئنڊ جي معاش ڪندي ۽ پوءِ شاندار طور تي سجايل خيمي ۾ آرام ڪرڻ لاءِ ويندي ڏسندي هي نمائندو انهي ڳالهہ تي ڪجهہ بہ محسوس نہ ڪري سگهيو تہ جڏهن برطانيا هتان ويو تہ رنگ ورديءَ پاتل ماڻهو جي قوميت ۾ ئي تبديلي آئي."

42- فيض جون نظمون (ترجمو وڪٽر ڪيئرنان) ڪراچي 1973ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڪستاني سياست ۾
فوجي مداخلت

اسلم خواجه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پاڪستاني سياست ۾ فوجي مداخلت

سمورن اسرندڙ ملڪن لاءِ سياست ۾ فوجي مداخلت واري رجحان معمول وانگر ڪجهه- پاسائتو اثر رکندڙ آهي. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ واري دور ۾ آفريڪا، ايشيا ۽ لاطيني آمريڪا جا خطا فوجي بغاوتن لاءِ زرخيز علائقا ثابت ٿي چڪا آهن- جڏهن ته يورپ جي گهٽ ترقي يافتا ملڪن مان فقط ٽي: يونان، اسپين ۽ پورچگال ۾ ئي ڪامياب فوجي بغاوتون ٿي سگهيون آهن ۽ دنيا جو ڪوبه سپرپاور فوجي مداخلت جو شڪار نه ٿيو آهي.

اها ڳالهه خاص طور تي نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي ته سمورن ترقي يافتا ملڪن ۾ فوج کي سياسي سرشتي جو هڪ اڻ ٽٽ حصو بڻايو ويو آهي، جڏهن ته اسرندڙ ملڪن ۾ ڳالهه ان جي بلڪل ابتڙ ٿئي ٿي. جنهن ڪري اسرندڙ ملڪ ڪيترين ئي مڪجهڙاين رکن ٿا، پر انهن ملڪن ۾ فوجي مداخلت واري انداز ۾ اڃان تائين ڪا گهڻي مڪجهڙائپ سامهون نه آئي آهي.

سياسي معاملن ۾ فوجي مداخلت ڪو نئون رويو ناهي. 1917ع ۾ موجود 51 رياستن مان اوڻويهن فوجي سياسي قوت جو اُڀار ڏٺو. جڏهن ته 1917ع کان 1955ع تائين قائم ٿيندڙ 28 رياستن مان پندرهن کي فوجي بغاوتن جو عذاب سهڻو پيو. جڏهن ته 1960ع کان 1972ع وارن ٻارهن سالن ۾ ٽين دنيا جي ملڪن ۾ 200 فوجي بغاوتون ٿيون.

ويهين صديءَ جي لڳ ڀڳ سمورين رياستن ۾ فوج هڪ آفاقي ادارو بڻجي وئي آهي، (ان جو ڪو جوڳو متبادل نه هئڻ ڪري) قومي سياسي سرشتي جو اڻ ٽٽ حصو هئڻ ڪري فوجي ادارو ڪنهن به ملڪ ۾ سياست کان ڌار نظر نٿو اچي.

اسرندڙ ملڪن ۾ هر هر ٿيندڙ فوجي بغاوتن ڪيترن ئي سياسيات جي ماهرن ۽ سماجي سائنسدانن کي انهيءَ موضوع جي گهڻ- پاسائتي اڀياس لاءِ همٿايو آهي. اهڙي ئي هڪ اڀياس ۾ سياست ۾ فوجي مداخلت جا پنج اهم سبب ڄاڻايا ويا آهن:

(1) فوجي اداري جي اندروني تنظيم ڪاري.
(2) سماجي معاشي ترقي.
(3) سياسي ادارن جي مضبوطي يا ڪمزوريءَ جو معيار.
(4) پيشيور انداز ۾ فوج تي سول اختياريءَ جو ڪنٽرول.
(5) پرنيهي اثر ۽ ٻين فوجي بغاوتن کان متاثر ٿيڻ جو رجحان.

اها هڪ حقيقت آهي ته فوج وٽ رياست جي ٻين منظم گروهن جي ڀيٽ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هٿيارن تي هڪ هٽي ۽ مار ڌاڙ ۾ خاص اهليت حاصل هوندي آهي. هيل تائين ٿيل تجربن مان اها ڳالهه مشاهدي ۾ آئي آهي ته ڪنهن فوجي بغاوت لاءِ ڪنهن وڏي شاهي فوج جي ڪا ضرورت ناهي. ان جو چٽو مثال 1963ع جي ٽوگو ۾ ٿيل فوجي بغاوت ۾ ڪُل فوجي 250 هئا. جڏهن ته 1966ع ۾ سينٽرل آفريڪن ريپبلڪ ۾ ٿيل بغاوت وقت اتان جي فوج ڪُل ڇهه سؤ سپاهين ۽ آفيسرن تي ٻڌل هئي.

ڪجهه واقعن ۾ فوجي بغاوتن جا سبب ڪجهه سماجي ۽ سياسي ماهرن جي نظر ۾ فوج جي بجيٽ يا تعداد گهٽائڻ پڻ رهيا آهن. ماهرن موجب اهڙا مثال 1952ع ۾ مصري بادشاهت جو خاتمو ۽ 1964ع ۾ برازيل جي صدر گوئيلرٽ جو تختو اونڌو ٿيڻ آهن، پر اهي سبب سمورين فوجي بغاوتن جا ڪارڻ نه بڻي رهيا آهن.

پاڪستان ٽين دنيا جي انهن ڪيترن ئي اُڀرندڙ ملڪن مان هڪ آهي، جتي ڊگهي عرصي تائين فوج جي سياست ۾ مداخلت نظر ٿي اچي. چوئيتاليهن سالن جي مختصر تاريخ ۾ پاڪستان ٽن فوجي راڄن: آڪٽوبر 1958ع ۾ ايوب خان، مارچ 1969ع ۾ يحيٰ خان ۽ جولاءِ 1977ع ۾ جنرل ضيا جو عذاب سٺو آهي.

1947ع ۾ پاڪستان ٺهڻ وقت فوج جو تعداد تمام ٿورڙو هو. پر جلد ئي پاڪستاني فوج ان مرحلي تائين ترقي ڪري ورتي، جتي پهچڻ کان پوءِ 1958ع ۾ ان لاءِ اقتدار تي قبضو ڪرڻ، رياستي مشينري هلائڻ ۽ شهري سياسي ادارن کي چئلينج ڪرڻ ڪو مسئلو نه رهيو. پاڪستاني فوج پنهنجو پاڻ کي ٻين سول ادارن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ منظم ۽ باوقار ثابت ڪرڻ لاءِ هر ممڪن اُپاءُ ورتو. پاڪستان ۾ فوجي بغاوتن جو هڪ اهم سبب فوج اندر مضبوط برادري سسٽم جي موجودگي پڻ آهي. پاڪستاني فوج جي اڪثريت جو تعلق اترين پنجاب جي ڇهن ضلعن راولپنڊي، جهلم، گجرات ۽ فيصل آباد ۽ سرحد صوبي جي ٻن ضلعن پشاور ۽ ڪوهاٽ سان بڻي رهيو آهي. فوج ۾ پنجابين جو تعداد 60 سيڪڙو ۽ پٺاڻن جو تعداد 35 سيڪڙو آهي. پاڪستاني فوج ٽين دنيا جي ٻن اهم ملڪن انڊيا ۽ نائيجيريا وانگر مختلف علائقن سان تعلق رکندڙ ناهي.

پاڪستان ۾ قومي بجيٽ جو 55 کان 60 سيڪڙو فوج تي خرچ ٿيندو رهيو آهي. 1954ع کان آمريڪا وٽان فوجي امداد ملڻ جي باوجود به فوجي خرچن ۾ لاڳيتو اضافو ٿيندو بڻي رهيو آهي.

پاڪستان کي آزاديءَ مهل ڪوبه سياسي سرشتو وراثت ۾ نه مليو هو. عوامي صفن مان پيدا ٿيل ڪنهن سياسي سرشتي ۽ رويي جي اڻ موجودگيءَ ڪري پاڪستان جا اوائلي حاڪم پنهنجي ذهني ڏيواليپڻي جو ثبوت ڏيندي، فقط ان ڳالهه تي بحث ڪندا رهيا ته مقامي لباس جي ڀيٽ ۾ يورپي پوشاڪ وڌيڪ آرام ده آهي يا عربي ويس. ۽ پاڪستان جو ثقافتي مرڪز صدين کان قائم مقامي ثقافتن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ اسلامي ثقافت آهي. هڪ ٻيو سبب پاڪستان جي باني پارٽي مسلم ليگ وٽ تنظيمي ڍانچي جو نہ هئڻ هو.

ڪابينائن ۾ اندروني جهيڙن، وزيرن ۽ پارٽي اڳواڻن ۾ جهيڙن ۽ وزيراعظمن ۽ گورنر جنرلن جي وچ ۾ جهيڙن جي نتيجي ۾ ڪيترين ئي حڪومتن ڀڃي پٽ ٿي ويون.

9 مئي 1958ع تي لاهور ۾ ريپبلڪن پارٽيءَ جي هڪ اڳواڻ جو قتل، 23 سيپٽمبر 1958ع تي اوڀر بنگال جي صوبائي اسيمبليءَ جي عوامي ليگ سان تعلق رکندڙ ڊپٽي اسپيڪر زاهد عليءَ جو اسيمبلي اجلاس هلندي قتل، 1953ع ۾ ٻولي وارن فسادن ۽ 1954ع ۾ فرقيوارائي فسادن ذريعي ڦهليل انارڪيءَ، فوجي چڙهائي ڪندڙن واتان سياسي سرشتي کي غلط ثابت ڪرڻ جا جواز ڏيندي رياست تي قبضي ڪرڻ جو ڪس ڏيکاريو.

اوڀر بنگال جي اڳواڻن ۾ نئي حڪومت تي عوامي چوڪسي رکڻ جو گڻ موجود هو پر ڪين پروڊا ۽ ٻين قانونن ذريعي نااهل قرار ڏيڻ ۽ گرفتار ڪري خاموش ڪرايو ويو. سگهارن سياسي ادارن جي نہ هئڻ ڪري پاڪستان ۾ سياسي اقتدار سدائين لوڏن ۾ پئي رهيو آهي. اقتدار حاصل ڪرڻ ۽ ٻين جو اقتدار وڃائڻ لاءِ سدائين گروهہ بندين ۽ سازشن کان ڪم پئي ورتو ويو آهي. ان جو هڪ مثال سيپٽمبر 1956ع کان آڪٽوبر 1958ع تائين چئن وزيراعظمن جي مقرريءَ مان ملي ٿو.

1951-58ع واري دور ۾ پاڪستان هڪ کان پوءِ ٻئي کوٽالي جو شڪار رهيو. انهن ۾ قيادت جو کوٽالو، آئين جوڙيندڙ اسيمبليءَ پاران ڪوبہ سهمتي آئين نہ ٺئي سگهڻ سڀ کان اهم آهن. 1958ع ۾ ايوب خان وٽ سياسي حڪومت ڀاهڻ جو هڪ وڏو جواز خود گورنر جنرل هٿان غيرآئيني طور ختم ڪيل حڪومتن جا واقعا هئا. ان ڏس ۾ گورنر جنرل غلام محمد پهريون شخص هو، جنهن غيرآئيني قدم کڻندي اپريل 1953ع ۾ وزير اعظم خواجا ناظم الدين کي برطرف ڪيو. ناظم الدين جي برطرفيءَ کان پوءِ غلام محمد 24 آڪٽوبر 1954ع تي آئين ساز اسيمبليءَ کي فوج جي سهڪار سان ٽوڙي ڇڏيو ۽ فوجي جنرل ايوب خان کي پنهنجي ڪابينا ۾ شامل ڪيو. ملڪ ۾ عام چونڊون هڪ نہ ٻيو جواز پيش ڪندي ملتوي ٿينديون رهيون. ٻارهن سالن تائين عام چونڊون نہ ٿيڻ ڪري ملڪ ۾ نہ حقيقي سياسي پارٽيون هيون ۽ نہ وري قومي اڳواڻ يا قومي مفاد.

صدر اسڪندرمرزا ائين سالن کان لاڳو گورنر جنرل واري سرشتي کان پوءِ ٻن سالن جي ٿوري عرصي ۾ آئين کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي. ان ڪم لاءِ ڪيس فوج جي مدد کپربل هئي، جيڪا انهن قدمن ۾ ڀاڱي ڀائيوار هجي، جن سان سياسي پارٽين کي جڙوچڙ ڪري سگهجي ۽ سمورا اختيار صدارتي عهدي ۾ محدود ڪري سگهجن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهن ڏينهن ۾ حڪومتي ڪرت جو ان ڳالھ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ تقريباً روز حڪومت جي ڪنهن نہ ڪنهن قدم خلاف ڪنهن نہ ڪنهن ڪورٽ ۾ رٽ پٽيشن داخل ٿي رهي هئي. انهن مان اڪثر ڪيسن ۾ ڪورٽن حڪومت کي ڏوهاري ٿي سڏيو.

سياسي ثقافت جي ڇيد ۾ پاڪستان ٽئين درجي يعني 'معمولي سياسي ڪلچر' واري درجي ۾ ٿو اچي. ڇاڪاڻ تہ:

(1) پاڪستان وٽ ڪوبہ چٽو ۽ سگهارو سياسي فارمولو نہ هو ۽ نہ ئي سول تنظيمن جو ڪو وجود هو.

(2) ڪوبہ سول طريقۂ ڪار يا سياسي سرشتي جو پرچار ئي باقاعده طور مڃيل نہ هو.

(3) عام ماڻهن جي سول ادارن ۾ موجودگيءَ ۽ انهن سان وابستگي عملي طور تي بلڪل نہ هئي.

1968ع کان اڳ واري دور ۾ سول حڪومتن جي غيرقانوني قدمن يا طاقت جي استعمال جي ڪڏهن بہ مزاحمت نہ ڪئي ويئي. ان جو اهم مثال لاهور ۾ ريپبلڪن پارٽيءَ جي اڳواڻ جو ڏينهن ڏٺي قتل ۽ اوڀر بنگال ۾ اسيمبليءَ جي ڊپٽي اسپيڪر جو قتل هو.

پاڪستان جو دفاعي ماحول پڻ پاڪستاني سياست ۾ فوجي مداخلت جو هڪ اهم سبب رهيو آهي. 1947ع ۾ پاڪستان وٽ ڪا معمولي دفاعي صنعت بہ نہ هئي ۽ ڪيس معمولي هٿيارن لاءِ بہ ٻاهرين دنيا ڏانهن واجهائڻو پوندو هو. هِتي پاسي پاڪستان جا انڊيا سان مذهب کان وٺي پاڻيءَ تائين ۽ ڪشمير جي جهيڙي واري علائقي کان وٺي انڊيا جي هڪ هزار ميلن واري علائقي وسيلي پاڪستان جي ٻن حصن ۾ ورهاست جهڙا مسئلا هميشہ پاڪستان جي فوجي رٿابندين ڪندڙن جي ٽيبل تي بحث هيٺ رهيا آهن.

فوجي عملدارن سياست ۾ مداخلت کان اڳ، عوام ۾ پنهنجي حمايت حاصل ڪرڻ چاهي، ان لاءِ وٽن هڪ ڪوڙو هٿيار انڊيا دشمنيءَ جو هو. پاڪستاني فوج جا ياڳ بلا ڇنبا جو ساڳي دور ۾ آمريڪا سرد جنگ ۾ پنهنجا اتحادي ڳولهي رهيو هو ۽ ان وقت جي آمريڪي سيڪريٽري آف اسٽيٽ ڊلس کي پاڪستان جي صورت ۾ اولہ ايشيا ۽ چين جي سرحدن پرسان هڪ پنهنجائپ ڀريو قلعو نظر آيو. پاڪستان انهيءَ قلعي جو دربان ٿيڻ لاءِ تيار ويٺو هو. ڪهڻ ۾ ڪهڻ سندس جنرل نہ اپڻ ئي ڪيو. جيستائين مئي 1954ع ۾ آمريڪا سان ٻنهي ملڪن جي سلامتي بابت ٺاھ جو تعلق آهي تہ بنا ڪنهن شڪ جي اها ڳالھ چئي سگهجي ٿي تہ اهو ايوب خان ئي هو، جنهن آمريڪن جون دليون کٽيون. اها ڳالھ بہ چٽي طرح ظاهر هئي تہ هُن اهو سڀ ڪجھ پنهنجي سول 'مالڪن' جي مڪمل سهمتيءَ سان نہ پر پنهنجي آزاد حيثيت سان ئي ڪيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڪستان کي ملندڙ آمريڪي فوجي امداد کي سياست ۾ فوجي مداخلت واري عمل کان ڌار نٿو ڪري سگهجي. آمريڪا سان اتحاد جي نتيجي ۾ نه رڳو فوج جي اوزارن ۾ اضافو ٿيو پر پاڪستاني فوج کي جديد ۽ معياري سامان پڻ مليو. پاڪستان جي سيٽو ۽ سينٽو ۾ شموليت فوج کي پنهنجيون خاميون لڪائڻ جو موقعو ڏنو. ان کين جنگي ڪرت جو تجربو ڏنو ۽ سندن اعتماد، اهليت ۽ حملي واري سگهه کي وڌايو. اڪيلي حيثيت ۾ هو انهن شين کان محروم هئا.

جيتوڻيڪ پاڪستاني فوج هڪ سگهاري قوت پرڏيهي امداد سان ٿي ٿي سگهي، پر ان کي عمل ۾ اچڻ لاءِ مقصدن بدران واقعن مشتعل پڻ ڪيو آهي. عالمي صورتحال جي وايو منڊل ۾ مصر ۾ ٿيندڙ واقعا، عراق جو خوني انقلاب، انڊونيشيا ۾ اٿل پٿل ۽ برما جي صورتحال ڪافي حد تائين پاڪستان جي حالتن تي اثر ڇڏيا.

سول حاڪم اڳي جيان پنهنجو پاڻ کي عوام کان پري ڪندا ويا ۽ ساڳي وقت هو فوجي عملدارن جا ارادا به سمجهي نه سگهيا. ايوب خان حڪومت تي قبضو ڪرڻ کان ڪجهه اڳ صحافين سان ڳالهائيندي چيو هو ته: "توهين ٿا چئو ته ڪرنل ۽ جنرل حڪومت کي قبضو ڪرڻ ٿا چاهين. مونکي ٻه ڀيرا اهو ڪرڻ لاءِ چيو ويو پر مون ٻنهي ڀيرا انڪار ڪيو. ڇاڪاڻ جو آءٌ سمجهان ٿو ته پاڪستان اهو واحد اسلامي ملڪ آهي، جتي ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ ٿوري گهڻي جمهوريت آهي. مسلمان ان ڏس ۾ تمام گهڻا اڻاڪا ثابت ٿيا آهن. پر منهنجو جمهوريت ۾ پورو وساھ آهي. مونکي خبر آهي ته ان ۾ ڪي خرابيون به آهن. پر ان جون چڱايون وڌيڪ سگهاريون آهن. ان کي پاڪستان ۾ ڪم ڪرڻ ڏيو پر خدا جي واسطي پنهنجن اڳواڻن کي چئو ته هو پنهنجو پاڻ کي درست ڪن." اهڙي هلي ساڳئي جنرل ايوب خان سول حڪومت جو گلو گهٽي ملڪ کي پهرين مارشل لا جي اونهائين غار ۾ ڌڪي ڇڏيو.

سول حڪومت اڳيان ڪيترائي مسئلا هئا. جن ۾ ننڍن صوبن پاران صوبائي خودمختياريءَ جي گهر، جدت جو مسئلو ۽ ان جا پراڻي جيوت تي اثر، هر ڏس ۾ نوجوانن لاءِ مايوسي، انهن ۽ اهڙن ڪيترن ئي مسئلن ڪري پڙهيل لکيل ماڻهن ۾ اها عام راءِ ٻڌجي وئي ته سول حڪومت ذريعي سماج ۾ ڪنهن آسماني تبديليءَ جو اسرو نٿو ڪري سگهجي.

پاڪستاني فوج ايوب خان جي لفظن ۾ وفاداري، فرض جي ادائيگي، محب وطني ۽ سول اختياريءَ جي مڪمل زيردستيءَ واري عظيم ورثي سان مالامال هئي. اها ريت لچڪيدار ۽ غيرمضبوط ثابت ٿي، جيتوڻيڪ شروع ۾ سول قيادت ۽ اهم فوجي آفيسر سول حاڪميت لاءِ پاڻ ارپيل رهيا. محمد علي جناح هڪ سياسي اڳواڻ جي حيثيت ۾ فوج جي غيرسياسي ڪردار بابت چيو هو: "اهو نه وسارجو ته اوهين فوج جا آفيسر ۽ سپاهي عوام جا خادم آهيو. توهان کي قومي پاليسيون ناهڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو ڪوبہ حق ناهي. اهو اسان سويلين جو ڪم آهي تہ انهن مسئلن تي ڪي فيصلا ڪريون. توهان فقط ان ذميواريءَ کي پنهنجي محاذ تان پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو، جيڪا اوهان کي سونپي وڃي."

1950ع واري ڏهاڪي جي شروع ۾ پاڪستاني فوج پيشيور سرگرمين تي وڌيڪ ڌيان ڏيندي سياست ۾ گهڙڻ کان پاڻ بچائيندي رهي. ان جو مثال 1951ع ۾ ايوب خان جي فوج جي ڪمانڊ سنڀالڻ وقت فوج لاءِ جاري ڪيل بيان مان ملي ٿو. جنهن ۾ هن چيو هو:

> "سياست کان پري رهو. اهو چوڻ مان منهنجو مطلب اهو هرگز ناهي تہ ڪو توهين ملڪ جي معاملن ۾ ڌاهپ ڀري نظر نہ رکو. پاڪستان جي شهري هئڻ جي ناتي توهان کي اهو ضرور' ڪرڻ گهرجي، بس رکو سرگرم سياسي سرگرمين کان پاڻ بچايو. جيئن مون اڳ بہ چيو آهي تہ اسين پاڪستان جا خادم آهيون ۽ ساڳي طرح ان پارٽيءَ جا پڻ خادم هونداسين، جنهن کي عوام اقتدار لاءِ اماڻيندو."

فوج جي سماجي پس منظر جي حوالي سان اها ڳالھ چٽي طرح ظاهر آهي تہ اوله پاڪستان جي ڳوٺاڻن علائقن يا هيٺين وچولي طبقي مان ايندڙ فوجي گهڻي ڀاڱي غيرسياسي هئا.

فوج جي هڪ حصي جو سياست سان لڳاءَ جو پهريون مثال 1951ع وارو راولپنڊي سازش ڪيس نظر اچي ٿو. ان ڪيس جو حقيقي پس منظر اڃان تائين سامهون نہ اچڻ ڪري اهو متضاد نقطهءِ نظرن جي ور چڙهيل آهي. اهو ڪيس بند ڪمري ۾ هليو. ان ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سيڪريٽري جنرل سجاد ظهير، فيض احمد فيض، ميجر اسحاق، ظفر پوشني، ڪمانڊر جنجوعا، ڪرنل اڪبر ۽ ٻيا جوابدار هئا. فوج پاران سياسي فيصلن تي پنهنجو اثر استعمال ڪرڻ جو ٻيو مثال 1955ع ۾ اوله پاڪستان جي صوبن کي هڪ ڪرڻ وارو عمل ليکجي ٿو اهو چيو وڃي ٿو تہ چئني صوبن کي ختم ڪري ان جي جاءِ تي اوله پاڪستان نالي صوبو قائم ڪرڻ واري رٿ جنرل ايوب خان 1954ع ۾ پنهنجي هڪ ميمورنڊم ۾ پيش ڪئي هئي.

51-1947 واري دور ۾ فوج وٽ سياسي اداري ٺهڻ لاءِ ڪو گس يا جواز نہ هو. پر 1953ع ۾ لاهور ۾ جزوي مارشل لا لاڳو ٿيڻ ني ڪين شهري مزو ماڻڻ جو موقعو ڏنو. حڪمران طبقن ۾ ڦيرگهير ۽ بليڪ ميلنگ وارو رويو معمول بڻجي چڪو هو. ان جو هڪ اهم مثال اوڀر پاڪستان ۾ 1954ع ۾ ٿيل ڇونڊن ۽ ان جي نتيجي ۾ گورنر راڄ لاڳو ٿيڻ ۽ ايندڙ چونڊن ۾ بنگال پرڳڻي مان مسلم ليگ جي مڪمل طور تي صاف ٿي وڃڻ وارن سلسليوار واقعن مان ملي ٿو. ساڳي وقت فوج بچاءَ وارن معاملن جي وزارت تي پنهنجي ڪنٽرول ذريعي حڪومت ۽ بجيٽ واري ڍانچي ۽ ڪرت ۾ سڌوسنئون شريڪ رهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ان کان سواءِ 1953-58ع واري عرصي ۾ هڪبني پويان حڪومتن جي تبديليءَ پڻ فوج کي اقتدار سنڀالڻ تي همٿايو. نيٺ آڪٽوبر 1958ع ۾ فوج اقتدار تي مڪمل طور قابض ٿي وئي، آئين معطل ڪيو ويو. سياسي پارٽين جي ڪم کي روڪيو ويو ۽ سياسي اڳواڻن تي بدعنوانين جا الزام هڻي مستقبل ۾ ڪين سياسي/ انتظامي عهدا ماڻڻ تي پابنديون مڙهيون ويون.

7- آڪٽوبر 1958ع تي فوجي بغاوت ذريعي پارلياماني حڪومت جو انت آندو ويو. اها عملي طور تي ٻن مرحلن واري بغاوت هئي ۽ مارشل لا ذريعي فوجي راڄ کي ٻن مرحلن تي مڙهيو ويو. پهريون مرحلو 7- آڪٽوبر 1958ع تي شروع ٿيو جڏهن صدر اسڪندر مرزا سمورا حڪومتي اختيار پنهنجي قبضي ۾ ڪندي 1956ع واري آئين منسوخ ڪيو. وفاقي ۽ صوبائي ڪابيناںون ٽوڙيون. قومي ۽ صوبائي اسيمبلين کي ٽوڙي ڇڏيو. سمورين سياسي پارٽين تي پابندي مڙهي. ڪجھ گرفتاريون ڪيون ۽ ملڪ تي مارشل لا مڙهي. جنرل ايوب خان کي فوج جو سپر ڪمانڊر مقرر ڪيو ويو. هن عوام کي ملڪ ۾ سياستدانن پاران اقتدار لاءِ ٻي رڪ برڙ ۽ بدعنواني سان ڳڙوڪڙ ايماندار، معصوم، محب وطن ۽ محنتي عوام جو بي شرم استحصال، اخلاقي ڏيوالپڻي ۽ سياسي مقصدن لاءِ اسلام کي استعمال ڪرڻ کي انهيءَ ڪارروائي جو جواز ڄاڻايو. اصل ۾ اسڪندر مرزا اِها مارشل لا انهن ڏينهن ۾ مڙهي هئي، جڏهن عام چونڊن جا ڏينهن ويجها هئا ۽ اهو صاف نظر پئي آيو ته پاڪستاني عوام اسڪندر مرزا کي ٻيهر صدر نه چونڊيندو ۽ ان ريت پاڪستان جي تاريخ جو اهم سلسلو (فوجي بغاوت) شروع ٿي ويو. ان کان پوءِ ملڪي اشرافيہ جڏهن به اهو محسوس ڪيو ته سندس اقتدار ۽ مراعاتن کي پارليامينٽ جي ميمبرن يا ملڪ ۾ سرگرم سماجي ۽ سياسي قوتن کان خطرو ٿي پيو سگهي ته انهن فوجي بغاوتن جو سهارو ورتو.

ٻيو مرحلو 27 آڪٽوبر 1958ع تي شروع ٿيو. جڏهن خود صدر اسڪندر مرزا کي اقتدار جي ايوان کان ٻاهر ڦٽو ڪيو ويو. ايوب خان نه رڳو اسڪندر مرزا جي ماضيءَ ۾ بي اعتماديءَ واري سياست ۽ سياسي ڳٺ جوڙ کان واقف هو، پر هُن چڱيءَ ريت ڄاتو ٿي ته هو (اسڪندر مرزا) پنهنجن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سندس (ايوب خان جي) مخالفن کي/ دشمنن کي پڻ همٿائي سگهي ٿو. هُن اِهو به محسوس ڪيو ته اسڪندر مرزا ڪيس آزاديءَ سان ڪم ڪرڻ نه ڏيندو ۽ فوج کي ڀروهاڻ جي ڪوشش ڪندو.

فوجي مداخلت ۽ مارشل لا لاڳو ٿيڻ، اوچتو حڪومت تي قبضو ڪرڻ وارو عمل نه هو. پر ان لاءِ شعوري يا لاشعوري طور تي ڪافي عرصي کان ڪم ٿي رهيو هو. فوج کي سگهارو ۽ جديد سهولتن سان ليس ڪندي ۽ سياسي سرشتي جو پاڙون ڪمزور ڪندي ۽ آئيني روايتن جي غيرموجودگيءَ کي استعمال ڪندي فوجي بغاوت کي سياسي تبديليءَ جي واحد ممڪن حل طور پيش ڪيو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻئي پاسي جنوري 1951ع ۾ ايوب خان پنهنجي ڪمانڊر انچيف طور مقرريءَ کان پوءِ محمد علي بوگره ۽ اسڪندر مرزا جهڙن سياستدان جي ڪافي ويجهو ٿيندو ويو.

مارشل لا کي 1962ع تائين جاري رکيو ويو ۽ انکي ملڪ جي سمورن طبقن جي اڪثريت ڪافي حد تائين قبول ڪيو، ڇاڪاڻ جو انهن ڏينهن تائين فوج جو ڪردار بهتر سمجهيو ويندو هو. انهن ڏينهن ۾ اها اميد پئي ڪئي وئي ته فوج عوامي مسئلن ۽ اُهنجن کي ڀلي ڀت سمجهي، عوام جي عام حالت بهتر بڻائڻ لاءِ جوڳا اُپاءَ وٺندي.

1958ع واري فوجي بغاوت کي ان جي حمايتين 'انقلاب' جو نالو ڏنو، جنهن کي ماضيءَ جي غلطين کان پاسو ڪندي نئين دور جي شروعات ڪرڻي هئي. ڪراچيءَ جي انگريزي اخبار 'ڊان' 7- آڪٽوبر 1958ع تي 'پرامن انقلاب' جو آڌرڀاءُ ڪندي ان کي 'جنت مان آيل تازي هوا جو جهوٽو' سڏيو. ايوب خان به پنهنجي بغاوت کي سدائين انقلاب ئي سڏيندو رهيو.

حقيقت ۾ مارشل لا انقلابي عمل نه هئي. عدالتي، انتظامي يا نظرياتي طور تي ماضيءَ کان مختلف ڪا به ڳالهه نه هئي. اهو ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان موجود صورتحال کي هڪ نئين انداز ۾ هلائڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو. انقلاب جي فلسفي جي اُبتڙ اها بغاوت هڪ اهڙي گروهه ڪئي، جيڪو اڳيئي اقتدار ۾ سگهاري حيثيت جو مالڪ هو. اهو پارلياماني حڪومت ڏانهن وڌندڙ سياستدانن جي برطرفي ۽ پهريون عام چونڊن جي وقت آئين کي ختم ڪرڻ وارو عمل هو.

1947-58ع دوران فوجي ۽ سول ڪاموراشاهيءَ مان ٿيل سياستدانن جن ۾ غلام محمد، چوڌري محمد علي ۽ اسڪندر مرزا شامل هئا، تن جو پاڪستان جي سياسي سرشتي تي اثرائتو ڪنٽرول هو. ناظم الدين جي اپريل 1953ع ۾ برطرفي، مئي 1954ع ۾ بنگال ۾ فضل حق وزارت جي برطرفي ۽ آڪٽوبر 1954ع ۾ آئين ساز اسيمبليءَ جي برطرفيءَ جهڙيون 'سويلين بغاوتون' ملڪ ۾ فوجي هٿاءِ ڪان جي رضامنديءَ کان سواءِ ممڪن نه هيون. فوج انهن سول بغاوتن ۾ سڌوسنئون شريڪ نه هئڻ جي باوجود به اهڙيون تبديليون آڻيندڙن کي پنهنجي خاموش حمايت جي خاطري ڏياري. ان ريت فوج، ڪاموراشاهيءَ جي ڪجهه اهم ڪارندن سان گڏ 1958ع تائين پردي پويان پاڪستان جي سياست کي هلائيندي رهي. ان دوران اقتدار اُهي مقرر ڪيل سياستدان ماڻيندا رهيا جيڪي سينئر ڪامورن جي اشارن تي نچڻ لاءِ تيار هئا. نيٺ فوج پوئين سيٽ تي ويهڻ بدران ڊرائيونگ سيٽ سڌوسنئون سنڀالڻ جو فيصلو ڪيو. فوج جو سڌوسنئون سياسي ڪردار ادا ڪرڻ جو هڪ سبب محتاج حڪومت هلائڻ واري سندس خواهش ۽ هڪ حصيدار بدران مڪمل طور تي آزاديءَ ۽ وڌيڪ فيصلي ڪُن انداز ۾ حڪومت هلائڻ وارو منصوبو هو.

چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جنرل محمد ايوب خان دعويٰ ڪئي ته فوجي راڄ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو مقصد ملڪ کي بيهر هوشمنديءَ ڏانهن موٽائڻ آهي. فوجي حاڪمن جي زبان ساڳي طرح لاطيني آمريڪا جي فوجي آمرن جهڙي هئي. اها ڪنهن به ريت روسي بالشويڪ انقلاب يا فرينچ انقلاب جهڙي نه هئي.

پاڪستان ۾ فوجي قبضي کي نه ته انقلاب جي زمري ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو ۽ نه وري محلاتي سازش جي خاتمي ۾. اهو 'سڌارڪ بغاوت' جو هڪ ڪلاسيڪل مثال هو.

اقتصادي ميدان ۾ نئين حڪومت، سياسي سرشتي ۾ ڪجھ خاندانن جو اثر گھٽائڻ لاءِ زرعي سڌارن جو اعلان ڪيو. زرعي سڌارڪ ڪميشن آبپاشيءَ واري زمين جي وڌ ۾ وڌ حد 500 ايڪڙ ۽ باراني زمين جي وڌ ۾ وڌ حد هڪ هزار ايڪڙ مقرر ڪئي. ڪجھ تجزئي نگارن موجب زمين جي انهيءَ حدبنديءَ کي مقرر ڪرڻ وقت زميندارن جي انهيءَ پرت جو خاص طور تي خيال رکيو ويو، جتان فوجي آفيسرن جي گھڻائي آئي ٿي. مجموعي طور تي انهن زرعي سڌارن کي ريڊيڪل نٿو سڏي سگهجي. ان سان گڏوگڏ زميندارن لاءِ وڌيڪ زمين رکڻ جا ڪيترائي رستا کُليل ڇڏيا ويا. مثال طور زمين تحفي ڏيڻ يا رضاڪاراڻي طور هٿ ڪڻ واري قانون مان ڪيترن ئي زميندارن لاڀ پرايو ۽ پنهنجي زمين مٽن مائٽن ۽ دوستن جي نالي ڪري بچائي ورتي.

فوجي بغاوت ملڪ جي اشرافيني ڍانچي ۾ ڪا تبديلي نه آندي. اها فوج ئي هئي جيڪا ايوبي حڪومت جي اهم سگھ رهي. اصل ۾ ايوبي بغاوت فوجي ڪرت ۾ واڌارو آندو ۽ ان کي سولين معاملن ۾ ٽنگ اڙڪائڻ جو رستو ڏيکاريو. ايوب خان جي 1962ع واري آئين ۾ فوج کي رياستي ادارن ۾ اهم حيثيت ڏني وئي. صدر ايوب آئين تحت ملڪ جي بچاءُ وارو وزير جوائنٽ چيف آف اسٽاف ڪميٽيءَ جو چيئرمين پڻ هو. انهيءَ سرشتي ۾ ٽنهي فوجن جي ڪمانڊر انچيف کي پنهنجي ادارن جي انتظامي ۽ نظرداريءَ وارن معاملن ۾ ڪافي حد تائين خودمختياري حاصل هئي. فوج جو ڪردار آئين جي فقري 238 ذريعي اڃان به واضح ٿي ٿئي، جنهن ۾ چيل هو ته 1962ع واري آئين جي لاڳو ٿيڻ جي 20 سالن تائين بچاءُ واري وزارت اهڙو شخص سنڀالي سگھندو، جنهن جو عهدو بري فوج جي ليفٽيننٽ جنرل يا ٻين فوجن ۾ ان جي برابر کان گھٽ نه هوندو.

جيستائين ڪاموراشاهيءَ جو تعلق آهي ته ان حڪومت کي ٻن ٽنين مان هڪ طور پنهنجون سرگرميون جاري رکيون. سينيئر ڪامورا ايوب خان جي آشيرواد سان مٿين سطح تائين عملي طور تي حڪومت ڪندا رهيا. فوجي جنتا جو ڪاموراشاهيءَ تي وڏي پئماني تي ڀاڙڻ اهو ثابت ٿو ڪري ته فوجي حاڪمن وٽ سياستدانن واري اهليت نه هئي ۽ انگريز هو ڪاموراشاهيءَ سان ٺهي هلڻ بنان ڪنهن ريت حڪومت هلائي نه پئي سگھيا. ايوب خان جي حڪومت سنڀالڻ کان ترت پوءِ ئي ڪاموراشاهي، جيڪا اسڪندر مرزا جي چانڊڪيءَ واري مهم ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏونڊاڙجي چڪي هئي، هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي پراڻي حيثيت تي موٽي آئي.

پر فوج ئي اقتدار جو اصل سرچشمو هئي. ان پنهنجو پاڻ کي پس منظر ۾ رکندي سول ڪاموراشاهيءَ کي اڳتي ڪيو. انڪري اهو مڪمل طور تي غلط ناهي ته ايوبي حڪومت پنهنجي بنيادي ڪردار ۾ ڪافي حد تائين سويلين هئي، مثال طور هڪ سينيئر ڪاموري عزيزاحمد کي ملڪ جو ڊپٽي چيف مارشلا لا ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ويو ۽ کيس روزمره جي انتظام هلائڻ لاءِ ذميوار بڻايو ويو. صدارتي ڪابينا ۾ پڻ سول ماڻهن جي اڪثريت هئي. ڪامورن نه رڳو وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي پاليسي ساز فيصلن ۾ پنهنجو اثررسوخ استعمال ڪيو، پر قائم ٿيل مختلف ڪارپوريشنس ۽ خودمختيار ادارن جو انتظام پڻ آهستي آهستي سنڀالڻ شروع ڪيو. فوجي جنتا پاران مختلف پاليسين ۾ تبديلين لاءِ جوڙيل 33 اهم ڪميشنن جي 280 ميمبرن جو لڳ ڀڳ 60 سيڪڙو سول ڪامورن جو هو. انهن ۾ 6.4 سيڪڙو فوجين جو ۽ وڪيلن، ججن ۽ دانشورن مان هرهڪ جو حصو 5 سيڪڙو هو. سياستدانن کي انهن ڪميشنن ۾ مشڪل سان 1.4 سيڪڙو نمائندگي حاصل هئي.

ايوبي ڪابينا ۾ سول ڪامورا وزيرن جي حيثيت ۾

ناءُ	وزارت
ايم شعيب	ناڻو
ايف- ايم خان	ريلوي ۽ مواصلات (جهازرانيءَ سميت)
حبيب الرحمان	تعليم
محمد حفيظ الرحمان	واپار
اختر حسين	سڌ سماءُ، قومي تعمير نو ۽ ڪشمير جا معاملا
ذاڪر حسين	گهرو معاملا
غلام فاروق	واپار
انوارالحق	تعليم، صحت، پورهيو ۽ سماجي ڀلائي
عبدالقادر	ناڻو

پر ان جو اهو مطلب هرگز ناهي ته فوج کي رياستي پاليسيون جوڙڻ ۾ فيصلي ڪُن حيثيت حاصل نه هئي. اڳوڻي ڪمانڊر انچيف جي صدر ٿيڻ ڪري فوج کي اها پڪ هئي ته سندس مفادن کي ڪوبه ڇيهو نٿو رسي سگهي. ٻئي پاسي ايوب خان راولپنڊيءَ ۾ موجود پنهنجي اعتماد جوڳي ڪمانڊر موسيٰ خان سان هڪجهڙائپ جوڙڻ کان پوءِ جي- ايڇ- ڪيو کي سمورين ڳالهين کان باخبر رکڻ ضروري نه ٿي سمجهيو. پنهنجي سر فوجي جنرل هئڻ جي ناتي ايوب خان جو خيال هو ته هو فوج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي مسئلن ۽ مفادن کي جي- ايڇ- ڪيو کان بهتر سمجهي سگهي ٿو.

۾ فوجي بغاوت اقتداري سرچشمي ۾ جيڪا واحد تبديلي آندي اُها سياستدانن اقتدار کان محرومي هئي. ايوب جي سمورين مارشل لائي ڪابينائن ۾ (1958ع 1962ع تائين) ڪو اهم سياستدان شامل نہ هو. 1962ع وارو آئين لاڳو ڪندي فوجي جنتا جو اهو فرض ٿي پيو هو تہ اها سياسي اشرافيہ سان بهتر ناتا جوڙي ۽ سياستڪارن کي ڪابينا ۾ شامل ڪري. پر 1962ع کان پوءِ بہ ڪابينا ۾ ڪا اهم وزارت مثال طور: بچاءُ، رٿابندي، ناڻو ۽ گهرو معاملا، سياستڪارن کي نہ ڏنا ويا. ايوب خان جي سموري دور ۾ سندس اهم صلاحڪارن منظور قادر، شعيب، قدرت الله شهاب، الطاف گوهر ۽ فدا حسين مڪمل طور تي غير سياسي هئا. ايوب خان جي ويجهن صلاحڪارن مان فقط ذوالفقارعلي ڀٽو ئي مستقبل ۾ سنجيدگيءَ سان سياست ۾ شامل ٿيو. فوجي جنتا جي اهم ڪمزورين مان هڪ عوامي حمايت ۽ مضبوط تنظيم رکندڙ پارٽين کي اقتدار ۾ حصو نہ ڏيڻ هو. هي پاليسي حڪومت سان سهڪار ڪندڙ پارٽين ۽ عوامي حمايت کان محروم سياستدان شامل هئا. ان ڪري هو ڪامورن ۽ اشرافيہ جي ڀيٽ ۾ گهٽ اثرائتا هئا.

ايوبي دور ۾ اختيارن کان ڪنهن حد تائين محروم ٿيندڙ ٻيو گروهہ زرعي جاگيردارن جو هو. 1958ع کان اڳ اسيمبلين ۾ سندن مڪمل اڪثريت هئي ۽ انهيءَ اڪثريتي طاقت ڪري هنن اولہ پاڪستان ۾ زرعي سڌارا لاڳو ڪرڻ جو رستو روڪي رکيو هو. پر فوجي بغاوت کان پوءِ واري چونڊ سرشتي ڪري جاگيردارن جو سياسي اثر ۽ زرعي سڌارن ڪري سندن سماجي اثر ڪنهن حد تائين گهٽ ٿيو. زرعي اشرافيہ جي گهٽجندڙ اثر جو ثبوت 1962ع ۾ قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي چونڊن جي نتيجن مان ملي ٿو. ايوب خان کي سياسي انداز اختيار ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڪنهن حد تائين زميندارن کان حمايت حاصل ڪرڻي پئي. انهيءَ ڏنين جوڙجڪ ۾ جاگيردارن زرعي سڌارن تحت وڃايل پنهنجي حيثيت ٻيهر حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي ٻارن کي ڪاموراشاهيءَ ۾ شامل ڪرائي ٻيهر اثر رسوخ حاصل ڪرڻ جي ڪامياب رٿابندي ڪئي.

واپاري اشرافيہ جيڪا 1958ع کان اڳ ئي اهم گروهہ طور اُڀري رهي هئي، ايوب شاهيءَ ۾ بہ اهم فائدا حاصل ڪيا. جنتا جي خانگي سيڙپ ذريعي اقتصادي ترقي حاصل ڪرڻ واري پاليسيءَ انهي ڏنين اشرافيہ کي اڳتي اچڻ جا موقعا ڏنا. بقول ڊاڪٽر محبوب الحق جي تہ سمورن صنعتي منافعن جو 66 سيڪڙو، انشورنس فنڊ جو 97 سيڪڙو ۽ بينڪن جو 80 سيڪڙو ملڪ جي ويهن ڪٽنبن تائين محدود هو.

ان کان سواءِ اهم سرمائيدارن ايوب خان جي ويجهن مائٽن ڪيپٽن گوهر ايوب (پٽ) ۽ جنرل حبيب الله (گوهر ايوب جو سهرو) سان ويجها ناتا جوڙيا ۽ انهيءَ فوجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عملدارن سان سرمائيدارن جي تعلقاتن کي اڪٺي وڌايو. 1962ع ۽ 1965ع وارين چونڊن جي نتيجي ۾ ايندڙ قومي ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ اوڀر پاڪستان جي 32 ۽ اولهه پاڪستان جي 19 سيڪڙو ميمبرن جو تعلق واپاري، صنعتڪار يا ٺيڪيدار برادريءَ سان هو. جڏهن ته 58-1947ع دوران انهن پرتن جي نمائندگي اوڀر پاڪستان مان 4 سيڪڙو ۽ اولهه پاڪستان مان 3 سيڪڙو مس هئي.

ايوبي راڄ جو هڪ اهم ڪارنامو ٻين ڪيترن ئي فوجي آمريتن جي اُبتڙ سياسي ادارا جوڙڻ جي خواهش هو. ايوب شاهيءَ ٽي اهم سياسي ادارا جوڙيا، جن مان ٻه بنيادي جمهوريت ۽ 1962ع وارو آئين شعوري سياسي رٿابنديءَ جو حصو هئا. جڏهن ته ٽيون يعني سياسي پارٽي ٺاهڻ، خود سياسي قوتن کي ميدان مان هٽائڻ واري عمل جو لاشعوري ردعمل هو.

پنهنجي همعصر فوجي حاڪمن وانگر ايوب خان به دعويٰ ڪئي ته سندس بغاوت جمهوريت جي خلاف ناهي پر اها فقط انهيءَ عمل واري انداز جي خلاف آهي. سندس چوڻ هو ته جمهوريت اهڙي انداز ۾ هجي جو، اها هر ڪنهن کي سولائي سان سمجهه ۾ اچي سگهي ۽ هر ڪو ان ۾ پنهنجي وت آهر حصو وٺي سگهي. ان فارمولي تحت ئي سندس حڪومت بنيادي جمهوريت وارو شوشو ڇڏيو هو.

بنيادي جمهوريتن واري آرڊيننس 1959ع هيٺ بنيادي جمهوريتن واري سرشتي کي هُن 'سيپتا' ڏانهن پهريون قدم سڏيو هو. بنيادي جمهوريتن وارو فارمولو مختلف سياسي مفادن حاصل ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ آندو ويو هو. ان تحت هڪ پاسي ايوب خان جي صدارت کي آئينيءَ ۽ قانوني ووٽ مليو ته ٻئي پاسي ان ذريعي هيٺين سطح تائين عوام جي حمايت کي مستقل بنيادن تي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ٽين پاسي عوام، خاص طور تي ڳوٺاڻي آباديءَ کي محدود سطح تي پنهنجن مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ مڪاني ادارن سان له وچڙ ۾ آندو ويو ته، جيئن هو ڪنهن ڳوڙهي سماجي/ سياسي مسئلي تي سوچي نه سگهن.

ان سرشتي هيٺ هڪ پاسي ماڻهن کي پنهنجي راءِ ڏيڻ جو اڳي کان وڌيڪ موقعو مليو ته ٻئي پاسي قومي سطح تي سرگرم سياست ۾ سندن شرڪت جي امڪانن کي مڪمل طور تي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

ايوبي دور ۾ ڪراچي، لاهور ۽ لائلپور (فيصل آباد) جهڙن شهرن ۾ صنعتڪاريءَ ۾ نين شهري قوتن کي تيار ڪيو ويو. انهن صنعتي شهرن، پسگردائيءَ جي هارين ۽ بي زمين ڪيت مزدورن کي شهرن جو رخ ڪرايو. نئين شهري ۽ صنعتي ماحول هڪ پاسي نون مسئلن ۽ لاڙن متعلق شعور ۾ اضافو ڪيو ته ٻئي پاسي بنيادي جمهوريت واري سياسي سرشتي ڪنهن سنجيده مخالف ڌر جي نروار ٿيڻ جا هڙئي ڪس بند ڪري ڇڏيا.

60ع واري ڏهاڪي ۾ ايوب خان فوج، ڪامورا شاهي، علائقائي گروهن ۽ واپاري مفادن ۾ توازن رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي. هُن هيٺين سطح تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پنهنجي حمايت پيدا ڪرڻ لاءِ ڳوٺاڻي اشرافيه کي اڻ ڳڻيون رعايتون ڏيڻ شروع ڪيون؛ ساڻن رابطي ۽ ڳانڍاپي جا ذريعا قائم ڪيا. حڪومت جيئن ئي ڳوٺن جي ترقي، مزدورن تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو ته شهر سنڌ هٿان مان نڪري ويا ۽ ان جي نتيجي طور شهرن ۾ پيدا ٿيندڙ احتجاجن حڪومت جو پاڙون لوڏي ڇڏيون. جڏهن سماجي بيچينيءَ واري اُٿل ٻنهي صوبن ۾ پنهنجي جوبن تي آئي ته ايوبي حڪومت واريءَ جي محل جيان ڀڃي اچي پٽ پئي.

پاڪستان جي شهري علائقن واري سياست کي هلائڻ وارو ايوبي طريقو ننڍي کنڊ ۾ برطانوي راڄ جهڙو هو. ايوب خلاف تحريڪ جو هڪ اهم ترين مرڪز پاڪستان جا شهر، جڏهن ته سنڌ سياسي فارمولن کان متاثر نه ٿيا هئا. ان جو هڪ اهم سبب خاص طور تي اولهه پاڪستان ۾ تڪڙي صنعتي ترقي، تعليم ۽ ٽيڪنيڪي ترقيءَ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ وچولو طبقو هو. ٻئي پاسي ڳوٺاڻن علائقن کي ڪنٽرول ڪرڻ سولو هو. جڏهن ته ان جو هڪ ٻيو سبب اهو به هو ته فوجي آفيسرن جي اڪثريت ڳوٺاڻن علائقن مان هئي، ان ڪري فطري طور تي سنڌس همدردي ۽ ڌيان جو مرڪز شهري علائقن کان وڌيڪ ڳوٺاڻا علائقا هئا. پر 1964ع ۾ ڳوٺاڻي وچولي طبقي جو پڻ سياسي اقتدار ۾ حصو پتي ختم ٿي ويو. جڏهن پنهنجي سياسي بنياد کي ويڪرو ڪرڻ لاءِ ايوب خان پنهنجي سياسي پارٽيءَ ۾ جاگيردارن ۽ ڪراچيءَ سميت شهرن جي بورجوازي کي شامل ڪرڻ شروع ڪيو. ان عمل ڪري جتي ايوب شاهيءَ کي سماج جي مٿين طبقن جي حمايت حاصل ٿي، اتي سماج جي سڀ کان متحرڪ طبقي يعني وچولي طبقي جي سمورن پرتن جي مخالفت جو مقابلو ڪرڻو پيو.

1968-69ع دوارن حڪومت خلاف شهري اُڀار سياسي، سماجي، اقتصادي، علائقائي ۽ ڪافي حد تائين جذباتي هو. ان اڀار ۾ ذوالفقارعلي ڀٽي جي ڪرشماتي شخصيت انقلابي ڪردار ادا ڪيو. ڀٽي، ايوب خان جي نامزد ڪيل وزير جي حيثيت سان اٺ سال ڪم ڪرڻ کان پوءِ ايوب خان مخالف قوتن جي سرگرم قيادت ڪئي. ايوب خان جي تيزيءَ سان خراب ٿيندڙ صحت، علائقائي ڇڪتاڻ ۾ ٿيندڙ اضافي ۽ سماج ۾ موجود بدعنوانين ڀٽي کي حڪومت مخالف قوتن کي ميڙي مُٺ ڪرڻ جو موقعو ڏنو.

ايوب شاهيءَ خلاف اُڀار ۾ شاگردن فيصلي ڪُن ڪردار ادا ڪيو. نومبر 1968ع ۾ شاگردن جي ڪجھ غيرقانوني خريداريءَ تي ٿيل پوليس سان چڪريءَ سڄي ملڪ ۾ ٻنيٺ ٻڙڪائي ڇڏيو ۽ سماج جي مختلف صفن ۾ موجود حڪومت مخالف ڪاوڙ کي ٻاهر نڪرڻ جو موقعو مليو. اها به ٽوٽڻ ڪرڻ جهڙي ڳالھ آهي ته شاگرد، يونيورسٽي آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ تي، جنهن سان شاگرد سياست تي پابنديون لڳيون هيون؛ حڪومت جا مخالف بڻجي ويا هئا. شاگردن جي انهيءَ اُڀار کي ذوالفقار علي ڀٽي جهڙي ذهين سياستدان ۽ وڪيلن جي پيشيور پرت استعمال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪندي ايوب حڪومت کي ڪمزور ڪري ڇڏيو.

ٻئي پاسي مارچ 1969ع کان شهري پورهيتن حڪومت خلاف ويڙهه ۾ شاگردن جي جاءِ والاري. 1965ع واري جنگ کان پوءِ پرڏيهي امداد ۾ گهٽتائي اچڻ ڪري سڀ کان وڌيڪ اقتصادي عذاب پورهيتن کي ئي ڀوڳڻو پيو، جن جا پگهار ته ڪونه وڌيا پر، ڪين وڏي تعداد ۾ ڇانٽين ذريعي روزگار کان جواب ڏنو ويو. ايوبي حڪومت جي صنعتي ترقيءَ جو لاڀ عام پورهيتن کي ملڻ بدران وڏن سرمائيدارن ڏانهن هليو ويو. پورهيت ان ڳاله تي به شديد ڪاوڙيل هئا ته خود ايوبي ڪٽنب راتو پيٽ ۾ شاهوڪار ٿي ويو.

اقتصادي ترقيءَ متعلق حڪومت ۽ عوام جي موقف ۾ زمين آسمان جو فرق هو. حڪومتي نمائندا ڪُل قومي پيداوار، ڪُل قومي آمدني ۽ معاشي ترقيءَ ۾ واڌ جون دعوائون ڪندا هئا، جڏهن ته عوام عملي طور تي رهڻي جي ڪرندڙ قيمت ۽ شين جي وڌندڙ اگهن ڪري شديد تاءَ ۾ هئا.

مارچ 1969ع ۾ اهم ٽريڊ يونين تنظيمن تي حڪومتي پابنديءَ جي باوجود ڪراچيءَ ۽ لاهور ۾ پورهيتن جي ويڙهه واري مڙسي پنهنجي عروج تي هئي. پورهيتن نه رڳو فوجي جنتا جي سول قوت پوليس سان چڪريون ڪاڏيون پر، مولانا ڀاشانيءَ جي شروع ڪيل گهيراءُ واري طريقي کي پڻ تنظيمي روپ ڏنو. هو هيئن ڪرڻ سان لاڳاپيل يونين ۽ سفيد پوش طبقن جي مدد سان معاوضن، عام زندگي جي حالتن ۾ بهتريءَ سان گڏوگڏ معاشي ۽ سياسي سرشتي ۾ اهم تبديليون آڻڻ جي مطالبن تي ويڙهه شروع ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا.

ان سان گڏوگڏ اوڀر پاڪستان ۾ پڻ صورتحال جيئن پوءِ تيئن خراب ٿيندي وئي. ٻنهي صوبن ۾ اقتصادي اڻ برابري، فوجي ۽ سول ڪاموراشاهيءَ هٿان بنگالين جي حق تلفي ۽ بنگالي وچولي طبقي ۾ اقتدار کان محروميءَ جي رجحان ايوب شاهيءَ جي بنيادن کي لوڏي ڇڏيو.

عملي طور تي اوڀر پاڪستان ۾ ٿيندڙ وڳوڙن کان وڌيڪ ايوبي حڪومت کي ڪمزور، اولهه پاڪستان ۾ پورهيت تحريڪ ۽ وچولي طبقي جي سرواڻيءَ ۾ هلندڙ سياسي آزاديءَ جي شهري جدوجهد ڪيو.

ان سموري صورتحال ۾ ايوب خان وٽ فقط ٻه امڪان موجود هئا. هڪ ته هو مخالف ڌر جي سياستڪارن سان ڪو ٺاهه ڪري، جيڪو عملي طور تي ناممڪن هو. ايوب خان لاءِ ٻيو امڪان فوج جو اعتماد هڪ ڀيرو ٻيهر حاصل ڪرڻ هو. هو مدد لاءِ پنهنجي اصلي تڪ ڏانهن موٽي ويو. پر 1969ع جي بهار ۾ ايوب فوجي ڪمانڊرن جو اعتماد وڃائي چڪو هو. ايوب خان سان فوجي عملدارن جا ڪي اختلاف نظر اچڻ لڳا. هڪ پارلياماني حڪومت جي ڀيٽ ۾ فوجي خرچن ۾ گهٽتائي، تاشقند ٺاهه خلاف فوج ۾ وڌندڙ رجحان ۽ اگرتلا سازش ڪيس کي ختم ڪرڻ واري فيصلي تي فوجين جي ناراضگي شامل آهن. ان کان سواءِ رٽائرڊ ايئر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مارشل اصغر خان جي ايوب خلاف سياست ۾ سرگرم شرڪت ۽ فوج ۾ سنڌس
حمايتي گروپ جي ايوب خان تي بي اعتماديءَ ايوب کي سياسي طور تي تباهه ڪري
ڇڏيو.

آخر 25- مارچ 1969ع تي ايوب خان فوج کي ڪانئس اقتدار وٺڻ لاءِ چيو.
عوامي تحريڪن کان پوءِ ايوبي راڄ جي خاتمي عوام ۾ اهو اعتماد پيدا ڪيو
ته هنن ايوب کي اقتدار کان هٽايو آهي ۽ هو مستقبل ۾ پڻ ساڳي قسم جي
حڪمرانن سان ساڳي روش اختيار ڪري سگهن ٿا. پر عوام وٽ ڪا منظم
تنظيم نه هئڻ ڪري هڪ ڀيرو ٻيهر فوج آغا محمد يحيٰ خان جي قيادت ۾ سولائي
سان اقتدار تي قبضو ڪري ورتو.

اها حقيقت آهي ته 1968ع واري سياري ۾ اُٿيل سياسي اُڀار جي نتيجي ۾
جمهوريت جي بحاليءَ بدران ملڪ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر مارشل لا لاڳو ٿيڻ صدمي
جهڙي ڳالهه نه هئي، پر اهو پاڪستان جي سياسي منظرنامي ۾ ڪو انوکو واقعو نه
هو. 1958ع وانگر 1969ع ۾ به سياسي اڳواڻ حڪومت هلائڻ واري حيثيت ۾ نه
هئا ۽ هو رڳو ايوب خان جي هڪدم استعفا جي گهر ڪري رهيا هئا، جڏهن ته عوام
آمريتي حڪومت خلاف تحريڪ هلائي جمهوري حڪومت جي بحالي چاهي رهيو
هو. اڳواڻ عوامي خواهشن کي پورو ڪري نه سگهيا ۽ ايئن پاڪستاني عوام هڪ
ڀيرو ٻيهر فوجي آمر کي پنهنجي حاڪم طور ڀوڳيو.

25- مارچ 1969ع تي مارشل لا لاڳو ٿيڻ سان آئين کي معطل، مرڪزي ۽
صوبائي اسيمبلين کي ختم ۽ ڪابيناڻن ۽ گورنرن کي گهر اُماڻيو ويو. هنهي صوبن ۾
زونل مارشل لا ايڊمنسٽريٽرن گورنرن جا عهدا سنڀاليا. ايوب خان جي بنيادي
جمهوريتن کي حملن جو بنيادي نشانو بڻايو ويو. نئين حڪومت بنيادي جمهوريتن جي
اليڪشني ڪردار کي ختم ڪري ڇڏيو، پر ڳوٺاڻي ترقيءَ ۽ انتظام لاءِ مڪاني
ڪائونسلن تحت سنڌس ڪرت جاري رهي.

يحيٰ خان جي حڪومت جون واڳون سنڀالڻ لاءِ سنڌس عمل جو انداز ايوب
خان کان مختلف هو. مارچ 1969ع ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر مارشل لا لاڳو ڪرڻ لاءِ
خود صدر ايوب همٿايو هو. ملٽري ڪمانڊر 69- 1968ع دوران سواءِ ايوب
شاهيءَ خلاف عوامي اُڀار کي ڪچلڻ لاءِ فوجي دستا اُماڻڻ جي سياست کان پري
رهيا. 1965ع واري جنگ ۾ پاڪستان جي شڪست، تاشقند ۾ ڪجهه حاصل
ڪرڻ بدران گهٽ رعايتون، پرڏيهي وزير ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت کان
عليحدگي ۽ شاگردن جي بيچيني، ان ڳالهه جا ثبوت هئا ته ايوبي جهاز ٻڏندڙ جهاز
آهي.

1965ع واري جنگ کان پوءِ ڀارت پاران فوجي خرچن ۾ اضافي جي نتيجي ۾
ايوب وٽ هڪ ئي رستو بچيو هو ته هو فرانسيسي حڪومت کان پرڏيهي ناڻي جي
عيوض جديد فوجي ٽيڪنڪ حاصل ڪري. انهيءَ اضافي خرچ ڪري سماجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ترقي ۽ تعليمي خرچن کي گهٽايو ويو، ٽيڪسن ۽ عام واهپي جي شين جي اگهن ۾ اضافو ڪيو ويو. صوبن، عوام ۽ فوج وچ ۾ ڇڪتاڻ ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳي. انهن ئي ڏينهن ۾ ايوب خان تي ٻه قاتلانا حملا ٿيا. جڏهن ته بيماريءَ ڪري ايوب خان تقريباً ڇهه مهينا عملي طور تي حڪومتي ڪرڻ کان ڌار رهيو ۽ حڪومتي انتظام سنڌس وزير ۽ مشير هلائيندا رهيا ۽ 1969ع ۾ ڪا جوابي سگهه نه هئڻ ڪري فوج يحيٰ خان جي قيادت ۾ سولائي سان اقتدار تي قبضو ڪري ورتو.

1969ع ۾ ٻيو پيرو فوجي مداخلت جو جواز لهنڊڙ صدر ايوب خان ملڪ ۾ پيدا ٿيل ان غيريقيني صورتحال کي بڻايو، جيڪا حڪومت خلاف عوامي تحريڪ جي نتيجي ۾ پيدا ٿي چڪي هئي. حڪومت انهن ڏينهن ۾ ٻنهي صوبن جي شهرن ۾ اُٿندڙ عوامي بغاوت جي نتيجي ۾ بلڪل ڏونڌاڙجي چڪي هئي ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا مڪمل طور تي جڏا ٿي چڪا هئا. ڪجھ مبصرن جي خيال موجب هارين جي جٿن جي ڍاڪا ڏانهن لانگ مارچ جي اطلاعن موجب فوج کي مداخلت ڪرڻ جو رستو ڏيکاريو. سندن خيال ۾ اهي لانگ مارچ ملڪ ۾ حقيقي سماجي تبديليون آڻي پئي سگهيا ۽ انهن خلاف مٿين طبقن جي هاءِ گهوڙا تي فوج سنڌس پنيرائيءَ سان اهو قدم کنيو.

هڪ ٻئي نقطءِ نظر موجب يحيٰ خان جو اقتدار تي قبضو ڪرڻ بدامني ۽ هارين جي لانگ مارچ ڪري نه پر حڪومتي معاملن کي سڌوسنئون پنهنجن هٿن ۾ وٺڻ جي خواهش هئي.

اِها حقيقت آهي ته نئين حڪومت به ايوب شاهيءَ وانگر عوامي ايار متعلق ڪو دستاويز يا وائيٽ پيپر جاري نه ڪيو.

يحيٰ خان جي مارشل لا جو هڪ اهم سبب 'حڪومت هلائڻ فوجي جو ئي ڪم آهي' واري ايوبي نقطي نظر ۾ خلل وجهڻ ۽ ايوب پاران شهري قوتن کي اقتدار ۾ ڀاڱي ڀائيوار ڪرڻ به هو. 1969ع ۾ فوج رڳو ملڪ بچائڻ لاءِ اقتدار تي قبضو نه ڪيو هو پر ان پنهنجي سياسي ڪردار کي پڻ جاري رکڻ ٿي چاهيو.

اهو درست آهي ته يحيٰ خان واري ماشل لا ايوبي آمريت جي ڦلهيار مان پيدا ٿي هئي، پر 1969ع ۾ پاڪستان ۾ ريڊيڪل تبديليون اچي چڪيون هيون ۽ سياسي معاشري ڏانهن وڌڻ وارو رجحان ملڪ ۾ سگهارو ٿي چڪو هو. ساڳي وقت بنگالي قومپرستيءَ کي نظرانداز ڪرڻ ناممڪن هو. ساڳي طرح ان- ٻوله وارن طبقن جي مٿين طبقن خلاف بغاوت ۽ سماجي انصاف جي گهُر به اهميت جوڳو عنصر بڻجي ويئي هئي.

ان ريت يحيٰ خان ۽ سندس ساٿين کي اقتدار سنڀالڻ وقت مليل مسئلا ۽ چئلينج ان کان گهڻو ڏکيا ۽ مختلف هئا، جيڪي ايوب خان کي اقتدار سنڀالڻ وقت اڏو آيا هئا. ايوب جي اقتدار جون واڳون سنڀالڻ وقت سياستڪار عوام ۾ پنهنجو اعتماد وڃائي چڪا هئا ۽ هو چڙوچڙ به هئا، پر يحيٰ خان جي اقتدار سنڀالڻ وقت ملڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سياسي سرشتو ڏيڻ واري مطالبو ۾ سياستدانن جي سرگرمي پنهنجي انتها تي هئي. ايوب خان سياستدانن جي بدعنوانين کي پنهنجي حملن جو نشانو بڻائيندو هو. هن، ته يحيٰ خان کي ان جي ابتڙ فوجي آمريت خلاف عوامي اڀار کي منهن ڏيڻو پيو. ڪيل ڏهه سال اقتدار فوجي حاڪمن وٽ هئڻ ڪري هو سياستدانن تي بدعنوانيءَ جا الزام هڻي نه سگهيو، جڏهن ته ٻئي پاسي سياستدان عوام جي دلين ۾ پنهنجي جايون ٺاهي چڪا هئا.

1958ع جي ابتڙ يحيٰ خان کي وڌندڙ سياسي اڀار ۾ رستن تي نڪتل وڇولن جي مخالفت کي منهن ڏيڻو پيو. ايوب شاهيءَ جي آخري ڏينهن ۾ عوام تي هلايل گولين جي نتيجي ۾ فوج پنهنجي اعليٰ ڪردار واري حيثيت وڃائي چڪي هئي.

ايوب خان وانگر يحيٰ خان به بنان ڪنهن رڪاوٽ ۽ مخالفت جي اقتدار تي قبضو ڪري چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ۽ ملڪ جو صدر بڻجي ويو. پاڪستاني اشرافيه جي اهم نمائندن ايوبي حڪومت خلاف اڀار کان پوءِ يحيٰ خان واري حڪومتي تبديليءَ کي اطمينان جوڳو سڏيو. جمهوري ايڪشن ڪميٽيءَ جا مرڪزي اڳواڻ انتها پسند قوتن جي اڀرڻ ۾ بنگالي قومپرست تحريڪ جي جنگجوءَ سرگرم اظهار کان ڇرڪيل هئا. ٻئي پاسي مولانا ڀاشانيءَ ۽ سنڌس حامي کاٻي ڌر وارن عوامي حمايت يافتا بورجوا حڪومت جي ڀيٽ ۾ ڪنهن سياسي بنياد کان وانجهيل فوجي حڪومت کي ترجيح ڏني.

25- مارچ 1969ع واري حڪومتي تبديلي پنهنجي نوعيت جو انوکو مثال آهي. فوجي ڪمانڊر حڪومتي واڳون طاقت ذريعي حاصل نه ڪيون ۽ نه وري هُن آئيني صدر کي زوري اقتدار تان هٽايو. آئيني صدر (ايوب خان) پنهنجي مرضيءَ سان ۽ عوامي مطالبي تي حڪومت جون واڳون فوج جي حوالي ڪيون ته، جيئن امن امان جي صورتحال بهتر ڪري سگهجي. 1969ع واري حڪومتي تبديلي فقط هڪ لحاظ کان فوجي اڳرائيءَ جي زمري ۾ اچي ٿي، جو اِها ڪنهن قانوني يا آئيني بنياد کان سواءِ آئي هئي. خود ايوب خان جي 1962ع واري آئين موجب صدر جي استعفا ڏيڻ جي صورت ۾ قومي اسيمبليءَ جو اسپيڪر ايستائين صدر جو عهدو وقتي طور تي سنڀاليندو، جيستائين نئون صدر نه چونڊجي اچي. پر فوج آئيني مشينريءَ کي عملي طور تي پنهنجو ڪم ڪرڻ نه ڏنو ۽ سمورن قسمن جا مارشلا لا قانون، صدارتي حڪم ناما ۽ آرڊيننس جاري ڪيا. مشهور دانشور رونق جهان جي لفظن ۾ "ايوبي حڪومت جي ڪمزور ٿيڻ تي پاڪستاني فوج جي ڪمانڊر انچيف يحيٰ خان کي سول ۽ فوجي ڪاموراشاهيءَ جي اشرافيه اقتدار تي ويهاريو." 69-1968ع واري اڀار جي نتيجي ۾ فوج جي خراب ٿيل ڪردار سبب ئي مارشل لا لڳائي حد تائين معذرت خواهه هئي.

حڪومت سنڀاليندي يحيٰ خان پنهنجي تقرير ۾ چيو هو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ته ملڪي حالتون بهتر ڪري.

"۲۴ اما ڳالهه واضح ڪرڻ ٿو چاهيان ته ملڪي حالتون بهتر ڪري، آئيني حڪومت بحال ڪرڻ کان سواءِ منهنجو ڪو به مقصد ناهي."

ايوب خان کان يحيٰ ڏانهن اقتدار جي انهيءَ منتقليءَ فوجي ڪاموراشاهيءَ جي هٿن مان سياسي اختيارن کي نه ڦريو. اصل ۾ انهيءَ منتقليءَ ڪين آئيني يا عوامي پذيرائي بنان پنهنجي سياسي قوت کي استعمال ڪرڻ جو هڪ وڌيڪ موقعو ڏنو. ايترو فرق ضرور پيدا ٿيو جو 1969ع تائين ڪاموراشاهي انهيءَ اتحاد ۾ مٿاهين حيثيت جي مالڪ هئي؛ جڏهن ته 1969ع کان پوءِ فوج سويلين قوتن جي رحم ڪرم تي رهڻ نه پئي چاهيو ۽ ان ريت سول ڪاموراشاهي فوجي هاءِ ڪمان جي پيچ لڳڪائو بڻجي وئي.

يحيٰ شاهيءَ سان هڪ نئين دور جي شروعات ٿي. فوجي آپيشاهيءَ واري دور، ساموونڊي ۽ هوائي فوج جي سربراهن کي پهرين ڊپٽي چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ۽ پوءِ ترتيب وار اوڀر ۽ اولهه پاڪستان جو گورنر مقرر ڪيو ويو. سڀ کان اهم ڳالهه اها ته هاڻ اهم پاليسي ساز فيصلا ڪندڙ جو سمورو گروپ حاضر جنرلن جو هو. جنرل يحيٰ سميت ڇهن سينيئر جنرلن ۽ ٻن سويلين آفيسرن تي ٻڌل ٽولو ملڪ جي حقيقي حڪمران هو. انهن ۾ آرمي چيف آف اسٽاف جنرل حميد خان، چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ۽ صدر لاءِ پرسنل اسٽاف آفيسر جنرل ايس- جي- ايم پيرزادو، هڪ سال کان پوءِ 'بنگال جو ڪاسائي' سڏجندڙ جنرل ٽڪا خان، آءِ- ايس- آءِ جو ڊائريڪٽر ميجر جنرل اڪبر خان، جنرل اسٽاف جو چيف ليفٽيننٽ جنرل گل حسن ۽ نيشنل سيڪيورٽي ڪميشن جو چيئرمين ميجر جنرل عمر خان شامل هئا. اهي سمورا سڌوسنئون صدر آڏو جوابده هئا. انهيءَ ڪابينا ۾ شامل ٻه سويلين، سول انٽيليجنس بيورو جو ڊائريڪٽر رضوي ۽ صدر جو اقتصادي معاملن بابت صلاحڪار ايم- ايم- احمد هئا. ساموونڊي ۽ هوائي فوج جو سربراهه وائيس ايڊمرل مظفر حسن (مظفر کي ايڊمرل ايس- ايم حسن جي جاءِ تي مقرر ڪيو ويو هو ۽ ايئر مارشل رحيم خان (جيڪو ايئر مارشل نورخان جو جانشين بڻيو) اوڀر ۽ اولهه پاڪستان جي چئني صوبن جي فوجي گورنرن ۽ مارشل لا ايڊ منسٽريٽرن فيصلو ڪندڙن جو ٻاهريون سرڪل قائم ڪيو.

صدارتي محل ۾ يحيٰ خان کان پوءِ اختيارن جي لحاظ کان باحيثيت صدر جو پرسنل اسٽاف آفيسر جنرل پيرزادو هو جيڪو عملي طور تي غيررسمي وزير اعظم ليکيو ويندو هو. جنرل پيرزادي جي هيٺان 'سپر سيڪريٽرين' طور سڃاتا ويندڙ ٻه برگيڊيئر رحيم ۽ ڪريم هئا، جن کي ترتيب وار مارشل لا ۽ سول معاملن جو ذميوار بڻايو ويو هو. 1958ع واري ايوبي ڪابينا ۾ سويلين کي ڏنل نمائندگي جي اُبتڙ يحيٰ خان اهڙي قسم جي ڪا پائيواري نه ڪئي.

ايئر مارشل نورخان ۽ ايڊمرل ايس- ايم حسن ترتيبوار فضائي ۽ ساموونڊي فوج جي سربراهن وارن عهدن تان استعفا ڏني ۽ اولهه ۽ اوڀر پاڪستان جا ترتيبوار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿيندڙ ٿيا، جڏهن ته انجي ابتڙ يحيٰ خان چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ۽ صدر هوندي به فوج جي ڪمانڊر انچيف وارو عهدو پاڻ وٽ رکيو. هن پاسي چيف آف اسٽاف ليفٽيننٽ جنرل حميد خان کي مڪمل جنرل جي رينڪ تي ترقي ڏني جيڪو سڌو سنئون يحيٰ خان جي ماتحتيءَ ۾ ڪم ڪندو هو.

ايوب خان وارن ڏينهن جي ڀيٽ ۾ يحيٰ دور جو هڪ اهم مسئلو فوجي آفيسرن جا پاڻ ۾ اختلاف هئا. حڪمران فوجي جنتا ۾ ڀڙيون ٽڪراءَ يحيٰ خان ۽ ايئر مارشل نور خان جي وچ ۾ ٿيو. نور خان ريڊيڪل سڌارن ذريعي پنهنجو پاڻ کي معتبر ثابت ڪرڻ ۾ رڌل هو. نور خان محلاتي سازشن جو شڪار ٿي ويو ۽ ليفٽيننٽ جنرل عتيق الرحمان کي سنڌس جاءِ تي مقرر ڪيو ويو. ايڊمرل احسن کي پڻ مارچ 1971ع ۾ اوڀر پاڪستان ۾ شروع ڪيل فوجي آپريشن سان اختلاف رکڻ ڪري نوڪريءَ مان خارج ڪيو ويو. سنڌس جاءِ جنرل ٽڪا خان سنڀالي.

ڪامورن جو ڪردار، ايوب خان واري دور جي ڀيٽ ۾ گهٽجي ويو. ايوبي حڪومت ۾ سول ۽ فوجي ڪامورن جي حصيداري هئي. سنڌس حڪمران اشرافيه ۾ ڪجهه جنرلن سان گڏ ڪي ڪامورا به شامل هئا. ايوبي دور ۾ ڪي سينيئر ڪامورا جن ۾ فدا حسن، عزيز احمد، الطاف گوهر ۽ قدرت الله شهاب شامل هئا، جيڪي ڪيترن ئي جنرلن کان وڌيڪ ايوب خان جي ويجهو هئا. انجي ابتڙ يحيٰ دور ۾ ڪامورا فقط پنهنجي آفيسن تائين محدود ڪيا ويا. نون حاڪمن جي خيال ۾ ايوب جي زوال جو هڪ سبب سول ڪامورن تي حد کان وڌيڪ ڀاڙڻ به هو.

ان ڪري 1969ع ۾ ڀڙيون ڀيرو جي- ايچ- ڪيو اهو فيصلو ڪيو ته فوج سولين اقتدار ۾ هڪ پائيوار واري حيثيت سان نه پر رياستي اقتدار جي واحد شريڪ طور عمل ڪندي. ان جو هڪ مثال جنرل پيرزادي جو هڪ بيان آهي، جنهن ۾ هن چيو ته:

"گذريل ڀيري سولين جي ڪيل حرڪتن جو ازالو اسان کي ڪرڻو پيو. هن ڀيري اسين سڀ ڪجهه پنهنجي سر ڪنداسين ۽ ان جو ڦل به اسين ئي کائينداسين."

نئين حڪومت جنوري 1970ع ۾ ڪجهه اهم ترين سول ڪامورن سميت 303 سول ڪامورن کي رشوت، عهدن جو غلط استعمال ڪرڻ جي ڏوهن هيٺ نوڪرين کان برطرف ڪيو.

پر جلدي يحيٰ خان ان حقيقت کان واقف ٿي ويو ته فوج انتظامي صلاحيت کان محروم هئڻ سبب سول انتظاميا جا معاملا هلائڻ جي اهل ناهي. تنهن ڪري هو سولين ڪامورن ڏانهن لڙيو. هن پاسي سرگرم واپارين، ڪامورن ۽ جنرل حميد ۽ پيرزادي جهڙن اعليٰ فوجي عملدارن جي دٻاءُ کي منهن ڏيڻ لاءِ يحيٰ خان مڪمل طور تي فوج تي ڀاڙڻ جڏي ڏنو.

ان ڏس ۾ سول ۽ فوجي اشرافيه تي ٻڌل صدارتي ڪابينا جوڙي وئي: ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪابينا ۾ شامل اهم ڪامورن حفيظ الرحمان (آءِ- پي- ايس)، سردار عبدالرشيد (آءِ- پي- ايس) ۽ ايم- ايم احمد ترتيبوار صنعتن ۽ قدرتي وسيلن، گهرو معاملن، ڪشمير جي معاملن، رياستن ۽ سرحدي معاملن جا وزير ۽ اقتصادي معاملن جو صلاحڪار مقرر ڪيا ويا. انهن سمورن اپائن جي باوجود يحيٰ دور ۾ ڪاموراشاهي فقط هڪ حصيدار ني ٿي سگهي، جڏهن ته ان جي ابتڙ ايوب شاهيءَ ۾ ان جي حيثيت فيصلي ڪُن هئي.

يحيٰ خان جي ڪابينا ۾ شامل ڪجهه وزير نوابزاده مظفر علي قزلباش، ۽ نوابزاده شير علي خان جهڙيون عوامي شخصيتون هيون، پر ڊسمبر 1970ع وارين چونڊن کان ترت پوءِ ڪابينا جي سول وزيرن کي گهر جي ٽڪيٽ ونڊائي وئي. جاڪاڻ جو ڪين پنهنجي عوامي پس منظر ڪري پاليسي ساز ادارن تي پنهنجو اثر ڪرڻ ۾ ڪاميابي پني حاصل ٿي، جڏهن ته فوجي حڪمران سمورن سويلين کي اقتدار کان گهڻو پري ڏسڻ ٿي چاهيو. ان رويي جو اظهار پاڪستان ۾ سياسي سرشتي کي جاري ڪرڻ ۽ چونڊن ۾ اڪثريت حاصل ڪندڙ عوامي ليگ کي اقتدار ڏيڻ کان نابري وارڻ واري فوجين جي ڪُڌي عمل مان پڻ ٿئي ٿو.

پر هڪ پاسي يحيٰ خان گڏريل حڪومت جي اُبتڙ نه رڳو سياسي پارٽين تي پابندي نه وڌي، نه ايبڊو ذريعي سياسي انتقامي حربن کي استعمال ڪيو ۽ نه ورق کي گرفتاريون ڪيون، پر اهو سڀ ڪجهه يحيٰ خان جي سياسي سرشتي سان همدرديءَ ڪري نه پر عوامي اُپار سبب هو. يحيٰ خان پنهنجي برادري (فوج) کي بچائڻ لاءِ هر ممڪن اُپاءَ ورتو. ان جو هڪ معمولي مثال غيرقانوني طور تي ڪٺا ڪيل دولت ضبط ڪرڻ وارن آرڊيننس مان ايوب خان جي پٽ گوهر ايوب کي بچائڻ هو جيڪو ملڪ جي اميرترين ماڻهن مان هڪ هو.

يحيٰ خان جي مارشل لا حڪومت ان نتيجي تي پهتي ته سرگرم سياسي شرڪت نه هئڻ ۽ اوڀر پاڪستان کي ڪنهن حد تائين خودمختياري نه ڏيڻ ڪري پاڪستان جو سمورو سياسي نظام ڊهي پٽ پئجي سگهي ٿو. انهيءَ نتيجي يحيٰ حڪومت کي 1970ع جي آخر ڌاري هڪ ماڻهو هڪ ووٽ جي بنياد تي سڄي ملڪ ۾ عام چونڊون ڪرائڻ تي رسايو. اِهو فيصلو پاڪستان جي سياسي ترقيءَ واري راهه ۾ هڪ اهم سنگ ميل هو.

يحيٰ خان، ايوب خان واري گول ميز ڪانفرنس ۾ بنگالين کي حق ڏيڻ کان انڪار واري عمل کي ڌوئڻ لاءِ بنگالين کي ٻه اهم حق ڏنا:

(1) اولهه پاڪستان ۾ ون يونٽ جو خاتمو.

(2) اوڀر ۽ اولهه پاڪستان جي بدران آباديءَ جي لحاظ کان نمائندگي. بيو نمبر حق بنگالين کي اسيمبليءَ ۾ اڪثريت ڏيارڻ لاءِ ڪافي هو. جڏهن ته بنگالين وارن ڇهن نقطن جي بنياد تي اوڀر پاڪستان کي خودمختياري ڏيڻ واري مطالبي تي فيصلو ايندڙ چونڊيل نمائندن تي ڇڏيو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فوجي جنتا مستقبل ۾ ملڪ جي آئيني سرشتي ۾ پنهنجي سگهاري حيثيت برقرار رکڻ لاءِ به طريقه ڪار لاڳو ڪيا. پهريون چونڊن جي نتيجي ۾ ملڪ اندر گهڻ- پارٽي سرشتو موجود هو ۽ چونڊيل اسيمبليءَ مختلف پارٽين جي لڳ ڀڳ توازن پيدا ڪرڻ واري حيثيت ۾ هوندي، ٻيو ته جيڪڏهن ڪا هڪ پارٽي قومي اسيمبليءَ ۾ قطعي حيثيت حاصل ڪري ٿي وڃي ته به جنرل يحيٰ خان حڪمران ٽولي جي مفادن کي ڇيهو رسائيندڙ آئيني بل کي رد ڪرڻ جو اختيار پاڻ وٽ ئي محفوظ رکيو هو.

پهرين جنوري 1970ع کان چونڊ مهم شروع ٿي ويئي. 1970ع وارين چونڊن ۾ چوويهن پارٽين حصو ورتو. پر انهن مان ڪيترين ئي معمولي حمايت رکندڙ هيون. چونڊ مهم دوران ئي اهو ظاهر ٿي ويو هو ته قومي پارٽيون سڏرائيندڙ جماعت اسلامي، پاڪستان جمهوري پارٽي ۽ مسلم ليگ جي ٽنهي گروپن کي معمولي عوامي حمايت حاصل آهي، جڏهن ته عوامي حمايت وارين پارٽيون عوامي ليگ ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي علائقائي پارٽيون بڻجي ويون هيون. اهو رجحان ايوب خان جي آخري ڏينهن ۾ ئي واضح ٿي ويو هو.

1970ع ۾ پاڪستان جون سياسي قوتون

کاٻي ڌر

(1) نيشنل عوامي پارٽي (ولي گروپ)
(2) نيشنل عوامي پارٽي (ڀاشاني گروپ)
(3) جاتيا گانامڪتي دل (نيشنل پيپلز لبريشن پارٽي)
(4) سنڌ يونائيٽڊ پارٽي (سنڌ صوبي تائين محدود)

وچٿريون پارٽيون

(1) عوامي ليگ
(2) پاڪستان پيپلز پارٽي
(3) پاڪستان ڊيموڪريٽڪ پارٽي
(4) پاڪستان مسلم ليگ (ٽيني گروپ)
(5) ڪرشڪ سرامڪ پارٽي (هاري ۽ پورهيت پارٽي)
(6) پاڪستان نيشنل ليگ
(7) پاڪستان نيشنل ڪانگريس

ساڄي ڌر

(1) آل پاڪستان سينٽرل جمعيت العماءِ اسلام ۽ نظام اسلام پارٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(2) جماعت اسلامي
(3) جمعيت العماءِ اسلام
(4) مرڪزي جمعيت اهل حديث
(5) مرڪزي جمعيت العلماءِ پاڪستان

چونڊن ۾ سوڀاريون ٿيندڙ ٻنهي پارٽين پنهنجي حمايتي بنيادن ۾ علائقائي هيون. عوامي ليگ اوڀر پاڪستان مان قطعي اڪثريت حاصل ڪئي، پر اولهه پاڪستان مان سندس ڪوبہ اميدوار سوڀارو ٿي نہ سگهيو. جڏهن تہ اولهه پاڪستان جي اڪثريتي اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽي کي اوڀر پاڪستان مان پيپلز پارٽيءَ پاران چونڊ وڙهڻ لاءِ هڪ اميدوار بہ نہ مليو. ان وقت کاٻي ڌر بہ مڪمل طور تي ورهايل هئي.

ٻنهي علائقن ۾ چونڊ مهم جا نعرا ۽ چونڊن کان پوءِ وارا مقصد بلڪل مختلف هئا. اوڀر پاڪستان ۾ عوامي ليگ مقابلي جي اهم ترين شريڪ هئي. ان کي کاٻي ڌر (نعپ جا ٻئي گروپ) ۽ ساڄي ڌر (جماعت اسلامي، پاڪستان جمهوري پارٽي ۽ مسلم ليگ جا گروپ) جي مخالفت جو مقابلو ڪرڻو پيو. عوامي ليگ جي چونڊ مهم جو اهم ترين نقطو ڇهن نڪتن جي بنياد تي نئون آئين جوڙڻ هو.

اولهه پاڪستان ۾ مقابلي جا ڪيترائي شريڪ هئا ۽ ڪنهن بہ هڪ پارٽيءَ کي اُها حيثيت حاصل ٿي نہ سگهي، جيڪا اوڀر بنگال ۾ عوامي ليگ کي حاصل ٿي هئي. اولهه پاڪستان ۾ اهم معرڪو 'پراڻي مدي خارج قيادت' ۽ 'نوجوان' روايتي پارٽين ۽ ايوب خان خلاف عوامي تحريڪ ۾ حصو وٺندڙ نون سماجي گروپن ۾ هو. فطري طور تي پيپلز پارٽيءَ پنهنجي نئين هئڻ ۽ نوجوان قيادت جي موجودگيءَ سبب نون سرگرم گروپن کي متاثر ڪيو. ڀٽي حمايت ۾ مختلف گروپن جي موجودگيءَ ڪري ڀٽي مختلف گروپن کي مختلف انداز ۾ مخاطب ڪيو ۽ مختلف گروپن جي سرگرم موجودگيءَ سبب پاڪستان پيپلز پارٽي ڪافي حد تائين وسيع ۽ گهڻ- طرفو پليٽ فارم نظر اچي رهي هئي.

1970ع وارين چونڊن، جيڪي هڪ ماڻهو هڪ ووٽ واري عالمي اصول تي ڪرايل پاڪستان ۾ پنهنجي نوعيت جون پهريون چونڊون هيون، اوڀر بنگال ۽ اولهه پاڪستان ۾ اختلافن کي اڃان تائين گهرو ڪيو. عوامي ليگ ٽي سؤ سيٽن مان هڪ سؤ سٺ سيٽون کٽي قطعي اڪثريت تہ حاصل ڪري ورتي هئي، پر اهي سموريون سيٽون بنگال مان کٽيل هيون، جڏهن تہ پيپلز پارٽي 81 سيٽون کٽي قومي اسيمبليءَ جي ٻيو نمبر وڏي پارٽي بڻجي وئي. پي- پي پنجاب ۽ سنڌ مان اڪثريتي سيٽون کٽندي، بنگال ۽ بلوچستان مان هڪ بہ سيٽ کٽڻ ۾ ناڪام رهي.

عوامي ليگ ۽ پيپلز پارٽيءَ جي اهم سوڀارين پارٽين واري حيثيت يحيٰ حڪومت کي پريشان ڪري وڌو، جنهن جي رٿابنديءَ ۾ مختلف پارٽين واري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'وڏيا- براڊ' اسيمبليءَ جو تصور هو. يحيٰ شاهي پنهنجي ليکي انومان ڪيو هو ته مخلوط حڪومت يا اسلامي پارٽين لاءِ رابطي واري بنيادي قوت جو ڪردار ادا ڪندي.

چونڊن کان پوءِ ملڪ ۾ ٽي قوتون ٽي ميدان ۾ رهجي ويون:

(1) يحيٰ شاهي. (2) عوامي ليگ. (3) پيپلز پارٽي. صورتحال انهن ٽنهي ۾ سهمت ٿي گهرجانو هئي، پر اهي ٽيئي پنهنجن پس منظرن ۽ پنيرائي ڪندڙ قوتن سبب هڪ ٻئي کان پري ٿينديون ويون.

عوامي ليگ جي بنگال ۾ اڪيلي سر سوڀ کيس بنگالي حقن جو واحد پرچارڪ بنايو. عوامي ليگ جا بنيادي حمايتي شاگرد، دانشور ۽ غيرمستحڪم پورهيت هئا. پارٽي پنهنجي سوڀ کي سوشلسٽ ۽ قومپرست ڪردار سان پيش ڪئي.

24- ڊسمبر تي ذوالفقارعلي ڀٽي هڪ تقرير ۾ واضح طور چيو هو ته: 'عوام اولهه پاڪستان ۾ پيپلز پارٽي کي ۽ بنگال ۾ عوامي ليگ کي اڪثريتي ووٽ ڏنو آهي. هاڻ اهي پارٽيون ئي ملڪ جو انتظام هلائڻ لاءِ ذميوار آهن." هُن وڌيڪ چيو ته پنجاب طاقت جو اصل سرچشمو آهي ۽ ان ڪري ڪنهن به سياسي ڳالهه ٻولهه ۾ ان کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. هُن هڪ ٻيو ڏکيائي پيدا ڪندڙ بيان جاري ڪيو جنهن ۾ مجيب جي هوڏ ٿيڻ تان ته لهڻ جي صورت ۾ قومي اسيمبليءَ جو بائيڪاٽ ڪرڻ ۽ ان ۾ شرڪت ڪندڙ ميمبرن جون ٽنگون ڀڃڻ جي ڌمڪي ڏنائين.

ڀٽي لاءِ اولهه پاڪستان واري نفسيات ڪري هڪ بنگالي (شيخ مجيب الرحمان) کي مرڪز ۾ حاڪم جي حيثيت سان برداشت ڪرڻ ناممڪن هو. ٻي پاسي مجيب عوامي ميڊيٽ سبب سخت موقف اختيار ڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي حق تي ڀئي سمجهيو. شيخ مجيب قومي اسيمبليءَ جي اڪثريتي پارٽيءَ جي اڳواڻ طور عمل ڪرڻ شروع ڪيو. هُن پارلياماني جمهوريت جي روايتن تحت چونڊن جي نتيجن کي اقتدار مڪمل طور تي عوامي ليگ جي حوالي ڪرڻ سان تعبير ڪيو. چونڊن کان هڪدم پوءِ عوامي ليگ جي قيادت اهو واضح ڪري ڇڏيو ته اها ڇهن نڪتن ۾ ڪابه ڦيرڦار نه ڪندي. مجيب اعلان ڪيو ته ڇهن نڪتن لاءِ عوامي تائيد کان پوءِ اهي سندس ذاتي يا عوامي ليگ جي ملڪيت ناهن رهيا. انهن ۾ ڦيرڦار کان انڪار ڪندي هن اعلان ڪيو ته ڪابه طاقت عوامي ليگ کي انهن نقطن تحت آئين ٺاهڻ کان روڪي نٿي سگهي.

مجيب الرحمان پاران ڀٽي کي اقتدار ۾ حصو ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ تي ڀٽي ڇهن نڪتن جي مخالفت کي پنهنجي سوديبازيءَ لاءِ استعمال ڪيو. ڀٽي يحيٰ خان کي قومي اسيمبليءَ جو اجلاس ملتوي ڪرڻ لاءِ زور ڀريو. ڀٽي چڱي ريت ڄاتو ٿي ته ڇهن نڪتن جي مخالفت ڪندي هو فوجي ٻرتيءَ وارن علائقن مان حاصل ڪيل ووٽن تي جذباتي سوديبازي ڪرڻ جي پوزيشن ۾ هوندو. اها ڪا ڳجهي ڳالهه نامي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنرل پيرزادي سان ويجها ناتا ته سنڌس فوجي جنتا جي اهم ٽنهي جنرل حميد ۽ جنرل پيرزادي سان ويجها ناتا هئا. ڪيترن حلقن ۾ ته اهي به جنرل يحيٰ بدران پنهنجي جا ماٿهو ليکيا ويندا هئا. ان صورتحال ۾ پڻ يحيٰ خان پاران قومي مفادن تي سوديبازي ڪرڻ جي صورت ۾ سنڌس لاءِ وڏو خطرو بڻجي ويو

ٻي پاسي جي- ايڇ- ڪيو ۾ به صورتحال انتهائي ڳنڀير ٿي چڪي هئي. جنرل حميد، جنرل عمر، جنرل ڪ. حسن ۽ جنرل پيرزادو اقتدار مڪمل طور تي سويلين ۽ خاص طور تي بنگالين جي حوالي ڪرڻ بدران ترڪيءَ واري انداز (فوجي ۽ سويلين گڏيل حڪومت) جا حامي هئا. پاڪستاني فوج پاران بنگالي تحريڪ سان مهاڏو اٽڪائڻ جو واحد سبب سنڌس خودمختياريءَ واري گهر نه هئي، پر عوامي ليگ پاران اقتصادي خودمختياري ۽ ممڪن طور تي فوج جي تعداد ۾ گهٽتائي وارو منصوبو هو.

ڇهن نڪتن مان گهٽ ۾ گهٽ به نڪتا فوج جي خودمختيار حيثيت ۽ قومي ناڻو خرچ ڪرڻ ۾ رڪاوٽ هئا. انهيءَ رٿا ته اوڀر بنگال کي سنڌس سموري پرڏيهي مٽاسٽا واري ڪاروبار تي ڪنٽرول جو حق حاصل هجي، جي نتيجي ۾ فوج ملڪي ناڻي ۽ پنهنجي بجيٽ جي هڪ وڏي حصي کان محروم ٿي وڃي ها. ان صورتحال ۾ فوج کي فقط آمريڪي امداد ۽ اولهه پاڪستان جي اُپت تي ڀاڙڻو پوي ها. جيڪا هر صورت ۾ بنگال جي حصي کان تمام گهڻو گهٽ هئي. ان کان سواءِ مقامي ٽيڪس ڪٺا ڪرڻ جو اختيار صوبن کي ڏيڻ ۽ قومي رٿائن (فوج سميت) تي خرچ ڪرڻ لاءِ هڪ ناڻي واري ڪميشن جوڙڻ جي تجويز پڻ فوج کي ملندڙ رقمن جي گهٽتائي جو سبب بڻجي پئي سگهي.

اوڀر بنگال جي اڪثريتي صوبو هئڻ جي باوجود به فوج ۾ تمام گهٽ تعداد هو. ان کان سواءِ ٽنهي فوجن جا هيڊڪوارٽرس ۽ لڳ ڀڳ سموريون هٿيار ٺاهيندڙ فيڪٽريون ۽ ٽريننگ سينٽر اولهه پاڪستان ۾ هئا. ان کان سواءِ بنگالي وقت بوقت اهو اظهار ڪندا رهندا هئا ته هو فوج تي قومي بجيٽ جو 60 سيڪڙو خرچ ڪرڻ جا مخالف آهن، جيڪو مڪمل طور تي غيرترقياتي خرچ هو. بنگالين کي ان ڳالهه تي به شديد ناءُ هو ته فوج ۾ اولهه پاڪستان (پنجاب) جي وڏي اڪثريت ڪري اقتدار جو سرچشمو سنڌس (بنگالي) هٿن ۾ نه هو. 1965ع واري جنگ مان بنگالين اهو سبق پرايو هو ته پاڪستاني فوج ڪنهن به پرڏيهي اڪرائيءَ جو جواب ڏيڻ جي پوزيشن ۾ ناهي ۽ ڇهن نڪتن واري چارٽر ۾ اوڀر بنگال لاءِ ڌار نيم فوجي مليشيا ٺاهڻ وارو نڪتو جڻ ته پاڪستاني فوج خلاف بي اعتماديءَ جو اظهار هو. ننهي ڳالهين فوجي حڪمرانن کي اقتدار بنگالين جي حوالي ڪرڻ کان روڪيو.

شيخ مجيب الرحمان جو هرهر اهو چوڻ هو ته سنڌس پارٽي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ پاڙيسري ملڪ ڀارت سان ويجها ناتا قائم ڪندي، اها ڳالهه به فوج کان هضم نه پئي ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پي پاسي پي- پي- پي جي فوج کي اجان تائين سگهارو بڻائڻ واري پاليسي ۽ ڇهن نڪتن جي ڇڙتي مخالفت. فوج هتان اوڀر بنگال ۾ عوام جو قتلام ڪرڻ لاءِ رستو صاف ڪيو. جيتوڻيڪ يحيٰ خان 15 مارچ تي ڍاڪا ۾ عوامي ليگ جي اڳواڻن ۽ شيخ مجيب سان آئيني گهوٽالي جي حل لاءِ ڳالهيون ڪري ويو، پر اهو ڇهن مڪل ماڻهو کي آڪسيجن ڏيڻ کان سواءِ ڪجهه به نه هو. 20 مارچ تي يحيٰ خان ۽ عوامي ليگ جي صلاحڪارن گڏيل پڌرنامو جاري ڪيو، جنهن ۾ عبوري دور لاءِ اقتدار منتقل ڪرڻ جو فارمولو طئي ڪيو ويو هو پر اهو پي- پي- پي ۽ ڀٽي کي قبول نه هو ڀٽي کي ٻه ڪميٽيون جوڙڻ ۽ پنهنجي علائقن لاءِ ڌار ڌار خودمختياري واري ڳالهه تي شديد اعتراض هو.

ان وقت هڪ پاسي مجيب الرحمان عوامي ليگ جي ريڊيڪل ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جي اثر ۾ هو ته ٻئي پاسي يحيٰ خان فوجي جنرلن، ذوالفقار علي ڀٽي ۽ پي- پي- پي جهڙين مجيب مخالف يا خودمختياري مخالف قوتن جي گهيري ۾ ڦاٿل هو. اهڙي منجهيل صورتحال نيٺ 25 مارچ 1971ع تي بنگال ۾ فوجي آپريشن جي راهه اختيار ڪئي، جنهن جي پڄاڻي 19- ڊسمبر 1971ع تي پاڪستان جي خاتمي ۾ ظاهر ٿي.

ان ريت فوج ۽ ڀٽي جي گڏيل رضامنديءَ سان بنگالين خلاف آپريشن شروع ٿيو جنهن جي ڪاميابي واري صورت ۾ بنگال ڪجهه عرصو وڌيڪ اولهه پاڪستان جي بيٺڪيت رهي، ها ۽ ناڪاميءَ جي صورت ۾ پاڪستان تي بنگالين جي راڄ ڪرڻ کان جان ڇٽي پوي ها.

يحيٰ خان جي زوال جو هڪ اهم سبب مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪجهه رعايتون ڏيڻ بدران صورتحال کي جيئن جو تيئن رکڻ واري هوڏ پڻ هئي. اهو درست آهي ته 1971ع وارن ڏکوئيندڙ واقعن ۾ رڳو يحيٰ خان ئي ملوث نه هو پر ٻيا به ڪجهه هٿ ان ۾ ملوث هئا. پر اِها ڳالهه ضرور سامهون آئي ته فوج وٽ سياسي مسئلا حل ڪرڻ جو ڏانءُ نه هو.

پاڪستان جي ٻنهي حصن ۾ اختلاف پاڪستان جي شروع کان ئي موجود هئا. يحيٰ خان واري رويي ته رڳو انهيءَ باهه تي تيل وجهڻ وارو ڪم ڏيکاريو. يحيٰ خان حڪومت وٽ ملڪ جي سياسي، سماجي ۽ معاشي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ترقياتي ڪمن ۾ جدت آڻڻ واري صلاحيت نه هئي. تنهن کان سواءِ يحيٰ خان وٽ خامورن ۽ پنهنجن صلاحڪارن جي من مستين کي قابو ڪرڻ جو فن به نه هو. انهن سمورين ڳالهين بنگالي عوام کي اهو احساس ڏياريو ته، هو هن ملڪ ۾ اجنبي ۽ ڌريگانا آهن.

بنگال جي آزاديءَ کان پوءِ 20- ڊسمبر 1971ع تي يحيٰ خان جي جاءِ تي ذوالفقار علي ڀٽي جو ملڪي صدر ۽ سِوِلين چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ٿيڻ انڊيا کان جنگ ۾ هارائڻ، بنگال جي ڌار ٿيڻ ۽ نوي هزار فوجين جي جنگي قيدي ٿيڻ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منطقي نتيجو هو حقيقت ۾ انهيءَ وارتا عوام ۽ اشرافيا ۾ پاڪستاني فوج جي سگهاري هئڻ واري ديومالائي ڪردار کي پڃي پورا ڪري ڇڏيو هو. 1971ع دوران سرڪاري پروپيگنڊا پاڪستانين کي بنگال جي صحيح صورتحال کان بي خبر رکڻ ۽ اولهه پاڪستان جي بچاءَ کان لاپرواهي اختيار ڪرڻ لڳي. ان صورتحال ۾ يحيٰ خان وٽ ان کان سواءِ ٻيو ڪوبه چارو نه هو ته هو اقتدار ڀٽي جي حوالي ڪري، ملڪ ۾ سويلين راڄ لاءِ رستو خالي ڪري.

سول اقتدار جي بحالي ان وقت ٿي، جڏهن ملڪ پنهنجي تاريخ جي خطرناڪ ترين گهوٽالي جو شڪار هو. ملڪ آڏو مسئلا لڳ ڀڳ 1947ع جهڙائي هئا. جن ۾ قومي سڃاڻپ جي ڳولا، ملڪي ڪرت هلائڻ ۾ سياسي اقتدار اعليٰ جي واڌ ويجهه، نئون آئين جوڙڻ، مرڪز ۽ صوبن وچ ۾ ناتن جي نوعيت ۽ سياسي پارٽين، فوج ۽ ڪاموراشاهيءَ جي ڪردار جو تعين به شامل هو.

ذوالفقار علي ڀٽي جو خيال هو ته سندس اقتدار کي ان وقت تائين ڪو جوکم ناهي جيستائين هو پنهنجي عوامي تائيد کي استعمال ڪندي فوج ۽ ڪاموراشاهيءَ کي ڪنهن حد تائين ڪوڙڻ ۾ جهڪائي نٿو رکي. ان ڏس ۾ خاص طور تي فوج جو اثر گهٽائڻ لاءِ هُن پروپيگنڊا ۽ سياسي قدم کڻڻ سان گڏوگڏ فوجي هاءِ ڪمان جي انتظامي معاملن ۾ ڪنهن حد تائين ڦيرگهير به ڪئي.

1971ع واري واقعن جي نتيجي ۾ فوج جو ڪردار ڪافي حد تائين شڪ جي نگاهُن سان ڏٺو پئي ويو، ڀٽي پاسي ذوالفقار علي ڀٽي اوڀر بنگال جي واقعن سان پنهنجي پاڻ کي اڃو ڪرڻ لاءِ فوج خلاف منظم پروپيگنڊا شروع ڪئي ۽ 1971ع واري ورهاڱي جو ذميوار فوج کي ٺهرايو. هُن اڳوڻي صدر جنرل يحيٰ خان کي گرفتار ڪري 1971ع جي اصلي ڏوهارين ۽ سببن جو پتو لڳائڻ لاءِ حمودالرحمان ڪميشن جوڙي. اها الڳ ڳالهه آهي ته ان ڪميشن جي رپورٽ هڪ ڀٽي پويان ايندڙ سڀ حڪومتن (ڀٽو، ضيا، جوڻيجو، غلام اسحاق، بينظير ڀٽو، غلام مصطفيٰ جتوئي ۽ نواز شريف) عوام لاءِ پڌري نه ڪئي آهي.

ڀٽي ان ڏس ۾ ڪيترائي سياسي قدم کنيا. جن ۾ نوي هزار فوجي جنگي قيدين کي ڀارتي قيد مان ڇڏرائڻ واري معاملي کي اينگهائڻ به شامل هو اها حقيقت آهي ته جيستائين اهي قيدي ڀارت جي قيد ۾ هئا، فوج جو ڀٽي سان رويو عاجزيءَ وارو هو.

ڀٽي ٻيو قدم ڪجهه فوجي عملدارن کي انفرادي طور تي سندن عهدن تان هٽائڻ جو کنيو. هن انهن فوجي عملدارن کي يا ته جبري طور تي رٽائر ڪيو يا ڪين سفير بڻائي پرڏيه اماڻيو. مثال طور ڊسمبر 1971ع ۾ فوج جي قائم مقام ڪمانڊر انچيف ليفٽيننٽ جنرل گل حسن ۽ ايئر مارشل رحيم خان کي ڇهن ٻين آفيسرن سميت پيشيور سرگرمين بدران سياست ۾ مداخلت ڪرڻ جي الزام هيٺ نوڪرين کان خارج ڪيو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ان کان سواءِ ڀٽي فوج تي سويلين ڪنٽرول لاءِ ان جي ھاءِ ڪمان ۾ اھم تبديليون پڻ ڪيون:

(1) ٽنھي فوجن جي سربراھن جو عھدو ڪمانڊر انچيف مان بدلائي ترتيبوار چيف آف آرمي اسٽاف، چيف آف نيول اسٽاف ۽ چيف آف ايئر فورس اسٽاف ڪيو. ٽنھي سربراھن کي جوائنٽ چيف آف اسٽاف ڪميٽيءَ جي تابع ڪيو ويو، جڏھن تہ ملڪ جي صدر کي ڪمانڊر انچيف بڻايو ويو.

(2) فوجي سربراھن جي عھدي جو مدو شروع ۾ چار سال، اڳتي ھلي 1975ع ۾ گھٽائي ٽي سال مقرر ڪيو ويو. حڪومت اھو بہ فيصلو ڪيو تہ ٽنھي فوجن جي سربراھن مان ڪنھن جي بہ عھدي واري مدي ۾ اضافو نہ ڪيو ويندو تہ جيئن ڪوبہ ڪمانڊر گھڻي وقت تائين پنھنجي عھدي تي رھي نہ سگھي. ان فيصلي جا بہ فائدا نظر اچن ٿا: ھڪ تہ گھڻا عرصي سبب ڪنھن بہ ڪمانڊر کي فوج ۾ پنھنجي لابي ٺاھڻ جا گھڻا موقعا مليا ٿي تہ ٻئي پاسي اُھي جونيئر آفيسر جيڪي ترقي ڪري مٿاھين عھدن تي پھچي پئي سگھيا، پنھنجي عھدي جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ سينيئر آفيسرن خلاف بغاوت ڪري پئي سگھيا.

(3) پاڪستان جي تاريخ ۾ پھريون ڀيرو فوج جي ذميوارين کي آئيني طور تي طئي ڪيو ويو. فوج کي وفاقي حڪومت جي ھدايتن تي ملڪ خلاف ٻاھرين اگرائي مھل بچاءُ ڪرڻ ۽ سول معاملن ۾ ضرورت پوڻ تي حڪومت جي مرضيءَ سان مدد ڪرڻ جو پابند بڻايو ويو. اھي ھونئن تہ فوج جون روايتي ذميواريون ھيون، پر انھن کي آئين ۾ شامل ڪرڻ سان فوج جي سول معاملن ۾ مداخلت وارن امڪانن کي گھٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان کان سواءِ فوج جي سربراھن کي آئين تحت حلف کڻڻو پيو، جنھن موجب ھو سياست ۾ ڪنھن بہ قسم جو حصو نہ وٺندا ۽ آئين ڪرڻ سان ھو آئين ٽوڙڻ جا ڏوھاري ليکيا ويندا ۽ 1973ع واري آئين جي ڇھين فقري ھيٺ آئين ٽوڙڻ جي سزا موت مقرر ڪئي وئي.

(4) آزاديءَ وقت سامونڊي فوج جو ھيڊ ڪوارٽر ڪراچيءَ ۾ بري ۽ ھوائي فوج جا ھيڊڪوارٽرس ترتيبوار راولپنڊي ۽ پشاور ۾ قائم ڪيا ويا ھئا. 1974ع ۾ سامونڊي فوج جو ھيڊڪوارٽر اسلام آباد منتقل ڪيو ويو تہ جيئن ٽنھي فوجن ۽ سول انتظاميا ۾ گھرو رابطو قائم رھي.

(5) سگھاري دفاعي سرشتو جوڙڻ لاءِ جوائنٽ چيف آف اسٽاف ڪميٽيءَ جو چيئرمين جو عھدو مستقل بنيادن تي جوڙيو ويو.

(6) ذوالفقار علي ڀٽي فيڊرل سيڪيورٽي فورس (FSF) نالي نيم فوجي قوت جوڙي، جيڪا سڌوسنئون سندس ڪنٽرول ۾ ھئي. ان کي وقت پوڻ تي فوج جي سول معاملن ۾ مداخلت جي مزاحمت ڪرڻ واري خيال سان ٺاھيو ويو ھو. ذوالفقار علي ڀٽي فوج تي پنھنجو ڪنٽرول وڌائڻ ۽ ان کي سول انتظاميا جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تابع رکڻ لاءِ 1976ع جي وچ ڌاري بچاءُ وارن معاملن تي هڪ وائيٽ پيپر پڻ جاري ڪيو. انهيءَ وائيٽ پيپر ذريعي فوج جي هاءِ ڪمان ۾ سڌارا آڻڻ جي نالي ۾ ان کي سڌوسنئون وزير اعظم جي ڪنٽرول ۾ ڏنو ويو. ٽڪا خان کي مڪمل وزير جي حيثيت جي برابر وزير اعظم جو قومي سلامتي بابت خاص صلاحڪار مقرر ڪيو ويو. يوسف بچ کي وزير اعظم جو خاص معاون (بچاءُ) مقرر ڪيو ويو. ليفٽيننٽ جنرل شريف کي جوائنٽ چيف آف اسٽاف ڪميٽيءَ جو چيئرمين بڻايو ويو. ليفٽيننٽ جنرل ضياءالحق کي ڇهن سينيئر آفيسرن جي موجودگيءَ ۾ چيف آف آرمي اسٽاف مقرر ڪيو ويو. هاءِ ڪمانڊ جي نئين جوڙجڪ وزير اعظم کي بچاءُ ڪائونسل جي چيئرمين واري حيثيت ۾ مٿاهين حيثيت حاصل ٿي وئي. ان ڪائونسل ۾ بچاءُ سان لاڳاپيل ڪاتن جا ڪجهه وزير ۽ سيڪريٽري، جوائنٽ چيف آف اسٽاف ڪميٽيءَ جو چيئرمين ۽ ٽنهي فوجن جا سربراهه ميمبر هئا. وزير اعظم کي بچاءُ وارن معاملن جو گهرو ۽ پرڏيهي معاملن سان ڳانڍاپي جو پڻ ذميوار بڻايو ويو.

فوج ۾ تبديلين کان سواءِ ڀٽي دور ۾ جيڪو ٻيو اهم گروپ پنهنجن اختيارن کان محروم ٿيو، اهو سول ڪامورن جو هو. جنهن وٽ ايوبي دور ۾ ملڪ جا اهم ترين اختيار هئا. ڀٽي پنهنجي دور جي شروعات مارچ 1972ع ۾ 1300 ڪامورن کي هڪ ڌڪ سان برطرف ڪري ڪئي. ساڳي قسم جو قدم صوبائي سطح تي پنجاب ۾ 281 آفيسرن خلاف، سرحد ۾ 165 آفيسرن خلاف ۽ سنڌ ۾ 75 آفيسرن خلاف کنيو ويو. ڀٽي حڪومت انهيءَ وڏي پيماني جي برطرفين جو سبب ڪامورن جي بدعنوان، مردو ڪاٺ هئڻ ۽ پنهنجي فرضن کان غافل رهڻ ٻڌايو. انهن مان ڪجهه آفيسر ايوب ۽ يحيٰ دورن ۾ سياستدانن خلاف شروع ڪيل مهم ۾ ڀٽي ۽ سندس ساٿين خلاف انتقامي ڪارروائين ۾ ملوث رهيا هئا. ڀٽي سي- ايس- پي ۽ ٻين قومي ادارن جي عملدارن جون خصوصي حيثيتون پڻ ختم ڪيون ۽ 1956ع ۽ 1962ع وارن آئينن ۾ اُبتڙ ڀٽي جي عبوري آئين (اپريل 1972ع ۾ لاڳو ٿيل) ۽ اپريل 1973ع واري مڪمل آئين ۾ کين کي به ضمانتون ڏنل نه هيون.

ڪاموراشاهيءَ واري مٿاهين حيثيت کي ٻيو ڌڪ ڀٽي حڪومت جي آگسٽ 1973ع ۾ ڪيل انتظامي سڌارن وسيلي لڳو. ان کان سواءِ ٻين پيشن سان لاڳاپيل ملازمن کي سي- ايس- پي آفيسرن ٿيڻ جي اجازت ڏيڻ پڻ منظم ڪاموراشاهيءَ کي ڪاپاري ڌڪ هنيو. ان ريت پاڪستان جي سياسي ۽ انتظامي زندگيءَ ۾ اهم فيصلا ڪرڻ وارو اختيار پهريون ڀيرو ڀٽو حڪومت ڪامورا شاهيءَ کان ڦري ورتو.

اقتصادي ميدان ۾ ڀٽي بينڪن، انشورنس ڪمپنين، لوهه ۽ فولاد جي فيڪٽرين، پيٽروڪيميڪل جي ادارن، گئس ۽ ٽريڪٽر ٺاهيندڙ فيڪٽرين کي قومي تحويل ۾ وٺي ملڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو پبلڪ سيڪٽر قائم ڪيو. ان عمل ۾ پاڪستان جي صنعتي شعبي جي ڪرنگهي واري هڏي ٽيڪسٽائيل ۽ ڪپهه جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صنعت کي نہ ڇيڙيو ويو. نہ وري ٻهراڙيءَ جي وڏن جاگيردارن کان زمينون ورتيون ويون. ڀٽي ملڪ جي ويهن امير ترين ڪٽنبن جي ڪيترن ئي ڀاتين کي گرفتار ڪيو. انهن ۾ پاڪستان جو ٻيو نمبر امير ترين شخص احمد دائود پڻ شامل هو.

پر ڀٽو حڪومت نہ تہ پرڏيهي سيڙپڪاريءَ جي مخالف هئي ۽ نہ ئي سرمائيدار دشمن هئي. انهن ئي ڏينهن ۾ حڪومت ملڪ جي ڪيترن ئي اهم سرمائيدارن سان ويجها ناتا قائم ڪيا. ان ڏس ۾ مئي 1972ع ۾ ڀٽي پاڪستان جي هڪ اهم سرمائيدار رفيق سهگل کي پي- آءِ- اي جو سربراهه مقرر ڪيو ۽ ڪراچيءَ جي صنعتي علائقن ۾ مزدورن تي گوليون وسايون.

سياسي، فوجي ۽ انتظامي شعبن ۾ پنهنجي ڌاڪ ڄمائڻ ۽ پنهنجن سگهارن مخالفن مان ڪافي حد تائين جان ڇڏرائڻ کان پوءِ ڀٽي ملڪ کي آئيني ۽ قانوني بنياد ڏيڻ تي ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو.

پاڪستان ۾ آئين جوڙڻ انتهائي مشڪل مرحلو هو. پهلو ۽ سندس مخالف ٻن بنيادي رجحانن ۾ ورهايل هئا: حڪومت جو نمونو ۽ صوبائي خودمختياريءَ جو مقدار. ڀٽي پنهنجي ڏاهپ سان انهيءَ ڳنڀير مسئلي کي حل ڪري ورتو. هو ان ڳالهه تي راضي ٿيو تہ ملڪ ۾ صدارتي راڄ بدران پارلياماني سرشتو لاڳو ڪيو ويندو ۽ 1962ع جي سياسي پارٽين واري ايڪٽ کي ختم ڪيو ويندو. جيتوڻيڪ ان ايڪٽ کي هن پهرين پنهنجي آئيني مسودي ۾ تحفظ پڻ ڏنو هو.

اها ڳالهه خاص طور تي نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي تہ جيتوڻيڪ ڀٽو پارلياماني سرشتي تي راضي ٿي ويو هو، پر اِهو سرشتو مڪمل طور تي يورپي انداز جو نہ هو. اهو نيم اسلامي ۽ نيم انڊين برانڊ جو هو. 1973ع واري آئين جا ڪيترائي فقرا اهڙا هئا، جن جو ٻين پارلياماني آئينن ۾ مثال نٿو ملي. مثال طور آئين جي هڪ فقري موجب وزير اعظم خلاف بي اعتماد واري رٽ پيش ڪرڻ وقت سندس جانشين جو نالو ڏيڻ ضروري هو. اهڙي رٽ بجيٽ سيشن دوران پيش نہ پئي ٿي سگهي ۽ هڪ ڀيرو اهڙي رٽ رد ٿيڻ جي صورت ۾ ايندڙ ڇهن مهينن تائين اهڙي ٻي رٽ پيش نہ پئي ٿي سگهي. وزير اعظم خلاف بي اعتماد واري رٽ جي حق ۾ ڏنل اهڙي ميمبر جو ووٽ خارج ڪيو ويندو، جنهن جي پارٽي رٽ جي مخالفت ڪندي. اِهو پاڪستاني سياست ۾ هلندڙ روايتن جو هڪ تسلسل هو، جنهن تحت حڪومتي ايوان تي بالادستي هر حال ۾ حاڪم جي ئي قائم رکڻي هئي.

ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي واعدي موجب نئين پاڪستان جي ڪافي حد تائين اڳواڻي ڪئي. سندس کنيل قدمن مان ٽي تمام گهڻي اهميت وارا هئا:

(1) هن ملڪ جي وفاقي بنيادن ۽ روايتن سان ٺهڪندڙ آئين جوڙيو.

(2) هو جمهوري سرشتي ۾ فوج جي ڪردار کي محدود ڪرڻ ۾ سوڀارو ٿيو ۽ ساڳي وقت تمام گهڻي طاقتور ڪاموراشاهيءَ کان سندس فيصلي ڪُن ڪردار کسڻ ۾ پڻ ڪامياب ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(3) مُن سوشلسٽ انداز جا ڪيترائي سڌارا ڪري ملڪ جي اقتصادي حالت کي بهتر ڪيو. هو هڪ سياسي سرشتو قائم ڪرڻ ۽ ملڪ کي ترقي جي راهه تي وٺي وڃڻ ۾ پڻ سوڀارو ٿيو.

سرحد ۽ بلوچستان ۾ جتي بي- پي- پي مخالف نعپ ۽ جمعيت العلماء اسلام جي گڏيل حڪومت هئي، پيپلز پارٽيءَ کي محب وطن ظاهر ڪرڻ تي زور پريندو رهيو. 1970ع وارين چونڊن ۾ انهن علائقن ۾ تقريباً اٽلپ پيپلز پارٽي بسمبر 1976ع ۾ اُتي حڪومتون ناهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي. حڪومتون ناهڻ لاءِ عام چونڊن بنان نام نهاد اڪثريت حاصل ڪرڻ تمام گهڻي عجيب ڳالهه لڳي ٿي، اها اڪثريت رشوت، بليڪ ميلنگ، اغوا، قتل ۽ جوٽيـن چونڊن ۾ ڌانڌلين ذريعي حاصل ڪئي وئي.

ان کان سواءِ مُن مخالف ڌر کي اسيمبليءَ کان ٻاهر آزاديءَ سان ڪم ڪرڻ نه ڏنو. نعپ تي پابندي مڙهي ويئي ۽ ان جي تصديق لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ ريفرنس داخل ڪيو ويو. بلوچستان ۾ فوجي آپريشن شروع ڪيو ويو.

ذوالفقار علي ڀٽي جي برداشت نه ڪرڻ واري اها رَوش خود سنڌس پارٽيءَ ۾ پڻ ظاهر ٿي. جنهن جو هڪ مثال پنجاب ۾ پارٽيءَ جي صوبائي صدر شيخ رشيد ۽ صوبائي جنرل سيڪريٽري غلام مصطفيٰ کر پاران ٻه ڌار ڌار پارٽي سيڪريٽريٽ قائم ڪرڻ هو.

اهڙي قسم جا اختلاف پارٽيءَ جي مرڪزي قيادت ۽ ڪابينا ۾ پڻ ظاهر ٿيا. ڪابينا ۾ شامل پيپلز پارٽيءَ جي ٻن اهم باني اڳواڻن ميان محمود علي قصوري ۽ معراج محمد خان پارٽي ڇڏي پنهنجي ڌار واٽ اختيار ڪئي. آڪٽوبر 1974ع ۾ ڀٽي پنهنجي پراڻن سائين جي اي رحيم ۽ ڊاڪٽر مبشر حسن کي پارٽيءَ مان خارج ڪري ڇڏيو.

1974ع کان پوءِ جڏهن پيپلز پارٽيءَ مان کابي ڌر جو رجحان رکندڙ اڳواڻ نڪري چڪا هئا، ڀاليسيون جوڙڻ، خاص طور تي اقتصادي شعبي وارو معاملو ڀٽي پنهنجي هٿ ۾ رکيو. انهن نَون اقتصادي قدمن ڀٽي جي نظرياتي حمايت ڪندڙ وچولي طبقي کي پارٽي کان پري ڌڪي ڇڏيو.

انهن اقتصادي محرومين کان سواءِ پيپلز پارٽيءَ ۾ گهڙي آيل پراڻن روايتي جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جي گروپ ڪري وچولو طبقو جيڪو پوءِ تيئن پوئتي ڌڪبو ويو ۽ انهيءَ عمل ان طبقي ۾ سماجي مايوسي پکيڙي ۽ اهو ان نتيجي تي پهتو نه پنهنجي بنيادي ڪرت ۾ ڀٽو حڪومت اڳوڻين حڪومتن کان ڪنهن ريت به مختلف ناهي.

نيٺ انهيءَ سماجي اُڀار ۽ مخالف ڌر جي تحريڪن کي (بلوچستان ۾ بلوچ تحريڪ، ٻولي وارا فساد ۽ 1977ع وارين چونڊن کان پوءِ پي- اين- اي جي تحريڪ) ڪچلڻ لاءِ ڀٽو فوج ڏانهن وريو. پنهنجي حڪومت جي شروع وارن ڏينهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فوج کي سول حڪومت جي تابع ڪندڙ ذوالفقار علي ڀٽو ان نتيجي تي پهتو ته هو ايستائين اقتدار تي رهي نٿو سگهي، جيستائين فوج سندس مڪمل وفادار نٿي رهي، ان ڪري هُن ماضيءَ جي حڪومتن کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ رقم فوج تي خرچ ڪئي ۽ فوج کي جديد ٽيڪنالاجيءَ ۾ پڻ ڪيائين. ڀٽو حڪومت جي شروعات ۾ پنهنجي ڪردار کي داغ لڳل فوج ڀٽي جي ڏيهي ۽ پرڏيهي معاملن ۾ قاسن مان فائدو وٺي هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجو پاڻ کي پس منظر مان ڪڍي پيش منظر ۾ آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي.

اندروني طور تي ڀٽي کي سياسي اُڀار جو مقابلو ڪرڻو پئي پيو، ته پرڏيهي محاذ تي هُن آڏو 18- مئي 1974ع تي ڀارت پاران راجستان ۾ نيوڪليائي ڌماڪو ڪرڻ ۽ افغانستان ۾ حڪومت جي تبديليءَ وارا مسئلا هئا. افغانستان جي نئين صدر سردار دائود پختونستان واري پراڻي دفن ٿيل مسئلي کي هڪ ڀيرو ٻيهر جيئرو ڪيو. اِن سموري صورتحال ۾ فوج جون همدرديون ۽ وفاداري حاصل ڪرڻ لاءِ ڀٽي ٽنهي فوجن جي اهم مرڪزن جا طوفاني دورا ڪيا ۽ اُتي تقريرون ڪندي هُن اها خاطري ڏياري ته سندس حڪومت فوج کي جيئن پوءِ تيئن سگهارو بڻائيندي. انهن ئي ڏينهن ۾ ڀٽي پارٽي ائٽم بم جي جواب ۾ پاڪستان جو اسلامي ائٽم بم ٺاهڻ جي ڳالهه ڪئي. فوج به ڪافي مرحلن تي مثبت جواب ڏيندي رهي. 1972ع کان 1977ع تائين ڀٽو حڪومت پنج ڀيرا فوج کي سول حڪومت جي مدد لاءِ سڏيو.

ڏيهي ۽ پرڏيهي حالتن جي غيرموافقت ڪري جنوري 1977ع ۾ ڀٽي چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو. مارچ 1977ع ۾ قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جون چونڊون ڪرايون ويون. پرڏيهي صورتحال (بنگلاديش ۾ هڪ ٻئي پويان فوجي بغاوتن جي سلسلي ۾ انڊيا ۾ هنگامي حالتن) ڀٽي کي انهن ٻنهي ملڪن کان بهتر جمهوري هئڻ ثابت ڪرڻ جو اهم موقعو ڏنو. ملڪي سطح تي ڀٽي کي يقين هو ته ملڪ ۾ ڪنهن به پارٽيءَ وٽ ڪوبه اڳواڻ ناهي، جيڪو ملڪ جي سربراهي ڪري سگهي. اليڪشني معرڪي ۾ پهريون ڌماڪو نون پارٽين تي ٻڌل پاڪستان قومي اتحاد (پي- اين- اي) جو قائم ٿيڻ هو. ڀٽي انهيءَ اتحاد کي حلوي جي ٻير تي وڙهندڙ ٻليون سڏيو. انهيءَ اتحاد ڀٽو مخالف سموريون پارٽيون، قوتن ۽ طبقن کي گڏ ڪيو. سماج جو سڀ کان متحرڪ وچولو طبقو به 1970ع جي اُبتڙ ڀٽي جو مخالف بڻجي ويو.

چونڊن جي نتيجي جي اعلان سان ملڪ پنهنجو پاڻ کي هڪ ڀيرو ٻيهر سياسي کهوٽالي ۾ قائل ڏٺو. پي- اين- اي حڪومت خلاف تحريڪ شروع ڪري ڏني، جنهن رتوڇاڻ واري شڪل اختيار ڪئي. اپريل جي آخر تائين اِها چڪتاڻ ملڪ جي اهم شهرن تائين پکڙجي ويئي. انهيءَ هنگامي حالت مان جان ڇڏائڻ لاءِ ذوالفقار علي ڀٽي 21 اپريل 1977ع تي پاڪستان جي ٽن اهم شهرن ڪراچي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حيدرآباد ۽ لاهور ۾ محدود مارشل لا لڳائي، اهي شهر فوج جي حوالي ڪيا. اها صورتحال پنجين جولاءِ 1977ع تي ملڪ ۾ مڪمل مارشل لا لڳڻ تائين قائم رهي، جڏهن ڀٽي جي ترقي ڏياريل چيف آف آرمي اسٽاف جنرل ضياءَ ملڪ تي مارشل لا مڙهي ڇڏي.

مارچ 1977ع وارين چونڊن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل صورتحال مان فائدو وٺي جنرل ضياءَ هڪ ڀيرو ٻيهر ملڪ کي مارشل لا جي غار ۾ ڌڪي ڇڏيو. اها مارشل لا ڪڏهن ٻنهي مارشل لائن کان وڌيڪ ڀوائتي، ڀڪهي ۽ ڀيڙا ڀري مڃي. 1977ع وارين چونڊن جي نتيجن يا مستقبل جي چونڊن جي طريقهءِ ڪار تي متفق نه ٿيڻ پيپلز پارٽي ۽ قومي اتحاد جي اڳواڻن کي نظربند ڪيو ويو. ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي ئي سياسي نظريي (عوام کي سياسي بڻائڻ) جو شڪار ٿي ويو، جڏهن عوام سندس غلط پاليسين کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. پنهنجي اقتدار جي آخري ڏينهن ۾ ڀٽي پنهنجي پيشروئن يحيٰ خان، ايوب خان، اسڪندرمرزا ۽ غلام محمد کان ڪهڙو مختلف نه هو. ٻي پاسي پاڪستان قومي اتحاد پڻ سول حڪومت تي فوجي ڌاڙي واري عمل ۾ برابر جو شريڪ هو. جنهن جي اڳواڻن ڀٽي جي سياسي حڪومت خلاف هلندڙ تحريڪ دوران فوج کي خط لکي مداخلت جي دعوت پڻ ڏني، پي- اين- اي چونڊن ۾ ڌانڌلين واري الزام کي ڪنهن به ڪورٽ ۾ ثابت ڪرڻ بدران ڪهڙين ۽ روڊن تي احتجاج شروع ڪيو. پي- اين- اي جو بنيادي مقصد ئي ڀٽي جو اقتدار ختم ڪرڻ ۽ ٻارتي اپوزيشن جنتا پارٽي وانگر اقتدار ماڻڻ هو. پر ان دوران پي- اين- اي اهو نه سوچيو ته سندن ٻانڪاٽ، هڙتال ۽ تشدد واري سياست خود سندس وجود ۽ ملڪ لاءِ ڪيتري نه خطرناڪ آهي. پي- اين- اي جي پرڪارن سول حڪومت مٿان فوج کي ميدان اچڻ لاءِ مجبور ڪيو. فوج، جيڪا بنگال ۾ شڪست کان پوءِ بلوچستان ۾ ڪيل آپريشن ذريعي پنهنجو پاڻ کي اهل ثابت ڪري چڪي هئي، تنهن اهڙو سونهري موقعو وڃائڻ ۾ ڪابه ويرم نه لڳائي.

پي- اين- اي ۾ موجود ڪجهه پارٽين خاص طور تي بنياد پرست جماعت اسلاميءَ کي چڱي ريت اهو احساس هو ته پيپلز پارٽيءَ جي سويلين حڪومت جي جانشين طور فوج اقتدار ۾ اچي پئي سگهي، پر انهن فوج کي روڪڻ لاءِ ڪي به اپاءَ نه ورتا. جاڪاڻ جو ڪين اهو به احساس هو ته هڪ ته پي- اين- اي، پيپلز پارٽيءَ جي متبادل طور اڪيلي سر حڪومت هلائي نٿي سگهي ۽ جيڪڏهن ڪين حڪومت ملي به ته هو ڪهڙي عرصي تائين گڏيل طور تي حڪومت هلائي نه سگهندا.

ان ڪري ئي مخالف ڌر جي پارٽين ۽ فوج ۾ اسلام جي نالي تي اڻ لکيل ڪجهه اتحاد جڙيو، جنهن جو اصل مقصد ڀٽي ۽ جمهوريت کي اقتدار کان هٽائڻ هو. فوجي هاءِ ڪمان ڀٽي جي 'غيراسلامي' حڪومت کي ڀاهي ان جي جاءِ تي 'اسلامي' حڪومت قائم ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڪستان ۾ ٽين فوجي بغاوت انتها درجي جي 'رجعت پرست فوجي راڄ' جو مظهر هئي. 1977ع واري فوجي حڪومت کي عوام ڪٺريل رد عمل سان ورتو. ملڪ ۾ جتي فوجين هٿان عوامي راڄ جي خاتمي تي ڪاوڙ موجود هئي، اتي ڪيترن ئي ماڻهن سک جو ساهه پڻ کنيو. ماڻهن جي اڪثريت هڪ ڀيرو ٻيهر فوجي حڪام تي اهو ويساهه رکيو ته اُها محدود عرصي (ضياءَ جي واعدي موجب نوي ڏينهن) لاءِ رهندي ۽ اقتدار هڪ ڀيرو ٻيهر عوام جي چونڊيل نمائندن جي حوالي ڪري واپس بيرڪن ڏانهن موٽي ويندي.

صدر (فضل الاهي چوڌري) ٽيڪنيڪل بنيادن تي پنهنجي عهدي تي ڪم ڪندو رهيو. جڏهن ته فوجي ۽ صوبائي اسيمبلين ۽ چئني گورنرن کي برطرف ڪيو ويو. جنرل ضياءَ، فوجي بغاوت واري ڏينهن 5 جولاءِ 1977 تي شام جو ريڊيو ٽي-وي تان پنهنجي پهرين تقرير ۾ فوجي مداخلت جا سبب ڄاڻائيندي چيو ته:

"هو نيٺ ان نتيجي تي پهتو آهي ته سياستدان ملڪ کي کوٽالي مان ڪڍڻ ۾ ناڪام ٿي چڪا آهن، ۽ پي- پي- پي ۽ پي- اين- اي بي اعتماديءَ واري فضا ڪري ڪنهن عزت ڀريي ناهه تي رسڻ کان قاصر آهن."

ساڳين ڏينهن تي برطانوي اخبار 'گارجين' کي انٽرويو ڏيندي جنرل ضياءَ انڪشاف ڪيو ته هني ڏريون ٽنهن کان چوٽيءَ تائين هٿيارن سان سٽيل هيون ۽ فوج جي مداخلت نه ڪرڻ جي صورت ۾ پاڪستان هڪ ٻيو لبنان بڻجي وڃي ها.

مارشل لا کي نوي ڏينهن تائين محدود رکڻ جو واعدو به جنرل ضياءَ پنهنجي پهرين تقرير ۾ ڪيو هو.

پاڪستان جي ٽين مارشل لا جا سمورا اظهاري بنياد مڪمل طور تي انقلابي هئا. ضياءَ جي حمايتي گروپن ۾ فوج، ڪاموراشاهي، زرعي اشرافيه ۽ مذهبي جنونتي شامل هئا.

اها ڳالهه نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي ته ايوب ۽ يحيٰ جي اُبتڙ ضياءَ نه رڳو فوج کي پنهنجي اقتدار لاءِ بنيادي ۽ پهريون ڏاڪو سمجهيو پر هُن فوج کي آئيني طور تي ملڪ لاءِ آخري قوت پڻ ڪرڻ پئي چاهيو. انهن ٻکهي عرصي وارن منصوبن تي، جن کي فوج کان سواءِ باقي ٻين اهم گروپن ٿڏي جڏيو هو، عمل ڪرڻ لاءِ جنرل ضياءَ ڪابينا ۽ سول ادارن جي سربراهيءَ ۾ ڊيوٽي تي حاضر ۽ رٽائرڊ فوجي عملدارن کي وڏي پئماني تي ڀرتي ڪيو. ان ڏس ۾ فوجي عملدارن کي نه رڳو بچاءَ، سڌ سماءُ، کهڙ معاملن، مواصلات، هائوسنگ ۽ پورهئي بابت وزارتن ۾ سيڪريٽري طور مقرر ڪيو ويو، پر ڪيترن ئي فوجي عملدارن کي جوائنٽ ۽ ڊپٽي سيڪريٽري طور پڻ مقرر ڪيو ويو. ان ڏس ۾ هڪ ٻي اهم تبديلي سمورن کاتن ۽ وزارتن ۾ اڳوڻن فوجين لاءِ ڪوٽا کي يقيني بڻائڻ هو. جنرل ضياءَ هڪ ڀيري چيو هو ته فوج مان هر سال پنجويهه هزار ماڻهو فارغ ٿين ٿا ۽ هو ڪين بي واهرو ڪرڻ نٿو چاهي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سول ادارن ۾ پڻ ڪين عزت ڀرين جاين تي رکڻ ٿو چاهي.

جيستائين سياست ۽ سياستدانن بابت جنرل ضياءَ جي رويي جو تعلق آهي، اهو تمام گهڻو ناهڪاري ۽ انتهاپسنداڻو هو. هُن سياستدانن تي معمولي مفادن لاءِ وڪامجڻ ۽ سندس معمولي ٻُڇڪار تي ڪتن وانگر پڇ لوڏي اچڻ جا ڪيترا الزام هنيا. ذوالفقار علي ڀٽي تي هُن ملڪ ۾ ڏڦيڙ پکيڙڻ جو الزام هنيو. سندس بقول ذوالفقار علي ڀٽي ملڪ ۾ ساڄي ۽ کاٻي ڌر، غريب ۽ امير، شاگرد ۽ پيرمٽ، هوند ۽ اڻهوند وارن ۾ اختلاف پکيڙي ڪين هڪٻئي سان ٽڪراءَ واري پوزيشن تي آڻي بيهاريو آهي. هُن جي چوڻ موجب اهو سڀ ڪجهه ڪنزيل حڪومت ڪجهه گروهن کي خوش ڪرڻ لاءِ شعوري طور تي ڪيو آهي ۽ انهيءَ ڏڦيڙ کي اسلامي نظريي واري مضبوط ۽ متحد مرڪزي حڪومت ذريعي ئي ختم ڪري سگهجي ٿو.

جنرل ضياءَ فوجي اشرافيه جي مقابلي ۾ سياسي اشرافيه ڏانهن دشمنيءَ وارو رويو رکندڙ هو. هُن هڪ هنڌ چيو:

"جيستائين ملڪي سلامتيءَ جو معاملو آهي، اِهو سياستدانن جي وس کان ٻاهر آهي. ملڪي سلامتيءَ لاءِ جوڳا اُپاءَ فقط ۽ فقط فوج ئي وٺي سگهي ٿي."

جنرل ضياءَ سويلين اقتدار ۾ فوج جي مستقل شرڪت کي يقيني بنائڻ لاءِ 'ترڪيءَ واري انداز' کي لاڳو ڪرڻ لاءِ ڪيترائي عملي اُپاءَ ورتا.

مستقبل جي سياسي سرشتي لاءِ جنرل ضياءَ ۽ سندس ساٿين مضبوط حاڪم، سياسي پارٽين کي محدود رکڻ ۽ ايوب خان واري بنيادي جمهوريت سان ملندڙ جلندڙ اڻسڌي نمائندگي کي اوليت ڏني. سمٿ هيمپ اسٽون کي هڪ انٽرويو ڏيندي جنرل ضياءَ چيو هو ته:

"اولهه واري جمهوريت ڪنهن به ريت پاڪستان لاءِ مناسب ناهي ۽ ڪنهن به آئيني سرشتي کي هيٺين ڳالهين جي ضمانت ڏيڻ کپي.

(1) چونڊيل صدر يا وزير اعظم جي اختيارن جو تعين.

(2) اسيمبلي ميمبرن کي وفاداريون مٽائڻ کان روڪڻ لاءِ وڌيڪ عملي اُپاءَ

(3) فوج کي آئيني ڪردار حاصل هجڻ. ضياءَ پنهنجو نقطهءِ نظر واضح ڪندي چيو ته سندس خيال ۾ پاڪستان لاءِ پارلياماني سرشتي بدران صدارتي راڄ وڌيڪ بهتر آهي. ان جو جواز ڏيندي هُن چيو ته مسلمان هڪ خدا، هڪ رسول، هڪ ڪتاب تي ايمان رکن ٿا، ان ڪري نفسياتي طور تي هو هڪ حاڪم کي ئي ڏسڻ چاهين ٿا."

ان کان سواءِ به ڪيترا عام چونڊون ملتوي ڪرڻ پڻ سندس سياست دشمنيءَ ۽ اقتدار تي قابض رهڻ واري خواهش جو اظهار آهي. پهرين آڪٽوبر 1977ع تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملڪي حالتون خراب هئڻ جو بهانو ڪندي جنرل ضياءَ عام چونڊون اڻ- ڄاتل مدي تائين ملتوي ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ساڳي وقت حڪومت مخالف سياستدانن خاص طور تي ذوالفقار علي ڀٽي خلاف سياسي انتقام طور احتساب جو عمل شروع ڪيو. ان ڪيس جي بنياد تي ئي تقريباً ڏيڍ سال پوءِ ڪيس ڦاسي ڏني وئي. چونڊ مهم جي انداز مان ئي جنرل ضياءَ اهو خطرو محسوس ڪري ورتو ته ڀٽي جي ڪرشماتي شخصيت جي موجودگيءَ ۾ پي- پي- پي جي سوپ يقيني آهي ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر پيپلز پارٽيءَ جو اقتدار ۾ اچڻ جو مطلب فوج کان رعايتون کسڻ کان سواءِ ڪجھ به نه هو.

ذوالفقار علي ڀٽي جي 4- اپريل 1979ع تي ڦاسيءَ کان پوءِ 17 نومبر 1979ع تي ٿيندڙ چونڊون ملتوي ڪرڻ جو بهانو افغانستان جي حالتن جو ڪيو ويو. ڪيترن ئي مبصرن موجب نومبر 1979ع وارين چونڊن کي ملتوي ڪرڻ جو اهم ترين سبب سيپٽمبر 1979ع ۾ ئي غيرجماعتي بلدياتي چونڊن جا نتيجا هئا. انهن چونڊن ۾ حڪومتي ڏاڍ مڙسي ۽ خرچن، حڪومت مخالف سياسي پارٽين تي تشدد، جنهن ۾ پي- پي- پي اڳواڻن کي نااهل ڪرڻ به شامل هو. عوام جي اڪثريت انهن اميدوارن کي ووٽ ڏنو، جن کي پيپلز پارٽيءَ جي پٺڀرائي حاصل هئي.

انهن چونڊن کي ملتوي ڪرڻ جو هڪ حقيقي سبب جنرل ضياءَ جو مُنڍ ذوالفقار علي ڀٽي جي پوٽ کان بچڻ پڻ هو. ذوالفقار علي ڀٽي هڪ ڀيري چيو هو ته "اها تاريخ هنن مرڻ بدران فوج هٿان مرڻ کي ترجيح ڏيندس ۽ ان صورت ۾ سهنجي قبر عوام جي وڌندڙ قافلي جي سرواڻي ڪندي" ڀٽي جي ان ڳالھ کي تاريخ درست ثابت ڪيو ۽ ڳڙهي خدا بخش جهڙي ڏورانهين علائقي ۾ موجود سندس قبر ايشيا جي مادل آمر جنرل ضياءَ سان ويڙھ ۾ رُڌل سمورن جوڌن لاءِ اُتساھ جو مرڪز بڻجي وئي.

ڪٽرپڻ فوجي حڪومتن جي پيٽ ۾ ضياءَ حڪومت اسلام لاڳو ڪرڻ واري نَس ۾ ڌڪ ڦڙتي ۽ جٽونيت جو مظاهرو ڪندي رهي. اسلامي سزائن جي نالي تي سرعام ڦاسين، ڦٽڪن ۽ عورتن کي به ڦٽڪن ۽ ايذاءَ ڪهڻ ۾ تشدد جو نشانو بنائي ضياءَ حڪومت هڪ پاسي وچ اوڀر جي اسلامي حڪومتن اڳيان سرخرو ٿيڻ ٿي چاهيو ته ٻئي پاسي پنهنجي عوام کي نفسياتي طور تي بيجان به ٿي چاهيو.

اسلامي نظام لاڳو ڪرڻ واري پروگرام مان جنرلن کي اهو فائدو هو جو سماجي ۽ اقتصادي سڌارا لاڳو ڪرڻ بدران هو رڳو اسلام جي نالي تي هيرو ٿي بڻي سگهيا ۽ نومبر 1984ع ۾ ڪرايل جنرل ضياءَ واري ريفرينڊم ۾ پڇيل سوال ته 'جيڪڏهن اوهان (ووٽر) اسلامي نظام چاهيو ٿا ته پوءِ ڇا (جنرل ضياءَ) پنجن سالن تائين اوهان جو صدر چونڊجي ويندس.' جي بنياد تي حڪومت جي مخالفت ڪرڻ جو مطلب اسلام جي مخالفت ڪرڻ سمجهيو ٿي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنرل ضياءَ پنهنجي اقتدار جي شروعاتي ڏينهن ۾ پاڪستان قومي اتحاد سان پرپور ذهني هم آهنگي قائم ڪئي. ان جا ٻه اهم سبب هئا:

(1) ملڪ جي اهم سياسي پارٽي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان دشمنيءَ واري روش هلندي، ٻي اهم قوت پاڪستان قومي اتحاد جي اخلاقي ۽ مادي مدد حاصل ڪرڻ.

(2) سول معاملا هلائڻ ۾ ڪنهن حد تائين سول ماڻهن (پي- اين- اي) جي مدد حاصل ڪرڻ. ان کان سواءِ جنرل ضياءَ جي مذهبي پس منظر کي پڻ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. هُن جماعت اسلامي جي پاليسين موجب شريعت ڪورٽون قائم ڪرڻ، عشر ۽ زڪواة جو سلسلو شروع ڪرڻ، ڏوهارين کي اسلام جي نالي تي وحشتناڪ سزائون ڏيڻ شروع ڪيون.

جيستائين جنرل ضياءَ جي حڪومت ۾ سول ڪاموراشاهيءَ جو تعلق آهي ته اُها هڪ ڀيرو ٻيهر حڪومتي ڪرت ۾ اهم حصيدار طور ڪم ڪرڻ لڳي. پر جنرل ايوب جي ابتڙ ضياءَ دور ۾ امن امان لاڳو ڪرڻ ۽ عدالتي سرشتو وغيره جون ذميواريون فوجين پاڻ وٽ ئي رکيون. اهم ۽ خاص طور تي سياسي ڪيس فوجي ڪورٽن ۾ هلڻ لڳا. فوجي ڪورٽن جي فيصلن کي ملڪ جي اعليٰ ترين ڪورٽ (سپريم ڪورٽ) ۾ به چيلينج نه پيو ڪري سگهجي.

اقتصادي شعبي ۾ جنرل ضياءَ اقتصادي اشرافيه جي حمايت ڪرڻ لاءِ سرمائيدارن، جاگيردارن، واپارين ۽ اُيرنڊڙ سرمائيدارن خلاف ڀٽو حڪومت جا کنيل سڌارا واپس ورتا ۽ ڪافي حد تائين ڀٽو حڪومت جي قومي ملڪيت ۾ ورتل ادارا هڪ ڀيرو ٻيهر سندس پراڻن مالڪن کي موٽائي ڏنا. پيپلز پارٽي جي حڪومت پاران 1976ع ڌاري قومي ملڪيت ۾ ورتل 579 ڪاٽن جننگ فيڪٽرين مان 297 مارشل لا لاڳو ٿيندي ئي پراڻن مالڪن کي موٽايون ويون. ٻئي پاسي سرمائيدارن کي اها به خاطري ڏني وئي ته مارشل لا حڪومت صنعتي ۽ ڪاروباري ادارن ۾ هڙتالن جي ڪنهن به صورت ۾ اجازت نه ڏيندي. ڪالوني ٽيڪسٽائيل ملز ملتان ۾ پوليس فائرنگ ان جو مثال آهي.

مارشل لا حڪومت جي هڪ ٻئي حمايتي ٽولي جاگيردارن ۽ زميندارن کي سندن ٻنين تان هارين کي بيدخل ڪرڻ لاءِ پوليس ۽ فرنٽيئر ڪانسٽيبلريءَ جي مدد رسائي وئي. ديهه مبارڪ واهه شهداد پور، پٽ فيڊر ۽ مالاڪنڊ ايجنسين ۾ هارين سان ڏاڍايون ان جا ڪجهه مثال آهن.

جنرل ضياءَ جي حڪومت ۾ وحشياڻين سزائن ۽ معاشري کي غيرسياسي بنائڻ جو سڀ کان گهرو اثر وچولي طبقي تي پيو. اهو طبقو عملي طور تي ملڪي جيوت کان لاتعلق ٿيندو، پنهنجي ذات تائين محدود ٿي ويو. انهيءَ عمل اَسُنديءَ طرح حڪومت کي سگهارو ڪيو. شاگرد تحريڪ تي ٻٽو وار ڪيو ويو. هڪ پاسي نوجوانن کي رياستي جبر جو نشانو بڻايو ويو ته ٻئي پاسي حڪومت جي سانڍ سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسلامي جمعيت طلبا، مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ ڪجھ ٻين شاگرد تنظيمن ترقي پسند، جمهوريت پسند ۽ قومپرست شاگردن تي هٿيار بند حملا ڪيا ۽ ڪيترن ئي حڪومت دشمن شاگردن کي موت جو ڪاچ بنايو. انهن ۾ نذير عباسي، رحمه الله، انجم، عبدالمالڪ خشڪ، احسان ميمڻ، حميد بلوچ، قدير عابد جاويد سميت سوين نوجوان شاگرد شامل آهن. انهيءَ هٺيءَ ڏاڍائيءَ جي نتيجي ۾ هڪ پاسي حڪومت مخالف شاگرد تعليمي ادارا ڇڏيندا ويا ته ٻئي پاسي اڻ- لاڳاپيل شاگرد نه چاهيندي به اسلامي جمعيت طلباءَ جي حمايت ڪرڻ تي مجبور ٿي پيا. سڄي ملڪ جي سمورن تعليمي ادارن ۾ شاگرد يونين تي پابنديون مڙهي، شاگردن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ ڪن رسٽيڪيٽ ڪيو ويو.

نوي ڏينهن ۾ چونڊون ڪرائڻ ۽ اقتدار عوام جي چونڊيل نمائندن جي حوالي ڪري، واپس بيرڪن ۾ وڃڻ واري پنهنجي بنيادي واعدي تان ڦرندي جنرل ضياءَ جي 'نگران' حڪومت يارهن سالن تائين مختلف بهانن ۽ حربن سان قائم رهي. ضياءَ حڪومت جون اوليتون هر هر بدلبيون رهيون. اهي چونڊن بدران احتساب ۽ اسلامي نظام، جهيڙي کي ٽارڻ بدران سماجي مسئلا حل ڪرڻ جي دعويٰ ڪرڻ ۽ عوام کي نئين سر اسلامي تعليم ڏيڻ ۾ به بدلجي ويون. جنرل ضياءَ هڪ ٻئي سان ٽڪر ۾ رڌل سياسي قوتن کي جهيڙي واري صورت مان ڪڍڻ بدران نئين اسلامي سماج جو بانيڪار بڻجي ويو.

افغانستان واري مامري جنرل ضياءَ کي قومي سلامتي جي نالي تي عوام کي بليڪ ميل ڪرڻ ۽ نار ۾ آمريڪي مفادن جي موجودگيءَ ڪري آمريڪا کان بي انتها فوجي مدد حاصل ڪرڻ جا سونهري موقعا ڏنا. پاڪستان جي صوبن بلوچستان ۽ سرحد جي قومي ڪارڪنن ۽ قومي تحريڪ کي ڪافي حد تائين بدقسمتيءَ سان هيرائي مڏو ڪيو ته ٻئي پاسي فوجي امداد ملڻ سان فوج جا پختون عملدار جنرل ضياءَ جا اڇان وڌيڪ حمايتي بڻجي ويا.

انهن بين الاقوامي حالتن سان گڏوگڏ جنرل ضياءَ کي خود ملڪي معاملن ۾ گهڻو تنگ ڪيو. عوامي اُڀار خاص طور تي سنڌ ۾ ذوالفقار علي ڀٽي کي لاهور هاءِ ڪورٽ پاران مارچ 1978ع ۾ موت جي سزا ٻڌائڻ کان وٺي 1983ع ۽ 1986ع جي ايم- آر- ڊي وارين تحريڪن تائين لاڳيتو ضياءَ مخالف تحريڪن کان سواءِ، يارهن مارچ 1980ع تي ضياءَ خلاف ڪرنل تجمل حسين جي قيادت ۾ ناڪام فوجي بغاوت. 23 مارچ 1980ع تي برگيڊيئر عثمان خالد پاران لنڊن ۾ جلاوطن پاڪستاني حڪومت ٺاهڻ. اٽڪ سازش ڪيس، جنهن لاءِ ڪيل گرفتارين دوران فوجي آفيسرن جي مزاحمت ۽ انهن مان ڪيترن جو مقابلو ڪندي مارجي وڃڻ ۽ ميجر آفتاب جي سربراهيءَ ۾ حڪومت مخالف سازش ڪرڻ جي الزام ۾ ڪيترن فوجي آفيسرن کي سزائون اچڻ. (ياد رهي ته ميجر آفتاب پنهنجي روشن خيال ڪردار سبب 1970ع ۾ بنگالين خلاف آپريشن دوران مڪتي باهني سان رابطو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري يحيٰ خان خلاف سازش ڪئجي وڃڻ لاءِ ڪالهيون پڻ ڪيون هيون. انهن ڪالهين سبب محترم آفتاب جي مڪدم ازله پاڪستان بدلي ڪئي وئي هئي.) ضياءَ جي [illegible]رسا ۽ ...ري پلان جي خالق جنرل فيض علي چشتي ۽ ٻين عملدارن جنرل ضياءَ ... رڪندي فوج ڇڏڻ جهڙن واقعن ضياشاهيءَ کي ڪافي حد تائين ڏونڌاڙي ڇڏيو هو.

ٻئي پاسي جنرل ضياءَ جا سويلين حمايتي به جيئن پوءِ تيئن گهٽبا ويا. جنرل ضياءَ جي مڪمل طور تي واحد حمايتي پارٽي 'جماعت اسلامي' به سازش ڪن پاليسين سبب اختلاف ڪرڻ لڳي. آڪٽوبر 1979ع وارين چونڊن جي ملتوي ٿيڻ تي پاڪستان قومي اتحاد جون ٽي اهم پارٽيون تحريڪ استقلال، جمعيت العلماءِ پاڪستان ۽ نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي اتحاد کان ڌار ٿي ويون. ذوالفقار علي ڀٽي جي پيدا ڪيل سياسي شعور کان ڊڄندي جنرل ضياءَ سياسي پارٽين جي شرڪت سان چونڊون ڪرائڻ جو جوکم نه کنيو.

حالتن جي خرابي ۽ خاص طور تي ايم- آر- ڊي پاران 14- آگسٽ 1983ع کان هلايل تحريڪ ۾ سنڌ جي سرگرم اڳواڻي جنرل ضياءَ کي ڪجهه رعايتون ڏيڻ تي مجبور ڪيو. هن 12- آگسٽ 1984ع تي اعلان ڪيو ته فيبروري 1985ع تي غيرجماعتي بنيادن تي عام چونڊون ڪرايون وينديون. انهن غيرجماعتي چونڊن جي نتيجي ۾، جنهن ۾ پيپلز پارٽي سميت ملڪ جي اهم سياسي پارٽين بائيڪاٽ ڪيو، چونڊجي آيل ميمبرن جي اڪثريت اسيمبليءَ ۾ مسلم ليگ جو پارلياماني گروپ قائم ڪيو. جنرل ضياءَ جي نامزد ڪيل ميرپورخاص واري اٺن جي واپاري محمد خان جوڻيجي کي وزير اعظم چونڊيو ويو. پر ساڳي وقت اسپيڪر جي عهدي لاءِ جنرل ضياءَ جو نامزد ڪيل اميدوار خواجا صفدر اسيمبليءَ جي هڪ لبرل ميمبر فخرامام کان هارائي ويو. جوڻيجي حڪومت ڪجهه عرصي کان پوءِ پنهنجو عوامي انداز ڏيکارڻ شروع ڪيو. جنهن ۾ افغان مسئلي جي حل لاءِ جنيوا ڳالهه متعلق ملڪ جي سمورين سياسي پارٽين جي اڳواڻن جي گول ميز ڪانفرنس گهرائڻ پڻ شامل آهي. اوجڙي ڪئمپ واري واقعي تي جوڻيجو حڪومت پاران جوڙيل ڪميٽيءَ ڪجهه فوجي عملدارن کي ان جو ذميوار سڏيو. افغان مسئلي ۽ اوجڙي ڪئمپ تي ڪميشن جوڙڻ تي فوجي عملدار محمد خان جوڻيجي کان ناراض ٿي پيا ۽ جنرل ضياءَ مئي 1988ع ۾ جوڻيجي جي پرڏيهي دوري دوران ڪيس برطرف ڪري ڇڏيو ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر قومي ۽ صوبائي اسيمبليون ٽوڙي ڇڏيون. هڪ دفعو وري چئني صوبن ۽ وفاق ۾ نگران حڪومتون جوڙيون ويون.

جنرل ضياءَ هڪ ڀيرو ٻيهر غيرجماعتي بنيادن تي چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو. پر 17- آگسٽ 1988ع تي بهاولپور ڀرسان هوائي فوج جي جديد ترين سي 130 جهاز سان حادثي، جنهن ۾ نه رڳو جنرل ضياءَ، پر فوج جا اڻ ڳڻيا اعليٰ عملدار ۽ پاڪستان ۾ آمريڪي سفير مارجي ويا. ان کان پوءِ واري [illegible]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سپريم ڪورٽ جي جماعتي بنيادن تي چونڊون ڪرائڻ بابت ڏنل فيصلي جي روشنيءَ ۾ پارٽي بنيادن تي چونڊون ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو. چونڊ مهم دوران سڀني سياسي پارٽين جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن، ٽيهي ۽ پرڏيهي اخباري نمائندن ۽ مبصرن جي توجه جو مرڪز جنرل مرزا اسلم بيگ ئي رهيو. جيڪو جنرل ضياءَ کان پوءِ چيف آف آرمي اسٽاف بڻجي ويو هو. چونڊن جي ٿيڻ يا نه ٿيڻ ۽ ملڪ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر مارشل لا لڳڻ جي امڪانن ۽ خطرن جي موجودگيءَ ۾ نومبر 1988ع ۾ سائين يارهن سالن جي وقفي کان پوءِ ملڪ ۾ جماعتي بنيادن تي چونڊون ٿيون. چونڊن جي نتيجن هڪ ڀيرو ٻيهر ملڪ ۾ سونجهاري واري صورتحال پيدا ڪري ڇڏي. ارڙهن سال اڳ يحيٰ خان واري انهيءَ رٿابندي ته، تمام گهڻين سياسي پارٽين واري اسيمبلي فوج لاءِ ڪارائتي ٿيندي، جو عملي روپ 1988ع واري اسيمبليءَ ڏنو. ڪنهن به پارٽيءَ کي اڪثريت حاصل نه ٿي هئي ڪري پيپلز پارٽي جيڪا ايوان جي سڀ کان وڏي پارٽي طور سامهون آئي هئي، ان کي تمام گهڻن شرطن سان اقتدار ڏنو ويو. پهرين ڊسمبر 1988ع تي محترمه بينظير ڀٽو وزير اعظم طور قسم کنيو. بينظير حڪومت جي شروع واري ڏينهن کان ئي مختلف مسئلا کڙا ڪيا ويا. پاڪستان جي وڏي صوبي پنجاب ۾ آءِ جي آءِ حڪومت قائم ڪئي وئي ۽ جنرل ضياءَ جو هڪ اهم ساٿاري نواز شريف پنجاب صوبي جو وڏو وزير بڻيو. هن پاسي ماضيءَ ۾ وگوڙي صوبو بلوچستان پڻ اڪبر بگٽيءَ جي قيادت ۾ پيپلز پارٽي مخالف پارٽين وٽ رهيو. سنڌ ۾ نسلي فساد پنهنجي زورن تي رهيا ۽ اطلاعن موجب حيدرآباد ۾ پڪو قلعو آپريشن دوران اُتان مٺ آيل هٿيارن کي، جن تي واهه آرڊيننس فيڪٽريءَ جي مهر لڳل هئي، فوج پاڻ سان کڻي وئي. ٺٺوڪي سنڌ واري ڪور ڪمانڊر آصف نواز انهن هنگامن دوران پاڪ لينڊ سيمينٽ فيڪٽريءَ جي پورهيتن جي بس تي فائرنگ جو ذميوار ان وقت جي سنڌ حڪومت کي ڪوٺيو. ڪجهه اخباري اطلاعن موجب جنرل آصف نواز ٺٺوڪي سنڌ جي وڏي وزير کي شوٽ ڪرڻ جي ڌمڪي پڻ ڏني. بينظير دور ۾ اخبارن کي مليل آزاديءَ جي نتيجي ۾ هڪ اخبار ۾ اهو تفصيلي طور تي شايع ٿيو ته حيدرآباد جي خوني وگوڙن ۾ هڪ خفيا ايجنسيءَ جا اهلڪار ڪهڙي ريت ملوث هئا.

بينظير حڪومت خلاف فوج جي اُتساٽي ۽ سڌي ريت مداخلت جاري رهي ۽ اطلاعن موجب بينظير خلاف قومي اسيمبليءَ ۾ بي اعتمادي واري پيش ٿيل رٿ لاءِ انٽيليجنس بيورو جو سربراهه برگيڊيئر امتياز مخالف ڌر جي سياسي اڳواڻن کان ڏاڍيڪ سرگرم هو. نيٺ ڇهه آگسٽ 1990ع تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڪثريتي ووٽن سان چونڊيجي آيل صدر غلام اسحاق خان بينظير حڪومت، قومي ۽ صوبائي اسيمبلين کي برطرف ڪري ڇڏيو ۽ ملڪ هڪ ڀيرو ٻيهر نگران حڪومتن جي ور چڙهي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نگران حڪومتن ۾ شامل ٿڻ نالن تي پيپلز پارٽي سميت ملڪ جو عوام تمام
گهڻي اچرج جو شڪار ٿيا. اهي جام صادق علي، جنهن کي هنگامن جي شڪار
سنڌ صوبي جو وڏو وزير ۽ غلام مصطفيٰ ڪر جنهن کي وفاقي وزير بڻايو ويو، سي
ٿي هئا. محترمه بينظير حڪومت وڃڻ کان پوءِ ڪيل هڪ پريس ڪانفرنس ۾
چيو ته ڪيس آءِ- ايس- آءِ انهن ٻنهي (جام صادق ۽ غلام مصطفيٰ ڪر) لاءِ ٻڌايو ته
اهي ڀارتي انٽيليجنس RAW جا ايجنٽ آهن. بعد ۾ بي نظير پڌرو اهو به
انڪشاف ڪيو ته ڪيس انٽيليجنس سروسز خاص طور انٽيليجنس بيورو ۽ آءِ-
ايس- آءِ آزاد حيثيت سان ڪم ڪرڻ نه ڏنو. آڪٽوبر 1990ع ۾ غلام مصطفيٰ
جتوئي جي قيادت ۾ نگران حڪومت عام چونڊون ڪرايون. آءِ- جي- آءِ جنهن 18
مهينا اڳ وارين چونڊن ۾ چڱي موچاري شڪست کاڌي هئي، سڄي ملڪ مان کٽي
حڪومت ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي. انهيءَ ڪاميابيءَ جو اصل سبب آءِ- جي- آءِ جي
باغي اڳواڻن نويد ملڪ ۽ زاهد سرفراز ڏانڊلي ٻڌايو. نويد ملڪ ته ايتري تائين چيو
ته انهن چونڊن جا نتيجا صدارتي محل ۾ انٽيليجنس بيورو جي ٺاهيل اليڪشن
سيل جوڙيا، جنهن جي سربراهي برگيڊيئر امتياز ڪري رهيو هو. آءِ- جي- آءِ
حڪومت ۾ به فوج جي سياسي معاملن ۾ مداخلت ۽ اثر مٿيرو رهيو. جنرل مرزا
اسلم بيگ جي رٽائرمينٽ وارن ڏينهن ۾ سڄي ملڪ ۾ اهي انومان ڦهليل هئا ته هو
چيف آف آرمي اسٽاف وارو عهدو ڇڏڻ بدران ملڪ ۾ مارشل لا هڻندو. ملڪي
ڪاروبار ۾ فوجي اثر جو ان ڳالهه مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته نئين چيف آف
آرمي اسٽاف جنرل آصف نواز کان هر موقعي تي هڪ سوال لازمي طور تي پڇيو
ويندو اهي ته هو مارشل لا ڪڏهن ٿو هڻي؟

هڪ پاسي سنڌ جي ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندڙ صورتحال تي پڻ جنرل آصف
نواز جا ريمارڪس ۽ سول حاڪمن صدر، وزير اعظم ۽ سنڌ جي وڏي وزير سان
سندس ڳالهيون به سياسي عمل ۾ فوجي مداخلت جون ثابتيون آهن. اها ڳالهه واضح
ٿي چڪي آهي ته سنڌ جي وڏي وزير واري تبديليءَ تي فوج جو پنهنجو نقطهءِ نظر
آهي ۽ اها هر صورت ۾ پنهنجي ماڻهو کي سنڌ جو وڏو وزير ڏسڻ چاهي ٿي،
جيڪو فوج جي سنڌ ۾ ڪاررواين تي ڪوبه اعتراض نه ڪري.

اڃا ته هڪ نظر پاڪستان ۾ ٿيل ٽنهي فوجي بغاوتن جي هڪجهڙاين ۽ فرقن
تي وجهون. انهن ٽنهي بغاوتن جي اندازن ۽ طريقهءِ ڪار، اشرافيئي جوڙجڪن ۽
حمايتي بنيادن، رياستي بيهڪن، پاليسين ۽ ڪارڪردگين ۾ هڪجهڙاين سان
گڏوگڏ اڻ ڳڻيا فرق به نظر اچن ٿا.

اهي ٽيئي بغاوتون مڪمل طور تي اندروني حالتن جو نتيجو هيون. اهي ڪنهن
به ٻاهرين خطري جي جواب ۾ ملڪي قومپرستيءَ جو اظهار نه هيون. ملڪ ۾
ٽنهي فوجي مداخلتن جي موقعي تي اها دعويٰ ڪئي وئي ته فوج ملڪ ۾ پکڙيل گند
صاف ڪرڻ، ملڪ کي ٽوڙ ڦوڙ ۽ وکري کان بچائڻ جيڪو سياستدانن جي ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ اعليٰ حڪومتي سطح تي پکڙيل بدعنوانين کي ختم ڪرڻ لاءِ انتهائي مجبوريءَ جي حالت ۾ اقتدار سنڀالي رهي آهي. پر مئي 1960ع واري ترڪي ۾ ٿيل فوجي بغاوت، جنهن جو سبب مينڊرس ۽ سندس ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي غيرآئيني ۽ اقتدار خلاف قدم کڻڻ هو. جي ابتڙ پاڪستان ۾ فوجي مداخلت ڪنهن به آمريت کي ختم ڪرڻ لاءِ نه ڪيو آهي. پاڪستان ۾ فوجي مداخلت لاءِ سولائي جو سبب ملڪ ۾ جمهوري ۽ آئيني ادارن جو سگهارو نه هئڻ آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ پاسي عوامي حمايت رکندڙ سياستدان توازن رکي نه سگهيا آهن ته ٻي پاسي فوج کي اقتدار تي قبضو ڪرڻ جي ڪا سزا نه ملي آهي. جيتوڻيڪ ٽيئي فوجي بغاوتون سياسي صورتحال جي خراب هئڻ ڪري ٿيون، پر بنيادي طور تي هر بغاوت ٻين کان بنهه مختلف هئي.

جنرل يحيٰ ۽ جنرل ضياءَ کي ورثي ۾ مليل صورتحال 1958ع واري پهرين مارشل لا کي ورثي ۾ مليل صورتحال جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻي خراب هئي. جيتوڻيڪ يحيٰ خان واري مارشل لا جو انداز 1958ع واري مارشل لا جهڙو ئي هو پر عوام جي سياسي سرگرمين ۾ سرگرم شرڪت سبب 1969ع ۾ ملڪي حالتون ريڊيڪل انداز ۾ بدلجي چڪيون هيون. 1958ع ۾ عوام سياست جي نالي تي ٿيندڙ اقتدار جي ٻوڙ کان ايترو ته تنگ اچي چڪو هو جو، مارشل لا خلاف هڪ ٻُڙڪ به نه ٻولي وئي. جڏهن ته 1969ع ۾ عوام جي سياسي طور تي باشعور هئڻ ڪري فوجي حاڪمن کي آئيني ۽ حڪومتي سطح تي سياسي قدم کڻڻا پيا. ايوبي حڪومت خلاف پنجن مهينن واري تحريڪ هر رياستي اداري کي ڏونڌاڙي چڪي هئي. 1958ع جي ڀيٽ ۾ ملڪ، ساڄي ۽ کاٻي ڌر جي ٽڪراءَ، علائقائي جذباتيت ۽ ٻين مسئلن جو شڪار هو. 1969ع ۾ ملڪ جي پنهنجي حصن جي شهرن ۾ عوامي اُڀار پنهنجي انتها تي هو. پر 1969ع ۾ يحيٰ خان پنهنجي پيشرو ايوب خان ۽ ٻئي جانشين جنرل ضياءَ وانگر اقتدار تي زوري قبضو نه ڪيو هو پر ايوب خان خود پنهنجي هٿن سان اقتدار يحيٰ خان جي حوالي ڪيو هو.

جيتوڻيڪ ٽئين فوجي حڪومت پڻ پهرين فوجي حڪومت وانگر سياسي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري اقتدار تي قابض ٿي هئي، پر 5- جولاءِ 1977ع واريون حالتون آڪٽوبر 1958ع کان تمام گهڻيون مختلف هيون. 1977ع ۾ عوام جي ڪجهه حصن ۾ رياستي مشينريءَ ۾ خوني چڪريون ٿي رهيون هيون، پي. اين. اي 1977ع وارين چونڊن جي نتيجن کي هر صورت ۾ نه مڃڻ واري هوڏ تي بيٺل هئي. پر اهو ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته پهرين ۽ ٽئين مارشل لا سول قيادت کان اقتدار کسي فوج ۽ سول ڪاموراشاهيءَ جي حصيداريءَ جي حوالي ڪيو هو. جڏهن ته يحيٰ خان واري ٻي مارشل لا فوجي سربراه جو فقط چهرو بدلايو هو.

ٽنهي فوجي بغاوتن مهل فوجي حاڪمن خراب ملڪي حالتن جو ذڪر ڪندي، انهن کي بهتر بڻائڻ لاءِ پنهنجي اداري (فوج) کي ملڪي مفادن جو بهتر نگهبان سڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنرل ضياءَ جي پهرين تقريرن جا نُڪتا ۽ ڪافي حد تائين جملا به ايوب خان ۽ جنرل ضياءَ جي پهرين تقريرن جا نُڪتا ۽ ڪافي حد تائين جملا به ساڳيا هئا ته فوج فقط ۽ فقط ملڪ کي بچائڻ لاءِ ميدان ۾ آئي آهي ۽ سياست سان سندس ڪوبه واسطو ناهي. پاڪستاني تجربي مان اها ڳالهه سامهون آئي آهي ته جڏهن به سياستدان ڪنهن کهڙتالي کي ختم ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا آهن ته فوج خاموش تماشائي ٿي رهڻ بدران، اڳتي وڌي سمورو انتظام پنهنجي هٿن ۾ سنڀالي سياستدانن کي گهر اُماڻي ڇڏيو آهي. انهيءَ فوجي بغاوت مهل ڪيل اها دعويٰ ته فوج ملڪي مفادن جي بچاءَ لاءِ اقتدار تي قبضو ڪيو آهي، عملي طور تي بلڪل غلط ثابت ٿي آهي.

پاڪستان ۾ ٽيندڙ ٽيني فوجي بغاوتون بنان ڪنهن رتوڇاڻ جي ۽ تمام گهڻي سولائي سان ٿيون آهن. ٽنهي فوجي جنرلن ايوب خان، يحيٰ ۽ ضياءَ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر وارا عهدا سماجي ۽ سياسي قوتن جي ڪنهن مزاحمت بنان ماڻيا آهن. اها الڳ ڳالهه آهي ته ٽنهي جنرلن کي اڳتي هلي عوامي مزاحمت کي منهن ڏيڻو پيو آهي. ان جو سبب اهو ٿي آهي ته ملڪ ۾ فوج کان سواءِ ڪوبه ادارو ايترو منظم ۽ سگهارو ناهي. ايوب جي مارشل لا کي عوام جي وسيع تر حلقن مسئلن کان اڳي طور ورتو، جڏهن ته يحيٰ ۽ ضياءَ جي مارشل لڳائڻ تي عوام جو گاڏڙ ساڏڙ ردعمل هو. جاڪاڻ جو 1958ع جي ڀيٽ ۾ 1969ع ۽ 1977ع ۾ عوام وڌيڪ باشعور بڻجي چڪو هو ۽ فوجي راڄ جي اُڪرن نتيجن کان چڱي ريت واقف هو. 1958ع جي ڀيٽ ۾ 1969ع ۽ 1977ع ۾ سياستدانن جو اثررسوخ سماج جي هر حصي ۾ ٿورو گهڻو موجود هو.

جيستائين انهن بغاوتن جي انداز جو تعلق آهي ته پهرين بغاوت جي اُبتڙ ٻي ۽ ٽي بغاوت جو ڪردار 'سڌارڪ' نه هو. اهي ٿورڙي عرصي لاءِ اقتدار ۾ اچڻ ميون. اها الڳ ڳالهه آهي ته اڳتي هلي انهن پنهنجو مقصد نگران حڪومت ڪان ڦيرائي مستقل راڄ ڪرڻ کي بڻايو.

اِها به دلچسپ ڳالهه آهي ته پاڪستان جي ٽنهي چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽرن کي سندس واري بنان عهدن تي ترقي ملي هئي ۽ هنن فوجي راڄن دوران اقتدر جا سمورا اختيار فوج جي سربراهه ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جي حيثيت ۾ پاڻ وٽ رکيا.

پهرين ۽ ٽين مارشل لا کي سندن شروعاتي ڏينهن ۾ ملڪ جي اعليٰ عدالتن با جواز سڏيو، جڏهن ته ٻي مارشل لا کي غير قانوني ۽ يحيٰ خان کي غاصب سڏيو ويو. ان جي باوجود ته جنرل ضياءَ واري مارشل لا کي سپريم ڪورٽ 'ضرورت واري نظريي' هيٺ قبول ڪيو هو پر اها ڳالهه چٽي طرح واضح آهي ته آمريتي دور ۾ اعليٰ عدالتون پڻ آمريتي لانگ بوٽن جي دٻاءَ کان بچيل نه هونديون آهن.

ٽنهي فوجي حڪومتن جا حمايتي بنياد فوج، ڪامورا شاهي ۽ سندن استحصالي طبقا رهيا آهن. جيتوڻيڪ ٽنهي مارشل لائن ۾ فوج اقتدار جي سرچشمي کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڌي حصيدار رهي آهي، پر فوجي عملدارن ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر/ صدر وچ ۾ ناتا هڪ جهڙا نه رهيا آهن. ايوب خان جي حيثيت فوجين جي مالڪ جهڙي هئي ۽ هن وٽ عملي طور تي اڻترو اختيار ۽ قوت هئي جو باقي سمورن فوجي عملدارن کي ڪنٽرول ڪري پئي سگهيو. يحيٰ شاهي فوجي عملدارن جي گڏيل حڪومت نظر اچي ٿي ۽ جنرل يحيٰ اڪيلي سر ڪجھ به نه هو. جڏهن ته جنرل ضياء ناڪام فوجي بغاوتن ۽ اعليٰ فوجي عملدارن جي استعفائن جي باوجود ڪافي حد تائين فوج ۾ مٿاهين حيثيت جو مالڪ نظر آيو.

جيستائين فوج ۽ سول ڪاموراشاهيءَ جي ڳٺ جوڙ جو تعلق آهي ته ٽنهي فوجي حڪومتن ۾ فوج ۽ سول ڪاموراشاهيءَ جو مضبوط اتحاد نظر اچي ٿو. فوجي بيوروڪريسي ٽنهي مرحلن تي تمام جلدي سول ڪاموراشاهيءَ سان ناتا جوڙي ورتا. اهي ناتا ملڪي مفادن لاءِ نه پر فوج جي سول معاملا هلائڻ ۾ ناتجربيڪاريءَ واري مجبوري ڪري جُڙيا هئا. پاڪستان جي فوجي ۽ سول ڪاموراشاهيءَ جو پس منظر، تربيت ۽ انداز ذري گهٽ هڪ جهڙو رهيو آهي. ايوبي حڪومت ۾ ڪاموراشاهيءَ کي حڪومتي معاملن ۾ اهم حيثيت حاصل هئي ۽ سندس ڪابينا ۾ فوجين کان وڌيڪ سول ڪامورا هئا، جڏهن ته يحيٰ ۽ ضياء جي حڪومت ۾ سول ڪاموراشاهي اقتدار جي جونيئر حصيدار هئي.

سماجي بنيادن جي لحاظ کان ٽنهي فوجي حڪومتن سياسي حمايت لاءِ زميندارن ۽ سرمائيدارن تي ڀاڙيو. ايوب خان پنهنجي شروعاتي دور ۾، ڳوٺاڻي وچولي طبقي سان تعلق رکڻ ڪري، پنهنجي طبقي کي نوازيو ۽ 1959ع ۾ زرعي سڌارن جو اعلان ڪيو، پر انهن تي ڪو خاص عمل نه ٿيو. اڳتي هلي ايوب خان به 1969ع وارين بنيادي جمهوري چونڊن ۾ زميندارن کي نوازڻ لاءِ سندن هٿ ڪليل ڇڏيا. ساڳي طرح جنرل ضياء به پنهنجي شروعاتي ڏينهن کان فوج، ڪاموراشاهي، زميندارن ۽ سرمائيدارن جي مفادن جو خيال پئي رکيو. پنهنجي اقتصادي پاليسين ۽ انتظامي اُپائن ۾ جنرل ضياء فوج ۽ زميندار طبقي جي مفادن کي هميشه اوليت پئي ڏني. ايوب شاهيءَ ۾ سرمائيدارن جون پاليسيون جوڙڻ تي اثررسوخ رسمي کان هر طور وڌيڪ هو. انهن ڏينهن ۾ اڀرندڙ سرمائيندار طبقي جو ڪردار ظاهر ظهور کان وڌيڪ ڳجهو هو. هُن وڏن فوجي عملدارن ۽ اهم ڪامورن سان غيررسمي تعلقات ڳنڍي پنهنجي لاءِ موزون اقتصادي پاليسيون جوڙايون ۽ مالي فائدا حاصل ڪيا. ٻئي پاسي جنرل ضياء جي حڪومت ان جي اُبتڙ پنهنجي سر قومي ملڪيت ۾ ورتل ادارا واپس پراڻن مالڪن کي موٽائڻ ۽ ٽريڊ يونين مخالف پاليسيون جوڙي مٿاهين طبقن سان بهتر ناتا جوڙڻ واري پنهنجي خواهش جو اظهار ڪيو.

ٽيئي فوجي حڪومتون شهري طبقن ۽ پرڙهن، وڪيلن، ڊاڪٽرن، استادن، شاگردن ۽ پورهيتن کي پنهنجي خلاف هلندڙ عوامي تحريڪن کان ڌار ڪري نه سگهيون. ايوب جي پاليسين خاص طور تي دانشورن ۽ پورهيتن کي مايوس ڪيو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهي ايوب خلاف تحريڪ جو سرگرم نظرياتي ۽ عملي حصو بڻجي ويا.

ضياءَ جي ڪيترن ئي سماجي ۽ اقتصادي پاليسين، جن ۾ پورهيت دشمن پاليسيون ۽ اسلامي قانون شامل هئا، شهري وچولي طبقي کي سنڌس حامي رهڻ نه ڏنو. وڪيلن، ڊاڪٽرن، استادن، شاگردن ۽ ٻين پيشيور برادرين جا جنرل ضياءَ سان اختلاف ۽ احتجاج ان ڳالهه جو ثبوت آهن.

جيستائين فوجي حڪمران پاران مستقبل جي سياسي جوڙجڪ جو تعلق آهي ته جنرل ايوب ۽ ضياءَ پنهنجي مضبوط اقتدار، صدارتي حڪومتن، اڻسڌين چونڊن، ڪمزور سول ادارن ۽ محدود راءِ جي حق پنهنجي اوليت طور ورتو. مثال طور ايوب خان 1962ع واري آئين تحت اڻسڌي چونڊ ذريعي مضبوط صدر چونڊجي آيو، جڏهن ته جنرل ضياءَ جمهوريت کي مڪمل طور تي غير اسلامي سڏي ٺڏي ڇڏيو. هڪ پريس ڪانفرنس ۾ جنرل ضياءَ چيو هو ته مسلمان هڪ خدا، هڪ رسول ۽ هڪ ڪتاب تي ايمان رکن ٿا. ان ڪري اهو ڪيئن ممڪن آهي ته ٻه سؤ ڄڻا گڏجي مٿن حڪومت هلائين. هُن فوج کي سول فرضن جي ادائيگي لاءِ آئيني ضمانتون پڻ ڏيڻ تي چاهيون.

ٻنهي فوجي حاڪمن مان ڪوبه ڪرشماتي شخصيت رکندڙ نه هو. ان ڪري هو سمورن طبقن ۽ مڪتبهءِ فڪرن ۾ پنهنجا حمايتي پيدا ڪري نه سگهيا. ايوب خان انهيءَ عوامي حمايت کي حاصل ڪرڻ لاءِ ئي بنيادي جمهوريتن جو خاڪو تيار ڪيو هو. جڏهن ته ضياءَ پاران ملڪ ۾ اسلامي نظام لاڳو ڪرڻ، شراب ۽ جوا تي پابندي هڻڻ ۽ اسلامي سزائون متعارف ڪرائڻ، ملڪ جي قدامت پرست ماڻهن جون همدرديون حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

ايوب خان واري فوجي حڪومت ٻين فوجي حڪومتن جي ڀيٽ ۾ جدت پسند ۽ لبرل هئي. ان جو ثبوت سنڌس ڪجهه سڌارن، صنعتي ترقي ۽ مسلم فيملي لا آرڊيننس جهڙين اپائن مان ملي ٿو. ٻئي پاسي جنرل ضياءَ جو سماجي، اقتصادي، سياسي ۽ مذهبي معاملن تي رويو حد کان وڌيڪ قدامت پرست ۽ تقليدي هو. هن پنهنجو پاڻ کي هر وقت صحيح مسلمان طور پيش ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي. ايوب خان پنهنجي سياسي مخالفن کي ميدان مان هٽائڻ لاءِ نااهل ڪرايو. سنڌس دور ۾ فقط هڪ سياسي قتل حسن ناصر جو پتو پوي ٿو، پر ان جي اُبتڙ جنرل ضياءَ پنهنجي اهم مخالفن کي جسماني طور تي ختم ڪرڻ ۽ ڪين ڳوريون سزائون ڏئي هميشه لاءِ جيلن ۾ واڙي رکيو. سنڌس انهيءَ موڙ جو ڀيانڪ ترين مثال سموري عالمي برادريءَ جون اپيلون رد ڪري ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاسي ڏيڻ ۽ اياز سمون، ناصر بلوچ، نذير عباسي، حميد بلوچ، رزاق جهرڻا، ادريس طوطي، عثمان غني، رحمت الله انجم ۽ الياس صديقي سميت اڻ ڳڻين جوڌن کي موت جي ننڊ ۾ سمهارڻ شامل آهي.

جيستائين انهن ٻنهي فوجي حڪومتن جي پرڏيهي پاليسيءَ جو تعلق آهي ته ڪن ڳالهين فرقن بدران ٻنهي حڪومتن ۾ ڪافي هڪ جهڙايون نظر نيون اچن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهي حڪومتن جي پرڏيهي پاليسين جا اهم بنياد انڊيا دشمني، آمريڪا ۽ چين سان دوستي ۽ ناز وارن رجعت پرست اسلامي ملڪن سان ويجها ناتا رهيا آهن. انگوني سوويت يونين سان پڻ پاڪستان جا ڪي چڱا ناتا نه رهيا آهن. تاشقند ٺاهه ۽ افغانستان ۾ روسي مداخلت کي پاڪستان خلاف سازش طور ورتو ويو. فوجي حڪومتن خاص طور تي جنرل ضياءَ جي حڪومت ۾ مسلمان ملڪن سان ناتا اسلامي بنياد کان وڌيڪ آمريڪا نوازي جي ڪري رهيا آهن. اهوئي سبب هو جو لبيا، شام، ڏکڻ يمن ۽ ٻين آمريڪا مخالف اسلامي ملڪن سان جنرل ضياءَ ڪي به سٺا ناتا نه رکيا.

ايوب، يحيٰ ۽ ضياءَ حڪومتن جي تجربن اهو ثابت ڪيو آهي ته فوجي حڪومتن کان اُهي بنيادي مسئلا حل ٿي نه سگهيا، جن کي بنياد بڻائي فوجي جنرلن اقتدار تي قبضو ڪيو ۽ حڪومتن سان چهٽيا رهيا.

پاڪستان ۽ ڀارت ۾ فوجي مداخلت جو تقابلي اڀياس ڪرڻ دوران اها ڳالهه خاص طور تي نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي ته جيتوڻيڪ ٻنهي ملڪن جا سياسي سرشتا، تاريخ، فوجي جوڙجڪ ۽ ثقافت وارين ڏسن ۾ ڪيترين ئي هڪجهڙايون آهن، پر پنهنجي ملڪن ۾ سول ۽ فوجي ڪامورا شاهيءَ جا سياسي ادارن سان ناتا هڪ ٻئي جي ابتڙ انداز وارا آهن. ٻنهي ملڪن جون فوجون برطانوي بيٺڪيتڪارن سياست ۾ مداخلت نه ڪرڻ واري بنيادن تي جوڙيون هيون، پر پاڪستاني فوج هر هر سياست ۾ مداخلت ڪري انهيءَ بنياد کان انحرافي پڻي ڪئي آهي، جڏهن ته ڀارت ۾ سول حڪومت جي مضبوطي وارو اصول اڃان تائين مضبوطيءَ سان قائم آهي. اها حقيقت آهي ته ڀارت ۽ پاڪستان جي فوجن وٽ گڏيل بيٺڪيت پسمنظر آهي، پر آزاديءَ کان پوءِ ٻنهي فوجن جي ترقي، جوڙجڪ ۽ سويلين حڪومتن سان تعلق بلڪل مختلف ڏسائن ۾ وڌيا آهن.

ننڍي کنڊ جي ورهاڱي وقت ڀارت ۽ پاڪستان وچ ۾ فوج جي ورهاست ترتيبوار ٽي ۽ هڪ واري تناسب سان ٿي هئي. ڀارت کي 16 ڪيولري ريجمينٽ، 18 آرٽلري ريجمينٽ ۽ 82 انفنٽري بٽالين حصي ۾ مليون، جڏهن ته پاڪستان کي ڇهه ڪيولري ريجمينٽ، نو آرٽلري ريجمينٽ ۽ پنجيتاليهه انفنٽري ريجمينٽ بٽالين مليون. ساڳي طرح فوجي سامان به ٽي ۽ هڪ واري تناسب سان مليو. فوج جي انهيءَ حصي ونڊ ۾ پنهنجي ملڪن جي آباديءَ کي اَڌو نه رکيو ويو هو. پاڪستان ۾ فوجي شرڪت جو تناسب 51. سيڪڙو ۽ ڀارت ۾ 16. سيڪڙو هو.

ساڳي طرح پاڪستان پنهنجي فوج کي جديد بڻائڻ تي ڀارت جي مقابلي ۾ تمام گهڻو خرچ ڪيو. ٻنهي ملڪن جي فوجي خرچن جو تفاوت هيٺين چارٽن سان ظاهر ٿئي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڪستان ۽ ڀارت جا 1947ع کان 1959ع تائين بچاءَ تي خرچ

سال	پاڪستان: بچاءَ تي خرچ (ملين رپين ۾)	پاڪستان: ڪُل خرچ جو سيڪڙو	ڀارت: بچاءَ تي خرچ (ملين رپين ۾)	ڀارت: ڪُل خرچ جو سيڪڙو
1947-48ع	236.0	65.16	866.3	44.5
1948-49ع	461.5	71.32	1460.5	46.9
1949-50ع	625.4	73.06	1488.6	46.6
1950-51ع	649.9	51.32	1641.2	44.1
1951-52ع	792.4	54.96	1709.5	45.3
1952-53ع	725.7	56.68	1795.2	45.5
1953-54ع	633.2	58.7	1998.3	44.1
1954-55ع	640.5	57.5	1866.6	37.1
1955-56ع	917.7	64.0	1722.3	38.3
1956-57ع	800.9	60.1	1921.5	37.5
1957-58ع	854.2	56.1	2567.2	32.8
1958-59ع	996.6	50.9	2509.3	—

15- آگسٽ 1947ع کان مارچ 1948ع تائين

(متيون چارٽ پروگريس پبلشرس لاهور پاران 1976ع ۾ ڇپرايل حسن عسڪري رضويءَ جي ڪتاب 'پاڪستان ۾ فوج ۽ سياست' جي صفحي 56 ۽ 57 تان ورتل آهي)

پاڪستان ۽ ڀارت جا 1960ع کان 1979ع تائين بچاءَ تي ڪيل خرچ

سال	پاڪستان: بچاءَ تي خرچ (ملين رپين ۾)	پاڪستان: بچاءَ تي خرچ، ڪُل قومي پيداوار جي سيڪڙي طور	ڀارت: بچاءَ تي خرچ (ملين رپين ۾)	ڀارت: بچاءَ تي خرچ، ڪُل قومي پيداوار جي سيڪڙي طور
1960ع	978	2.8	2274	1.9
1961ع	984	2.6	3046	1.9
1962ع	938	2.4	4336	2.6
1963ع	1029	2.4	7306	3.8

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سال	پاڪستان: بجاءَ تي خرچ (ملين رپين ۾)	پاڪستان: بجاءَ تي خرچ، ڪُل قومي پيداوار جي سيڪڙي طور	ڀارت: بجاءَ تي خرچ (ملين رپين ۾)	ڀارت: بجاءَ تي خرچ، ڪُل قومي پيداوار جي سيڪڙي طور
1964ع	1208	2.6	8084	3.6
1965ع	2059	4.0	8651	3.6
1966ع	2578	4.4	9027	3.4
1967ع	2240	3.5	9535	3.0
1968ع	2307	3.3	10170	3.1
1969ع	2588	3.5	10840	3.0
1970ع	2975	3.7	11747	3.0
1971ع	3730	6.6	14438	3.4
1972ع	4083	6.8	16205	3.5
1973ع	4695	6.1	16737	3.0
1974ع	5932	6.6	20043	3.0
1975ع	7412	6.1	23823	3.4
1976ع	7952	5.6	25793	3.4
1977ع	8697	5.4	27174	3.2
1978ع	9780	5.3	28966	3.1
1979ع	10850	5.1	31910	—

ڀرين چارٽ مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته پاڪستان 1948ع کان 1959ع وارن سالن ۾ پنهنجي ڪُل حڪومتي خرچ جو 59.15 سيڪڙو سراسري طور بچاءَ تي خرچ ڪيو. ان ڳالهه کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته پاڪستان پنهنجي خرچ ڪرڻ واري وت کان تمام گهڻو وڌيڪ بچاءَ تي سيڙايو. هن پاسي پاڪستان کان وڌيڪ فوج رکندڙ ڀارت ان دوران ڪڏهن به 47 سيڪڙي کان وڌيڪ بچاءَ تي خرچ نه ڪيو. هيٺ چارٽ مان پڻ ساڳي قسم جي صورتحال ظاهر ٿئي ٿي. اچو ته ڀرين جنوري 1992ع تي ڀارت ۽ پاڪستان جي ٽنهي فوجن جي طاقت تي هڪ نظر وجهون:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بري فوج

شعبو	ڀارت	پاڪستان
ڪُل سگهه	4.80.000	12,00,000
آرمرڊ ڊويزن	2	2
مڪينيڪل ڊويزن	هڪ به نه	1
انفنٽري ڊويزن	17	20
جابلو ڊويزن	هڪ به نه	11
انڊيپينڊنٽ آرمڊ برگيڊ	4	8
انڊيپينڊنٽ انفنٽري/ جابلو برگيڊ	8	8
ايئر ڊفينس برگيڊ	3	6
انجنيئر برگيڊ	1	4
آرمڊ هيليڪاپٽر	تعداد نامعلوم	12
ٽينڪ	1600 (100 ٽي- 59 بيلينس کھٽي پاڳي	2340 (500 رنڊو ۽ 100ملڪيون ٽينڪون کھٽي پاڳي ٽي- 72 ۽ وجيانتا سميت)
ايم- آء- سي- وي- ايس	ايم- 47 ٽي 5455/ ۽ ايم- 485)	
هيليڪاپٽر	هڪ به نه	700 بي- ايم- پي 1 ۽ 2
	هڪ به نه	160 چيتڪ چيتاس

سامونڊي فوج

شعبو	ڀارت	پاڪستان
ڪُل سگهه	52,000	16,000
ڪيريئر	2	هڪ به نه
سبميرين	14(ائيٽمي قوت واري)	6
تباهه ڪندڙ (Destroyers)	5	8
فريگيٽس	24	–
اي- ايس- اي ڀيڙيون	13	8
		بارودي سرنگون صاف ڪرڻ لاءِ برگيڊ
ميري ٽائيم نظرداري	آپريشن ۾ رٽل 15ٽي- وي 142 بيئر	فرانس کي آرڊر ڏنل 5 سي ڪنگز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هوائي فوج

	ڀارت	پاڪستان
ڪل سگهه	1,15,000	17,600
مگ- 21	90+150=240	ميراج III-16
مگ- 23	90+45=135	ميراج V-62
جيگوار	72	ايف 6 - 170
اجيت	80	ايف 16 - 39
مگ- 27	72	-
مگ- 29	40	-
ميراج- 2000	40	چاليهن لاءِ فرانس کي آرڊر ڏنل

فوجي سرگرمين تي خرچ ۾ تفاوت کان سواءِ ٻنهي ملڪن ۾ فوج جي ڀرتيءَ واري انداز ۾ مختلف علائقن جي نمائندگيءَ ۾ پڻ وڏو فرق آهي. برطانوي دور ۾ فوجي ڀرتي گهڻي ڀاڱي 'برطانوي تاج سان وفادار علائقن' مان ٿيندي هئي. آزاديءَ مهل پاڪستان جي حصي ۾ آيل فوج جو 75 سيڪڙي کان وڌيڪ پنجابي مسلمانن جو هو. ٻئي پاسي ڀارتي فوج ۾ گورکا 14 سيڪڙو هئڻ جي ناتي سڀ کان وڌيڪ ۽ کانئن پوءِ جاٽ سک 13 سيڪڙو هئا. پاڪستاني فوج ۾ بنگالين جو ٻه ٽڪو موجارو حصو هو. پر اڳتي هلي اِها جدول ٻه ٽٽي وئي ۽ پاڪستاني فوج جو 60 سيڪڙو پنجابين ۽ 35 سيڪڙو پٺاڻن جو ٿي ويو. باقي پنج سيڪڙو ۾ بلوچ، پناهگير ۽ ڪشميري شامل آهن. اڄ ڏينهن تائين پاڪستاني فوج ۾ سنڌين جو تعداد سون تائين ٻه نه پهتو آهي. ٻئي پاسي ڀارتي فوج جي آفيسرن ۾ تامل، بنگالي ۽ اولهائين ڀارت جا نوجوان وڏي تعداد ۾ شامل آهن.

آزاديءَ کان پوءِ پاڪستان ۾ سول توڙي فوجي حڪومتن ڪڏهن ٻه فوجي ڀرتيءَ کي وسيع بنياد ڏيڻ جي ڪوشش نه ڪئي. پاڪستان ۾ فوجي نسل واري برطانوي شوشي تي اڄ ٻه عمل ٿي رهيو آهي. برطانوي فوج ۾ پنهنجي وفادار پنجابين (مسلمان ۽ سک) جي اڪثريت رکڻ لاءِ برطانوي عملدارن بنگالين کي فوج ۾ شامل نه ڪرڻ جو جواز اهو پيش ڪندا هئا نه بنگالي ننڍي قد ۽ غير فوجي نسل مان ڪري فوج ۾ شامل ٿيڻ جا اهل ناهن. تاريخي طور تي اهو ثابت ٿي چڪو آهي ته بنگالين کي فوج کان پري رکڻ جو واحد سبب سندن پختو سياسي شعور هو. بنگالين ۽ کانئن ننڍي قد وارن پاڪستاني ۽ آمريڪي فوج کي عبرتناڪ

شڪست ڏيڻي مارشل ريس واري انهيءَ نظريي کي هميشہ لاءِ ٽوڙ ڪري ڇڏيو. آهي. پاڪستاني فوج ۾ بنگالين جو تعداد ڪڏهن بہ ڇهہ سيڪڙي کان وڌي نہ سگهيو. پاڪستاني فوج ۾ مخصوص علائقن ۽ مخصوص برادرين جي گهڻائي سبب ئي فوجي مداخلتون تمام گهڻي سولائي ۽ بنان ڪنهن مزاحمت جي ڪامياب ٿينديون رهيون آهن. هني پاسي هاڻوڪي ڀارت وارن علائقن ۾ آزاديءَ کان اڳ مضبوط حمايتي ڪانگريس جا اڳواڻ فوج تي جاگيرداري بنياد رکندڙ اٿرابري واري ۽ برادري تي ٻڌل هنن جا الزام هڻندا رهيا هئا- آزادي کان پوءِ ڀارتي فوج کي ڪافي حد تائين سيڪيولر بنيادن تي منظم ڪيو ويو ۽ ان کي سول ادارن جي تابع بڻايو ويو. ڀارت ۾ فوجي مداخلت نہ ٿيڻ جو هڪ اهم سبب 'غير فوجي نسلن' جو فوج ۾ وڌي تعداد هئڻ پڻ آهي.

اها ڳالهہ خاص طور تي نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي تہ پاڪستاني فوج ۾ پنجابين ۽ پٺاڻن جي اڪثريت ڪافي مرحلن تي غير پيشيور ۽ سياسي عمل پڻ ڪرايا آهن. ڪيترن ئي ميصرن موجب ايوب خان جي مارشل لا جو هڪ اهم سبب لاهور ۾ قاديانين خلاف ٿيل مظاهرن ۾ پنجابين جي مرڻ تي پنجابي فوجين ۾ پيدا ٿيل تاءُ هو. جڏهن تہ يحيٰ خان ۽ ضياءَ وارين مارشل لائن جو اهم سبب ايوب ۽ ڀٽي خلاف تحريڪن ۾ پنجاب جي شهرن ۾ ماڻهن جو مارجڻ هو. اڳتي هلي ضياءَ حڪومت ۾ افغان مسئلي جي نالي تي ملندڙ امداد ۽ سرحد صوبي جي وڌندڙ اهميت ۽ اُتي ٿيندڙ ترقياتي ڪمن پختون تحريڪ کي ڪافي حد تائين ختم ڪري ڇڏيو ۽ ولي خان، اجمل خٽڪ جهڙا قومپرست اڳواڻ بہ پنجاب جي نمائندگي ڪندڙ آءِ- جي- آءِ جا ساٿاري بڻيا. جنرل ضياءَ جي مارشل لا ۾ جنرل فضل حق، جنرل سوار خان ۽ ٻين پٺاڻ فوجي عملدارن جي ذريعي سڌي طرح يا اڻسڌي طرح سرحد جي قومپرستن ڪافي حد تائين فائدا حاصل ڪيا. ان جي اُبتڙ ڀارتي فوج ۾ سمورن علائقن، برادرين ۽ قومن جي نمائندگيءَ فوج ۾ لابي ٺهڻ واري عمل کي روڪڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو آهي. ڀارتي فوج ۾ گهٽ درجي وارين ذاتن، پوئتي پيل قبيلن ۽ مذهبي اقليتن لاءِ مخصوص ڪوٽا بہ ان ڏس ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

پاڪستان جي ڀيٽ ۾ فوجي اداري کي تمام گهڻي خودمختياري حاصل آهي. ضياءَ دور واري اٽڪ سازش ڪيس جي وڏي ملزم ميجر آفتاب جي بقول تہ پاڪستاني فوج ۾ هيٺين درجي کان ئي ترقي وڏن عملدارن جي ذاتي پسند ۽ ناپسند جي بنيادن تي ٿئي ٿي. ٻئي پاسي ڀارت ۾ گهٽ ۾ گهٽ ليفٽيننٽ ڪرنل جي عهدي تائين ترقي سينيارٽي جي بنياد تي ۽ ان کان اڳتي ترقي سليڪشن بورڊ ذريعي ٿئي ٿي. ڀارت ۾ پڻ ڪجهہ ڪيسن ۾ پسند يا ناپسند کي آڏو رکيو ويو آهي. پر انهن واقعن تي ڀارت ۾ شديد اعتراض اُٿاريا ويا، جڏهن تہ پاڪستان ۾ فوجي اداري خلاف اهڙي قسم جو احتجاج ناممڪن آهي.

سياست ۾ فوجي مداخلت جي ڏس ۾ ملڪ جي سول ادارن جي نوعيت ڏسڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ضروري آهي. جتوڻيڪ ڀارت ۽ پاڪستان ٻنهي کي برطانوي راڄ جون انتظامي سياسي روايتون ورثي ۾ مليون، پر اها صورتحال جي ٻنهه سادي اپٽار آهي. آزاديءَ وقت ڀارت جي گهڻاٿن علائقن ۾ مضبوط جاگيرداريءَ جي باوجود اهم ۽ وڏن شهرن ۾ وچولو طبقو ۽ پورهيت تمام گهڻو سياسي شعور رکندڙ هو. پر پاڪستان کي ننڍي کنڊ جي ورهاڱي جي نتيجي ۾ تقريباً سمورو ٻهراڙي وارو علائقو مليو. جنهن ۾ جديد سياسي شعوري موجودگيءَ جو سوال ئي نٿي پيدا ٿيو. پاڪستان ٺهڻ وقت فقط لاهور ئي واحد معياري شهر هو ۽ اهو گڏيل هندستان جي پنجاب صوبي جي راڄڌاني هو. برطانوي راڄ ۾ مسلمانن جي جنهن حصي اقتداري معاملن ۾ شرڪت سان لاڀ پرايو، اهو فقط اولهائين هندستان جي مسلمانن جو معمولي حصو هو. جڏهن ته پنجاب ۽ سنڌ مڪمل طور تي جاگيردارن جي ڪنٽرول ۾ هئا ۽ بلوچستان ۽ سرحد جا علائقا قبائلي سردارن وٽ هئا. جاگيردار ۽ سردار فطري طور تي سماج ۾ موجود سمورن روشن خيال رجحانن جا مخالف هئا.

وچولي طبقي جي سياسي طور تي باشعور هئڻ جي ناتي ڀارت ۾ جاگيرداريءَ کي ختم ڪيو ويو ۽ ملڪ کي سگهارو آئين ڏنو ويو. جڏهن ته پاڪستان ۾ ان جي بلڪل ابتڙ ٿيو.

اهو ئي سبب هو جو ٻنهي ملڪن جي آزاد ٿيڻ کان پوءِ محمد علي جناح پاڪستان لاءِ گورنر جنرل واري راڄ جي چونڊ ڪئي ۽ جواهر لال نهرو ڀارت لاءِ پارلياماني سرشتي جي چونڊ ڪئي.

پاڪستان جي سياسي ادارن ۾ فوجي مداخلت اصل ۾ انهن ادارن جي مفلسي ڪري ئي عمل ۾ آئي، جڏهن ته ان جي ابتڙ ڀارت ۾ جمهوري ادارن جي مضبوطيءَ ڪري اهو ڪجهه به نه ٿي سگهيو. جمهوري ادارن جي ناڪاميءَ ڪري ئي پاڪستان ڀارت وانگر سياسي استحڪام حاصل ڪري نه سگهيو. محمد علي جناح جي ڪنهن حد تائين ڪرشماتي شخصيت جي لاڏاڻي کان پوءِ پاڪستان برادري ازم، علائقائيت، مفاد پرستي ۽ عدم استحڪام جو شڪار ٿي ويو.

انڊين نيشنل ڪانگريس جي ابتڙ مسلم ليگ پنهنجو پاڻ کي عوامي پارٽي بڻائڻ ۾ سدائين ناڪام رهي. مسلم ليگ تي قابض جاگيردارن، خانن، سردارن ۽ نوابزادن مسلم ليگ کي هڪ قومپرست تحريڪ مان هڪ وسيع حمايت رکندڙ اهڙي پارٽيءَ ۾ بدلائڻ جي ڪڏهن به ڪوشش نه ڪئي، جنهن وٽ رياستي ادارا هلائڻ ۽ سياسي، سماجي ۽ اقتصادي ترقي ڏيارڻ جو ڏانءُ هجي. مسلم ليگ پاڪستان جي بانيڪار پارٽي هئڻ جي باوجود نئين ملڪ جا ادارا جوڙڻ ۽ آئين ناهڻ ۾ ناڪام رهي. ٻئي پاسي ڪانگريس آزادي ملندي ئي انهن بنيادي ڪمن ڏانهن ڌيان ڏنو ۽ اهو ئي سبب آهي ته ڪانگريس اڄ به ڀارت جي سياسي جيوت ۾ فيصلي ڪن ڪردار جي مالڪ آهي.

تنظيمي خامين سان گڏوگڏ مسلم ليگ جناح جي اهم شخصيت جي چوگرد ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قرندي رهي ۽ پاڪستان ٺهڻ جي فقط هڪ سال کان پوءِ سندس مرتبي پاڪستان کي سياسي قيادت کان محروم ڪري ڇڏيو ۽ ڪوبه مسلم ليگي اڳواڻ 'قائد اعظم' واري مرتبي جهڙو نه هو. جيتوڻيڪ لياقت علي خان جناح وارو خال ڀرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي، پر کيس به 1951ع ۾ قتل ڪيو ويو. ٻئي پاسي ڀارت جي آزاديءَ واري جدوجهد جي سرواڻ ۽ پهرين وزير اعظم جواهرلال نهرو ملڪ جي پهرين ٻن ڏهاڪن تائين ڪاميابيءَ سان سرواڻي ڪئي.

پاڪستان ۾ فوج جي اقتدار تي چڙهائي جو هڪ اهم سبب ملڪ جي آزاديءَ کان پوءِ يارهن سالن تائين چونڊون نه ٿيڻ آهي. جڏهن ته ساڳئي عرصي ۾ ڀارت ۾ ٽي چونڊون ٿيون. انهن مختلف عملن سبب ٻنهي ملڪن ۾ جمهوري سرشتي پاڙون مضبوط ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي جي ابتڙ راهون اختيار ڪيون.

پاڪستاني فوج جي سياست ۾ هٿ پير هڻڻ جو هڪ ٻيو اهم سبب ملڪ ۾ هر ڇڪتاڻ، اپار ۽ تحريڪ کي چيڀاٽڻ لاءِ حڪومتن پاران فوج کي سول حڪومت جي مدد لاءِ سڏڻ به رهيو آهي. برطانوي هندستان ۾ قومپرست ۽ آزادي پسند تحريڪن کي چيڀاٽڻ لاءِ فوج کي سول ادارن جي مدد لاءِ سڏيو ويندو هو. پر آزاديءَ کان پوءِ ڀارت جي مقابلي ۾ پاڪستان ۾ اهو سلسلو وڌيڪ سرگرميءَ سان جاري رهيو. ڀارت ۾ امن امان واري مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ فوج جي گهٽ مدد حاصل ڪرڻ جو هڪ اهم سبب مختلف رياستن جا نيم فوجي دستا ۽ وفاقي حڪومت جا غيرفوجي هٿياربند دستا آهن. انهن ۾ بارڊر سڪيورٽي فورس، سينٽرل رزرو پوليس فورس، سينٽرل انڊسٽريل سڪيورٽي فورس، ڀارت- تبت بارڊر پوليس شامل آهن. جڏهن ته پاڪستان ۾ فوج ۽ پوليس کان سواءِ، ڀٽي دور ۾ فيڊرل سڪيورٽي فورس کي ڇڏي ڪري، ڪوبه اهڙي قسم جو ادارو نه رهيو آهي.

پاڪستاني فوج سدائين حڪومت تي چڙهائي ۾ سُرهائي محسوس ڪندي رهي آهي، جڏهن ته ان جي ابتڙ ڀارتي فوج ڪيترن ئي مرحلن تي سول حڪومت جي مدد ڪرڻ کان پڻ انڪار پڻ ڪيو آهي.

پاڪستاني فوج جي سول معاملن ۾ مداخلت ڪرڻ جو هڪ جواز ڪشمير جي مسئلي تي پاڪستاني عوام ۽ اشرافيه جو جذباتي مؤقف پڻ رهيو آهي. پاڪستان جي وسيع تر حلقن جو اڄ به اهو خيال آهي ته سياستدانن جي مقابلي ۾ فوج ئي ڪشمير جو مسئلو حل ڪري سگهي ٿي.

ان کان سواءِ مقامي، سماجي ۽ اقتصادي ماحول ۽ بين الاقوامي صورتحال پڻ فوجي مداخلت جا اهم سبب آهن. پاڪستاني فوج کي ملڪ جي ٻُڏتي پيل اقتصادي ۽ سماجي حالتن جي باوجود تمام گهڻيون سهولتون ۽ مرعاتون حاصل رهيون آهن. پاڪستان کي پرڏيه مان ملندڙ امداد ۽ قرضن جو گهڻو تعداد فوج تي خرچ ٿيندو رهيو آهي. ڀارت ۾ فوجي مداخلت نه ٿيڻ جو هڪ سبب انجي تمام گهڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انتشاري ۽ سماجي طور تي ترقي ڪيل شهرن جي کهڻائي پڻ آهي، جڏهن ته
پاڪستان ۾ ان جي اُبتڙ ڪاديءَ واري هنڌ ۽ ڪجهه اهم شهرن تي قبضي ۽ داهي
سان فوج جو مسئلو حل ٿي وڃي ٿو. ان کان سواءِ بارتي فوج ۾ مختلف علائقن،
برادرين ۽ مذهبن جي ماڻهن جي موجودگي ڪي به ڳجهيون لابيون ناهڻ جي راهه ۾
رڪاوٽ آهي، جڏهن ته پاڪستاني فوج جو هڪ اندازي موجب 98 سيڪڙو ملڪ
جي فقط ڇهن حلقن ۽ چئن پنجن برادرين سان تعلق رکي ٿو.
پاڪستان 'کهٽ سياسي ڪلچر' واري درجي ۾ اچي ٿو. 1968ع کان اڳ
واري دور ۾ پاڪستان جي سويلين ادارن سان عوام جي وابستگي ۽ شرڪت پارت
جي مقابلي ۾ عملي طور تي غيرموجود هئي. ان ڪري پاڪستاني عوامي سياست،
نمام کهٽي کهٽ سياسي ڪردار جهڙي مشاهدي ۾ آئي آهي. اڄ به حالتن جي
تبديلين جي باوجود پاڪستان جي ڀيٽ ۾ پارت جي عوام ۾ کهڻو سياسي شعور
آهي. اها ڳالهه پڻ تجربي مان سامهون آئي آهي ته پاڪستان ۾ مارشل لا جي
مزاحمت، ضياءَ خلاف تحريڪ دوران 1983ع ۾ سنڌ جي ڳوٺاڻن علائقن جي
سڳهاري شرڪت کان سواءِ هميشه وڏن شهرن ئي ڪئي آهي، جڏهن ته پارت ۾
ٺيٺڙ سمورين چونڊن ۾ سڄي ملڪ جي عوام ڀرپور حصو ورتو آهي.
پاڪستان ۾ عوام ڪڏهن به اقتدار جي قابضن تي آئيني کهرجون پوريون
ڪرڻ لاءِ زور نه ڀريو آهي، ان جو ڪنهن حد تائين سبب پاڪستان ۾ پڙهيل ڳڙهيل
وچولي طبقي جو کهٽ هئڻ آهي. ملڪ ۾ انهي پرجوش طبقي جي اٿهوند ڪري ئي
پاڪستان جي شروعاتي سالن ۾ آئين ۽ جمهوري ادارن جا بنياد ٺهي نه سگهيا.
سٺ واري ڏهاڪي جي آخر ۾ پاڪستان جو سياسي اُڀار فقط ان ڪري ئي
ممڪن ٿي سگهيو جو سماجي ترقيءَ جي نتيجي ۾ ڊاڪٽرن، وڪيلن، استادن ۽
شاگردن جو وڏو تعداد پيدا ٿي ويو هو ۽ هُنن ايوبي آمريت خلاف مزاحمتي تحريڪ
جي سرواڻي ڪئي.

آزاديءَ کان پوءِ جلد ئي پاڪستاني فوج آمريڪا بهادر جي سرداريءَ هيٺ
دفاعي ناهُن سينٽو ۽ سيٽو جي سري هيٺ آمريڪا، اردن، ايران ۽ ترڪيءَ جي
فوجن سان نينهن جا ناتا ڳنڍڻ ۾ ڪامياب ٿي، انهن ناهُن جو ئي نتيجو هو، جو
1969-70ع ۾ اردن ۾ رهندڙ فلسطينين جي قتلام لاءِ پاڪستاني فوج ٽڪڙيڪي
برگيڊيئر ضياءَ (اڳتي هلي جنرل ضياءَ جي روپ ۾ ايشيا جو مادل آمر) جي قيادت ۾
ڏهه هزار فلسطيني جوڏا ماري آئي. ٻئي پاسي پارتي فوج گڏيل قومن جي مشن
تحت ڪوريا، ڪانگو ۽ وچ اوڀر ۾ مصروف رهي، جڏهن ته نيپال ۽ ايٿوپيا سميت
ڪيترن ئي ملڪن جي نين فوجن کي پارتي فوج تربيت ڏني. ان کان سواءِ پارتي
فوج ڪامن ويلٿ جي گڏيل فوجي پروگرامن ۾ پڻ حصو وٺندي رهي پر اهي معاملا
پارت جي سول انتظاميا ورتا هئا. جڏهن ته انجي اُبتڙ سينٽو ۽ سيٽو ۾ شامل ٿيڻ ۽
پاڪستان لاءِ آمريڪي امداد لاءِ سموري ٻوڙ ٻڪ فوجي عملدارن خاص طور تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ايوب خان ڪئي:

پاڪستان ۾ آزاديءَ کان پوءِ نه رڳو فوجي ادارن جي بيهڪ ساڳي بيٺڪيتي رکي وئي، پر سياستدانن به سول راڄ جي بالادستيءَ لاءِ ڪي به اُپاءَ نه ورتا. پاڪستان جو اهو اڀاڳ رهيو آهي ته سواءِ ذوالفقار علي ڀٽي جي پهرين عرصي جي ڪابه شهري حڪومت پنهنجي عهدي جو مدو پورو ڪري نه سگهي آهي، جڏهن ته ٽن فوجي حڪومتن مان هر هڪ جي سربراهن ايوب خان ۽ جنرل ضياءَ جي فوجن عهدن جي معياد ۾ ڪيترائي ڀيرا اضافو ٿيندو رهيو. ٻي پاسي ملڪي تاريخ جي وڏيڪ عرصي ۾ بچاءَ واري ڪاتي جي وزارت پڻ فوجي عملدارن (ڊپٽي ڪمانڊر يا رٽائرڊ) وٽ ئي رهي آهي:

ڀارت فوجي راهه روڪڻ جي نس ۾ جيڪو پهريون قدم کنيو، اهو 15 -آگسٽ 1947ع تي فوج جي ڪمانڊر انچيف وارو عهدو ختم ڪرڻ هو. ڀارتي آئين ۾ اهو واضح ڪيل آهي ته ملڪ جو صدر فوج جو سپريم ڪمانڊر هوندو ۽ بچاءَ وارو وزير سدائين سويلين ئي هوندو. ساڳي آئين موجب جنرل کي بچاءَ واري وزير سان رابطو بچاءَ واري سيڪريٽري ذريعي ئي ڪرڻو پوندو.

پاڪستان ۾ ان جي اُبتڙ ڪمانڊر انچيف واري عهدي کي برقرار رکيو ويو. ساڳي وقت ڪافي عرصي تائين ڪمانڊر انچيف کي ئي بچاءَ وارو وزير بڻايو ويندو هو. 1973ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽي پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو فوجي ڍانچي ۾ بنيادي تبديليون آنديون. ڪمانڊر انچيف واري عهدي کي ختم ڪيو ويو. فوج جي ڪردار کي آئين جي تابع بڻايو ويو ۽ چوڏهن هزار سپاهين ۽ آفيسرن تي ٻڌل پئرا ملٽري فورس جوڙي وئي. پر خود ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي آئيني سڌارن کي جاري رکي نه سگهيو ۽ حڪومت مخالف تحريڪ ڪچلڻ لاءِ هُن فوج کي بيرڪن مان ڪڍي رستن تي آندو. ان جو نتيجو ذوالفقار علي ڀٽي کي جنرل ضياءَ هٿان پنجين جولاءِ 1977ع تي اقتدار کان محروم ٿيڻ ۽ بعد ۾ چوٿين اپريل 1979ع تي ڦاسي تي چڙهڻ جي صورت ۾ ڀوڳڻو پيو.

اهو تاريخ جو ظالم ۽ اٽل فيصلو آهي ته هر اُها سول حڪومت جيڪا پنهنجي آئيني ذميوارين کي پورو نٿي ڪري سگهي، ان وٽ اقتدار ۾ رهڻ جا ڪي به اخلاقي جواز باقي نٿا رهن.

هتي ڪيل اڀياس، سياست ۾ فوجي مداخلت جي ٽن بنيادي نقطن: فوجي اداري جو انداز ۽ جوڙجڪ، سول سياسي ادارن جي مضبوطي يا ڪمزوري، قومي سماجي، معاشي ۽ بين الاقوامي حالتن جي اثر هيٺ سويلين ۽ فوجي ادارن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ تي دارومدار رکي ٿو.

پاڪستاني سياست ۾ فوجي مداخلت جو اڀياس اهو نتيجو اسان آڏو آڻي ٿو ته سماجي، معاشي ۽ سياسي ترقيءَ جي غيرموجودگيءَ ۾ فوج سموري رياستي جيوت کان ڌار ٿي اقتدار جون واڳون پنهنجن هٿن ۾ وٺي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سياسي ادارن جي حيثيت تي نظر وجهندي اهو ثو ڏسڻ ۾ اچي ته 1947ع کان 1958ع تائين پاڪستان جو سياسي سرشتو جيئن پوءِ تيئن تباهه ٿيندو ويو. ان دوران سياسي مفلسيءَ کان سواءِ پاڪستان وٽ اهل سياسي اڳواڻن ۽ منظم سياسي پارٽين جي پڻ کوٽ هئي. قومي حق نه ملڻ ڪري علائقائي ۽ تنگ نظر قوتن جي واڌ، سياستدانن جي غيرآئيني قدمن، پارلياماني جمهوريت جي آفاقي اصولن کان انحرافي سياسي عدم استحڪام کي هٿي ڏني.

پاڪستان جي مختصر تاريخ ۾ ايتري ڊگهي عرصي لاءِ ٿيندڙ فوجي بغاوتن، ڀن ملڪ جي اندي منڊي سياسي سرشتي کي اڃان تائين پوٺتي پئي ڌڪيو آهي، سمورين سياسي پارٽين ۽ انهن جي اڳواڻن، سماجي، سياسي ۽ فوجي ماهرن کي سوچڻ تي مجبور پئي ڪيو آهي. هيل تائين ڏيهي ۽ پرڏيهي سگهارين ڌرين، فردن ۽ ادارن وٽان فوجي مداخلت جي راهه روڪڻ لاءِ جيڪي رٿون سامهون پئي آيون آهن، انهن ۾ فوجي ڀرتيءَ کي وسيع بنياد ڏيڻ، ان جي ڪردار ۽ بيهڪ کي عوام دشمن بدران عوام دوست بنائڻ، فوجي ڪميشن سسٽم ختم ڪرڻ، آفيسرن ۽ سپاهين کي مليل مراعاتن ۾ تناسبت پيدا ڪيو وڃي، آفيسرن کي اعليٰ عملدارن جي پسند يا ناپسند بدران سپاهين جي ڪميشن وسيلي چونڊيو وڃي. فوجي حڪومتن دوران عوام تي ڏاڍ ڪندڙ آفيسرن کي عوامي ڪورٽن ذريعي سزائون ڏنيون وڃن. هٿيارن ۽ فوج تي رياستي خرچن کي گهٽائي ان کي عوامي ڀلائيءَ وارين رٿائن تي خرچ ڪيو وڃي. عالمي سطح تي عوام دشمن ناهن ۽ دوستين کي ختم ڪري، پاڙيسرين سان بهتر ناتا جوڙيا وڃن. صوبن کي برابريءَ جي بنياد تي اسيمبلين ۾ نمائندگي ڏني وڃي. ملڪي ڍانچي ۾ گڏجي رهڻ لاءِ هڪ نئون سماجي معاهدو ڪيو وڃي. جيڪڏهن انهن نڪتن تي سهمت اختيار نه ڪئي ويئي ته ملڪ ڌڪ پيڙو ٻيهر 1971ع واري گهوٽالي جو شڪار ٿي سگهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چلي

ملٽي نيشنل ڪمپنين ذريعي فوجي راڄ

عبدالله ملڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چليءَ ۾ ملٽي نيشنل ڪمپنين ذريعي فوجي راڄ پلٽو

5- جولاءِ 1977ع تي جڏهن ضياءُ الحق فوجي راڄ پلٽي لاءِ اڌ رات جو وقت مقرر ڪيو هو ته جيئن ذوالفقارعلي ڀٽي جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري سگهجي، تڏهن پاڪستاني سياست جا تجزيي نگار هر پيري حالتن جي پيٽ چليءَ جي راڄ پلٽي سان ڪرڻ لڳا هئا ۽ ڪجهه تجزيي نگارن ۽ سياست سان دلچسپي رکندڙن ته انهي سلسلي ۾ ڪجهه اخبارن ۾ ليک به لکيا هئا. پر حقيقت اها آهي ته چليءَ جي راڄ پلٽي جو جيترو ذڪر ٿيو آهي ۽ عالمي عام راءِ جيترو انهي راڄ پلٽي جو تجزيو ڪيو آهي ٻيو ڪو به فوجي راڄ پلٽو ايترو بحث جو موضوع ناهي بڻيو.

انهي فوجي راڄ پلٽي جي مشهوريءَ جو هڪ سڀ کان وڏو سبب اهو هو ته آمريڪا جي گهڻ قومي ڪمپنين کلي طور تي چليءَ جي چونڊيل حڪومت جي تختي اونڌي ڪرڻ جو بندوبست ڪيو هو ۽ آمريڪا جي حڪومت ۽ سي- آئي- اي انهي سلسلي ۾ نهايت ئي واضح ڪردار ادا ڪيو هو.

چليءَ ۾ سي- آئي- اي ۽ آمريڪي حڪومت جي شريڪ ٿيڻ جا ڪجهه بنيادي سبب هئا. اها حقيقت آهي ته ڪيوبا کان پوءِ پهريون ڀيرو چليءَ جي انهي عوامي حڪومت جي اقتصادي پروگرام جي ڪري آمريڪي سرمائيدار طبقي کي وڏو خطرو محسوس ٿيڻ لڳو هو. ڇاڪاڻ ته چليءَ جي انهيءَ عوامي سرڪار جنهن جي اڳواڻي سيلواڊور آلندي ڪري رهيو هو. جڏهن پنهنجي اقتصادي پروگرام تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو ته، اُن جو سڌوسنئون ڌڪ آمريڪا جي گهڻ قومي ڪمپنين جي مفادن کي لڳو ٿي. انهي عوامي سرڪار سڀني بنيادي صنعتن کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جو فيصلو ڪيو هو. جن مان گهڻي ڀاڱي اهڙيون هيون جيڪي آمريڪي گهڻ قومي ڪمپنين جي ملڪيت ۾ هيون. انهن ۾ آئي- ٽي- ٽي ۽ ڪين ڪوٽ ڪوپر جهڙيون صنعتي ڪمپنيون شامل هيون، جيڪي سڌي طرح آمريڪن جي ملڪيت هيون.

آمريڪا جي انهي مداخلت جو ٻيو اهم سبب اهو هو ته هُن نه ٿي چاهيو ته ڪيوبا جهڙي ڪنهن ٻي عوامي حڪومت کي وڌڻ ويجهڻ ۽ مستحڪم ٿيڻ جو موقعو ملي. ڇاڪاڻ ته آمريڪا کي اهو ڊپ هو ته جهڙي ريت ڪيوبا جي انقلاب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

لاطيني آمريڪا ۾ سماجي تبديلين جي تحريڪ کي وڌايو هو ساڳي طرح جيڪڏهن چلي ۾ اها عوامي سرڪار پنهنجي اقتصادي ۽ سماجي سڌارن آڻ واري پروگرام ۾ ڪامياب ٿي وڃي ها ته پوءِ اُن جا لاطيني آمريڪا جي ٻين ملڪن تي اثر پوڻ لازمي ڳالهه آهي. اُن دور ۾ يوراگوائي، پيرو، پناما، ايڪو ڊور ۽ وينزويلا ۾ به عوامي متحده محاذ قائم ٿي رهيا هئا، جيڪي اقتصادي ۽ سماجي تبديلين لاءِ جدوجهد ۾ رڌل هئا. اِهو درست آهي ته انهن سڀني ملڪن ۾ متحده محاذ جي تحريڪ اڃان اُن سطح تائين نه پهتي هئي، جنهن سطح تي چلي جي تحريڪ پهتي اقتدار حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي هئي.

چليءَ ۾ جڏهن 11- سيپٽمبر 1973ع تي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو ۽ فوجي راڄ ڪامياب ٿي ويو ته اُن سان عالمي انقلابي تحريڪ ۾ بحث مباحثي جا جڻ در کلي ويا. اِنهي سوياري راڄ کانپوءِ عالمي انقلابي تحريڪ ۾ ڀهريون سوال اِهو اُٿاريو ويو ته پرامن ۽ پارلياماني چونڊن وسيلي سوشلزم جي جدوجهد ڪڏهن ڪامياب ٿي نٿي سگهي. ڇاڪاڻ ته چلي ۾ ڀهريون ڀيرو سوشلزم جي پروگرام تي چونڊون وڙهيون ويون ۽ انهن ۾ سوڀ به حاصل ٿي، پر اُن کي ٻن يا ٽن سالن تائين جيئرو رهڻ نه ڏنو ويو ۽ فوج اُن جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيو. اِنهي سان عالمي انقلابي تحريڪ ۾ اِهو بحث شروع ٿي ويو ته جا اقتدار ۽ رياستي ادارن تي قبضي لاءِ هٿياربند جدوجهد ئي لازمي شرط آهي؟ چليءَ جي ڪميونسٽ پارٽي، جيڪا سيلوادور آلندي جي متحده محاذ جي هڪ اهم رڪن هئي، ۾ به اِهو مسئلو وڏي پيماني تي بحث هيٺ رهيو. چلي جي ڪميونسٽ پارٽي ان متحده محاذ جي جدوجهد هلندي پنهنجن خدشن جو اظهار ڪيو هو ۽ وڏي واڪ اِها ڳالهه ڪئي هئي ته عوامي اقتدار جي حاصل ڪرڻ ۽ ان جي حفاظت لاءِ هٿياربند جدوجهد جا امڪان موجود آهن ۽ اُن کان سواءِ ڪاميابي ٽڪي آهي.

اصل ۾ اِهو مسئلو ته سوشلزم جو حصول هٿياربند جدوجهد کانسواءِ ممڪن آهي يا نه؛ عالمي ڪميونسٽ تحريڪ ۾ اٽڪل اڌ صديءَ کان بحث جو موضوع بڻيل آهي. چلي تي پيش ڪيل اِهو مواد هڪ لحاظ کان اِنهي سوال جي جواب ۾ ڪم اچي سگهي ٿو. حقيقت اِها آهي ته گذريل سؤ سالن ۾ ڪميونسٽ تحريڪ ايتري ترقي ڪئي آهي ۽ مختلف ڪميونسٽ پارٽين پنهنجين جدوجهدن هلندي ايڏا مختلف قسم جا تجربا حاصل ڪيا آهن، جو هاڻي انقلاب ۽ سماجي تبديلي لاءِ ڪو عمومي نظريو نه ٿو ڳاهي سگهجي. اِنهي ڪري اِهو ضروري ٿو ٿي وڃي ته مختلف ملڪن ۾ ڪميونسٽ پارٽين سوشلزم يا غيرسرمائيداراڻي معاشي نظام جي لاءِ جيڪي ويڙهون وڙهيون آهن ۽ اڃان به وڙهي رهيون آهن، اُنهن متعلق مواد جمع ڪيو وڃي ۽ اُن مواد جي روشنيءَ ۾ اسان پنهنجن مسئلن کي به جاچڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. ڇاڪاڻ ته نيٺ هر ملڪ ۽ هر علائقي ۾ ڪميونسٽ پارٽي ۽ اُن جي نظريي کي مڃيندڙن کي اُتان جي خاص حالتن مطابق ئي جدوجهد ڪرڻي پوندي، طريقا ڳولها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوندا ۽ چالون استعمال ڪرڻيون پونديون.

چلي ڏاکڻين آمريڪا جو سامونڊي ڪناري وارو هڪ مُلڪ آهي، جيڪو پئسفڪ جي ڪناري تي آهي. اُن جي اُتر ۾ پيرو ۽ بوليويا جا مُلڪ آهن، جيڪي ڪيپ هارن تائين آهن. اوڀر ۾ جبلن جو هڪ ڊگهو سلسلو اُن کي ارجنٽائن کان ڌار ڪري ٿو.

چلي ۾ فوجي جرنيلن آمريڪي امداد سان 1973ع ۾ چونڊيل سرڪار جو تختو اونڌو ڪيو هو پر، اُن وقت کان وٺندي اڄ تائين اتان جي انقلابي تحريڪ فوجي آمريت کي آرام سان ويهڻ نه ڏنو. 1986ع ۾ چلي جي فوجي آمر کي بم سان اُڏائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جيتوڻيڪ هو بچي ويو پر دنيا کي اها خبر پئجي وئي ته فوجي آمريت خلاف مزاحمت باقي آهي.

چلي ۾ عوامي متحده محاذ 'پاپولر يونٽي' 1969ع ۾ قائم ڪيو ويو هو. اُن ۾ سوشلسٽ پارٽي، ڪميونسٽ پارٽي، ريڊيڪل پارٽي، سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي، آزاد عوامي پارٽي ۽ متحده عوامي تحريڪ شامل هيون. آخري جماعت ڪرسچن ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ کان ڌار ٿيل گروهه تي ٻڌل هئي.

چلي ۾ اهو پهريون متحده محاذ هو، جنهن نه رڳو مُلڪي مسئلن جي باري ۾ تفصيلي راءِ قائم ڪئي هئي پر اينديءَ چونڊن لاءِ هڪ واضح منشور پڻ جوڙيو هو. پر انهي منشور کي رڳو چونڊن وارو منشور نه ٿو چئي سگهجي، ڇاڪاڻ ته اهو سماجي تبديلين لاءِ جدوجهد جو نشان به هو. ان ۾ اقتدار اعليٰ جي سڀني ادارن ۽ سڄي جوڙجڪ ۾ تبديلي آڻڻ جي عزم جو اعلان ڪيو ويو هو. انهي ڪري اُن ۾ صاف چيو ويو هو ته:

"عوامي حڪومت جو بنيادي فرض سامراجين جي اقتدار جو خاتمو هوندو ۽ اُن سان گڏوگڏ گهڻ قومي هڪ هٽين ۽ مقامي زميندارن جي اقتدار جو خاتمو ۽ سوشلزم جو نفاذ هوندو."

پر انهي منشور ۾ اهو به چٽو ڪيو ويو هو ته عوامي حڪومت اقتدار ۾ اچڻ سان فوري طور تي سوشلزم جي نافذ ڪرڻ جو عمل شروع نٿي ڪري سگهي. سڀ کان پهريون ڪم هڪ قومي جمهوري انقلاب جي تڪميل ڪرڻ آهي ۽ اُن لاءِ اهو ضروري هوندو ته مُلڪي معيشت ۾ جمهوري سڌارا آندا وڃن ۽ سڀني رياستي ادارن ۽ ڍانچن کي جمهوري بنيادن تي ٺاهيو وڃي. ان پروگرام ۾ اهو به چٽي طرح چيل هو ته انهي قومي جمهوري انقلاب جي عمل کي ملڪ جي ٿيهه لک پورهيت عوام جي ڀرپور سهائتي وسيلي ئي مڪمل ڪري سگهجي ٿو. انهي عمل ۾ سواءِ اُنهن جي جن جو سڌي طرح رجعت پسند ٻاهرين ۽ اندرين هٿرادو مفادن سان واسطو آهي، باقي سڀني قوتن کي ڇرپر ۾ آڻڻ کپرجي. مُلڪ جون اهي سڀئي قوتون ۽ پورهيت ئي هڪ گڏيل جدوجهد جي وسيلي عوامي آزادي ۽ ڇوٽڪاري جي واٽ ٺاهي سگهن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهي پروگرام جي هڪ واضح خاصيت اها هئي ته اهو رڳو سڌارن تائين محدود نه هو، پر انهي ۾ حڪمران طبقي جي سياسي ۽ اقتصادي جوڙجڪ ۾ بنيادي تبديلين تي زور ڏنل هو. انهي ڪري پروگرام ۾ صاف اشارو ڪيو ويو هو ته:

"ملڪ کي جنهن انقلابي تبديليءَ جي ضرورت آهي، اُن جي اها گهرج آهي ته عوام اقتدار تي قبضو ڪن ۽ انهي اقتدار کي اثرائتي نموني استعمال ڪن. ڇاڪاڻ جو عوام پنهنجي لاڳيتي جدوجهد وسيلي ڪجهه بنيادي حق ۽ جمهوري آزاديون حاصل ڪيون آهن. سندن اهو فرض آهي ته هو پنهنجن حاصل ڪيل انهن ڪاميابين، جمهوري آزادين ۽ بنيادي حقن جي حفاظت لاءِ هر وقت هوشيار رهن. ڪين انهن جي حفاظت لاءِ جدوجهد ۾ مصروف رهڻو پوندو. پر اها به حقيقت آهي ته هِن وقت عوام اصل اقتدار جا مالڪ ناهن. انهي ڪري هاڻي سيني انقلابي قوتون گڏجي ويون آهن ته جيئن موجوده قومي صورتحال جي گهرجن مطابق بنيادي تبديليون آڻي سگهجن. انهي جي لاءِ ضروري آهي ته اقتدار حڪمرانن کان مزدورن، هارين ۽ وچولي طبقي جي ترقي پسندن ڏانهن منتقل ڪيو وڃي. اهڙي ريت اها عوامي سوڀ ملڪ جي تاريخ ۾ پهريون پيرو عوامي انقلاب جي ڪناري اچي بيهاريندي."

اهڙي طرح انهي پروگرام متاچرن سڌارن کان اڳتي وڌي بنيادي تبديلين کي پيش ڪيو ۽ وڏي واڪ اها ڳالهه چئي ته اقتدار کي ٿورڙن سرمائيدارن ۽ جاگيردارن جي نمائندن کان عوام جي هٿن ۾ منتقل ڪيو وڃي ۽ اهڙي ريت زندگيءَ جي سڀني شعبن ۾ جمهوري روايتن کي وڌڻ ويجهڻ جو موقعو ڏنو وڃي. انهي ڪري رياست جي سڀني ادارن ۾ جمهوري تبديلين آڻڻ لاءِ به ان پروگرام ۾ صاف نشاندهي ڪئي وئي هئي. انهن ادارن ۾ پوليس ۽ فوج به شامل هئي. ان پروگرام ۾ انهيءَ ڳالهه جي به وضاحت ڪئي وئي هئي ته اها هڪ متحده محاذ جي سرڪار هوندي، جنهن ۾ سڀني ترقي پسند ۽ انقلابي جماعتن، لاڙن ۽ نظرين جي نمائندگي هوندي ۽ اها ڪنهن هڪ جماعت جي حڪومت نه هوندي. ان حڪومت ۾ مخالف ڌر کي به اٿين جي اندر رهندي ڪم ڪرڻ جي مڪمل آزادي هوندي ۽ حڪومت مخالف ڌر جي سڀني حقن جي ضامن هوندي. اهڙي طرح انهي پروگرام ۾ اقتصادي شعبي ۾ به بنيادي تبديلين جو اعلان ڪيو ويو هو. انهن تبديلين جي ڪري وڏن زميندارن ۽ گهڻ قومي هڪ هٿين کي ڌڪ لڳو ٿي. سيني وڏين هڪ هٿين بئنڪن، انشورنس ڪمپنين ۽ معدني ذخيرن کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جو اعلان ڪيو ويو هو. پر ڪڏهن انهي پروگرام ۾ ننڍين واپارين ۽ حصيدارن جي مفادن جي حفاظت جي به ضمانت ڏني وئي هئي ۽ صنعت ۾ خانگي شعبي کي وڌڻ ويجهڻ جا موقعا مهيا ڪرڻ لاءِ به اعلان ڪيو ويو هو. اهڙي طرح گڏيل معيشت تي زور ڏنو ويو هو، جنهن ۾ عوامي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خانگي بني شعبا معيشت ۾ سرگرم رهندا.

پروگرام ۾ وڏين زميندارين کي ختم ڪرڻ ۽ زرعي سڌارن جو اعلان بہ شامل هو. تهذيبي ۽ ثقافتي شعبن ۾ بہ تبديلين جو اعلان ڪيو ويو هو تہ جيئن عوام جي زندگيءَ جو معيار نہ رڳو مادي لحاظ کان وڌي پر سندس روحاني ۽ تهذيبي زندگي بہ وڌيڪ وسيع ۽ جاندار ٿي سگهي. اِنهي سڄي پروگرام جو بنيادي نڪتو اهو هو تہ عوام کي هر سطح تي چرپر ۾ آندو وڃي تہ، جيئن اُهي هڪ جاندار ۽ طاقتور جمهوري تحريڪ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن ۽ زندگي جي هر شعبي ۽ رياست جي سيني ادارن تي جمهوري تحريڪ ۽ ائين اُن جي سرگرمين جي ڇاپ محسوس ٿيڻ لڳي ۽ اُن جي لاءِ هُو هڪ لاڳيتي جدوجهد ۾ رُڌل رهن.

متحده محاذ قائم ڪرڻ وارين جماعتن ۽ قوتن کي اِنهي پروگرام جي پوئواري ۾ پيش ايندڙ رُڪاوٽن ۽ مزاحمتن جو پورو احساس هو ۽ کين اِها خبر بہ هئي تہ اِنهي پروگرام جو حصول نهايت ڏکيو آهي ۽ ان جي لاءِ گهڻي جاکوڙ جي ضرورت پوندي. اِنهي ڪري اُهي ان جي لاءِ عوام کي ڀرپور طريقي سان چرپر ۾ آڻڻ، اُنهن کي منظم ڪرڻ جي عمل ۽ اُن جي گهرجن کان ڀلي ڀت واقف هئا. اُن جي لاءِ کين اِها بہ ڄاڻ هئي تہ عوام جي سياسي تعليم ضروري آهي تہ جيئن عوام جي تنظيم ۽ اجتماعي عمل هڪ انقلابي فڪر سان هٿياربند هجن. ان صورت ۾ اُهي حڪمران طبقي ۽ اُن جي رياستي ادارن تي پوري طرح اثرانداز ٿي سگهندا، اُنهن ۾ بنيادي تبديلين جي شروعات ڪري سگهندا ۽ اِنهيءَ حڪمران طبقي کي هٽائڻ ۾ ڪامياب بہ ٿي سگهندا.

اِهو پروگرام ۽ متحده محاذ 1969ع ۾ ناهي سگهيو هو پر اِنهي عمل لاءِ چلي جي ڪميونسٽ پارٽي گهڻو اڳ سرگرم هئي، اُن لاڳيتي جدوجهد جي وسيلي مختلف ترقي پسند ۽ انقلابي قوتن کي اِنهي گڏيل عمل لاءِ قائل ڪري ورتو هو. اِنهي ڪري اُن پنهنجي اِنهيءَ عزم جو اعلان اِنهي متحده محاذ جي قائم ٿيڻ کان ٽيرنهن سال اڳ 1956ع ۾، پنهنجي ڏهين پارٽي ڪانگريس جي موقعي تي بنيادي پاليسيءَ جي وضاحت ڪندي ڪيو هو:

"پرامن طريقي سان چلي ۾ انقلاب آڻڻ جو مطب اِهو آهي تہ گهرو ويڙهہ ۽ هٿياربند جدوجهد کانسواءِ مُلڪ ۾ انقلاب آندو وڃي، پر اِنهي پرامن انقلاب جو دارومدار ٻن اهم عنصرن تي آهي. پهريون اِهو تہ دشمن ڪيتري طاقت آهي ۽ منجهس انقلابي جدوجهد جي مزاحمت جي سلسلي ۾ ڪيترو دم خم آهي، ٻيو اِهو تہ پورهيت طبقي ۾ پنهنجي اڳواڻي ۽ پنهنجي چوڌاري عوام کي متحد ۽ منظم ڪرڻ جي ڪيتري صلاحيت آهي تہ جيئن هو عوام جي گهڻائي جي پٺڀرائي حاصل ڪري سگهي ۽ چونڊن يا اهڙي طرح جي ٻين طريقن سان اقتدار پنهنجن هٿن ۾ وٺي سگهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهي پاليسيءَ جو بنيادي نڪتو اهو هو ته چلي ۾ گهرو ويڙهه ۽ هٿياربند ٽڪراءُ کان پاسو ڪري انقلاب آڻي سگهجي ٿو. پر انهي لاءِ حڪمران طبقي جي هڪ مزاحمتي طاقت ۽ مزدور طبقي جي پنهنجي طاقت ۽ صلاحيت کي اڳتي رکڻو پوندو. انهن ٻنهي عنصرن جي طاقت جي توازن تي ئي انهي ڳالهه جو دارومدار آهي ته آيا پرامن طريقي سان تبديليون آڻي سگهجن ٿيون يا نه. انهي ڪري 1970ع ۾ جڏهن چليءَ ۾ متحده محاذ صدارتي چونڊن ۾ سوڀ حاصل ڪئي ته، انهي سوڀ جي حاصل ٿيڻ جي دوران ۽ اُن کان پوءِ سڀ کان وڏيڪ اهم مسئلو اهو ئي هو ته ڇا مزدور طبقو ۽ اُن جا حامي عنصر عوام جي گهڻائي جي پٺڀرائي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا يا نه. اهو درست آهي ته 1970ع ۾ جڏهن متحده محاذ کي ڪاميابي حاصل ٿي ۽ سيلوادور آلندي صدر چونڊجي ويو ته اُن کي پنهنجي انقلابي پروگرام کي پورو ڪرڻ جا موقعا حاصل ٿي ويا هئا ۽ سماجي تبديلين جا امڪان روشن ٿي ويا هئا. پر اهو رڳو تصوير جو هڪ پاسو هو. انهي پروگرام کي پورو ڪرڻ ۾ ڪيتريون ڏکيائيون هيون ۽ صورتحال ڪهڙي منجهيل هئي. سڀني کان وڏيڪ جيڪا شيءِ صورتحال کي منجهائي رهي هئي، اُها هي ته متحده محاذ کي صدارتي چونڊن ۾ واضح گهڻائي حاصل نه ٿي هئي. جڏهن ته پروگرام جي پورائي لاءِ پارلياماني گهڻائي هڪ بنيادي ضرورت هئي ته جيئن آئيني پٺڀرائي حاصل ڪري پروگرام کي پورو ڪرڻ ڏانهن قدم وڌائي سگهجي.

اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته چلي جي متحده محاذ پنهنجو طريقءِ ڪار ٺاهيندي پنهنجي توجه رڳو چونڊن تي ئي ڄمائي هئي. جاڪاڻ ته ان محاذ جي لاءِ چونڊون انهي وسيع طريقءِ ڪار جو رڳو هڪ پاسو هيون. جڏهن ته انهي محاذ جي لاءِ اُن جي طريقءِ ڪار جو دارومدار عوام کي منظم ڪري، سندن ڀرپور تحريڪ سان پنهنجي پروگرام کي پورو ڪرڻ هو. انهي سڄي طريقءِ ڪار ۾ چونڊون رڳو هڪ جز هيون.

1970ع جي صدارتي چونڊن ۾ متحده محاذ جي نمائندي سلوادور آلندي کي ڇٽيهه سيڪڙو کان ڪجهه وڌيڪ ووٽ مليا هئا. ساڄي ڌر جي پارٽي قومي پارٽي کي ٻٽيهه سيڪڙو ووٽ مليا هئا ۽ ڪرسچن ڊيموڪريٽڪ پارٽي جيڪا حڪمران جماعت به رهي چڪي هئي ۽ جنهن جو شهري آباديءَ ۾ چڱو اثر هو، ستاويهه سيڪڙو ووٽ حاصل ڪيا هئا. انهن ٻنهي جماعتن کي گڏيل طور تي ٺاهٺ سيڪڙو ووٽ مليا هئا ۽ اهڙي ريت اُنهن کي اسيمبلي ۾ چڱي خاصي گهڻائي حاصل هئي. سينيٽ ۾ به جيڪا ڪرسچن ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي دور ۾ چونڊي وئي، انهن جماعتن کي گهڻائي حاصل هئي. انهي صورتحال ۾ متحده محاذ کي ڪاميابي جي ٻهرئين ڏينهن کان وٺي چڱن خاصن اهم مسئلن کي مُنهن ڏيڻو پئجي رهيو هو. چلي جي آئين مطابق جيئن ته آلندي کي ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ووٽ مليا هئا، انهي ڪري پارليامينٽ کيس صدر مڃڻ لاءِ ٻڌل هئي، پر اها حقيقت پنهنجي جاءِ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

موجود هئي ته آلندي کي نه ته اسيمبليءَ ۾ گهڻائي حاصل هئي ۽ نه ئي سينيٽ ۾.
ڪري ڪيس صدارتي اُميدوار جي طور تي اسيمبليءَ مان تصديق ڪيڻ ملي
سگهيا ها؟ اها اُها بنيادي ڪمزوري هئي، جنهن کي اچڻ واري وقت ۾ مخصوص
ماڻهن پوري طرح استعمال ڪيو ۽ اُن مان فائدو ورتو.
ڪرسچن ڊيموڪريٽڪ پارٽي، جيڪا حاڪم جماعت رهي چُڪي هئي، جو
وڏو اثر موجود هو، ڇاڪاڻ ته منجهس مختلف خيالن جا ماڻهو موجود هئا ۽ اها
جماعت هر قسم جي نعرن کي استعمال ڪرڻ جي باڻ ۾ صلاحيت رکندي هئي. هيءَ
جماعت پر اها جماعت انقلاب، جمهوريت ۽ آزاديءَ جا نعرا به هڻا ڪنهن هڪ جي
استعمال ڪندي هئي. انهي ڪري جڏهن متحده محاذ ٺهيو ته اُن پارٽيءَ کي به
متاثر ڪيو ۽ اُن جو هڪ حصو متحده محاذ کان متاثر ٿيڻ شروع ٿيو. منجهس به
واضح لاڙا اُڀري سامهون آيا. هڪ پاسي ساڄي ڌر جي فڪر جا رجعت پسند هئا،
جيڪي اڳوڻي صدر فيري جي اڳواڻيءَ ۾ منظم ٿيا هئا ۽ ٻئي پاسي ترقي پسند ۽
جمهوري خيالن جا ماڻهو هئا، جيڪي ٽومڪ جي اڳواڻيءَ ۾ ڪٺا ٿيا هئا. انهي
ڪري صدارتي چونڊن ۾ انهن عنصرن جي حمايت جي ڪري ئي ٽومڪ صدارتي
اميدوار ٿيو. جڏهن پارليامينٽ ۾ آلندي جو صدر جي حيثيت ۾ اعتماد جو معاملو
پيش ٿيو ته ڪرسچن ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي ترقي پسندن آلندي جي حمايت جو
فيصلو ڪيو ۽ اهڙي طرح آلندي کي اسيمبليءَ ۾ گهڻائي حاصل ٿي ويئي.
پارليامينٽ پاران صدر جي حيثيت ۾ سندس تصديق ڪري نيٺ ڪيس صدر مڃيو
ويو. پر اها حقيقت بهرحال پنهنجي جاءِ تي موجوده هئي ته تعداد جي لحاظ کان
متحده محاذ ۽ آلندي جي حيثيت ڪارگر ڪرڻ جهڙي نه هئي. بلڪ سندس
ڪمزوري ڪافي چٽي ۽ ظاهر ظهور هئي.

چلي جي آئين هيٺ صدر کي ڪافي اختيار حاصل آهن. پر متحده محاذ کي
اسيمبليءَ ۾ هر وقت ڪرسچن ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي پٺڀرائيءَ تي ڀاڙڻو پوندو
هو. انهي ڳالهه متحده محاذ جي ڪمزوريءَ ۾ اڃان به واڌارو ڪري ڇڏيو هو.
ڇاڪاڻ ته هڪ ته حڪومت جو عدم استحڪام واضح هو ۽ ٻيو هي ته متحده
محاذ کي پنهنجي پروگرام جي سلسلي ۾ هر وقت پنهنجي گهڻائي کي قائم رکڻ لاءِ
ڪرسچن ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي مزاحمت جي دٻاءُ کي قبول ڪرڻو پوندو هو.
انهي ڪري متحده محاذ جڏهن به پنهنجي پروگرام جي پوراڻي لاءِ ڪي قدم کنيا
ٿي ته اُن وقت ساڄي ڌر جا حامي انهي حيثيت ۾ هوندا هئا، جو اُنهن جي
ڪاميابيءَ سان مزاحمت ڪري سگهن. انهي ڪري 1972ع ۾ جڏهن اهو ٽڪراءُ
اڀري چٽو ٿيو ته ڳالهه ايستائين وڃي پهتي هئي جو سرڪار چور بازاري ۽ ذخيره
اندوزي کي بند ڪرڻ جهڙا قانون به منظور نه پئي ڪرائي سگهي. هي ڳالهه ته ڇڏيو
پر سٽي بازي ۽ تشدد کي ختم ڪرڻ لاءِ به سرڪار کي مختلف قدمن کڻڻ جي
سلسلي ۾ زبردست مزاحمت کي منهن ڏيڻو پئي پيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهي صورتحال جو مايوس ڪُن پاسو پهرين ڏينهن کان ئي، جڏهن ڪرسچن بيمرڪريٽڪ پارٽي اسيمبلي ۾ پنهنجي حيثيت ۾ تبديليون آڻڻ شروع ڪيون هيون، ڏسڻ ۾ اچڻ لڳو هو. جيئن جيئن اِنهي پارٽيءَ ۾ ساڄي ڌر جا اثر وڌندا ويا، تيئن تيئن متحده محاذ جي قدمن خلاف مزاحمت وڌندي ويئي. اصل ۾ اها ئي اُها صورتحال هئي، جنهن نيٺ فوجي راڄ اچڻ لاءِ واٽ ڏيکاري. هن ته هر قدم تي مزاحمت آلندي جي سرڪار کي پنهنجي پروگرام تي عملدرآمد ڪرڻ کان روڪي رکيو هو. جنهن جو نتيجو اِهو نڪتو ته اقتصادي صورتحال خراب ٿيڻ لڳي. انهي جو اثر اهو پيو ته هڪ پاسي ته فوج متاثر ٿي ۽ ٻئي پاسي ننڍا واپاري، ٽرڪ ڊرائيور ۽ ٻيا نوڪري ڪندڙ ماڻهو به پريشانين ۾ ورڙهجي ويا. ان حد تائين جو پيشيور ماڻهو جن ۾ ڊاڪٽر ۽ وڪيل به شامل هئا، سرڪار جي ٽڪيائين کي سمجهي نه سگهيا. پر انهن ٽڪيائين جي باوجود متحده محاذ جي سرڪار عوام جي گهڻائي کي متاثر ڪرڻ ۽ اُن جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪافي اهم قدم کنيا هئا.

هڪ حقيقت اها به آهي ته آلندي کي ورثي ۾ هڪ نهايت خراب حالت واري معيشت ملي هئي. 1955ع کان 1970ع تائين جي وچ واري مدي ۾ في کس آمدنيءَ ۾ رڳو 0.7 سيڪڙو واڌارو ٿيو هو. پر اِنهي جي ڀيٽ ۾ جيستائين ٻاهرين قرضن جو تعلق هو ته اُنهن ۾ زبردست واڌارو ٿيو هو. اهڙي ريت 1968ع ۾ چاڙهه ڪروڙ ۽ نوي لک ڊالر ٻاهريون قرض هو. جيڪو 1970ع ۾ ٽي سؤ سٺ ڪروڙن تائين پهچي ويو هو. ان جو نتيجو اِهو نڪتو ته قيمتن ۾ تمام گهڻو واڌارو ٿيو ۽ ڪڏهن بيروزگاري به وڌي وئي. پر اِنهي شديد اقتصادي کوٽالي جي باوجود آلندي جي سرڪار پنهنجن شروعاتي پندرنهن مهينن ۾ گهڻي ترقي ڪئي ۽ اقتصادي بحران تي ضابطي ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. مارچ 1972ع ۾ متحده محاذ پنهنجي حڪومت جي دور جي باري ۾ هڪ رپورٽ شايع ڪئي. پر اهم ڪارناما اِهي ئي هئا ته اُنهن بين الاقوامي هڪ هٽين جي هڪ هٽي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. خاص طور تي اُنهن جي جيڪي ٻاهرين هٿن ۾ هيون ۽ جن تي آمريڪي ڪمپنين جي بالادستي هئي. ٻيو اهم ڪارنامو وڏين زميندارين کي ختم ڪرڻ هو.

انهن سڌارن ۽ قدمن وسيلي متحده محاذ جي سرڪار جيڪو اهم مقصد حاصل ڪرڻ چاهيو ٿي، اهو هو عوام کي حرڪت ۾ آڻڻ ۽ خاص مفادن جي متبرائپ کي ختم ڪري معيشت جي توازن کي بدلائڻ. ان جو مقصد ڪو سوشلسٽ معيشت جي پيڙهه رکڻ نه هو. پر متحده محاذ انهي کي هڪ اهڙو انقلابي ۽ جمهوري قدم ضرور سمجهيو ٿي، جيڪو سوشلزم ڏانهن وڌڻ لاءِ واٽ ٺاهيندو. انهي سان گڏ سرڪار ڪجهه اهم صنعتن کي قومي ملڪيت ۾ ورتي جنهن ۾ ٽامي جي صنعت به هئي، جنهن تي آمريڪي ڪمپني 'ڪينڻ ڪوٽ ڪورپ ڪاربوريشن' ۽ چليءَ جي صنعتڪارن جي ڪمپني 'اناڪونڊا' جو قبضو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساڳئي طرح رُڪ جي صنعت کي بہ قومي ملڪيت ۾ ورتو ويو، جنهن تي آمريڪي سرمائيڪارن جي هڪ هٽي هئي. ڪپڙي جي چئن وڏن ڪارخانن، سيمينٽ جي ڪارخانن ۽ مڇيءَ کي دٻن ۾ بند ڪري ٻاهر موڪلڻ واري صنعت کي بہ قومي ملڪيت ۾ ورتو ويو هو. فيبروري 1972ع ۾ سٺ لک پنجاهہ هزار ايڪڙ زمين، زميندارن کان وٺي هارين ۾ ورهائي ويئي. آلندي پنهنجي ڇهن مهينن جي حڪومت جي عرصي ۾ هارين ۾ ايتري زمين ورهائي، جيتري اڳوڻي سرڪار ڇهن سالن جي عرصي ۾ ورهائي هئي. 1972ع جي آخر تائين متحده محاذ جي سرڪار وڏين زميندارين کي تقريباً ختم ڪري ڇڏيو هو. اهڙي طرح وڏين بينڪن کي پڻ قومي ملڪيت ۾ ورتو ويو هو.

معيشت جي ميدان ۾ انهن سڀني تبديلين، صنعتي ملڪيت کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ ۽ ٻين سهولتن عوام کي تمام گهڻو متاثر ڪيو هو. اهڙي طرح متحده محاذ جي حڪومت جي پهرئين سال پيداوار ۾ نَوَ سيڪڙو واڌارو ٿيو ۽ صنعتي پيداوار ۾ ٽيرنهن سيڪڙو وڌارو ٿيو. اڳوڻي سرڪار جي آخري سال ۾ اٺ سيڪڙو واڌارو ٿيو هو پر هاڻي رڳو پيداوار ۾ ئي واڌارو نہ پئي ٿيو بلڪ بيروزگاريءَ ۾ بہ گهٽتائي آئي هئي ۽ ٻہ لک نيون نوڪريون مهيا ڪيون ويون هيون، جنهن جي ڪري بيروزگاري 3.8 سيڪڙو مان گهٽ ٿي 3.8 سيڪڙو ٿي ويئي هئي، جنهن مُلڪ جي آبادي هڪ ڪروڙ هُجي، اتي بيروزگاريءَ کي ايڏي گهٽ سطح تائين ڪئي اچڻ ۽ هڪ سال جي عرصي ۾ ٻہ لک نيون نوڪريون مهيا ڪرڻ ڪو معمولي ڪارنامو نہ هو.

آلندي جي حڪومت جي هڪ سال ۾ ٽامي جي پيداوار ۾ چاليهہ هزار ٽَنَ جو واڌارو ٿيو ۽ اُها اُپت ست لک ٽيهہ هزار ٽن تائين پهچي ويئي. اهڙي طرح رُڪ جي پيداوار ۾ بہ مثل واڌارو ٿيو ۽ اُها ڇهہ لک پندرنهن هزار ٽن تائين وڃي پهتي. سيمينٽ جي پيدوار ٽيرنهن لک ٽن ٿي ويئي ۽ بجلي جي پيدوار پنج سؤ اوڻهتر ڪروڙ ڪلوواٽ تائين پهچي ويئي هئي. نائٽريٽ جي پيدوار ۾ ٽيويهہ سيڪڙو ۽ ڪوئلي جي پيدوار ۾ ٽہ سيڪڙو واڌارو ٿيو هو.

آلندي جي سرڪار جو اهو اُهو دور هو، جڏهن سياسي استحڪام هو. انهي سياسي استحڪام ۽ صنعتن کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جي ڪري نہ رڳو پيدوار ۾ واڌارو ٿيو، پر نوڪرين ۾ بہ واڌارو آيو. بيروزگاريءَ ۾ گهٽتائي آئي ۽ عوام کي زندگيءَ جون ٻيون سهولتون بہ حاصل ٿيون. اهو درست آهي ان دور ۾ قيمتن ۾ واڌارو ٿيو پر واڌاري جي رفتار ۾ گهٽي گهٽتائي ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويئي هئي ۽ هاڻي قيمتن ۾ واڌاري جي جيڪا رفتار هئي، اُن جي تلافي گهڻي حد تائين ملازمن کي مليل مراعاتن جي ڪري ٿي ويئي هئي. اِنهي ڪري عوام جي قوت خريد ۾ ٽيهہ سيڪڙو واڌارو ٿيو. ضروروت جي شين جي خريد ڪرڻ واري قيمت ۾ ويهہ سيڪڙو وڌارو ٿيو ۽ قومي آمدنيءَ جي ورهاست جي توازن ۾ پڻ اهم تبديلي اچڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

الندي جي حڪومت ڪان اڳ قومي آمدني جو ايڪونجاهہ سيڪڙو مزدور طبقي کي ملندو هو پر صنعتن کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ ۽ ٻين سڌارن جي ڪري ان ورهاست ۾ تبديلي ٿي ۽ پندرنهن مهينن ۾ محنت ڪش طبقي جو قومي آمدنيءَ ۾ حصو وڌي سٺ سيڪڙو ٿي ويو. رڳو اهو نہ پر خاندانن کي جيڪي الائونس ملندا هئا، انهن جو انگ پنجاهہ سيڪڙو مان وڌي سؤ سيڪڙو ٿي ويو. ساڳي طرح ٻڍاپي جي پينشن کي پنجٽيهہ سيڪڙو مان وڌائي سٺ سيڪڙو ڪيو ويو. پهريون ڀيرو اهو قدم کنيو ويو جو ٻارنهن سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن لاءِ اڌ سير کير مهيا ڪرڻ شروع ڪيو ويو. مزي جي ڳالهہ اها آهي تہ اهو قدم اُن وقت کنيو ويو هو، جڏهن برطانيا، جيڪو سرمائيداري جو هڪ ٿنڀو آهي ۽ اُتي موجود شين جي کپ جي سڄي جهان ۾ مشهوري آهي، جي قدامت پسند سرڪار اسڪولن ۾ ٻارن کي کير ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو هو ۽ اسڪولن ۾ هلندڙ ڪاڌي پيتي جي شين جي قيمتن ۾ واڌارو ڏيڻ شروع ڪي ويو هو. پر چلي ۾ اُن جي ابتڙ ڪنڊرگارٽن ۽ نرسري اسڪولن ۾ صبح جو نيرن ۽ ڪاڌو گهٽ قيمتن تي ورهائڻ متعلق قدم کنيا پئي ويا.

متحده محاذ جي حڪومت تعليم تي بہ خاص توجهہ ڏيڻ شروع ڪئي هئي ۽ چلي جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو تعليم جي لاءِ سڀ کان وڏيڪ رقم رکي ويئي هئي. فني ماهرن جي تعليم ۽ تربيت جي ادارن کي وسعت ڏني ويئي ۽ اُنهن ۾ داخلائن جي تعداد ۾ اٺٽيهہ سيڪڙو واڌارو آيو. يونيورسٽين ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪندڙن جي تعداد ۾ اناويهہ سيڪڙو واڌارو ٿيو ۽ فني مهارت ۽ اعليٰ تعليم حاصل ڪندڙ جو تعداد اڍائي لکن تائين پهچي ويو هو.

رهائش جي مسئلي تي بہ توجهہ ڏني ويئي ۽ 1971ع ۾ ٽي هڪ لک نوان فليٽ ٺهڻ شروع ٿي ويا هئا. ان کان اڳ ڪڏهن بہ چلي ۾ ايڏي وڏي پيماني تي رهائش جي مسئلي کي حل ڪرڻ جو بندوبست نہ ڪيو ويو هو.

هاڻي اهو چئي سگهجي ٿو تہ ايڏين اهم ڪاميابين ۽ عوام کي سهولتن ڏيڻ لاءِ کنيل قدمن جي باوجود رجعت پسند فوجين جو راتاهو ڪيئن ڪامياب ٿي ويو؟ ترقي ڪندڙ ملڪن ۾ جڏهن بہ اهي راتاها ڪامياب ٿيندا آهن تہ اها ڳالهہ مڃيل هوندي آهي تہ انهن فوجي راتاهن جي پٺيان ضرور سامراجي مُلڪن جي سڌي يا اڻ سڌي مدد ۽ حمايت موجود آهي. رڳو فوجي راتاهن جي موقعي تي ئي نہ پر ترقي ڪندڙ ملڪن ۾ جڏهن چونڊون بہ ٿينديون آهن تہ بہ سرمائيدار مُلڪ انهن چونڊن تي اثرانداز ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ جيئن سندن حامي جماعت ڪامياب ٿي سگهي. رڳو اهو ناهي پر اهو عمل انتهائي ترقي ڪيل مُلڪن ۾ بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مثال طور اها ڳالهہ جي جمهوريت آهي تہ اٽلي ۽ فرانس جي ڪميونسٽ پارٽين کي حڪومتن ۽ ڪئبنيل حڪومتن ۾ شامل ڪرڻ کان رڳو انهي ڪري لنوايو وڃي ٿو تہ آمريڪا امداد تي پابندي هڻي آهي، اهو نہ پر هتي 1981ع جي پهرين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتي ۾ جڏهن جيل ۾ ويٺي اهي سٽون لکي رهيو آهيان ته اخبارن ۾ فرانس جي صدارتي چونڊن جون خبرون اچڻ شروع ٿي ويون آهن ته سرمائيدار دنيا کي اهو خطرو ستائي رهيو آهي ته ڪٿي سوشلسٽ اميدوار متران، جنهن کي ڪميونسٽن جي مدد ۽ حمايت حاصل آهي، ڪامياب نه ٿي وڃي. انهي ڪري اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪمپنين جي حصن جي قيمت کي ڪيرائڻ شروع ڪيو ويو هو. اهڙي ريت وچولي ۽ سفيد پوش طبقي کي بيچاريو وڃي ٿو ۽ اهي انهي ڀپ کان ته ڪٿي متران جي اچڻ سان پوري دنيا ئي هيٺ مٿي نه ٿي وڃي، کيس ووٽ ڏين لاءِ مجبور ٿي وڃن ٿا. انهي ڪري جيڪڏهن انتهائي ترقي ڪيل ملڪن ۾ به اهي ڊراما ڪيڏي سگهجن ٿا ته پوءِ ترقي ڪندڙ ملڪن ۾ فوجي راڄاهن کي منظم ڪرڻ ۽ انهن تي اثرانداز ٿيڻ ڪهڙو ڏکيو ڪم آهي. اهو درست آهي ته جڏهن فوجي راڄاها ڪامياب ٿين ٿا ته انهن جي ڪاميابين ۾ ترقي ڪندڙ ملڪن جي ترقي پسند جماعتن جي غلطين ۽ ڪمزورين جو به اهم ڪردار هوندو آهي. جاڪاڻ ته جيڪڏهن اهي غلطيون ۽ ڪمزوريون نه هجن ته پوءِ اهو مطلب نڪرندو ته عوام کي ڀرغلائي سگهجي ٿو ۽ نه ئي فوج کي متاثر ڪري سگهجي ٿو.

جيستائين چلي جو تعلق آهي ته ان ۾ آمريڪي مفادن جو عمل دخل گهڻو پراڻو آهي. جيئن اسان وٽ برطانوي مفاد آهن، پر هتي برطانيا سڌي نموني حڪومت ڪئي آهي ۽ چليءَ ۾ آمريڪي عمل دخل اڻ سڌو رهيو آهي. جاڪاڻ ته هتي آمريڪي صنعتڪارن جو تمام گهڻو سرمايو لڳل هو. انهي ڪري ان سرمائي جي حفاظت لاءِ آمريڪا کي چليءَ جي سياست تي نه رڳو اهو ته نظر رکڻي پوندي هئي پر اُن کي مداخلت پڻ ڪرڻي پوندي هئي. انهي ڪري اهو سمجهڻ ته آمريڪا ۽ سي-آءِ-اي آلندي سرڪار خلاف جيڪا سازش ڪئي هئي اُها پهرين سازش هئي؛ غلط ڳالهه ٿيندي. آمريڪا اٽڪل اڌ صديءَ کان چلي جي سياست تي اثر انداز ٿيندو رهيو آهي. جڏهن به چلي ۾ عوامي تحريڪ ۽ ڪاهي ڌر جي لاڙن زور ورتو ۽ اُن کي سياسي ڪاميابيون حاصل ٿيڻ شروع ٿيون ته آمريڪي مداخلت به اُنهي حساب سان وڌنڌي ويئي. انهي ڪري 1930ع ۾ جڏهن چليءَ ۾ پهريون ڀيرو عوامي محاذ ٺهيو ۽ مزدور طبقي پنهنجن حقن لاءِ جدوجهد شروع ڪئي ته آمريڪي مداخلت ٿيڻ لڳي. وري جڏهن 1940ع ۾ عوامي محاذ ظاهر ٿيو ته ساڳيو عمل ورجايو ويو. 1959ع ۽ 1960ع ۾ وري آمريڪي مداخلت ڏسڻ ۾ آئي. مٿي جي ڳالهه اها آهي ته انهن ٻنهي صدارتي چونڊن ۾ آلندي حصو ورتو هو ۽ کيس ناڪام بڻايو ويو هو. آخري مداخلت 1973ع ۾ ٿي جڏهن 1969ع ۾ متحده محاذ قائم ٿيو ۽ اُن جو اميدوار آلندي چونڊون کٽي ويو.

چلي جو مزدور طبقو ۽ اُن جي سياسي جماعت ڪميونسٽ پارٽي هميشه کان آمريڪي حڪمران طبقي جي اکين جو ڪنڊو رهي آهي. انهي ڪري جيئن 1970ع جون چونڊون ويجهيون آيون ته 1969ع ۾ ئي اها ڪوشش شروع ٿي ويئي هئي ته

انهي ڪري 21- اهڙيون حالتون پيدا ڪيون وڃن جو چونڊون ٿي ئي نه سگهن. انهي ڪري 21- آڪٽوبر 1969ع تي هڪ فوجي رجمينٽ ڪان پگهارن ۾ واڌاري جي مسئلي تي هڙتال ڪرائي ويئي. ان جو مقصد اهو هو ته بدامني پيدا ڪري فوج جي اقتدار ۾ اچڻ لاءِ واٽ شاهي وڃي ته جيئن 1970ع جي چونڊن لاءِ سڀ واٽون ميساريون وڃن. پر اها ڪوشش ناڪام ٿي ويئي. ڇاڪاڻ ته جيئن ئي اها صورتحال پيدا ٿي مزدور طبقو فوراً حرڪت ۾ اچي ويو ۽ مزدورن جي متحده ڪنفيڊريشن عام هڙتال جو سڏ ڏيئي ڇڏيو. جنهن جي ڪري ملڪ اندر پوري زندگي بيهجي ويئي ۽ مزدورن ڪارخانن، بجلي گهرن ۽ ٻين اهم ادارن تي قبضو ڪري ورتو. انهي ڳالهه فوج کي ٻيجاري ڇڏيو. ٻي ڳالهه ته فوج جي گهڻائي به ڪنهن قدم کڻڻ جي حق ۾ نه هئي. ڇاڪاڻ ته اُن وقت ڪرسچن ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي حڪومت هئي ۽ فيري صدر هو ۽ ڪرسچن ڊيموڪريٽڪ پارٽي اُن وقت ڪنهن به قسم جي فوجي مداخلت جي حق ۾ نه هئي. جيئن ته گهڻا فوجي جرنيل جون ڪرسچن ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي اڪواڻ سان ماڻٽيون هيون، انهي ڪري اُهي ڪنهن اهڙي فوجي قدم جي حمايت ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا.

انهن حالتن ۾ فوجي راتاهي جو مطلب اِهو ٿئي ها ته اُن جي ڪامياب ٿيڻ جي صورت ۾ به شهرين جي ڪنهن طبقي پاران اُن کي پٺڀرائي حاصل نه ٿي سگهي ها. ڇاڪاڻ ته فوج اُن وقت اقتدار سنڀاليندي آهي، جڏهن اُن کي شهرين جي ڪنهن اهم حصي جي حمايت حاصل هجي. پوءِ اُن حصي کي پاسيرو ڪري ڇڏڻ هڪ ڌار مسئلو آهي پر ابتدائي قدم ان وقت ئي ممڪن هوندو آهي، جڏهن ڪيس عوام جي ڪنهن هڪ موثر حصي جي حمايت حاصل هجي.

انهي ناڪاميءَ کان پوءِ جڏهن چونڊن جو عمل شروع ٿيو ته آمريڪا انهن چونڊن تي اثرانداز ٿيڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي. انهي سلسلي ۾ سڀ کان اڳ آمريڪي ڪمپنين جي مالي مدد سان ڪميونسٽ پارٽي خلاف زبردست مهم شروع ڪئي ويئي. ان ۾ 'اناڪونڊ ڪوپر ڪمپني' سرگرم ڪردار ادا ڪيو. ٽن نوجوان ڪميونسٽن کي انهي ڳالهه جو دستاويزي ثبوت به ملي ويو هو. انهي ڪري چلي جي چونڊن ۾ آمريڪي مداخلت جي باري ۾ آمريڪي سينيٽ جي سليڪٽ ڪميٽي جي رپورٽ ۾ چيو ويو هو ته:

> "آمريڪا جو چليءَ جي چونڊن ۾ مداخلت جو عمل 1964ع جي چونڊن کان ئي شروع ٿي ويو هو ۽ اُن وقت سياسي عمل جو پروگرام به ناهيو ويو هو. جيئن ته آمريڪا کي سيلوادور آلندي کان گهڻو خطرو محسوس ٿي رهيو هو انهي ڪري ساڳيو عمل 1970ع جي چونڊن ۾ به جاري رهيو. 1964ع جي سياسي عمل جي دوران سي- آئي- اي ٽيهه لک ڊالر خرچ ڪيا هئا."

جيئن جيئن 1970ع جون چونڊون ويجهيون اينديون ويون، تيئن ئي آمريڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صنعتي ڪمپنين جون سرگرميون بہ تيز ٿينديون ويون. آمريڪا جي چاليھہ رڪني ڪاميٽي، جنهن جو اڳواڻ پاڻ آمريڪي پرڏيهي وزير ۽ قومي سلامتي جو صلاحڪار هينري ڪسنجر هو، چلي ۾ آمريڪي سفير کي سفارش ڪئي تہ چلي ۾ افراتفري واريون حالتون پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪيون وڃن، جن جي ڪري چونڊون ٿيڻ ناممڪن ٿي وڃي يا سيلوادور آلندي جي سوڀ جي امڪانن کي ختم ڪيو وڃي. انهي ڪم جي لاءِ اُن چاليھہ رڪني ڪاميٽيءَ هڪ لک پنجٽيھہ هزار ڊالرن جي رقم رکي، جنهن کي ٻن مهينن کان پوءِ وڌائي ٿي لک نوي هزار ڊالر ڪيو ويو. اهي رقمون ان کانسواءِ آهن، جيڪي آمريڪي ڪمپنين انهي ڪم لاءِ رکيون هيون. اهو تہ پر چلي ۾ آمريڪي سفير ايڊورڊ ڪوري اِها تجويز پيش ڪئي تہ چلي جي ڪجهہ سياستدانن کي رشوت ڏيڻ لاءِ پنج لک ڊالرن جي رقم رکي وڃي. اِها حقيقت آهي تہ جڏهن آلندي کي عوامي ووٽ ملي ويا تہ ڪيس جيستائين ڪانگريس ۽ سينيٽ جي ڳهٽائي صدر نہ مڃي ها، تيستائين هو صدر نہ بڻجي سگهي ها. 4- سيپٽمبر 1970ع تي جڏهن اِهو اجلاس ٿيو تہ اُن ۾ ڪوبہ فيصلو نہ ٿي سگهيو ۽ اُن کي 24- آڪٽوبر تائين معطل ڪرڻو پيو. نيٺ ڪيس صدر مڃيو ويو. جاڪاڻ تہ ڪرسچن ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي ميمبرن، پنهنجو ووٽ متحده محاذ سان گڏجي استعمال ڪيو هو پر 24- آڪٽوبر تي جڏهن پارليامينٽ جو اجلاس ٿيو تہ اُن وقت ڪرسچن ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي گهڻن ميمبرن جي رويي ۾ تبديلي اچي چڪي هئي، جيڪا آمريڪي ڊالر جي ڪري ئي ٿي هئي.

بهرحال، 4- سيپٽمبر 1970ع تي آلندي جي صدر جي حيثيت ۾ ڪاميابي آمريڪي حڪمرانن کي گهڻو پريشان ڪري ڇڏيو هو. ٽن ڏينهن کان پوءِ 7- سيپٽمبر 1970ع تي سي- آئي- اي جي تجزياتي ڊائريڪٽر هڪ تفصيلي رپورٽ تيار ڪئي، جنهن ۾ آلندي جي ڪاميابي جي ڪري آمريڪي مفادن تي پوندڙ اثرن جو جائزو ورتو ويو هو. ان ۾ ايستائين مڃيو ويو هو تہ آلندي جي سوڀ جي ڪري عالمي فوجي توازن تي ڪو فرق نہ پوندو ۽ نہ ئي ان سان علائقي جي امن کي ڪو خطرو آهي، انهي ڪري انهي سوڀ سان آمريڪا جي قومي مفادن کي ڪوبہ نقصان نہ پهچندو. پوءِ نيٺ ڪهڙا خطرا ۽ بدگمانيون هيون، جيڪي آمريڪا کي پريشان ڪري رهيون هيون؟ ۽ چلي ۾ جمهوري عمل جي تيز ٿيڻ سان آمريڪي حڪمران جو نرنلي ۾ هئا؟ ان جو رڳو هڪ ئي جواب ٿي سگهي ٿو تہ آمريڪا کي متحده محاذ جي پروگرام جي اُنهي فقري کان خطرو هو، جنهن ۾ بنيادي صنعتن کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جو عزم ڪيو ويو هو. انهي ڪري هن رپورٽ ۾ بہ اقتصادي خطرن جو امڪاني ذڪر موجود هو، جيستائين واپار جو تعلق هو تہ انهي سلسلي ۾ آمريڪا کي ڪو خطرو نہ هو ۽ اُن کي جاري رکڻ ٻئي چاهيائين.

بهرحال سي- آئي- اي جا تجزيي نگار متحده محاذ ۽ آلندي جي ڪاميابيءَ جي ڪري ٻن ٻين خطرن جي پڻ نشاندهي ڪري رهيا هئا: هڪ اِهو تہ آمريڪا،

آمريڪي ڪنڊ جي رياستن تي پنهنجي مٿڀرائپ قائم رکڻ لاءِ جيڪا 'آمريڪي رياستن جي تنظيم' قائم ڪئي آهي، اُن ۾ انهي مٿڀرائپ خلاف دهاءُ ۾ وارو اچي ويندو ۽ بيو هي ته اِها سوڀ مارڪسي فڪر لاءِ واڌ ناهيندي.

سي- آئي- اي جي تجزيي ڇپجڻ کان هڪ هفتو پوءِ صدر نڪسن پنهنجي قومي سلامتيءَ جي صلاحڪار هينري ڪسنجر سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ان ۾ سي- آئي- اي ڊائريڪٽر رچرڊ هيلمز ۽ اٽارني جنرل جان مچل به شامل هئا ۽ چلي جو ئي بحث هيٺ مسئلو هو. خيالن جي اِها ڏي وٺ 15- سيپٽمبر 1970ع تي ٿي ۽ اُن جا هٿ سان لکيل نوٽ جيڪي رچرڊ هيلمز لاءِ هئا، بعد ۾ جيئن جو تيئن شايع ٿي ويا. اِهي هن ريت هئا:

* صورتحال خراب آهي. ڪاميابيءَ جو امڪان ڏهن مان هڪ آهي، پر چلي کي بهرحال بچائڻ کپي.
* خرچ جي پرواهه نه ڪرڻ گهرجي.
* خطرن کان به لاپرواهه ٿي وڃڻ کپي.
* سفارتخاني کي اِنهي ۾ شامل نه ڪيو وڃي.
* هڪ ڪروڙ ڊالر رکيا وڃن. وڌيڪ به ملي سگهن ٿا.
* اهو ڪُل وقتي ڪم آهي.
* بهترين ڪارڪُن ۽ بهترين رٿا تيار ٿيڻ گهرجي.
* اقتصادي عدم استحڪام پيدا ڪيو وڃي.
* اٺيتاليهن ڪلاڪن ۾ عملي رٿا تيار ڪري پيش ڪئي وڃي.

اهڙي ريت جڏهن رچرڊ هيلمز سينيٽ جي سيليڪٽ ڪاميٽي جي اڳيان پنهنجي شهادت ڏني ته اُن ۾ هُن مڃيو ته صدر نڪسن جي اِها خواهش هئي ته چلي ۾ جلد کان جلد ڪجهه نه ڪجهه ٿيڻ گهرجي. ڪيس نه طريقهءِ ڪار جي پرواهه هئي ۽ نه ئي هو رقم جي متعلق پريشان هو.

ڪسنجر به پنهنجي شهادت ۾ صدر نڪسن جي اِنهي خواهش جي تصديق ڪئي هئي ۽ هيلمز جي شهادت جي پٺڀرائي ڪئي هئائين. هُن چيو هو ته:

"15- سيپٽمبر جي گڏجاڻي جو بنيادي مقصد سي- آئي- اي جي ڊائريڪٽر کي اِهو چوڻ هو ته هو آلندي کي گهڻي دير تائين اقتدار ۾ رهڻ نه ڏئي."

21- سيپٽمبر تي سي- آئي- اي جي هيڊڪوارٽر مان چلي جي گاديءَ جي هنڌ سنتياگو ۾ مقيم سي- آئي- اي جي اڳواڻ کي تار موڪلي وئي، جنهن ۾ چيو ويو هو ته:

"سڄي رٿا جو مقصد آلندي کي اقتدار تان هٽائڻ آهي. اِهو مقصد پارلياماني طريقي سان حاصل نٿو ٿي سگهي. اِنهي ڪري فوجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طريقه ڪار استعمال ڪرڻ لازمي آهي."

سيليڪٽ ڪاميٽي پنهنجي رپورٽ جو جيڪو اختصار شايع ڪيو اُن ۾ صاف طور تي چيو ويو هو ته:

"15- سيپٽمبر 1970ع تي صدر نڪسن سي- آئي- اي جي ڊائريڪٽر رچرڊ هيلمز تي اهو چٽو ڪري ڇڏيو هو ته آمريڪا کي چلي ۾ آلندي جي حڪومت ڪنهن به صورت ۾ منظور ناهي ۽ سي- آئي- اي کي هدايت ڪئي ويئي هئي ته هو چلي ۾ فوجي قدم کي منظم ڪرڻ جون تياريون فوري طور تي شروع ڪري. ڇاڪاڻ ته آمريڪا آلندي کي چلي جو صدر نه ٿو ڏسي سگهي."

آمريڪا جي 'انٽرنيشنل ٽيليفون اينڊ ٽيليگراف ڪارپوريشن' (آئي- ٽي- ٽي)، جيڪا بين الاقوامي سطح جي سڀ کان وڏي ڪمپني آهي، جي دستاويزن مان به اِنهي ڳالهه جي تصديق ٿئي ٿي. انهن دستاويزن جي باري ۾ سڀ کان اڳ آمريڪا جي مشهور ڪالم نويس جيڪ اينڊرسن 21- مارچ 1972ع تي آمريڪي اخبار واشنگٽن پوسٽ ۾ انڪشاف ڪيو هو ته: ڪهڙي طرح سي- آئي- اي ۽ آمريڪي گهڻ قومي ڪمپنين سان گڏجي آلندي جي سرڪار جي تختي اونڌي ڪرڻ جي رٿا تيار ڪئي هئي. اِها به حيراني جي ڳالهه نه هئي ته سي- آئي- اي جو هڪ اڳوڻو ڊائريڪٽر جان ميڪون هاڻي آئي- ٽي- ٽي جو ڊائريڪٽر هو.

چليءَ ۾ سڀ کان پهريون ڪنيل قدم اُهو ئي هو، جنهن ڏانهن صدر نڪسن 15- سيپٽمبر جي گڏجاڻيءَ ۾ اشارو ڪيو هو ته چلي ۾ اقتصادي عدم استحڪام پيدا ڪيو وڃي. ان ۾ گهڻ قومي آمريڪي صنعتي ڪمپنيون ۽ چلي ۾ اُنهن جون دلال ڪمپنيون اڳيريون هيون. سرمايو مُلڪ کان ٻاهر وڃڻ شروع ٿي ويو. صنعتي ڪمپنيون بند ٿيڻ شروع ٿي ويون. گڏوگڏ ساڄي ڌر جي تشدد پسندن کي پنهنجين سرگرمين تيز ڪرڻ جو موقعو ملي ويو ۽ اُنهن مختلف جاين تي بم اڇلائي مزاحمت جو اعلان ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. فوجي راتاهي جا افواهه به ڦهلجڻ شروع ٿي ويا هئا. انهن سڀني سرگرمين جي متعلق پوءِ جيڪ اينڊرسن پنهنجن ڪالم ۾ ظاهر ڪيو ته اِهي سڀ سرگرميون ۽ افواهه سي- آئي- اي جي رٿا جو حصو هئا. ان ڳالهه جي تصديق سيليڪٽ ڪاميٽي جي رپورٽ ۾ به ڪئي ويئي ته انهن سڀني ڪمن جو مقصد فوجي راتاهي لاءِ ميدان ٺاهڻ هو. انهن سڀني ننڌڻ جوڳين سرگرمين ۾ آمريڪي صدر، سي- آئي- اي، آمريڪي صنعتي ڪمپنيون، چلي جا سرمائيدار ۽ فوجي جرنيل سڀئي سرگرم هئا ۽ پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا هئا. جيڪ اينڊرسن آئي- ٽي- ٽي جي جن دستاويزن کي ظاهر ڪيو، اُنهن مان اِنهي ڳالهه جي نشاندهي ٿي ٿئي ته انهن سڀني سرگرمين ۾ پوءِ آمريڪي سفارتخانو به شامل ٿي ويو هو. بلڪ اُن کي آمريڪي پرڏيهي وزارت پاران حڪماً اِنهي سڄي عمل ۾ شامل ڪيو ويو هو. آئي- ٽي- ٽي جي دستاويزن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان اِنهي سچي عمل جي نشاندهي ٿي ويئي هئي. آئي- ٽي- ٽي جي آفيسرن سي- آئي- اي جي آفيسرن وليم بروس ۽ اينو هونگ سان ملاقاتون ڪيون. ڪڏوڪڏ پرڏيهي وزارت صدر جي پاران چلي ۾ آمريڪي سفير کي مڪمل اختيار ڏيئي ڇڏيا ۽ پيغام ۾ چيو ويو هو ته هو بلڪل اهڙي طرح رٿابندي ڪري، جهڙي ريت 1965ع ۾ ڊومنيڪن ريپبلڪ جو تختو اونڌو ڪيو ويو هو. مطلب اهو هو ته سامهون بيٺي جي چرپر وسيلي چلي جي سرڪار تي اثر وڌو وڃي.

انهن سڀني سرگرمين جو مقصد اهو هو ته چلي ۾ عدم استحڪام پيدا ڪيو وڃي ۽ ڪڏوڪڏ ملڪ جي اندر بم اڇلائي غيريقيني صورتحال پيدا ڪري، کاٻي ڌر وارن کي اشتعال ۾ آڻي جلدبازيءَ ۾ قدم کڻڻ تي مجبور ڪيو وڃي ۽ اهڙي ريت فوجي راتاهي لاءِ ماحول کي سازگار ڪيو وڃي. اِنهي لاءِ چلي جي فوج کي آمريڪا پاران هر قسم جي مادي ۽ مالي مدد جو يقين ڏياريو ويو هو.

چلي ۾ صدر نڪسن جي مداخلت ۽ آلندي جي سرڪار کان نفرت، هاڻي تاريخ جو حصو بڻجي چڪي آهي ۽ اِنهي سلسلي ۾ تمام گهڻيون حقيقتون ۽ شاهديون موجود آهن. اِنهي ڪري هاڻي هر هڪ عمل جو تجزيو ممڪن آهي. ڳالهه اها آهي ته صدر نڪسن کي جيتري تڪڙ هئي، اُن کي نظر ۾ رکندي سي- آئي- اي کي ايڏي جلدي ڪاميابي نه ٿي. سي- آئي- اي شروعات ۾ ئي صدر نڪسن کي ٻڌائي ڇڏيو هو ته اُن جي لاءِ فوري طور تي چلي جي فوج کي برغلائڻ ۽ حڪومت ۾ آڻڻ ممڪن نه هو.

ٽين دنيا ۾ ترقي پسند حڪومتن جي تختي اونڌي ڪرڻ لاءِ جڏهن به فوج ميدان ۾ لهندي آهي ۽ فوجي راتاهو هڻندي آهي ته، اسان ٽين دنيا جا رهاڪو رڳو اِهو ٿي سمجهندا آهيون ته فوج ترقي پسند سرڪار جو تختو اونڌو ڪري اقتدار سنڀاليو آهي ۽ اهڙي ريت سرمائيدار ۽ زميندار طبقي جي مٿيراڻپ کي قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اسان جي دنيا جا سياسي ۽ انقلابي تجزيي نگار به اِهو سمجهن ٿا ته اِهي فوجي راتاهو ڪو اهڙو عمل آهي، جيڪو اوچتو ظاهر ٿي پوندو آهي يا وري اسان اِهو چئي پنهنجو پلئه آجو ڪري رهندا آهيون ته اهو سڀ ڪجهه سي- آئي- اي جو ڪيل آهي. اِهي رويا پنهنجي ليکي خطرناڪ ٿين ٿا. ڇاڪاڻ ته اُنهن جي ڪري اسين سامراج جي سازشن کان پوري ريت باخبر نٿا ٿي سگهون، اِنهي بي خبريءَ جي ڪري عوام به سڌو انهن سڀني ادارن تي دارومدار رکن ٿا، جن جي وسيلي سامراجي فوجي راتاهي کان اڳ هڪ 'عوامي تحريڪ' به قائم ٿيندي آهي. اِنهي تحريڪ جا به ڪارڻ هوندا آهن. اِنهي ڪري انهن سڀني ڪارڻن، جن ۾ ترقي پسند حڪومتن جون پنهنجيون غلطيون، ڪوتاهه بيني ۽ ادارن جي طبقاتي ڪردار کان لنوائڻ ۽ انهن حڪومتن اندر موجود ناٿي ڪٺي ڪرڻ ۽ رشوت خوري جا لاڙا شامل آهن، جي تجزيي ڪرڻ وسيلي ئي انهن فوجي راتاهن جي نوعيت کي سمجهي سگهجي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهيءَ ڪري چلي ۾ فوجي راتاهي ۽ فوجي قدم جي مڪمل نوعيت کي سمجهڻ ڪري به ضروري آهي جو اسان جي 1977ع جي فوجي راتاهي ۽ چلي جي راتاهي ۾ ڪنهن حد تائين هڪجهڙائي آهي.

اڃان تائين انهي مضمون ۾ مون سي- آئي- اي ۽ آمريڪي صدر جي شامل ٿيڻ جون ڳالهيون ڪيون آهن. پر اصل نڪتو اُهو آهي، جنهن تي صدر نڪسن پنهنجي 15- سيپٽمبر واري ڪچهريءَ ۾ زور ڏنو هو. يعني چلي جي معيشت ۾ زبردست ڦيرڦار ۽ عدم استحڪام پيدا ڪيو وڃي. اِهو ڪيئن ٿيو؟ چلي ۾ اقتصادي محاذ تي حملو ڪرڻ آمريڪا لاءِ ڪنهن حد تائين انهي ڪري به سولو هو جو چلي جي معيشت آمريڪي سامراجي مفادن سان اڳ ئي ته مضبوطيءَ سان ڳنڍيل هئي، جو اُن جو اندازو به ننڍو ڪري سگهجي. چليءَ ۾ سڄي سيڙپ آمريڪي ڪمپنين پاران ڪئي ويئي هئي. واپار جو گهڻي حد تائين دارومدار آمريڪا تي هو ۽ سڀئي قرض آمريڪا پاران ڏنا ويا هئا. گذريل حڪومتن نهايت خوشي سان اِهي سڀ زنجيرون ۽ ڪڙا چلي جي پيرن ۾ وڌا هئا. ڇاڪاڻ ته اُنهن جو خيال هو ته رڳو انهن زنجيرن ۽ ڪڙن جي سهاري تي ئي اُهي اقتدار ۾ رهي سگهيا ٿي.

1970ع کان اڳ واري ڏهاڪي ۾ آمريڪي ڪمپنين جي چلي ۾ ڪيل سيڙپ پندرنهن ارب ڊالرن تائين پهچي چڪي هئي. 1969ع ۾ انهي سيڙپ تي آمريڪي ڪمپنين کي گهٽ ۾ گهٽ ٽيويهه سيڪڙو منافعو ٿيو هو. اِهو نفعو لاطيني آمريڪا جي ٻين مُلڪن ۾ لڳل سرمائي مان حاصل ٿيندڙ نفعي کان ٻيڻو هو ۽ اِهو سڄو نفعو اُهو هو جيڪو وري چلي ۾ سيڙپ جي ڪم ۾ نه آيو ۽ آمريڪا ڏانهن موڪليو ويو. انهي جو عملي نتيجو اِهو نڪتو ته صنعتن جو ڦهلاءُ ٻيهجي ويو. بيروزگاري وڌي ويئي ۽ گهڻگهڻا قيمتن ۾ زبردست واڌارو ٿيو. انهي جي ڪري عوام جي خراب حالت اڃان به وڌيڪ خراب ٿي ويئي. انهي جو نتيجو وري اِهو نڪتو ته حڪمرانن کي پنهنجي اقتدار کي قائم رکڻ لاءِ آمريڪا کان قرضن جي وڏ ۾ وڌ گهر ڪرڻي پيئي. 1958ع ۾ چلي تي ٻاهرين قرضن جي ماليت پنج ارب اوڻهتر ڪروڙ ڊالر هئي، جيڪا 1970ع ۾ وڌي سٺتيهه ارب ڊالر تي ويئي هئي.

رڳو اِهو نه پر چلي جي آمدني واپار جو چاليهه سيڪڙو آمريڪا مان ايندو هو. ان ۾ گهڻي ڀاڱي روزاني استعمال جون شيون هيون. جيستائين مشيري جو تعلق آهي ته اُن جو پنجهٺ سيڪڙو آمريڪا مان ايندو هو. مشينون هُجن يا بسون ۽ ٽرانسپورٽ جو سامان هجي، دوائون هجن يا سرجريءَ جو سامان ۽ ايستائين ته ڪاڏي پيتي جون شيون به آمريڪا مان اينديون هيون. اِهي سڀ شيون آمريڪي قرضن مان خريد ڪيون وينديون هيون. آمريڪي قرضن کانسواءِ عالمي بينڪ ۽ ٻين عالمي اقتصادي ادارن، جيڪي اصل ۾ ۽ بنيادي طور تي آمريڪي مفادن جا ئي مظهر آهن، اُنهن به چلي کي پنهنجي خاص شرطن تي قرض ڏنا هئا. انهن سڀني قرضن، آمدني واپار جي دارومدار ۽ آمريڪي سيڙپ چليءَ جي سڄي معيشت کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پنهنجو غلام بڻائي ڇڏيو. انهي ڪري آمريڪي صدر لاءِ اهو چوڻ گهڻو معنيٰ خيز هو ته چليءَ جي معيشت ۾ ڏڦيڙ پيدا ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ ته ائين ڪرڻ اُنهن لاءِ ڪو ڏکيو ڪم نه هو. اهڙي ريت قرضن ۾ هڪدم گهٽتائي ڪئي ويئي. نتيجو اهو نڪتو ته جڏهن آلندي سرڪار آمريڪي ڪمپنين کي هٽ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي ته آمريڪي صدر وڏي واڪ چيو ته چلي کي آمريڪي قرض ۽ امداد بند ڪئي ويندي، رڳو اهو نه پر ٻين ذريعن کان به قرض وٺڻ نه ڏنا ويندا. انهي سلسلي ۾ آمريڪا جي ايڪسپورٽ امپورٽ بينڪ مثال قائم ڪيو ۽ اقتصادي دٻاءُ جي واٽ ڏيکاريائين. چليءَ جي سرڪاري ايئرلائنز 'لين چلي' انهي بينڪ کان قرض ورتو هو ۽ ٻه ڪروڙ ڏهه لک ڊالرن جي وڌيڪ قرض لاءِ درخواست ڏني هئي. انهن قرضن مان ايئرلائنز ٽي بوئنگ جهاز خريد ڪرڻ چاهيا ٿي. پر آگسٽ 1971ع ۾ ٻي جڏهن آلندي جي حڪومت جي قائم ٿيڻ جا امڪان پيدا ٿي ويا هئا ته، بينڪ چلي کي ٻڌايو ته هاڻي وڌيڪ قرض نه ملندو. نه رڳو اهو پر ٻئي ڪنهن سلسلي يا مقصد لاءِ به چليءَ کي قرض نه ڏنو ويندو. آمريڪا جي نه ته ڪا بينڪ قرض ڏيندي ۽ نه ٻي ڪنهن قسم جي قرضن جي لاءِ ضمانت ڏني ويندي.

مزي جي ڳالهه اها آهي ته آلندي جي اچڻ کان پهرين اها ساڳي آمريڪي ايڪسپورٽ امپورٽ بينڪ چلي کي ايڪٽيهه ڪروڙ ڊالرن جو قرض ڏيئي چڪي هئي. اهڙي ريت واضح طور تي اقتصادي دٻاءُ جو سلسلو شروع ٿي ويو. جڏهن هرقسم جي قرضن جون واٽون بند ٿي ويون ته چليءَ کي مجبور ٿي پنهنجن محفوظ ذخيرن کي استعمال ڪرڻو پيو. پر انهي سان گڏوگڏ عالمي منڊيءَ ۾ ٽامي جون قيمتون گهٽ ٿيڻ شروع ٿي ويون. ڇاڪاڻ ته جڏهن آمريڪي ڪمپنين اهو ڏٺو ته چليءَ سندن صنعت کي قومي ملڪيت ۾ وٺي رهيو آهي ته اُنهن عالمي منڊيءَ ۾ قيمتن کي ڪيرائڻ شروع ڪري ڇڏيو. وڌيڪ اهو ته انهن ڪمپنين چليءَ کي مشينون ۽ فاضل پرزا به ڏيڻ بند ڪري ڇڏيا، جنهن جي نتيجي ۾ ٽامي جي کاڻين ۾ ڪم جي رفتار سست ٿي ويئي ۽ پيداوار ۾ گهٽتائي ٿيڻ لڳي. گڏوگڏ آمريڪي ماهرن به ساٿ ڏيڻ ڇڏي ڏنو ۽ آمريڪا موٽڻ لڳا. آمريڪا جي سڀ کان وڏي ڪمپني 'ڪينڪ ڪوپر ڪارپوريشن' چلي جي ٽامي جي اُن سڄي مال تي قبضو ڪري ورتو، جيڪو ٻئي ملڪ ڏانهن موڪليو ويو هو.

آمريڪي اقتصادي دٻاءُ سان گڏ ٻي چلّي جي سرمائيدار طبقي به پنهنجو دٻاءُ وجهڻ شروع ڪري ڇڏيو. گوشت جي کوٽ پيدا ڪئي ويئي ۽ گوشت باقاعده ارجنٽائن سمگل ٿيڻ شروع ٿي ويو. افواهن جي ڪري پيدا ڪيل سياسي عدم استحڪام جي ماحول جي ڪري واپارين ذخيره اندوزي شروع ڪري ڇڏي. اُن جو نتيجو اهو نڪتو جو هڪ پاسي ضرورت جون شيون اڻ لڀ ٿيڻ لڳيون ۽ ٻئي پاسي قيمتن ۾ واڌارو ٿيڻ لڳو ۽ چوربازاري روز جو معمول بڻجي ويئي. ان سان گڏ ٻي مخالف ڌر ميدان ۾ لهي پيئي ۽ اُن پنهنجن سفيد پوش حامين کي هڙتال لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اُڪسايو. اهڙي ريت چلي جي سڀ کان وڏي صنعت، ٽامي جي کاڻين ۾ آفيسر طبقي هڙتال ڪري ڇڏي. ان جو مقصد اِهو هو تہ آفيسرن جي هڙتال نيڻ کاڻين جي عام مزدورن کي بہ هڙتال ڏانهن وٺي ويئي. ساڳي طرح ٽرڪن جي مالڪن هڙتال ڪري ڇڏي. انهي جو سبب اِهو هو تہ حڪومت پرڏيهي واپار کي منظم ڪرڻ لاءِ سرڪاري سطح تي هڪ ٽرڪ سروس شروع ڪئي هئي. اِها نهايت محدود پيماني تي منظم ڪيل هئي ۽ ان سان خانگي ٽرڪن وارن جي ڪاروبار کي ڪو ڌڪ نہ لڳو پر افواهن ذريعي اِنهي طبقي کي ڀڄاريو ويو هو. نتيجو اِهو نڪتو تہ ٽرڪن جي مالڪن هڙتال ڪري چلي ۾ بحران پيدا ڪري ڇڏيو. ڇاڪاڻ تہ چليءَ ۾ گوشت، ڀاڄين ۽ روزاني ضرورت جي ٻين شين جي ورهاست ۽ اُنهن کي ڏورانهن علائقن ۾ پهچائڻ جو وسيلو رڳو ٽرڪون ئي آهن. اِنهي ڪري هڙتال سبب پوري نظام ٻيهجي ويو. هاڻي صورتحال خراب ٿيڻ شروع ٿي ويئي هئي. اِنهي جي باوجود تہ مزدورن ۽ هارين کي آلندي سرڪار ڪيتريون سهولتون ۽ رعايتون ڏنيون هيون ۽ سندن زندگيءَ جو معيار وڌيو هو پر، جڏهن روزاني ضرورت جي شين جو ملڻ ناممڪن ٿي پيو تہ اُهي بہ پريشان ٿيڻ لڳا. اِنهي سان گڏوگڏ قيمتن جو واڌارو شروع ٿي ويو. رجعت پسندن جي هٿن ۾ قيمتن جي واڌ درحقيقت هڪ ترپ جو پتو هو ۽ قومي متحده محاذ کي قيمتن جي واڌ جي نقصان ڏيندڙ اثرن جو گهڻي حد تائين اندازو هو. جڏهن آلندي جي سرڪار اقتدار ۾ آئي تہ قيمت ۾ واڌ جي رفتار ٻاويهہ سيڪڙو هئي، پر آلندي جي سرڪار شروعاتي ڇهن مهينن ۾ اِنهي کي گهٽ ڪري ٻارنهن سيڪڙو ڪري ڇڏيو هو. پر آمريڪا جي معاشي دٻاءُ وڌڻ، چوربازاري ۽ ذخيره اندوزي جي شروع ٿيڻ ۽ زندگي جي ضرورتن جي اڻ لڀ ٿيڻ جي ڪري قيمتون وري وڌڻ لڳيون هيون ۽ جڏهن فوج قدم کنيو تہ اُن وقت واڌ جي رفتار هڪ سئو ڇونجاهہ سيڪڙو تائين پهچي ويئي هئي.

آلندي جي متحده محاذ جي سرڪار جي سڀ کان وڏي ڪمزوري اِها هئي تہ اُن کي پارليامينٽ ۾ گهڻائي حاصل نہ هئي، جنهن جو نتيجو اِهو نڪرندو هو تہ هڪ پاسي حڪومت ڪوبہ قانون پاس ڪرائي نہ سگهندي هئي ۽ ٻئي پاسي رياست جا سڀ ادارا مٿئين طبقي جي حامين ۽ هم خيال ماڻهن سان ڀريا پيا هئا. جيڪي بنيادي طور تي نہ رڳو متحده محاذ جي پروگرام کي ناپسند ڪندا هئا پر اُن جا ڄڻا مخالف هئا. اُهي سماجي تبديلين جي ڪنهن عمل کي سهڻ لاءِ تيار نہ هئا. هاڻي جڏهن نہ فوج حامي هجي، نہ عدليہ حامي هجي، نہ پوليس جو آفيسر هم خيال هجي ۽ نہ آفيسرن جي فوج ئي حڪومتي پروگرام کي مڃيندي هجي تہ پوءِ حڪومت ڪيئن هلي سگهندي. ظاهر آهي تہ انهن سڀني ادارن جي حڪومتي پروگرام سان نفرت هڪ اهڙي ماحول تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي، جنهن ۾ آمريڪي مفادن، سي- آئي- اي ۽ چلي اندرين مفادن جو هڪ گڏيل محاذ عمل ۾ اچي ويو جنهن نيٺ فوج جي قدم لاءِ واٽ ٺاهي ڇڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اِنهي ڪري ٽين دنيا جي ملڪن کي اهو سوچڻ گهرجي ته نيٺ سندن زندگي ۽ سماج ۾ خوشحالي آڻڻ لاءِ ڪهڙي ريت تبديليون آنديون وڃن. ڇاڪاڻ ته جڏهن انهن تبديلين جو عمل شروع ٿيندو آهي ته ٽين دنيا جي اڳواڻن جو پنهنجو طبقاتي ڪردار اڏو ايندو آهي، جيڪي گهڻو ڪري آسودن گهراڻن مان هوندا آهن ۽ سندن پٺتي پيل ماڻهن يعني محنت ڪندڙن مزدورن، هارين ۽ شهرن جي غريب ماڻهن جي باري ۾ رويا واضح ۽ چٽا ناهن هوندا. اُهي ووٽ وٺڻ ۽ عوام جي مقبوليت حاصل ڪرڻ لاءِ اُنهن جو نالو ته ضرور وٺندا آهن. ڪو 'غربت ختم ڪريو' جو نعرو هڻندو آهي ته ڪو سوشلزم جي نعري کي به استعمال ڪندو آهي ۽ اڻي، لٽي ۽ اجهي جي نعرن کي زبان ڏيئي جڏيندو آهي. انهن نعرن کان ماڻهو متاثر به ٿين ٿا. حرڪت ۾ به اچن ٿا ۽ انهن اڳواڻن مان اميدون به رکڻ لڳن ٿا. پر جڏهن اِهي اڳواڻ اقتدار ۾ ايندا آهن ته سندن تضاد سامهون اچڻ لڳندا آهن. هڪ پاسي انهن اڳواڻن کي چونڊن دوران ڪيل واعدا ستائڻ لڳندا آهن ۽ ٻئي پاسي سندن طبقاتي ڪردار کين پريشان ڪندو آهي. پر ان سڀ جي باوجود عوامي مقبوليت ۽ پذيرائي کي قائم رکڻ لاءِ انهن اڳواڻن کي بيدليءَ سان ڪجهه سڌارا ۽ سماجي تبديليون آڻيون پونديون آهن پر هڪ پاسي بيدليءَ سان ڪيل اهي تبديليون عوام کي پوري طرح مطمئن نٿيون ڪن ۽ ٻئي پاسي اِهي تبديليون به خاص مفادن، پرڏيهي مفادن ۽ سامراج لاءِ سهڻ جوڳيون ناهن هونديون. نتيجو اِهو نڪرندو آهي ته نه ئي عوام مطمئن ٿي انهن اڳواڻن جي حفاظت لاءِ حرڪت ۾ ايندو آهي ۽ نه ئي رياست جا ادارا مطمئن ٿيندا آهن. ڇاڪاڻ ته اُنهن جو واسطو به گهڻي ڀاڱي خاص مفادن سان هوندو آهي. اِنهي ڪري سامراج جي لاءِ انهن اڳواڻن کي اقتدار تان هٽائڻ ۽ فوجي قدم ۽ راتاهي لاءِ ميدان ٺاهڻ جو ڪم سولو ٿي پوندو آهي. پوءِ تحريڪون به هلنديون آهن. هڙتالون به ٿينديون آهن ۽ اهڙن موقعن تي عوام جو انقلابي غيض ۽ غضب ۽ سامراجين ۽ خاص مفادن جي حق ۾ ريجڻ وارو غيض غضب ۽ عوامي اُڀار اڻترو گڏوچڙ ٿي ويندو آهي، جو گهڻا انقلابي تجزيي نگار به اُنهن ۾ فرق نه ڪري سگهندا آهن.

چليءَ جو داستان هجي يا سوڊان جو يا انڊونيشيا جو اِهي سڀ پنهنجيون ئي آتم ڪٿائون آهن. چلي جي مخصوص صورتحال کي به ڄاڻڻ گهرجي ته جيئن خبر پئجي سگهي ته سماجي تبديلين جو عمل ڪيئن نه رڳو جان وٺندڙ پر منجهيل به هوندو آهي. اهو عمل پلصراط تان گذرڻ مثل هوندو آهي؛ جو ٿوري توازن ۾ فرق پيو ۽ دوزخ جي باهه مقدر بڻجي ويئي. اِنهي سڄي عمل ۾ هڪ هڪ قدم سنڀالي کڻڻو پوندو آهي ۽ هڪ هڪ پل ۽ لحي جو حساب رکڻو پوندو آهي نه ته ٻي صورت ۾ هڪ لحظي جي غفلت سبب سؤ سال منزل کان پري ٿي وڃڻ واري ڳالهه ٿي پوندي آهي.

چلي ۾ ان قسم جا سڀئي داستان کهڻ پاسائتا هوندا آهن. اُتون اڃان تائين رڳو ڪجهه پاسا ئي ظاهر ڪري سگهيو آهيان. ان ۾ آمريڪي صدر کان وٺي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سي- آئي- اي ۽ آمريڪي سفارتخاني تائين جي سرگرمين کي بيان ڪري چڪو آهيان. ٻئي پاسي اقتصادي محاذ تي آمريڪي ڪمپنين ڪهڙي ريت دٻاءُ وڌو، عالمي بينڪ ۽ آمريڪي امداد ڏيڻ وارن ادارن ڪهڙي طرح چليءَ جي معيشت کي ٻيهارڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ خود چلي جي سرمائيدار ۽ زميندار طبقي متحده محاذ جي سرڪار کي ڪهڙي طرح بيوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اهي سڀ اُهي قدم آهن، جن کي ٿوري گهڻي فرق سان ٽين دنيا جي هر مُلڪ کي مُنهن ڏيڻو پوي ٿو. انهن سڀني قدمن جو مقصد اِهو هوندو آهي ته ٽين دنيا جي مُلڪن جي حڪومتن کي سماجي تبديلين جي عمل واري واٽ تي هلڻ کان روڪيو وڃي ۽ اُنهن کي سامراجي ملڪن جي چنبي ۾ ٻڌي رکيو وڃي. جيڪڏهن انهن سڀني قدمن جي باوجود به هو پنهنجن ارادن کي نه ڇڏين ته پوءِ اڳواڻن کي هٿيارن جي زور تي هٽايو وڃي ۽ فوج کي راتاهي لاءِ اُڪسايو وڃي ۽ حرڪت ۾ آندو وڃي.

چلي جي متعلق عرض ڪري چُڪو آهيان ته آلندي جي متحده محاذ واري سرڪار جي اقتدار ۾ اچڻ وقت ئي سي- آئي- اي کي حڪم مليو هو ته اُها فوج کي قدم کڻڻ لاءِ اُڪسائي. پر سي- آئي- اي صاف طور تي چئي ڇڏيو هو ته هِن وقت فوج کي حرڪت ۾ آڻڻ ناممڪن آهي. پوءِ نيٺ ڪهڙو سبب آهي جو رڳو ٽن سالن کان پوءِ ئي فوج سياسي جنگ جي ميدان ۾ لهڻ لاءِ تيار ٿي وئي؟ ڇاڪاڻ ته اها فوج ئي هئي، جنهن نيٺ هڪ سياسي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو. انهي ڪري فوج ۾ اچڻ وارين تبديلين کي ڄاڻڻ ضروري ٿي وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته سياسي اقتدار ۽ طاقت کي قائم ۽ دائم رکڻ جي هڪ ئي آخري ضمانت آهي ته، آيا ضرورت پوڻ تي اُها پنهنجي اقتدار ۽ سياسي منبرانپ کي ڏاڍ ۽ طاقت وسيلي قائم رکڻ جي اهليت رکي ٿي يا نه. ڏاڍ جو اِهو مظهر فوج ئي هوندي آهي. انهي ڳالهه جو ثابتي واضح طور تي اسان جي پنهنجي تاريخ مان ملي ٿي. مئي 1977ع ۾ ڀٽو سرڪار ٽن شهرن ۾ مارشل لا لاڳو ڪري ٿي ۽ فوج ڀٽي جي چوڻ تي سڀ ڪم ڪري ٿي. پوءِ فوج جا ٽيئي اڳواڻ باقاعدي بيان جاري ڪن ٿا ته اُهي چونڊيل آئيني سرڪار جا وفادار آهن. پر ساڳي فوج ۽ اُن جا اڳواڻ مهيني ڏيڍ کان پوءِ اکيون ڦيرائي سڀ وفاداريون وساري ويهن ٿا. پنهنجا قسم ٽوڙي ڇڏين ٿا ۽ ساڳي آئيني ۽ چونڊيل سرڪار جو تختو اونڌو ڪري ڇڏين ٿا. نيٺ ائين ڇو؟ انهي مهيني ڏيڍ کان پوءِ ڪهڙيون تبديليون آيون هيون. پر هڪ تبديلي بهرحال چٽي هئي ته هاڻي ڀٽو سرڪار پنهنجي سياسي منيرانپ کي قائم رکڻ لاءِ ڏاڍ جي اُن مشين کي استعمال ڪرڻ جي اهليت وڃائي ويٺي هئي. بهرحال هِتي انهي تي بحث ڪرڻ اسان جو مقصد نه آهي پر مقصد رڳو هڪ اصول کي بيان ڪرڻ آهي ته سياسي حڪومت جي قائم رهڻ جي ضمانت سندس ڏاڍ جي اهليت آهي. ان ڏاڍ ۾ اُن جي مقبوليت ۽ عوام جي حمايت سڀ شامل آهن ۽ آخري فيصلو انهي ڳالهه تي هوندو آهي ته اُها ڏاڍ جي مشين فوج کي پنهنجي اقتدار جي حفاظت لاءِ استعمال ڪري سگهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿي يا نه. اِنهي اصول جي سمجهڻ لاءِ فوج جي اهميت ۽ اُن جي طبقاتي ڪردار کي سمجهڻ ضروري ٿي پوندو آهي.

اِها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ کپي ته ان ڏانهن اڳ به اشارو ڪري چڪو آهيان ته فوج جڏهن به سياسي اقتدار تي قبضي ڪرڻ لاءِ حرڪت ۾ ايندي آهي يا راتاهو هڻندي آهي يا قتل ۽ غارت ڪندي آهي يا سياسي ادارن کي تباهه ۽ برباد ڪندي آهي ته انهن سڀني قدمن کي رڳو فوج جي جرنيلن ۽ اُن جي اڳواڻ ڪمانڊر انچيف جي چرپاٽ يا ڀاڳيپڻي جي کاتي ۾ نه وجهڻ کپرجي ۽ نه اُنهن جو تجزيو انهن شخصيتن يا رڳو فوج جي اقتدار لاءِ هوس جي حوالي سان ڪرڻ کپرجي. ڇاڪاڻ ته اِهي سڀ قدم رڳو اُنهن جي ذاتي خواهشن ۽ تمنائن جي ڪري نه کنيا ويندا آهن ۽ نه ئي اِهي مڪمل طور تي انهن سياسي قوتن جي خواهش جي تابع هوندا آهن جيڪي فوج کي پنهنجن مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ چاهيندا آهن. پر فوج کي نهايت ئي وسيع ۽ منجهيل قوتون متاثر ۽ متحرڪ ڪنديون آهن. انهن ۾ اقتصادي، سماجي، سياسي، تهذيبي ۽ نظرياتي سڀيئي قوتون پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿيون ۽ انهن قوتن جي ڪاڏڻ ساڏڻ صورت فوج جي روين کي متعين ڪندي آهي. اِنهي ڪري اِنهيءَ پس منظر ۾ سڀني فوجي قدمن کي جانچڻ کپرجي ۽ چلي جي الميي جي تجزيي لاءِ اتان جيفوج جي ڪردار جو جائزو وٺڻ کپرجي. لنڊن جي روزانه ڪارڊين ۾ رچرڊ گوٽ 9- نومبر 1972ع تي چلي جي فوج جي ڪردار جو تجزيو ڪندي لکيو هو ته:

”هِن صديءَ ۾ چلي جي فوج جي بنيادي ڪردار ۾ زبردست تبديليون آيون آهن ۽ اُن جي سماجي بيهڪ به گهڻي تبديل ٿي آهي. هاڻي چلي جي فوج وچولي طبقي جو هڪ بيو وڏيڪ ادارو بڻجي ويئي آهي ۽ اُن جو نڪتهءِ نظر ۽ مطمع نظر به اُهو ئي آهي جيڪو هڪ بينڪ ڪلرڪ يا اسڪول جي اُستاد يا وري ڪنهن دفتري بابو يا آفيسر جو هوندو آهي. جيڪڏهن ڪين ووٽ جو حق مِجي ها ته اُهي به پنهنجو ووٽ اُنهي نموني سان مختلف رُخن ۾ استعمال ڪن ها جيئن سماج جا بيا طبقا ڪن ٿا.“

اِهو تجزيو جيتوڻيڪ نهايت ئي هلڪڙو ۽ سطحي آهي ۽ مجموعي طور تي چلي جي فوج جو جيڪو اثر پنهنجن ميمبرن تي آهي، اُن تي نظر نه وڌي ويئي آهي پر جيستائين اُن جي مجموعي ڪردار جو واسطو آهي ته اُن جي باري ۾ گوٽ جيڪي ڪجهه لکيو آهي اُهو گهڻي حد تائين درست آهي ۽ اِنهي بنياد تي اُنهن جي سياسي روين جو تعين سندس خانداني ۽ سماجي بنيادن تي نه ڪرڻ کپرجي. سندن مٿان ۽ سندن طبقي جا ماڻهو جيڪي سول سروس ۾ آهن يا فوج کان ٻاهر زندگي گذاري رهيا آهن؛ پنهنجن نظرين، روين، خواهشن، زندگي گذارڻ جي طور طريقن ۽ فوج مان ڪين جيڪي اميدون هونديون آهن، سڀني وسيلي فوجي وردي پاتل فوجي آفيسرن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻين ڏوهن جي ٻيهڪ کي متاثر ڪندا آهن.

انهي ڪري اِن سوال جي جواب ڳولهڻ لاءِ ته سيپٽمبر 1973ع کان پهرين چلي جي فوج جو لاڙو رجعت پسندي ڏانهن ڇو ٿي ويو ۽ فوج ۾ اُهي عنصر ڪيئن مٿي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، جن فوجي راڄ لاءِ پنهنجيون خدمتون پيش ڪيون، چلي جي ڪميونسٽ پارٽي ٻين جماعتن جي پاليسين، اُنهن جي طريقءِ ڪار ۽ چالن کي جاچڻ ضروري آهي. ان ۾ اُهي جماعتون به شامل آهن، جيڪي متحده محاذ ۾ ڪڏهن ٻين ۽ جن آلندي جي صدر چونڊجڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي هئي ۽ اُهي به جيڪي مخالف ڌر ۾ هيون.

چلي جي ڪميونسٽ پارٽي جو جيستائين تعلق آهي ته اُها اڌ صديءَ کان مستقل مزاجيءَ سان متحده محاذ جي پاليسيءَ تي سختيءَ سان عمل ڪندي رهي آهي. 1930ع ۾ اُن چلي جي مسئلن جي متعلق اِهو ٺي تجويز ڪيو هو ته چلي ۾ سماجي تبديلين لاءِ ضروري آهي ته چلي جو مزدور طبقو ٻين طبقن ۽ سماجي گروهن، جن ۾ هاري، ننڍا زميندار، ننڍا صنعتڪار، ڊاڪٽر، وڪيل ۽ شاگرد ۽ اُهي سڀ ماڻهو جيڪي هڪ هٽي سرمائيداريءَ سان لاڳاپيل ناهن، کي متحده محاذ ۾ شامل ڪري. انهن سڀني ماڻهن کي جمهوري چلي لاءِ حرڪت ۾ آندو وڃي. فوري طور تي اِهو مقصد ناهي ته سوشلزم لاڳو ڪيو وڃي پر اِها سوشلزم لاءِ هڪ بنيادي منزل آهي. ان متحده محاذ جو قيام ۽ اُن جي جدوجهد جو مقصد ڪميونسٽ پارٽي جي لاءِ اِهو ٺي هو ته آمريڪي سرمائيدارن ۽ زميندارن جي مٿيراڻپ کي ڪمزور ڪري، جمهوري آزادين لاءِ واٽ ناهجي، ته جيئن خاص طور تي مزدور طبقي کي چليءَ جي معيشت جي انتظام ۽ بندوبست ۾ عملي طور تي شامل ٿيڻ جو موقعو ملي ۽ اهڙي ريت اُن کي رياست جي معاملن ۾ به نمائندگي ملي. ڪميونسٽ پارٽي جو اِهو به موقف هو ته اهڙي قسم جو اتحاد نيٺ ڪاهي ڌر جي سڀني جماعتن ۽ جمهوري قوتن جي اتحاد جو بنياد ٿيندو. سنڌس اهائي لاڳيتي جاکوڙ هئي، جنهن 1938ع ۾ پاپولر فرنٽ جي قيام ۾ مدد ڏني ۽ اُن کي چونڊن ۾ به گهڻي حد تائين ڪاميابي ٿي. 1952ع ۾ عوامي محاذ قائم ٿيو. جنهن کي پوءِ وڌايو ويو ۽ ان جو نالو 'عوامي عمل محاذ' رکيو ويو. انهي محاذ پاران 1958ع ۾، پوءِ 1964ع ۾ سلوابور آلندي کي صدارتي اُميدوار نامزد ڪيو ويو. اِهوئي تسلسل هو، جنهن جي ڪري 1969ع ۾ نئين هڪ متحده محاذ قائم ٿيو. جنهن جو نالو 'پاپولر يونٽي' رکيو ويو. اِنهي 'پاپولر يونٽي' جي پاران آلندي 1970ع ۾ صدر چونڊجي آيو.

چلي جي ڪميونسٽ پارٽيءَ کي پڪو يقين هو ته اِنهي قسم جي متحده محاذ جي سرڪار اِنهي قابل هوندي ته اُها چلي جي سماج کي بنيادي سماجي تبديلين واري واٽ تي وٺي هلي سگهي. اِنهي عمل جي هلندي جيڪي تبديليون ظاهر ٿينديون اُهي چلي جي طبقن جي توازن ۾ به اهم تبديلي آڻينديون ۽ چلي جا عوام اهڙي ريت هڪ جمهوري سامراج مخالف دور مان گذرندي سوشلزم جي منزل ڏانهن وڌندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هٿياربند طبقاتي ڇڪتاڻ جي ٽڪنڻ دور مان گذرڻ ڪانسواءِ
شايد اُهي کهرو ويڙهه ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ کي کهرو
ئي سوشلزم جي منزل تائين پهچي وڃن. پر چلي جي ڪميونسٽ پارٽيءَ کي کهرو
ويڙهه جي امڪانن جا خدشا لاڳيتو ستائيندا رهيا. ڇاڪاڻ ته اُن جي پنهنجي
حياتي جي تجربي مان اها خبر پئي ٿي ته آمريڪي مدد هٿي ۽ چلي جو سرمائيدار
زميندار ۽ حڪمران طبقو ڪڏهن به سولائي ۽ پُرامن طريقن سان اقتدار نه ڇڏيندو.
چلي جي ڪميونسٽ پارٽي پاڻ ويهن سالن تائين لاڳيتو خلاف قانون رهي هئي ۽
انهي حالت ۾ اُن پنهنجيون سرگرميون جاري رکيون هيون. رڳو اهو نه پر چلي جي
ڪميونسٽ پارٽي کي تشدد ۽ گولين جو اُهو استعمال به ياد هو, جيڪو ڪرسچين
ڊيموڪريٽڪ پارٽي ۽ اُن جي صدر فيري جي حڪومت جي دور ۾ ڪاٿين جي
پورهيتن خلاف ڪيو ويو هو. انهي ڪري 1970ع ۾ سيلوادور آلندي جي اقتدار ۾
اچڻ کان ڪجهه مهينا پوءِ چلي جي ڪميونسٽ پارٽي جي اڳواڻ ۽ سيڪريٽري
جنرل لوئس ڪاروِلان پنهنجي هڪ مضمون ۾ انهي ڳالهه جي نشاندهي ڪئي هئي
ته جيتوڻيڪ متحده محاذ ڪامياب ٿي ويو آهي, اُن جي حڪومت به قائم ٿي وئي
آهي ۽ ڪيس سياسي مشينري تي به ضابطو حاصل ٿي ويو آهي پر انهي حقيقت کي
وسارڻ نه کپرجي ته چلي جي سرمائيدارن ۽ زميندارن کي اڃان به بي پناهه اثر
رسوخ حاصل آهي ۽ اُنهن کي رياستي ادارن خاص طور تي اسيمبلي ۽ پارليامينٽ ۾
مٿڀرائپ حاصل آهي, عدليه ۾ به سندن هم خيال ماڻهو موجود آهن, ساڳي طرح
رسائيءَ جي ذريعن ۾ به سندن نظرين جا ماڻهو موجود آهن. انهي ڪري اهو
سمجهڻ ته طاقت جو توازن بدلجي ويو آهي غلط ڳالهه ٿيندي, ڇاڪاڻ ته رياستي
ادارا ۽ خاص طور تي فوج اهڙن ماڻهن جي ڪمان ۾ آهي, جيڪي پاپولر يونٽي
جي متحده محاذ ۽ اُن جي پروگرام کان تمام گهڻي نفرت ڪن ٿا. انهي ڪري
ضروري آهي ته متحده محاذ ۽ پاپولر يونٽي جي حڪومت جي اثر رسوخ کي وڌايو
وڃي ۽ رياست جي سيني ادارن تي اُن جي اثرائتي رسائي هئڻ کپرجي. انهي
صورت ۾ طاقت جو توازن عوام جي حق ۾ ڪري سگهجي ٿو.

ڪاروِلان پنهنجي موقف کي چٽو ڪندي لکيو هو ته:

"انهي ڪري اهو ضروري ٿي ويندو ته هڪ پاسي عوام ۽ سرڪار ۾ ٽڪراءُ ۽ ڇڪتاڻ هوندي ۽ ٻئي پاسي سامراج ۽ وڏن زميندارن سان ٽڪراءُ اٽل ٿي ويندو. انهي ڪري اسان کي هٿياربند ٽڪراءُ جي امڪانن کي وسارڻ نه کپرجي. انهي هٿياربند ٽڪراءُ کان بچڻ لاءِ ضروري آهي ته عوام پنهنجن ويرين کي غيرموثر ڪري ڇڏي, اُنهن کي پنهنجي دٻاءَ ۾ رکي ۽ ڪين بلڪل ئي اڪيلو ڪري ڇڏي. انهي صورت ۾ ملڪ کي کهرو ويڙهه, جنهن جي ڪري دشمن خوش ٿيندو کان بچائي سگهجي ٿو."

چلي جي ڪميونسٽ پارٽي ور ور ڪري پنهنجو موقف ورجائيندي رهي آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاروولان 1971ع جي شروع ۾ لکيو هو ته:

"سامراجي ۽ زميندار حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ وارين ڪوششن ۾ رڌل آهن، جيڪڏهن هو پنهنجن ارادن ۾ ڪامياب نه ٿيا ته پوءِ فوجي راڄ اچي ويندو، انهي ڪري اهو ضروري آهي ته ان کان اڳ جو دشمن ويڙهه کي اسان تي ٿاڦي، اسان ڪيس پاسيرو ڪري ڇڏيون."

مارچ 1972ع ۾ ڪاروولان ٻيهر انهي پاسي اشارو ڪيو ته چلي ۾ کهرو ويڙهه ڪانسواءِ سوشلزم تائين پهچڻ جي ڪوشش اُن صورت ۾ ٿي سگهي ٿي، جڏهن اسين طبقاتي ڇڪتاڻ کي اڳتي وڌايون ۽ نه اهو ته طبقاتي ٺاهه جي ڳالهه ڪيون. چاڪاڻ ته فرمان ڪرڻ ۽ فرجڻ وارا طبقا ڪڏهن به صلح نه ڪري سگهن. انهي ڪري جيڪڏهن انهي عمل ۾ اسان کي هٿياربند جدوجهد به ڪرڻي پوي ته اُن کان به لنوائڻ نه گهرجي. ساڳي ريت جولاءِ 1973ع ۾، جڏهن فوجي راڄ جون ڳالهيون هلي رهيون هيون ته ڪاروولان پنهنجي هڪ تقرير ۾ ماڻهن کي خبردار ڪندي چيو هو ته:

"عوام کي ايندڙ خطرن جي مقابلي لاءِ تيار رهڻ گهرجي ۽ انهي لاءِ هر قسم جي ذريعن جي استعمال لاءِ پڻ تيار رهڻ گهرجي. ڪڏهن اها ڳالهه به واضح ڪرڻي پوندي ته اهي ڪميونسٽ ناهن جيڪي کهرو ويڙهه جا خواهشمند آهن. پر ڪميونسٽ هاٿي به سامراج ۽ وڏن سرمائيدارن جي خلاف انقلاب کي مڪمل ڪرڻ ۽ کهرو ويڙهه ڪانسواءِ سوشلزم تائين پهچڻ جا خواهشمند آهن. پر انهي سڄي عمل جي هلندي هو طبقاتي ڇڪتاڻ جي حق کي پوري طرح استعمال ڪندا. اسان وڏ ڪري اها ڳالهه چئون ٿا ته اسان کهرو ويڙهه نه ٿا چاهيون ۽ اسان پوري ڪوشش ڪنداسين ته ملڪ انهي کان بچيل رهي."

ڪاروولان انهي ڳالهه تي زور ڏنو ته:

"چلي جو پرولتاري پنهنجن ڪارخانن ۽ فيڪٽرين ۾ رڌل رهندو ۽ ڪم جاري رکندو، پر جيڪڏهن ضرورت ٿي ۽ ويڙهه اسان تي ٿاڦي وئي ته پوءِ اسان ڪم ڇڏي ويڙهه به وڙهنداسين. اسان کي هر موقعي ۽ هر محاذ تي جنگ جي لاءِ تيار رهڻ گهرجي. جيڪڏهن رجعت پسندن جون سازشون وڌي وڃن ٿيون ۽ اهي هٿياربند جنگ جي صورت ۾ سامهون اچن ٿيون ته پوءِ انهي ڳالهه ۾ ڪنهن کي به شڪ نه هئڻ گهرجي ته عوام به تلوار هٿ ۾ کڻي اُٿي کڙو ٿيندو ۽ رجعت پسندن جي هٿياربند سازشن کي ڇيهاڻڻ کان نه ڪيٻائيندو. اسان کي اهڙي صورتحال نه گهرجي ۽ اسين ان کان بچڻ چاهيون ٿا پر جيڪڏهن اها سامهون اچي ٿي ته پوءِ ڪا ڪسر نه ڇڏي ويندي ۽ اسان پٿرن ۽ سرن جي استعمال کان به نه ڪيٻائينداسين. اهڙي موقعي کان بچڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اسان جلد کان جلد اهڙين قوتن کي شڪست ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيون جيڪي اسان تي گهرو ويڙهه ٿاڦڻ چاهين ٿيون ۽ اسان انهن کي سڌن راند ڪيڏڻ کان پهرين گهيرو ڏنو. ڪان وٺون ته جيئن رڳو هڪ ئي وات آهي ته اسان جلد کان جلد اهڙين قوتن کي شڪست

رڳو هڪ ئي وات آهي ته اسان جلد کان جلد اهڙين قوتن کي شڪست ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيون جيڪي اسان تي گهرو ويڙهه ٿاڦڻ چاهين ٿيون ۽ اسان انهن کي سندن راند ڪيڏڻ کان پهرين گهيري ڪان وٺون ته جيئن خطرناڪ صورتحال کان محفوظ رهي سگهجي."

انهي ڏڪائڪ ۽ خطرناڪ صورتحال کان محفوظ رهي سگهجي."

انهي ڏڪائڪ ۽ شوڪت ۽ گونجدار لفظن جي پڙ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته انهي سڄي شان ۽ شوڪت ۽ گونجدار لفظن جي باوجود جڏهن جنگ ٿي ۽ رجعت پسندن گهرو ويڙهه ٿاڦي جڏهن ته ڪميونسٽ پارٽي ۽ پرولتاريه مزاحمت ڇو نه ڪئي ۽ نه ئي متحده محاذ جي حڪومت انهي گهرو ويڙهه ۽ رجعت پسند قوتن جو جهڙو مقابلو ڪيو. چلي ۾ ٿيل انهن واقعن جو تجزيو ڪندڙن انهي مزاحمت نه ٿيڻ جا ڪيئي سبب ٻڌايا آهن: هڪ سبب فوج ۾ ٿيندڙ تبديليون آهن. ان کانسواءِ ڪميونسٽ پارٽي جي ڪم ڪرڻ جي طريقي ۽ انهي طريقي جي ڪري فوج ۾ پيدا ٿيل رد عمل کي پڻ غور هيٺ آڻڻ گهرجي. متحده محاذ ۾ شامل جماعتن جي انهن نازڪ حالتن ۾ رويي کي به اسين نظرانداز نه ٿا ڪري سگهون. رڳو اهو نه پر اسان کي صحيح تجزيي ڪرڻ لاءِ رجعت پسند جماعتن جي رويي کي به اڳ رکڻو پوندو. اهڙي ريت ئي اسين ان عظيم الميي جي سڄي نوعيت کان واقف ٿي سگهنداسين.

اها حقيقت آهي ته ڪميونسٽ پارٽيءَ کي آلندي جي اقتدار ۾ اچڻ کان ترت پوءِ انهي ڳالهه جو احساس ٿي ويو هو ته گهڻائي متحده محاذ کي ووٽ ناهي ڏنو. ان کي رڳو ٽنهين حصي جيترن ماڻهن ووٽ ڏنو هو. انهي ڪري انهي سڀ کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ ضروري هو ته متحده محاذ جي حامين جي تعداد ۾ واڌارو ٿئي. محاذ ۽ ان جي پروگرام کي وڌ ۾ وڌ ماڻهن جي پذيرائي ملي ۽ جيڪي جماعتون متحده محاذ کان ٻاهر هيون، اُنهن سان به لاڳاپو قائم ڪيو وڃي ۽ اُنهن کي پنهنجي پاسي ڪرڻ ۽ پنهنجو هم خيال بنائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ته جيئن بدترين رجعت پسندن ۽ فسطائين کي اڪيلو ڪري سگهجي. رڳو اهو نه پر ٽي اهم مسئلا اُڀو هئا جن جي باري ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ کي پوري شعور ۽ ڄاڻ هئي:

1- مزدور طبقي ۽ متحده محاذ جي حامين جي سياسي شعور کي ڪيئن وڌايو ۽ تيز ڪيو وڃي؟

2- متحده محاذ کي ڪيئن وسيع ڪيو وڃي؟ ۽ ڪهڙي ريت ٻين قوتن سان لاڳاپو قائم ڪجي ته جيئن اُنهن سان ڪنهن نه ڪنهن سطح تي گڏجي ڪم ڪرڻ جي وات نڪري سگهي.

3- جمهوري طريقا ڪهڙي طرح برقرار رهڻ ۽ رجعت پسند قوتن کي ڪيئن رياستي ادارن، خاص طور تي فوج کي استعمال ڪرڻ کان روڪيو وڃي.

اهو صحيح آهي ته اقتصادي مسئلن کي صحيح طريقي سان حل ڪرڻ سان ئي انهن ڏکيائين ۽ مسئلن جي حل ۾ گهڻي مدد ملي سگهي ها. مختصر اهو ته بنيادي مسئلو اِهو هو ته جمهوري عمل کي ڪيئن جاري رکي سگهجي ٿو. ڪميونسٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پارٽي پنهنجي ليکي انهن مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ڪهڙي جدوجهد ڪئي. انهي جدوجهد ۾ ڪنهن حد تائين ڪاميابيون به ٿيون. انهن ڪاميابين جو اظهار ڪميونسٽ پارٽي ۽ اُن جي اثر وارن ادارن جي رڪنيت ۾ واڌاري جي صورت ۾ ڏسي سگهجي ٿو. مثال طور 1972ع ۾ چلي جي ڪميونسٽ پارٽي جي رڪنيت ٻه ٽيڻ لک هئي پر 1973ع يعني رڳو هڪ سال جي عرصي ۾ اها وڌي اڍائي لک ٿي وئي. ساڳي طرح نوجوان ڪميونسٽ ليگ جي ميمبرن جي تعداد ۾ به هڪ سال ۾ گهڻو واڌارو ٿيو ۽ اِهي پنجاهه هزارن کان وڌي هڪ لک ٿي ويا. ڪميونسٽ پارٽي جڏهن متحده محاذ ۾ شامل ٿي ۽ پاپولر يونٽي جي نالي سان محاذ قائم ٿيو ته چونڊن کٽڻ لاءِ سڄي ملڪ ۾ پاپولر يونٽي ڪاميٽيون قائم ڪيون ويون. اهڙي طرح پوري مُلڪ ۾ اٽڪل پندرهن هزار ڪاميٽيون قائم ڪيون ويون هيون. چونڊن کان پوءِ اِهو فيصلو ڪيو ويو ته اِهي ڪاميٽيون قائم رهنديون ۽ متحده محاذ جي پروگرام تي عملدرآمد ۽ اُن جي ڪم جي نگراني جو ذمو انهن ڪاميٽين جي حوالي ڪيو ويندو. چونڊ کان ترت پوءِ لوئس ڪاروِيلان ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪاميٽيءَ ۾ تقرير ڪندي انهن پاپولر يونٽي ڪاميٽين جي متعلق چيو هو ته:

"سڀني جڳهن ۽ هر سطح تي انهن ڪاميٽين جو اِهو فرض هوندو ته اُهي عوامي جماعتن ۽ حڪومتي ادارن سان نون تجويزن جي بنياد تي اِهو بحث مباحثو ڪن ته متحده محاذ جي پروگرام تي ڪهڙي ريت صحيح ۽ جمهوري طريقي سان عملدرآمد ٿي سگهي ٿو. اهڙي طرح اِهي ڪاميٽيون اِنهيءَ پروگرام تي عملدرآمد جي لاءِ بنياد هونديون ۽ ماڻهن کي اِنهي سلسلي ۾ سرڪار سان تعاون لاءِ حرڪت ۾ آڻينديون. انهن ڪاميٽين جو اِهو به ڪم هوندو ته اُهي حڪومت جي ڪم جي نگراني ڪن ۽ سامراج ۽ اُن جي دوستن جي سازشن کي ڀنجو ڏين."

بدقسمتي سان انهن پاپولر يونٽي ڪاميٽين کي نه ته مڪمل طور تي حرڪت ۾ آندو ويو ۽ نه ئي اُهي سرگرم ٿي سگهيون. ان جو بنيادي سبب پاپولر يونٽي ۾ شامل مختلف خيالن جي پارٽين جو هڪ ٻئي تي اعتماد نه هُئڻ هو.

انهن پاپولر يونٽي ڪاميٽين جي ناڪاميءَ جي باوجود هيٺين سطح کان گهڻيون تنظيمون سامهون آيون، جن عوام کي حرڪت ۾ آندو ۽ سندن سياسي شعور ۾ واڌارو ڪيو. اهڙي ريت نوجوانن جا جٿا ٺهيا جن اڏاوتي ڪمن ۾ هٿ ونڊائڻ ۽ مختلف رٿائن ۾ تعاون جو ڪم ڪيو. عوام جي صحت جي مسئلن جي حل لاءِ نوجوان ڇوڪرين نرسن جو هٿ ونڊايو. هاري ڪاميٽيون ٺهيون ۽ شهرين جون ڪاميٽيون به مختلف جاين تي قائم ٿيون. انهن مسئلن جي باري ۾ مارچ 1972ع ۾ 'ايل ايراپان رپورٽ' ۾ تفصيلي نشاندهي ڪئي وئي هئي:

"متحده محاذ جي لاءِ سڀ کان اهم ڪم سندس تنظيمي قابليت آهي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اُهو ماڻهن کي سرڪار جي حق ۾ ڪيتري حد تائين چُرپُر ۾ آڻي سگهي ٿو. حقيقت ۾ اِنهي پاليسيءَ جي سڀ کان وڏي ڪمزوري اِها ٿي رهي آهي ته اها عوام کي پوري طرح حرڪت ۾ نه آڻي سگهي آهي ته اُهي پاپولر يونٽي جي ڪمن ۾ سرگرمين ۾ پوري طرح دلچسپي وٺي سگهن. جاڪاڻ ته جيڪڏهن سماجي تبديليون آڻيون آهن ته اهو ضروري آهي ته عوام انهن تبديلين آڻڻ ۾ پوري ريت شريڪ ٿُجن ۽ اُهي پاڻ اُنهن پاليسين جي ٺاهڻ ۾ حصو وٺن. عوام جي اِها شرڪت صحيح معنيٰ ۾ جمهوري طريقي سان هجي ۽ متحده محاذ ۾ هرسطح تي اُن جو اظهار ٿئي. اُن ۾ ڪرسچن ڊيموڪريٽڪ پارٽي ۽ آزاد ماڻهن کي پوري ريت شريڪ ڪيو وڃي. انهن سڀني سرگرمين جو مطلب اهو هئڻ گهرجي ته رياست جي سڀني ادارن تي عوام جي ڇاپ هجي ۽ اُنهن کي اِهو محسوس ٿيڻ گهرجي. اِنهي صورت ۾ صحيح معنيٰ ۾ عوامي طاقت جو اظهار ٿيندو. اِنهي صورت ۾ گهڻا اهم ڪم عوام جي حوالي ڪري سگهبا، جنهن جو نتيجو اِهو نڪرندو ته اِهو عمل جڏهن وڏي پيماني تي ظاهر ٿيندو ته رياستي ڍانچي ۾ اهم تبديليون ظاهر ٿيڻ لڳنديون. اهڙي ريت اسان سڀ کان وڏي انقلابي تجربي جي تڪميل ڪنداسين ته: عوام سان هر ڪم ۾ صلاح ڪيو ۽ سڀ فيصلا اُنهن جي وسيلي ٿيڻ کپن. اِهو سڀ کان وڏو انقلابي هٿيار آهي.''

انهن سڀني لکڻين ۾ تنبيهن مان هڪ ڳالهه چٽي ٿئي ٿي ته چلي جي ڪميونسٽ پارٽي ۽ ايستائين ته متحده محاذ ۾ شامل ٻين جماعتون ٻہ ڪهڙي حد تائين اِنهي ڳالهه کي مڃينديون هيون ته چلي جو سماجي انقلاب رڳو پارلياماني طريقن سان مڪمل نٿو ٿي سگهي. چلي جي ڪميونسٽ پارٽي ۽ متحده محاذ جي ڪهڻ ناقدن جو واسطو انتهاپسند کابي ڌر سان هو. اُهي عام طور تي اِهو الزام ورجائيندا هئا ته چلي جي ڪميونسٽ پارٽي انقلاب جي واٽ ڇڏي ڏني آهي ۽ پارلياماني طريقي تي هلي رهي هئي پر، اِهو الزام درست نه هو. متحده محاذ ۽ ڪميونسٽن اِنهي سڄي عمل جي هلندي عوام کي سرگرميءَ ۾ شامل ڪرڻ جي لاءِ جدوجهد ڪئي ۽ عوام جي سياسي شعور کي ڪهڻي حد تائين وڌايو ۽ تيز ڪيو اِنهي ڪري سلوابور آلندي چونڊن کان پوءِ پنهنجي پهرين تقرير ۾ چيو هو ته:

''جيڪڏهن چونڊون ۽ ووٽ ضروري آهن ته پوءِ هر ووٽر ۾ انقلابي شعور کي سجاڳ ڪرڻ ۽ حرڪت ۾ آڻڻ اڃان بہ وڌيڪ ضروري ڳالهه آهي. اسان جي لاءِ انهن چوڏهن لک راءِ ڏيندڙن جي انقلابي شعور کي ايتري قدر بيدار ڪرڻ ضروري آهي، جو اُهي چلي جي عوام جي اِنهي جدوجهد جي پوري اهميت ۽ نوعيت کي سمجهي سگهن. مون کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مزدورن، جيڪي ڪرنگهي وانگر آهن ۽ جيڪي تبديلي ۽ انقلاب جو بنياد آهن، جي طبقاتي شعور تي پورو اعتماد آهي ۽ اُنهن جي اعتقادن جي پختگيءَ تي بہ يقين آهي، ڇاڪاڻ تہ سندن اِهي اعتقاد باقاعدي نظرياتي بحث ۽ مناظرن جي ڪوري ۾ پچي پختا ٿيا آهن. اِنهي ڪري اسان جي آڏو سڀ کان وڌيڪ اهم ڪم اُنهن ڇوڏهن لک راءِ ڏيندڙن، جن اسان تي ڀروسو ڪيو آهي، جي سياسي شعور کي هڪ رُڪ جي ديوار ٺاهڻ جو آهي تہ، جيئن اُهي موجوده ۽ ايندڙ انقلابي تبديلين جي حفاظت ڪري سگهن."

چليءَ جي الميي جي نقادن ۽ تجزيي نگارن ڪيترن ئي اهڙن مفروضن جي بنياد تي پنهنجي تجزيي ۽ تنقيد جي عمارت تعمير ڪئي آهي، جيڪي بلڪل ئي غلط هئا. مثال طور مون ور ور ڪري اِنهي پاسي اشارو ڪيو آهي تہ چونڊن ۾ پاپولر يونٽي جي متحده محاذ کي رڳو ٽيون حصو ووٽ مليا هئا. انهي ڪري جڏهن اِهي تجزيي نگار اِها ڳالهہ ڪن ٿا تہ پاپولر يونٽي پنهنجي ٽن سالن واري حڪومت جي عرصي ۾ پنهنجي حمايت وڃائي هئي تہ هو غلط ڳالهہ ڪن ٿا. ڇاڪاڻ تہ 1970ع جي چونڊن کان پوءِ شاگردن جي تنظيمن ۽ پوءِ ٽريڊ يونين جون جيڪي چونڊون ٿيون، اُنهن مان پاپولر يونٽي جي پذيرائي ۽ حمايت جي خبر پئي ٿي. مثال طور شاگردن جي سڀ کان وڏي تنظيم جون، نومبر 1970ع ۾ جيڪي چونڊون ٿيون، اُنهن ۾ هڪ پاسي پاپولر يونٽي جي متحده محاذ پاران صدر جي لاءِ هڪ ڪميونسٽ شاگرد کي نامزد ڪيو ويو هو ۽ ٻئي پاسي انتهاپسند ساڄي ڌر جي محاذ هڪ ڪرسچن ڊيموڪريٽ شاگرد کي صدر لاءِ بيهاريو ويو هو. انهن چونڊن ۾ ڪميونسٽ شاگرد پنهنجي مخالف اُميدوار کان چاليهہ سيڪڙو وڌيڪ ووٽ حاصل ڪيا. ساڳي طرح 1972ع ۾ ٽريبيونين چونڊ ۾ سوشلسٽ پارٽي ۽ ڪميونسٽ پارٽي گڏيل طور تي ڪُل ووٽن جو ستر سيڪڙو حاصل ڪيو ۽ پروڊڪشن ورڪرز ۾ سوشلسٽ پارٽي ۽ ڪميونسٽ پارٽي ڪُل ووٽن جو نوي سيڪڙو حاصل ڪيو.

1970ع جي چونڊن کان پوءِ اصل مسئلو وچولي طبقي ۽ ڳوٺن جي ننڍن زميندارن ۽ آبادڪارن کي پنهنجي پاسي ڪرڻ جو هو. ڇاڪاڻ تہ اِنهي صورت ۾ ئي صحيح معنيٰ ۾ پاپولر يونٽي جي پروگرام تي عوامي پذيرائي سان عملدرآمد ٿي سگهيو ٿي. اِنهي جو ڪارڻ اِهو آهي تہ شهري وچولي طبقي، پيشيور ماڻهن، ڊاڪٽرن، وڪيلن، انجنيئرن ۽ ملازمن جي طبقي جي حمايت، مزدور طبقي جي لاءِ سماجي تبديلين جي عمل کي تيز ڪرڻ لاءِ لازمي شرط هوندي آهي، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اِهي حصا عملي طور تي انقلابي پروگرام جي حق ۾ مزدور طبقي جو ساٿ نہ ٿا ڏين يا غيرجانبدار ۽ بي عمل بڻجي رهجي ٿا وڃن تہ پوءِ اِهي شعوري يا غيرشعوري طور تي رجعت پسندن جي هٿان استعمال ٿين ٿا ۽ اُنهن جو هڪ اثرائتو هٿيار بڻجي وڃن ٿا، جيئن 1977ع جي چونڊن ۾ ڀٽي يا اندرا گانڌي سان ٿيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اشارو ڪيو هو
ڏانهن چٽو اشارو به ڪيو هو.
ڪارروايون انهي پاسي ڏانهن چٽو اشارو به ڪيو هو
1972ع جي بجاءِ ۾ ڪاروباري انهي پاسي عوام جي گهڻائي کي
"اسان جو بنيادي فرض اهو آهي ته اسين چلي جي عوام جي ڀرپور حمايت لاءِ
الندي حڪومت ۽ اُن جي انقلابي پروگرام جي ڀرپور حمايت لاءِ
منظم ۽ متحرڪ ڪريون ۽ اهو بلڪل ممڪن آهي. جاڪاڻ ته پاپولر
يونٽي جي متحده محاذ جو پروگرام رڳو مزدور طبقي جي اُميدن جي
نمائندگي نٿو ڪري پر، اهو وچولي طبقي جي خواهشن، تمنائن ۽ گهرن
جو پڻ پوراٿو ڪري ٿو ۽ مجموعي طور تي اهو پروگرام پوري ملڪ
کي اڳتي وڌڻ جي لاءِ اهو ملڪ جي مجموعي مفاد ۾ آهي، ٻين لفظن
۾ ته اسان جو ڪم چلي جي وڏن دشمنن کي اڪيلو ڪرڻو آهي ۽ اُنهن
سيني قوتن کي جيڪي اڃان تائين دشمن جي اثر هيٺ آهن، دشمن
جي اثر مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ پنهنجين صفن ۾ آڻڻو آهي. انهي ڪري
اهو ضروري آهي ته اسان ان پاسي پوري توجهه ڏيون ۽ ڪاٻي ڌر جي
انتهاپسندن جي نعرن ۽ روين جي سختي سان مزاحمت ڪريون؛
جاڪاڻ ته اهي نعرا ۽ انهن انتهاپسندن جو رويو نيٺ رجعت پسندن لاءِ
زرخيز زمين بڻجي رهيو ٿا، جتان هو پنهنجيون سازشون ۽ هيون
ڪارروايون وڌيڪ هوشياري ۽ تيزيءَ سان ڪري سگهن ٿا."

هونئن اها به حقيقت آهي ته 1970ع ۾ جڏهن پاپولر يونٽي کي ٽيون حصو
ووٽ مليا ته اُن وقت طاقت جو توازن ۽ عام راءِ ساڄي ڌر جي قوتن جي حق ۾ هئي،
پر جڏهن پاپولر يونٽي جي پروگرام تي عملدرآمد شروع ٿيو ۽ نوڪرين جا موقعا
پيدا ٿيا،قيمتن جي واڌ جي رفتار ۾ گهٽتائي ٿي ۽ گهرن جي اڏاوت جو سلسلو
شروع ٿيو ته عام راءِ جي توازن ۾ وڏيون تبديليون ظاهر ٿيڻ لڳيون. ان جو اظهار
آلندي جي صدر چونڊجڻ کان ڇهه مهينا پوءِ ٿيل ميونسپل چونڊن ۾ ٿيو. انهن
چونڊن ۾ پاپولر يونٽي جي متحده محاذ کي پنجاهه سيڪڙي کان وڌيڪ ووٽ مليا.
ظاهر آهي ته اهي صدارتي چونڊن وارن ووٽن کان اٽڪل ڇوڏهن سيڪڙو وڌيڪ
ووٽ هئا پر ان سان اها غلط فهمي نه ٿيڻ گهرجي ته انهي تبديليءَ جي ڪري وچولو
طبقو پوري ريت حرڪت ۾ اچي ويو هو ۽ اُهو پاپولر يونٽي جي متحده محاذ جي حق
۾ هو. جاڪاڻ ته ان کان پوءِ ٿيل چئن هيٺين چونڊن مان پاپولر يونٽي متحده محاذ
کي رڳو هڪ سيٽ ملي سگهي هئي، جڏهن ته باقي ٽي سيٽون ساڄي ڌر جي متحده
محاذ حاصل ڪيون هيون.

هاڻي هڪ پاسي وچولي طبقي کي پنهنجي پاسي ڪرڻ ۽ اُن کي پاپولر يونٽي
جي متحده محاذ جي حمايت ۾ حرڪت ۾ آڻڻ لاءِ ڪوششون ٿي رهيون هيون. انهي
مقصد لاءِ ننڍن واپارين، ننڍن صنعتڪارن ۽ پيشيور ماڻهن کي ٽيڪسن ۾ رعايت
ڏني ويئي. ڪڏهن ننڍن زميندارن ۽ آبادگارن کي، جيڪي ڳوٺاڻي آباديءَ جو چاليهه
سيڪڙو هئا، يقين ڏياريو ويو ته سندن زمين کانئن نه ورتي ويندي. پر ٻئي پاسي ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ابتڙ ڪاهي ٽر جا انتهاپسند عنصر پنهنجي ڪم ۾ رڌل هئا. اُهي لاڳيتو پنهنجن
انتهاپسند نعرن سان اُن وچولي طبقي کي ببجاري رهيا هئا. پاپولر يونٽي جي اندر
موجود ڪجهه عنصر پڻ انهن انقلابي نعرن کان متاثر ٿي رهيا هئا. اهڙي ريت
ڪيترن ڳوٺاڻن علائقن ۾ سرڪاري اهلڪارن انهن نعرن کان متاثر ٿي وڏن
زميندارن جي زمينن سان گڏوگڏ ننڍن زميندارن جي زمينن تي به قبضو ڪري ورتو
هو. انهي ڳالهه شهرن ۽ ڳوٺن ٻنهي ۾ وچولي طبقي کي ببجاري ڇڏيو ۽ پوءِ اهو ٿي
طبقو آمريڪا ۽ چلي جي سرمائيدارن جو سرگرم حامي بڻجي ويو. انهي صورتحال
جي باري ۾ ٿي اٿليءَ جي ڪميونسٽ پارٽي جي اڳواڻ ۽ باني ٽوگلياٽڪ اٿليءَ ۾
فاشزم جي اوج جي متعلق لکندي چيو هو ته:

"ننڍي بورجوازي ۾ بيچيني سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ هوندي آهي ۽
جڏهن سياست ۾ نئون عنصر داخل ٿيندو آهي ته اِها اُن جي حق ۾
تبديل ٿيڻ شروع ٿي ويندي آهي. خاص طور تي جڏهن سرمائيدار طبقي
جو سڀ کان وڌيڪ رجعت پسند عنصر هڪ طاقت جي طور تي اُڀرندو
آهي ته اِها بي اطميناني ننڍي بورجوازي طبقي کي اِنهي منظم طاقت
جي ڄار ۾ ڦاسائي ڇڏيندي آهي."

ساڳي صورتحال چلي ۾ ٿي. جڏهن اُتي ۾ آمريڪا ۽ چلي جي سرمائيدارن
هڪ منظم صورت ۾ مداخلت شروع ڪئي ته چلي جو وچولو طبقو، جنهن کي چلي
جي ڪاهي ٽر جي انتهاپسندن پنهنجن کوکلن انقلابي نعرن سان ببجاري ڇڏيو هو،
بدترين رجعت پسندن جي هٿان استعمال ٿي ويو. اِنهي ڪري ٽين دنيا جي
جمهوريت پسندن، انقلابين ۽ ترقي پسندن لاءِ چلي جي الميي ۾ هڪ ٿي سبق آهي ته
جيستائين مزدور طبقو ۽ اُن جي جماعت وچولي طبقي کي سرمائيدارن جي چنبي مان
آزاد ڪرائڻ ۾ ڪامياب نٿي ٿئي ته پوءِ اِهو وچولو طبقو مزدور طبقي، ترقي پسندن
۽ انقلابين جي خلاف ٿي استعمال ٿيندو.

اِنهيءَ الميي جو هڪ ٻيو پاسو به آهي ۽ اُن ڏانهن ڪجهه تجزيي ڪندڙن
اشارو به ڪيو آهي، سندن چوڻ آهي ته پاپولر يونٽي جي متحده محاذ ۽ سيلوابور
آلندي کي چونڊن ۾ سوپ کان ترت پوءِ فوج ۾ صفائي ڪرڻ کپندي هئي ۽ سرڪار
جي دشمن سڀني قوتن مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ کهريو هو. ظاهري طور تي اِهو
سولو نسخو ٿو لڳي ۽ ان پاسي جي نشاندهي ڪرڻ وارا اِهو فرض ڪري وٺن ٿا ته
فوج ۾ ساڄي ٽر جا حامي جنرل صفا اڪيلا هئا ۽ ڪين ڪنهن به طبقي جي حمايت
حاصل نه هئي. پر حقيقت ۽ معروضي حالتون اِنهي جي بلڪل ٿي ابتڙ هيون. انهن
حالتن ۾ فوج کي اشتعال ڏيارڻ جو مطلب بُحران کي دعوت ڏيڻي هئي ۽ فوجي
راڄاڻي لاءِ زمين ٺاهڻي هئي. ڇاڪاڻ ته اُن وقت عوامي عام راءِ جو توازن به
متحده محاذ جي حق ۾ نه هو. اِنهي ڪري متحده محاذ جي سرڪار کي صبر ۽
تحمل ۽ سياسي سوچ ۽ ويچار کان پوءِ قدم کڻڻو هو. اُن پوليس جي ڪنٽي جڻن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن کي گذريل حڪومت فسادن کي روڪڻ جي ناڪامي ۾ قائم ڪيو هو ۽ جن ملڪ ۾ تمجر مچائي رکيو هو، کي ٽوڙي ڇڏيو ۽ گڏوگڏ ڪجهه جرنيلن کي پڻ رٽائر ڪري ڇڏيائين. اهو درست آهي ته پوءِ جي واقعن اهو ثابت ڪري ڇڏيو هو ته اهي قدم ڪافي نه هئا. ڇاڪاڻ ته راتاهي جي موقعي تي ايڪويهن جرنيلن مان رڳو ڇهه ست جرنيل ئي متحده محاذ جي سرڪار جا وفادار نڪتا. جڏهن ته باقي سڀني جي ٻنهجيون وفاداريون تبديل ڪري ڇڏيون هيون.

آلندي سرڪار لاءِ ٻين رياستي ادارن جيان فوج به هڪ آئيني مسئلو هو جنهن کي آئين جي اندر رهندي ئي حل ڪري سگهجي ها. انهي ڪري متحده محاذ جي حڪومت عوامي دٻاءُ ۽ حڪومتي قدمن ٻنهي وسيلي انهن مسئلن کي حل ڪرڻ چاهيو ٿي. اها آئيني حدن ۾ رهندي ئي رياستي ادارن کي تبديل ڪرڻ جي مجاز هئي. اهو ڪم نهايت آهستي ۽ هوشياريءَ سان ٿي سگهيو ٿي. پر انهي تبديليءَ جي رفتار جو دارومدار عوام جي شرڪت ۽ سندن انقلابي شعور ۽ تنظيم تي هو. جيئن جيئن عوام، جنهن ۾ وچولو طبقو به شامل هو. ان عمل ۾ شريڪ ٿيندو تيئن تيئن رياستي ادارن جي تبديليءَ جي رفتار ۾ به تيزي ايندي ويندي. انهي لحاظ کان تاريخ ۾ چلي جو تجربو بي مثل هو. ڇاڪاڻ ته اڄ تائين ڪنهن به جاءِ تي مزدور طبقو آئيني ۽ قانوني حدن ۾ رهندي اهي بنيادي تبديليون ۽ رياستي ادارن جي هيئت ۾ تبديلي نه آڻي سگهيو آهي. هاڻي اهڙي صورتحال ۾ ظاهر آهي ته چالون ۽ طريقا انهن سڀني ملڪن کان مختلف اختيار ڪرڻا پوندا، جتي مزدور طبقي ۽ اُن جي حامين هٿياربند جدوجهد وسيلي اقتدار تي قبضو ڪري، پراڻي رياستي ڍانچي کي تباهه ڪري نئون رياستي ڍانچو ٺاهيو هجي.

چلي جي انهي صورتحال ۾ اهو ڏسڻ ۽ اندازو لڳائڻ سڀ کان ضروري هو ته طاقت جو توازن ڇا آهي ۽ اهو توازن ڪهڙي وقت تي اهڙي ڳالهه جي اجازت ڏئي سگهي ٿو. انتظاميا جا ادارا هجن يا فوج ۽ عدليه جا ادارا هجن، منجهن رجعت پسند قوتن جي مزاحمت کي رڳو عوامي دٻاءُ سان ئي ڇيهاڻي سگهجي ٿو. اهو به ضروري آهي ته انهن ادارن ۾ جيڪي به تبديليون آنديون وڃن، اُهي مٿان ٺاڦيون نه وڃن بلڪ انهن ادارن ۾ ئي انهن تبديلين جي ضرورت ۽ گهرجن جو احساس پيدا ڪيو وڃي. انهي صورت ۾ مزاحمت ڪمزور هوندي نه ته ٻي صورت ۾ شديد ٽڪراءُ واري صورتحال جو پيدا ٿيڻ لازمي ٿي پوندو. انهن رياستي ادارن ۾ تبديلي جي عمل جي شروعات جو دارومدار به هڪ پاسي حڪومت جي قدمن ۽ ٻئي پاسي عوام جي انقلابي شعور ۽ تنظيم تي هوندو. پر اهو عمل ان صورت ۾ ئي تيز ٿي سگهي ٿو، جنهن سندن مڃڻ مانڻن ۽ طبقي جي ماڻهن کي ڪنهن حد تائين متاثر ڪري سگهجي. اُهي ڪنهن حد تائين متحده محاذ جي پروگرام کي پوري ريت قبول ڪرڻ ۽ اُن تي عملدرآمد ۾ مددگار ٿين ٿا. انهي عمل کي تيز ڪرڻ لاءِ آلندي سرڪار فوج جي پگهارن ۾ واڌارو ڪيو ته جيئن اُنهن جي محروميون ۽ مجبورين کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪٽ ڪري سگهجي ۽ رجعت پسند قوتون انهن محرومين ۽ تلخين کي پنهنجي فائدي استعمال نه ڪري سگهن. فوج جي پگهارن ۾ چاليهه سيڪڙو واڌارو ڪيو ويو. رکو اهو به فوجي آفيسرن ۽ جوانن جي رهائشي مسئلن کي حل ڪرڻ ڏانهن پڻ توجهه ڏني وئي ۽ انهن جي لاءِ نون فليٽن جي اڏاوت جو ڪم شروع ڪيو ويو. فوجي آفيسرن جي ٻارن کي وظيفا ڏيئي اعليٰ تعليم جي لاءِ يونيورسٽين ۾ موڪليو ويو. گڏوگڏ فوج کي ملڪ جي اڏاوتي ۽ سماجي ڪمن ۾ شريڪ ڪيو ويو. ان جو مقصد به اهو هو ته فوج کي ملڪ جي بنيادي مسئلن ۽ ضرورتن جي پوري ڄاڻ حاصل ٿئي ۽ اُها چليءَ جي سماج ۾ ايندڙ تبديلين ۾ پوري ريت شامل هجي ته جيئن اُها مزاحمت جي واٽ اختيار نه ڪري.

سياسي جماعتن جو سڄي طرح فوج ۾ ڪم ڪرڻ ڏکيو هو. جاڪاڻ ته اهڙي ريت فوج ۾ سڌي مزاحمت ۽ ٽڪراءُ جو ماحول پيدا ٿي پوي ها. جنهن سان هڪ بحراني صورتحال جنم وٺي ها. اِنهي ڪري سياسي جماعتن کي سختيءَ سان فوج ۾ ڪم ڪرڻ کان روڪيو ويو. اِنهي ڪري آلندي صدر ٿيڻ کان اڳ اِهو يقين ڏياريو هو ته جيستائين هو صدر ٿي ويو ته فوج جي پگهارن ۾ واڌارو ڪيو ويندو. ٻيو اِهو به ته هو فوج جي اندروني مسئلن ۾ مداخلت نه ڪندو ۽ سڀ تقرريون سندن مرضيءَ ۽ رضامنديءَ سان ٿينديون. وڏيڪ هن اِهو به يقين ڏياريو هو ته آمريڪا سان ٿيل ٺاهن کي ختم نه ڪيو ويندو. اِنهي يقين ڏيارڻ جو ئي نتيجو هو ته شروعاتي مهينن ۾ سي- آئي- اي فوجي راتاهي لاءِ جيڪا ڪوشش ڪئي، فوج اُن جي حمايت ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. آلندي فوج جي ڪمانڊر انچيف جي حيثيت ۾ باقاعدي فوجي آفيسرن سان ملاقاتن ۽ خيالن جي ڏي وٺ جو سلسلو جاري رکيو هو. وڌيڪ اِهو ته آلندي فوج کي عوامي ادارن ۾ نمائندگي ڏيڻ شروع ڪئي هئي ۽ ڪن ٻاهرين مُلڪن ۾ ويندڙ وفدن ۾ پڻ شامل ڪيو ويو هو.

ڪجهه ماڻهو اِهو سوال ڪن ٿا ته اِهي ڪوششون نيٺ بيڪار ڇو ويون؟ انهن ڪوششن جو ڪهڙو فائدو ٿيو. هي ماڻهو چليءَ جي خاص حالتن کي وساري ڇڏين ٿا ته. چلي لاطيني آمريڪا جي اُنهن ڪجهه مُلڪن مان هو. جتي گذريل چاليهن سالن کان فوج آئيني سرڪار جي وفادار رهندي پئي آئي ۽ هتي ڪو فوجي راتاهو نه لڳو هو. اِنهي ڪري آلندي ۽ سندن متحده محاذ جي سرڪار جي لاءِ رياستي ادارن ۽ خاص طور تي فوج ۾ تبديلي آڻڻ جو اِهو ئي هڪ طريقو هو ته، اُهي اُن ۾ آهستي آهستي تبديلين آڻڻ جي ڪوشش ڪن. ان جو سبب اِهو به هو ته 1969ع ۾ ٻه سؤ فوجي آفيسرن جي لِکل راين سان جيڪو تجزياتي خاڪو ٺاهيو ويو هو، اُن مان اِهو اندازو ٿيو ٿي ته منجهانئن ٽياسي سيڪڙو آفيسر سماجي تبديلين ۽ سُڌارن جا حامي هئا. چوڏهن سيڪڙو واضح طور تي رجعت پسند نظريو رکندڙ هئا ۽ ٽي سيڪڙو آفيسرن فوجي راتاهي جي حمايت ڪئي هئي. پر جن آفيسرن سماجي تبديلين جي حمايت ڪئي هئي، انهن جو هڪ وڏو تعداد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪميونسٽ مخالف فڪر رکندڙ هو ۽ اهو وچولي طبقي جي انهي ڌپ کان متاثر هو ته انقلابي تبديلين ۽ ڪميونسٽن جو وجود سندن مراعاتن واري زندگي ۽ معيار کي متاثر ڪندو. جيئن ته فوج ۾ مختلف لاڙا موجود هئا. انهي ڪري متحده محاذ فوج کي وحداني ۽ هڪ خيال رکندڙ ۽ مضبوط اداري جي طور تي نٿي ڏٺو ۽ نه ئي اُن انهي کي مڪمل طور تي هڪ رجعت پسند ادارو سمجهيو هو. انهي جي ابتڙ متحده محاذ جي سرڪار اها ڪوشش ڪئي ته فوج ۾ ترقي پسند فڪر رکندڙ آفيسرن جي حوصلي افزائي ڪئي وڃي ۽ ڪين هر سطح تي اڳتي وڌايو وڃي ته جيئن فوج ۾ هڪ نئين قسم جو توازن پيدا ٿي سگهي، جيڪو فوجي راتاهي جي واٽ روڪڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي. پر انهي جو دارومدار گهڻي ڀاڱي فوج کان ٻاهر جي حالتن تي هو. جڏهن سي- آئي- اي، گهڻ قومي ڪمپنيون، آمريڪي بينڪن، چلي ۽ جي سرمائيدارن ۽ زميدارن جو گٺ- جوڙ ٿهي رهيو هجي ۽ وچولو طبقو بجاءِ متحده محاذ ڏانهن اچڻ جي ڪاهي ڌر جي انتهاپسند نعرن کان ٻنل هجي ته انهن حالتن ۾ فوج ۾ ترقي پسند فڪر رکندڙ ماڻهو ڪيئن اڳتي وڌي سگهن ٿا.

چلي جي الميي جي ڏکوئيندڙ داستان کي جيڪڏهن ٿورن لفظن ۾ بيان ڪرڻو هجي ته اهو چئي سگهجي ٿو ته چلي ۾ اهو فوجي راتاهو يا رد انقلاب جو عمل رڳو انهي ڪري ڪامياب ٿي ويو جو پاپولر يونٽي جو متحده محاذ پنهنجي پروگرام جي حق ۾ عوام جي گهڻائي ۽ کي منظم ۽ سرگرم نه ڪري سگهيو هو. هاڻي انهي الميي کان پوءِ اها فتويٰ ڏيڻي ڇڏڻ ۽ انهي الميي جي سڄي ذميواري پاپولر يونٽي جي متحده محاذ جي کاتي ۾ وجهي ڇڏڻ نهايت سولو ڪم آهي. پر اهو الميي جو رڳو هڪ پاسو آهي، متحده محاذ ۾ شامل جماعتن انهي الميي کان پوءِ پنهنجين غلطين جو تجزيو ڪيو آهي. پر هڪ ڳالهه اصولي طور تي ياد رکڻ گهرجي ته جڏهن انقلاب ۽ انقلابي تحريڪون ناڪام ٿينديون آهن ته رڳو اهو چئي ڇڏڻ ته فلاڻين غلطين جي ڪري انقلاب ناڪام ٿي ويو ۽ سڄي صورتحال ۽ سياسي ۽ سماجي پس منظر کي اکين نه رکڻ يا وري انهن ناڪام انقلابن مان مثبت نتيجا ۽ سبق حاصل نه ڪرڻ هڪ نهايت وڏي غلطي آهي، اهڙي ريت اسان کي چلي ۽ جي انقلاب کي هڪ وسيع پس منظر جي حوالي سان جاچڻ گهرجي ۽ اُن مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي.

ڇا اها حقيقت ناهي ته پيرس ڪميون جي انقلاب جي موقعي تي پيرس جي جيالن ۽ بهادر مزدورن کان ٻه غلطيون ٿيون هيون. انهن غلطين جي مارڪس ۽ اينگلز تفصيل سان نشاندهي ٻه ڪئي آهي پر انهن انهي ناڪام پيرس ڪميون جي مثبت پاسن کي ٻه سامهون آندو آهي ۽ اُن مان آئيندي لاءِ سبق ٻه ورتا آهن. ڇاڪاڻ ته اهو ڪير نه ٿو چئي سگهي ته اوڻويهين صديءَ ۾ پيرس جا مزدور پنهنجي سڄي بهادري ۽ جرئت جي باوجود يورپ ۾ سوشلزم جو ڪو هيٺ ناهڻ ۾ ڪا آخري ڪاميابي حاصل ڪري سگهن ها. پر انهي جي باوجود اُنهن هڪ واٽ ڏسي ۽ غلطيون ڪري اُنهن کان بچڻ جو ڏک ڏيکاري ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساڳي طرح 1905ع جو روسي انقلاب ناڪام ٿيو. اُن مان تمام گهڻا سبق مليا. پوءِ 1917ع جي انقلاب ۾ غلطيون نہ ٿيون هيون. ساڳي طرح اڄ جي چلي جي انقلاب جون غلطيون بلڪل اسان جي آڏو آهن پر اِنهي انقلاب پنهنجي رت- هاڻي وامستان سان ٿين دنيا جي مُلڪن کي انهن غلطين جو شعور ڏنو آهي ۽ اِهو هڏايو آهي تہ ڪهڙي ريت اڄ جي دور ۾، جڏهن سامراج بلڪل واٽرو ٿي پيو آهي ۽ مٿس پاڳلپڻي جي ڪيفيت طاري آهي تہ انقلابي عمل ڪيترو نہ حياتي ڳهرندڙ ٿي پيو آهي ۽ اهو بہ تہ اڄ انقلاب جي ڪاميابي لاءِ ننڍيون ننڍيون ڳالهيون بہ ڪيڏي نہ اهميت اختيار ڪري ويون آهن.

رڳو اهو نہ پر چليءَ ۾ انقلاب جي ناڪامي اِنهي بحث ۾ وڌي شدّت پيدا ڪري ڇڏي آهي تہ ڇا سماجي تبديليون ۽ سرمائيدار- زميندار طبقي، جيڪي سامراج سان لاڳاپيل آهن، جي رياست ۽ اُن جي ادارن تي پرامن طريقي سان قبضو ٿي سگهي ٿو ۽ ڇا قبضي کان پوءِ رياست ۽ انهن ادارن کي پرامن طريقن سان بدلائي سگهجي ٿو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انڊونيشيا

سوئيڪارنو خلاف فوجي راتاهي جي سازش

عبدالله ملڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انڊونيشيا ۾ سوئيڪارنوجي خلاف فوجي راتاهي جي سازش

ٽين دنيا ۾ فوجي راتاهو يا فوجي مداخلت هڪ نهايت ئي منجهيل عمل آهي. انهن قومن جي متعلق ڪجهه عمومي اُصول تہ ٺاهي سگهجن ٿا، جيئن هتي ڪيو ويو آهي، پر هر ملڪ جتي فوج يا فوج جو ڪو حصو حرڪت ۾ اچي ٿو تہ اُن فوجي تحريڪ يا قدمن کي سمجهڻ لاءِ اُن خاص مُلڪ جي متعلق تفصيل سان ڳالهہ ٻولهہ ٿيڻ گهرجي. اِنهي ڪري انهي سلسلي ۾ انڊونيشا جو ذڪر گهڻي اهميت رکندڙ آهي.

اهو 1965ع جو سال ۽ سيپٽمبر جو مهينو هو، جڏهن ڪجهه فوجي آفيسرن، جيڪي پنهنجو پاڻ کي ترقي پسند ۽ انقلابي چوائيندا هئا، فوجي راتاهي جي ڪوشش ڪيائون پر اُن جو نتيجو اهو نڪتو تہ ساڄي ڌر جي رجعت پسند جرنيلن نہ رڳو اِنهي فوجي راتاهي کي ناڪام بڻائي ڇڏيو پر اُنهن سوئيڪارنو جو تختو اونڌو ڪري هڪ بدترين قسم جي فوجي آمريت قائم ڪري ڇڏي، جنهن نہ رڳو سوئيڪارنو حڪومت جي سامراج مخالف پاليسين کي بدلائي ڇڏيو پر تشدد ۽ وحشت جي هڪ اهڙي دور جي شروعات ڪئي، جنهن جو ٻئي مهاڀاري جنگ کانپوءِ ڪو مثال نٿو ملي. ٻئي مهاڀاري جنگ جي هلندي يا اُن کان اڳ هٽلر جي ظلم ۽ ڏاڍ جا داستان عام ٿي ويا هئا پر جنگ جي ختم ٿيڻ کان پندرهن (ارڙهن) سال پوءِ اِنهي وڏي پيماني تي قتل عام جي ڪري فوجي آمريت جي حامين ۽ سامراجي ملڪن جي عوام کي بہ ڏندين آڱريون اچي ويون. قتل عام مهينن تائين هليو ۽ اُن جو گهڻو نشانو ڪميونسٽ بڻيا. ڪميونسٽ پارٽي انڊونيشيا جي سڀ کان وڏي عوامي پارٽي هئي، جنهن جا ٽيهہ لک ڪارڪن هئا ۽ جنهن مختلف چونڊن ۾ اٽڪل هڪ ڪروڙ ووٽ حاصل ڪيا هئا. اِنهي ڪري انهي پارٽي کي سڀ کان وڌيڪ تشدد سهڻو پيو ۽ اولهہ جي مبصرن جيڪي اندازا لڳايا آهن، انهن مطابق قتل عام جو تعداد پنجن لک تائين پهچي ٿو. اِنهي قتل عام کي سامراجين جي پذيرائي حاصل هئي. اِنهي ڪري آمريڪي رسالي ٽائم 15- جولاءِ 1966ع جي پرچي ۾ اِنهي قتل عام تي سرخي لڳائي هئي تہ 'اولهہ کي سالن کان پوءِ ايشيا مان سڀ کان خوشي ڀري خبر ملي آهي.'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوئيڪارنو ۽ ڪميونسٽ
انهي ساڳي ڌر جي فوجي راڄاهي جي مقصدن ۾ سامراج مخالف راهه تان هٽائي سامراج جو پيچ پارٽيءَ جو خاتمو ۽ انڊونيشيا کي سامراج مخالف راهه تان هٽائي سامراج جو پيچ لٽڪائو بڻائڻ هو. چاڪاڻ ته انڊونيشيا ۾ ڪميونسٽ اثر ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿي رهيو هو. انڊونيشيا جي ڪميونسٽ پارٽي غيرسوشلسٽ ملڪن جي نه رڳو وڏي ۾ وڏي پارٽي هئي پر اُن جو سوئيڪارنو سان به ويجهو لاڳاپو هو. انهي لحاظ کان اُها مخالف ڌر جي پارٽي نه هئي ۽ اُن جو رياست ۽ اُن جي ادارن تي چڱو خاصو اثر هو. اهو فوجي راڄاهو ۽ قتل عام انهي ڪري وڌيڪ اهميت اختيار ڪري وڃي ٿو ته نيٺ ايڏي وڏي پارٽي جنهن جو حڪومت ۾ چڱو اثر ۽ وقار هو، آخر انهي فوجي راڄاهي کي ناڪام ڇو نه بڻائي سگهي ۽ نه وري اُن جي مزاحمت ڪري سگهي؟

انهي سڄي صورتحال جي باري ۾ انڊونيشيا جي ڪميونسٽ پارٽي پاڻ تي بندش پوڻ کان پوءِ هڪ تجزيو ڪيو هو. اهو درست آهي ته تجزيا هڪ نه پر ڪيئي ڪيا ويا هوندا. پر مون کي پنهنجي لنڊن ۾ رهڻ جي دوران 1967ع ۾ انهي تجزيي کي ڏسڻ جو موقعو مليو هو. اهو تجزيو بنيادي طور تي 1966ع جي آخر ڌاري ڪيو ويو هو پر ٻاهرين دنيا کي اُن جي باري ۾ هڪ سال کانپوءِ خبر پئي. اهو شايد پهريون تفصيلي تجزيو هو، جنهن ۾ انڊونيشيا جي ڪميونسٽ پارٽي مجموعي طور تي پنهنجين غلطين جي نشاندهي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. انهي تجزيي جو بنيادي نڪتو اهو هو ته ڪرنل اون تانگ ۽ اُن جي ساٿين انقلاب جي نالي ۾ جنهن فوجي راڄاهي کي منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، اُهو مڪمل طور تي هڪ مهم جوياڻو قدم هو جيتوڻيڪ انهي جو جواز اهو ڏنو ويو هو ته اهو قدم ساڄي ڌر جي لاڙن رکندڙ جرنيلن جي فوجي راڄاهي کي روڪڻ لاءِ کنيو پئي ويو ۽ ڪرنل اون تانگ کي انهي سلسلي ۾ ڪميونسٽ پارٽي جي هڪ حصي جي پٺڀرائي ۽ حمايت به حاصل هئي. ڪميونسٽ پارٽي جي ان حصي جو بنيادي نڪتهءِ نظر اهو هو ته ترقي ۽ انقلاب لاءِ هٿياربند جدوجهد ئي اڪيلي واٽ آهي. اصل ۾ اهو ڪميونسٽ پارٽيءَ جو اُهوئي حصو هو، جيڪو مائوزي تنگ جي نظرين کان متاثر هو ۽ هن ڳالهه ۾ سندن زور مائو جي چوڻي: 'انقلاب بندوق جي نالي مان ايندو آهي' تي هوندو هو. اهو ئي نڪتهءِ نظر ڪڏهن ڪين ساڄي پاسي جهڪائي ڇڏيندو هو ۽ ڪڏهن کاٻي پاسي. اهڙي ريت سڀني طور طريقن تي موقعي پرستي ڇانئجي ويئي. اهي سڀ لاڙا مٿين اڳواڻيءَ ۾ وڌيڪ نمايان هئا پر عام ميمبرن کي نه انهن تي قائل ڪيو ويو هو ۽ نه ئي ڪين متحرڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. ان جو نتيجو اهو نڪتو ته عوام ۽ پارٽي ميمبر بي عمل ٿي ويا ۽ بُحراني مزاحمت جي وقت هٿ تي هٿ رکيو ويٺا رهيا. انهي حالت ۾ دشمن اچي سندن نڙيءَ تي ننهن ڏنو.

اهو فوجي راڄاهو ٽيهين سيپٽمبر ۽ پهرين آڪٽوبر 1965ع تي عمل ۾ آيو ۽ انهي کي عام طور تي ٽيهين سيپٽمبر جي تحريڪ جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ان جو مقصد ساڄي ڌر جي جرنيلن جي ڪائونسل، جنهن کي ڪميونسٽ پارٽي جي چواڻي تہ سي- آئي- اي جي مڪمل حمايت ۽ پٺڀرائي حاصل هئي، جي فوجي راتاهي کي روڪڻ هو تہ جيئن سوئيڪارنو جي حڪومت کي بچائي سگهجي. دعويٰ ڪئي وڃي ٿي تہ ڪرنل اون تانگ جي 30- سيپٽمبر جي تحريڪ کي فوج جي گهڻن يونٽن ۽ عام فوج جي گهڻي حد تائين حمايت حاصل هئي پر انهي قدم جي شروعات ملڪ جي گاديءَ جي هنڌ جڪارتا مان ڪئي وئي ۽ ان تحريڪ جي اڳواڻن جو خيال هو تہ اها تحريڪ سڄي مُلڪ کي پنهنجي اثر ۾ وٺي ڇڏيندي. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ٽيهن سيپٽمبر جي تحريڪ جا ڪهڙا مقصد هئا؟ اُن ڇا حاصل ڪرڻ چاهيو ٿي؟ ۽ ڪيئن حاصل ڪرڻ چاهيو ٿي؟ انهي تجزياتي دستاويز ۾ ان ڪانسواءِ ٽي ٻيا سوال بہ اُٿاريا ويا هئا:

1- انهي تحريڪ کي منظم ڪندڙ ۽ اُن جا اڳواڻ انهي تحريڪ کي انقلاب آڻڻ جو عمل پيا سمجهن يا اهو رڳو هڪ محدود فوجي قدم هو جنهن جو مقصد رڳو ساڄي ڌر جي جرنيلن کي واٽ تان هٽائڻ هو.

2- جيڪڏهن انهي کي انقلاب سمجهيو بہ ويو هو تہ ڇا معروضي حالتن تي غور ڪيو ويو هو تہ آيا اهي انقلاب آڻڻ لاءِ سازگار بہ هيون يا نہ.

3- جيڪڏهن اهو انقلاب نہ هو ۽ رڳو ڪجھ آفيسرن جو مهم جُويانہ ۽ سطحي قدم هو تہ پوءِ ڪميونسٽ پارٽي جو هڪ حصو اُن ۾ ڇو شامل ٿي ويو هو؟ خاص طور تي اهڙي پارٽي جنهن وٽ سياسي عمل جو پنجيتاليهن سالن جو تجربو هجي اهڙو قدم ڇو کنيو ۽ جيڪڏهن کنيو بہ تہ پوءِ ٽيھ لک ميمبرن واري پارٽي جنهن کي هڪ ڪروڙ راءِ ڏيندڙن جو ڀروسو حاصل هجي صفا ماٺ ٿي ڇو رهجي وئي. اُن منظم مزاحمت ڇو نہ ڪئي؟

اهو درست آهي تہ ملڪ اُن وقت هڪ وڏي گهوٽالي واري ڪيفيت مان گذري رهيو هو. سوئيڪارنو جي سرڪار خلاف مختلف سازشون ٿي رهيون هيون ۽ سوئيڪارنو جي بيماري سندس حالتن تي گرفت کي هوڻ ٿي ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. عوام ۾ بيچيني، اقتصادي حالتون خراب هيون ۽ قيمتن ۾ واڌ ماڻهن کي پريشان ڪري ڇڏيو هو. انهن حالتن ۾ ساڄي ڌر جي جماعتن حڪومت تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهن ۾ سوڪارني، حتيٰ ۽ شيرل اڀرا هئا پر اها ڪوشش ناڪام ڪئي وئي ۽ ان ڪانپوءِ مرحبا پارٽي تي بندش لڳائي وئي ۽ اُن جي اڳواڻ سوڪارني کي گرفتار ڪيو ويو. انهي ناڪاميءَ ڪانپوءِ ساڄي ڌر جي جرنيلن فوجي راتاهي جون تياريون شروع ڪيون. اُن ۾ حتيٰ جهڙا سياسي اڳواڻ بہ شامل هئا. پر سوئيڪارنو جي پرڏيهي وزير ۽ اُن جي ماتحت سوباندريو کي انهي سازش جي خبر پئجي وئي. اُنهن صدر سوئيڪارنو ۽ ڪميونسٽ پارٽي ٻنهي کي انهي سازش کان باخبر ڪري ڇڏيو. پارٽي جي اڳواڻن انهي سلسلي ۾ سوچ ويچار ڪيو ۽ انهي بحران کي مُنهن ڏيڻ لاءِ پارٽي کي تياري وٺڻ ۽ حرڪت ۾ آڻڻ جو ڪاغذي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اصولي فيصلو ڪيو ويو. پر جنهن نموني اهي فيصلا ڪيا ويا، اُن مان سندن ذهني انتشار ۽ صورتحال جي سنگينيءَ کي پوري ريت نہ سمجهڻ جون گهڻيون شاهديون ملن ٿيون. ڇاڪاڻ تہ صحيح ۽ تفصيلي طريقي سان پارٽي کي حرڪت ۾ آڻڻ ذاتهن سنجيدگيءَ سان ڪوبہ قدم نہ کنيو ويو. پارٽي سوئيڪارنو سان ضرور صلاح مشورو ڪيو هو ۽ ڪاهي ڊر جي قوم پرست اڳواڻن سان بہ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي هئي پر جنهن اهي قدم کنيا پئي ويا، اُن وقت فوجي جرنيل بہ تيزيءَ سان پنهنجيون تياريون ڪري رهيا هئا. ڇاڪاڻ تہ ڪين بہ هو تہ جيڪڏهن انهن خلاف ترت قدم نہ کنيو تہ صدر سوئيڪارنو ترقي پسند اڳواڻن تي ٻڌل هڪ وسيع ڪابينا ٺاهي وٺندو ۽ جنرل انهي ڪابينا جي ٺهڻ ڪانپوءِ گهڻي حد تائين اڪيلا ٿي ويندا. جيڪا ڳالهہ ڪين ڪنهن بہ ريت قبول نہ هئي.

اِنهي تجزياتي دستاويز ۾ چيو ويو هو تہ جيڪڏهن ڪميونسٽ پارٽي ۽ ٻين ترقي پسند جماعتن ۾ ٺاهہ ٿي وڃي ها ۽ اِهي هڪ گڏيل محاذ ٺاهڻ تي راضي ٿي وڃن ها، جنهن جي لاءِ حالتون بہ سازگار هيون، تہ شايد جرنيلن جي اِنهي فوجي راتاهي کي روڪي سگهجي ها ۽ جيڪڏهن اهو قدم کڄي بہ ها تہ بہ اِنهي کي ناڪام ڪري سگهجي ها. اهڙي ريت انڊونيشي عوام لاءِ ترقي ۽ خوشحاليءَ جون نيون واٽون کُلي سگهن ها. پر ڪميونسٽ پارٽي بجاءِ اِنهي جي تہ پنهنجيون سڀ ڪوششون اِنهي وسيع گڏيل محاذ، جنهن ۾ سوئيڪارنو بہ هُجي ها، لاءِ وقف ڪري ها؛ اِنهي فوجي راتاهي کي روڪڻ لاءِ نسبتاً ننڍي واٽ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي. اِنهي ننڍي واٽ ڳولهڻ جي عمل جي باري ۾ اِنهي تجزياتي رپورٽ ۾ چيو ويو هو تہ:

"پارٽي جا اڳواڻ جڏهن هڪ ايشيائي مُلڪ جي دوري تان واپس وريا تہ سندن رويّن مان انتهاپسندي بکڻ لڳي هئي ۽ اُنهن عملي قدم کڻڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو. ڪين اِنهي سلسلي ۾ صدر سوئيڪارنو يا ٻين جمهوريت پسند قوتن جي حمايت حاصل هئڻ يا نہ هئڻ جو ڪو اونو نہ هو. اِهي سڀ واقعا اهڙين حالتن ۾ ٿي رهيا هئا جڏهن مُلڪ ۾ ڪنهن بہ قسم جي انقلابي صورتحال موجود نہ هئي. حڪمران طبقي ۾ نہ تہ ڪنهن قسم جو عدم استحڪام ظاهر ٿيو هو ۽ نہ ئي مجموعي طور تي عوام ۾ ڪنهن قسم جي تحريڪ زور وٺي رهي هئي. پر فوجي راتاهي جا خطرا موجود هئا ۽ وڌيڪ اِهو تہ صدر سوئيڪارنو جي بيماري پڻ حالتن جي نزاڪت جي نشاندهي ڪئي پئي. انهن حالتن ۾ انقلاب اُن صورت ۾ ئي ڪامياب ٿي سگهيو ٿي جڏهن انقلابي حالتون موجود هجن ها ۽ عوام اِنهي انقلاب جي پٺڀرائي ڪرڻ لاءِ پوري ريت منظم ۽ حرڪت ۾ هجي ها. اِنهي ڪري اِنهي حالت ۾ اهو قدم هڪ وڏي جوا هو. جنهن جو مارڪسي عمل ۽ نظريي سان ڪو واسطو نہ هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ هٿياربند جدوجهد لاءِ حالتون ڪنهن به ريت سازگار نه هيون."

انڊونيشيا جي ڪميونسٽ پارٽي جي انهي دستاويز ۾ اهو مڃيو ويو آهي ته پارٽي رڳو هڪ اهائي غلطي نه ڪئي پر اُن ڪانسواءِ ڪيتريون هيون غلطيون به ڪيون هيون، جنهن جي ڪري اها موتمار صورتحال پيدا ٿي. مثال طور پارٽي ٻين ترقي پسند قوتن کي پاڻ سان ګڏڻ جي بلڪل ڪوشش نه ڪئي ۽ اهڙي ريت پاڻ کي بلڪل اڪيلو ڪري ڇڏيو ۽ اڪيلي سر ئي هٿياربند جدوجهد واري واٽ تي هلي نڪتي. ان جو نتيجو اهو نڪتو ته انڊونيشيا ۾ جڏهن چئني پاسن کان طبقاتي ڇڪتاڻ ۾ شدت پيدا ٿي رهي هئي ته انهي روپي سڀني مخالف طبقن کي سڀني سڀني ٽڪرائن جي باوجود ڪٺو ڪري ڇڏيو هو. وچ ۾ رهندڙ طبقا يا اهي جيڪي ڪنهن عوامي تحريڪ جي صورت ۾ پارٽي ڏانهن لاڙو رکي سگهيا ٿي، اهي به مخالف صفن ۾ هليا ويا. رڳو اهو نه پر مذهبي جماعتون جيڪي عام طور تي ترقي پسند قومي محاذ خلاف قدم کڻڻ کان پاسو ڪن ها ۽ رجعت پسند جرنيلن جي حمايت نه ڪن ها. انهن کي به پارٽيءَ جي انهي پاليسي جرنيلن جي ڪڇ ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته انهن جرنيلن کي مذهب جي آخري محافظ جي طور تي ڏسڻ شروع ڪري ڏنو هو ۽ اها جنگ مذهب ۽ دهريت جي جنگ بڻجي ويئي هئي. عام شهري آباديءَ ۾ جيڪا ڇڪتاڻ ۽ نئين صف بندي ٿي رهي هئي، اُن جا اثر فوج تي پوڻ به لازمي هئا. دستاويز ۾ انهي ٽڪراءَ ۽ غلطين جا فوج تي جيڪي اثر پيا انهن جو اظهار انهن لفظن ۾ ڪيو ويو آهي:

"اسان عام طور تي فخر سان اها ڳالهه ڪندا رهيا آهيون ته فوج ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽيهه سيڪڙو فوجي ڏاڍي ۽ هٿوڙي واري جهنڊي جي پويان هلندڙ آهن. پر اسان ڪڏهن به اهو ڏسڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي ته منجهانئن ڪيترا مڪمل طور تي صدر سوئيڪارنو جا حامي آهن ۽ ڪيترا مڪمل طور تي پارٽي جا حمايتي آهن. پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته جڏهن پارٽي ۽ صدر سوئيڪارنو گڏ هجن ته اهي ٽيهه سيڪڙو مڪمل طور تي انهي اتحاد جا حامي ۽ محافظ هئا ۽ پنهنجي دل ۽ جان سان اُن جا حمايتي هئا. پر جيڪڏهن انهن فوجين کي سوئيڪارنو ۽ پارٽي مان ڪنهن هڪ کي پنهنجين وفادارين لاءِ چونڊڻو پوي ها ته سندن هڪ وڏي گهڻائي صدر سوئيڪارنو جي پاسي هجي ها. انهي ڪري قومي محاذ ۽ اُن ۾ صدر سوئيڪارنو جي شامل هئڻ جي اهميت کي نظرانداز ڪرڻ جو مطلب انقلاب سان غداري ۽ صحيح حالتن کي سمجهڻ کان انڪار هو."

پر اهو دستاويز باقي ستر سيڪڙو فوجين جي وفادارين، طبقاتي بيهڪ ۽ سندن لاڙن جو ڪو ذڪر نه ٿو ڪري، پر اِن جو صاف مطلب اهو ئي آهي ته اهي ستر سيڪڙو پارٽي سان گڏ نه هئا ۽ ممڪن آهي ته پوري ريت صدر سوئيڪارنو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان ڪا بہ نہ هجن. انهي صورت ۾ جيڪڏهن ڪو فوجي قدم کنيو وڃي تہ اُن لاءِ بنيادي شرط فوج جي گهٽائيءَ جي حمايت نہ گهٽ ۾ گهٽ لازمي ٿي وڃي ٿي، جاڪاڻ تہ انهي هڪ صورت ۾ ئي ڪاميابي ممڪن ٿي سگهي ٿي. پر ٿيهين سيپٽمبر جي فوجي قدم نہ تہ انهي متعلق سوچيو ۽ نہ ئي پارٽي انهي ڪمزوري کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پارٽي انهي فوجي قدم جي ڪمزوري کي گهٽ ۾ گهٽ عوامي پنيرائي ۽ حمايت وارن مظاهرن کي منظم ڪري ختم ڪري سگهي پئي پر ائين نہ ٿيو. انهي ڪري پهرين آڪٽوبر 1965ع تي انهي ترقي پسند فوجي قدم جي حمايت ۾ نہ تہ ڪو مظاهرو ٿيو ۽ نہ ئي عام هڙتال ٿي. اهڙا سڀ رانڊ هارن جي هڪ رانڊ ۾ بدلجي ويئي ۽ انهي دستاويز موجب اهو ثابت ٿي ويو تہ پارٽي کي پر امن حالتن ڪانسواءِ جدوجهد جو ڪو تجربو نہ هو.

ظاهري طور تي اها ڳالهہ صحيح لڳي ٿي، پر انڊونيشي ڪميونسٽ پارٽي جي پنهنجي تاريخ ان جي ابتڙ بہ ثابتيون ڏئي ٿي. مثال طور 1929ع ۾ انڊونيشي ڪميونسٽ پارٽي زبردست هٿياربند جدوجهد ڪئي هئي. وري 1941ع کان 1946ع جي عرصي ۾ جپاني فوجن خلاف هٿياربند مزاحمت ۾ انڊونيشي ڪميونسٽ پارٽي کان وڌيڪ منظم جپاني فوج جي مزاحمت ڪو معمولي ڪم نہ هو. انهي مزاحمت ۾ تہ انڊونيشي ڪميونسٽ سورما ٿيا پر پوءِ نيٺ ٿيهين سيپٽمبر 1965ع ۾ هو اهڙي خراب طريقي سان ڇو ناڪام ويا جو ڏسندي ڏسندي لکين ڪارڪن پنهنجن خاندانن سميت گولين جو بک بڻجي ويا. اهو انهي ڪري تہ اها سڄي رانڊ نهايت هاراتي نموني کيڏي ويئي هئي.

سڀ کان اول تہ انهي فوجي قدم لاءِ ڪا منظم تياري نہ ڪئي ويئي هئي ۽ جڏهن اهو قدم کنيو بہ ويو ۽ جرنيلن جي ڪائونسل تي حملو ڪري، اُنهن کي گرفتار بہ ڪيو ويو پر پوءِ جيڪي غلطيون ڪيون ويون، اُنهن کي ڪير بخشي سگهجي ٿو. مثال طور ساهي ڏر جرنيلن جي ڪائونسل جي خاتمي کانپوءِ جڏهن ڪرنل اون تانگ پهرين نشري تقرير ڪئي تہ ماڻهو ٿورڙو حرڪت ۾ آيا ۽ منجهن جوش پيدا ٿيو پر جيئن ئي ڪرنل اون تانگ اعلان ڪيو تہ ڪابينا مستعفي ٿي ويئي هئي ۽ هڪ انقلابي ڪائونسل قائم ڪئي ويئي هئي تہ عوام شڪ ۾ پئجي ويا. سندن شڪ ۾ اُن وقت واڌارو ٿي ويو، جڏهن عوام کي اها خبر پئي تہ صدر سوئيڪارنو جو انهي قدم سان ڪو واسطو نہ هو ۽ انهن فيصلن کي صدر سوئيڪارنو جي ڪا پنيرائي حاصل نہ هئي ۽ اهو بہ تہ صدر سوئيڪارنو انقلابي ڪائونسل جي قيام جي تصديق کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. صورتحال اُن وقت اڃان بہ وڌيڪ خراب ٿي ويئي، جڏهن انقلابي ڪائونسل جي ميمبرن اهو اعلان ڪرڻ شروع ڪيو تہ ڪن پڇڻ کانسواءِ ڪيئن انقلابي ڪائونسل ۾ شامل ڪيو ويو هو ۽ اُهي رڳو صدر سوئيڪارنو جا وفادار هئا. ظاهر آهي تہ اهڙيون حالتون ساڄي ڌر جي جرنيلن لاءِ نهايت سازگار ثابت ٿيون ۽ انهن ان صورتحال مان پورو فائدو ورتو. انهي قدم کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

فوجي راڄ قائم ٿيو. جنهن جو مقصد صدر سوئيڪارنو کي اقتدار تان هٽائڻ هو. پڄاڻان ته انهي انقلابي ڪائونسل اُن ڪابينا کي استعفيٰ ڏيڻ تي مجبور ڪيو هو جنهن جو صدر پاڻ سوئيڪارنو هو.

هتي هڪ سوال تي ضرور غور ڪرڻ کپي ته ٽين دنيا جي مُلڪن ۾ جتي بورجوازي يا نيم زميندار يا آزاد خيال طبقن قومي آزاديءَ جي تحريڪن جي اڳواڻي ڪئي آهي ۽ آزادي حاصل ڪئي آهي، اِها جيتوڻيڪ هڪ طبقاتي آزادي آهي يعني آزادي ڪانپوءِ اهو مٿيون طبقو ۽ اُن جي اهم شخصيت ئي اقتدار ۾ رهي آهي، پر اُتي انهي شخصيت جي حيثيت هڪ پياري محبت ڪرڻ واري پيءُ واري ٿي ويندي آهي ۽ قوم سندس سڀني خطائن ۽ عيبن جي باوجود به ڪيس پيءُ جي مقام کان هيٺ ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿي ٿئي. ان صورت ۾ انهن مُلڪن جي ڪميونسٽ پارٽين لاءِ آزاد ٿيڻ جدوجهد ڪرڻ دل گردي جو ڪم هوندو آهي ۽ اُنهن کي شديد ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوندو آهي. اِهو ساڳيو حال انڊونيشيا ۾ سوئيڪارنو جو هو. هو انڊونيشي قوم جي اک جو تارو هو. سندس هزارين عيبن جي انڊونيشي ماڻهن کي خبر هئي پر ان جي باوجود هو سندن محبوب هو ۽ جڏهن ڪرنل اون تانگ ۽ ساٿس گڏ ڪميونسٽ پارٽي سوئيڪارنو جي راضپي ڪانسواءِ قدم کنيو ۽ اُن ناراضگي جي خبر عوام ۽ فوج کي پئي ته ڪميونسٽ پارٽي جي سڄي ساک پٽ ڌوڙ ٿي وئي. ڪميونسٽ پارٽي سرگرم پارٽي هئي، اُن جي ٽيهه لک رڪنيت به هئي پر اُن جي اثر رسوخ جو هڪ سبب سوئيڪارنو سان گهڻي حد تائين قربت به هئي. هڪ طرح سان چئجي ته سوئيڪارنو جي آشيرواد ئي ان کي مقبول بنايو هو ۽ جڏهن به ڪنهن انقلابي گروهه آزاديءَ سان عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته اُن کي ناڪاميءَ کي مُنهن ڏيڻو پيو. هن وقت بحث اِهو ڪونهي ته انڊونيشيا جي ڪميونسٽن ڪان هڪ خاص موقعي تي ڪهڙيون ڪهڙيون غلطيون ٿيون پر اهو هڪ عام سوال آهي، جنهن کي اٽڪل ٽين دنيا جي هر مُلڪ کي مُنهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. اصل ۾ انهي صورتحال جو سلسلو به قبائلي ۽ زميندار نظام سان وڃي ملي ٿو. قبائلي ۽ زميندار نظام جي بنيادي خاصيت اِها هوندي آهي ته قبيلن جا سردار، زميندار ۽ جاگيردار سڀيئي ظالم ۽ ڏاڍ سان گڏوگڏ تحفظ جي علامت به هوندا آهن ۽ منجهن پيءُ جي شفقت جو پاسو به هوندو آهي. اهڙي ريت اها پوري عوام جي نفسيات بڻجي ويندي آهي. ان ۾ اِهو ضروري ناهي هوندو ته اُهو قبيلي ۾ ئي رهان يا ڳوٺ ۾ زندگي گذاريان ٿو! مختلف دورن جي نفسيات اُنهن دورن جي تبديلي کان پوءِ به هڪ وڏي عرصي تائين جڻ ته رت جو حصو بڻيل رهندي آهي. هندستان ۾ گانڌي جي ۽ نهرو هڪ وڏو عرصو ته چڏيو پري تائين به هڪ پياري پيءُ وانگر آهن ۽ گانڌي کي ته سڏيو ئي باپو وڃي ٿو. اسان وٽ اهو درجو قائد اعظم کي سندس زندگي ۾ به ۽ اڄ به گهڻي حد تائين حاصل آهي ۽ هاڻي اِها حيثيت ڀٽي کي ڀرپور طور تي حاصل آهي. هو ڦاهي تي چڙهي ويو. سندس عيبن جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نشاندهيون ڪيون ويون، وائٽ پيپر ڇاپيا ويا، پر هو ۽ سندس خاندان اڄ بہ عوامي تحريڪ جي اڳواڻي جا بنا ڪنهن ھٺ جي شرڪت جي، مظهر ٿهيل آهن. ڀٽي جي دور ۾ بہ ڪاهي ڏر جي جنهن بہ حصي بغاوت ڪئي عوام اُن کي رد ڪري ڇڏيو. 1970ع جي چونڊن ۾ هُن طاقت جي زور تي نہ پر عوامي دهاءَ جي ڪري رڳو بدترين ساڄي ڌُر کي ئي شڪست نہ ڏني هئي پر ڪاهي ڌر جي مڃيل اڳواڻن کي بہ سندس هٿان بنا نالي وارن اميدوارن سان مقابلي ۾ شڪست کي منهن ڏيڻو پيو هو.

اِها هڪ اهڙي صورتحال آهي، جنهن جو ڪو آخري جواب نٿو ڏيئي سگهجي. هندستان جي ڪميونسٽ پارٽين ۾ گذريل اڌ صديءَ کان ان سوال تي بحث ٿي رهيو آهي.

بهرحال انڊونيشيا ۾ ٽيهين سيپٽمبر 1965ع جي تحريڪ دوران انڊونيشي ڪميونسٽ پارٽي فوجي قدم جي حمايت ڪرڻ کان پوءِ جيڪي اهم غلطيون ڪيون هيون اُنهن کي خود تنقيدي واري اُن دستاويز ۾ هن ريت بيان ڪيو ويو هو:

1- ڪرنل اون تانگ جي حمايت ڪرڻ واري پارٽي جي حصي نہ تہ عوام کي حرڪت ۾ آڻڻ جي ضرورت محسوس ڪئي ۽ نہ ئي ٻين ترقي پسند حلقن کي اِنهي قدم جي حمايت ۾ گڏ ڪيو.

2- ڪرنل اون تانگ جي حامين ملڪ جي ريڊيو اسٽيشن تي تہ قبضو ڪري ورتو هو پر انهن نہ تہ عوام کي اِنهي فوجي قدم جي سياسي ۽ سماجي مقصدن کان آگاه ڪيو ۽ نہ ئي اُنهن کي اِنهي ڳالھ کان خبردار ڪيو تہ اِهو قدم جيڪو سندن فائدي لاءِ کنيو ويو هو، ان کي ناڪام ڪرڻ لاءِ رجعت پسند حلقا ۽ فوجي جرنيل ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائيندا. اِنهي ڪري عوام کي اِنهي قدم جي حفاظت ۽ مضبوطي لاءِ منظم ٿيڻ کهرجي.

3- تبديلين جي بچاءُ لاءِ عوامي فوج ٺاهڻ متعلق ڪوبہ حڪم نامو جاري نہ ڪيو ويو ۽ اِنهي جي بجاءِ فوج تي ئي دارومدار رکيو ويو.

انهن سڀني غلطين جي هوندي اِها توقع ڪيئن ڪري سگهجي ها تہ عوام متحد ۽ منظم ٿي اِنهي قدم جي حمايت ڪندا.

ان جو نتيجو اِهو نڪتو تہ جڏهن اِهو قدم ناڪام ٿيڻ لڳو ۽ اِنهي ناڪاميءَ جو ڇٽو اظهار اُن وقت ٿيو، جڏهن انقلابي ڪائونسل ۾ شامل ڪيل ميمبرن ڪائونسل ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. تڏهن پارٽي اڳواڻن پنهنجو پلڊ آجو ڪرائڻ لاءِ اِهو اعلان ڪرڻ شروع ڪيو تہ اِهو سمجهڻ تہ اِنهي قدم ۾ انڊونيشي ڪميونسٽ پارٽي شامل هئي، غلط هو. 5- آڪٽوبر 1965ع تي پارٽي پاران اِهو اعلان ڪيو ويو تہ اُن جو ٽيهين سيپٽمبر 1965ع جي ڪيل عمل سان ڪو واسطو ناهي، جڏهن تہ ٽي ڏينهن اڳ 2- آڪٽوبر 1965ع تي پارٽي جي اخبار پنهنجي ايڊيٽوريل ۾ اِنهي تحريڪ جي حمايت ڪئي هئي، اُن ۾ چيو ويو هو تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"جيتوڻيڪ اِهو فوج جو اندروني معاملو آهي پر اِنهي جي باوجود اسان ماڻهو جيڪي سياسي طور تي باشعور آهيون ۽ انقلاب جي ڪهڙن کان واقف آهيون؛ اِنهي ڳالهه تي پورو يقين رکون ٿا ته 30- سيپٽمبر جي تحريڪ پاران جيڪي قدم کنيا ويا آهن، اُهي صحيح آهن. انقلاب جي بچاءُ لاءِ کنيا ويا آهن ۽ انهن ۾ ماڻهن جي ڀلائي آهي. اِنهي عمل کي انقلابي ۽ حبُ الوطني تي ٻڌل سمجهون ٿا. اِنهي ڪري اسان اپيل ڪريون ٿا ته..."

اپيل ڪئي ته 5- آڪٽوبر جو لاتعلقي وارو اعلان اِنهي ايڊيٽوريل کي درست ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو هو. ڇاڪاڻ ته انهن ٽن ڏينهن ۾ پارٽي پنهنجي غلطيءَ کي سمجهي ورتو هو. اِنهي ڪري انهي دوران پارٽي ميمبرن پاڻ کي ٻاهر اچڻ کان شايد اِنهي ڪري روڪي رکيو هو ته جيئن فوج کي ردعمل اشتعال ۾ نه آڻجي، صدر تي پوري اعتماد جو اظهار ڪيو وڃي ۽ هو پرامن رهڻ جي جيڪا تلقين ڪري رهيو هو اُن کي قبول ڪيو وڃي. پر سيني واقعن ۾ فوجي قدم کاڻپوءِ اِهو سمجهڻ ته اِهي واقعا خاموشيءَ سان لهجي ويندا ۽ رجعت پسند فوجي اِنهي حملي جو جواب نه ڏيندا. صورتحال جو هڪ غلط تجزيو هو. جڏهن ته ضرورت اِن ڳالهه جي هئي ته پارٽي جيڪا غلطي تي وڃي هئي، اُن جو پورائو هڪ نئي صورت ۾ تي سگهيو ٿي ته عوام کي حرڪت ۾ آندو وڃي ها، اُنهن کي منظم ڪيو وڃي ها ۽ کين هٿيار ڏنا وڃن ها ته جيئن انقلاب دشمن طاقتون پارٽي جي ميمبرن ۽ سندن حامين کي گهٽ ۾ گهٽ سٺي حالت ۾ رڍن، ٻڪرين وانگر ته ختم نه ڪري سگهن ها. عوامي مزاحمت سان نقصان ۾ گهٽتائي اچي سگهي ها. جيڪڏهن هارائڻ مقدر هو ته پوءِ اها هار گهٽ ۾ گهٽ جنگ جي ميدان ۾ ٿئي ها ۽ دشمن کي به ڪو ڌڪ لڳي ها. پر اُن جي ابتڙ پارٽي هٿيار لڪائڻ جي هدايت ڏني هئي، نتيجو اِهو ٿيو ته دشمن جي لاءِ ميدان بلڪل ئي صاف ٿي ويو هو.

اِهو سمجهڻ ته انڊونيشي ڪميونسٽ پارٽي 30- سيپٽمبر 1965ع جي سلسلي ۾ جيڪي غلطيون ڪيون اُهي هنگامي يا وقتي هيون، صحيح ڳالهه نه ٿيندي. ڇاڪاڻ ته خود تنقيدي رپورٽ جي مطابق انڊونيشي ڪميونسٽ پارٽي 30- سيپٽمبر 1965ع کانپوءِ جنهن تباهي ۾ وڃي وئي هئي اُها اصل ۾ پارٽي جي اڳين غلطين ۽ صورتحال جي غلط تجزين جو لازمي نتيجو هئي. پارٽي هڪ پاسي نظرياتي انتشار جو شڪار هئي ۽ ٻئي پاسي سياسي ۽ تنظيمي سطحن تي به بدنظمي جو شڪار هئي. معروضي حالتون انڊونيشي ڪميونسٽ پارٽي جي انهن غلطين کي ڪڏهن به بخشي نٿي سگهيون. انهي ڪري انهن غلطين جي سزا اُن جو مقدر ٿي چڪي هئي.

انڊونيشيا جي ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ نظرياتي انتشار جي اِها حالت هئي ته هڪ پاسي اُها حقيقتن کان اکيون ٻوٽي فرضي ڳالهين تي ڀاڙي رهي هئي. وات سان انقلابي نظرين تي يقين جو اظهار ڪيو ويندو هو پر عملي طور تي مقامي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ملڪي حالتن کي سمجهڻ ۽ تجزيي ڪرڻ کان لنوايو ويندو هو. ٻئي پاسي اُها مارڪس ۽ لينن جي بنيادي نظرين ۾ ڦيرگهير تائين کان به نه ڪسندي هئي. انهي ڪري اُن 'قومي مارڪسزم- لينزم' جو اصطلاح به ايجاد ڪيو هو.

اهڙي ريت سياسي طور تي انڊونيشي ڪميونسٽ پارٽي طبقاتي جدوجهد تي پارڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي هڪ طبقاتي تنظيم سمجهڻ کان وڌيڪ طبقاتي دوستي ۽ سهڪار جي واٽ تي هلڻ شروع ڪري ڇڏيو هو ۽ بورجوا طبقي جي پيڇ لڳڪائو ٻڌجندي ويئي، ان عمل ۾ اُن پنهنجي اڳواڻي واري قوت به وڃائي ڇڏي ۽ آزاد عمل جي واٽ به بند ڪري ڇڏي. اِنهي ڪري اُن مزدورن ۽ هارين جي طبقاتي اتحاد کي به نظرانداز ڪري ڇڏيو. ان جو نتيجو اِهو نڪتو جو اُها يا ته هٿياربند مهم جوئي واري واٽ اختيار ڪندي رهي ۽ يا وري مخالف طبقن جي آڏو هٿيار ڦٽا ڪندي رهي.

تنظيمي ميدان ۾ به اِهائي صورتحال هئي. جمهوري روايتن ۽ اجتماعي اڳواڻيءَ جي بجاءِ پارٽي ۾ شخصيت پرستي جو لاڙو وڌي رهيو هو. پارٽيءَ ۾ جمهوري طور طريقا ختم ٿيندا ويا. بحث مباحثي تي زور ڏيڻ بجاءِ مٿان کان فيصلا مڙهڻ جو لاڙو وڌڻ لڳو. عام ابتدائي تنظيمن ۽ اُنهن جي عوام سان لاڳاپي مان حاصل ٿيندڙ تجربن مان سکڻ وارو عمل مڪمل طور تي بيهجي ويو هو ۽ خود تنقيد جي روايت کي به مڪمل طور تي پٺ ڏني ويئي هئي.

اِهي ڪمزوريون هڪ ڏينهن ۾ پيدا نه ٿيون هيون. پر پارٽي هڪ عرصي کان انهن غلطين جي واٽ تي هلي رهي هئي، جنهن جو نتيجو نيٺ 1965ع جي موتمار واقعن جي صورت ۾ نڪتو. اصل ۾ ٽين دنيا جي ملڪن جي اُنهن ڪميونسٽ پارٽين لاءِ، جيڪي قومي آزادي جي جدوجهد ۾ رڌل هونديون آهن ٻن قسمن جا مسئلا ۽ ٻن قسمن جون ڪمزوريون سڀ کان اهم هونديون آهن ۽ گهڻو ڪري سيني پارٽين کي انهن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي. هڪ لاڙو ڪمزوري ۽ بزدلي وارو هوندو آهي، جنهن جي ڪري پارٽي مڪمل طور تي بورجوا طبقي، جنهن جي هٿ ۾ شروعات ۾ قومي تحريڪ جي اڳواڻي هوندي آهي، جي پيڇ لڳڪائو ٻڌجي ويندي آهي. اِتا ڳالهه لينن جي چوائي ته پارٽيءَ کي ساهي تَر جي ابن الوقتي ڏانهن وڌي وڃي ٿي. جڏهن ته ٻئي پاسي ننڍي واٽ کولڻ ۽ پاڻ کي کي قومي آزاديءَ جي سڀ کان اهم ڏارا کان ڪاٽي منزل تائين پهچڻ وارو لاڙو آهي. اهو پارٽيءَ کي مهم جوئي ۽ انقلاب جي هٿياربند طريقي ڏانهن وڌي وڃي ٿو. اِنهي کي کاٻي ڌر جو هٿراڌو لاڙو چيو وڃي ٿو.

اصل قومي اڳواڻي جيڪا بورجوا طبقي وٽ هوندي آهي، اُن سان لاڳاپن جي سلسلي ۾ ڪميونسٽ پارٽي کي سنڀالي قدم کڻڻو پوندو آهي. ان ۾ نه ته اشتعال انگيزي جو مظاهرو ٿيڻ گهرجي ۽ نه مهم جوئي جو. اصل ۾ ڪميونسٽ پارٽيون گهڻا ڀيرا بي صبريءَ جو مظاهرو ڪنديون آهن ۽ منزل تي پهچڻ جي تڪڙ ۾ اهڙا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ختم ڪنديون آهن، جن جو انت مهم جوئي تي ٿيندو آهي. اڄ جي دنيا ۾ اهي لاڙا ڪيئي مضبوطي حاصل ڪري ويا هئا. ان جو هڪ سبب اهو به آهي ته هاڻي تمام وڏو سوشلسٽ بلاڪ ٺهيو آهي، تنهن ڪري ڪيترين پارٽين جا ليڊر ان جي مضبوط نظر اچڻ لڳو آهي ۽ پارٽيون پنهنجيون ڪمزوريون وساري عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي ترقي ڪندڙ لاڙي تي نظر رکن ٿيون، ان جو نتيجو اهو ٿيندو آهي ته اُهي پنهنجيون ڪمزوريون ختم ڪرڻ ۽ صبر ۽ استقامت سان ماڻهن کي منظم ڪرڻ جي بجاءِ مهم جوئي واري واٽ تي هلڻ لڳنديون آهن ۽ يا وري هٿ تي هٿ رکي ويهي رهنديون آهن ۽ رڳو اهو نعرو پيون هڻنديون آهن ته سوشلزم آيو ئي ڪيو ۽ سوشلزم انسانيت جو مقدر آهي! اهڙي ريت اهي پارٽيون عمل جي بجاءِ تاريخ جي جبر تي ڀاڙڻ لڳنديون آهن.

قومي اڳواڻي جي اثر مان ماڻهن کي ڪڍڻ هڪ صبر واري ڪم آهي ۽ اهو عمل پل صراط تان گذرڻ جي برابر آهي. ان ۾ سڀ کان وڌيڪ ضرورت صبر، سياسي، تعليم ۽ طبقاتي تنظيم جي هوندي آهي. ڇاڪاڻ ته جيستائين سڄو طبقو نه اقتصادي گهرن لاءِ پارٽيءَ جي اڳواڻي کي مڃيندو به آهي، پر جڏهن ڪنهن سياسي معاملي تي ڪميونسٽ اڳواڻي مڃي پر سياسي مسئلي تي اُن ۾ خيالن جي ٽڪراءَ ٿي ته هجي ته پوءِ مزدور طبقي جو سڄو اثر رسوخ بيڪار ٿي ويندو آهي. ڇاڪاڻ ته ڪميونسٽ اڳواڻي جو ٽريڊيونين ۾ سرگرم ٿيڻ جو آخري امتحان اهوئي هوندو آهي ته اُها مزدور طبقي کي سياسي طور تي ڪيترو پاڻ سان گڏ وٺي هلي سگهي ٿي. گهڻو ڪري ائين ٿيندو آهي ته اقتصادي گهرن ۾ ته پورو مزدور طبقو ڪميونسٽ اڳواڻي سان گڏ هوندو آهي ۽ اُن جي اڳواڻيءَ کي مڃيندو ۽ قومي اڳواڻيءَ ۾ ٽڪراءُ ٿيندو آهي. ان جو بنيادي سبب اهو آهي ته ڪميونسٽ اڳواڻي هڪ پاسي مزدورن جي سياسي تربيت ۾ ڪوتاهي ڪئي آهي ۽ ٻئي پاسي پنهنجي طاقت ۽ پنهنجي ڪم جو صحيح اندازو لڳائڻ کانسواءِ قومي اڳواڻي سان مقابلي جو فيصلو ڪيو آهي. ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي ته قومي اڳواڻي اشتعال ۾ اچي حملي ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيندي آهي.

انڊونيشي ڪميونسٽ پارٽي جي تاريخ به انهن غلطين سان ڀريل آهي. ان جو اظهار انڊونيشي ڪميونسٽن جي مختلف طبقن جي متعلق روين مان ٿيندو رهيو هو. سڀ کان اول ته قومي سرمائيدار طبقي ڏانهن رويي جي چونڊ ۽ ان سلسلي ۾ مختلف چالن جو مسئلو هو. اهڙي طرح انڊونيشي ڪميونسٽ جو رويو مزدورن ۽ هارين جي آزاد طبقاتي جدوجهد جي متعلق به اڻ چٽو رهيو آهي، ساڳي طرح پارٽي جو ٻين ترقي پسند قوتن سان لاڳاپن جو مسئلو به منجهيل رهيو آهي. سڀني کان وڌيڪ اهم مسئلو اهو ته خود صدر سوئيڪارنو ڏانهن رويي ۾ ابن الوقتي جو اظهار ٿيندو رهيو آهي.

انڊونيشي ڪميونسٽ پارٽي انهن سڀني سوالن تي مختلف پارٽي ڪانگريسن ۾ نهايت تفصيل سان بحث مباحثا ڪيا. پنجين ڪانگريس 1954ع ۾ ٿي ۽ ڇهين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪانگريس 1959ع ۾ ٺي. انهن ڪانگريسن ۾ پارٽي، انقلاب جي ڪردار جو تعين ڪيو ۽ اُن ۾ ڇنڊڇاڻ ڪئي وئي ته انڊونيشيا ۾ هڪ نئين طرز جو بورجوا جمهوري انقلاب آندو وڃي. انهي انقلاب کي عوامي جمهوري انقلاب جو نالو به ڏنو ويو هو ۽ انهي بحث مباحثي ۾ اهو به طئي ٿيو هو ته ان انقلاب ۾ مزدور طبقو، هاري، ميڻيون وچولو طبقو ۽ ٻيون جمهوري قوتون به شامل هونديون. ان انقلاب ۾ قومي سرمائيدار به پنهنجو ڪردار ادا ڪندا. پر انهن سڀني انقلابي قوتن جي اڳواڻي مزدور طبقو ئي ڪري سگهي ٿو. انهي انقلاب جي ڪاميابي جي صورت ۾ نئين قائم ٿيڻ واري سرڪار عوامي جمهوري سرڪار هوندي، جيڪا سڀني سامراج ۽ زميداري نظام جي مخالف طاقتن جي گڏيل محاذ تي ٻڌل هوندي. انهن ڪانگريسن ۾ انهي نئين انقلاب ۽ اُن جي نتيجي ۾ قائم ٿيڻ واري سرڪار جي ذميوارين جو ذڪر ڪندي اهو مڃيو ويو ته اها سوشلزم جي منزل نه هوندي پر اها سرڪار جمهوري سڌارا آڻيندي، ڇاڪاڻ ته انهي ڳالهه کي به ظاهر ڪيو ويو ته سرمائيدار طبقو مزاحمت به ڪندو ۽ اهو انقلابي قوتن کي پرتشدد واٽ اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندو. ان جو مطلب اهو هو ته سرمائيدار طبقي پاران انقلاب جي مزاحمت هٿياربند جدوجهد جي واٽ اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندي.

انڊونيشي پارٽي پنهنجي انهن پاليسين جي بنياد تي گهڻي ترقي ڪئي ۽ اُن جي اثر رسوخ ۾ گهڻو واڌارو ٿيو. ڇاڪاڻ ته اُن جي رڪنيت ۾ پڻ واڌارو آيو. ساڳي طرح اُنهن سڀني عوامي ادارن جي ميمبرن ۾ به واڌارو آيو، جن ۾ ڪميونسٽ سرگرم هئا. مثال طور اُن زماني ۾ ڪميونسٽ پارٽي جي ميمبرن جو تعداد ويهن لکن تائين پهچي ويو هو. جيئن ته اسان اڳ ٻڌائي چڪا آهيون ته ٽيهين سيپٽمبر جي تحريڪ شروع ٿيڻ وقت پارٽي جي ميمبرن جو تعداد ٽيهه لک هو. ٽريڊ يونين جي ميمبرن جو تعداد پنجٽيهه لک ۽ هاري ڪاميٽين جو انگ ٽيهه لک هو. نوجوان تحريڪ ۾ ويهه لک نوجوان ۽ شاگرد شامل هئا. عورتن جي انجمن ۾ پندرهن لک عورتون شامل هيون. اهڙي ريت اُن دور ۾ ڪميونسٽ پارٽي جو اثر تمام گهڻو هو. پر انهي سڄي اثر جي باوجود پارٽي جي اڳواڻي جو طبقاتي ڪردار گهڻي ڀاڱي مالدار ماڻهن تي ٻڌل هو. پارٽيءَ جون پنهنجون شاخون هجن يا هاري ڪاميٽين جون شاخون؛ سڀنيءَ جي اڳواڻي عام طور تي مالدار وٽ هئي. اُن جو نتيجو اهو نڪتو ته جڏهن پارٽي گهوٽالي جو شڪار ٿي ته اهي مالدار طبقا لوڏن ۾ اچي ويا ۽ انهي بحراني ڪيفيت کي سمجهي ئي نه سگهيا. انهن غيرمستحڪم روين جو اظهار مٿين اڳواڻيءَ ۾ به ظاهر ٿي رهيو هو. پارٽي جي چيئرمين ڊي- اين- آئيڊٽ سورابيا ۾ 1964ع ۾ بحري آفيسرن جي اڳيان تقرير ڪندي چيو هو ته:

"انڊونيشي ڪميونسٽ پارٽي انهي ڳالهه تي زور ڏئي ٿي ته هر ڪميونسٽ کي صحيح طرح سان محب وطن هئڻ گهرجي. جيڪو پنهنجي قومي مفادن کي طبقاتي مفادن کان مٿاهون رکي ۽ انهي معاملي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ ڪيس متعصب نہ هئڻ گهرجي.“

هڪ پاسي ساڄي پاسي واري حبُ الوطني جا اهي نعرا هڻيا پئي ويا تہ وري ٻئي پاسي کاٻي ڌر جي مهم جوئي وارين ڳالهين بہ هر ڪنهن جي زبان تي هيون. ڪڏهن بورجوازي سان اتحاد جو نعرو بہ هڻيو پئي ويو ۽ اهڙي طرح طبقاتي مفاهمت واريون ڳالهيون بہ ورتي پئي ويئي.

ڪميونسٽ پارٽي پنهنجي خود تنقيدي رپورٽ ۾ پنهنجين انهن سڀني غلطين کي ڳڻايو هو. ڇاڪاڻ تہ انهي ڳالهہ کي بہ نظرانداز نہ ڪيو ويو هو تہ سي- آئي- اي بہ انڊونيشيا ۾ پوري ريت سرگرم هئي ۽ اُها سوئيڪارنو ۽ ڪميونسٽ پارٽي جي اثر کان گهٽي جرنيل هئي. اهڙين حالتن ۾ سي- آئي- اي هميشہ فوج ۾ سڀ کان اڳ سرگرم ٿيندي آهي. انهي ڪري 1962ع ۾ آمريڪا جي پرڏيهي معاملن جي مشهور رسالي فارين افيئرز لکيو هو تہ انڊونيشيا ۾ ٻہ قوتون سڀ کان وڌيڪ طاقتور آهن: هڪ فوج ۽ ٻي ڪميونسٽ پارٽي. سوئيڪارنو انهن ٻنهي ۾ توازن رکي ڪري ئي پنهنجي حڪومت قائم رکي سگهي ٿو. ان رسالي آخر ۾ لکيو هو تہ فيصلي ڪُن عنصر فوجي جرنيل ئي ثابت ٿي سگهن ٿا. انڊونيشي ڪميونسٽ پارٽي 1965ع ۾ پاڻ ئي فوجي جرنيلن کي سندن مرضي مطابق جو موقعو ڏيئي ڇڏيو هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوڊان

فوج جي گرفت ۾

عبدالله ملڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوڊان فوج جي گرفت ۾

ٽين دنيا جي گھڻن مُلڪن ۾ پيڙيل طبقن جي لاڳيتي جدوجهد اهڙو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو آهي، جيڪو گھڻي حد تائين فوج کي به متاثر ڪري ٿو. نئين زماني جي تعليم ۽ فني سکيا سان سينگاريل نوجوان آفيسرن ۾ عوام جي لاڳيتي جدوجهد جي ڪري قوم پرستي ۽ سامراج مخالف تقاضائون جنم وٺڻ لڳنديون آهن. اُهي عوام جي لاڳيتي جدوجهد جي ڪري ڪاميابيون حاصل نه ٿيڻ ڪري ڏکوئبا به آهن. اِنهيءَ جي نتيجي ۾ مختلف مُلڪن ۾ فوج جي اندر اهڙن جذبي وارن آفيسرن جون 'نوجوان آفيسر' يا 'آزاد آفيسر' جي نالي سان لڪل تنظيمون ٺهڻ لڳنديون آهن. اِهي ڪڏهن عوامي تحريڪن جي مدد سان ۽ ڪڏهن اُنهن کانسواءِ فوجي راتاها هڻندا آهن، جيڪي ڪڏهن ڪامياب ته ڪڏهن ناڪام ٿيندا آهن. انهن آفيسرن جون اندل تبديليون گھڻي ڀاڱي ترقي پسند پاسا رکنديون آهن. پر گھڻن ملڪن ۾ ائين به ٿيندو آهي ته جڏهن اِهي فوجي آفيسر صحيح معنيٰ ۾ عوامي تحريڪ جي مدد وٺڻ شروع ڪندا آهن ته جيئن ملڪ ۾ صحيح ۽ اثرائتي قسم جي سماجي ۽ طبقاتي تبديلين جي پيڙهه رکي سگهجي ۽ اِها ڪوشش ڪندا آهن ته هڪ پاسي پنهنجو ناتو سامراج مخالف تحريڪ سان جوڙيو وڃي ۽ ٻئي پاسي سوشلسٽ مُلڪن سان سٺا ناتا قائم ڪيا وڃن، تڏهن ٻاهريان ۽ اندريان مفاداتي گروهه هڪ ٻئين راتاهي جو بنياد وجهندا آهن.

اِهو عمل ٽين دنيا جي گھڻن ملڪن ۾ ورجايو ويو آهي، پر هِن وقت سوڊان جو مثال تفصيل سان پيش ڪندس: ڇاڪاڻ ته سوڊان ۾ کُليل ڊرامي ۾ تاريخي ۽ انقلابي عمل جا اُهي پاسا بلڪل اُن ريت نظر اچن ٿا، جنهن ريت اُهي پوءِ وڏي پيماني تي چليءَ ۾ ورجايا ويا. انهن تجربن مان گھڻيون عوامي تحريڪون سبق حاصل ڪري سگهن ٿيون.

1964ع ۾ سوڊان ۾ هڪ بدترين قسم جي فوجي آمريت ٽاڪيل هئي، جنهن جي اڳواڻي جنرل عبود ڪري رهيو هو. جڏهن اِنهي غيرمقبول ۽ عوام دشمن سرڪار خلاف تحريڪ اُڀرڻ لڳي ته عوامي تحريڪ، جنهن ۾ ڪميونسٽ پارٽي اڳڀري هئي؛ اِهو سوال بحث هيٺ اچڻ لڳو ته اِنهي غيرمقبول ۽ عوام دشمن سرڪار مان جوٽڪارو ڪيئن حاصل ڪيو وڃي؟ ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ اهو سوال هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عرصي کان بحث جو موضوع بڻيل هو. انهن 1961ع ۾ اهو طئي ڪيو هو ته فوجي آمريت کان ڇوٽڪاري لاءِ عام هڙتال ئي سڀ کان اثرائتي واٽ هئي. هاڻي 1964ع ۾ وري جڏهن عوام جي فوجي آمريت خلاف غيض ۽ غضب ۾ وڌو واڌارو ٿيو هو ته اهو سوال وري بحث جو موضوع بڻجڻ لڳو هو. پر هاڻي صورتحال ۾ وڏي تبديلي اچي چڪي هئي. مطلب ته فوج ۾ آزاد آفيسرن جي هڪ تنظيم ٺهي چڪي هئي ۽ اُها لڪل نموني سان 'فوج جي آواز' جي نالي سان پنهنجو هڪ بليٽن به شايع ڪري رهي هئي. پر فوج جي آزاد آفيسرن جي تنظيم فڪري طور تي ڪا مربوط ۽ مضبوط تنظيم نه هئي ۽ ان ۾ مختلف خيالن وارا ماڻهو شامل هئا جن ۾ اِها ئي ٿوري هڪجهڙائي هئي ته اُهي هڪ غيرمقبول فوجي آمريت کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ جا خواهشمند هئا. انهن آزاد فوجي آفيسرن مان ڪجهه آفيسر انهي ڳالهه جا خواهشمند هئا ته فوجي آمريت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري اقتدار سِول سرڪار جي حوالي ڪيو وڃي. ڪجهه آفيسرن جو گروهه انهي خيال جو حامي هو ته ترقي پسند فوجي حڪومت اُن دور جي لاءِ هڪ بهترين نعم البدل ثابت ٿي سگهي ٿي، پر جيستائين ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سوال هو ته اُن جو انهي ڳالهه تي زور هو ته نه سِول سرڪار، نه ترقي پسند فوجي سرڪار ۽ نه ئي عوام جي هٿياربند جدوجهد بحراني دور جي ٺڪرائن کي حل ڪري سگهي ٿي ۽ نه اِهي مسئلن جا صحيح حل هئا. اُن پنهنجي انهي موقف کي ورجايو ته عام هڙتال ۽ عوامي تحريڪ جي شروعات ڪئي وڃي، جنهن جي پٺڀرائي فوج جي ترقي پسند عنصر، جنهن ۾ آزاد فوجي آفيسر به شامل هئا، پاران ڪئي وڃي. اِهائي هڪ اڪيلي واٽ آهي، جنهن سان عوام جا منجهيل مسئلا حل ٿي پئي سگهيا. جاڪاڻ ته انهي عمل جي هلندي عوام جي سرگرم حمايت حاصل ٿي سگهي پئي، جنهن سان هڪ پاسي نئين سرڪار کي استحڪام ملندو ۽ ٻئي پاسي عام قبوليت پڻ حاصل ٿي سگهندي، جيڪا نئين ڪنهن سرڪار جي استحڪام لاءِ آخري لفظ جو درجو رکي ٿي. آڪٽوبر 1964ع ۾ سڄي ملڪ ۾ احتجاجي تحريڪ ايترو ته زور وٺي چڪي هئي، جو عام هڙتال لاءِ نه رڳو اهو ته ماحول سازگار ٿيڻ لڳو هو پر عوام ۾ عام هڙتال جو نعرو به مقبول ٿيڻ لڳو هو. خاص طور تي ملڪ جي اهم شهرن ۾ انهي نعري جو چوٻول ٿيڻ لڳو هو. اُن وقت جيڪڏهن مُلڪ ۾ ڪا مستحڪم حڪومت هجي ها ۽ اُن جي پٺ تي متحد فوج جي حمايت به هجي ها ته شايد پوءِ عوامي احتجاجي تحريڪ جي ڪاميابي هڪ ڏکيو ڪم ٿي پوي ها. پر صورتحال مختلف هئي، عوام جي احتجاجي تحريڪ فوج کي گهڻو متاثر ڪيو هو ۽ سماج جي مختلف طبقن تي فوج کي گهڻو متاثر ڪيو هو ۽ سماج جي مختلف طبقن تي به انهي احتجاجي تحريڪ جا اثر ظاهر ٿي رهيا هئا. ان صورتحال جو صاف ۽ چٽو نتيجو اهو نڪري رهيو هو ته فوج جيڪا انهي بحراني دور ۾ رياست جو اهم هٿيار هوندي آهي، متحد ۽ مضبوط طريقي سان رياست جي پٺڀرائي ۽ حمايت ڪرڻ کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ناسر هئي، بلڪ اهو هٿيار پاڻ ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار ٿي رهيو هو. فوج جي انهي غيرمستحڪم رويي ۽ سندن پاران بغاوت جي ارادن جنرل عبود جي آمريت جي خاتمي لاءِ سبب مهيا ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا. پر جنرل عبود جي آمريت جو خاتمو رڳو فوج جي آزاد آفيسرن جي جدوجهد جو نتيجو نہ هو. اها هڪ عوامي تحريڪ هئي، جنهن فيصلہ ڪُن ڪردار ادا ڪيو هو ۽ انهي عوامي تحريڪ پاڻ فوج ۾ بحران پيدا ڪيو هو. آڪٽوبر 1964ع ۾ فوجي آمريت ۽ اُن جي سياسي نتيجن جي باري ۾ لنڊن جي اخبار ڊيلي ٽيلي گراف لکيو هو تہ:

"خرطوم ۾ عام هڙتال جي ڪاميابي پرڏيهي مبصرن کي ڪهڙي حد تائين حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو آهي. ڪاڌيءَ جي هفتي ۾ سڄي زندگي ڇهن ڏينهن تائين معطل رهي. عام هڙتال جو اهو اثرائتو هٿيار ئي هو، جنهن جنرل عبود کي قومي محاذ سان ڳالهہ ٻولهہ شروع ڪرڻ تي مجبور ڪيو ۽ جنرل کي اها بيعزتي بہ سهڻي پئي تہ قومي محاذ پنهنجي حڪومت ۾ جنرل عبود کي شامل ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيو."

اهو عام هڙتال جو اثرائتو هٿيار ئي هو، جنهن جنرل عبود جي سرڪار کي ختم ڪري سول حڪومت جو بنياد وڌو ۽ جڏهن ان سول حڪومت کي هڪ ڀيرو وري رجعت پسند فوجي جرنيلن پاران ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي تہ عام هڙتال ۽ عوامي تحريڪ جي دٻاءُ ۽ آزاد فوجي آفيسرن جي سرگرم حمايت ۽ مدد سان انهي ڪوشش کي ناڪام بڻايو ويو. انهي موقعي تي فنانشل ٽائمز 2- ڊسمبر 1964ع تي لکيو هو تہ:

"خرطوم جي شاگردن، ڪميونسٽ تنظيمن ۽ ٽريڊ يونين اڳواڻن اهو ثابت ڪري ڇڏيو هو تہ هڪ غيرمقبول فوجي آمريت جو تختو اونڌو ڪري سگهجي ٿو. جنرل عبود جي شڪست ۽ ناڪاميءَ جو اصل راز ريلوي جي هڙتال هئي، جنهن ڪاڌيءَ جي هفتي کي تيل جي فراهميءَ جي اهم مرڪزن کان ڪاٽي ڇڏيو هو."

فنانشل ٽائمز پنهنجي ساڳي مضمون ۾ لکي ٿو تہ اهو عمل ٻين ملڪن ۽ ٻين جاين تي بہ ورجائي سگهجي ٿو.

انهي صورتحال مان اهي نتيجا نڪرن ٿا تہ جيڪڏهن هڪ پاسي متحد ۽ منظم مزدور طبقي جي اثرائتي ۽ سرگرم تحريڪ هڪ فيصلائتو ڪردار ادا ڪيو تہ ٻئي پاسي فوج جي آزاد آفيسرن جي ڪردار کي بہ اسين نظرانداز نٿا ڪري سگهون. سندن اهو عمل بہ اهم حيثيت رکندڙ هو ۽ انهن ٻنهي طاقتن جي گڏيل عمل جي ڪري اها ڪاميابي حاصل ٿي. اينگلز انهن ٻنهي طاقتن کي فيصلائتو قرار ڏني ٿو ۽ سوڊان جي ڪميونسٽ پارٽي اينگلز جي انهي اصول کي تہ جديد سماج ۾ مزدور ۽ فوج ٻئي اهم ۽ فيصلائتي حيثيت رکن ٿا. پنهنجي سياست جو بنياد بڻايو هو. انهي ڪري اُن فوج جي سياست ۾ ڪردار کي ڪڏهن بہ نظرانداز نہ ڪيو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اثرائتي طور تي فوج جي نوجوان ترقي پسند آفيسرن جي حمايت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش جاري رکي، جنهن جي ڪري ڪيس اُنهن کي انقلاب جي اڳين صفن ۾ آڻڻ ۾ نيٺ ڪاميابي به ٿي. ان صورتحال جي متعلق رُٿ فرسٽ لکي ٿي ته:

"سوڊان ۾ عام هڙتال، گهيٽين ۽ پاڙن ۾ هٿياربند مزاحمت شهرن ۾ هڪ اهڙي ويڙهاڪ اڳواڻي کي پيدا ڪيو، جيڪا هر قسم جي حڪومتن کي لوڏي ته سگهندي هئي پر فوج کي اقتدار تان هٽائي نٿي سگهي، اهو پاڻ فوج جو پنهنجو ڏڦيڙ ۽ فوجي آفيسرن جو اُڀار هو، جنهن فوجي آمريت جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيو."

انهن حالتن هڪ ڀيرو لينن جي موقف کي صحيح ثابت ڪري ڇڏيو ته ڪامياب انقلاب جي لاءِ ڪجهه شرط لازمي آهن. اول ته فوج جو اندروني احتجاج هڪ لازمي شرط آهي. ٻيو ته سماج جي اهم طبقن جي حڪومت جي مخالف ڪيمپ ۾ شموليت. رڳو اهو نه پر فوج جي هڪ حصي کي به انهي ڪيمپ ۾ شامل ڪيو وڃي ۽ ٻئي حصي کي گهٽ ۾ گهٽ غيرجانبدار، غيرمؤثر ۽ غيرمستحڪم بڻايو وڃي. انهي ڪري جڏهن جنرل عبود جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو ته اُن ڪانپوءِ ڪا انقلابي حڪومت وجود ۾ نه آئي. سوڊاني ڪميونسٽ پارٽي جي تجزيي مطابق اِهي تبديليون آڻڻ وارين سڀني قوتن، جيڪي سماج ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري پيون سگهن، اُنهن پنهنجو تاريخي فرض ادا ڪيو هو ۽ قومي جمهوري انقلاب آندو هو. پر انهي انقلاب جي نتيجي ۾ جيڪا حڪومت ٺهي هئي، اُها عبوري دور جي عارضي حڪومت هئي ۽ نه قومي جمهوري انقلاب جي حڪومت.

حقيقت اها هئي ته جنرل عبود جي فوجي آمريت ڪانپوءِ جيڪا سول حڪومت ٺهي اُها ايتري قدر ڪمزور ۽ غيرمستحڪم هئي، جو منجهس رجعت پسندن جي سياسي دٻاءَ جو ڪاميابي سان مقابلو ڪرڻ جي طاقت نه هئي. ان جو نتيجو اهو نڪتو ته سول حڪومت جي شڪل ۾ ئي سياسي رجعت پسندن کي ڪجهه مهينن ۾ ئي غلبو حاصل ٿي ويو. اهم عمل 1965ع جي ختم ٿيڻ کان اڳ ئي مڪمل ٿي ويو هو. ان جو نتيجو به اُهو ئي نڪرڻو هو جيڪو جنرل عبود جي فوجي آمريت جو نڪتو هو. مطلب ته عوام اِهو محسوس ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو ته نه ته سندن اُميدون پوريون ٿيون، نه سندن خوابن کي تعبير مليو ۽ نه ئي سندن مسئلا حل ٿيا. اِنهي ڪري منجهن نفرت، غيض ۽ غضب اُڀرڻ لڳو. هاڻي وري سوڊان جي ڪميونسٽ پارٽي ۾ بحث مباحثو ٿيڻ لڳو ته عمل لاءِ ڪهڙي واٽ اختيار ڪئي وڃي. اِنهي دوران آزاد فوجي آفيسرن ڪيئي ڀيرا ڪميونسٽ پارٽي سان رابطو ڪيو ۽ فوجي راتاهي لاءِ پارٽي جي مدد ۽ حمايت جي گهر ڪيائون. پر ڪميونسٽ پارٽي هر ڀيري سندن تجويز کي رد ڪري ڇڏيو ۽ اِنهي ڳالهه تي زور ڏنو ته انقلاب لاءِ عوامي تحريڪ هڪ لازمي شرط آهي، پر اُن وقت عوامي تحريڪ ۽ اُن کي منظم ڪرڻ واري جماعت پنهنجين تنظيمي صلاحيتن ۽ عوامي تحريڪ کي اُنهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سطح تي نہ اٿي سگھي هئي، جتان حڪومت جي تختي اونڌي ڪرڻ کي ممڪن بڻائي سگھجي ها. پر آزاد فوجي آفيسرن اِنهي موقف کي نہ مڃي ۽ اُنهن پنهنجي ليکي فوجي راناهي جون تياريون شروع ڪري ڇڏيون. جيئن تہ پهرين چيو ويو آهي تہ اهي سڀ فوجي آفيسر هڪ خيال جا نہ هئا. انهن ۾ ڪجھ ترقي پسند فڪر رکندڙ هئا ۽ ڪجھ اعليٰ فوجي آفيسر اڃان بہ رجعت پسند نظرين جا داعي هئا ۽ منجهانئن ڪجھ تہ اڃان بہ جنرل عبود جي فوجي آمريت جي دور جا خواب ڏسي رهيا هئا. جيتوڻيڪ انهن مان گهڻن فوجي آفيسرن کي هٽايو ويو هو پر ڪجھ اڃان بہ باقي هئا ۽ سندن چڱو خاصو اثر هو. جيستائين نوجوان ننڍن آفيسرن جو تعلق هو تہ انهن ۾ قوم پرست بہ هئا، عرب سوشلسٽ بہ هئا ۽ ڪميونسٽ فڪر رکندڙ بہ هئا. اُن دور جي فوج جي طبقاتي صورتحال جي متعلق سوڊاني ڪميونسٽ پارٽي جيڪو تجزيو ڪيو هو اُن جي مطابق:

"فوجي سپاهين ۽ نان ڪميشنڊ آفيسرن جي گهڻائي جو واسطو پورهيت گهرانن سان آهي. انهي ڪري اُهي عام طور تي سامراج دشمن ٿين ٿا. مُلڪ کي ترقي پسند واٽ تي هلائڻ ۾ انهن جي پنهنجن مفادن جو پورائو ٿيندو آهي. جيستائين آفيسرن جو واسطو آهي تہ منجهانئن هڪ وڏي تعداد جو تعلق هيٺين وچولي طبقي سان هوندو آهي ۽ اِهي تعليم يافتہ بہ هوندا آهن."

ڪميونسٽ پارٽي جي لاءِ فوجي راناهي جي مسئلي ڪيترن بنيادي سوالن کي پيدا ڪري ڇڏيو هو. پهريون سوال اِهو هو تہ: "موجوده صورتحال جو طبقاتي تجزيو ڇا آهي؟ ڇا انقلابي عمل فيصلي ڪُن منزل تائين پهچي ويو آهي؟" ٻيون سوال هو تہ "انهن حالتن ۾ عمل جي لاءِ ڪهڙو طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي؟ ڇا عوامي تحريڪ هلائڻ گهرجي، جنهن جي پٺڀرائي ۽ مدد ترقي پسند فوجي آفيسر ڪن؟ يا فوجي آفيسر اڳتي وڌن ۽ عوامي تحريڪ سندن حمايت ڪري؟ ٽيون سوال هو تہ "ڪهڙو طبقو ۽ ڪهڙو سياسي لاڙو ۽ فڪر انقلاب جي اڳواڻي ڪري؟ اڳواڻي مزدور طبقي ۽ ڪميونسٽ پارٽي جي هٿ ۾ هجي يا هيٺين وچولي طبقي جي وردي وارن فوجي آفيسرن جي تنظيم اِنهي انقلاب جي اڳواڻي ڪري؟" اصل ۾ اِهي ٽيئي بنيادي سوال سچي صورتحال سان لاڳاپيل هئا. مثال طور اِهو تعين ڪرڻو هو تہ مُلڪ ۾ ۽ ٻاهر طبقاتي توازن ڇا هو؟ سُوڊان جي ڪميونسٽ پارٽي اِنهي توازن کي آڏو رکندي آزاد فوجي آفيسرن جي عمل جي حمايت کان پاسو ڪيو، پر ان جي باوجود 25- مئي 1969ع تي آزاد فوجي آفيسرن جڏهن حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو تہ ڪميونسٽ پارٽي ۽ اُن جي اثر هيٺ سڀني ترقي پسند ادارن اُن جي حمايت ڪئي. سوڊاني مزدور طبقي جي ٽريڊ يونين فيڊريشن جنهن ۾ سوڊان جي ڪميونسٽ پارٽي جو سڀ کان وڏيڪ اثر هو، پهرئين ڏينهن کان ئي اِنهي عمل جي ڀرپور حمايت ڪئي. اِهائي ٽريڊ يونين فيڊريشن هئي، جنهن جي جنرل سيڪريٽري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شافع احمد الشيخ کي نميري فوجي راتاهي ڪانپوءِ ٻين ڪميونسٽن سان گڏ ڦاهي ۽ تي ٽنگيو ويو هو. انهي حمايت جو بنيادي سبب اهو هو ته آزاد فوجي آفيسرن پنهنجي انهي قدم لاءِ جيڪي مقصد بيان ڪيا هئا، اُهي ترقي پسندن جي مقصدن سان هم آهنگ هئا پر ترقي پسند اهو سمجهن پيا ته عوامي پذيرائي ڪانسواءِ اهي مقصد حاصل نٿي ٿي سگهيا.

سوڊان جي ٽريڊ يونين فيڊريشن جي جنرل سيڪريٽري شافع احمد ان زماني ۾ 25- مئي 1969ع جي انقلاب جي باري ۾ ٽريڊ يونين تحريڪ جي رويي جي وضاحت هڪ مضمون ۾ ڪئي هئي. ان ۾ چيو ويو هو ته:

"اسان جي مُلڪ ۾ هڪ ترقي پسند حڪومت قائم ٿي وئي آهي اِها حڪومت اُن انقلاب جي نتيجي ۾ قائم ٿي آهي، جنهن جي شروعات اسان جي آزاد فوجي آفيسرن ڪئي هئي. اُنهن کي سڀني انقلابي طاقتن جي حمايت ٿي حاصل نه هئي پر انقلابي طاقتن جي لاڳيتي جدوجهد سان حاصل ٿيڻ واري تجربي به انهن آفيسرن جي ڪاميابي کي ممڪن بڻايو هو. گذريل ٻن ٽن سالن ۾ عوام رجعت پسندن ۽ نوآبادياتي طاقتن جي حامي گروهن جي خلاف زبردست جدوجهد ڪئي آهي ۽ سوڊان جي ٽريڊ يونين تحريڪ انهي تحريڪ ۾ اڳيري رهي آهي. جڏهن آزاد فوجي آفيسرن انقلاب آندو ته اسان ٻهرئين هفتي ۾ ئي اُن جي حمايت ۾ زبردست مظاهرو ڪري پنهنجي رويي کي واضح ڪري ڇڏيو هو. اهو مظاهرو اِنهي ڳالهه جو اعلان هو ته عوامي تحريڪ ۽ نئين انقلابي سرڪار ۾ گهرو سهڪار هوندو"

ان فوجي انقلاب کان اڳ سوڊان جي ڪميونسٽ پارٽي، ٽريڊ يونين فيڊريشن ۽ ٻين ترقي پسند جماعتن جو فوجي قدم جي متعلق جيڪو به رويو رهيو هجي پر جڏهن فوجي آفيسرن هڪ ٻيرو قدم کنيو ۽ اِها چٽائي ڪري ڇڏيائون ته اُهي سامراج مخالف واٽ وٺندا ته پوءِ سڀني ترقي پسند گروهه انهي نئين حڪومت جي حمايت ۽ مدد لاءِ حرڪت ۾ اچي ويا. ڇاڪاڻ ته اُنهن سمجهيو ٿي ته اِنهي قدم عوام جي جوتڪاري ۽ ترقي لاءِ واٽ کولي ڇڏي آهي پر ڪڏهوڪڙ ڪميونسٽ پارٽي انهي موقعي تي پنهنجي آزادانه تشخص برقرار رکڻ تي زور ڏنو ۽ اِنهي ڳالهه جو وڏي واڪ اعلان ڪيو ته اُها سرڪار جي ترقي پسند پاليسين جي حمايت ڪندي پر غلط ۽ رجعت پسند قدمن جي مزاحمت کان به پاسو نه ڪندي.

حقيقت اِها آهي ته انهن آزاد فوجي آفيسرن جي اڳواڻي جنرل نميري ڪري رهيو هو جيڪو بنيادي طور تي ڪميونسٽن جي آزاد تشخص کان گهڻو بدل هو. انهي ڪري انهي سلسلي ۾ شروعات کان ئي ڪميونسٽ پارٽي کي وڏين ڏکيائن کي منهن ڏيڻو پيو هو. ڪميونسٽ ٻهرئين ڏينهن کان ئي حڪومت ۾ شريڪ هئا ۽ ڪميونسٽ پارٽي جي ڪارڪن يوسف ڪارنگ کي مُلڪ جي ڏاکڻي حصي جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وزير به مقرر ڪيو ويو هو. اِها وزارت جيتوڻيڪ اهم حيثيت واري هئي پر ڪميونسٽ پارٽي کي وزارت جي لاءِ پنهنجن وزيرن کي مقرر ڪرڻ جو اختيار نه ڏنو ويو هو ۽ ان جو فيصلو جنرل نميري پنهنجي هٿ ۾ رکيو هو. رکيو اهو نه ٿيو جيتوڻيڪ ظاهري طور تي ڪميونسٽن کي ڪم ڪرڻ جي آزادي ڏني وئي هئي پر سندن واٽ ۾ زبردست رڪاوٽون پيدا ڪيون ويون ۽ لاڳيتو اِها ڪوشش ڪئي وئي ته سوڊاني ڪميونسٽ پارٽيءَ کي ختم ڪيو وڃي ۽ مصر وانگر سوڊان ۾ به هڪ جماعتي نظام قائم ڪيو وڃي. انهي صورتحال تي ڪميونسٽ پارٽي ۾ ڪهڙو گرما گرم بحث شروع ٿي ويو. پارٽي ۾ هڪ گروه انهي ڳالهه جو حامي هو ته ڪميونسٽ پارٽي کي ختم ڪيو وڃي پر ٻيو گروه انهي ڳالهه جو شديد مخالف هو. ان گروه جو موقف هو ته ڪميونسٽ پارٽي جي خاتمي جو مطلب جنرل نميري جي آڏو هٿيار ڦٽا ڪرڻ ۽ سندس پيچ لتاڙڻ ٿيڻ جي برابر ٿيندو. اهڙي ريت آگسٽ 1970ع ۾ ڪميونسٽ پارٽي جي هڪ خاص ڪانگريس ٿي، جنهن ۾ انهي سوال جي باري ۾ هڪ اهم ٺهراءُ منظور ڪيو ويو. اُن ۾ چيو ويو هو ته:

"موجوده صورتحال ۾ پارٽي ۽ انقلاب جي آڏو ٻه اهم ڪم آهن. پهريون ڪم قومي سطح تي مُلڪي آزادي، قومي معيشت جو بچاءُ ۽ استحڪام آهي. ٻيون ڪم جمهوريت جي ارتقا ۽ پيداواري ناتن ۾ جيڪي ٽڪراءُ ۽ رڪاوٽون آهن، اُنهن کي ختم ڪرڻ آهي ته جيئن عوام جي پيداواري صلاحيتن جي آزادانه واڌ ٿي سگهي. پارٽي سمجهي ٿي ته انهن ٻن اهم ڪمن جي پورائي سان قومي جمهوري انقلاب کي ڪامياب بڻائي سگهجي ٿو."

ڪميونسٽ پارٽي جي انهي ٺهراءَ ۾ انقلاب جي دشمن جي نشاندهي به ڪئي وئي هئي ۽ چيو ويو هو ته:

"اُهي نون ۽ پراڻن سامراجي، ملڪي رجعت پسندن ۽ مفاداتي گروهن جي مدد سان انهي قومي جمهوري انقلاب کي ناڪام بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا؛ ڇاڪاڻ ته سندن مفاد انهي ۾ آهي ته مُلڪ پٺتي پيل رهي ۽ اُن جو دارومدار سامراجين تي ٿي هجي. پر ٻئي پاسي قومي جمهوري انقلاب کي ڪاميابي جي منزل تائين پهچائڻ وارين طاقتن جو اتحاد لازمي آهي."

ان ٺهراءَ جي مطابق مزدور طبقو، هاري، انقلابي دانشور ۽ قومي سرمائيدار ئي اُهي طاقتون آهن، جن جو اتحاد، قومي جمهوري انقلاب آڻي سگهي ٿو.

سوڊاني ڪميونسٽ پارٽي انهي صورتحال جو تجزيو ڪندي قومي جمهوري انقلاب ۽ سوشلسٽ انقلاب ۾ وچولي ۽ فرق کي سامهون رکيو هو ۽ اُن کي احساس هو ته ٻنهي جي منزل ۽ طريقهءِ ڪار ۾ صاف فرق آهي. اهو درست آهي ته ڪجهه حالتن ۾ اهو ممڪن هوندو آهي ته قومي جمهوري انقلاب سوشلسٽ انقلاب جي حدن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

۾ داخل ٿي وڃي. انهي ڪري پارٽي کي مزدور طبقي جي سياسي جماعت جي حيثيت ۾ ختم ڪرڻ جي سوال تي بہ بحث ڪيو ۽ انهي مسئلي تي بہ غور ڪيو تہ ڇا قومي جمهوري انقلاب جي پوراٽي لاءِ اُن کي پنهنجو پاڻ کي ختم ڪري قومي محاذ ۾ ضم ٿي وڃڻ گهرجي؟ ۽ اهڙي ريت اُن وقت هڪ جماعتي نظام جي حمايت ڪري يا نہ. ٺهراءَ ۾ چيو ويو هو تہ:

"اسان جي مُلڪ ۾ مختلف طبقا آهن. قبائلي نظام آهي. مختلف گروهہ آهن ۽ معاشرتي ٽڪراءُ موجود آهن. قومي جمهوري انقلاب جي سطح تي هڪ جماعتي نظام انهن سڀني ٽڪرائن ۽ معاشرتي تفاوت کي ختم ڪرڻ ۾ مدد نٿو ڏيئي سگهي. موجوده حالتن ۾ هڪ جماعتي نظام انقلاب جي حامي طاقتن ۾ ڏڦيڙ جو باعث ٿي سگهي ٿو، جنهن جو نتيجو اهو ٿيندو تہ اهو انقلاب پنهنجا مقصد حاصل نہ ڪري سگهندو. انهي ڪري ان دور ۾ مزدور طبقي، هاري، انقلابي دانشورن، قومي سرمائيدارن ۽ آزاد فوجي آفيسرن جي سهڪار سان قومي جمهوري محاذ ضروري آهي تہ جيئن اُهو قومي جمهوري انقلاب جي پروگرام ۽ مقصدن جي لاءِ عوام کي حرڪت ۾ آڻي. پر انهي قومي جمهوري محاذ جي مضبوطي لاءِ ضروري آهي تہ ان ۾ شامل سڀني قوتن کي فڪر ۽ عمل جي آزادي جي ضمانت مليل هجي."

ان ٺهراءَ ۾ قومي جمهوري محاذ جي اڳواٽي جي مسئلي تي بہ بحث ٿيو ۽ انهي ڳالهہ تي زور ڏنو ويو تہ انهي محاذ جي اڳواٽي رڳو مزدور طبقو ۽ سندس حامي ترقي پسند قوتون ئي ڪري سگهن ٿيون. ڇاڪاڻ تہ مزدور طبقو ئي اُهو طبقو آهي، جيڪو سڀ کان وڌيڪ ترقي پسند آهي ۽ جيئن تہ اُهي جديد ترين مشينن تي ڪم ڪن ٿا انهي ڪري اُهي ملڪ کي جديدترين ٺاهڻ ۾ سڀ کان وڌيڪ اڳتي رهي سگهن ٿا ۽ انهي طبقي جو پنهنجي پيل حالتن خلاف وڙهڻ هڪ تاريخي عمل بڻجي وڃي ٿو. انهي ڪري اهو طبقو قومي جمهوري محاذ جي اڳواٽي جو سڀ کان وڌيڪ اهل هوندو آهي پر اها اڳواٽي ٺاڦي نہ ٿي سگهجي. اها رڳو اُنهي طبقي جي سياسي جماعت جي پنهنجي جدوجهد ۽ سرگرمين ذريعي ئي حاصل ٿي سگهي ٿي، ان جي لاءِ اهو بہ ضروري آهي تہ ٻيا ترقي پسند گروهہ بہ انهي اڳواٽي تي ڀروسي جو اظهار ڪن ۽ ان سان ڀرپور سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار هجن. اهو سهڪار ۽ ڀروسو بہ هڪ ڊگهي جدوجهد کانپوءِ ئي حاصل ٿي سگهي ٿو.

انهيءَ ٺهراءَ ۾ 25- مئي 1969ع جي انقلاب کي ترقي پسند، سامراج مخالف قرار ڏنو ويو هو، جنهن کي آڻڻ وارا هيٺين وچولي طبقي جا سامراج مخالف گروهہ هئا. ان طبقي جو مفاد قومي جمهوري محاذ جي مقصدن سان هم آهنگ هو پر ڪميونسٽ پارٽيءَ کي صورتحال جي خامين ۽ ڪمزورين جو بہ پوري طرح احساس هو، انهي ڪري اُن نشاندهي ڪندي چيو هو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اها حڪومت اهڙي وقت تي ٺهي آهي، جڏهن ڪميونسٽ پارٽي جي مطابق عوامي تحريڪ زوال تي نہ هئي.

اها تبديلي تشدد ۽ باقاعدي فوج جي ترقي پسند قوتن وسيلي عمل ۾ آئي آهي. نئون حڪمران طبقو مزدور طبقي ۽ اُن جي سياسي جماعت سان هڪ حد تائين واسطو رکڻ چاهي ٿو.

اُن ٺهراءَ ۾ صورتحال جو تجزيو ڪندي لکيو ويو هو تہ "انقلابي صورتحال ۾ عوام جي عام بي اطميناني کي ڪوڙچڙ نہ ڪرڻ گهرجي. انهي ڪري آڪٽوبر 1964ع ۾ جيڪا عام هڙتال ٿي، اُن کي انقلابي صورتحال نہ سمجهڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ لينن وضاحت سان چيو آهي تہ:

"ڪامياب بغاوت جي لاءِ نہ تہ ڪنهن قسم جي سازش تي ڀاڙڻ گهرجي ۽ نہ ئي رڳو پارٽي تي پر ترقي يافتہ طبقي تي دارومدار رکڻ گهرجي. اهو پهريون بنيادي نڪتو آهي ۽ جنهن ٻئي بنيادي نڪتي کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي اُهو هي تہ بغاوت اُن وقت ئي سوڀاري ٿي سگهي ٿي جڏهن عوامي تحريڪ انقلابي اُڀار جي اوج تي پهچي وڃي هجي ۽ ٻئي پاسي دشمن جي صفن ۾ ڦٽيڙ هجي ۽ انقلاب جي ڪمزور ۽ لُڏندڙ لمندڙ دوستن ۾ بہ ڪمزوريءَ جا اُهڃاڻ ظاهر ٿيڻ لڳن."

لينن جي لاءِ ڪامياب بغاوت لاءِ انهن ٽن بنيادي شرطن جو پورو ٿيڻ لازمي ۽ اٽل آهي.

"اصل ۾ اُنهن سڀني ڪميونسٽ پارٽين جو اهو طبقاتي نقطہءِ نظر آهي، جيڪي ٻين سياسي جماعتن ۽ گروهن کي پنهنجي موقف تي قائل نٿيون ڪري سگهن. پر ڪميونسٽ پارٽين کي پاڻ انهي موقف تي پوري ريت قائم رهڻ گهرجي. اهو موقف اسان جي ڪميونسٽ پارٽي اُن وقت اختيار ڪيو هو، جڏهن آزاد فوجي آفيسرن پارٽي کي فوجي قدم جي حمايت لاءِ تجويز پيش ڪئي هئي. سوڊان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي پولٽ بيورو جي فيصلي ۾ سڀ کان اهم نڪتو ئي اهو هو تہ فوجي قدم اُن وقت کڻڻ گهرجي، جڏهن عوام ۾ انقلابي اُڀار پنهنجي اوج تي پهچي چڪو هجي."

اهو بنيادي موقف هو، جنهن جي ڪري سوڊاني ڪميونسٽ پارٽي 25- مئي 1969ع جي فوجي قدم جو حصو ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. پر اها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ سوڊاني ڪميونسٽ پارٽي فوجي قدم جي حمايت کان رڳو ان ڪري پاسو نہ ڪيو هو جو اُن کي انهي قدم جي ڪاميابي يا ناڪاميءَ جي باري ۾ پريشاني هئي پر اُن کي اصل پريشاني انهي قدم جي سياسي نتيجن جي حوالي سان هئي. پارٽي پنهنجي انهي رويي جي ڇنڊڇاڻ ڪندي چيو هو تہ جيڪڏهن پارٽي پنهنجي مارڪسي نقطہءِ نظر جي وضاحت ۾ هڪ پل بہ ضايع ڪري ها تہ اُن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهو ٻڌ هو تہ پوءِ سياسي نظامن کي فوجي راتاهن وسيلي ختم ڪرڻ جي ذهنيت عام ٿي وڃي ها ۽ ماڻهو اهو سمجهڻ لڳن ها تہ سياسي نظامن کي ختم ڪرڻ لاءِ رڳو فوجي راتاهو ئي اڪيلي واٽ آهي ۽ اهو ئي رياست جي اقتدار جو بہ اڪيلو سهارو آهي. وڌيڪ اهو تہ سياسي نظامن جي اندروني ٽڪرائن ۽ انقلابي تحريڪن جا پاڻ ۾ جيڪي ٽڪراءَ آهن، تن کي حل ڪرڻ لاءِ بہ راتاهي واري واٽ اختيار ڪرڻ جي رواج کي عام ٿيڻ جو پڻ خدشو هو. اصل ۾ جيئن تہ ٽين دنيا ۾ گهڻو ڪري انقلابي عمل کي روڪڻ لاءِ بہ فوجي راتاهي واري واٽ ورتي ويندي آهي، انهي ڪري ڪميونسٽ پارٽين لاءِ اهو ضروري ٿي ويندو آهي تہ اُهي فوجي راتاهي جي عمل کي پوءِ ڀلي اُهو ڪيڏن ئي ترقي پسندن مقصدن لاءِ ڇو نہ هجي عام نہ ٿيڻ ڏين. ڇاڪاڻ تہ اِن سان عوام جو سياسي عمل تان اعتقاد ختم ٿيڻ لڳندو آهي ۽ اُهي پنهنجي آئيندي جي لاءِ فوجي راتاهن تي ڀاڙڻ لڳي ويندا آهن.

سوڊاني ڪميونسٽ پارٽي صورتحال جو جيڪو تجزيو ڪيو هو ۽ انهن حالتن ۾ پنهنجي لاءِ جيڪو طريقهءِ ڪار ٺاهيو هئائين وقت اُن کي صحيح ثابت ڪيو. اُن فوجي قدم جي سلسلي ۾ شڪ رکڻ جي باوجود اُن جي مخالفت ۽ ڌار ٿي وڃڻ وارو رويو اختيار نہ ڪيو. پنهنجي انهي رويي جي باري ۾ پارٽي چيو هو تہ:

"پارٽي انهي سلسلي ۾ پنهنجي مارڪسي ذميواري کي نڀايو ۽ اسان 25- مئي 1969ع جي فوجي قدم جي مارڪسي تجزيي ڪرڻ ۽ عوام کي انهن فوجي قدم جي سياسي نتيجن ۽ اثرن کان واقف ڪرڻ کان بہ پاسو نہ ڪيو. اسان محسوس ڪيو تہ نئين سرڪار ترقي پسند ۽ سامراج مخالف آهي، انهي ڪري ئي اسان اُن جي حمايت ڪئي."

ان مقصد جي لاءِ پارٽي عوام کي حرڪت ۾ آڻڻ واري عمل جي شروعات ڪئي تہ جيئن حڪومت جي سامراج مخالف پاليسين کي اڳتي وڌايو وڃي ۽ اندرين رجعت پسندن ۽ مفاداتي طبقن جي مزاحمت جو مقابلو ڪري سگهجي. پارٽي ان ڳالهہ جو اندازو بہ لڳايو هو تہ رجعت پسند قوتون نيٺ ڪميونسٽ مخالف واٽ وٺڻ لاءِ پوري ڪوشش ڪنديون ۽ اهڙي ريت اُهي سماج جي ترقي پسند ۽ انقلابي طاقتن کي ورهائي ڇڏينديون. پارٽي اُن وقت ئي انهي ڳالهہ جي نشاندهي بہ ڪري ڇڏي هئي تہ ٻين عرب ملڪن مان جيڪي انقلابي ۽ جمهوري اثر سوڊان ۾ اچي رهيا هئا، اُنهن جا اُتان جي تحريڪ تي منفي اثر پئجي رهيا هئا. ڇاڪاڻ تہ اهي نالي ۾ انقلابي ۽ جمهوري عنصر هڪ پاسي قومي جمهوري انقلاب جي سڀني تقاضائن کي پوري ڪرڻ جي اهل نہ هئا ۽ ٻئي پاسي اهي هڪ حد تائين قدم اڳتي وڌائين ٿا، جنهن کان اڳتي اهي انقلاب جي مزاحمت شروع ڪري ڏين ٿا. انهي ڪري ڪميونسٽ پارٽيءَ کي انهن سڀني منفي اثرن خلاف جدوجهد جاري رکڻي پئي. هڪ پاسي اها جدوجهد نظرياتي سطح تي هئي ۽ ٻئي پاسي عملي سطح تي، پر ان جي باوجود ڪيس سامراج مخالف ۽ ترقي پسند قومن جي سلسلي ۾ مثبت قدم کڻڻا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ويا ۽ ان جي لاءِ اُها ٻين ترقي پسند قوتن ۽ سرڪار سان سهڪار به ڪندي رهي. جيستائين سوڊاني فوج جو واسطو هو ته اُن جي متعلق پارٽي تفصيلي جائزي ۾ چيو هو ته:

"1948ع کان پوءِ جيڪي شاگرد فوج ۾ ڀرتي ٿيا اُهي گهڻي حد تائين سامراج مخالف تحريڪن کان متاثر هئا ۽ اُهي ئي فوج ۾ انقلابي تحريڪن جا بنياد بڻيا. پر ان جي باوجود فوج تي اڄان به گهڻي حد تائين نه رڳو ساڄي ڌر جي قوتن جو قبضو هو، پر اُن جي رجعت پسند نظرين ۽ فڪر جو اثر به هو. اِنهي ڪري جڏهن عوام جي انقلابي تحريڪ جو آزاد فوجي آفيسرن جي تحريڪ سان سهڪار شروع ٿيو ته اُن جو مطلب سڄي فوج سان نه پر فوج جي هڪ حصي سان سهڪار هو. اها هڪ ٺيٺ حقيقت هئي ۽ اِنهي حقيقت جي کوجَ اِها هئي ته جتي ٻيون اندروني تبديليون آنديون وڃن، اُتي فوج کي به ٺيٺ سرِ جمهوري بنيادن تي منظم ڪيو وڃي. ان جي لاءِ پارٽي ڇهه نڪتا جوڙيا، جن ۾ فوج مان ساڄي ڌر جي سيني عنصرن کي ڪڍڻ شامل هو."

حالتن جلد ئي ڪميونسٽ پارٽي جي خدشن کي صحيح ثابت ڪري ڇڏيو. 1970ع جي آخر ڌاري جنرل نميري، جيڪو آزاد آفيسرن جي ڻاهيل انقلابي ڪمانڊ ڪائونسل جو صدر هو، جيڪا 25- مئي 1969ع جي فوجي قدم کان پوءِ سرڪار جي رهنمائي لاءِ ٺاهي وئي هئي، ڪائونسل جي ٽن ميمبرن کي ڪڍي ڇڏيو. اِهي ٽي آفيسر ليفٽيننٽ ڪرنل بليڪرالنور، ميجر فاروق عثمان حمد ۽ ميجر هاشم محمد العطا هئا. اِهي ٽئي آفيسر انقلابي ۽ ترقي پسند فڪر رکندڙ هئا. اِنهي ڪري ان قدم جنرل نميري جي ارادن کي گهڻي حد تائين چٽو ڪري ڇڏيو ته هُو فوج ۽ سول سروس ٻنهي مان ترقي پسند ۽ انقلابي عنصرن کي ٻاهر ڪڍڻ جو پڪو پهه ڪري چڪو هو. ڇاڪاڻ ته اُن سوڊان جي ڪميونسٽ پارٽي جي سيڪريٽري جنرل عبدالخالق معضوب کي به گرفتار ڪري ورتو. وڌيڪ تيرنهن آفيسرن کي فوج مان ڪڍيو ويو ۽ اعلان ڪيو ويو ته انهن آفيسرن ڪميونسٽ پارٽي سان گڏجي سرڪار جي تختي اونڌي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. اِنهي سازش جي اوٽ ۾ سڄي مُلڪ ۾ زبردست ڌاڪ ۽ تشدد جو دور هليو. ان موقعي تي ڪميونسٽ پارٽي پنهنجي بيان ۾ چيو ته:

"نميري جا اِهي عمل پڻ هڪ سازش تي ٻڌل آهن، جنهن جو مقصد فوج جي سڄي آزاد آفيسرن جي صفائي آهي ۽ ٻئي پاسي ڪميونسٽ پارٽي کي ميدان مان هٽائي سڀني جمهوري ادارن جي اڳواٽيءَ کي بدلائي پنهنجن پيچ لتڪائو ماڻهن کي اڳتي آڻڻ آهي ته جيئن اِهي سڀ ادارا جنرل نميري ۽ سندس سرڪار جا هٿن ٻڌا غلام بڻجي وڃن. ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو نتيجو اِهو نڪرندو ته 25- مئي 1969ع جو سچو انقلاب غلط اڪر وانگر مِٽجي ويندو."

نِبَ اِيئن ٿيو. 12- فيبروري 1971ع تي جنرل نميري ڪميونسٽ پارٽيءَ تي سازش جو الزام لڳائي چوراسي ڪميونسٽ اڳواڻن کي گرفتار ڪري ورتو. ڪميونسٽ پارٽي، ٽريڊ يونين، يوٿ ليگ ۽ عورتن جي انجمن کي خلافِ قانون قرار ڏيئي، اُنهن تي پابنديون لڳايون ويون. سيني ٽريڊ يونين کي نئين سرِ رجسٽر ڪرائڻ جي قانون کي به وڌيڪ سخت بڻايو ويو. جنرل نميري صاف لفظن ۾ چيو هو ته:

"جيڪو به پاڻ کي سوڊاني ڪميونسٽ پارٽيءَ سان لاڳاپيل ٻڌائي ٿو اُن کي تباهه ڪري ڇڏيو وڃي ۽ سوڊاني ڪميونسٽ پارٽي جي نالي جهڙي ڪا شيءِ نه رهڻ کپي."

سوڊاني ڪميونسٽ پارٽي اِنهي سڄي تشدد ۽ اشتعال جي باوجود جنرل نميري جي الزامن جو جواب ڏيندي چيو ته:

"انقلابي ڪمانڊ ڪائونسل جي صدر اسان کي غدار قرار ڏنو آهي ۽ اسان تي الزام هنيو آهي ته اسان سڀني اخلاقي قدرن کي ختم ڪرڻ چاهيون ٿا ته جيئن اسان اقتدار حاصل ڪري سگهون. پر اِهو هڪ وڏو ڪوڙ آهي. اقتدار ڪيئن نه ماڻهن کي انڌو ڪري ٿو ڇڏي پر حيرت اِنهي ڳالهه تي آهي ته اِهي الزام انقلابي ڪمانڊ ڪائونسل جي صدر پاران هنيا پيا وڃن. ڪيس ٿورڙو 24- مئي 1969ع جو اُهو ڏينهن ياد ڪرڻ کپي جڏهن اُن اسان جي پارٽي جي وفد سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي هئي ۽ اسان مٿس پنهنجو موقف ۽ نڪتهءِ نظر به واضح ڪري ڇڏيو هو. اسان کيس چيو هو ته هو پنهنجن ساٿين کي ٻڌائي ڇڏي ته ڪميونسٽ پارٽي ڪين دوکو نه ڏيندي ۽ اسان اُنهن کي انقلاب دشمن طاقتن جو شڪار ٿيڻ نه ڏينداسين. اسان سندن پويان ڪان بچاءُ ڪنداسين. ڇاڪاڻ ته اسان کيس چيو هو ته هو ڪجهه عرصي جي لاءِ فوجي قدم کي ملتوي ڪري ته جيئن اِنهي وچ ۾ آزاد فوجي آفيسرن جي تنظيم ۽ ٻين ترقي پسند جماعتن ۽ ادارن جي وچ ۾ مضبوط اتحاد جو بنياد وجهي سگهجي ۽ قومي سطح تي هڪ وسيع جمهوري تحريڪ منظم ٿي سگهي ته جيئن اِهو رڳو هڪ فوجي راتاهو نه رهي پر صحيح معنيٰ ۾ عوامي انقلاب هجي. ڇاڪاڻ ته فوجي راتاها عام طور تي ٻئي فوجي راتاهي جا شڪار ٿي ويندا آهن. اوهان کي ياد هجي يا نه پر اسان جي ڪيترن ساٿين کي اڄ به ياد آهي ته ڪهڙي ريت اسان جي پارٽي ۽ اسان جي سيڪريٽري جنرل توهان جي ڪنيل قدمن جي حفاظت لاءِ 25- مئي 1969ع تي ڪيتري قدر اهم ڪارناما

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سرانجام ڏنا هئا."

ان بيان ۾ اڳتي هلي جنرل نميري جي ان الزام جو به جواب ڏنو ويو هو ته ڪميونسٽ پارٽي اقتدار تي قابض ٿيڻ چاهي ٿي. بيان ۾ چيو ويو هو ته:

"اوهان کي ياد هوندو ته اسان پهرئين ڏينهن کان ئي اِنهي موقف جي شديد مخالفت ڪئي هئي ته ڪو هڪ گروهه انقلاب جي اڳواڻي تي پنهنجي هڪ هٽي قائم ڪري. اِنهي ڪري اسان انقلابي جمهوريت ۾ عوام لاءِ شهري آزادين جي گهر ڪئي هئي. ڇاڪاڻ ته اُن وقت به ۽ هاڻي به اسان جو اِنهي ڳالهه ۾ پختو يقين آهي ته انقلابي جمهوريت ۽ شهري آزادين ئي انقلاب جي سوڀ ۽ استحڪام لاءِ صحيح ضامن ٿي سگهن ٿيون. اسان فوج کي رياست جو هڪ اهم هٿيار ڪري ليکيون ٿا جيڪو مُلڪ جي بچاءُ ۽ اُن جي آزادي ۽ خودمختياري لاءِ ضروري آهي. پر اسان فوجي آفيسرن جي سياسي بازيگري جا حامي ناهيون ۽ نه ئي اسان ڪين اِنهي ڳالهه جي اجازت ڏيئي سگهون ٿا ته اُهي مختلف انقلابي طاقتن ۾ تفرقو وجهن. موجوده حڪمران طبقو هاڻي واضح طور تي انقلاب کي محدود ڪرڻ وارين حدن کي ڇهڻ لڳو آهي. جنهن ڪري اُن اِنهي جي شروعات ڪميونسٽ پارٽي تي حملي سان ڪئي آهي ۽ هاڻي وچين واٽ جي ڳولا به شروع ڪئي اٿس. پر اسان جي عوام کي اِنهي ڳالهه جي پوري ريت ڄاڻ آهي ته سوڊاني ڪميونسٽ پارٽي پنهنجي سڄي حياتي سوڊاني انقلاب لاءِ جدوجهد ڪئي آهي. رڳو اهو نه پر ڪميونسٽ پارٽي هڪ پاسي موجوده سرڪار کي داخلي دشمن کان بچائڻ لاءِ به جدوجهد ڪئي آهي ۽ ٻئي پاسي سامراجي سازشن خلاف مزاحمت به ڪئي آهي. سوڊاني ڪميونسٽ پارٽيءَ جو اهو پختو يقين آهي ته موجوده بحراني دور مان نڪرڻ جي اڪيلي واٽ سڀني جمهوريت پسندن جو اتحاد آهي ۽ اِنهي اتحاد وسيلي قومي جمهوري محاذ جي حڪومت جو قيام آهي. اِها ئي اُها اڪيلي واٽ آهي. جيڪا ان موقعي تي انقلاب کي ساڄي ڌر جي سازشن کان بچائي سگهي ٿي."

جنرل نميري تي ڪميونسٽن جي اِنهي بيان جو ڪو اثر نه ٿيو. ڇاڪاڻ ته هو ڪميونسٽ پارٽي ۽ ٻين جمهوري قوتن سان ڪنهن به قسم جي مصالحت ڪرڻ نٿي چاهي. سندس رڳو هڪ ئي خواهش هئي ته سڀ قوتون سندس مٿڀرائپ کي قبول ڪن. اِنهي ڪري هو آزاد آفيسرن جي تنظيم کي به ٻي اثر ڪرڻ تي سندرو ٻڌيون بيٺو هو ۽ سڀني طبقاتي ۽ عوامي ادارن کي پنهنجي سرڪار جو غلام بڻائڻ ٿي چاهيائين. اصل ۾ انهن قدمن جي تهه ۾ بنيادي نڪتو انقلاب جو آئيندو هو ته آيا موجوده انقلاب جاري رهي ۽ اُن کي ترقي ڏيئي سوشلزم تائين پهچڻ لاءِ ماحول کي سازگار بڻايو وڃي يا انقلاب کي جتي آهي اُتي ئي روڪيو وڃي ۽ اُهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سرمائيداري نظام جي واٽ تي هلي وري سامراجي طاقتن جو اڻ سڌو غلام بڻجي وڃي.

جنرل نميري جي انهيءَ قدم فوج جي آزاد ۽ ترقي پسند آفيسرن کي هڪ ڀيرو وري حرڪت ۾ آڻي ڇڏيو، ۽ اُنهن هڪ ڀيرو وري اُنهي غيرمقبول آمريت جو جنهن انقلاب سان غداري ڪئي هئي، تختي اونڌي ڪرڻ جي رٿا تيار ڪئي. اها رٿا جولاءِ 1971ع ۾ تيار ڪئي ويئي. ڪميونسٽ پارٽي جي اڳيان هڪ ڀيرو وري اهو سوال آيو ته اِنهي فوجي قدم جي باري ۾ ان جو رويو ڇا هجي. اسان مٿي چڱي ريت 1964ع جي فوجي قدم ۽ پوءِ 25- مئي 1969ع جي فوجي راتاهي جي باري ۾ سوڊاني ڪميونسٽ پارٽيءَ جو رويو بيان ڪيو آهي ته اُنهن ٻنهي ڀيرا فوجي قدمن جي مخالفت ڪئي هئي ۽ اِنهي ڳالهه تي زور ڏنو هو ته عوام جي انقلابي تحريڪ کي اڳتي وڌڻ گهرجي. ان موقعي تي به ڪميونسٽ پارٽي پنهنجي انهي موقف کي ورجايو پر جڏهن انهن آزاد ۽ ترقي پسند فوجي آفيسرن 19- جولاءِ 1971ع تي جنرل نميري جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيو ته انهن آفيسرن پاران زبردست بنيادي جمهوري سڌارن جو اعلان ڪيو ويو. نه رڳو ڪميونسٽ پارٽي تان جنرل نميري جون لڳايل پابنديون هٽايون ويون پر هڪ قومي جمهوري محاذ ناهڻ جو به فيصلو ڪيو ويو، جنهن ۾ سڀني طبقاتي جماعتن ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ کي پنهنجي تشخص کي قائم رکندي برابريءَ جي بنياد تي نمائندگي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو. سوڊاني ڪميونسٽ پارٽيءَ 19- جولاءِ 1971ع تي اِنهي فوجي قدم جو تجزيو ڪندي پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو هو ته:

"سوڊاني انقلاب جي تاريخ ۾ 19- جولاءِ 1971ع کي وڏي اهميت حاصل آهي، ڇاڪاڻ ته اُن ڏينهن تي قومي جمهوري محاذ جي اڳواڻي ۾ مُلڪ جي سياسي بيهڪ ۾ هڪ تبديلي واقع ٿي هئي. انهي عمل کي جيڪڏهن وڌيڪ وضاحت سان بيان ڪيو وڃي ته اِهو چئي سگهجي ٿو ته اِنهي عمل جي پٺيان به اهم عنصر جمهوريت پسند ۽ مارڪسسٽ ڪم ڪري رهيا هئا ۽ اِنهي قومي محاذ ۾ فوج جي نمائندگي آزاد آفيسرن ۽ جمهوريت پسند فوجين جون تنظيمون ڪري رهيون هيون."

19- جولاءِ 1971ع جي انقلاب سياسي طاقت کي مجموعي طور تي قومي جمهوري محاذ جي حوالي ڪري ڇڏيو. اڳواڻي ڪنهن هڪ گروهه جي حوالي نه ڪئي ويئي ۽ پهريون ڀيرو آزاد آفيسرن، جن اِهو فوجي قدم کنيو هو، پاڻ کي قومي جمهوري محاذ جي هڪ حصي جي طور تي مڃيو. جڏهن ته اڳ فوج جي سڀني اپاڻن جي موقعي تي سڀ اعلان فوج جي نالي ۾ ڏيندا هئا ۽ فوج کي انقلاب جو اڳواڻ جڻو مڃرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي. عوامي تحريڪ کي نه ته اهميت ڏني ويندي هئي ۽ نه ئي اُن کي سُڌو سمجهيو ويندو هو. اِهي فوجي قدم ڪُل راڄا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آفيسر هميشه فوج جي انهي بنيادي ڪردار کي وساري ڇڏيندا هئا ته فوج رياست جو هڪ اهڙو ادارو آهي، جنهن جو بنيادي ڪم تشدد کي روا رکڻ هوندو آهي. اُهي فوج جي اِنهي ڪردار کي ترقي پسند لاڙن سان ڳنڍي ڇڏيندا هئا. انهي ڪري 19- جولاءِ 1971ع تي اِنهي ڳالهه جو اعلان ڪيو ويو هو ته طاقت جو اصل سرچشمو قومي جمهوري محاذ آهي ۽ سوڊاني ريپبلڪ ۾ هر سطح تي سڀ حڪم 'قومي جمهوري محاذ' جي نالي سان جاري ٿيندا رهيا. رڳو اهو نه پر فوجي آفيسرن پهرئين ڏينهن ئي آئيني گهرجن ۽ نئين جمهوريت جي بنيادي اُصولن جو اعلان ڪري ڇڏيو هو. اُنهن حڪومت جي جوڙجڪ لاءِ سڀني جمهوري قوتن ۽ ترقي پسند طاقتن سان صلاح مشورا شروع ڪري ڇڏيا هئا. اُنهن سڀني قوم پرست قوتن کي پنهنجيون جماعتون منظم ڪرڻ جي آزادي ڏني هئي، جماعت سازيءَ جي سڀني رڪاوٽن کي ختم ڪيو ۽ شهري آزادين جي ضمانت ڏني. اُنهن ڳجهي پوليس جي ڏمڪاءُ کي ختم ڪري، پوليس رياست کي ختم ڪري ڇڏيو. اهڙي ريت اُنهن عوامي جدوجهد جي لاءِ ماحول سازگار بڻايو ته جيئن جمهوري انقلاب مڪمل ٿي سگهي. اُنهن قانون جي مٿڀرائپ جو جهنڊو اُوچو ڪيو ۽ قانون ٺاهيندڙ ادارن جي آزادي کي تسليم ڪيو. اُنهن جمهوريت وسيلي سياسي حقن کي حاصل ڪرڻ واري نظام جي شروعات ڪئي. اُنهن زرعي نظام ۾ جمهوري قدرن کي وڌڻ ويجهڻ جو موقعو ڏنو ته جيئن آبادڪارن جي هڪ وڏي گهڻائي کي آزادي ملي. مزدورن ۽ هارين کي انتظام ۽ پيداوار جي تنظيم ۾ عملي حصي وٺڻ جا موقعا به فراهم ڪيا. اِنهي جمهوري طريقي سان اُنهن مُلڪ جي ٻنهي حصن يعني اُتر ۽ ڏکڻ کي متحد رکڻ ڏانهن هڪ زبردست قدم کنيو ۽ ڏکڻ جي مسئلن کي سمجهڻ ۽ حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اهڙي طرح اِنهي نئين حڪومت آزادي ۽ قومي خودمختياريءَ جي جهنڊي کي اوچو ڪيو ۽ پنهنجو پاڻ کي عرب ۽ آفريڪا جي انقلابي تحريڪ جو حصو بڻايو. رڳو اِهو نه پر سامراج دشمن تحريڪ سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي هلڻ جي عزم جو به اعلان ڪيائين. سوويت يونين ۽ سوشلسٽ مُلڪن سان ناتن کي خوشگوار بڻايو ويو.

اِنهي تفصيلي تجزيي اُنهن سڀني حالتن کي چِٽو ڪري ڇڏيو آهي ته ڪميونسٽ پارٽي 19- جولاءِ 1971ع جي تبديليءَ جي ڇو زبردست حمايت ڪئي، نميري جي حڪومت جي تختي اونڌي ٿيڻ تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ اِنهي تبديليءَ جي حق ۾ عوام جي پٺڀرائي ۽ مدد کي منظم ڪيو. انهن حالتن ۾ جيڪڏهن ڪميونسٽ پارٽي انهن تبديلين ۽ کنيل قدمن کان پاڻ کي لاتعلق رکي ها ته اها انقلاب سان غداري هجي ها. رڳو اِهو نه پر ڪميونسٽ پارٽي اِنهي بنيادي حق لاءِ به جاکوڙ ڪري رهي هئي ته مزدور طبقي ۽ اُن جي سياسي جماعت ڪميونسٽ پارٽيءَ کي پنهنجي تشخص برقرار رکڻ جي آزادي هجي، اُها هڪ آزاد جماعت جي حيثيت ۾ قومي جمهوري محاذ ۾ شريڪ ٿئي ۽ مزدور طبقي جي اڳواڻي واري حق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کي ميڙائي ۽ پنهنجو پاڻ کي سرمائيدار ۽ هيٺين وچولن طبقن، پوءِ اهي وردي وارا هجن يا وردي ڪانسواءِ، جو پيچ لڪائڻو نہ ٿيڻ ڏئي. انهي ڪري سڄي موافق صورتحال جي هوندي انهن 19- جولاءِ 1971ع واري انهي قدم جي ڀرپور حمايت ڪئي، جنهن جنرل نميري جو تختو اونڌو ڪيو هو. انهي قدم جيڪي حالتون پيدا ڪيون اُنهن انهي ڳالهه جي پڪ ڪري ڇڏي تہ فوج يا اُن جي هڪ حصي جي آمريت تاريخي ضرورت ناهي پر هڪ اهڙو جمهوري انقلاب جنهن جي اڳواڻي مزدور طبقو ڪري رهيو هجي ممڪن بہ آهي ۽ ضروري بہ آهي. اُنهن انهي نظريي کي بہ رد ڪري ڇڏيو تہ جمهوري ۽ مزدور طبقن کي فوجي آمريت جي ترقي پسندي وارين دعوائن کي مڃيندي اُن جي پويان هلڻ کپرجي،

هڪ ٻي ڳالهه جيڪا چٽي ٿي سامهون آئي تہ رجعت پسندي ۽ رد انقلاب جي طاقتن جي ٻپ کان فوجي اڳرائي مداخلت کي تسليم ڪرڻ يا انهيءَ لاءِ راهہ هموار ڪرڻ هڪ زبردست غلطي هوندي آهي. ڇاڪاڻ تہ انهي جو مطلب پنهنجو پاڻ کي ابن الوقت وچولي طبقي جو پيچ لڪايو بڻائي ڇڏڻ هوندو آهي، اهو ئي سبب آهي تہ عرب ملڪن ۾ قوم پرست ۽ هيٺين وچولي طبقي جا فوجي آفيسر جيڪو فوجي قدم کڻن ٿا اُن جو بنياد جيتوڻيڪ وڏيون وڏيون دعوائون هونديون آهن پر نيٺ اهو عمل هڪ اهڙي واٽ تي هلڻ لڳندو آهي، جنهن سان سڀني انقلابي جذبن جي نڙيءَ تي ننهن اچي ويندو آهي، سوڊان جي صورتحال انهي عمل جي پڪ ڪري ڇڏي هئي. ڇاڪاڻ تہ هتي بہ 25- مئي 1969ع جو فوجي قدم وڏين انقلابي دعوائن سان شروع ٿيو هو پر اُن جو نتيجو نيٺ جنرل نميري جي بدترين فوجي آمريت جي صورت ۾ نڪتو ۽ اُن پاڻ کي نئين نوآبادياتي نظام جو حصو بڻائي ڇڏيو. انهي ڪري 19- جولاءِ 1971ع تي جڏهن جنرل نميري جو تختو اونڌو ڪيو ويو تہ ماضيءَ جي انهن غلطين کي ورجائڻ کان بچڻ لاءِ سوڊاني ڪميونسٽ پارٽي پهرين ڏينهن کان ئي جدوجهد جاري رکي، اهو درست آهي تہ جلدئي اهو تجربو جنرل نميري ۽ سندس حامين هڪ ٻئي فوجي قدم وسيلي ناڪام بڻائي ڇڏيو پر انهي ناڪاميءَ مان اهو نتيجو نہ ڪڍڻ کپرجي تہ جنرل نميري جي سرڪار جي تختي اونڌي ڪرڻ ۽ نئين حڪومت جي قائم ڪرڻ لاءِ جيڪا واٽ اختيار ڪئي وئي ۽ جيڪي بنيادي اصول ناهيا ويا اُهي غلط ثابت ٿيا هئا. ايئن نہ هو سڀني ناڪامين جي باوجود سوڊاني ڪميونسٽ پارٽي جي بنيادي پاليسي ۽ سوڊان جي معروضي حالتن متعلق اُن جي تجزيي کي وقت صحيح ثابت ڪيو هو. ڇاڪاڻ تہ پيرس ڪميون بہ تہ ناڪام ٿي ٿي هئي پر ڪو تجزيي نگار ايئن نہ ٿو چئي سگهي تہ اهو تجربو نہ ٿيڻ کپي ها ۽ اُن جو بنيادي ڪردار غلط هو. تاريخ ۾ ڪيئي قدم ناڪامين ۽ شڪستن جي ور چڙهي ويا آهن پر اُنهن جي افاديت کان اڄ بہ انڪار نٿو ڪري سگهجي. انهي ڪري جيڪي ترقي پسند رڳو ناڪامين جي ڪري ڪنهن انقلابي قدم کي غلط چون ٿا تہ اُهي عام طور تي درست تجزين کان لنوائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نا. ڇاڪاڻ تہ جڏهن بہ ڪا انقلابي تحريڪ ڪنهن انقلابي عمل جي شروعات ڪندي آهي تہ اُها ڪڏهن بہ حتمي ڪاميابيءَ جي ضمانت نٿي ڏيئي سگهي. اُن جو مگر رڳو اهو هوندو آهي تہ اُها مهم جوئي واري عمل کان پاسو ڪري. پر ڪڏهن ڪڏهن انقلابي قدم ضروري ٿي پوندو آهي. انقلابين کي اِها خبر هوندي بہ تہ هار سندن مقدر هوندي قدم اڳتي وڌائڻو پوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ اُهي صحيح طور تي اهو سمجهندا آهن تہ اِهي ظاهري طور تي سندن قربانيون بيڪار وينديون پر عوام کي حرڪت ۾ آڻڻ ۾ اُنهن کي مايوسي ۽ نااُميديءَ جي حالت مان ڪڍڻ ۾ انقلابي عمل کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ اِهي قربانيون پاڻ جو ڪم ڏينديون. اِنهي ڪري اِنهي قدم کي تاريخ ۾ انقلابي تحريڪ ۾ عمل جي وسيع پس منظر ۾ رکي ڏسڻ گهرجي، اسان جي تنقيد ڪنڊ ۾ بہ ڪيئي پيرا اپڻ ٿيو آهي.

بهرحال سوڊاني ڪميونسٽ پارٽي اِنهي بنياد تي پنهنجي سچي ڪردار جو جواز پيش ڪيو ۽ اِنهي ڳالهہ تي زور ڏنو تہ اُنهن جو 19- جولاءِ 1971ع واري فوجي قدم جي حمايت جو عمل صحيح هو. جڏهن جنرل نميري جو اِنهي جمهوري حڪومت ۽ ترقي پسند فوجي عمل خلاف فوجي راتاهو ڪامياب ٿي ويو ۽ ڪميونسٽن کي وڏي تعداد ۾ ڦاهين تي ٽنگيو ويو تہ گهڻن حلقن ۾ خاص طور تي چيني ڪميونسٽن اِنهي کي مهم جوئي قرار ڏنو. سوڊاني ڪميونسٽن اِنهي تنقيد جي جواب ۾ اهڙن سيني ڪمن جو بچاءُ ڪيو ۽ پنهنجي عمل کي درست قرار ڏنو. اُنهن پنهنجي موقف جي حمايت ۾ هڪ دستاويز تيار ڪيو. جنهن ۾ نہ رڳو اُنهن پنهنجي عمل پر فوج جي نوجوان آزاد آفيسرن جي تنظيم، جنهن تي سرڪار ڪميونسٽن سان ڳٺ جوڙ جو الزام هنيو هو، جو بہ بچاءُ ڪيو. اُن ۾ لکيل هو تہ:

"جنرل نميري ۽ سندس سرڪار توهان نوجوان فوجي آفيسرن تي الزم ٿي هڻي تہ توهان جي تحريڪ جي سچي رٿابندي سوڊاني ڪميونسٽ پارٽي ڪئي هئي. اُها اِنهي ڳالهہ تي زور ڏئي ٿي تہ توهان اِهي قدم ڪميونسٽ پارٽي جي حڪمن هيٺ کنيا. جيتوڻيڪ اسان اِنهي عزت جا دعويدار ناهيون پر اسان انهن الزامن جي ترديد بہ نٿا ڪيون. جڏهن تہ توهان ۽ توهان جا بهادر ساٿي اِهو چڱي طرح ڄاڻن ٿا تہ اِنهي قدم جو حتمي فيصلو ۽ اُن جو وقت توهان پاڻ پنهنجي مرضيءَ سان ۽ آزادانہ طور تي طئي ڪيو هو. اِنهي جرئت مند قدم جو سهرو هميشہ اوهان جي مٿي تي هوندو. جڏهن اوهان حالتن جي گهرجن، جنهن جي اوهان کي اسان کان بهتر ڄاڻ هئي، کان مجبور ٿي قدم کڻڻ جي فيصلي تي عمل ڪرڻ ۽ حتمي وقت جي تعين جو حق رڳو توهان کي ئي هو تہ اسان هڪ گهڙي بہ ضايع ڪرڻ کانسواءِ توهان جي پٺڀرائي ۽ حمايت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. اسان پڇُجي بہ اِهو سوال نہ ڪيو تہ توهان جلدبازي جو ڪئي، پر اسان پنهنجي پوري طاقت سان توهان جي قدم جو بچاءُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيو ۽ توهان سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي ڪجهه غلطين ڏانهن توجهه ڏياريندا رهياسين. انهي ڪري اڄ به انهي پنهنجائي ۽ حمايت جو اسان تي الزام هنيو پيو وڃي. اسان انهي ڪان انڪار نه ڪنداسين ۽ نه اسان سزا ۽ اذيتن ڪان ٻڇنداسين. جيتوڻيڪ 19- جولاءِ 1971ع جي تحريڪ کي نيٺ شڪست ٿي آهي پر انهي جي باوجود عوامي تحريڪ ۾ ايتري جان ۽ توانائي موجود آهي، جو اُها جلد وري اُڀرندي ۽ جيڪو ڪم اڌورو رهجي ويو آهي، اُن کي مڪمل ڪندي."

سُوڊان جي ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪاميٽي پنهنجو تجزيو ڪندي پنهنجين ڪجهه ڪوتاهين ڏانهن به اشارو ڪيو هو. چيو ويو ته:

"انقلاب جي بچاءَ ۾ لاپرواهي ۽ ڪوتاهي هڪ اهڙو ڏوهه آهي، جنهن کي تاريخ اُن وقت تائين ڪڏهن به معاف نه ڪندي آهي، جيستائين انقلابي اُنهن غلطين ۽ ڪوتاهين مان سبق نٿا پرائين ته جيئن مستقبل ۾ اُنهن کي ورجايو نه وڃي. ڇاڪاڻ ته انقلابي جدوجهد جي سوڀ جو دارومدار رڳو انقلاب آڻڻ ۽ اقتدار تي قبضي ڪرڻ ۾ ئي ناهي پر انهي انقلاب جي مڪمل حفاظت ۽ بچاءَ جي صلاحيت تي هوندو آهي. اهو بچاءُ رڳو اقتدار تي قبضي ڪرڻ سان ختم نٿو ٿي وڃي، پر انقلابين کي لاڳيتو هوشيار ۽ خبردار رهڻو پوندو آهي. انهي ڪري جيڪڏهن اسان اوندو ڪرڻ ايترو سولو نه هجي ها. جيتوڻيڪ ڪين پريو هوشيار ۽ خبردار رهون ها ته رجعت پسندن لاءِ انقلاب جو تختو طريقي سان ٻاهرين مدد حاصل هئي پر اسان کي اهو به احساس آهي ته اسانکي مختلف شعبن ۽ ميدانن ۾ احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ کپن ها."

پر اِها لاپرواهي ۽ ڪوتاهي 19- جولاءِ 1971ع تي پيدا نه ٿي هئي. اُن جي تاريخ ڪهڻي پُراڻي آهي. انهي ڪري اڪتي هلي سوڊاني ڪميونسٽ پارٽي ٻڌائي ٿي ته:

"جڏهن واقعي اهو قدم کنيو ويو ته ملڪ جي تمام وڏي ڪهڻائي پارٽن اُن جي حمايت ڪئي وئي ۽ شروعاتي ڇڻن ڏينهن تائين مُلڪ ۾ ڪا اهڙي طاقت موجود نه هئي، جيڪا نوجوان فوجي آفيسرن جي قدم جي مزاحمت ڪري سگهي ها. انهي مزاحمت جي نه هئڻ هڪ قسم جي لاپرواهي ۽ ضرورت کان وڌيڪ اعتماد پيدا ڪري ڇڏيو ۽ مختلف محاذن تي چوڪسي لاپرواهي ۾ بدلجي وئي. اسان نه رڳو ٻاهرين خطرن تي نظر رکي پر اُنهن کي نظرانداز ڪري ڇڏيو ۽ اهو ڀُلجي وياسين ته سوڊان جي رجعت پسندن جو مصر ۽ ليبيا سان اتحاد آهي. انهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

> ڪري سادات انقلاب کي چيڀاٽڻ لاءِ باقاعدي هيلي ڪاپٽرن وسيلي فوج لاٿي. ان ڪانسواءِ اِنهي فوجي مداخلت ۽ وڏيڪ مداخلت جي تمڪين سوڊاني فوج کي بدتر واري حالت ۾ وجهي ڇڏيو ۽ اُهي انقلاب جي بچاءَ جي سلسلي ۾ لوڏن ۾ اچي ويا. نه رڳو اِهو پر گهڻا فوجي جنرل نميريءَ سان ڪڏجي ويا."

اِنهي دستاويز جي مطابق سڀ کان وڏي غلطي اِها هئي ته سوڊاني عوام انقلابي قوتن کي هٿياربند ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي هئي ۽ ٻيو اِهو ته رجعت پسند قوتن کي منهن ڏيڻ ۾ گهڻي نرمي ۽ فراخدليءَ کان ڪم ورتو ويو هو.

سوڊان جي اِنهي تجربي مان اِها ڳالهه چٽي ٿي وڃي ٿي ته هر ملڪ ۾ فوجي قدم ۽ فوجي راڄاهي کي هڪ ئي پيماني سان نٿو ماپي سگهجي ۽ اڄ جي حالتن ۾ هر قدم کي، پوءِ اُهو انقلاب جي مروج روايتن پٽاندڙ هجي يا نه. اُن ملڪ ۽ بين الاقوامي پس منظر ۽ معروضي حالتن جي روشني ۾ ڏسي ۽ پرکي ئي ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهجي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌيڪا جا ڇپايل ڪتاب

سنڌ: پيپلزپارٽي کان جام صادق علي تائين

ف - م لاشاري

’سنڌيڪا اڪيڊمي‘ جي ڇپرايل ڪتابن مان هڪ اهم ڪتاب جو نالو آهي، ’سنڌ: پ پ کان جام صادق علي تائين.‘ ڪتاب کي پ پ ۽ جام صادق حڪومتن جو تاريخي دستاويز چئي سگهجي ٿو. ڪتاب سنڌ: پ پ کان جام صادق تائين 423 صفحن تي ٻڌل آهي. ڊيمي سائيز جي هن ڪتاب جي قيمت 90 روپيا آهي.

◉

زندگي جي پلاننگ تي شاگردن لاءِ اهم ڪتاب

نوان رستا- نيون راهون

هن ڪتاب ۾ پيشي جي چونڊ بابت ڪارائتا مشورا ڏنل آهن. طب، فارميسي، نرسنگ، سول انجنيئرنگ، مڪينيڪل انجنيئرنگ، ڪمپيوٽر سائنس، آرڪيٽيڪچر، مرچنٽ نيوي، ايئرٽرئفڪ ڪنٽرول، واپار سان لاڳاپيل شعبن، بزنس ائڊمنسٽريشن، چارٽرڊ اڪائونٽنگ، بينڪنگ، صحافت، عام تعلقات ۽ اشتهار سازي، لائبريري سائنس ۽ انفارميشن. ان کان سواءِ هٿياربند فوج جي ٽنهي اهم شعبن بري، بحري ۽ هوائي فوج ۾ داخل ٿيڻ لاءِ هر قسم جي مناسب ڄاڻ ڏني وئي آهي. صفحا 248 ۽ قيمت 60 رپيا

◉

منهنجي منڙي سنڌ

هن ناول کي پڙهڻ کان پوءِ ورهاڱي کان پهرين واري سنڌ جي حالتن جي چڱي ڄاڻ ملي ٿي. ورهاڱي کان اڳ هلايل آزادي واري تحريڪ، انهيءَ وقت ماڻهن جي سوچ، ماڻهن جا مسئلا، ڳوٺن ۽ شهرن ۾ سوچ جو فرق. ڪرشن کٽواڻي سڀني تي روشني وڌي آهي ۽ سٺو نڀاهيو اٿس. صفحا 178 قيمت 45 روپيا

سنڌ جي زينت

نرنجن دوداڻي

هي ناول 1948ع کان وٺي 1968ع تائين جي جيئري جاڳندي تاريخ آهي جنهن جا ڪيترا ڪردار اڄ به پوئين پساهه کڻي رهيا آهن

صفحا 144 - ڊيمي سائيز - ملهه 30 رپيا

نئون عالمي نظام

سهيڙيندڙ: اسلم خواجه

ملڪي ۽ بين الاقوامي سياستڪارن ۽ دانشورن جي مقالن تي مشتمل موجوده پرچنڊ مسئلي تي ڀرپور دستاويز - صفحا 178 قيمت 50 رپيا

Scanned with CamScanner

سنڌيڪا جو ڇهون ڪتاب

جنس جي سائنسي ڄاڻ

مصنف: علي مرتضيٰ ڌاريجو

سنڌيءَ ۾ سائنسي ادب تمام ٿورو آهي. جنسي ادب ته تهائين نه هئڻ جي برابر. ڇوته آهي ته ’جتي حقيقتن کي لڪايو ويندو آهي اتي افواهه زور وٺندا آهن‘ سنڌ ۾ به ايئن ٿيو آهي. جنس کي ايڏو ته دٻايو ۽ لڪايو ويو آهي، جو نوجوانن لاءِ اها هڪ اڻ ڏٺل شهر آهي، ۽ جڏهن هو نوجوانيءَ جي بنا تجربي ۽ ڄاڻ واريءَ عمر ۾ ان شهر ۾ قدم رکن ٿا ته ڀليو ۽ ڀٽڪيو وڃن. خاص ڪري نوجوان ڇوڪريون، اڻ ڄاڻائيءَ سبب اهڙيون غلطيون ڪريو وڃهن جو ڳالهه وڃيو ڄان جي جوکي تائين پهچي...... محترم علي مرتضيٰ ڌاريجو، سنڌيءَ جي سائنسي ادب ۾ هڪ ڄاتل سڃاتل شخصيت آهي. هن دفعي هُن جنس جي نازڪ موضوع تي قلم کڻي سنڌ تي، خاص ڪري سنڌ جي نوجوانن تي وڏو احسان ڪيو آهي جو انهن کي هِن اڻ ڄاتل ۽ اڻ ڏٺل شهر جي هر کِهڻيءَ ۽ ڪام، هر ڀنڊ ۽ پيچري کان آگاهه ڪيو اٿائين. جيئن اهي ڀلي ۽ ڀٽڪي، مونجهارن (Complexes)، دٻائن (Depressions) جو شڪار نه ٿين، ۽ اڌ طبيبن يا ڪُوڙن جي ور نه چڙهن، ۽ پنهنجي ازدواجي، تخليقي، ۽ توليدي حياتي، خير خوبي، ۽ سڪون سان گذارين، ۽ ان مان پوري لذت به حاصل ڪن.

(ڊاڪٽر) تنوير عباسي

جنسيات تي اجاين پنگتي پابندين ۽ غيرسباريڪ بندشن، جنسيات کي نه رڳو پراسرار بڻائي ڇڏيو آهي، پر ماڻهن کي ان بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ کان به وانجهو ڀني رکيو آهي. اهڙين پابندين، اهڙين بندشن ۽ اهڙي اڻڄاڻائيءَ ماڻهن کي رڳو ذهني ۽ دماغي روڳن ۽ سماجي برائين سان مالامال ڀني ڪيو آهي. علي مرتضيٰ ڌاريجي هن ڪتاب ذريعي اسانجي ماڻهن کي جنسيات جي ڄاڻ وٺڻ لاءِ موقعو ڏنو آهي. اهو به ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته لکت ۾ جنسيات جي لفظن ۽ اصطلاحن جي استعمال ۾ هن عام روش کان هٽي هلڻ جي ڪجهه دليري ڪئي آهي.

— نجم عباسي

هي هڪ ساراهه جوڳي ڪوشش آهي. ليکڪ هڪ ڏکئي موضوع کي سرل ۽ سهج ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو آهي. فني اصطلاحن سان نڀڪندڙ اصطلاح گهڙڻ جي هنر کان به ليکڪ واقف آهي.

— امداد حسيني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌيڪا جو ستون ڪتاب

منهنجو تخليقي سفر

(ڪهاڻيون، تقريرون، انٽرويوز ۽ انڊيا جو سفر ۽ ٻيون تحريرون)

خيرالنساءِ جعفري

▲ جڏهن به جڪ محسوس ڪيائم (پاڻ تي يا ٻين تي) تڏهن قلم ڪوڙي جيان ڪاغذ تي وهائيندي آهيان. ڪاغذ جي پٽ تي ڪوڙن جا نشان منهنجي اذيت پسندي جي انتها آهن.

▲ ٻي ڏينهن فرحت جو منهن ڏٺم ته لٿل هو. چپ چاپ هئي، چيئين: "خيرو! ڪل سي تو ميري جان هي نڪل گئي هي، ميرا گلا، ميري تمام اعصاب ٿڪ گئي هين. ڪل سي جو مين ني نمازين پڙهي هين، سجدي ڪئي هين، ايڪ نماز، ايڪ سجدي مين ڀي خدا ڪا نام نهين ليا. هر نماز هر سجدي مين ميري گلي سي صرف ايڪ صدا اُڀرتي ٿي؛ جيئو ڏولا جيئو ڏولا- اي باڙه مين جائي ايسا ڏولا جو بندي ڪو خدا سي جدا ڪري. تمهاري سنڌ مين تو صرف ايڪ "ڏ" ڪيا لفظ هي بندي ڪا حشر نشر ڪرديتا هي"

▲ هر شخص جيڪو جنت لاءِ سخت فڪرمند آهي، اهو ٻئي ڪي اسلام جي پارت ڪندو گهمي. ڪو وقت هو جڏهن اهڙي هڪ پارت اسان به هڪ لڳان، سائين شيخ اياز جن کي ڪئي هئي. پاڻ سنڌ يونيورسٽي ۾ وائيس چانسلر هئا. سندن وقت ۾ يونيورسٽي جا ست استاد نوڪرين مان ايئن ڌڪجي ويا، جيئن الله سائين حضرت آدم کي جنت مان ڌڪي ڪڍيو هو.....

▲ ها سو دوستو! ڳالهه تي ڪيم ته علامه قاضي پنهنجي ذاتي ڪچهريءَ ۾ چوندو هو ته حضرت عليءَ کان حضرت بي بي فاطمة جو ڪردار مزار دفعا بلند آهي. اگر پليجو صاحب Mind نه ڪري ته آئون پانيان ٿي ته زرينه جو ڪردار پليجي جي ڪردار کان وڌيڪ Powerful آهي. زرينه ستن پاڻوندن جي اياز لطيف کي پيٽ ۾ پالي ۽ جڻي ڏيکاريو....

صفحا 328 قيمت 75 رپيا

سنڌ جي سيني وڏن بڪ اسٽالن تي موجود آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سنڌيڪا جا ايندڙ ڪتاب

پٽ جو شاهه

ايڇ - ٽي - سورلي

صفحا 350 - ملھ 100 رپيا (پڪي بائنڊنگ سان)

مذهب جو فلسفو

مولانا عبيدالله سنڌي

ڇاتين جي سائنسي ڄاڻ

علي مرتضيٰ ڌاريجو

پاڪستان لاءِ نئين سياسي ۽ سماجي معاهدي جي ضرورت

سهيڙيندڙ: نديم گل عباسي

بند اکين ۾ ڪجھ يادون ڪجھ سپنا

طارق اشرف

Scanned with CamScanner



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book